# سنڌ جو ديو مالائي ڪردار

# سراج



مرتب
تاج جويو

سنڌي ادبي بورڊ

# سنڌ جو ديومالائي ڪردار
# سراج

مرتب

**تاج جويو**

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2013ع

ڪتاب جا سمورا حق محفوظ

ڇاپو پهريون سال 2013ع تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: چار سؤ رپيا

(Price, Rs: 400-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

# انتساب

سراج جي اُن سپني جي نانءِ،

جيڪو هر ساڃاهه وند سنڌيءَ جو سپنو آهي:

هر استحصال کان آجي، سُکي ستابي، خوشحال، خود اختيارِ ءِ سُکاري سنڌ!

**- تاج جويو**

نہ ڪا جَهل نہ پل، نہ ڪو رائَرُ ڏيهَہ ۾،
آٽيو وِجهن آهُرين، روڙيو رَتا گُلَ،
مارو پاڻَ اَمُلَ، مليرونِ مَرڪٽو!
(شاهہ)

# وچـــور


- چپائيندڙ پاران — الهڏتو وگهيو — 11
- سراج: سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت (مهاڳ) — تاج جويو — 13


(1)

## ماٺهو ميگهه ملهار (خاڪا)


- نينا! سنڌ بنا چين ڪهان؟: پير حسام الدين راشدي — 33
- ڪو ڪو ماٺهو موتيءَ داڻو: محمد ابراهيم جويو — 35
- اڳڻ ٻهاريان، واٽون نهاريان: مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ — 44
- ساجهه تن سامين جي: غلام محمد گرامي — 47
- سهڻو ماٺهو موتيءَ داڻو: طارق اشرف — 52


(2)

## رات ستارن هاڻي.... (ڪهاڻيون)


- تون به..... (هڪ ڏينهن جي ڳالهه) — 57
- رات ستارن هاڻي — 59
- هڪ نئين لوڪ ڪهاڻي — 62


(3)

## شاعري


- پريم پارڪ ۾....! (آزاد نظم) — 67
- ڪراچي (آزاد نظم) — 69


(4)

## مهان ذات ڏٺي


- سنڌي ٻولي ۽ سراج — محمد ابراهيم جويو — 75
- دور جديد جو بهترين افسانه نگار: سراج — شيخ اياز — 77
- سنها ياڻ ۽ مَر سپ... — جمال ابڙو — 82
- جنب گذاريم جن سين — علي احمد بروهي — 85
- جديد ساجهن جو تاريخي ناول - 'مرڻ مون سين آءُ' — ف. م. لاشاري — 88
- مهان ذات ڏٺي — تاجل بيوس — 94

| | | |
|---|---|---|
| ▪ ڪيمڪاپڙين جي پهرئين ڏينهن پروڙ | ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو | 96 |
| ▪ ٽالسٽاءِ کان سراج تائين | امان الله شيخ | 106 |
| ▪ سراج جي لکڻين جو فڪري پسمنظر | ڊاڪٽر غفور ميمڻ | 113 |
| ▪ سراج الحق ميمڻ جو علمي پورهيو | ڊاڪٽر نور افروز خواجہ | 117 |
| ▪ سراج ميمڻ بحيثيت هڪ ليکڪ | مسرت ميمڻ | 125 |
| ▪ پڙاڏو سوئي سڏ (خط) | ذوالفقار هاليپوٽو | 129 |
| ▪ سراج ميمڻ جي ناول نگاري | مختيار احمد ملاح | 137 |
| ▪ سِراج | يوسف سنڌي | 144 |


(5)

# وڏي وٿ هُئام، ٻاروچا ٻنيور ۾


| | | |
|---|---|---|
| ▪ سراج، منهنجو بهترين دوست | سوڀو گيانچنداڻي | 151 |
| ▪ سنڌي لسانيات جو قداور دانشور: سراج ميمڻ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 153 |
| ▪ سراج ميمڻ: هڪ ڀهڳٽي شخصيت | هيرو ٺڪر | 172 |
| ▪ سراج، منهنجو دوست، منهنجو ياءُ | امر جليل | 177 |
| ▪ سراج، هڪ عظيم انسان | ماهتاب محبوب | 185 |
| ▪ آيل ڪريان ڪيئن! | | 187 |
| ▪ منهنجو ادا وڏو... | ڊاڪٽر فهميده حسين | 189 |
| ▪ سنڌي ٻولي ۽ سراج | | 194 |
| ▪ ادا سراج، اسان جو ادا وڏو! | شميم ميمڻ | 199 |
| ▪ سنڌي ٻولي ۽ سراج | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | 201 |
| ▪ سراج جون ڪجهہ ڳالهيون، ڪجهہ يادون | شيخ عزيز | 205 |
| ▪ سراج هليو ويو | ڊاڪٽر سليمان شيخ | 208 |
| ▪ سراج سان لاڳاپيل يادگيريون | عبدالحميد آخوند | 212 |
| ▪ سون جهڙو ماڻهو: سراج | غلام نبي مغل | 214 |
| ▪ سراج ـ اعليٰ اديب ۽ قداور شخصيت | بيدل مسرور | 217 |
| ▪ علم جو روشن چراغ سراج: هڪ ياد، هڪ تاثر | گل محمد عمراڻي | 227 |
| ▪ سدا اُيريا سنڌ ۾، آنڌيءَ جڻ انسان | مدد علي سنڌي | 234 |
| ▪ سراج جو جديد سنڌي صحافت ۾ ڪردار | جي. اين مغل | 239 |
| ▪ سراج جديد سنڌي صحافت جو بانيڪار | نصير اعجاز | 245 |
| ▪ سراج الحق ميمڻ: جديد سنڌي صحافت جو باني | محمد خان سيال | 254 |
| ▪ سراج ۽ هلال پاڪستان | اسلم آزاد | 260 |
| ▪ سراج 'مجسمِ سنڌ' ۽ ڪراچي 'جانِ سنڌ' | تاج جويو | 263 |

| | | |
|---|---|---|
| ▪ وطن! تنهنجي مٽي اوڍي سُتاسين! | نصير مرزا | 280 |
| ▪ سراج سنڌ جو عاشق ليکڪ | آفتاب ابڙو | 284 |
| ▪ هڪڙي جينيس جي تخليق | محمد علي ڏيپلائي | 289 |
| ▪ سنڌي لسانيات جي ماهر سراج کي سلام | ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو | 294 |
| ▪ تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول | عمر قاضي | 297 |
| ▪ سنڌي ٻولي ۽ سراج الحق ميمڻ | نواز ڀُٽو | 301 |
| ▪ اڇو تہ سراج صاحب جي زندگيءَ کي ملهايون | ايوب شيخ | 304 |
| ▪ سنڌ کي غير معمولي ناول ڏيندڙ سراج | رڪيل مورائي | 310 |
| ▪ راول رهي نہ رات، جيڏيون... | ضراب حيدر | 314 |
| ▪ ميروئي محبوب، اسان مارو من ۾ | ضراب حيدر | 318 |
| ▪ ٻولي منهنجي ٻانيٽياٽي | ضراب حيدر | 323 |
| ▪ سنڌي ٻوليءَ جي عاشق جو وڇوڙو | آزاد انور ڪانڌڙو | 329 |
| ▪ سراج: سنڌي ادب، صحافت ۽ تحقيق جو هڪ باب | طارق عزيز شيخ | 334 |
| ▪ رتيءَ جي رهاڻ | امداد سومرو | 336 |
| ▪ هڪڙو هو سراج | واحد پارس هيسباڻي | 340 |
| ▪ سنڌي ادب جو ديومالائي ڪردار | نصير سومرو | 345 |
| ▪ جرئتمند ليکڪ جو وڇوڙو | علي ڏنو جروار | 348 |
| ▪ سراج کي سنڌ صدين تائين ياد رکندي | سليم جروار | 352 |
| ▪ وڏي وٿ هئام، ٻاروچا ٻنيور ۾ | معشوق شر | 355 |
| ▪ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو خدمتگار | وزير فرهاد سولنگي | 358 |
| ▪ سراج جو وڇوڙو: سوگوار بڻيل سنڌ | ساجد چانديو | 361 |
| ▪ سراج: هڪ سونهري تاريخي باب جي پڄاڻي ۽ شروعات | هوش سولنگي | 364 |
| ▪ جي هانءُ نہ هارين ڪوهيارل | انيس ميمڻ | 366 |
| ▪ سراج الحق ميمڻ: هڪ مهان ماڻهو | نامعلوم | 368 |


(6)

## ويو وڻجارو اوهري

(تاثرات)


| | | |
|---|---|---|
| ▪ سراج يارن جو يارُ | محمد ابراهيم جويو | 373 |
| ▪ جديد ادب جو وڏو ماڻهو | رسول بخش پليجو | 374 |
| ▪ سنڌ جو محافظ | مسئي پليجو | 375 |
| ▪ هڪ مهان شخص جي موڪلاڻي | مظهرالحق صديقي | 376 |

| | | |
|---|---|---|
| ▪ سراج، بااُصول ۽ وطن پرست | روچي رام | 376 |
| ▪ سراج، تاريخ جو روشن سجُ | مهتاب اڪبر راشدي | 377 |
| ▪ سندس نالو سدائين زنده رهندو | نورالهديٰ شاهہ | 377 |
| ▪ ماڻهو سڀ نہ سُهڻا | امداد حسيني | 378 |
| ▪ سراج، دوستن جو دوست هو | سلطانہ صديقي | 378 |
| ▪ سراج، سنڌ جو املهہ ماڻڪ هو | پروفيسر اعجاز قريشي | 379 |
| ▪ سنڌ، سراج جي ڪمي محسوس ڪندي | هدايت بلوچ | 379 |
| ▪ سنڌ جو سچڻ، سراج | محمد علي مانجهي | 380 |
| ▪ سراج سدا حيات آهي | اياز عالم ابڙو | 380 |
| ▪ رهجي ويا ڳُڻ | امان الله شيخ | 381 |
| ▪ اسان جدوجهد سِراج کان سکي | عطيہ دائود | 381 |
| ▪ سنڌي افساني کي نئون روپ ڏيندڙ | مختيار ملڪ | 382 |
| ▪ سراج جهڙو شخص سنڌ جي هر گهر ۾ پيدا ٿئي | شبنم موتي | 383 |
| ▪ ادا سراج سڀني جو دوست هو | انيس گهانگهرو | 383 |
| ▪ سراج: سنڌ جي حفاظت ڪندڙ ليکڪ | ايوب شيخ | 384 |
| ▪ سنڌ ۾ قومي جاڳرتا پيدا ڪندڙ ڪردار | خالق جوڻيجو | 385 |
| ▪ سنڌي ادب ۽ ڏاهپ يتيم ٿي وئي | تاج جويو | 386 |
| ▪ سنڌ جو عظيم ماڻهو | گل محمد جکراڻي | 388 |
| ▪ جديد ادبي پيڙهہ جو پٿر | يونس مهر | 388 |
| ▪ قومي هيري جو موت | آفتاب ابڙو | 389 |
| ▪ ماڪيءَ کان مٺو انسان | محسن علي جويو | 390 |
| ▪ سنڌ جو ايماندار خدمتگار | ڊاڪٽر سليمان شيخ | 391 |
| ▪ ماڻهو سڀ مٺا وچن، تون نہ مئين موتا | سيد شير شاهہ | 392 |
| ▪ منهنجي والد جو دوست | شيخ مونس اياز | 393 |
| ▪ منهنجو پسنديده ليکڪ | خان محمد جروار | 393 |
| ▪ سنڌ جو ليجنڊ ليکڪ | ڊاڪٽر غفور ميمڻ | 394 |
| ▪ قوم دوست انسان | هاشم ڪوسو | 394 |
| ▪ هاڪاري سوچ رکندڙ سراج | ظفر علي شاهہ | 395 |
| ▪ سراج جي تحقيق مستند هئي | ڊاڪٽر ڪتومل جيون | 396 |
| ▪ سنڌيءَ جو قداور اديب | ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | 397 |
| ▪ سنڌي ادب جو روشن ستارو | مدد علي سنڌي | 398 |
| ▪ سراج صاحب سنڌ هو | محمد روشن عيساڻي | 399 |
| ▪ مري ٿيا نہ مات | قاضي علي اطهر | 400 |

(7)

# ليجنڊ سراج کي سرخ سلام

(رسالن ۽ اخبارن جا ايڊيٽوريل)


| | | |
|---|---|---|
| ▪ سراج کي سرخ سلام | اياز جاني: ايڊيٽر ـ 'همرچو' | 403 |
| ▪ سوچ ويچار | ايڊيٽوريل: ماهوار 'پرک' | 406 |
| ▪ سراج تاريخ ساز شخصيت جي الوداعي | ايڊيٽوريل: ماهوار 'سڳلتا' | 411 |
| ▪ سراج الحق ميمڻ جو لاڏاڻو | ايڊيٽوريل: روزاني 'عوامي آواز' | 412 |
| ▪ سراج ادبي آسمان تان ٽٽل هڪ تارو | ايڊيٽوريل: 'روزاني عبرت' | 416 |
| ▪ سراج: سيبيتو سرجڻهار | ايڊيٽوريل: 'روزاني ڪاوش' | 418 |
| ▪ سراج: صدين تائين گونجندڙ آواز | ايڊيٽوريل: روزاني 'سنڌ ايڪسپريس' | 420 |
| ▪ ليجنڊ سراج الحق ميمڻ کي سرخ سلام (نوٽ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون) | زرار پيرزادو | 422 |
| ▪ سراج: سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اهڃاڻ | عيسيٰ ميمڻ | 424 |
| ▪ سراج: سنڌ جو خاموش خدمتگار | خالد چانڊيو | 425 |
| ▪ سراج الحق ميمڻ: روشن خيال تحريڪ جو سونهون | رئوف عباسي | 426 |

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ سنڌ جي ساڃهه وند ۽ برک اديبن، شاعرن ۽ فنونِ لطيفه سان وابسته اعليٰ شخصيتن بابت اينٿالاجيز شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي نامور عالم، اسڪالر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊرامه نويس ۽ لسانيات جي ماهر سراج الحق ميمڻ بابت هيءَ اينٿالاجي پڻ اُن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي ۽ هيءَ اهم ڪم سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر، اديب ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري محترم تاج جويو صاحب کي سونپيو ويو هو. جنهن مختصر وقت اندر هيءُ اينٿالاجي مڪمل ڪري بورڊ جي حوالي ڪئي، جنهن لاءِ ادارو سندن ٿورائتو آهي.

سراج ميمڻ سنڌ جي هڪ قدآور شخصيت ٿي گذريو آهي، جنهن لسانيات ۽ افسانوي ادب جي ميدان ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. ان کان سواءِ اها بورڊ جي خوشنصيبي آهي، جو سراج ميمڻ، سنڌي ادبي بورڊ جي اُنهن اوائلي خدمتگذارن مان آهي، جن 1950ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي بُڪ اسٽال تي انچارج ۽ اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌ ويجهه لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪم آنديون. ان کان علاوه رسالي ٽماهي ”مهراڻ“ جا شمارا اِن ڳالهه جا شاهد آهن ته سراج صاحب، جناب محمد ابراهيم جويي جو ساٿي بڻجي، سندس رهنمائيءَ هيٺ، نه رڳو ٽماهي ’مهراڻ‘ کي معياري بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ڪيترا ڪتاب انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ به ترجمو ڪري ڏنا، جن ۾ ايس پي ڇٻلاڻي جو ڪتاب ”سنڌ جي اقتصادي تاريخ“ ۽ ”دنيا جا عظيم افسانا“ وغيره اچي وڃن ٿا.

محترم تاج جويي، سراج الحق ميمڻ جي زندگي، اُن جي شخصيت، ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪيل قلمي ۽ ادبي پورهيي بابت سندس زندگيءَ ۾ توڙي وفات کانپوءِ اديبن، عالمن ۽ صحافين جا لکيل مضمون توڙي محترم سراج ميمڻ جا مختلف شخصيتن تي لکيل خاڪا، ڪجهه ڪهاڻيون ۽ شاعري شامل ڪري، هن اينٿالاجيءَ کي تيار ڪيو آهي.

سراج ميمڻ جي قدرشناسيءَ طور، تاج جويي جي سهيڙيل اينٿالاجيءَ کي، آءٌ پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ شايع ڪري فخر محسوس ڪريان ٿو. اُن لاءِ آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي عزت مآب چيئرمن قبلا مخدوم جميل الزمان صاحب جو نهايت احسانمند آهيان، جنهن پنهنجن مفيد مشورن سان نوازي هن اشاعتي مرحلي کي آسان بڻايو.

اُميد تہ سنڌي ادبي بورڊ پاران شروع ڪيل 'اينٿالاجي' جوڙي ۽ شايع ڪرڻ جو هيءُ سلسلو سنڌ جي ادبي حلقي ۽ عام پڙهندڙن کي پسند ايندو.

15 آگسٽ 2013ع

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري

# سراج: جيون جھلڪ

| | |
|---|---|
| نالو: | سراج الحق ميمڻ |
| والد جو نالو: | محمد يعقوب 'نياز' ميمڻ |
| ادبي نالو: | سراج |
| جنم جو هنڌ: | ٽنڊو ڄام |
| جنم جي تاريخ: | 24 آڪٽوبر، 1933ع |
| وفات: | ڪراچي، 02 فيبروري، 2013ع |
| تعليم: | بي.اي (آنرز)<br>ايم.اي (اڪنامڪس)<br>ايل.ايل.بي |
| پيشو: | اڳوڻو سي.ايس.پي آفيسر (رٽائرڊ)<br>وڪالت/صحافت (اڳوڻو ايڊيٽر روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي) |
| ادبي حيثيت: | ناول نگار، ڪهاڻيڪار، شاعر، ناٽڪ نويس، ماهر لسانيات، محقق، نقاد ۽ صحافي |

تصنيفون/

ترجما:

1. سچ ڍڪڻ مان ٿو اُپري (ترجمو: ڪرشن چندر جو ناول: 1953ع)
2. سنڌ جي اقتصادي تاريخ: (اي پي چبلاڻيءَ جي ڪتاب جو ترجمو: 1958ع)
3. چونڊ آمريڪي افسانا (غلام ربانيءَ سان گڏ ترجمو: 1958ع)
4. اي درد هلي آءُ! (ڪهاڻيون: 1962ع)

5. علم معاشيات (1964ع)
6. سنڌي ٻولي (تحقيق: 1964ع، ٻيو ڇاپو: 2009ع)
7. پڙاڏو سوئي سڏ (ناول: 1970ع، ٻيو ڇاپو: 1981ع، ٽيون ڇاپو: 1988ع، چوٿون ڇاپو: 2011ع، پنجون ڇاپو: 2013ع)
8. مرڻ مون سين آءُ (ناول: 1988ع، ٻيو ڇاپو (گڏيل 'پڙاڏو سوئي سڏ' سان: 2013ع)
9. منهجي دنيا هيڪل وياڪل (ناول: 1988ع، ٻيو ڇاپو: 1989ع)
10. انون ماڻهو (ڪهاڻيون: 1985ع)
11. تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول (ناول: سيپٽمبر 1989ع)
12. منهنجي دنيا مرگهه ترشنا (ناول: آگسٽ 1990ع)
13. پياسي ڌرتي رمندا بادل (تريالاجي: ناول) پهريون ڇاپو: 1988ع، ٻيو ڇاپو: 2011ع)
14. ذوالفقار علي ڀٽو (ٻارن لاءِ: 1992ع)
15. Biography of an unknown Sindhi (اڻ ڇپيل)
16. History of Sindhi Language (اڻ ڇپيل)
17. هلال پاڪستان اخبار جي ايڊيٽر طور لکيل ايڊيٽوريل، 'رتي جي رهاڻ' (ڪالم)، 'سياسي منظرنامو' (ڪالم ۽ مضمون)، شاهه لطيف جي حوالي سان مضمون ۽ مقالا، ٻوليءَ بابت مضمون ۽ ڪتابن جا مهاڳ وغيره.

# سراج: سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت

**(مهاڳ)**

اڄ، جديد سنڌي ادب جي حوالي سان، جن شخصيتن کان حد کان وڌيڪ متاثر رهيو آهيان، ۽ جن جي ٻوليءَ، فڪر فهم، ڊڪشن ۽ اسلوب، سچائيءَ ۽ سُچيتائيءَ، مون تي سڀ کان وڌيڪ اثر ڪيو آهي، تن ۾ محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز ۽ سراج ميمڻ شامل آهن.

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سچو عشق رکندڙ دانشورَ ڪهاڻيڪارَ ناول نگارَ محقق، مترجم، قانوندانَ ۽ ماهر لسانيات 'سراج' جو پورو نالو سراج الحق ولد محمد يعقوب ميمڻ آهي. سراج 24 آڪٽوبر 1933ع تي ٺٽي ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو هو. سندس والد محمد يعقوب 'نياز'، پنهنجي وقت جو بهترين تعليم دان ۽ علم ادب سان اٿاهه چاهه رکندڙ هڪ عالم شخص هو جنهن جو ترجمو ڪيل 'ديوان حافظ'، سنڌي ادب ۾ يادگار حيثيت رکي ٿو. هن مختصر ڪتاب ۾ محمد يعقوب صاحب نه رڳو فارسي زبان جي اعليٰ پايي جي شاعر حافظ شيرازيءَ جي جامع سوانح عمري ڏني آهي، پر سندس غزلن جي سامهون سنڌي شائسته نثر ۾ اُنهن جو ترجمو به ڏنو آهي، هن غزلن جي ترجمي سان گڏ غزلن ۾ ڪتب آيل لفظن جي معنيٰ به ڏني آهي. جنهن ڪري حافظ شيرازيءَ جي غزلن کي سمجهڻ ۾ وڏي سهوليت پيدا ٿي پئي آهي. محمد يعقوب ميمڻ، ٻوليءَ سان گڏ گرامر جو به وڏو ڄاڻو هو. سراج جي زندگيءَ جو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته مٿس پنهنجي والد جي مزاج ۽ علميت جو گهرو اثر هو. سراج جو شروع کان وٺي لکڻ پڙهڻ سان گهرو واسطو رهيو. پرائمري تعليم دوران ئي سندس والد هن جي من ۾ پنهنجي ماءُ ٻولي سنڌيءَ جو لازوال عشق پيدا ڪري ڇڏيو هو. سراج، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي

ٻولي‘ (1964ع) جي انتساب ۾ اُن ڳالهه جو جنهن محبت سان ذڪر ڪيو آهي، سو پڙهڻ وٽان آهي. دل چاهي ٿي ته اُهو سڄي جو سڄو انتساب هتي نقل ڪري ڇڏيان ته جيئن سندس والد توڙي سنڌي ٻوليءَ سان سراج جي عشق جو پسمنظر پڙهندڙن جي اکين آڏو اُڀري اچي:

”مون کي ٻولين جو عشق، هڪ طرح سان ورثي ۾ مليو آهي. منهنجي پهرئين اُستاد اُن ورثي کي سنوارڻ ۽ سنئين دڳ لڳائڻ جو هڪ عجيب دل لُڀائيندڙ طريقو ڪم آندو هو. سنڌي الف- بي سيکارڻ لاءِ پنهنجي هٿن سان شيشي جي فريم سان هڪ بند پيٽي ناهيائين، بلڪل ’پئنڊورا جي پيٽيءَ‘ جهڙي، جنهن جي ٻن پاسن مان آرپار ٻه ڪاٺ جون نڙانديون، ڦرموٽيءَ وانگر ٿي ڦريون. اُنهن ٻن نڙاندين تي ٿلهو ڊرائنگ ڪاغذ ويڙهيل هو. اُن ڪاغذ ۾ ٻه ڪالم هئا: هڪ ڪالم ۾ سندس هٿ سان ڪڍيل رنگين تصويرون هيون ۽ انهن جي سامهون ٻئي ڪالم ۾ الف- بي جا موزون اکر. هڪ نڙانديءَ کي هٿ سان ڦيرائڻ سان تصويرون ٻيءَ نڙانديءَ تان ڊوڙنديون، ٻهرينءَ تي ويڙهجنديون وينديون هيون، ۽ جڏهن ڪاغذ جو اُهو ويڙهو پورو ٿيندو هو ته وري ٻي نڙانديءَ کي ڦيرائڻ سان تصويرون اُن پاسي ڊوڙڻ لڳنديون هيون..... ۽ آءٌ حيرت مان سڄو ڏينهن اُن جادوءَ جي شيشي ۾ اکيون پايو ويٺو هوندو هوس. اهو هو منهنجو سنڌي باراکڙو! اِن پئنڊورا جي پيٽيءَ، منهنجي ذهن ۾ هميشه لاءِ تجسس ۽ ڳولا (curiosity) جو اُمنگ پيدا ڪيو.

اُهو پهريون مڪمل ۽ شفيق اُستاد آهي، منهنجو بهترين دوست ۽ والد محمد يعقوب ’نياز‘. پر اُستاد جي سبق جو مواد وري منهنجي ماءُ جي عطا ڪيل منڙي ٻولي

هئي. اُن ڪري هي ڪتاب، منسوب ڪريان ٿو پنهنجي
ماءُ ۽ پيءُ جي نالي، جن زندگيءَ ۾ بين بخشش کان سواءِ
مون کي سنڌي ٻولي بہ عطا ڪئي:

”سوَ سرن پائي، جي تند برابر توريان،
اٿل اوڏاهين ٿئي، جِت بيجل ٻُرائي!“

---

اهڙيءَ ريت سراجَ ابتدائي تَعليم ڳوٺ ۾ والد کان ورتي ۽ چوٿين انگريزيءَ تائين اُتي پڙهڻ کان پوءِ، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ٿيو جتان مئٽرڪ ڪيائين. انهيءَ زماني ۾ مئٽرڪ لاءِ بہ يونيورسٽي امتحان وٺندي هئي، ۽ سراجُ مئٽرڪ ۾ سڄي يونيورسٽيءَ ۾ ٽيون نمبر آيو ۽ ڪيس ٽيهہ روپيا اسڪالرشپ ملي. هن جو خيال سائنس پڙهڻ جو هو ۽ سندس اندر ۾ فزڪس ۾ اسپيشلائيزيشن ڪري، سائنسدان بڻجڻ جي خواهش ڳر موڙي رهي هئي؛ پر سندس پيءُ وٽ پئسا ڪونہ هئا، اُن ڪري سائنس پڙهي نہ سگهيو. هن پارٽ ٽائيم نوڪريون ڪيون ۽ ماستري بہ ڪئي. هن انٽر سروري اسلاميہ ڪاليج هالا مان ڏنو. اُن لاءِ بہ سراج هڪ انٽرويوءَ ۾ اظهار ڪيو آهي تہ ڦهرئين ڏينهن داخلا لاءِ ويو ۽ وري بيهر امتحان وقت ويو ۽ هوشيار هئڻ ڪري امتحان پاس ڪري ورتائين. ائين بي.اي (آنرس) بہ نوڪري ڪندي ئي ڏنائين.

جڏهن سراجُ اجا بي.اي جو شاگرد هو يعني 1951ع ڌاري، تہ هن سنڌ جي برک ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ’اداره انسانيت‘ ۾ پروف پڙهڻ، وِيپيون ڪرڻ، انگريزي ۽ اُردوءَ مان ڪتابن ترجمن ڪرڻ جو ڪم ڪيو جنهن لاءِ کيس هڪ روپيو روزانو اُجرت ملندي هئي. 52-1951 وارو زمانو هو. جو هن ڏيپلائيءَ جي پريس ۽ اداري ۾ ويهي ڪرشنچندر جو ناول ’سج ڏکڻ مان ٿو اُڀري‘، ’چين جي هارين کي زمين ڪيئن ملي‘ ۽ ’انسان ۽ انسانيت جي تاريخ‘ وغيره ترجما ڪيا، جيڪي ڏيپلائي صاحب ئي ڇپايا هئا. اُتي ئي ڏيپلائي صاحب جي پريس تي، سِراج جي سنڌ جي هڪ ٻئي عظيم انسان ۽ اديب محمد ابراهيم جويي سان ملاقات ٿي، جيڪو ڏيپلائي

صاحب جو گهاٽو دوست هو ۽ اڪثر قرآن پريس ۾ ايندو رهندو هو. ڊيپلائي صاحبَ ڪيس سراج جا ترجما ڏيکاريا. جيڪي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ هو جڏهن بہ پريس تي ايندو هو تہ سراج کان نون ترجمن جو ضرور پُڇندو هو. اُن ئي زماني ۾ جويي صاحب، سراج کي پنهنجو ڪتاب 'Save Sindh, Save the Continent' پڙهڻ جي لاءِ ڏنو. سراج هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: "اُن ڪتاب، منهنجي ذهني ماحول ۾ هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيو ۽ مون نہ ڪا ڪئي هم نہ ڪا تم. هفتي ڏهن ڏينهن ۾ راتيون جاڳي، اهو ڪتاب ترجمو ڪري، اصل ڪتاب سان گڏ ڪيس موٽائي ڏنم. هو ڪا گهڙي تہ عجيب نظرن سان گهوريندو رهيو. پوءِ هڪ مُرڪ سان چيائين: "چريا! هي ڪتاب تہ ضبط ٿيل آهي!" افسوس اهو ترجمو شايد جويي صاحب کان پنن ۾ هيٺ مٿي ٿي ويو ۽ اڄ تائين ڇپجي نہ سگهيو.

جويي صاحب سان شناسائي، سراج کي 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڇڪي وٺي آئي، جتي هن اڇي بورڊ جو ڪتاب گهر سنڀاليو ۽ ان کان پوءِ، 1955ع کان 1957ع تائين ڪراچي آفيس ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري بہ ٿي رهيو. ان ئي دوران هن ايم.اي (اڪنامڪس) ۽ ايل. ايل. بيءَ ۾ داخلا ورتي، ۽ انهيءَ سان گڏ 1957ع ۾ سي.ايس.ايس جي امتحان ۾ بہ وينو ۽ ڪواليفاءِ ڪيائين. ان ئي عرصي ۾ سراج صاحب ون يونٽ جي مخالفت واري مهم ۾ پتين تي پوسٽر هڻندي، گرفتار بہ ٿيو هو ۽ سورهن سترهن ڏينهن جيل جي هوا بہ کاڌي هئائين.

سراج 1957ع ۾ سي.ايس.ايس جو امتحان پاس ڪري، بورڊ جي نوڪري ڇڏي، انڪم ٽئڪس آفيسر طور ٽريننگ لاءِ لاهور ويو ۽ پنيان سندس جاءِ تي شمشيرالحيدري بورڊ ۾ آيو. ٽريننگ واري دور جون يادون دهرائيندي، سراج، پنهنجي ترجمي جي پورهئي جو ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو: "ان زماني ۾ منهنجي ننڍي ڀاءُ (عبدالحق) کي ٽي.بي ٿي پئي. اُن ئي زماني ۾ ٽي.بيءَ جي علاج لاءِ نيون دوائون ميدان تي آيون هيون، جن سان هن موذي مرض جو مڪمل علاج ٿِي ٿي سگهيو. پر دوائون ڏاڍيون مهانگيون هيون ۽ گهٽي مقدار ۾ ڪاٽيون هيون. ابراهيم کي منهنجي مالي حالتن جي

خبر هئي، سو بورڊ جي طرفان ڪجهه ڪتابن جي ترت ترجمي لاءِ ليٽر ڏياري موڪليائين. ڏينهن رات هڪ ڪري تي ڪتاب ترجمو ڪري ڏنامانس. انهن مان هڪڙو ڪتاب شايد آمريڪي آڪاٽين ('چونڊ آمريڪي افسانا') جو هو ۽ ٻيو She Stoops to Conquer ۽ ٽيون شايد School Scandal هو. انهن ڪتابن جي پئسن مون کي پاءُ جي علاج ڪرائڻ ۾ وڏي مدد ڏني."

سراج صاحب، محمد ابراهيم جويي جو رفيق ڪار، دوست ۽ وڏو معترف رهيو آهي. جنهن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو:

"1955ع کان 1957ع تائين بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ مون هن سان گڏجي، ۽ هن جو زيردست ٿي، ڪم ڪيو آهي. ان کان اڳ ٻه ٻه سال بورڊ جي بڪ اسٽال تي مئنيجر طور رهي، سندس زيردستي ڪئي اٿم. انهن ڇئن سالن ۾ مون هن شخص جي بنهه ويجهو رهي، سندس شخصيت جي مختلف پهلوئن کي ڏٺو ۽ جاچيو آهي. سندس محنتون، سندس پورهيا ۽ سندس مقصد سان ڇُهتي رهڻ جا ڪرشما ڏٺا اٿم ــ ۽ نتيجي طور هڪ اهڙو انسان سامهون ڏٺو اٿم، جيڪو حد درجي جو وطن پرست آهي، پر جنهن جي وطن پرستي، هڪ عجيب، نئين وطن پرستي آهي. اُن کي هيئن سمجهو ته اُن وطن پرستيءَ کي پنهنجو هڪ جسم آهي، هڪ روح آهي ۽ هڪ اخلاق آهي، جيڪا ساهواري آهي، جنهن کي ڏسي ۽ ٻُڌي سگهجي ٿو، جنهن کي هٿ لائي محسوس ڪري سگهجي ٿو جيڪا هٿ ڏگهيري اوهان کي ڇُهي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڇهاءُ نه به ٿئي، تڏهن به پنهنجي موجودگي محسوس ڪرائي ٿي."

سراج، انڪم ٽئڪس آفيسر طور پنهنجي صلاحيتن موجب پاڻ کي انڪم ٽئڪس جي معاملن ۾ مڃايو. جڏهن جنرل يحيٰ خان، 1970ع ۾، ملڪ جي پهرينءَ صف جي 303 آفيسرن کي فارغ ڪيو ته اُنهن ۾ سراج

ميمڻ جو نالو بہ شامل هو جنهن کي جبري طور رٽائر ڪيو ويو. ڇو جو سندس خلاف الزامن ۾ مکيہ الزام سرڪاري ملازمت ۾ هوندي، قومپرست۔ ترقي پسند ادبي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ ۽ قومپرستيءَ جي موضوع تي لکڻ هو. آمريتي دور ۾ لکڻ واقعي 'ڏوهہ' هوندو آهي، ڇو تہ سچن ليکڪن جو لکيل 'سچ'، آمرن کي ڏکيو لڳندو آهي، ۽ سراج سان بہ ائين ئي ٿيو. سراج پنهنجن ناولن جي ترياالاجيءَ 'پياسي ڌرتي رمندا بادل' جي پيش لفظ ۾ پنهنجي 'لکڻ' واري 'ڏوهہ'، ۽ اُن جي پاداش ۾ نوڪري وڃڻ جو پسمنظر ڪجهہ هن ريت بيان ڪيو آهي:

"مولوي عبدالواحد [ايڊيٽر 'نئين زندگي'] جي 'زوراوريءَ' ۽ شمشير [شمشيرالحيدري، جوائنٽ ايڊيٽر] جي 'اُرهہ زورائيءَ' تي ڪين هڪ ڪهاڻي 'نئين زندگي' [۾ اشاعت] لاءِ ڏنم. ڪهاڻي جنگ جي موضوع تي هئي. پر اها ڳالهہ وسري ويم تہ 'نئين زندگي' سرڪاري پرچو هو. شمشير جي بہ مجبوري سمجهان ٿو. جيڪڏهن ڪهاڻي نہ ڇپي ها تہ سائس شڪايت ڪونہ ڪريان ها... هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي (بہ جملا) بدلائي ڇڏي. ڪهاڻي مري ويئي. سڄو امپئڪٽ ختم ٿي ويو. ڪهاڻي لکڻ تان ارواح ڪڇي ويو. آءٌ ماٺ ٿي ويس. ڳچ عرصو تہ لکڻ تي دل نہ ٿي ٿي......

ڪجهہ وقت کان پوءِ بيمار ٿي پيس. علاج ڪرائڻ لاءِ لنڊن پهتس. اُتي خبر پئي تہ نئين زندگيءَ واري ڪهاڻي (جيڪا شمشير بي ضرر بڻائي ڇڏي هئي) ۽ منهنجين ٻين ڪهاڻين ۽ مضمونن جي سرڪاري سطح تي ڇنڊ ڇاڻ پئي ٿئي. فائيل جو پيٽ پرجي ڦاٽڻ تي هو. اُن فائيل ۾ اُهي قسطوار مضمون بہ هئا. جيڪي 'ڪاروان' ۽ 'مهراڻ' (روزانہ اخبارن) ۾ ڇپجندا رهيا هئا... اُن سان گڏ اردوءَ ۾ جيڪي ڄُلهون ٿينديون

رهيون. سي بہ فائيل جو پيٽ پرينديون ويون. (ڪجھہ سالن کان پوءِ اُن فائيل جو ’ديدار‘ نصيب ٿيو تڏهن سڀ حقيقتون سامهون آيون!) خير! جڏهن موتي آيس تہ اُن فائيل جي طفيل 303 ۾ نالو اچي ويو. ڏاڍي ڪاوڙ آيم... اُن ڪاوڙ ۾ ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ [ناول] لکڻ لڳس. هيڏانهن 303 واري انڪوائري هلندي رهي، هوڏانهن روز صفحن جا صفحا لکندو رهيس. اهو بہ عجيب اتفاق ٿيو جو جنهن ڏينهن (03 اپريل 1970ع) تي ناول لکي پورو ڪيم، اُن ساڳئي ڏينهن تي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ جو پروانو مليو. (ناول نومبر 1970ع ۾ شايع ٿيو هو).“

نوڪريءَ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ سراج ڪجھہ وقت وڪالت ڪئي ۽ پنهنجي وقت جو ڪامياب وڪيل ٿي رهيو.

ون يونٽ جي خاتمي ۽ سنڌ جي صوبائي حيثيت جي بحاليءَ کان پوءِ، 1971ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اقتدار ۾ آئي. تہ اُن منشي عبدالشڪور وڪيل کان روزاني هلال پاڪستان اخبار خريد ڪري، ’پيپلز پبليڪيشن ڪمپني‘ جي هٿ هيٺ ڪراچيءَ مان جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ذوالفقار علي ڀُٽي (شهيد)، سراج کي گهرائي، اخبار جو ايڊيٽر ٿيڻ لاءِ چيو ۽ سراج پنهنجي شرطن تي، مڪمل آزاديءَ سان، ايڊيٽر ٿيڻ قبول ڪيو.

01 اپريل 1972ع کان سراج روزاني هلال پاڪستان جي ايڊيٽر طور نہ رڳو واڳ اچي سنڀالي، پر هن، هلال پاڪستان اخبار ذريعي جديد صحافت ۾ نوان ۽ اڇوتا لاڙا بہ آندا. ۽ علي احمد بروهيءَ جي لفظن ۾: ”سراج صاحب نہ فقط اخبار کي چمڪايو پر سندس ساک ۽ سرڪيوليشن ٻنهي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيائين.“ سراج صاحب، اخبار لاءِ جديد ترين ’چار ڪلر يونٽ‘ واري پريس لڳرائي، اخباري اسٽاف کي ’ويج بورڊ‘ موجب پگهار ڏنا، اخباري ملازمن کي عيد بونس ڏيڻ جي شروعات ڪئي، ٻن هاڪر ڀائرن کي اخبار جي ورهاست ۽ وڪري جو ڪم سونپيائين، جن جي ’مشتاق نيوز ايجنسي‘ اڄ اخباري دنيا جي معروف ايجنسيءَ طور ڪم ڪري رهي آهي،

اخبار جا 60 ڪان 100 صفحن تائين ايڊيشن بہ ڪڍيائين. ساڳيءَ طرح اهو ڪريڊٽ بہ سراج صاحب ڏي وڃي ٿو تہ هن نصير اعجاز، فقير محمد لاشاري، اسلم آزاد، رئوف نظاماڻي، جي. اين. مغل، هدايت منگي ۽ ٻين کي صحافت جي ميدان ۾ متعارف ڪرايو جيڪي پنهنجي دور جا بيباڪ صحافي ثابت ٿيا. خود امر جليل تسليم ڪيو آهي تہ ڪيس ڪالم نگاريءَ جي ميدان ۾ سراج ئي وٺي آيو. اُن حوالي سان سراج کي جديد سنڌي صحافت کي 'نئون جنم ڏيارينڊڙ' يا 'جديد سنڌي صحافت جو باني' سڏڻ وڌاءُ نہ ٿيندو.

1977ع ۾ جڏهن ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءُ الحق، ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت تي راتاهو هڻي اُن جو تختو اونڌو ڪيو تہ سراج ڪنهن ڊڪٽيٽر جي ڊڪٽيشن وٺڻ بدران هلال پاڪستان جي ايڊيٽرشپ تان ئي استعيفا ڏئي ڇڏي، ۽ واپس اچي وڪالت جي شعبي سان لاڳاپجي ويو ۽ عمر جي آخري عرصي تائين سپريم ڪورٽ جو سينيئر وڪيل ٿي رهيو. انڪم ٽئڪس قانون تي سندس مهارت ڏسي، ڪيس اُن مضمون جي ميدان ۾ 'انسائيڪلوپيڊيا' سڏيو ويندو هو.

سراج، سنڌي ادب جي گهڻ پاسائين شخصيت ٿي رهيو. هو بهترين ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ 'اي درد هلي آ' جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو 'انون ماڻهو' 1985ع ۾ شايع ٿيو. اهڙيءَ طرح جديد سنڌي ادب ۾ سراج سڀ ڪان وڌيڪ تخليقي ۽ تاريخي ناول لکيا. ۽ هي اهو پهريون سنڌي ليکڪ هو جنهن ٽن ناولن تي ٻڌل 'پياسي ڌرتي رمندا بادل' جي نالي سان 'سنڌي ناولن جي پهرين ٽريالاجي' لکي. سراج، سنڌ جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪري، سنڌي نوجوانن ۾ سنڌ جي تاريخ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو. جن ماڻهن سنڌ جي تاريخ اڳ ۾ نہ پڙهي هئي، تن سراج جا ناول پڙهي پوءِ ئي سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي ورتي. سراج جو پهريون جڳ مشهور ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' نومبر 1970ع ۾ ڇپيو. هي ناول سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن جي قهري دور جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. سندس ٻيو ناول 'مرڻ مون سين آءُ' 1988ع ۾ ڇپيو جيڪو 'پڙاڏو سوئي سڏ' جي توسيع

(extension) سمجهڻ گهرجي. اُن کان سواءِ 'منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا'، 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، ۽ 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' سندس اهم ناول آهن، ۽ جيڪي ٽئي ناول ڌار ڌار توڙي ٽرياﻻجيءَ جي صورت ۾ ڪيترائي ڇاپا ڇپجي، بيحد مقبوليت ماڻي چڪا آهن. سراج ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا، ۽ 'اڪبر جي حياتيءَ جو هڪ ڏينهن' عنوان وارو ڊرامو هن انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو. ان کان سواءِ مرزا قليچ بيگ ۽ ارجن شاد کان پوءِ ۽ شيخ اياز کان اڳ منظوم ڊرامو/ سنگيت ناٽڪ 'تنهنجي تند تنوار...' عنوان سان سراج ئي لکيو. سندس ڊرامن پنهنجي دور ۾ وڏي مقبوليت ماڻي. اُن کان سواءِ سراج 'معاشيات' بابت بہ هڪ ڪتاب 1964ع ۾ لکيو هو جيڪو بي.اي (ايڪانامڪس) جي شاگردن جي نصاب تي رکيل هو جنهن ۾ پهريون ڀيرو سراج صاحب 'علم معاشيات' جا سادا سنڌي اصطلاح متعارف ڪرايا هئا.

هڪ سُٺي مترجم جي حيثيت سان سراج ڪيترا ئي ڪتاب ترجما ڪيا، جن ۾ 'چين جي هارين کي زمين ڪيئن ملي'، 'چونڊ آمريڪي افسانا'، 'ڌڪڻ مان ٿو سج ايري' (ڪرشنچندر جو ناول) ۽ ڊاڪٽر ايس.پي چبلاڻيءَ جي مشهور ڪتاب Economic Conditions in Sindh 1595-1984 جو ترجمو 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' اڇي وڃن ٿا. ان کان سواءِ هن محمد سرور، اي. ڪي. بروهي ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ عالمن جا ڪيترائي علمي ۽ ادبي مضمون پڻ ترجما ڪيا، جن جي علمي ادبي دنيا ۾ وڏي اهميت رهي آهي.

سراج جي ناولن ۽ افسانن جا مجموعا، افسانوي ادب ۾ تمام گهڻي اهميت جا حامل رهيا آهن. سراج پنهنجي صحافتي زندگيءَ ۾ روزاني هلال پاڪستان جو ايڊيٽر رهڻ دوران اهم مسئلن تي ايڊيٽوريل لکڻ کان سواءِ 'رتيءَ جي رهاڻ' ۽ 'ملان جي ڊوڙ' ۽ جاڳو اخبار ۾ 'سياسي منظرنامو' جي سري سان سوين مضمون ۽ ڪالم لکيا. هن س. م. لاهوتيءَ جي نالي سان بہ ڪافي مضمون ۽ ڪالم لکيا. سراج شاعري پڻ ڪئي، 'بسمل' سندس تخلص هو. هن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق حوالي ڪرڻ جي موقعي تي 'ڪراچي' نالي سان تاريخي ۽ اهم نظم

لکيو هو. سندس ڪجهہ گيت، نظم، آزاد نظم ۽ منظوم ترجما ملن ٿا، جن تي تفصيلي طرح ڏار لکڻ جي ضرورت آهي. سراج، ٻارن ۽ جوانن لاءِ مهتاب اڪبر راشديءَ جي چوڻ تي 'ذوالفقار علي ڀُٽي' بابت هڪ ڪتابڙو بہ لکيو هو. جيڪو ثقافت ۽ سياحت کاتي، 1990ع ۾ شايع ڪيو هو. سراج ڪڏهن بہ پنهنجو ڪو ڪتاب ڪنهن سرڪاري اداري پاران نہ ڇپرايو هو. اُن ڪري، هن ڪتاب جي ٻن اکرن ۾ ڳُڙو سچ بيان ڪندي لکيو آهي تہ:

"جڏهن ادي مهتاب اڪبر راشديءَ، مون کي جناب ذوالفقار علي ڀُٽي تي، ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ ڪتاب لکڻ لاءِ چيو تہ آءٌ ذهني طرح پاڻ کي هڪدم ان لاءِ تيار نہ ڪري سگهيس. اُن جا بہ سبب هئا: هڪڙو تہ اُهو ڪتاب، حڪومت طرفان شايع ٿيڻو هو ۽ جيڪو ڪتاب حڪومت طرفان ڇپجي، سو هوندئن ئي پنهنجي سَند ۽ افاديت وڃائي ويهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُن کي حڪومتي پروپئگنڊا جو حصو سمجهي، نظرانداز ڪرڻ هاڻ هڪ معمول ۽ هڪ حد تائين صحيح معمول بڻجي ويو آهي. ٻي ڳالهہ تہ مرحوم ڀُٽي سان منهنجا ناتا 1956ع کان 1979ع تائين، ڪجهہ اهڙا رهيا آهن، جو انهن کي بيان ڪرڻ ۾ غير جانبدار رهڻ ممڪن ڪونهي، هڪڙو ننڍڙو مثال ونو. آءٌ سنڌ جي ڳالهہ ڪندو هوس: ۽ هو پاڪستان جي ڳالهہ ڪندو هو ۽ سنڌ جي غلاميءَ جي سببن جي ڳالهہ ڪندو هو. آءٌ هن کي سندس حوالي سان سنڌي هجڻ جي جوکم جو چتاءُ ڏيندو هوس، ۽ هو مون کي سنڌي هجڻ جي حوالي سان، ٻين جي پيٽ ۾ 'A small man of smaller province' جو ويڻ ڏيندو هوءِ اُن معنيٰ ۾ آءٌ ننڍو ماڻهو هوس. آءٌ هن سان ٻي حجاب ٿيڻ جو سوچي بہ نٿي سگهيس ۽ هو مون کي ٻي حجاب مخاطب ٿي، چئي ڏيندو هو: 'I have Sindh without apostrophe of Napier!...'

هي عجيب ماڻهو هو جيڪو ’سنڌ صدين کان‘ سيمينار بابت پيار علي الانا کي چوڻ لڳو تہ: ”سيمينار نہ بہ ٿيو تہ بہ تنهنجي نوڪري سلامت رهندي، پر جيڪڏهن سيمينار ٿيو ۽ سنڌ جي مان مرتبي مطابق نہ ٿيو تہ پوءِ تنهنجي نوڪريءَ جي خاطري نہ ٿو ڏئي سگهان.‘

اهڙي شخص تي لکڻ ئي جوکم کان خالي نہ آهي، ۽ خاص ڪري مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ، جنهن لاءِ سنڌ، ڪائنات جي وجودن جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو وجود آهي، ۽ جيڪو پنهنجي ذاتي خالص ذاتي بنيادن تي اهو چوندو رهيو تہ جناب پيٽو جيڪڏهن سنڌي نہ هجي ها تہ ڪيس ڦاهي ڪڏهن بہ نہ چاڙهين ها! اُهو سنڌي هو اُن ڪري ڦاهي چڙهي ويو ڪٽي هن خود ڦاهي ڏيندڙن لاءِ پنهنجي سموري زندگي وقف ڪري ڇڏي هجي! نراڙ تي اِهي بہ تي ليڪون، جيڪي سنڌي هجڻ جو برملا اعلان ڪنديون آهن. زبان جي اُها ادائگي، جيڪا ڪنهن جي سنڌي هجڻ جي چغلي هڻندي هجي، ڦاهيءَ جو وڏيءَ ۾ وڏو جواز بلڪ استحقاق آهي!

اهي آهن چند مونجهارا، جن مون کي ادي مهتاب جي چوڻ کي موناڻڻ تي آياريو هو پر پوءِ هن هڪ ٻي ڳالهہ ڪئي، جنهن هٽي وجي هنڌ ڪيو: ”آءٌ سنڌ حڪومت پاران ايترو نہ جيترو پنهنجي پاران ٿي چوان! ۽ هي ڪتاب مون لکيو....“

لسانيات جي حوالي سان سراجَ جي اهم تصنيف ’سنڌي ٻولي‘ 1964ع ۾ ڇپي، جنهن سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جي ارتقا جي حوالي سان نوان بحث ڇيڙي ڇڏيا. هن ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو هن سنڌ جي وڏن عالمن سان اختلاف ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي ’سنسڪرت مان نڪتل زبان‘، ’دراوڙي ڪُل جي زبان‘ ۽ ’سامي ستُ‘ جي زبان وارن نظرين ۽ مفروضن کي رد ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي اصلوڪي ۽ بنيادي ٻولي

قرار ڏنو. سندس راءِ کي شروع ۾ جن عالمن قبول نہ ڪيو هو تن بہ ڪافي تحقيق کان پوءِ، آخر ۾ اچي ساڳي ڳالهہ ڪئي، جيڪا ڳالهہ سراج جي علمي چاڻ جي ميچتا جو وڏو ثبوت آهي. سراج جي هن ڪتاب کي 'پاڪستان رائيٽرس گلڊ' پاران انعام پڻ مليو هو ۽ 2009ع ۾ هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو پڻ شايع ٿيو آهي، جيڪو سندس فرزند امجد سراج ڪيو آهي، ۽ ان کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ڇپايو آهي.

سراج، زندگيءَ جي آخري سالن ۾ بہ انگريزي ڪتاب لکي مڪمل ڪيا:

1. (Hi) story of Sindh and Sindhi Language
2. Biography of an Unknown Sindhi

سنڌ جي هن عاشق ۽ باوقار اديب 02 فيبروري 2013ع تي اسُر ويل، دل جي دوري سبب نيشنل ميڊيڪل سينٽر ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو. کيس 04 فيبروريءَ تي گِزري قبرستان، ڊفينس- ڪراچيءَ ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

-----

سراج جي لکڻين سان ابتدا کان وٺي مون کي عشق جي حد تائين چاهہ رهيو آهي. جڏهن پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد خط لکي، مون کي سراج تي 150 صفحن جو ڪتاب لکڻ لاءِ چيو هو تہ مون هڪدم ڪتاب لکي ڏيڻ جي هام ڀري ورتي هئي، مٿان وري ڊاڪٽر فهميده حسين بہ مون کي اُتساهيو هو- ۽ پوءِ مون سراج بابت ۽ سراج جو ڇپيل مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو. پر افسوس جو سندس زندگيءَ ۾، مٿس ڪتاب لکڻ جي سعادت حاصل نہ ڪري سگهيو هئس، ۽ سراج اسان کان موڪلائي، هڪ اهڙي ڏيهہ هليو ويو جتان، لطيف سائينءَ جي لفظن ۾:

'نہ خبر، نہ خواب، نہ ڪو اوني آئيو!'

سراج جي لاڏاڻي کان پوءِ مون کي اِحساس ٿيو تہ مون جيڪا ڪوتاهي ڪئي آهي، اُن جو ازالو ٿيڻ گهرجي، ۽ ائين ادي فهميده حسين ۽ پاڻ وٽ گڏ ڪيل موادُ ۽ سراج جي وڇوڙي کان پوءِ رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس بابت ڇپيل

مواد سهيڙڻ شروع ڪيم. ڊاڪٽر فهميده حسين ڪراچيءَ واري گهر تان مختلف 'اخباري ڪٽرون' (Cuttings)، وٽس موجود سراج بابت مواد. سراج جو ڇپيل مواد. نئين زندگي رسالا ۽ اخبارن جا جلد۔ بند بنڊل ڪٽي آئي. سراج جا ڪالم. 'رتيءَ جي رهاڻ'، 'ملان جي ڊوڙ' ۽ 'سياسي منظر نامو' تہ منهنجي دوست اياز عالم ابڙي پنن تي ڪٽي پيسٽ ڪرڻ شروع ڪيا. ۽ مون سراج بابت توڙي سراج جا لکيل مضمون، ڪهاڻيون، ڊراما، شاعري، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل / ڇپيل مواد گڏ ڪرڻ ۽ فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ شروع ڪيو تہ مون وٽ سراج جا هيٺينءَ ريت ڪتاب تيار ٿي ويا:

1۔ سراج بابت اڳ ڇپيل ۽ وفات کان پوءِ ڇپيل. مضمونن، ڪالمن، تاثرن، اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽوريلن تي ٻڌل ڪتاب

2۔ **سراج ۽ سنڌي ٻولي** (سنڌي ٻوليءَ بابت سراج جي لکيل مضمونن ۽ مٿس ٿيل تنقيدي مضمونن جو ڪتاب)

3۔ سراج جي ادبي ۽ تنقيدي مضمونن، مهاڳن ۽ خاڪن جو ڪتاب

4۔ سراج جي ناٽڪن تي مشتمل ڪتاب

5۔ سراج جي شاعريءَ جو ڪتاب

6۔ سراج جي انگريزي مضمونن جو ڪتاب

7۔ رتيءَ جي رهاڻ (ڪالمن جو ڪتاب)

8۔ 'سياسي منظرنامو' (ڪالمن جو ڪتاب)

9۔ 'ملان جي ڊوڙ' ۽ ٻين ڪالمن جو ڪتاب

ان وچ ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي انتظاميہ مون کي سراج تي 'انٿالاجي' تيار ڪرڻ لاءِ خط لکيو ۽ مون **"سنڌ جو ديومالائي ڪردار: سراج"** عنوان سان هڪ 'انٿالاجي' تيار ڪري، ان کي ڪتابي صورت ڏني آهي، جنهن ۾ هيٺيون مواد شامل ڪيو اٿم:

1. **ماڻهو ميگهہ ملهار:** سنڌ جي مختلف شخصيتن- پير حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويي، مخدوم طالب المولىٰ، غلام محمد گرامي ۽ طارق اشرف بابت خاڪا.

2. **رات ستارن هاڻي**: سراج جون ٽي ننڍڙيون ڪهاڻيون: تون بہ.... (هڪ ڏينهن جي ڳالهہ)، رات ستارن هاڻي... ۽ نئين لوڪ ڪهاڻي.

3. **شاعري**: سراج جا بہ نظم (1) پريم پارڪ ۾...! (2) ڪراچي

4. **مهان ڏات ڌڻي**: سراج بابت سندس زندگيءَ ۾ لکيل مضمون/ تاثر ۽ مختلف تقريبن ۾ پڙهيل مضمونَ.

5. **وڏي وڻ هٺام**: سراج جي وفات بعد ڇپيل مضمون.

6. **ويو وڻجاروا وهري**: سراج بابت تاثرات (تڏي تي لکيل ۽ ڇپيل)

7. **ليجنڊ سراج کي سلام**: سراج بابت رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل ۽ نوٽ.

هي ڪتاب، مون سراج جو قرضُ ۽ پاڻ تي فرضُ سمجهي سهيڙيو آهي، جيڪڏهن منهنجي پيارَ جو هي پورهيو سنڌ وٽ ثاب پيو تہ آءٌ پاڻ کي ڀاڳوند سمجهندس.

هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ، سنڌي ٻوليءَ جي ناميار قومي شاعر، نياز همايونيءَ جي فرزند پرويز نياز ڪئي آهي، جنهن لاءِ آءٌ سندس نهايت ٿورائتو آهيان.

آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي انتظاميہ ۽ خاص ڪري سيڪريٽري الهڏتي وگهيي صاحب جو بہ ٿورائتو آهيان، جن مون کي سنڌ جي ناميار اسڪالر سراج ميمڻ جي شخصيت ۽ علمي پورهيي تي اينٿالاجي تيار ڪرڻ جو ڪم ڏنو. اُميد تہ هن اينٿالاجيءَ ذريعي سنڌ واسي ، سنڌ جي قدآور عالم سراج ميمڻ جي علمي ۽ ادبي پورهيي کان چڱيءَ ريت واقف ٿيندا ۽ هي ڪتاب سنڌ جي نئين نسل لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

- **تاج جويو**
05 آگسٽ، 2013ع
حيدرآباد، سنڌ.

# سنڌ جو ديومالائي ڪردار
# سراج

1

# ماٹھو میگھ ملھار

سدا سُهڻي سنڌڙي، ماڻهو ميگهه ملار
تنين سندي سارَ مُندون مهڪائي ڇڏيون!
(تاج)

# نينا! سنڌ بنا چين ڪهان ؟ (پير حسام الدين راشدي)

هيءَ تن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن اجا سنڌ اخلاقي، سماجي ۽ شعوري شعبن ۾ پڙپانگ ۽ بيابان ڪانہ ٿي هئي. ڪي ماڻهو هئا، جن جي ڪري سنڌ اجا آباد سمجهي ويندي هئي. اڪثين ڏنوسين پئي تہ جيڪو ڏينهن ٿي گذريو زندگي وڌيڪ سنيارجندي وئي: بلڪل ائين جيئن ٿتي جون زمينون ڪلر جي ڪري ڏينهون ڏينهن پيڻگ ٿينديون ٿي ويون: جتي سنڌ جي جوين جهڙن ڏينهڙن ۾ باغ ۽ بستان، چمن ۽ گلزار ٻڌبا هئا، اتي سواءِ ٿوهرن، ٿُوهن ۽ اَڪن جي ڪجهہ ڪونہ هو. نتي ويندا هئاسون تہ اداس ٿي ويندا هئاسون.

”يَرَ هي پَٽ ڏسي، هينئون لوڻ ٿيڻ ٿو لڳي!“ هو چوندو هو. اسين چُپُ. هن جو درد اسان کي ڇُهڻ لڳندو هو: ”او هتان کان مڪليءَ تائين گلقند ناهڻ جا ڪارخانا هوندا هئا، ۽ جڏهن قافلا ايندا هئا، تہ هتي گهڙيءَ لاءِ ڏاہو ڪندا هئا تہ جيئن اُن جي خوشبوءِ سان واسجي سندن ٿڪ لهي وڃي! ۽ پوءِ پاڻ جهلي نہ سگهندا هئا، ۽ عطر، شربت ۽ گلقند سان ڀريل صراحيون ۽ سونگا خريد ڪرڻ کان رهي نہ سگهندا هئا...!“

”اهي سنڌي صراحيون مون تاشقند جي ميوزيم ۾ ڏٺيون آهن. اصفهان ۾ هڪڙو ڪتب فروش هڪڙي اهڙي صراحي لڪ رپين ۾ بہ ڏيڻ لاءِ راضي نہ ٿيو. ان جو ڏاتو ئي عجيب هو: سون ڪونہ هو پر ڏيکائي سون جي ٿي ڏنائين: ان تي جيڪي نقش نگار هئا، سي بيان ئي نٿا ڪري سگهجن ۽ انهن ۾ جيڪي رنگ ڀريل هئا، نيرو پيازي ۽ قرمزي، سي ڪنهن اهڙي شيءِ مان پگهاري ڀريا ويا هئا، جڻ تہ هيرن جواهرن جو پاڻي مٿن ڀريل هو. شيشو

بہ نہ هو، پٿر بہ نہ هو، ڪنهن مرڪب (Synthetic) ناهڻ جي ڪاريگريءَ جو اهڙو ڪرشمو هو، جو مون ڪي يورپ ۽ روس جي فقط ڪن عجائب گهرن ۾ نظر آيو آهي:..!“

هو ماٺ ٿي ويو. سندس عينڪ جا هلڪا ناسي شيشا ڪنهن ڪوهيڙي ڪان ڏنڏلا ٿي ويا. الا، اهي ڪهڙا نہ سچا آبدار موتي ها!

”اڄ اُهي ڪاريگر ڪٿي، اُهي ڪيميادان ڪٿي، اُهي عطرفروش ڪٿي، اُهي گلقند ناهڻ وارا حڪيم ڪٿي! اهي گل ۽ گلزار ڪٿي: اڄ ڏسو تہ چؤطرف پينگ پئي واڪا ڪري! غلامي اسان جو هر جوهر، هر ذات ٻُهاري ويئي آهي! هي ڏسو هتي خانخانان. تانسين ۽ هندستان جي عظيم ڳائڻن کي وٺي آيو هو. انهن جي مقابلي ۾ هڪڙي سنڌي ڳائڻي. خانخانان جي هڪڙي هندي دوهي جو سنڌي ترجمو راڳ روپڪليءَ ۾ ڳايو هو:

نينا ساجن بنا چين ڪهان؟

تانسين پنهنجي مسند تان اُٿي، هن کي پيرين پئي مليو هو! جڏهن خانخانان هن کي مغل دربار ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي، تڏهن هن ورندي ڏني هئي:

نينا سنڌ بنا چين ڪهان؟“

هو اسان کي روئاڙيندو رهيو: اسين چپ. هن شخص کي ڏسندا رهياسون، جنهن سنڌ کي تاريخ ۾ ڏٺو هو، سنڌ کي تاريخ ۾ سڃاتو هو: هو تہ الائجي ڪيترو رُنو هوندو!

اڄ اهو شخص خاموش مڪليءَ جي هڪڙي ڪنڊ ۾ آرامي آهي. اهو شخص اسان کي بي آرام ڪرڻ وارو شخص هو پير حسام الدين راشدي!

(’رتيءَ جي رهاڻ‘: ڪالم)

# ڪوڪو ماٺو موتيءَ داڻو (محمد ابراهيم جويو)

چچنامي ۾ هڪڙي حڪايت پڙهي هيم ته چچ جڏهن پنهنجي راڄ جون سرحدون مضبوط ڪرڻ لاءِ نڪتو تڏهن برهمڻ آباد جي هڪ ٻوڍي پروهت پنهنجي قلم ذريعي سندس مخالفت شروع ڪري ڏني. چچ کي سخت ڪاوڙ لڳي، ۽ ڀڪو پهه ڪيائين ته اُن پروهت کي جوڳي سيکت ڏيندو. جڏهن پنهنجن سمورن مخالفن کي ماري مڃائڻ کان واندو ٿيو تڏهن جلادن جو هڪ جٿو ساڻ ڪري، پروهت جي مٺ ڏانهن روانو ٿيو. جلادن کي سمجهائي ڇڏيائين ته "آءٌ هن کي ڳالهين ۾ مصروف رکنديس جڏهن اشارو ڏيان، تڏهن سندس سِسي لاهي ڇڏجو!" پوءِ جڏهن مَٺ ۾ داخل ٿيو تڏهن ڏٺائين ته پروهت چيڪي مٿي ڳوهي پنڊا ناهي ڳوهيندو ٿي ويو ۽ پهڻ جو هڪڙو ٽڪر، هر پنڊي تي هڻندو ٿي ويو. اُن پهڻ لڳڻ سان مٽيءَ جي هر چاٺي تي مهاتما ٻڌ جي تشبيهه اُڀري ٿي آئي. جڏهن چچ پنهنجي جٿي سان ڏوڪيندي اندر آيو تڏهن پروهت، پنهنجي ڪِرت مان ڪنڌ مٿي ڪڻي مٿي ڪين نهاريو. ڪا گهڙي چچ ششدر ٿي، هن کي ڏسندو رهيو. سنڌ جي بادشاهه کي پنهنجو رعب ۽ دٻدٻو وسري ويو. هن جي بدن ۾ ڪنبڻي پئجي ويئي، ۽ هن هٻڪندي پروهت کي عرض ڪيو ته هو حڪومت کي پنهنجي صلاح مشوري سان نوازي. پروهت ڪنڌ مٿي ڪڻ بنا ئي جواب ڏنو: "اي سيلائچ جا پٽ، اسان کي دنيا جي ڪاروبار سان ڪو واسطو نه آهي. جيڪڏهن پنهنجي عاقبت سنوارڻ چاهين ٿو ته پنهنجي وطن جي ماڻهن جي حياتيءَ ۾ ڪو سک، ڪو سهنج آڻڻ جو جتن ڪر!" ۽ چچ سندس آشيرواد وٺي ٻاهر نڪري آيو. ساٿس گڏ هڪ وزير پڇيس ته "حضور، اوهان هن جي سِسي لاهڻ جو ته اشارو ڏنوئي ڪونه؟" چچ

پنهنجي پيشانيءَ تان پگهر اگهندي چيو: ”هن چاڻ جي ديوا اُگيان مون کي پنهنجي سِر جي اچي لڳي هئي: هن جي ڏيا ۽ حشمت منهنجا هوش ئي خطا ڪري ڇڏيا!“

ائين ٿو لڳي تہ اهي علم ۽ ڄاڻ جا پروهت جوڙ مٿائي، هر دور ۾ ابراهيم جويي جهڙا ماڻهو بڻجيو پون. (اهو بہ پانيان ٿو تہ ابراهيم جويو ڪنهن اڳئين جنم ۾ ڪ ئي پڪ ڪو ٻوڏي پروهت يا شمن هو: هن ۾ ٻڌ ڌرم جا اهڃاڻ چٽا ۽ پڌرا اڄ بہ محسوس ڪري سگهجن ٿا).

هنن جي زندگيءَ جو هڪڙو ئي مقصد ۽ محور آهي! سو اهو تہ پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ علم ۽ ڄاڻ جي روشني ڦهلائڻ لاءِ جتن ڪندي پساهہ پورا ٿين تہ حياتي سجائي ٿئي. هيءَ مختصر حياتي، جيڪا انسان کي ملي آهي، ان کي بامقصد بنائڻ ئي انسان کي ٻين ساهوارن کان اتم ۽ اعليٰ بنائي ٿو: ۽ اهو مقصد آهي پنهنجي وطن ۽ وطن جي ماڻهن لاءِ ڏاهپ جا موتي ميڙي، ڄاڻ جا خزانا ونڊي ورهائي، ڪين بہ قدم اڳتي وڌي وڃجي. ٻڌ ڌرم جي حوالي سان، اهو ئي هنن جو نرواڻ آهي.

اڄ جو ابراهيم جويو هونئن تہ بنهہ ضعيف، سنهڙو سيپڪڙو ننڍي قد جو هڪ پيريو مڙس آهي، پر جيڪڏهن سندس ڄاڻ ۽ ڪم جي همہ گير پهلوئن کي خيال ۾ آڻجي تہ هو هڪ سگهارو قداور ۽ جوان جماڻ ذهن آهي، جنهن جي گهڻ- ڏِسي شخصيت جو احاطو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. جڏهن سندس ڦوهہ جواني هئي، تڏهن وري هن جو ذهن تجربي ۽ مطالعي جي لحاظ کان پيرسن ۽ پيريو مڙس هو جيڪو پنهنجي هڪ جيڏن ۽ پاٽان ننڍن جي رهبري ڪندو هو. ناظم حڪمت، ترڪيءَ جي ڪنهن ڏاهي لاءِ هڪ هنڌ چيو هو تہ جڏهن جوان هو تہ اشاري سان صحيح منزل ڏانهن رهنمائي ڪندو هو جڏهن پيرسن ٿيو تہ هٿ کان جهلي صحيح منزل تي پهچائي ايندو هو. ابراهيم جويي سان بہ اها ڪار آهي. جڏهن ننڍو نيٺو هو تہ لاتعداد اشارن سان سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي صحيح منزلن جي نشاندهي ڪندو رهيو. جڏهن پيرسن ٿيو تہ ڪيترن ئي واٽهڙن کي ڏِگ لائڻ ڪاڻ عملي طرح اهو ڪجهہ ڪري ڏيکاريائين، جيڪو خود هڪ منزل جي حيثيت رکي ٿو. ان کي هيئن سمجهو تہ جڏهن اڄا جوانيءَ جو پُور شروع ڪيو هئائين تہ 'Save Sindh Save the Continent' لکي، اهڃاڻ ۽ پارينا ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيائين. جڏهن رٽائر ٿيو تہ ”شاهہ سچل ۽ سامي“ لکي ڏيکاريائين. هن

جي اِن ذهني سفر کي سمجهڻ لاءِ ايشيا کان سنڌ جي جاگرافيءَ ۽ تاريخ کي هڪ 'وطن پرست' احساس جي حوالي سان سمجهڻو پوندو. آءٌ جڏهن 'وطن پرست' جو لفظ ڪتب ٿو آڻيان، تڏهن محض هڪ خوبصورت اصطلاح استعمال ڪونه ٿو ڪريان، پر ان جي اکري معنيٰ ڏانهن اشارو ٿو ڪريان. ابراهيم لاءِ وطن پرستي، پرستش جي حد تائين اونهو ۽ روحاني تجربو آهي: ساڳئي وقت اها حد درجي جي جانبداريءَ جي 'پوزيشن' پڻ آهي. جيڪا اقبال جي وطن کي 'ڪوڙو خدا' سڏڻ جي منفي روايت کي رد ڪري، شاهه جي 'واجهائي وطن کي... ڪج پنوهارن پاس' واري مثبت روايت اختيار ڪرڻ جي 'پوزيشن' آهي. وطن هن لاءِ پارس به آهي ته ڪسوٽي به. جماليات جو معيار به اهو ئي آهي ته روحانيت جو حوالو پڻ اهو ئي آهي. مون کي ياد ٿو پوي ته سندري اتمچندانڻي سنڌ گهمڻ آئي هئي، ۽ هڪ شام ابراهيم، اياز، رباني ۽ آءٌ سندريءَ ۽ اتم سان گڏجي، ڪلفٽن تي سمنڊ جي ڪناري گهمڻ آياسون. روحانيت تي بحث ڇڙي پيو هو. اياز تصوف ۽ ويدانت جي روايت سان روحانيت جي تعلق تي ڳالهائي رهيو هو ۽ ڇنڌي رهيو هو ته ان معنيٰ ۾ هو پنهنجي روحانيت جو قائل آهي. ابراهيم به سندس حمايت ڪندي چيو هو ته روحانيت کي هرويرو ڪا تنگ معنيٰ ڏيڻ نه گهرجي. ان وقت ڪونجن جي هڪ ڊگهي قطار هڪ ڪڪريءَ وٽان نڪري شفق جي لالاڻ ۾ گم ٿيڻ لڳي. سندريءَ ان نظاري ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو. واقعي منظر اهڙو ته دل کي جهوبو ڏيندڙ هو جو پانيان ٿو ته اسان سڀني جون دليون گائون مائون ٿيڻ لڳيون. سڀ ماٺ ٿي وياسون. مون ڏٺو ته ابراهيم جوڻي جون اکيون لڙڪن سان پرجي آيون، ۽ هن پڻ پڻ ڪندي چيو "الا، سنڌ جو آسمان ڪيڏو نه سهڻو آهي!" ۽ پوءِ پنهنجي لڙڪن کان پريشان ٿيندي ڳالهه لنوائڻ لاءِ ٽهڪن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين: "اسان جي روحانيت ته اجهو اها آهي!"

ابراهيم جويي سان منهنجي جاڻ سڃاڻ، واقفيتون ۽ لاڳاپا مختلف حيثيتن ۾ مختلف سطحن جا آهن. هڪڙي حيثيت ۾ سطح ته اها آهي، جنهن تي هو هر نئين لکندڙ کي لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ همٿائيندو آهي، رهبري ۽ رهنمائي ڪندو آهي. 1952ع جو زمانو هو ۽ آءٌ مرحوم ڏيپلائيءَ صاحب وٽ ملازم هوس، ترجما ڪندو هوس، پروف پڙهندو هوس ۽ ڪتاب وڪيبون ڪندو هوس. ان ئي زماني ۾ "ذڪڻ مان

ٿو سج اُڀري“، ”چين ۾ هارين کي زمين ڪيئن ملي“ ۽ ”انسان ۽ انسانيت جي تاريخ“ ترجمو ڪيا هئم ۽ ڏيپلائي صاحب ڇپايا هئا. جوبو صاحب ڏيپلائي صاحب جو گهاٽو دوست هو ۽ اڪثر قرآن پريس ۾ ايندو هو. منهنجي واقفيت ساڻس اُتي ٿي. ڏيپلائي صاحب مرحوم منهنجا ڪجهه ترجما کيس ڏيکاريا. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پوءِ جڏهن به ايندو هو ته ور ور ڪري پڇندو هو ته ”سراج، ڪا نئين شيءِ ترجمو ڪئي اٿئي؟“ هي ڪلٽو جوان، جنهن جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ هوندي هئي، مون کان پندرهن ويهه سال وڏو هو پر جڏهن مون سان ڳالهائيندو هو ته منهنجي سطح تي، ۽ هڪ اهڙيءَ پنهنجائپ سان، جيڪا فقط خيالن جي هم آهنگيءَ مان پيدا ٿيندي آهي. ان ئي زماني ۾ هن مون کي پنهنجو ڪتاب 'Save Sindh Save the Continent' پڙهڻ لاءِ ڏنو. ان ڪتاب منهنجي ذهني ماحول ۾ هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيو ۽ مون نڪا ڪئي هم نڪا تم، هفتي ڏهن ڏينهن ۾ راتيون جاڳي، اهو ڪتاب ترجمو ڪري، اصل ڪتاب سان گڏ کيس ڏنم. هو ڪا گهڙي ته مون کي عجيب نظرن سان گهوريندو رهيو. پوءِ هڪ مرڪ سان چيائين: ”چريا، هي ڪتاب ته ضبط ٿيل آهي!“ اهو ترجمو اجا وٽس، ڪن پراڻن ڪاغذن ۾ موجود هوندو. ترجمن تان ڳالهه ياد آئي ته آزاديءَ کان اڳ سنڌيءَ ۾ ترجمي جو فن ڏاڍي اوج تي هو. سنڌيءَ جي هر اهم اديب ۽ عالم اهو پئي محسوس ڪيو ته جيسين سنڌيءَ ۾ اصلوڪو ادب پيدا ٿئي، تيسين ترجمن ذريعي سنڌيءَ ۾ ٻين زبانن جو بهترين ادب ۽ علم اُلٿائڻ هڪ ضرور هجڻ سان گڏ سنڌيءَ جي مخلص ترين خدمت به آهي. ان ڏس ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو سرفهرست آهي. هن سوين ڪتاب سنڌيءَ ۾ اُلٿائي وڌا. مرزا قليچ بيگ جي هم عمر اديبن مان هر ڪنهن، هڪ فرض سمجهي، ڪو نه ڪو ڪتاب ترجمو ڪري سنڌيءَ جي جهول ۾ وڌو. انگريزي، هندي، بينگالي، اردو مرهٽي ۽ گجراتيءَ جا بيشمار ڪتاب اُن دور ۾ ترجمو ٿيا. آزاديءَ کان پوءِ ترجمي جي اهميت، جيڪڏهن ڪنهن محسوس ڪئي ۽ ڪرائي، سو ابراهيم جويو هو. هن کي پاڻ به ترجمي جو فن ايترو ته مٿاهين معيار تي کڻي ويو آهي، جو هن جا ترجما اصلوڪيون ۽ طبعزاد تحريرون ٿيون پائنجن. پوءِ اهو تعليم تي ”ايميلي“ هجي يا سندس تازا ترجما، جن ۾ ”ٻارن جو مسيح“ ۽ ٻيا اهم ڪتاب شامل آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ هن

ڏينهن رات ڪوشش ڪري، ادبي بورڊ جي ترجمن جي اسڪيم کي اڳتي وڌايو. ان اسڪيم ۾ دنيا جي علم ۽ ادب جا بهترين ڪتاب چونڊيل هئا. جن اديبن ۽ عالمن کي بورڊ طرفان ڪو ڪتاب ترجمو ڪرڻ لاءِ ڏنو ٿي ويو انهن جي پوبان ذاتي طرح ابراهيم جويو جنسي پوبان پئجي ٿي ويو. هن جا ذاتي لاڳاپا سڀني عالمن ۽ اديبن سان هئا. ان ڪري هو هلي وٽن ويندو هو ۽ کين منٿون ڪندو ته بيلي، ڏاها ٿيو ڪتاب ترت ترجمو ڪري ڏيو ته ڇپايون. رڳو ايستائين محدود نه رهندو هو پر جڏهن ترجمو پهچندو هو ته ان کي ادبي معيار ڏيڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيندو هو. مون کي ذاتي طرح سان ان جو تجربو ۽ مشاهدو آهي. ڇاڪاڻ ته 1955ع کان 1957ع تائين آءٌ بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ طور هن سان ڪراچيءَ واري آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندو رهيو آهيان. ڪي ڪي ترجما ته اهڙا معيار کان ڪريل هوندا هئا، جو انهن کي سڌاريندي سڌاريندي، هو بلڪل نئون ترجمو ڪري وجي پار پوندو هو. ان سڀني ترجمي جو "ڪريڊٽ" به ترجمي ڪندڙ کي ملندو هو. ائين سوين ڪتاب ترجمو ٿيا، ۽ ابراهيم جي قلم انهن جي نوڪ پلڪ کي درست ڪيو يا ماڳهين نئين سر ترجمو ڪيو. اسان جي هڪ دوست (مرحوم تي الله جي مغفرت هجي) رسڪن جي هڪ ڪتاب جو ترجمو ڪيو. ان جو مسودو شايد اڄ به بورڊ جي رڪارڊ ۾ هوندو. اهو ترجمو اهڙو لفظي ترجمو هو، جو جيڪڏهن ائين ئي ڇپجي ها ته رسڪن جو روح ريهون ڪري ها. ابراهيم جويي جي قلم ان ڪتاب کي شاهڪار بنائي ڇڏيو ۽ اهو مثال اڪيلو نه آهي، پر سوين ترجمن سان لاڳو آهي. ترجمي لاءِ ڪتابن جي چونڊ ۾ ابراهيم جويي جي فڪر کي وڏو دخل آهي، ۽ اهو فڪر هو ته جيڪي ڪتاب ترجمو ٿين، سي نه رڳو سنڌي ادب ۾ اضافو آڻين، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾، به قلم اڳتي نين. ادبي بورڊ جا ڪرايل ترجما ان جو وڏو ثبوت آهن. انهن ۾ اوهان کي ڪو به اهڙو ڪتاب نه ملندو جنهن ۾ محض ۽ صرف ادب جي چاشني هجي. ڪتاب اهڙو چونڊيندو جنهن ۾ ڪنهن ماڳ، ڪنهن منزل جا نشان چٽا ملندا هجن. اها مقصديت (Motivation) رڳو بورڊ جي ڪتاب تائين محدود نه هئي. پنهنجي سنگتين ساٿين کي، ڳالهين ڪندي ڪندي، اهڙن ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ لاءِ چوندو جيڪي پاڻ ۽ هنن گڏجي پڙهيا هجن، ۽ جن جي مقصديت لاءِ ڪنهن کي به شڪ شبهو نه هوندو.

سندس رغبت ڏيارڻ جو انداز بہ اهڙو دل لڀائيندڙ هوندو آهي، جو ماڻهو سوچيندو تہ هن کي جواب ڏيڻ سان هن جي دل ٽٽي پوندي. ڪن حالتن ۾ وري ڪيس اهو احساس ٿيندو هو تہ سندس ڪن دوستن ۾ لکڻ جي صلاحيت آهي ۽ محض سستيءَ ڪري نہ ٿا لکن تہ انهن سان حجت ڪري ڪانئن لکائيندو يا ترجما ڪرائيندو. ڳالهين ڳالهين ۾ اهڙي حجت ڪري ويهندو جنهن کي تارڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو. اسان جي دوست سرڪيءَ کان لکائڻ ۽ ترجما ڪرائڻ لاءِ هن اها ٽي ڪيڏ استعمال ڪئي. "نيٺ ڇا ڪجي؟" ائين ترجمو ٿيو. ساڳي ڪيڏ سرڪيءَ جي گهرواريءَ پيڻ شمس تي آزمايائين ۽ ڪامياب ٿيو.

ڪن حالتن ۾ وري ضرورتمند اديبن کان ترجما ڪرائي، سندن مالي مدد ڪرڻ جي اهڙي روايت قائم ڪيائين، جو اڄ بہ ان ڳالهہ جو قائل آهيان تہ سنڌي ادب ۾ صحيح اجوري جي روايت بہ ابراهيم جويي شروع ڪئي. جيڪا اڳتي هلي ان منزل تي پهتي، جو ڪو اهڙو بہ وقت آيو جڏهن سنڌي اديبن اهو فيصلو ڪيو تہ اجورو (پورو ٿورو يا گهٽ) نہ ملندو تہ ڪنهن جي لاءِ بہ نہ لکندا. جڳ مشهور ڪتاب Golden Bough جو ترجمو 'جادو ۽ سائنس' ائين ٿيو. هتي وري بہ هڪ ذاتي واقعو ياد ٿو پويم. 1957ع ۾ سي.ايس.ايس جو امتحان (جنهن کي عام طرح سي.ايس.پي آفيسرن جو امتحان سڏيو ويندو آهي) پاس ڪيم ۽ بورڊ جي نوڪري ڇڏي ٽريننگ لاءِ لاهور ويس. ان زماني ۾ منهنجي ننڍي ڀاءُ کي ٽي.بي ٿي پئي. ان ئي زماني ۾ ٽي.بيءَ جي علاج لاءِ نيون دوائون ميدان تي آيون هيون. جن مان هن موذي مرض جو مڪمل علاج ٿي ٿي سگهيو پر دوائون ڏاڍيون مهانگيون هيون ۽ گهٽ مقدار ۾ ڪاٿيون هيون. ابراهيم کي منهنجي مالي حالتن جي خبر هئي. سو بورڊ جي طرفان ڪجهہ ڪتابن جي ترت ترجمي لاءِ ليٽر ڏياري موڪليائين. ڏينهن رات هڪ ڪري ٽي ڪتاب ترجمو ڪري ڏنامانس. انهن مان هڪڙو ڪتاب شايد آمريڪي آڪاٿين جو هو ۽ ٻيو She Stoops to Conquer ۽ ٽيون شايد School Scandal هو. انهن ڪتابن جي پئسن مون کي ڀاءُ جي علاج ڪرائڻ ۾ وڏي مدد ڏني. ان واقعي منهنجي ذهن تي ڪي پائيدار اثر ڇڏيا، ۽ اهي ئي اثر هئا، جن تحت مون 'هلال پاڪستان' ۾ لکندڙن کي معاوضي ڏيڻ جي روايت قائم ڪئي. سنڌ جو اديب گهٽو

ٽڪو ڏتڙيل طبقي سان تعلق رکي ٿو ۽ جيڪڏهن ادبي ڪم جي عيوض ڪيس مناسب اجورو ملي ته ڪهڙي اربعا خطا ٿيندي؟

جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ته 1955ع کان 1957ع تائين بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ مون هن سان گڏجي، هن جو زبردست ٿي، ڪم ڪيو آهي. ان کان اڳ به ٻه سال بورڊ جي بڪ اسٽال تي مئنيجر طور رهي، سندس زبردستي ڪٽي اٿم. انهن چئن سالن ۾ مون هن شخص جي بنهه ويجهو رهي، سندس شخصيت جي مختلف پهلوئن کي ڏٺو ۽ جاچيو آهي. سندس محنتون، سندس پورهيا، ۽ سندس مقصد سان چهٽي رهڻ جا ڪرشما ڏٺا اٿم. ۽ نتيجي طور هڪ اهڙو انسان سامهون ڏٺو اٿم، جيڪو حد درجي جو وطن پرست آهي، پر جنهن جي وطن پرستي هڪ عجيب ۽ نئين وطن پرستي آهي. ان کي هيئن سمجهو ته ان وطن پرستيءَ کي پنهنجو هڪ جسم آهي، هڪ روح آهي، هڪ اخلاق آهي ۽ جيڪا ساهواري آهي، جنهن کي ڏسي ۽ ٻڌي سگهجي ٿو جنهن کي هٿ لائي محسوس ڪري سگهجي ٿو جيڪا هٿ ڊگهيري اوهان کي ڇُهي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڇهاءُ نه به ٿئي، تڏهن به پنهنجي موجودگي محسوس ڪرائي ٿي. هڪ انگريز وطن پرست جي 'پئٽرياٽزم' لاءِ چيو ويندو آهي ته "انگلنڊ، منهنجو انگلنڊ، برو يا ڀلو منهنجو انگلنڊ!" پر ابراهيم جويي جي وطن پرستي پنهنجي وطن لاءِ 'بري' يا 'ڀلي' جي چونڊ نه ٿي ڪري. هن کي يقين آهي ته منهنجو وطن، منهنجي سنڌ "بري" ته ٿي ئي نه ٿي سگهي. برائيءَ جي امڪان جو به تصور نه ٿي ڪري. ٻيءَ دنيا کي سنڌ ۾ ڪا برائي نظر اچي ته اهو هنن جي اکين جو ڦير آهي، پنهنجي Prejudice آهي. نه ته سنڌ ۾ ڪا برائي نه آهي، ڪا منفي شيءِ نه آهي. ان کي هيئن به چئي سگهجي ٿو ته جيئن محبوب کي چنڊ سان مشابهت ڏجي، پوءِ ڀلي سائنسدانن جي نگاهه ۾ چنڊ تي غارن ۽ جبلن جي ڪري داغ ڇو نه هجن. سنڌ ان وطن پرستيءَ جو محبوب آهي، جنهن محبوب جي مڪمل حسن هجڻ ۾ ٻه رايا ٿي نه ٿا سگهن. ان ڪري اٿندي وهندي، سمهندي جاڳندي، ان محبوب جو خيال دل ۾ وسندو رهي. اها وطن پرستي ابراهيم جويي جو مذهب آهي، ۽ مذهبن ۾ 'شرڪ' ڪبيرو گناهه آهي.

پوءِ اُن مذهب جا ڪي ضروري فرض آهن، ڪي سنتون آهن، ڪي ارڪان آهن، جن جو محور اهو آهي تہ ماڻهو پاڻ کي اُن محبوب جو اهل ثابت ڪري ۽ اها اهليت تڏهن ثابت ٿيندي، جڏهن ان محبوب جي ذات ۽ صفات لاءِ وحدت الوجود جي فلسفي ۽ فڪر تي عمل ڪندو رهجي، ۽ 'فنا في الوطن' جي معراج ماڻجي. ان جي عملي شڪل اها آهي تہ وطن جون روايتون، پنهنجون روايتون بڻجن. وطن جا خدو خال پنهنجا خدو خال بڻجن. وطن جو اخلاق پنهنجو اخلاق بڻجي. ان معنيٰ ۾ سوچيو تہ سنڌ ڇا آهي؟ سنڌ جي روايت آهي ماڻهپو ڪنهن کي نہ رنجائڻ، پنهنجن کي پيار ڏيڻ، ڪنهن سان بہ نفرت نہ ڪرڻ، نهنائي ۽ خودسپردگي. اهي سموريون خصلتون ۽ وصفون اوهان کي ابراهيم جويي ۾ ملنديون. انساني سطح تي هو پنهنجي اولاد جو نهايت محبت ڪندڙ پيءُ آهي (۽ هاڻ ڏاڏو ۽ نانو پڻ). دوستن جو نهايت پيارو ۽ پيار ڪندڙ دوست آهي. آءٌ نٿو سمجهان تہ هن ڪنهن کي، ارادي سان، رنجايو هوندو. نهنو ايترو جو جبل هوندي بہ ترائيءَ جي ڏيکائي ڏي. سندس هڪ آمريڪي دوست، بارڊيءَ هن لاءِ چيو تہ Mr. Joyo's humility is out of this world اها Humility يا نهنائي عظمتن جو استعارو آهي. ميوي سان جهنجهيل وڻ ئي جهڪيل هوندو آهي. مقصد ڏانهن خودسپردگي ابراهيم جويي جي اهڙي خصلت آهي، جنهن ۾ مون کي سندس ثاني ڪونہ سجهي. ڪو مقصد مقرر ڪندو تہ پوءِ اهو ئي هن جو محور بڻجي ويندو ۽ مجال آهي جو هيڏانهن هوڏانهن جون فروعي ڳالهيون، ڪيس لحظي لاءِ بہ ان کان بي پرواهہ ٿيڻ ڏين. بيا جي بي پرواهہ ٿين تہ شڪايت جو اهڙو رخ اختيار ڪندو جو ماڻهو پيو ڪِکو وِکو ٿيندو. جڏهن بورڊ جو سيڪريٽري هو ۽ 'مهراڻ' جو مواد سهيڙيندو صاف ڪندو تڏهن جو هڪڙو واقعو ياد ٿو اچيم. هڪڙو ناٽڪ پڙهيائين 'A Day in Akbar's Life' ناٽڪ اهڙو سنو هو جو مون کي چيائين تہ ترجمو ڪر تہ 'مهراڻ' ۾ هلايون. مون بہ 'هائو' ڪئي، پر پوءِ ڳالهہ وسري ويم. مواد پريس ۾ ڏيڻ وقت ذنم تہ ڏاڍو رنجيدو هو. پڇيومانس تہ چيائين: "تو ناٽڪ ترجمو نہ ڪيو: اجايو پرچي جي مواد کي ترسايم!" ۽ پوءِ سندس اکين ۾ جيڪو ڏورابو ڏٺم، تنهن کان ککو وکو ٿي ويس، ۽ رات جاڳي ٻئي ڏينهن ڪيس ترجمو آڻي ڏنم تہ ڪٿي پاڪر پاتائين.

سنڌ پنهنجي حيثيت ۾ هڪ مڪمل ترين وطن آهي، ان ۾ هر اها ڳالهه آهي، جيڪا ڪنهن وطن لاءِ تصور ۾ اچي سگهجي ٿي. سمنڊ به آهي ته درياهه به آهن. ڪارونجهر ۽ هالار جهڙا جبل آهن ته ٿر جهڙو ريگستان به منجهس موجود آهي. واديون آهن، چيڙ آهن، جانورا آهن، حسين صبح آهن ته سحرانگيز شامون به آهن. سنڌ جي اها همه گير شخصيت سنڌواسين کان ”همه گيريت ۽ مڪمليت“ Perfectionism تي گهري ابراهيم جويي جهڙو Perfectionist اوهان کي گهٽ ملندو: پوءِ سندس لکڻ هجي يا ڪنهن ڪتاب ڇپائڻ جو فن. سنڌي ادب کي بيهڪ جي نشانين سان سينگارڻ ۽ سيبتو بنائڻ ۾ به هن جي Perfectionism کي دخل آهي. جيڪي ڪتاب سندس دور ۾ ادبي بورڊ طرفان ڇپيا، انهن جي ڇپائي، مواد جي بيهڪ، گيٽ اپ ۾ اوهان کي ابراهيم جويو صاف نظر ايندو. ’مهراڻ‘ لاءِ ايندڙ مضمونن ۾ اسان جا اديب دوست بيهڪ جي نشانين جو خيال ڪونه رکندا هئا. هڪ ڏينهن مون کي چيائين ته بيهڪ جي نشانين جي اهميت تي مضمون لکه. اهو مضمون مهراڻ ۾ ڇپيو ته اديب دوستن پنهنجي تحريرن ۾ بيهڪ جون نشانيون ڏيڻ شروع ڪيون. جيڪڏهن بيهڪ جي نشانين جي ڄاڻ ۽ صحت ۽ ضرورت کي ڏسڻو هجيوَ ته ادبي بورڊ پاران ڇپايل ’جامع سنڌي لغات‘ جو پهريون جلد ڏسو ته سندس محنت ۽ Perfectionism جو اندازو ٿي سگهندو. هي تمام ننڍا مثال آهن. پر اهي هن جي شخصيت ڏانهن واضح اشارو ڪن ٿا.

ابراهيم جويو منهنجو ادبي استاد، منهنجو مربي ۽ منهنجو دوست آهي. ٿي سگهي ٿو ته منهنجي هن مضمون مان هن جي شخصيت مڪمل طرح ابري نه سگهي هجي، ڇاڪاڻ ته ابراهيم جويو هڪ دور آهي، هڪ تاريخ آهي، هڪ وهندڙ درياءَ آهي، جنهن کي مڪمل طرح بيان ڪرڻ لاءِ ڪي ئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. هن سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، ان کي گهيري ۾ آڻڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. ان ڪري فقط ايترو چوندس ته ابراهيم جويي پنهنجي وطن پرستيءَ جو اهو حق ادا ڪيو آهي، جيڪو منفرد آهي ۽ لازوال پڻ.

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي!

(ادبي گڏجاڻي، س.ا.س ڪراچي ۾،
31 ڊسمبر 1981ع ۾ پڙهيل)

# اگڻ بهاريان، واٽون نهاريان

## (مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ)

رونا ليليٰ اها ڪافي اهڙي درد سان ڳائي آهي، جيڪو درد فقط تاريخ جي چيڀاٽيل ۽ چيٿاڙيل قومن جي ڳائڻن جي روح ۽ آواز ۾ اوتجي ايندو آهي. رونا بنگالڻ هئي، ۽ هن جي روح ۾ بنگال جي پٽياليءَ جي گونج، پنهنجي سمورن گوندرن سميت موجود هئي. ۽ ان ڪافيءَ جا ٻول وري هڪڙي سنڌيءَ جي روح ۾ وارد ٿيا هئا. جن ۾ به اهو درد نُمايان هو. جيڪو اهڙين قومن جو ورثو آهي، ۽ اهو روح ٽيون ڏينهن هي جهان ڇڏي ويو!

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سنڌ جي انهن ماڻهن مان هو جنهن جي شخصيت جا ڪيترائي پاسا هئا. هو سجاده نشين هو. پنهنجي سروري جماعت جو سربراهه هو ۽ سندس لکين مريد هئا. ان حوالي سان هو نه رڳو روحاني طرح سنڌ جي ڳچ ماڻهن سان روحاني ناتي سان ڳنڍيل هو پر ان ئي حوالي سان سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست ۾ هڪ بااثر ماڻهو هو. هن جي اڳين سياست ڪهڙي به رهي هجي، پر جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي شهيد، پاڪستان پيپلز پارٽي ناهي، تڏهن کان ثابت قدميءَ سان، مرڻ گهڙيءَ تائين ان پارٽيءَ سان ساٿ نباهيندو آيو. ڏکئي سکئي وقت ۾ هو مرحوم ڀٽي ۽ پوءِ محترمه بينظير صاحبه سان گڏ رهيو. سجاده نشينن جي لڏي ۾ اهڙي ثابت قدميءَ، مخدوم صاحب جي عزت، سنڌ جي عام ماڻهوءَ ۾ به قائم ڪري ڇڏي.

---

• 11 جنوري 1993ع

سندس هڪڙو ٻيو حوالو سندس علم-دوستي ۽ شاعري آهي. اها خصلت ۽ خوبي بہ سجاده نشينن جي لڏي ۾ ورلي ملندي آهي. پر مخدوم صاحب پنهنجي وڏن ۽ خاص ڪري مخدوم نوح عليہ رحمة جي ان وراثت کي بہ سانڍيندو آيو ۽ اها وراثت هن پنهنجي اولاد کي بہ ورهائي ڏني آهي. اهو ئي سبب آهي، جو نہ رڳو سندس پُٽ پر پوٽا بہ پاڻ کي شاعريءَ جي پنڌ جا پانڌيئڙا سڏائيندا آهن. سياست ۽ شاعريءَ جو اهو ورثو اڄ ڪلهہ جي سياسي شعبدیبازي ۽ گهمنڊ جي جهنگلي جيوت ۾، هنن کي نياز ۽ نئڙت جون چڱائيون ڏيندو آيو آهي!

مخدوم صاحب سان منهنجي نيازمنديءَ جا بہ اهم دور آهن: جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ۾ هوس ۽ جڏهن هلال پاڪستان اخبار شروع ڪئي هئم. ادبي بورڊ واري زماني ۾ علم ادب جي حوالي سان ڪيتريون ڪچهريون ٿيون. منهنجو هڪڙو دوست، مرحوم اسد الله شاهہ تڪڙائي، جيڪو نور محمد هاءِ اسڪول ۾ منهنجو هم ڪلاسي ۽ هم جماعت هو سو هميشہ گڏ هوندو هو مون سان گڏ هلندو هو. ڏاڍو پوڳائي دلبر ماڻهو هو. هن تي وري ٻئي ڪالم ۾ لکندس. چاڪاڻ تہ هن جو اهو قرض اڃا مون تي رهيل آهي! اسد الله شاهہ مخدوم صاحب کي اها ٻيي ٻڌائي تہ سراج کي چئو تہ سندن تحقيقي ڪتاب 'ڪافيءَ' جو انگريزي ترجمو ڪريان. مخدوم صاحب جي حڪم تي مون ڪجهہ حصا ترجمو بہ ڪيا، جيڪي کين موڪلي ڏنم. پر پوءِ اهڙن ڪاسارن ۾ ڦاسندو ويس، جو وري هٿ نہ وجهي سگهيس. مخدوم صاحب بہ چار خط شڪوي شڪايت جا بہ لکيا، ۽ آءٌ اڃا تائين شرمندو آهيان تہ اهو ڪم پورو نہ ڪري سگهيس! سندن آخري خط ان ڪالم بابت مليو هوم، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ۽ محبوب سروريءَ جي بي قاعدگين تي لکيو هوم. ان خط منجهان اندازو ٿيو تہ ڪيئن نہ محبوب سروري جهڙن ماڻهن مخدوم صاحب جي نالي، سادگيءَ ۽ شرافت مان غلط فائدا ٿي ورتا!

هلال پاڪستان جي زماني ۾ تہ مخدوم صاحب همت افزائيءَ ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو. هر هفتي جيڪي ڪالم 'رتيءَ جي رهاڻ' جي

عنوان سان لکندو هوس. تن منجهان جيڪو به ڪالم پسند ايندو هوِن تہ مهرباني ڪري بہ اکر ساراهہ جا ضرور لکندا هئا. انهن مان ڪجهہ خط تہ اهڙا ادبي اهميت جا هئا، جو سندن اجازت بنا ئي ڇاپي ڇڏيا هئم!

سنڌ هڪڙي نامور شخص کان محروم ٿي وئي آهي. ان تي روايتي تعزيتون ڪهڙيون ڪجن. رڳو مخدوم امين فهيم، خليق ۽ رفيق کي هي بہ اکر چوندس تہ هن ڏک ۾ آءٌ اوهان سان شريڪ آهيان. الله سائين شل! اوهان کي هيءُ ڏک جو بار برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڏئي ۽ اها بہ توفيق ڏئي تہ سنڌ لاءِ مخدوم صاحب جي دل ۾ جيڪا محبت هئي، ان ورثي کي اوهين ان عقيدت سان سانڍيو، هن غريب الوطن ۽ بدبخت قوم سان سڻائي ۽ سچٽپو نباهيندا اچو...!

(رتيءَ جي رهاڻ)

# ساڃهہ تن سامين جي... (غلام محمد گرامي)

اسان جو يار گرامي گذاري ويو. انسان پنهنجي نهايت عزيز مائٽن، حبيبن ۽ دوستن لاءِ گهڙيءَ لاءِ بہ سوچڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو آهي تہ ڪو انهن مان ائين ڏار ٿي ويندو ۽ پوءِ جڏهن ائين ٿيندو آهي تہ ذهن تي ڏک بدران ڇرڪ طاري ٿي ويندو آهي، ۽ رفتہ رفتہ صدمو ڏک ۽ ڪرب پنهنجا ڪارا پاڇولا وجهڻ لڳندو آهي. گرامي صاحب پيري بہ ائين ئي ٿيو. خبر پڌڻ سان ڊڪرجي ويس! ڇا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ هاڻ گرامي صاحب جي نوراني صورت، سندس شرير مرڪ، سندس لفظ 'بي ايمان' چوڻ جو دلپسند ڍنگ، سندس بار بار عينڪ کي وچين آڱر سان مٿي سِرڪائيندو رهڻ، تقرير وقت سندس جاهہ و جلال، شعر پڙهڻ وقت سندس سوز و گداز، لکڻ وقت سندس غرق ٿيڻ جو عالم، سندس علم ۽ دانش جا اولڙا- اهي سمورا رنگ، اهي سمورا انداز، هاڻ پسي ڪونہ سگهبا؟ پوءِ جڏهن حقيقت پاڙون هڻڻ لڳي، تڏهن اکين ۾ مِرچ پوڻ لڳا، نڙيءَ ۾ ڳنڍ پڌجي ويئي، ۽ دل مان شوڪارو نڪري ويو:

اڄ نہ اوطاقن ۾، جوڳيان سندي ذات،
ڏينهان ڏورڻ ڏک سين، روئڻ سڄائي رات،
تن جنين جي تات، سي لاهوتي لڏي ويا!

گرامي ۽ مون گهڻو وقت گڏ گذاريو آهي: ان وقت کان جڏهن ادب ۾ اڃا بانبڙا پائيندو هوس ۽ گرامي اڳي ئي هڪ قداور شخصيت هو پر هن ڪڏهن بہ اهو محسوس ٿيڻ نہ ڏنو تہ هو ڪو ايڏو قداور آهي، ۽ آءٌ ايڏو

پتڪڙو. هو منهنجي سطح تي لهي ايندو هو. ائين هن جي شخصيت. هن جي علم. هن جي انسانيت کي گهرائيءَ سان ڏسڻ جو موقعو مليم. اسين سنڌي ادبي بورڊ جي حيدرآباد آفيس ۾ به ورهيه گڏ وٺاسون. ڪرسي ميز به گڏ هئي. منجهند جي ماني به گڏ ڪائيندا هئاسون. ڪل يوڳ ۾ به هن جو ڪو ثاني نه هو. پر مذاق هميشه صاف سٿرو ۽ اجو اُجرو هوندو هوس. اسين ڪيس چيڙائيندا هئاسون ته پيٽ مُلن کان مختلف ته آهيو. پر هڪ ڳالهه سندن اوهان ۾ ساڳي آهي: پيٽ ڦاٽڻ تائين کائيندو رهڻ! کِلي چوندو هو: "بابا. ان جي باوجود. هنن ۾ پيٽ پرائي آهي. ۽ اسين قلندر کائون تڏهن به رازق رب جو شڪرانو ڪريون. نه کائون تڏهن به سندس احسان ڳڻيون!"

ان کانپوءِ منهنجي بدلي ڪراچيءَ ٿي. پر بورڊ جي ملازمت جي دوران ۽ پوءِ. جڏهن به حيدرآباد ويندو هوس ته پهريون سلام گرامي صاحب جو پيربو هو. هن جي صحبت ۾ ماٺهو چار ڳالهيون سکي ايندو. وچائيندو ڪڏهن به نه. قرب ايترو. جو ڪنهن دفعي دل جمعيءَ سان رهاڻ نه ٿي ته پويان خط لکي موڪليندو ته هن پيري رهاڻ ڪانه ٿي. اهو قرض ايندڙ دفعي اچي لاهجانءِ. سندس طبيعت ۾ نهٺائي ۽ نئڙت ايتري. جو ڪڏهن سندس واتان "مان هيئن. مان هوننءِ. . ." نه ٻڌم. محض ڪيس چيڙڻ لاءِ اسين هر ويرو ڪو نزاعي معاملو ڪڍندا هئاسون. (اسان جي ان وقت جي سنگت ۾ هڪ ڪهاڻيڪار حسن علي نذير به هوندو هو. جيڪو هاڻ ڪٿي ڪو مختيارڪار آهي. سو گرامي صاحب کي گهڻو چيڙيندو هو ته جيئن گرامي صاحب مسئلن تي کُلي ڳالهائي). پوءِ ته گرامي صاحب دريا وانگر پلتجي پوندو هو. قرآن مجيد ۽ اسلامي فقه تي ڪيس وڏو عبور هو پر يوناني فلسفي تي به سندس وڏي نظر هئي. مسئلي جو علمي چيد ڪري. ابن العربي. ابن رشد. ابن خلدون. شاهه ولي الله. مولانا رومي. مولانا عبيد الله سنڌي. مولانا ابوالڪلام. مولانا شبليءَ جهڙن عالمن جا قول ورجائيندي. سقراط. افلاطون. ارسطوءَ تائين پهچندو هو ۽ پوءِ چوندو هو ته هاڻ ان نظر سان مسئلي کي ڏسو ته ان جو حل صاف ٿي ويندو. اسين حيرت مان ڪيس تڪيندا رهندا هئاسون. پر پوءِ به ڪيس وڌيڪ چيڙڻ لاءِ چونداسون ته "گرامي صاحب. ڳالهه اجا به مغز ۾ نه

ويٺي!“ هڪدم سمجهي ويندو ۽ نهايت دلفريب مرڪ سان چوندو هو ”بي ايمان، اٺ مغز آهيو تہ پوءِ منهنجو مغز ڇو کائڻ آيا آهيو: اڙي بابا، اِسو (ان وقت هڪ پنيوالو هوندو هو)، ڪو چانهہ چُڪو پيار تہ مغز جاءِ ٿئي!“ الا، اهي محفلون، اهي مجلسون ڪيئن وسرنديون.

هڪڙي پيري شعر تي اچي چيڙبوسونس، بس پوءِ تہ سمنڊ اٿلي پيو: عربي، فارسي، اردو، هندي، سنڌي شاعرن جا اهڙا شعر پڙهندو ويو، جو سندس حافظي تي عجب ٿي لڳو. اسان کيس پوءِ بہ نہ ڇڏيو ۽ چيوسونسِ تہ اُن روايتي شاعريءَ کي ڪير ٿو پڇي، اهي ”گونزل“ (غزل) اسان جي زبان جي مزاج سان ٺي نٿا نهڪن: ڪو نظم ٿي وڃي. بس سائين، حڪم ڪيائين تہ ڪٺو ڪاغذ ۽ قلم، ۽ پوءِ اتي جو اتي هڪ نهايت پيارو نظم في البديهہ چوندو ويو.

اي پدمڻي، هيري ڪڻي . . . !

اهو ڏگهو نظم پوءِ اسان جي زور پرڻ تي مهراڻ ۾ بہ شايع ٿيو. اسين لکندي ڪجي پياسين، پر گرامي صاحب شعر چوندي نہ ٿڪو. اڄ بہ سندس اهو ڏگهو نظم سنڌيءَ جي نهايت اهم ۽ حسين نظمن ۾ شمار ٿئي ٿو. گرامي صاحب شعر ۽ موسيقيءَ ۾ عجب بلندين تي هو. سندس شعر ۾ ميناج ۽ پختگي ان ڪري هئي، جو هو سنگيت جو بہ وڏو ڄاڻو هو. ان ڪري هن کي ترنم يا لئي، آهنگ يا سُر تار جي پدن تي لفظن کي تورڻ تڪڻ جو وڏو ڏانءُ هو. هن جمعيت الشعرائي قسم جي شاعريءَ تي بہ تجربا ڪيا هئا، پر وقت گذرڻ سان هن کي گل ۽ بلبل، سرو ۽ سنبل، زلف ۽ گيسو واري گونزل شاعريءَ کان بچان اچڻ لڳي. ان سان گڏوگڏ جديد علم ۽ ادب جي تقاضائن تي وسيع مطالعي هن کي سنڌ جي نئين ادب سان گهرو لڳاءُ پيدا ڪيو. هن سوين نوان اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا، انهن جي همت افزائي ڪيائين ۽ کين هڪ ئي ڳالهہ چوندو هو تہ سنڌ جي ڪلاسيڪي روايت جي خزاني کي هنئين سان هنڊايو ۽ ان روايت کي ساڻ کڻي نئين فڪر ۽ جديد حقيقت پسنديءَ کي آزمايو. ان جي امتزاج منجهان ئي اوهين سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي اهو ڪجهہ ڏيئي سگهو ٿا، جيڪو انهن جو حق آهي.

هن کي علم جي سگهڻ ڪُنن کان سخت نفرت هئي. جڏهن ڪن نام نهاد 'دانشورن' نئين سنڌي ادب تي جُلهون ڪيون- ابراهيم جويو، اياز، رباني ۽ مون سميت ڪيترن لکندڙن کي اخبارن، پئمفليٽن ۽ تقريرن ۾ لوئڻ شروع ڪيو ويو ته گرامي صاحب جو قلم پنهنجي پوري جاهه و جلال سان جاڳي اٿيو: ۽ سنڌي شاعريءَ جي نون لاڙن تي ٽي سؤ صفحن جو معرڪة الآرا مضمون لکيائين "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات". جنهن ۾ عربي، فارسي ۽ اردوءَ جي قديم ۽ جديد مثالن ڏيڻ کانسواءِ هن شعر جي صنفن، فڪر ۽ فلسفي تي سمورو 'اوريئنٽل' ادب آڻي گڏ ڪيو. جاهلن کي اهو جواب مليو ته ائين ماٺ ٿي ويا، ڄڻ سراپجي ويا هئا. گرامي صاحب کي گاريون ڏيڻ لڳا، پر ان جي جواب ۾ هڪ اکر به لکي نه سگهيا. سردار علي شاهه 'ذاڪر' ۽ ڊاڪٽر ابراهيم 'خليل' وٽس ميڙ ڪٺي ويا ته هو لکڻ بند ڪري، پر گرامي صاحب کين اهڙيون ٻڌايون، جو ٻه ڪن، ٽيون نڪ ڪٽي گولي ٿي ويا. پوءِ گرامي صاحب تي به الحاد ۽ ڪفر جون فتوائون شروع ٿي ويون، پر گرامي صاحب، جنهن جو هر ساهه اسلامي فڪر ۽ فلسفي سان معطر هو، سو جاهلن جي جلهن کي ٻڌندو رهيو، ڏسندو رهيو، مرڪندو ۽ لکندو رهيو.

اسان جو يار گرامي واقعي قلندر هو. هو انهن عظيم عالمن جي سٿ جو آخري همسفر هو جن شاهه ولي الله ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي فڪر کي رهنما بڻايو هو. مولانا دين محمد وفائي مرحوم کانپوءِ مولانا گرامي انهيءَ فڪر جو آخري قداور مبلغ هو ۽ اهي سڀ جا سڀ قلندر هئا، ۽ پنهنجي سموري زندگي خاموش علمي خدمت ۾ گذاري ويا. پنهنجو ڪجهه به نه ٺاهيائون. ڪنهن کان ڪجهه به نه گهريائون. گرامي صاحب جي ته مون کي ذاتي طرح خبر آهي: هن سموري زندگي مفلسي ۽ مسڪينيءَ ۾ گذاري، پر ڪڏهن به ڪنهن اڳيان هٿ نه ٽنگيائين. سنڌي ادبي بورڊ ۾ پنجويهه سال گذاري ڇڏيائين. 'مهراڻ' جهڙي علمي رسالي جي ادارت جو ڪم ڪو سولو ڪم نه آهي. هو خاموشيءَ سان علم ادب جي دنيا ۾ مسڪينيءَ جي زندگي

گذاريندو رهيو. مخدوم محمد زمان صاحب طالب المولىٰ جن سان خاص ياري ۽ محبت هيس. مخدوم صاحب بورڊ جو چيئرمئن به آهي ته حڪومت وٽ به سندس گهڻي هلندي پڄندي آهي. سرڪاري دستور موجب نوڪريءَ جي دوران وفات ڪرڻ ڪري، سندس پوين کي پنج سال پينشن به ملڻي آهي، پر ادبي بورڊ کي هن جي خدمتن جو ان کان به وڌيڪ قدر ڪرڻ گهرجي. اميد ته مخدوم صاحب ان ڏس ۾ پاڻ ملهائيندو. سنڌ سرڪار تي به اهو زور آڻڻو پوندو ته سنڌي زبان، اسلامي فڪر ۽ فلسفي جي ههڙي عالم جي خدمتن جو قدر ڪري، سندس پوين لاءِ ڪو وظيفو مقرر ڪري ته جيئن هنن جا ڏکيا ڏينهن ڪجهه قدر آسان ٿي سگهن.

اسين مردي پرست قوم آهيون: مرڻ ڪانپوءِ ئي انسانن جو قدر ڪندا آهيون. پر رڳو اها روايت به قائم رکون ته غنيمت آهي. اڄ دل ڏاڍي اداس آهي، قلم ۾ به اها ڳوراڻ محسوس ڪريان ٿو. گرامي صاحب جي وڃڻ سان نه رڳو سنڌي ادب ۽ علم جي دنيا ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو آهي، پر اسان جي دلين ۾ هڪ وڏو خال محسوس ٿئي ٿو جنهن جاءِ جو پُرجڻ ممڪن نه آهي. ههڙا عظيم عالم، خطيب، شاعر ۽ اديب روز روز ٿورو ئي پيدا ٿيندا آهن ۽ گرامي صاحب ته انهن خوبين سان گڏ هڪ عظيم انسان به هو. سندس اها ساڃهه، سندس اها سونهن ئي سڀ کي ياد رهندي.

ساڃهه تن سامين جي، ساريان سڀ ڄمار!

(روزانه "هلال پاڪستان" ڪراچي،
'رتيءَ جي رهاڻ': 19- سيپٽمبر 76ع)

# سھڻو ماڻھو موتيءَ داڻو (طارق اشرف)

سھڻو ماڻھو تنوير جي لفظن ۾ 'موتيءَ داڻو'. سنڌ ۽ سنڌين کي 'سھڻي'* سوغات ڏيئي، ھليو ويو. اسين سنڌي ماڻھو صحيح معنيٰ ۾ ھاڻ لاوارث ٿي چڪا آھيون. اھڙي يتيميءَ جي حالت ۾ جيڪڏھن طارق اشرف جھڙا مربي ۽ محب موڪلائي وڃن تہ پوءِ يتائيءَ جي لفظن ۾ سڏڪو پرڻ ئي نصيب ۾ لکيل آھي:

اڄ نہ اوطاقن ۾، جاڳـرُ جوڳين جو،
ساريو سنياسين کي، رُونديِن تان رو،
پَٽُس پاريان تو، لاھوتي لڏي ويا!

اھو ٿو سوچيان تہ طارق اشرف شل اسان کان رُسي وڃڻ کان اڳ، اسان کي جيڪي ڪجھ ڏيئي ويو آھي، ان ساڃاھہ کي سانڍي بہ سگھنداسون الائي نہ! في الحال تہ ھو اسان وٽ پنھنجو سنيھو ۽ سَنک ڇڏي ويو آھي. شايد ھن يتائيءَ جو ھي بيت پڙھي اھو فيصلو ڪيو ھو تہ ھيو نہ تہ پنھنجو سنک تہ سنڌ کي ڏيئي وڃان:

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پَٽر ڪَکَ،
آديسي اُٿي ويا، پيئي اڏامي رک،
سامي ڪٽي سَنک، وڃائي واٽ ٿيا!

ھن کي مون سان ڏاڍي شڪايت ھئي تہ مون ھن کي 'سھڻيءَ' لاءِ ڪا ڪھاڻي نہ لکي ڏني. ھر خط ۾ اھو لکندو ھو تہ جيسين ڪھاڻي نہ

---

* 'سُھڻي': سنڌي ادب جو شاھڪار رسالو

موڪليندين، تيسين پيو خط لکندو سانءِ، من ڪو مرم پويئي! اياز تي خاص نمبر ڪڍڻ پيري مون وٽ گهر هلي آيو. چانهن گهرايم ته نه پيتائين.

”تيسين تنهنجو پاڙي به ڪونه پيئندس، جيسين اياز نمبر ۾ ساٿ ڏيڻ جو وَچَنُ نه ڏيندين!“

انهن ڏينهن ۾ منهنجو دماغ جائيتو ڪونه هو. روايتي بهاني وارو ’ڊپريشن‘ جو مرض هو. ڊاڪٽر الائجي ڪهڙيون ڪهڙيون گوريون ڪارائيندا هئا. کيس ٻڌايم نه مڃيائين.

”ايڏو ذهني عياش ٿي ويو آهين، سو توکي نيبهه هجي، پر توکي مون سان ساٿ ڏيڻو پوندو، نه ته. . . !“

هن کي مون ڪڏهن ڪاوڙيل ڪونه ڏٺو هو. سمجهي ويس- هڙئي مِٺي ۽ سچي ماڻهوءَ کي به مون تي ڪاوڙ اچي. اُن جي معنيٰ اها هئي ته هاڻ واقعي آءٌ بنهه ڇسپائيءَ جون سرحدون ڇُهڻ لڳو هوس. ”ها“ ڪيم. تڏهن وڃي، اها لازوال مُرڪ چپن تي آيس.

اياز جي نمبر جي مهورت تي دانيال سان ملايائين. چيومانس:

”خُدا ڪري هُو تو جهڙو ٿئي!“

چيائين: ”اهڙي پاراتي جو حقدار ڪونهي!“

هن سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ماڻهن لا ڇا ڇا نه سٺو هو. پنهنجو الهه تلهه اُن ۾ ٻاري ڇڏيائين. جيل ياترا پوڳڻي پيس. دهشتگردن ذري گهٽ کيس ماريو هو. مائي بينظير وزيراعظم ٿي، تڏهن دانشورن سان مشورو ڪرڻ جي الائي کيس ڪنهن صلاح ڏني. اردو ۽ سنڌي ’دانشورن‘ کي دعوت ڏيئي گهرايائين. طارق چيو ته اسين هنن سان، هنن جي سامهون ڇا ڳالهايون. تڏهن وڃي فيصلو ٿيو ته اها ملاقات هنن سان الڳ، ۽ اسان سان الڳ ٿيندي، ان ملاقات ۾ اسين سڀ ميسٽا وينا هئاسون، پر طارق اشرف سڄي صورتحال مائيءَ کي سربستي ڪري ٻڌائي ته حيدرآباد ۾ سنڌين تي ڪهڙي ڪاري قيامت آئي هئي، پر پوليس ۽ ايجنسيون بجاءِ سنڌين کي ڪو ڏِڍُ ڏين، ۽ سندن حفاظت ڪن: ان جي ابتڙ گرفتاريون به سنڌين جون ئي پئي ٿيون. ليسن وارا هٿيار به کسي ويا ته انهن مان امن امان کي خطرو

ٿيندو! هين لفظن ۾ ماريا پيا وڃون. تڏهن به پنهنجي حفاظت جو حق به اسان کان کسيو پيو وڃي! هن انگ اکر، پوليس آفيسرن جا نالا، ۽ ڏس پتا ڏنا ته آءٌ جي صاحب به گهٻرائجي ويو.

”ها، برابر ڪجهه ايئن ٿيو آهي، پر اسين جاچ ڪريون پيا. ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪنداسون!“

اهو ’ڪجهه نه ڪجهه‘ اڃا به ٿئي پيو. سنڌي بي گهر ٿيندا ٿا وڃن. ڪڏهن چوٽڪي گهٽيءَ ۾ ته ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ شانتي نگر ۾! اسين پنهنجي ئي وطن ۾ بي وطن ٿيندا وڃون. ۽ ”هو“ اهو ئي پيا چون ته فڪر نه ڪريو: اسين ڪجهه نه ڪجهه ڪنداسون!

الا، طارق اشرف جهڙا ماڻهو اسين ڪٿان آڻينداسون. جيڪي سڀ ڪجهه تريءَ تي رکي، رڳو سنڌ جي نالي تان صدقي ٿيندا رهن ٿا! ’سهڻيءَ‘ سان عشق ۾ هن دل جو مرض ۽ بلڊ پريشر جو مرض پرايو. يار دوست سندس بلڊ پريشر جي درجي جو ٻڌي ئي ڊڄي ويندا هئا. پر هو بنهه بي پرواهه ٿي ڪم ڪندو هو: ڄڻ ته اهو سوچيندو هجي ته بيماريءَ جي ڪري ڪم روڪبو ته ڪٿي بنهه ئي روڪجي نه وڃي!- ۽ ائين هو ’سهڻيءَ‘ جي سينگار ۾ پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻي ويهي رهيو!

سوچيان پيو ته طارق اشرف جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪنهن سان ڪريان، سندس گهر وارن سان، دانيال سان، يا سموريءَ سنڌ سان، سمورن سنڌين سان يا پنهنجي پاڻ سان؟!!

(روزانو جاڳو: 22 اپريل 1992ع)

2

# رات ستارن هاڻي•••

ستين عرش تي پهچي، اسرافيل، عزرائيل کي چيو تہ عزرائيل، تون تہ روحن جو ڳاڻيٽو ۽ حساب ڪتاب ٻڌائي آجو ٿي ويندين، پر جڏهن منهنجو وارو آيو تڏهن مون کي اها ڳڻتي ورائي وئي آهي تہ منهنجو بيان ٻڌي، مون جيڪي ڏٺو آهي، اُن جو ذڪر ٻڌي الله سائين لڙڪ نہ لاڙي وجهي!

(نئين لوڪ ڪهاڻي)

# تُون بہ....

## (هڪ ڏينهن جي ڳالهہ)

آءٌ پنهنجي آفيس ۾ ڪجهہ ڪم ڪري رهيو هوس. هڪ پڊڙي، چنل قاتل ڪپڙن ۾، هڪ ننڍڙي هڙ ڪڇ ۾ ڪيو، چوهہ مان اندر لنگهي آئي. آءٌ هن متعلق ڪجهہ سوچيان، تنهن کان اڳ، هن ڏسٽي آڱر مون ڏانهن ڪڻندي زور سان چيو: ”تون بہ مون وٽ پڙهيو هئين .... ها تون بہ مون وٽ پڙهيو هئين!“ آءٌ حيران ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳس. هن جي اکين ۾ عجيب احساس پريل هئا: ڏپ، ڪاوڙ ۽ ڪشمڪش جا گڏيل احساس، سندس جهونين ۽ جهور اکين جي گهراين ۾ تري رهيا هئا. هن جي چهري تي مايوسين ۽ يادگيرين جا هزارين گهنج هئا. هن جا گهنجيل ۽ چيڙيل هٿ ڏڪي رهيا هئا. مون کي رحم جي جذبي سان گڏ ڪجهہ وحشت ٿيڻ لڳي. مون آفيس جي پٽيوالي طرف ڏٺو جو پريان بيهي کِلي رهيو هو. شايد هو ڪيس سڃاڻندو هو. هن وڏي اچي مائيءَ کي ٻانهن کان ورتو ۽ ميز تي رکيل پئسن مان هڪ آنو کڻي کيس ڏيندي چيائين: ”مائي، بابا، ٻاهر هل!“

هوءَ ڪجهہ وقت انهيءَ آنڪ کي ڏسندي رهي- ۽ پوءِ وري پٽيوالي کي گُهوريندي چيائين: ”تون بہ مون وٽ پڙهيو هئين.... ها، تون بہ مون وٽ پڙهيو هئين!“- ائين چئي هوءَ تڪڙي تڪڙي ٻاهر نڪري ويئي. آءٌ اجا تائين حيرت ۾ هئس. پٽيوالو اجا تائين کِلي رهيو هو. جڏهن مون کانئس هن بابت پڇيو تڏهن چيائين: ”ها سائين، آءٌ انهيءَ مائيءَ کي سڃاڻان.... اسان جي پاڙي جي آهي. ڪجهہ ڏينهن کان ويچاريءَ جو دماغ جاءِ نہ آهي.... پنجنيهہ سال سنڌي اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي. جڏهن ملڪ جو ورهاڱو ٿيو تڏهن مٽن مائٽن مٿس هندوستان هلڻ لاءِ ڏاڍو زور رکيو پر هن سيني

ڪي اهو جواب ڏيئي ماٺ ڪرائي ڇڏي تہ ”جيڪو سنڌ جا وڻ ڇڏيندو سو ڪڏهن سائو ڪين ٿيندو۔ سنڌ اسان جو ساهہ آهي. اسين پنهنجي ساهہ کان ڪيئن جدا ٿيون؟“ سندس بہ پٽ ۽ نياٽي هندستان هليا ويا. هيءَ هتي نوڪري ڪندي رهي. ٿوري ئي وقت کان پوءِ رٽائر ڪيائين. ٽي سال پينشن جي پويان ڊوڙي ويچاري ٻيڙي هرهڪ آفيسر جي در تي ويئي، پر رڳو نلها دلاسا پئي مليس. وتس جيڪا ميڙي چونڊي هوندي هئي، چون ٿا تہ اٽڪل 500 روپيا ڪن هئس، سا هڪ هڙڙيءَ ۾ ڪپڙن ۽ مانيءَ سان گڏ ڪڇي نڪرندي هئي، ۽ سڄو ڏينهن آفيسن جا چڪر ڪاٽي، شام جو ٿڪي ٽُٽي اچي گهر پيڙي ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن ڪنهن کيس صلاح ڏني تہ فلاڻي ماڻهوءَ جي گهر وڃي، سندس زالن جي منٿ خوشامد ڪر تہ تنهنجو ڪم ڪرائي ڏينديون. هوءَ دستور موجب پنهنجي هڙ ساڻ ڪري ڏسيل گهر ۾ لنگهي ويئي. گهر جي زالن کيس چڱا دلاسا ڏنا، کيس مانيءَ پور ڪارائڻ لاءِ کٽ تي ويهاريائون. هوءَ هڙ پاسي ۾ رکي ماني کائڻ ۾ جنبي ويئي. ماني کائي جڏهن موڪلايائين، تہ هڙ سندس پاسي ۾ ڪانہ هئي! ويچاريءَ ٻيڙيءَ گهڻيون ئي رڙيون ڪُوڪون ڪيون، پر ڪنهن بہ سڏ نہ اونايس. گهر جون زالون صفا الي ويون تہ ڪا ڪين هڙ جي خبر هئي. روئي پٽي ٻيڙي پنهنجي گهر پهتي. ڪجهہ ڏينهن تہ گهر ۾ پئي رهي. آخر شايد بک کان لاچار ٿي ٻاهر نڪتي ۽ هاڻي اسين کيس روزانو رستن تي پنندو ڏسندا آهيون. سندس وات تي بس اهي ئي لفظ آهن: ”تون بہ مون وٽ پڙهيو هئين....... ها تون بہ مون وٽ پڙهيو هئين......!“

(ڇپيل: مهراڻ، 4۔ 1966ع)

# رات ستارن هاڻي •••• (ڪهاڻي)

”.... سمهي رهيؤ؟“
”نہ، جاڳان پيو. ڇئو.“
”... ڪجهہ نہ، ائين ئي پڇيم ٿي....!“ •
”اُن پڇا جو مطلب؟“
”پڇا رڳو مطلب جي تہ نہ ٿيندي آهي....!“
”تڏهن بہ؟“
”هلو تہ ٻاهر سمهون... هت گرمي آهي.“
”پر ٻاهر تہ چاچوءِ چاچي سُتا پيا آهن.“
”آهستي ڳالهايو... جاڳن پيا!“
”جاڳن پيا تہ ڇا ٿيو؟.... هون!“
”سمجهندا تہ اسين اڃا جاڳون پيا....“
”هت تہ نہ جاڳڻ جي اجازت، نہ سمهڻ جي...“
”تہ سُمهي رهو نہ...“
”هن گرميءَ ۾ ننڊ ڪيئن ايندي؟“
”گنجي لاهي ڇڏيو....“
”تون بہ چولو لاهي ڇڏ...“
”شرم ڪريو...“
”ڇا جو شرم...؟“
”ڇيومانوَ تہ آهستي ڳالهايو... چاچيءَ جن جاڳن پيا.“

”ڪيئن سمجهيءِ؟“

”......!“

”ڇا ڇيءِ؟“

”ڪجهه به نه....!“

”هون....!“

”هون ڇا؟“

”سمجهيم ته تو ڪيئن سمجهيو ته جاڳن پيا!“

”ڇڏيو مسخري...“

”ان ۾ ڪهڙي مسخري...“

”شرم ڪريو...“

”وري به شرم ڪريو“.... هت اندر تندور ۾ پيا پچون، تڏهن به شرم ڪريون... هون!“

”ته پوءِ هلو ٻاهر...“

”ڇاڇوءِ ڇاچي؟“

”هاڻ سمهي رهيا هوندا....“

”ڪيئن سمجهيءِ؟“

”ڇاچي پاسو ورايو آهي...“

”ءِ ڇاچي ڪونگهرا پئي هڻي...“

”......!“

”تون ٻاهر هل آءُ اچان ٿو...“

”نه، اوهين ٻاهر هلو ته آءُ پوئيان اچان ٿي...“

..... ..... .....

”الا، ڪهڙي نه ٿڌڙي هير پئي لڳي...“

”آهستي ڳالهاءِ، جاڳي نه پون...“

”هون...!“

”هون ڇا!“

”پنهنجي جاءِ ڇو نه ٿا وٺو؟“

”هون...“

”هون ڇا؟“

”پنهنجي جاءِ... پنهنجو گهر، يا نصيب!“

”پوءِ ائين ڪيترا ڏينهن رهبو...“

”يا نصيب!“

”هو ڏسو... چنڊ ڳني ڪڏي آهي...“

”... ۽ هيءَ رات .... تارا ائين پيا جهرمر ڪن، جيئن تنهنجي چُنيءَ ۾ چٽ....!“

”ڪيتري نہ نيراڻ آهي آسمان ۾....!“

”تنهنجي ٻانهن ڏس تہ چنيءَ مان اهڙي ٿي نيري ٿي لڳي....“

”ائين ڇو آهي؟“

”تنهنجي چُنيءَ جا چٽ... ۽ ستارن ڀري رات: هڪ مان تنهنجو جسم ڀيو ليٽا پائي، تہ ٻئي مان ڪنهن تخليق جي ديويءَ جو ڪارسرو جسم..... ٻنهي ۾ ڪيتري نہ پنهنجائي، ڪيتري نہ مٺي سانت..... ۽ ڪيترو نہ سُڪون آهي...!“

”الائي ڇا پيا چئو....“

”ٿورو سري اوري ٿي تہ سمجهايانءِ...!“

”..... ڇڏيو.... پاسو ورائي سمهي رهو، چاچو ۽ چاچي جاڳن پيا....!“

”... هون....!“

(ماهنامہ ’نئين زندگي‘، مارچ 1964ع)

# هڪ نئين لوڪ ڪهاڻي (ڪهاڻي)

وڏڙن تي ٻڌالهه ڪئي تہ هنن جي وڏڙن هنن سان ذڪر ڪيو تہ هڪڙي ڏينهن الله سائينءَ جي ڪچهريءَ ۾ سمورا فرشتا حاضر هئا. حڪم ٿيو تہ هر فرشتو پنهنجي ڪار گذاري بيان ڪري.

سڀ کان پهرين حضرت جبرئيل عليہ السلام عرض ڪيو تہ يا الاهي، اوهان مون تي پيغام پهچائڻ جو ڪم رکيو هو سو سڀ کان آخري پيغام اوهان جي سڀ کان پياري رسول حضرت محمد ڪارڻي صلي الله عليہ وسلم کي پهچائي آيس، تڏهن کان فرصت ئي فرصت آهي. ان فرصت ۾ اوهان جي عبادت ۾ مصروف آهيان. هاڻ جيڪو امُر هجي تہ حاضر آهيان.

جڏهن حضرت اسرافيل عليہ السلام جو وارو آيو تڏهن هن چيو تہ ورهين کان مانسروور کان سنڌوءَ تائين ۽ سنڌوءَ کان سنڌي سمنڊ تائين سڀ درياهہ، نديون، نالا، ڍنڍون، ڍورا سُڪي ٻڙهہ ٿي ويا هئا. اوهان جي حڪم تي هڪڙي ئي ڦوڪ ڏني اٿم تہ مانسروور کان سنڌوءَ تائين ۽ سنڌوءَ کان سنڌي سمنڊ تائين سڀ درياهہ نديون نالا ۽ ڍنڍون ڍورا تارو تار ٿي اٿلي پيا آ هن، پر وبچارن سنڌين جا جهڳا جهڻ ٿي ويا آهن ۽ سندن الهہ تلهہ ٻهارجي ويو آهي.

ٿوري دير ماٺ ٿي وئي ۽ پوءِ حضرت عزرائيل عليہ السلام هيئن بيان شروع ڪيو: مولا، توهان جن جو لکيو مقرر ڪيو هو تن سمورن جا روح تہ قبض ڪري ڇڏيم، پر حضرت اسرافيل جيڪا ڦوڪ ڏني، ان جي ڪري الاهي سارا اڻ لکيا روح بہ اڏامي آيا ۽ منهنجي حساب کان ڇڙهي ويا آهن، جنهن لاءِ آءٌ هٿ ادب جا ٻڌي معافيءَ جو طلبگار آهيان.

ستين آسمان تان آواز آيو تہ اسرافيل ۽ عزرائيل سنڌ وبندا ۽ اتي جي سموري صورتحال معلوم ڪري اچي بيان ڪندا.

ٻئي فرشتا اڏاڻا ۽ گهڙيءَ ۾ سنڌوءَ جي ڪپ تي اچي لٿا. جيئن جيئن هلندا ويا. پاڻيءَ جيڪي راڳا ڪيا هئا، ان منظر هنن جون دليون ڏهلائي ڇڏيون، هر طرف تباهي بربادي هئي. زمين هيٺ هلي وئي هئي ۽ هر طرف پاڻي ۽ پاڻي هو. جنهن ۾ انسانن، ڍورن ۽ ويندي پکين جا لاشا پئي لڙهيا. عزرائيل سُڏڪڻ لڳو ۽ اسرافيل اوڇنگارون ڏيڻ لڳو.

سڄي پٽ ۾ سُڪو ٽُڪر خير ڪو هو. گهر تڙ، مسجدون ۽ منارا، مدرسا ۽ شفا خانا، مڙهيون ۽ مندر، ڪليسائون ۽ ڪاليج، اوطاقون ۽ مسافرخانا، هوٽلون ۽ تندورخانا، سوين ڪتاب ۽ رسالا، ٻارن جون پٽيون ۽ تختيون، قلم ۽ مُس ڪيڙيون، ڪلر باڪس ۽ ٻارڙن جون ٺهيل تصويرون، ڦتين جا ڪارخانا ۽ آڏاڻا، بسڪوٽ ۽ چاڪليٽ، ڪنمنڙا ۽ آئيس ڪريمون، ماڻهن ۽ جانورن جي لاشن سان گڏ لڙهنديون ٿي وييون، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ. جتان ٿي اڏاڻا ٻنهي فرشتن ڪي اهڙا اهڙا منظر ڏسڻ ۾ آيا، جن هنن جون دليون سُسائي ٿي ڇڏيون، سڏڪا ۽ شوڪارا پرينديءَ ٿي لنگهيا. هنن سڄي سنڌ گهمي ڏٺي، جتي جتي ٻوڏ آئي هئي، اتي اهڙا ڀيانڪ منظر ٿي ڏٺائون، هر هنڌ ڪاريءَ وارا ڪڪ هئا. زمين ويران ۽ پڙيانگ. پاڻيءَ ڪي ٿي ڏوراپا ڏنا. ڳوٺ ۽ شهر ڪنهن جنگ جي بمباريءَ جو منظر ٻڌجي ويا هئا. انسان اهو سڀ ڪجهه ڏسندي اڌ چريا ٿي پيا هئا ۽ مٿي نهاري الله کي دانهن ڏيندا نظر آيا، هنن کي پنهنجي ٻچن جا لاش ڏسي، پاڻ سان قدرت جي ويساهه گهاتيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪارڻ ٻه نظر نٿي آيو. جڏهن فرشتن جي دل تي ڦاٽي، هي ته ويچارا انسان هئا! هو ميار ڏين ٻه ته ڪنهن کي!

عزرائيل ڪجهه سامت ۾ آيو تڏهن اسرافيل کي چيائين ته مون کي اهي روح ڳڻڻا ۽ شمار ڪرڻا آهن، جن جو موت لوح محفوظ تي لکيل ڪونهي. هاڻ هيئن ٿا ڪريون ته سڀ قبرستان گهمي ٿا ڏسون، اتي تازين قبرن منجهان روح شمار ڪرڻ سولو ٿيندو.

جڏهن سمورا قبرستان ڏسي ورتائون، تڏهن آخري قبرستان جي ٻاهر هڪڙيءَ قبر تي هڪڙي ننڍڙي ٻارڙي ڀاڪر پائي سُتي پئي هئي. ڪنيڙاتين جي آواز تي جاڳي پئي.

عزرائيل پڇيل 'بابلي. نالو ڇا اٿئي'؟

نينگريءَ ڪنپڙاٽيون پهريل فرشتا ڏسي حيران ٿي وئي. آهستي چيائين "سنڌو".

پُٽَ هيءَ قبر ڪنهن جي آهي؟

"منهنجي مارن جي!" هن مختصر جواب ڏنو.

هن ۾ ڪير پوريل آهن ۽ اوهان ڪير آهيون؟

اسين بيڙياتا آهيون. هن قبر ۾ منهنجو ابو، منهنجي امان، منهنجون پينر ۽ ڀائر آهن. درياهه هنن کي ٻوڙي ڇڏيو. رڳو آءٌ بچي ويس. مان هر هڪ لاش کي ريڙهي، هن بند تي آندو ۽ پوءِ سيني کي سڏو سمهاري. لپن ۾ گپ ۽ گارو کڻي هنن جي مٿان وڌو ۽ صبح کان شام تائين قبر ٺهي وئي! پر اوهين ڪير آهيو؟

"اسين ٽئي الله جا فرشتا آهيون!" اسرافيل پاڀوهه مان چيو.

"پوءِ توهان کي ته خبر هوندي ته هن ڪاري قيامت ڪانپوءِ وڏي قيامت ڪڏهن ايندي؟" نينگريءَ نهايت معصوميت مان سوال ڪيو.

"اسان کي به خبر ڪانهي، پر تون قيامت جو ڇو پئي پڇين؟" عزرائيل سوال ڪيو.

گهڙي پل لاءِ نينگري ماٺ ٿي وئي، پوءِ هڪ وڏو ساهه کڻي چيائين: "جيئن پتائيءَ به چيو هو، "درياهه تو تي دانهن ڏيندس ڏينهن قيام جي" تيئن آءٌ به قيامت ڏينهن درياهه تي دانهن ڏيندس."

ٽئي فرشتا جڻ بُت بڻجي ويا. هنن کي پنهنجي ڪنپڙاٽين ۾ باهه جو تئُ محسوس ٿيو ۽ وني اڏاڻا.

ستين عرش تي پهچي، اسرافيل، عزرائيل کي چيو ته عزرائيل تون ته روحن جو ڳاٽيتو ۽ حساب ٻڌائي آ جو ٿي ويندين. پر جڏهن منهنجو وارو آيو تڏهن مون کي اها ڳڻتي ورائي وئي آهي ته منهنجو بيان ٻڌي، مون جيڪي ڏنو آهي، ان جو ذڪر ٻڌي الله سائين لڙڪ نه لاڙي وجهي!

(ڇپيل: عوامي آواز، 17 سيپٽمبر 2010ع)




سراج، قمر الزمان شاھ ۽ مسٽر وفائيءَ



سراج، ممتاز ڀُٽي سان گڏ



سراج غلام مصطفيٰ جتوئيءَ سان گڏ



سراج پنهنجي گهرواريءَ ۽ ٽن پٽن ارشد، نويد ۽ امجد سان پنهنجي لائبريريءَ ۾



سراج الحق، پوٽن ۽ پوٽين: همير، پرهه، هير، ميرا ۽ سارنگ سان گڏ



سراج، ڊاڪٽر فهميده حسين سان گڏ



سراج پنهنجن ٽن پٽن ارشد، نويد ۽ امجد سان گڏ

آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ سراج جي ياد ۾ ٿيل ادبي ريفرنس (10 فيبروري 2013ع)






از حيدرآباد سنڌ
٢ آگسٽ ٤٧ع

سائين بزرگ

خدمت جناب وزير سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ

تسليم - مزاج گرامي ؟

گذارش ته ڪجهه ڏينهن اڳ اخبارن ذريعي اوهان سنڌ جي اديبن کي سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي مختلف شعبن لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ انگريزي ۽ اردو زبان جي ڪتابن جي سنڌي ۾ ترجمي لاءِ آءٌ پنهنجون خدمتون پيش ڪريان ٿو.

ادب سان منهنجو ڪافي وقت کان تعلق ۽ وابستگي رهي آهي. سنڌي ادب جي مطالعي سان گڏ وقت انگريزي ۽ اردو ڪتاب به ڪافي اندازي ۾ پڙهيا اٿم. ترجمي جي ڪم جو مونکي ڪافي [illegible] آهي. [illegible] انسانيت جهڙا [illegible] ڪافي وقت ترجمي جو ڪم ڪيو آهي. [illegible] منهنجو ترجمو [illegible] جيڪو آهي سو منهنجي مطالعي [illegible] تهذيب ۽ تمدن [illegible] ادب جا [illegible] موضوع [illegible] انگريزي ۽ اردو [illegible]

ترجمي لاءِ ڏنا ويندا آءٌ اوهان کي لکي ڏيندس ته آءٌ [illegible] جي تعميل ڪري ڏيندس.

اميد ته منهنجي گذارش کي قبول ڪري شڪرگذار ٿيڻ جو موقعو عنايت ڪندا.

فقط

[illegible]

[illegible]

ائڊريس - [illegible] سنڌي ادبي بورڊ [illegible]
[illegible] حيدرآباد

# 3

# شاعري

ذهن ۾ اُڀريا چنڊ ستارا ـ

ماڪ پري ڪا مُڪڙي،

جڙ تہ ڪِلي ڪُو مائي!

تنهنجي ياد جو آئي!

# پريم پارڪ ۾...!

(آزاد نظم)

رات، آءُ سوچيندو رهيس، ڇُپ چاپ،
- ڪيڏي عظمت آ چنڊ تارن ۾!
دل چيو تہ پَر لڳائي اُڏامجي،
نيلگون آسمانَ جي اڱڻ ۾،
چنڊ تارن سان گڏجي رقص ڪجي!
راتِ جي دلنواز دوشيزه،
جڏهن سنواري دراز زلفن کي:
- مان، سحر جي شعاع نُور سان گڏجي،
گُل جي سيني ۾ جذب ٿي وڃان!
۽ پنهنجي ذِي حيات خوشبوءِ سان،
حسنِ تخليق کي بخشيان اهڙي سُڳنڌ،
جا منهنجي معصوم لُڙڪن سان واسجي،
ڪائنات جي عظيم وسعتن ۾،
زندگيءَ جي اُداس ويرانين کي،
- ڪا نئين حيات بخشي...!
- ۽ جيڪڏهن،
"هوءَ"، ڪٿي نظر جي سامهون،

رقص ڪندي ۽ مُرڪندي اچي،
- هُن جي نرم ۽ گداز سيني ۾،
دائمي خوابُ بنجي سُمهي رهان!
پر هن ڪارِگاهہ هستيءَ ۾،
ايڏي فُرصت ڪٿي، جو ڪو ڏسي سگهي،
- پنهنجي خُوابن جو هيءَ حسين تعبير!
ڪاري رات ۽ پريم پارڪ ۾،
آءٌ زندگيءَ جي ساز تي نغمہ گُو
خاموشين جي سيني ۾ جذب ٿي،
سوچيندو رهيس، چُپ چاپ -
اڄ بہ پيرن ۾ آهي اُها ئي زنجير،
اُهي ئي پابنديون، اُهو ئي دستور،
- چند جابر - ۽ هزارها مجبور.....!!

(سماهي مهراڻ، بهار- 1955ع)

# ”ڪراچي“

ـ اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار، اي رُوح وطن،
تنهنجي ’ماضي‘ کي سلام!
تنهنجي ماضيءَ ـ منهنجي ماضيءَ ـ کي سلام!
ها، اُهو ماضي جو بيحد روشن و تابان هيو ـ
جنهن ۾ روشن ها اُميدن جا چراغ،
آرزوئن جا هزارين چنڊ اُڀريا ۽ اُميدن جا ستارا جاڳيا،
اَمن و آزاديءَ سندي آڪاش تي!
ڪلپنائن ۽ اُمنگن جي ٿڌيءَ چانڊاڻ ۾،
هلڪي هلڪيءَ جوتِ جي مانڊاڻ ۾،
منڙا منڙا گيت ٿي مُرڪيا هتي ـ
جڻڪ هي ڪو ديسُ ئي گيتن جو هو،
گيتن ۽ نغمن جو ديس!
گيت اهڙا جن ۾ هو
ڪنهن سهاڳڻ سُندريءَ جي نرگسي نيڻن جو ڪيف ـ
ڇلڪندڙ آبِ حيات!
ـ اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
اي ستارن جي زمين، اي اَپسرائن جا وطن،
تنهنجي مٽيءَ جي مٿان
اڄ بہ آهن چمڪندڙ ماضيءَ جا نقش:
تنهنجي مِٽيءَ مان اچي ٿي جا سُڳنڌ،
سا ٻڌائي ٿي هزارين داستان:
اڄ بہ تنهنجون ’بلڊنگون‘ ٿيون ساک ڏين،
اڄ بہ تنهنجا ’گُلڪدا‘ ٿا ڏڪندي چون:

(جن جي بنيادن تي بيٺل هي ’تجارت گاھ‘ تا
ڪوڪلي تهذيب جي ڇُغلي هٽن!)
سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت تون هُئينءَ،
تون هئينءَ سنڌ جي تهذيب جو سُورج مکي:
جڻ هئينءَ تون ’شاھ‘ جي هڪ سورمي!
مذهبي ويڇن کان دور،
تو ۾ هو جڻ امنِ عالم جو مثال-
زندگِيءَ جي عزم جي تابندگي،
آدميت جو سُهاڳ!
- اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
اڳ بہ تون سوداگرن جو شهر هُئينءَ،
اڄ بہ تون سوداگرن جو آن وطن-
پر ٻنهي ’سوداگرن‘ ۾ فرق آھ!
اڳ جا سوداگر ڪندا ها صرف هڪ سوداگري-
سِرُ ڏئي پنهنجي وطن کي ’غير‘ کان ڳنهندا هئا:
اڄ جا سوداگر تہ پيا نيلام ڪن پنهنجو وطن،
’ڪَٽڪَ جي مُٽِ‘ تي وِڪامي ٿو ’بهشت‘!
- اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
تنهنجو هي ماحول ڏس ڪيڏو نہ آهي اجنبي!
تنهنجو ساگر ڪيترو مايوسُ آھ!
هر گهٽيءَ ۾ لُٽجي پيو ٿو آدميّت جو سُهاڳ-
سون چانديءَ جي سجايل ’جانڊهن‘ ۾،
اندران ئي اندران ڏِس زندگيءَ پسجي پئي؛
آبرو لُٽجي پئي،
امن و آزاديءَ سندي ظاهر ظهور!
’غير‘ ڏس ڪيڏو نہ آهي سر بلند،
ڪيترو مضبوط آ هِت سامراج!

ـ اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
تنهنجي رنگينيءَ جي پردي ۾ لڪل
ڏسجي ٿو ڪو انقلاب!
وقت جون واڳون ورڻ لاءِ بيقرار!
تنهنجي رستن مان اچي ٿي سرمدي رَت جي پُڪارـ
گلشنن جا گل ٿا ڏسجن خُونچڪان،
تنهنجي خاموشين ۾ شايد ٿو هُري سُڏڪن جو سازا
ڪيستائين رهندو آخر هي فريب:
مدتن کان آ زمانو منتظر،
ڪَر ٿو موڙي هت نئون ڪو دَور ڏس ـ
ڏس تہ ڏورانهين اُفق تي پِرهہ آ جاڳڻ لڳي،
چاڪ ٿيندو ظلمتن جو پردهء تاريڪ تر،
هر طرف روشن 'حقيقت' پهڪندي،
سر بلند ٿيندو وري هت لوڪ راج،
سر نوائي نيٺ پڇندو سامراج!
هڪ ٿي وبنديءَ سنڌڙيءَ سان اي ڪراچي نيٺ تون،
روح پنهنجي جسم سان ملندو وري!
اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار اي روح وطن،
اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن!

(سماهي مهراڻ، 3 ـ 1956ع)

4

# مهان ڏات ڏٽي

# سنڌ جا ارڏا سراج

سنڌ جا ارڏا سراج!
تون اسان لئه لاٽ آهين:
لاٽ، جنهن ۾ زندگي آ،
عشق جي ڪا بندگي آ،
بندگيءَ ۾ سرڪشي آ،
هر غلاميءَ جي ڏمر سان،
ويڙهه آهي لازوال!
پُرجلال!
جنهن ۾ ايري ٿوا چي،
سنڌ جو سارو جمال!
تون صدين جو ڪو پڙاڏو
ويڙهه جي ڪا گونج آهين،
ڪونج آهين،
جا اڏارون ٿي پري،
آزادگيءَ جي آسمان ڏي:
جنهن ۾ ڪي اجرا تخيل،
چنڊ تارن جئن ٻري،
نڪتن نظارن جئن ٻري،
ٿي پِون تو لاءِ ٿا،
دلربا دلڪش خراج!
سنڌ جا ارڏا سراج!

**- نواز خان زونئر**

# سراج ۽ سنڌي ٻولي

## محمد ابراهيم جويو

... جڏهن ڪا قوم پنهنجي شخصيت کان باخبر ٿيندي آهي، تڏهن اُن جو پهريون ڌيان پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ويندو آهي. اسان جي عزيز دوست، محترم سراج صاحب جو ڪتاب **"سنڌي ٻولي"** اُن نوع جي هڪ اهم ڪوشش آهي. لائق مصنف هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ تي پنهنجو مطالعو پيش ڪيو آهي، جنهن مان هن جي جذبي ۽ هن جي محنت جو اندازو پڙهندڙ پاڻ لڳائي سگهندا. سنڌي ٻوليءَ بابت ڪن عام ۽ ڪن خاص راين کي هن ڪتاب ۾ رد ڪيو ويو آهي، ۽ اُن بابت هڪ نئون نظريو پيش ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ لاءِ اجا به ائين چوڻ ته اُها يارهين يا ٻارهين عيسوي صديءَ ڌاري پيدا ٿي، جديد ٻولي وگيان جي روشنيءَ ۾ هڪ نهايت ڪسي ۽ بي بنياد راءِ چئي سگهجي ٿي. عربيءَ جو سنڌيءَ تي اثر پڻ صرف هن حد تائين مڃي سگهي ٿو ته ٻنهي ٻولين هڪ ٻئي کان اُڌارا لفظ ورتا آهن- سنڌيءَ وڌيڪ ۽ عربيءَ گهٽ. ۽ اها صورتحال ٻولين جي سهل پسنديءَ جي اصول مطابق عين ممڪن به آهي ۽ اٽل پڻ. ان کان وڌيڪ هيءَ چوڻ ته سنڌيءَ ڪي حرف علت (vowels) (سي به اکري صورت ۾ نه، پر آوازي صورت ۾!) عربيءَ کان مليا، يا عربي صرف نحو جا قاعدا سنڌيءَ قبوليا، وغيره اهڙو آهي، جو اُن لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ بَنڪ (Bunk) آهي، سو ئي ڪم آڻجي ته سُونهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ قائم ڪيل اهڙن هترادو مفروضن کي سراج صاحب پختن دليلن سان رد ڪيو آهي.

لائق مصنف هن ڳالهه جي مڃڻ کان بہ انڪاري آهي تہ سنڌي ڪا سنسڪرت جائي آهي. اُن باري ۾ سندس راءِ هيءَ آهي تہ (هاڻوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت (۽ ٻيون اڪثر هند۔ پاڪستاني ٻوليون) سيئي ڪنهن هڪڙي ساڳيءَ آڳاٽيءَ (اوائلي) ٻوليءَ مان نڪتل آهن، جنهن کي پڻ هو 'سنڌي' سڏي ٿو، پر جنهن لاءِ هو شايد 'پروٽو۔ سنڌي' يا 'پروٽو۔ اِنڊڪ' (يا 'پروٽو هند۔ يورپي') لفظ استعمال ڪرڻ وڌيڪ موزون سمجهندو. اُن آڳاٽيءَ ٻوليءَ متعلق سندس راءِ آهي تہ اُها اصل هتي سنڌو ماٿريءَ ۾ ئي پيدا ٿي، ۽ سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو ئي پوءِ اُن کي هند۔ پاڪستان جي ٻين حصن ۽ ان کان ٻاهر ٻين ملڪن ڏانهن پاڻ سان کڻي ويا، جتي اُها ماحول جي تبديليءَ ۽ نين ضرورتن سبب الڳ الڳ ٻولين جي صورت اختيار ڪري ويئي. بلڪل اهڙيءَ ريت، جيئن ڪجهہ پوءِ واريءَ منزل تي رومن لوڪن جي لئٽن ٻوليءَ مان، اڳتي هلي، خود اُن ملڪ جي اٽالين ٻولي ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جون ٻوليون ڦٽي نڪتيون، جن کي 'رومانس ٽولي جون ٻوليون' چيو وڃي ٿو. لائق مصنف اُن آڳاٽي ٻوليءَ جا تحريري نشان، موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي مهرن ۾ موجود سمجهندي، اُنهن مهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي اهي، ۽ جيڪي پڙهڻيون هو قائم ڪري سگهيو آهي، تن مان هو اِهو نتيجو ٿو ڪڍي تہ اَسان جي (هاڻوڪي) سنڌي ٻولي سڏيءَ طرح اُن آڳاٽيءَ ٻوليءَ جي اُسريل ۽ ترقي يافتہ صورت آهي. پنهنجي ٻوليءَ جو ايڏو قديم ۽ ايڏو عظيم اصل معلوم ڪري، هر سنڌيءَ کي خوشي ٿيندي ۽ ان تي اسان مان هر ڪو بجا طور فخر محسوس ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ سنڌيءَ جي عظمت ۽ شان کان الڳ اسان جي ڪا عظمت، اسان جو شان ڪونہ آهي.

("سنڌي ٻولي" (١٧٦١ع) ڪتاب جي پيش لفظ تان کنيل)

# دورِ جديد جو بهترين افسانہ نگار: سراج

شيخ اياز

دورِ جديد، مشرقي تهذيب ۾ مغربي تهذيب جو پيوند هئي، اُسري رهيو آهي. پنهنجي انفراديت جي شعور جي باوجود، اسين بين الاقوامي تاثرات کان مُنهن موڙي نہ ٿا سگهون. تعليم يافتہ طبقي جو فڪري ۽ جذباتي ردعمل اسان جي تغير پذير سماج جو آئينو آهي. اُن ڪري برصغير جي هر زبان جي ادب ۾ اهڙا رُجحان ملن ٿا، جي سراج جي زياده تر افسانن جو نظريو ۽ پسمنظر آهن.

پر سراج، فقط پنهنجي دور جي ادب جو نمائيندو نہ آهي، هن جي تحرير ۾ زندگيءَ جي معاشرتي پهلوءَ ۽ اُن جي مسئلن، ۽ مذهب ۽ اخلاق جي دقيانوسي تخيل جو بيباڪانہ تجزيو ۽ اُن تي گهري طنز، واقعي قابل داد آهي. پر هن جي افسانن ۾ هيٺئين ۽ وچولي طبقي جي زندگيءَ جي عڪاسي نہ آهي، نقاشي آهي. هن جي نگارش ۾ نہ فقط زندگيءَ جي معاشرتي ۽ نفسياتي پهلوءَ جي هم آهنگي آهي، پر ان کي هن جي فن هڪ مخصوص رنگ روپ ڏنو آهي، جو هن جي تخليق جي انفراديت جو ثبوت ڏئي ٿو. 'چنڊ گرهڻ'، 'ٻهڻي'، 'اوندهہ جو وڻ' هن جا ادبي شهپارا آهن، جن ۾ افساني جي باڪمال ادائگي، مرڪزي خيال جي نُدرت، پسمنظر جي حقيقت آميزي، زبان جي شيريني ۽ الفاظ جي دلڪش تراش خراش، هن کي دور جديد جي بهترين افسانہ نگارن جي صف ۾ شامل ڪري ٿي.

سراج، سنڌ جو باشعور اديب آهي، جنهن جي تحرير ۾ ڪافي فني ۽ فڪري صلاحيتون آهن. هن جي حقيقت پسند، رومانيت آميز طبعيت پنهنجي منزل جي تلاش ۾ آهي. مون کي يقين آهي تہ هن جي مستقل

جستجو پنهنجي منزل ڳولهي لهندي ۽ ڪنهن وقت هو نہ فقط سنڌ جو پر برصغير جو منفرد اديب تسليم ڪيو ويندو.

• • • •

▢ اڄ جيلر پنج ڪارڊ آڻي ڏنا... هڪ ڪارڊ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور عالم سراج جو آهي، جنهن ڪارڊ تي 'پيارا اياز نئون سال مبارڪ' لکيو آهي. سراج نہ فقط شاعر ۽ اديب آهي، پر علم اللسان جو ماهر بہ آهي. هن سان جيڪا بہ منهنجي شام گذري آهي، سجائي گذري آهي.

• • • •

▢ تاجل ۽ فقير محمد گڏجي آيا... هو ۽ تاجل ادبي سنگت جي ميڙ ۾ وچي رهيا هئا، جتي سراج جي ناول 'مرڻ مون سين آءُ' (جو هن جي پهرئين ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' جو ٻيو ڀاڱو آهي) تي ورڪشاپ هو. هن مون کان پڇيو تہ ڇا مان هنن سان هلڻ چاهيندس! مون ٿورو سوچي هن کي چيو تہ "ادبي سنگت بہ منهنجي آهي، سراج بہ منهنجو، هلڻ ڇو نہ چاهيندس!" پوءِ اسان گڏجي تاجل جي ڪار ۾ رمپا پلازا پهتاسين، جتي هڪ ڪمري ۾ اڳ ئي ورڪشاپ هلي رهيو هو. نقاش اسٽيج تي ڪمپيئرنگ ڪري رهيو هو ۽ مون کي ڏسي ڪجھ حيرت ۾ اچي ويو ۽ پوءِ خوشيءَ جو اظهار ڪندي سيني کي چيائين تہ "اياز صاحب آيو آهي." ۽ منهنجا ڪجھ شعر پڙهيائين...... صدارتَ ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل غلام حسين رنگريزَ تي ڪئي، جنهن جي مشهور ڪتاب جو سِرو "سرمد ڇا ٿو سوچي"، منهنجي هڪ نظم تان ورتل آهي... ورڪشاپ ۾ تاجل بيوس ۽ فقير محمد لاشاريءَ بہ حصو ورتو. ڪتاب (ناول) تي خاص اعتراض اهو هو تہ ناول ۾ آيل واقعا، عام زندگيءَ ۾ نہ ٿيندا آهن ۽ بعيد از قياس آهن. مون سراج کي چيو تہ "سماج ۾ بعيد از قياس واقعا بہ ٿيندا آهن ۽ ماڻهو ڪنهن وقت اچرج ۾ ايندو آهي تہ اُهي ڪيئن ٿيا!" ڪنهن ٿي

* سراج جي ڪهاڻي۔ ڪتاب 'اي درد هلي آءُ' جو پيش لفظ، 1962ع

** 05 ڊسمبر 1968ع۔ 'ساهيوال جيل جي ڊائري'، ص 223، 1986ع

جاتو تہ سکر جيل تي ٻاهران حملو ٿيندو ۽ ڪجهہ سپاهي زخمي ڪري ۽ ماري، ايڏي اوچي جيل جي پٽ ٽپي سٺ قيدي، جن ۾ ڪيترا ڦاسي گهاٽ ۾ هئا، ڀڄي ويندا. جيئن ويجهڙائيءَ ۾ ٿيو هو جڏهن غوث علي شاهہ سنڌ جو چيف منسٽر هو! انهن قيدين مان هڪڙو وري گرفتار ٿيو هو، جنهن جي ڦاسيءَ جي سزا جي خلاف مون هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن اڳيئي داخل ڪئي هئي...... جڏهن مون جيل مان فرار جي تفصيلي حقيقت معلوم ڪئي، تڏهن مون کي شڪاگو جي جيل ۽ آمريڪا جي ٻين جيلن مان قيدين جي ڀڄڻ تي ٺهيل فلمون ياد اچي ويون، جي بہ ايترو بعيد از قياس لڳنديون آهن، جيترو سراج جي ناول ۾ آيل واقعا.

ورڪشاپ کان پوءِ سراج، مون کي ۽ تاجل بيوس کي پنهنجي بنگلي تي وٺي هليو، جو ڪلفٽن ۾ هڪ پُرفضا جاءِ تي آهي. بنگلي ۾ خوبصورت لان آهي، پر بارش جي ڪري اسان اندر ويناسين. مون سراج کي چيو تہ: "اهو اسان جو وڏو نہ آهي تہ وڪالت ڪندي مري وڃون. اسان اُن کان بهتر ڪم لاءِ پيدا ٿيا آهيون. ائين نہ ٿئي تہ موت اوچتو مٿان اچي بيهي ۽ دل جي دل ۾ رهجي وڃي. اڃا اسان کي گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي. دراصل مان پنهنجو نئون ڪتاب ٻيهر نہ پڙهندو آهيان، جيستائين اُهو ڇپبو نہ آهي، مون کي هُرکُر هوندي آهي تہ اهو ڪڏهن ٿو ڇپجي. پر هڪ ڀيرو ڇپجي ويندو تہ مان اُن کي اک کڻي بہ نہ ڏسندو آهيان ۽ ائين سوچيندو آهيان تہ مون کي اڃا لکڻ جي شروعات ڪرڻي آهي، اڃا ٻيو ڪجهہ لکڻو آهي، جو اڳي کان وڌيڪ پائيدار هوندو، جو اُن کي ڏسي مان حافظ وانگر چئي سگهندس:

ثبت است بر جريدهء عالمِ دوام ما!

ٻيو تہ اسين ٻنهيءَ پيرڻ لاءِ تہ نہ ٿا وڙهون، جيئڻ جي حق لاءِ ٿا وڙهون، ۽ بهتر ٿيندو تہ سارو ڏيان اُن ويڙهہ تي ڏيون. آخر سونُ بہ تہ هڪ بورجوا ڏاتو ئي آهي!"

بہ ٽي ڏينهن پوءِ مون کي ڪنهن چيو تہ سراج سنجيدگيءَ سان سوچي رهيو آهي تہ هُو وڪالت ڇڏي، سارو وقت لکڻ پڙهڻ تي توجهہ ڏئي. هو منهنجي ذهين ترين دوستن مان آهي. اڳي مون سان عوامي ليگ ۾ گڏ هو ۽

مون سان گڏجي سنڌ عوامي ليگ لاءِ مئنيفسٽو لکيو هئائين ۽ هينئر سروينٽس آف سنڌ سوسائٽي (Servants of Sindh Society) جو محمد ابراهيم جويي سان گڏ سرگرم ڪارڪن آهي، جنهن جو چيئرمئن سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه آهي. ڳالهيون ڪندي سراج چيو ته هو شاهه لطيف ۽ منهنجي شعر کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ٿو چاهي ۽ ترجمي ۾ مدد لاءِ هن آمريڪي بڪ اسٽور تان Thesaurus به ورتو آهي، جو هن کي ترجمي ۾ مدد ڏئي سگهندو. مون هن کي ٻڌايو ته مون کي روسيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيا آهن، پر هنن وٽ سنڌيءَ جا ماهر اهڙا نه آهن، جي منهنجي اصل جو ڪامياب ترجمو ڪري سگهن، ۽ اُن ڪري مون هنن کي به سؤ صفحا اردوءَ ۾ پنهنجي شاعريءَ جو منظوم ترجمو موڪليو آهي. پر جي تون جلدي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرين هنن کي ڏين ته بهتر ٿيندو. چو ته 'حلقہ ميري زنجير کا' جي اشاعت کان پوءِ مون ڪيترائي شعر جا ڪتاب تيزيءَ سان لکيا آهن، جن مان ڪنهن به شعر يا نظم جو ترجمو نه ٿيو آهي. سراج سان مون پنهنجي نثري نظمن تي گفتگو ٿي ڪئي ته مون هن کي ٻڌايو ته ٽئگور به آخري دور ۾ پنهنجن ڪتابن 'پرانتڪ' (Lasting To The End Of Life)، 'سنجوتي' (سنجها ڏيئو) ۽ 'آڪاش پرديپ' (اُڀ جو اُهاءُ) ۾ نثري نظم (Prose Poems) لکيا هئا، پر تن کان پوءِ هو وري منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽي آيو هو. نثري نظم ۾ هُو اُهي بلنديون ڇُهي نه سگهيو هو، جن جي هن کي تمنا هئي، پر پوءِ به انهن کي پنهنجي مهانتا هئي ۽ ڪوبه نه چوندو ته اُهي اجايا هئا. توڙي هن پاڻ نثري نظم لکڻ ڇڏي ڏنا، پر پوري ڀارت جي شاعريءَ ۾ نثري نظمن جي روايت قائم ٿي وئي.*

• • • •

☐ رات جو مان، سراج ۽ تاجل کي 'اڪن نيرا ڦليا' اشعري مجموعي) جا سياسي پسمنظر وارا بيت ڏهين بجي رات تائين پڙهي ٻڌايا، چو ته سراج جي اُنهن ۾ گهڻي دلچسپي هئي. ٻنهي جو رايو هو ته بيت بي مثال آهن، ۽ اڳ ۾ اهڙا نه لکيا ويا آهن. هڪ بيت تي سراج ڇرڪ ڀري 'واه واه' ڪئي ۽ اُهو هو:

---

* 'ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون'، ص 42_45.

هٿ بہ اسرائيل جئن، رهندو نہ رڻ پٽ،
جڏهن لاٿو ڳٽُ، سڀ ڪجهہ هوندو سُٽرو.

تاجل خود بيت ۾ وائيءَ جو شاعر آهي ۽ هن جهڙين وايون ۽ بيت هن جي ڪنهن بہ هم عمر يا هن کان گهٽ عمر شاعر نہ لکيا آهن. هو نهايت لڳن سان لکندو رهي ٿو ۽ انهن شاعرن وانگر نہ آهي، جي ويهہ پنجويهہ سال اڳ ايڪڙ ٻيڪڙ سٽ لکي، ان جي آڙ ۾ تڳندا ٿا وتن. ابراهيم. سراج ۽ تاجل جو 'اڪن نيرا قليا' جي باري ۾ رايو ڪافي هو..**

••••

▢ زندگي بہ عجيب شيءِ آهي. ڪهڙا ڪهڙا واقعا انسان جي زندگيءَ ۾ اچن ٿا! هڪ ٻيري مان ايم.پي.اي هاسٽل ڪراچيءَ ۾ رهيل هوس ۽ غير معمولي طور دير سان اُٿي، 9 بجي ڌاري ٻي رهيو هوس تہ سراج جو فون آيو: "اياز! مان سراج ٿو ڳالهايان. تو ريڊيو ٻڌو؟" سراج پُڇيو.

"نہ" مون جواب ڏنو. "شيخ مجيب کي فوجين گولين هڻي ماري وڌو!" سراج چيو. منهنجو هٿ لُڏيو ۽ ڪوپ ڌرتيءَ تي ڪري، ڇيهون ٿي ويو. مان زندگيءَ ۾ پهريون ۽ پويون ڀيرو جنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هوس، اُها هئي شيخ مجيب جي عوامي ليگ. جنهن جي آءٌ مرڪزي ڪميٽيءَ تي هوس.....*

••••

▢ سراج منهنجي نهايت ذهين دوستن مان رهيو آهي ۽ جڏهن 'هلال پاڪستان' جو ايڊيٽر هو تہ هو هڪ ڪامياب صحافي هو ۽ هن جي تحرير کي پنهنجي انفراديت هئي. (هو بيوروڪريٽ بہ ڪامياب هو ۽ هن وقت انڪم ٽيڪس جو برک وڪيل آهي.)

مان وائيس چانسلر هوس، تڏهن جمال ابڙو يونيورسٽي سينڊيڪيٽ جو ميمبر هو... سراج ۽ نثار ميمڻ بہ سينڊيڪيٽ جا ميمبر هئا.**

---

** ايضاً، ص 62

* ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون- ص 97-98، فيبروري 1989ع

** ڪٿي تہ پيچبو ٽڪ مسافر- ص 16، 1995ع

# سَنها پانءِ مَ سپ...

جمال ابڙو

سنڌ جي تاريخ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو دور، اونداهو ۽ بربريت جو دور هو، حالانڪ هو مسلمان هئا. هنن بہ اسلام جو حربو استعمال ڪيو هو. جڏهن سنڌ تي سنڌ جي ماڻهن جي حڪومت هئي، تڏهن ارغونن طرفان ٻهريائين مذهبي عالم تبليغ خاطر روانا ڪيا ويا. جن اهو نعرو ڏنو تہ مسلمان سپ پائر آهن: ڪوبہ قنڌاري ۽ سنڌي نہ آهي. نہ جغرافيائي حدود، ملت اسلاميہ لاءِ هاجيڪار آهن. نتي ۾ تبليغ ڪري، ڏقيڙ وجهي، ٻيڙا پرائي، اُتر طرف ساڱئي مقصد لاءِ روانا ٿيا. تنهن وقت بہ ڪلجڳ جا ڪاپڙي ٻيا هئا. خدا ڀلو ڪري سَن جي محترم جي.ايم.سيد (جنهن کي جابلو ماڻهو 'جيئيم سائين' ڪري چون ٿا) جي جد امجد، سائين حيدر شاهہ سنائيءَ جو جنهن ارغون عالمن جا ٻيڙا ساڙائي، فتني کي ٻنجو ڏنو. بهرحال نفاق جو ٻج ڇنجي چڪو هو. سمن شڪست کاڌي، ۽ ارغون ڪڙڪي ٻيا. دولهہ دريا خان (جنهن هڪ ڀيرو اڳ کين اهڙي شڪست ڏني هئي، جو تاريخ ۾ اچا پئي ڳائجي) سنڌين کي منظم ڪندي، وڙهندي ماريندي شهيد ٿي ويو. سندس پُٽن تحريڪ اڳتي وڌائي، ۽ سر ڏيئي سرها ٿيا. سنڌ جو چپو چپو اٿي ڪڙو ٿيو. هن ڪشمڪش جي دور سنڌ جو هڪ عظيم ۽ لاثاني سورهيہ سپوت پيدا ڪيو جو گهاڻي ۾ پيڙجي پيسجي قيمو ٿي ويو پر حب الوطنيءَ جو جهنڊو پوين پساهن تائين بلند رکندو آيو. اڄ بہ سندس مزار تي هر جمعي تي هزارين سنڌي حاضري ڀرين ٿا. هي سچو سورهيہ 'مخدوم بلاول' جي نالي سان، ڦلجيءَ اسٽيشن جي ويجهو (ضلعي دادوءَ ۾) مدفون آهي. کيس 'سنڌ سان محبت' جي پاداش ۾، گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو ويو. هو مذهبي رهنما هو ۽ سنڌ جي نالي ۾ بغاوت جو عَلم بلند ڪيائين.

پڪو مسلمان هوندي، نوابشاهه (موجوده) جي هندن کي خط لکي مدد گهريائين تہ ”هي سنڌ جو سوال آهي، جنهن سان مذهبي جو واسطو نہ آهي.“ ارغونن سان ٽڪر کاڌائين، ۽ گرفتار ٿيو. کيس مارڻ، ارغونن لاءِ اهڙو ئي مسئلو هو جهڙو سنڌس جيئڻ. کيس معافي گهرڻ جي آڇ ڪئي وئي، جا هن مڙد مجاهد ريٽي، موت کي جيئڻ تي ترجيح ڏني، جيئڻ آگ ڏکندي ڏڳندي رهي. ارغونن لاءِ هي وڏو مسئلو هو جو وري بہ مذهب جي آڙ ۾ حل ٿي ويو. قرآن شريف جا ورق جُتيءَ جي تري ۾ سِبرائي، جُتي کيس سوکڙيءَ طور ڏني ويئي. بعد ۾ کيس گرفتار ڪرائي، جتي کولارائي، فتويٰ ورتي ويئي. قرآن جي بيحرمتيءَ جي جُرم ۾ کيس جيئرو پيڙايو ويو! عبرت جو مقام آهي، بيحرمتي ڪنهن ڪئي، ۽ پيڙايو ڪنهن کي ويو؟ مذهب ڪنهن جي ڍال بنيو؟

سراجَ، انهن سيني مسئلن کي، ننڍي ناول **’پڙاڏو سوئي سڏ‘** دوران، سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌس سمجهو ۽ دور رس نگاهہ، ماضي، حال ۽ مستقبل کي يڪجاءِ ڪري، تاريخي پسمنظر ۾، حقائق کي بي نقاب ڪيو آهي. سنڌس تڙپندڙ دل، ماضيءَ جون رت۔ اڏيون، حال جون ڪاوشون ۽ مستقبل جون اميدون ۽ خدشا کنيو ڏاڍي نهٺائيءَ ۽ نماڻائيءَ سان دوائون ۽ دعائون جهليو بيٺي آهي. سنڌس قلم ۾ قرب آهي، مشورو آهي ۽ انتباهہ، سنڌس اٿاهہ قرب اُتل ڪائي، مصلحتن جا ٻنا اورانگهي، لوڪ لڇا لاهي، ٻاڙ ٻُوهي ۾ ڏيئي، سچ۔ ڪٺا پلئہ پائي، سٿن پيو ڏئي. اُها سٿن، جا تاريخ جي دور ۾، هر سورهيہ وَر وَر ڪري ورجائي آهي: تنظيم، تربيت، مسلسل جدوجهد، سچائي ۽ اخلاص سان گڏوگڏ، مرڪزيت، صحيح فيصلا، حڪم جي پابندي ۽ ٻاڙ تي ضابطو ورنہ ’سنگهار‘ جي انفراديت، جذباتيت ۽ هوڙهيائي، باوجود دليريءَ ۽ سچائيءَ جي، نورُ وڃائيندي ۽ ’دادن‘ جي سياست زنجيرن ۾ جڪڙائيندي، هت صرف ’سوڍا‘ ڪپن، جي ٻاڙ وڃائي، راڄن جا ويڇا ميساري، غريبن ۽ مسڪينن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئي، شيهي جي ديوار بنائي چڏين. مسلمان، هندو پارسي، عيسائي، هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي، ٻيو سيڪجهہ ڀُلائي، هڪ قوم ٿي وڃن. قائداعظم جي لفظن ۾، ”جت هندو هندو نہ رهندا، ۽ مسلمان مسلمان نہ رهندا....“ بس هڪ قوم رهندي، جنهن

جو هر فرد 'سوڍو' هوندو. پل نہ هڪ سوڍو سوريءَ چڙهي وڃي، سوبن ۾ لکين سوڍا جاءِ پريندا.

سراج سان منهنجي پهرين ملاقات، سن 1956ع ۾ ٿي، جڏهن هو سنڌي ادبي بورڊ ۾ هو. ڳڀرو جوان، کليل پيشاني، گهريون گنڀيرتا ڀريل اکيون، چمڪندڙ چهرو، سادگيءَ واري مرڪ. ننڍڙو ديوتا ٿي لڳو. منجهانئس جاڻ ۽ سمجهہ جون جهلڪيون ٿي آيون، جي پيار، مقصد سان لڳاءَ ۽ مسلسل محنت سان، ڪِرڻا ۽ شعاع بڻجي ويون. شال! سنڌس زورِ قلم وڌندو رهي. شال، سنگهار ۾ دادن جا جذبا اُسرندا رهن. شال سوڍا، ڪُميتن تي چڙهي، جهر جهنگ ڇائنبا وڃن. شال، سنڌن رت- ڦونگارون، هن پاڪ سرزمين تي پئي، لعل ۽ ياقوت اُڳائين، ڳاڙها گهوٽ اُپائين. ننڍوڏائيءَ کي ملياميٽ ڪري، قوتِ عوام جو نظام قائم ڪن. هن ملڪ جو جهنڊو اوچو رکن. ملڪان ملڪ سنڌس ڏونڪو وڃائن ۽ کيس ترقيءَ ۽ ڪمال جي بلند ترين چوٽين تائين پهچائين!

(ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' جي مهاڳ تان ورتل)

# جنب گذاريم جن سين

## علي احمد بروهي

مون پاڪستان ۽ هلال پاڪستان ٻنهي کي ائين ڏٺو جيئن ماڻهو چنڊ يا سج کي اُڀرندي ڏسندا آهن. ٻيئي، وجود ۾ ڪنهن خاص نظريي ۽ مقصد هيٺ آيا، پر اڳتي هلي ٿڪندي، ٻيئي پنهنجي راهه کان گمراهه ٿي منزل گنوائي ويٺا. ڪنهن جو قصور هيو؟ ڪنهن دغا دولاب يا غداري ڪئي؟ چئي نه ٿو سگهجي. ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙڻ واري الزام فوج طرفان سياستدانن تي ڏريو ويو. سياسي اڳواڻن وري فوج، سرڪاري عملدارن، واپارين ۽ وڏيرن تي ٿي نڪر پڳو. ساڳيءَ ريت هلال پاڪستان جو پونگو پينگ ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ کي جوابدار ڄاتو ٿي ويو. حڪومت وري اخبار جي ايڊيٽرن ۽ مئنيجرن تي چوهه ٿي چنڊيا. مطلب ته هر هڪ پاڻ تان ذميواري لاهي، ٻئي ڪنهن جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ ٿي وڌو. پر هن حقيقت کان ڪنهن به بني بشر انڪار نه ٿي ڪيو ته پاڪستان جو مسڪين عوام ۽ هلال پاڪستان جا محنتي ورڪر، معصوم ۽ مظلوم هئا ۽ سندن بگاڙ سان ڪو واسطو ڪونه هو.

شخصي طور منهنجي هلال پاڪستان سان شناسائي 1972ع ڌاري ٿي، جڏهن مارچ مهيني جي پهرين هفتي ۾ پيپلز پارٽيءَ پاران ڪراچيءَ ۾ هلال پاڪستان کي جاري ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو. تجويز کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سيد قمرالزمان شاهه کي مدار المهام مقرر ڪيو ويو. هن کان اڳ هلال پاڪستان 1946ع ڌاري حيدرآباد کان شروع ڪئي ويئي هئي ۽ ڳچ عرصي تائين منشي عبدالشڪور وڪيل جي ذاتي املاڪ رهي. بعد ۾ هن اخبار کي پير غلام رسول شاهه ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب ٻنهي

گڏجي خريد ڪري، حيدرآباد کان جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر ستت ئي پيپلز پبليڪيشن ڪمپني وجود ۾ آئي، جنهن جي زير سهاري هلال کي ڪراچيءَ کان جاري ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو ويو. تاريخ 15 مارچ 1972ع، سيد قمرالزمان شاهه سنڌي مسلم سوسائٽيءَ ۾ منهنجي گهر آيو ۽ پنهنجي تازي ذميواريءَ جو احوال اوريندي آڇ ڪيائين ته 'هلال پاڪستان' ڪراچيءَ کان جاري ڪرڻ جو پروگرام زير عمل آهي، جنهن جي ايڊيٽر لاءِ اوهان جو انتخاب ڪيو ويو آهي. پهريون ته سمجهيم ته شايد چرچو ٿو ڪري، ڇاڪاڻ ته پيپلز پارٽيءَ جي مهربانيءَ سان تي ڏينهن اڳ آءٌ سرڪاري نوڪريءَ کان 1400 واري لسٽ ۾ موقوف ڪيو ويو هيس، پر شاهه صاحب گنڀير ٿي چيو ته "مون هر طرف کان 'لائين ڪلير' ورتي آهي ۽ يار تون هاڻ واندو به آهين ۽ اچ، اچي هلال پاڪستان ۾ قسمت آزماءِ."

آڇ برابر سٺيي ۽ سُهائيندي هئي، پر مون لاءِ بيوقتي ۽ اڻ مندائتي هئي. آءٌ پيپلز پارٽيءَ جي منطق تي حيران هيس، هڪ هٿ تي روزگار کان نره ۽ نراس ڪيو هٽائون ۽ ٻي طرف سندن پارٽيءَ جي اخبار جو چيف ٿي مقرر ڪيائون! يعنيٰ لٺ ۽ چٺ جو ساڳئي وقت استعمال منهنجي سمجهه کان ٻاهر هيو. مون هٿ ٻڌي معافي ورتي ته: سائين عدت لاءِ به چار مهينا ڏهه ڏينهن جي مدت ٿيندي آهي، ڪجهه مهلت ملي ته پوءِ سوچ ويچار ڪيو ويندو. پوءِ شاهه صاحب چيو ته پلا اهڙن صحافين جا نالا ٻڌايو جي هلال لاءِ مناسب ثابت ٿين. مون ڪيس ايڊيٽريءَ لاءِ سراج الحق ميمڻ ۽ مئنيجريءَ لاءِ ناصر بروهيءَ جا نالا ڳڻ ڳوت ڪري ٻڌايا. شاهه صاحب کي ٻيئي نالا پسند پيا ۽ هلال جي شروعات ٻنهي جي سهاري ڪيائين. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته ڪجهه اختلافن سبب ناصر بروهي اخبار کان الڳ ٿي ويو. سراج صاحب نه فقط اخبار کي چمڪايو پر سندس ساک ۽ سرڪيوليشن ٻنهي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيائين.

پر پوءِ دنيا دورنگي آهي ۽ سدائين ساندي جيان پيئي روپ بدلائي. 1977ع ۾ مارشل لا آيو. پيپلز فائونڊيشن کي صدارتي فرمان هيٺ سرڪاري دائره اختيار ۾ آڻي ڪيس "شيخ سلطان ٽرسٽ" جو نئون نالو ڏنو ويو. هلال

پاڪستان جا "پيپلز پبليڪيشن ڪمپنيءَ" جي املاڪ هئي، تنهن کي به فوجي اختياريءَ وارن سرڪاري قبضي ۾ آڻي شيخ سلطان ٽرسٽ جي هڪ شاخ طور ساڻس شامل ڪري ڇڏيو. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته "پيپلز پبليڪيشن" طرفان اخبار کي پيپلز فائونڊيشن حوالي ڪرڻ جو ٺهراءُ ضرور پاس ڪيو ويو هو پر اهڙي ڪابه قانوني ڪارروائي نه ڪئي ويئي هئي، جنهن وسيلي رٿ تي ڪو عمل ڪيو ويو هجي.

نئين انتظامي اُٿل پٿل جي نتيجي ۾ سراج الحق صاحب ايڊيٽريءَ تان استعيفا ڏني ۽ سينارٽي لحاظ کان مرحوم محمد هاشم ميمڻ کي ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. مرحوم مخلص ماڻهو ۽ جهونو صحافي هو پر اخبار جو انتظام سنڀالڻ سندس وس کان ٻاهر هو. ترت ئي اخبار جي عملي ۾ خرچ ٻنهي ۾ بي پناهه اضافو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هلال جي پنڌرنهن لک رپين جي ٻونجي، جا پاڇي رکيل هئي، سا به دف ڪئي ويئي. هلال جي اشاعت جا ٽيويهه هزارن جي لڳ ڀڳ هئي، سا گهٽجي اچي ڇڻ پنجن هزارن تي پهتي.

(بروهي صاحب جي مضمون جو هڪ حصو، روزانه
هلال پاڪستان ڪراچي، ويهين سالگره ايڊيشن، 06-
آگسٽ 1992ع تان ورتل)

# جديد ساڃهہ جو تاريخي ناول: 'مرڻ مون سين آءُ'

ف. م. لاشاري

سنڌ، دنيا جي جاگرافيائي، تاريخي ۽ تهذيبي حقيقت آهي، پر اها هڪ وڏي محبت بہ آهي. ناول 'مرڻ مون سين آءُ' ان جو هڪڙو ثبوت آهي. سنڌ، نالي رومانس جا اظهار ۽ لقاءُ گهڻا آهن، پر هن تخليقي روش تي بحث ڪيو.

مون هن ناول کي جذباتي سطح تي جيئڻ محسوس ڪيو آهي، ان جي ڪٿ بہ اُتان ڪندس. اهو صحيح نہ ٿيندو تہ جيڪا شيءِ روئارڻ يا خوش ٿيڻ جون لهرون ڪٽي اچي، تنهن تي مڪينيڪل روبو لاڳو ڪجي. مان سمجهان ٿو تہ اسان منجهان گهڻن جو جذباتي بنياد ساڳيو آهي. ان جا ترتيبي جزا، سنڌ، شاهہ لطيف، سچل، راڳ، تاريخ جون ڏکيون گهڙيون، عالمي شعور، دوستيون ۽ پيار آهن، پر شعوري طرح گهڻو ڪري پاڻ بہ جذباتيت کي وتيرڪو ڪري حقيقت پسند هجڻ جي دعويٰ سان ڳالهين کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. 'مرڻ مون سين آءُ' پڙهڻ سان ٻين ڪيترين ڳالهين سان گڏ هڪڙي اُن نتيجي تي بہ پهتو آهيان تہ ماڻهوءَ جي جذباتي ۽ عملي دنيائن ۾ هڪ ڳانڊاپي واري تند موجود آهي. جتي اها تند ٽُٽي ٿي، اُتان بي ايماني ۽ منافقيءَ جي مملڪت جون حدون شروع ٿين ٿيون. اديب جي اصل ۾ ذميواري آهي ئي اها تہ هو ماڻهن کي جذباتي بنياد مضبوط ڪري ڏين. پوءِ انهن بنيادن جو هنن جي عمل سان رشتو نهي ۽ ماڻهو هڪ پرماري ماحول مان نڪري اچي. احساساتي حد تي ماڻهو هڪڙو هجي ۽ عمل ۾ رياضياتي روبا اختيار ڪري جيئي سو ممڪن ناهي. خوشيون، ڏک، شاعري، محبت، ڪاوڙ جذبن جي بنياد تي بيٺل سموريون شيون علامتي ۽ تجريدي ٿين ٿيون ۽ خوبصورت زندگي انهن سان ئي گڏ هلي ٿي.

هن ناول تي دوستن جي حلقي ۾ هڪڙو رايو سامهون آيو آهي، تہ هي هڪ رومانٽڪ ناول آهي. ريئلزم سان سندس گهٽي ويجهڙائي ناهي. هي لڳ ڀڳ اهو رايو آهي، جيڪو جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'پشو پاشا' تي ڪنهن ڏنو ۽ پشوءَ جي ڪردار کي غير حقيقت ۽ خيالي سڏيو ويو.

سيني کي خبر آهي تہ زندگيءَ کي محدود فارمولن ۾ نهڪائي نٿو سگهجي، ۽ نہ ئي هرڪا جدول هر ڪنهن هنڌ تي زمان ۽ مڪان جي لحاظ ڪرڻ کان سواءِ لاڳو ڪري سگهجي ٿي. اُن جي پيٽ ۾ انسان پنهنجي مونجهارن کي تجربن ذريعي پرکيندو ۽ پروڙيندو رهيو آهي. پاڻ جڏهن هن ناول جي ڪٿ ڪنداسين، تڏهن سنڌ جي تاريخي حالتن کي ڏسڻو پوندو. آخر هي ايڏو رومانس، هن ڌرتيءَ کي ائين ڇهتي پوڻ، جيئن ٻارڙو خطري کان ڊڄي ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ پناهہ وٺندو آهي، ايڏي جذباتيت ۽ هڪڙي حد تائين جنون، آخر هي سڀ ڇا آهي؟

پنهنجي لاءِ ڪجهہ عملي ۽ تاريخي اوکايون آهن. اسين جڏهن هاڻي بہ 'سنڌي قوم' چئون ٿا تہ اهو بہ هڪ رومانس آهي. قوم جي جديد تصور مطابق، ان لاءِ هڪ مضبوط ڪلچر ۽ جهجهي نفريءَ واري وچولي طبقي جو هئڻ ضروري آهي. قوم جي تصور لاءِ، اُن جي سموري آباديءَ جو معاشي سرگرميءَ ۾ رڌل هجڻ ضروري آهي. هتي ڪوهستان، ڪاڇي، ڪڇي ۽ ٿر کي پاسي تي ڪري رکو تہ باقي ڇا ٿو بچي؟ اُهو جيڪو ڪجهہ بچي ٿو، اُتي وچولا طبقا آهن، پر سنڌ جو پنهنجو اهو طبقو نفريءَ جي لحاظ کان انتهائي مختصر ۽ نئون 'جٽ منجهان ملوڪ' ٿيل آهي. هن وچولي طبقي جو زرعي ۽ صنعتي قوتن سان نياپي تي بہ ڳانڍاپو ڪونهي. ۽ ٿر، ڪاڇو ۽ ڪوهستان ڪيڏي زمين ۽ ڪيڏي نہ آبادي آهي، جنهن کي برسات جي پاڻيءَ جي آسري ٻڪ جي وات ۾ ڏنو ويو آهي. ڪڇي جي ايراضيءَ ۾ تربيلا کان اڳ واري زماني ۾ اُتل ذريعي آباد ٿيندڙ ويهہ لک ايڪڙ زمين جي اُپت ختم ٿي چڪي آهي. نہ رڳو ايترو پر ڪالا باغ ڊئم جهڙيون اکيچار اسڪيمون آهن، جيڪي اسان جي معاشي سرگرميءَ ۾ رڌل آباديءَ کي کُٽائڻ جي ڪِيڏ آهن.

قوم جي محدود ٿيڻ، قوم جي تباهيءَ جا سامان ڏسڻ ۽ وقت جي اُلر ڪري ايندڙ للڪارن کي سامهون ڏسي، ’مرڻ مون سين آءُ‘ جو ليکڪ جديد ساڄهن مان جذباتي ۽ سماجي ٻنهي سطحن تي قومي بقاءَ جي جنگ وڙهي ٿو جنهن ۾ پاڻ سڀ شامل آهيون. پنهنجي تاريخي مجبوري اڄا قوم جي تصور مڪمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي شروعاتي زماني ۾ هجڻ آهي. هن ناول کي بہ اُن ئي دور ۾ رکي ڏسڻو آهي، ڇو تہ اسان جو ليکڪ محترم سراج، يورپ، سوويت يونين يا ويٽنام جو نہ، پر سنڌي ليکڪ آهي. ۽ سندس هي ناول هڪ وڏي جنگ کي اُتساهہ وني نہ لکيو وبو آهي، پر هڪ وڏي ويڙهہ جون واتون هتان ئي شروع ٿين ٿيون. اُن جو ليکڪ مثالي جدوجهد جو خاڪو اڄ جي ساڄهن سان پيش ڪري ٿو ۽ جيئن مون سمجهيو آهي تہ جدوجهد ذريعي ئي قومي وجود جا فڪري ۽ سماجي پاسا مضبوط ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو. اُن فرق کي اڃا بہ واضح ڪجي تہ هيئن ٿيندو: اسان جي سامهون ٿورن سالن ۾ ’آنهہ ڊڪ‘ جو ويٽنامي ناول ’ويرن جي وسندي‘ ترجمو ٿي آيو. اهو ناول جدوجهد جا سڀ حقيقت تجربا پاڻ سان گڏ کڻي ٿو اچي. ان ناول ۾ ويٽنام جو هڪ بہ عام ماڻهو آزاديءَ جي ويڙهہ کان ڪٽيل ناهي. ويڙهہ جي مختلف محاذن تي هر ماڻهو ملوث آهي. اهو سڀ ناول نگار ڏسي ۽ پاڻ تان گذاري لکيو آهي، ان ڪري اهو حقيقت نگاريءَ کان ترَ بہ ٻاهر ناهي ۽ ان جي سمورين ڪسوٽين تي پورو لهي ٿو. اسان وٽ ان درجي جي جدوجهد نہ ٿي آهي. پاڻ جدوجهد جي ٽڙيل پکڙيل اوائلي دور ۾ آهيون. ’مرڻ مون سين آءُ‘ ۾ اها ويڙهہ نہ آهي، جيڪا تخليقي، انقلابي، قومي ۽ تاريخي جذبن جو ميلاپ ٻنجي پردي تي ظاهر ٿئي ٿي. اهو خاڪو، يا اها رٿابندي اڃا تعبير جي صورت نہ وٺي سگهيا آهن. جدوجهد جو هي هڪ پختو مرحلو آهي ۽ پاڻ اڃا اُن پختي مرحلي تي پهتل ناهيون ۽ نہ ذهني طرح ايترا اڳيرا ٿي سگهيا آهيون تہ ان ۾ ڪنهن جاڳاڻ يا اڳيري ٿيڻ ۾ اُن جو قصور ناهي. اسان جي سموري پنتي پيل رهڻ واريون حالتون حقيقت آهن، پر تنقيدي حقيقت نگاري ۽ انقلابي رومانيت جو آئينو ڪٽي

ڏيکاري ڏيڇارڻ بدران منزل کي نروار ڪري وکون وڌائڻ جو ساهس ڏئي ٿي. اُن ڪري ئي اهو هڪ رومانس پاسي ٿو. انهيءَ حساب سان هن ناول جو سنڌي سماج ڏانهن رويو، اُن کي بدعنوان بڻائي 'جيئن آهي جتي آهي' واري ڏاڪي تي رکڻ بدران اُن جي اصل گهرجن پٽاندڙ آهي ۽ انهن گهرجن کي شعور جي پنهنجي حد آهي. ان جو عملي نمونو ڪنهن کي ڏسڻو هجي ته ناول پڙهي پنهنجي دل کان پڇي ڏسي. مان اها ڳالهه اُن ڪري ڪريان ٿو جو مون ناول پڙهندي پنهنجي دل سان ٿيڻ واري ويڌن ڏٺي آهي.

هن ناول، جنهن تاريخي زماني کي ڪنيو آهي، سو اُتان کان آهي، جتان 'پڙاڏو سوئي سڏ' ڇڏيو ويو هو. اُن ناول ۾ اڪبر اعظم جو لشڪر سنڌ تي ڪاهي آيو هو ۽ تڏهن سنڌ ارغونن ۽ ترخانن جي قبضي ۾ هئي. هتي، ارغونن ۽ ترخانن جو سياسي زوال اچي چڪو آهي، ۽ سنڌن ذهنن مان حاڪميت وارو فاشسٽ پوت نه نڪتو آهي ۽ سنڌن ذهنيت اُها آهي، جيڪا هندستان جي اقليتي مسلمانن جي، خاص ڪري انگريز جي وقت ۾ ۽ 1947ع کان پوءِ سنڌ ڏانهن لڏي اچي قابض ٿيڻ کان پوءِ واري آهي. ارغون سردار ڪڏهن لياقت علي خان، ڪڏهن نواب مظفر جو ڪردار نباهين ٿا ته ڪڏهن ايم.ڪيو.ايم واري سياست ڪن ٿا. هوڏانهن هڪڙو مارشلائي رويو مغلن جو پنهنجو آهي ۽ ٽين ڌر اسين پاڻ آهيون. پرماري ڌارين قوت جا سياسي ۽ مذهبي رويا ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي 'ڏي نه ته ڏُڪاءِ به نه' وارا مزاج ظاهر ۽ هڪ ٻئي سان واضح سنڌا ڪري بيٺل آهن. ناول ۾ مضبوط مرڪز ان جا حامي توڙي مزاحمت ڪندڙ قوتون اڄ وانگر موجود آهن. سنڌ يونيورسٽي به آهي، ڪمشنر مسرور حسن به، شهر جي ڪوتوال پائنده بيگ جي روپ ۾ موجود آهي. ائين جيڪڏهن سڃاڻپ ڪبي ته هي ناول سڄي جو سڄو اڄ جي ڪردارن ۾ ترجمو ٿي ويندو ۽ چڱو آهي ته اهو سڀ ڪجهه سمجهڻ وارن تي ئي ڇڏي ڏجي.

ناول، تاريخ جي دور کي پنهنجو سڌو موضوع بڻايو آهي، اُن سان به بي انصافي نه ٿي آهي. اصل ۾ ان دور جي ئي مزاحمت هئي، جنهن کي ليکڪ هڪ نئين شڪل ڏني آهي. ڏاهپ، فڪر ۽ هڪڙيءَ حد تائين معاشي

سرگرمي ۽ خاص ڪري سومرن ۽ سمن جي دور ۾ قومي تصور جو احساس قائم ٿيندو ملي ٿو. هونئن بہ سچيءَ دنيا ۾ جاگيردار توڙي ان کان اڳ واري قبائلي دور ۾ وطنيت جو تصور تمام سگهارو ملي ٿو ۽ اهو پنهنجي بقاءَ ۽ بچاءَ لاءِ هڪ بنيادي رويو آهي. اڄ وطنيت ۽ قوم جي تصور ۾ جيڪي نوان احساس آيا آهن، سي وڏيڪ معاشي گروهن جي پيدا ٿيڻ ڪري آيا آهن. اڳي وطنيت جو تصور جاگيردار ۽ بادشاهہ سان وفادار ٿيڻ سان لاڳاپيل هو پر هاڻي ائين نہ آهي. جمهوري فڪر جي موجودگيءَ ۾ وطن سان ذاتي سطح تائين محبت پيدا ٿيڻ سياوبڪ آهي. ’مرڻ مون سين آءُ‘ ۾ وطنيت جو اهو ئي جديد تصور آهي، جيڪو حاڪم سان وفادار رهڻ سان واڳيل ناهي. ساموئيءَ جي پٽن تي جيڪا ويڙهہ منظم ٿئي ٿي، اُن ۾ ڪو بہ وڏيرو يا جاگيردار شامل نہ ڏيکاريو ويو آهي. مختلف برادرين جا ماڻهو آهن. ان وقت وچولو طبقو نہ هو پر اُهي برادريون سنڌي عوام هجڻ جي احساس سان وطن جي آزاديءَ لاءِ وڙهن ٿيون. اهو ئي جذبو آهي، جيڪو وطن جي آزاديءَ لاءِ تہ گهرجي ئي گهرجي ٿو پر اُن کان بہ وڌيڪ سماجي ترقيءَ لاءِ ضروري ٿئي ٿو.

هن ناول جي فڪري روين تي بحث ڪرڻ کان سواءِ بہ گهٽيون ڳالهيون ڇوڙڻ جون آهن. مثال، ناول جي پهچ جي شدت. اُهو ڪيتري شدت سان پنهنجي پڙهندڙ تائين پهچي ٿو. ناول جي سورمن جون شخصيتون، همتون، جذبا ۽ هنن جو مڪمل هجڻ. اُن ڪري ضروري آهي تہ ليکڪ ڪا ڳالهہ، ڪجهہ ڇڳايون، ڪي معيار ڪٽي پڙهندڙن تائين پهچڻ چاهي ٿو. ايڏي حد تائين ڪردارن جي مڪمل هجڻ تي ڪٽي وبساهہ نہ ايندو هجي، جو اڄ خطرو آهي تہ دشمن قوتون ڪنهن ڪردار کي اُن حد تائين پهچڻ کان اڳ ئي پنهنجي بدعنوانين ذريعي شڪار ڪري وٺن ٿيون. پر پوءِ بہ مليل تاريخي حالتن ۾ پاڻ وٽ ٻي کهڙي واٽ آهي. جڏهن پنهنجي سامهون شهيد اعظم دولهہ دريا خان، مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت جهڙا جبلن جيڏا ڪردار موجود آهن تہ اُهي سانوڻ ۽ وربام ڪنهن بہ صورت ۾ عجوبا ڪونهن. آخوند صالح جي روايت کي جاري رکندڙ حافظ بلال جو ڪردار،

اڄ جي وطن دشمن ۽ اقتدار جي ڪيڙي ملان لاءِ آئينو ته آهي، پر قومي جدوجهد ۾ شامل مولويءَ لاءِ به هڪ تاريخي آٿت جو ذريعو بڻجي ٿو.

ناول ۾ ڊرامائيت ۽ ائڊونچر موجود آهن، پر جنهن عام پڙهندڙ کي هڪ وڏي پنڌ تي وٺي هلڻو آهي، ان کي ايترو ڪجهه ڏيڻ ۾ ڪو عار به ٿيڻ نه گهرجي. ۽ ياد رکيو وڃي، ته ناول ڪتاب، افسانا، مضمون ۽ جيڪي ڪجهه به لکجي ٿو سو سڀ گهڻ پڙهيل نقادن لاءِ ناهي. ٿورين چڱاين، ننڍين ڪاميابين، معمولي خوبين ۽ رواجي هنرن کي وڏا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ۾ آڻي سگهجي ٿو. يورپي اديبن، اُتان جي ائڊونچر ڪندڙن کي ايڏو ته فنڪشنل بڻايو آهي، جو ڪٿي اُهي سپر نيچرل ٿا لڳن. ڪنهن به شيءِ جو جوهر پيش ڪبو ته اُهو شدت ته ضرور محسوس ڪرائيندو. ناول ۾ جيڪي هڪ به ائڊونچر موجود آهن، اُنهن جي اڳيان به اخلاقي معيار ۽ قومي مقصد آهن. گڏوگڏ اِهو به نٿو چئي سگهجي ته زندگي پاڻ، ڪو ائڊونچر کان خالي آهي.

اهي سڀ ڳالهيون پنهنجيءَ جاءِ تي، پر سڀ کان مٿانهين ڳالهه ڪتاب جي ٻولي ۽ تشبيهون آهن. جتي به سنڌ، اُن جي سونهن جي، ثقافتي ۽ اخلاقي قدرن جي بيان ڪيو ويو آهي، اُتي اعليٰ درجي جو نثر آهي. اڄ جڏهن سنڌي ٻولي تمام گهٽن دٻاون ۽ اسان جي ادبي لڏي ۾ به خاصي حد تائين بي ڌيانيءَ جو شڪار ٿئي ٿي، اهڙي وقت ۾ ايڏي وٽندڙ اثرائتي ۽ گهٽا امنگ پاڻ ۾ سموهي هلندڙ ٻولي لکڻ خوشيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. ان پائي جو نثر ئي پاڻ ۾ قومي ويساهه کي پختو ڪري ٿو.

(هي مقالو نامور صحافي ۽ اديب فقير محمد لاشاريءَ ناول 'مرڻ مون سين آءِ' تي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي طرفان ڪرايل ورڪشاپ ـ 03 جون 1988ع تي رِمپا پلازا ڪراچي ۾ پڙهيو.)

# مهان ذات ڏٽي: سراج الحق ميمڻ

## تاجل بيوس

ادب ۾ اهڙو وقت بہ آيو آهي، جڏهن ادب کي "ادب جو ادب يا آرٽ لاءِ هئڻ" سمجهيو ويندو هو ۽ پوءِ "ادب جو زندگيءَ لاءِ هئڻ" واري وصف عمل ۾ آئي، جيئن تہ اهو اديب يا ادب جو سرجڻهار ئي آهي، جو ايندڙ حادثن، واقعن ۽ حالتن کان وقت جي حڪمران کان اڳ، آگاهي حاصل ڪندو آهي ۽ ائين ادب ذريعي، اديب سڦلي ۽ آزاد زندگي گذارڻ لاءِ قانون جوڙي، پنهنجن تخليقن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ادب وقت جي حڪمرانن حوالي ڪندو آهي تہ جيئن غير ترقي يافتہ ملڪ يا قوم ترقي پذير منزل کي، ۽ پوءِ ترقي يافتہ منزل کي رسي، جنهن تي يورپ، آمريڪا ۽ ڪجهہ ايشيائي ملڪ عمل ڪري چڪا آهن. ان ڪري اهڙين تبديلين کي سامهون رکندي، ايڪيهين صديءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ، اسان ادب جي وصف هن طرح ڪري سگهون ٿا:

"ادب جو سماجي، سائنسي، فني، اصلاحي، معاشي ۽ سياسي انقلاب يا تبديلين لاءِ هئڻ"، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان جا حڪمران پنهنجن نقيبن (رهنمائن- پيشوائن) جي مشورن تي عمل نہ ڪندا رهيا آهن ۽ اسان غربت جي گهاٽي ۾ پيڙبا رهيا آهيون.

سراج الحق ميمڻ، منهنجي ويچارن موجب اهو اديب، ڏاهو ۽ ذات ڏٽي آهي، جنهن ادب جي ايڪيهين صديءَ واري وصف موجب نہ فقط ادب سرجيو آهي، پر هڪ ماهر، هڪ استاد بڻجي، نئين نسل جي رهنمائي بہ ڪئي آهي. شاعريءَ جي حوالي سان، شاهہ، سچل ۽ ساميءَ کي هند ۽ سنڌ ۾ اساسي يا ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ٽمورتي ڪري مڃيو ويو آهي. اهڙيءَ ئي طرح، سراج ميمڻ، آغا سليم ۽ امر جليل نثر نگاريءَ ۾ اسان جي ٽمورتي آهن.

1996ع يا 1997ع ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران، سراج الحق جي لکيل ناول ”مرڻ مون سين آءُ“ تي رمپا پلازا ۾ ورڪشاپ ٿي رهيو هو. ڪلفٽن ڪان گهڻو اڳتي، سمنڊ ڪناري مون شيخ اياز کي ٻڌايو ته اڄ سراج صاحب جي ناول تي ورڪشاپ ٿي رهيو آهي. ان ڪري مون کي جلدي رمپا پلازا پهچڻو آهي، جنهن تي شيخ اياز چيو ته هو به ان ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيڻ چاهي ٿو بس ائين اسان رمپا پلازا پهچي وياسون.

سراج الحق جي ناول، شيخ اياز توڙي مون کي ادب جي نوان ۽ وڏن قدرن جي حوالي سان ايڏو ته متاثر ڪيو هو جو اياز ڪيترن ئي موقعن تي ناول جي ادب جي مختلف پاسن جي حوالي سان، واکاڻ ڪندو رهيو هو.

1983ع ۾ منهنجي پهرئين شعري مجموعي ”جڏهن پونءِ ٻٽي“ جو سگا پاران ’هوٽل هاليڊي ان‘ ۾ تنوير عباسيءَ جي صدارت ۾ مهورت ٿي رهيو هو جنهن ۾ خاص مهمان سراج الحق هو. ان موقعي تي سراج منهنجي پهرئين شعري مجموعي بابت اڄهو هن طرح چيو هو: ”آءٌ شاعريءَ بابت اڪثر ڪري حضرت روميءَ جي راءِ يعني ”شاعري جز و يست از پيغمبري“ تي يقين رکندو هئس، پر هاڻي تاجل جي شاعري پڙهڻ کان پوءِ ان ۾ تبديلي آئي، هيئن چوڻ تي مجبور آهيان ته ”پيغمبري جز و يست از شاعري“. سراج جا مٿيان ويچارَ امان سائنڻ جي سرپرستي، ادب ۾ استاد حڪيم الله آندي جتوئيءَ جي رهنمائي، سائين بدرالدين زاهديءَ جون مهربانيون ۽ درگاهه پير حيات شاهه تي ڪافي ڪلام ٻڌڻ وارو ماحول، اڄ به مون لاءِ اتساهه جا وسيلا ثابت ٿي رهيا آهن.

(ورتل: ’سچ چنڊ تارا ڪتيون‘ ڪتاب مان)

# ڪيم ڪاپڙين جي پهرئين ڏينهن پروڙ

## ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو

شيخ اياز 1989ع ۾ اسان کي (اعجاز منگي ۽ مون کي) هڪ انٽرويو ڏيندي، سوال پڇيو هو تہ "ڇا هاڻي سنڌ ۾ ماڻهو اهو ٿا سمجهن تہ بغير لالچ ۽ ڪنهن ذاتي فائدي جي ڪو بہ ڪنهن جي حمايت، تعريف ۽ ڪم جي مڃتا نہ ٿو ڪري سگهي، جو منهنجي لاءِ ماڻهو ائين ٿا چون؟" (ماهانہ پرک 1989ع). هو محترمہ بينظير جي پهرئين دفعي وزيراعظم طور چونڊجڻ بابت پنهنجي حمايتي بيان تي ڪجهہ سنڌي دانشورن جي ردعمل بابت ڳالهائي رهيو هو.

اياز جي اُن سوال جو جواب مذڪوره انٽرويوءَ ۾ تہ ڪو نہ ڏئي سگهيا هئاسون، پر اڄ جڏهن سنڌي سماج ۾ ماڻهن جي سماجياتي رويي تي غور ويچار ڪجي ٿو تہ اها حقيقت روز روشن جيان چٽي ٿي سامهون اچي ٿي، تہ نہ رڳو ماڻهن جو اهو ويساهہ ٿي ويو آهي، پر حقيقت بہ ائين آهي، تہ دوستيون ۽ دشمنيون، تعريفون ۽ گلائون، لاڳاپا ۽ وابستگيون، ذاتي، اقتصادي، سياسي ۽ سماجي مفادن جي آڌار تي شعوري طور قائم ڪيون ۽ نڀايون وڃن ٿيون. اڄ سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيل ڪنهن سماجي، سياسي، علمي ۽ اقتصادي مسئلي تي جڏهن لکيو يا ويچاريو وڃي ٿو تہ اڪثر ڪري اُن ۾ اجتماعي، گڏيل ۽ قومي مفاد جي بدران ذاتي وٽت، اڻ وٽت ۽ مفادن کي نظر ۾ رکيو وڃي ٿو.

اهڙيءَ حالت ۾ گڏيل مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ ۽ سموري سماج جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ماڻهوءَ کي سمورو سماج تہ نهيو پر ليکڪ ۽ دانشور بہ شاباس يا جسُ ڪونہ ٿا ڏين، جو ٻئي جي تعريف ڪرڻ بغير ذاتي مفادن ۽ گروهي برتريءَ جي لکڻ، ائين آهي جڻ هلندڙ بس يا جهاز ۾ پنهنجي سيٽ

تان هٿ ڪڍي ڇڏي ڪي ڏينھن پوءِ سمورو سفر بيهي گذارڻ. جنهن لاءِ يقيناً ڪو به تيار ڪونه آهي. تنهنڪري، اهڙن ماڻهن ۽ ڏاهن لاءِ جيڪي پنهنجي منهن سماج جي گڏيل ڀلائيءَ لاءِ جاکوڙي ۽ ڪم ڪري رهيا آهن، ضروري آهي ته پاڻ ئي پنهنجي باري ۾ لکن ته جيئن سندن ڪم ۽ سوچ کان سندن سماج پوري طرح فائدو حاصل ڪري سگهي.

اهڙن ڪمن جي اپٽار جو شخصي ۽ بهتر طريقو ته پنهنجي آتم ڪهاڻي يا سوانح عمري لکڻ آهي، جيڪا پڙهي هر ڪوئي لکي ڪونه ٿو سگهي، خاص ڪري، حقيقي ۽ سچي (genuine). ماڻهو تيسين اهڙين لکتن کان هميشه لنوائيندا رهندا آهن، جيسين سوانح عمري لکڻ جو سماجي ڪارج سندن اڳيان چٽو ۽ گڏيل ڀلائيءَ جي ڪارڻ طور واضح نه ٿو ٿئي.

جڏهن ته اسان جي ئي هڪ ڏاهي علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ هر لکندڙ توڙي عام ماڻهوءَ لاءِ اهو تمام ضروري سمجهيو آهي ته هو پنهنجي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ سمورن واقعن ۽ ڪارنامن کي سچائيءَ سان سوانح عمريءَ جي صورت ۾ لکي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ۽ انهن پنهنجن تجربن، ويچارن ۽ ڪارنامن جي باري ۾ پاڻ نه لکيو ته سمورو سماج چڱائيءَ جي اهڙن عمل ڪرڻ وارن ماڻهن ۽ انهن جي ڪارنامن منجهان لاڀ پرائڻ کان وانجهو رهجي ويندو. اهڙيءَ طرح رڳو ذاتي ۽ گروهي مفادن تحت ڪم ڪندڙ ماڻهن جو ذڪر ٿيندو رهندو ۽ ماڻهو ڀلائيءَ جي تصور کان ئي پري رهجي ويندا.

اهڙن ماڻهن کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته سندن ويجها دوست، همعصر ۽ سندن ڪمن کان واقف ماڻهو به سندن اهڙن ڪارنامن جو ذڪر سندن حياتيءَ ۾ نه ڪندا، جو هو ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي سيٽ ۽ پوزيشن ڦُرائڻ نه چاهيندا. چاڪاڻ جو چڱي عمل جي واکاڻ ۽ تذڪرو سندن بري عمل ۽ ذاتي مفادن واري ڪردار کي ظاهر ڪري وجهندو.

هر ڏاهي ۽ سماج جي نبض شناس حڪيم وانگر سنڌ جي شاعر شيخ اياز کي به ماڻهن، پنهنجي ٿيءَ ۽ ساٿارين جي اهڙي سماجياتي رويي جو پورو ادراڪ هو جنهن جو وقت به وقت اظهار ڪندي، اُن جي رد يا موٽ ۾ پنهنجي ڳالهه ۽ پنهنجي ميتا پاڻ ڪندو اهڙن سماجياتي روين کان ناڪاري ٿيندو نفرت ڪندو رهيو:

هونئن تہ آءُ آزاد. جيئن هو پنڇي واءُ ۾،
پر توڻ مون کي داد. مور نہ ڏيندين جيئري.

سماجياتي روين جي اهڙي ادراڪ ڪيس مجبور ڪيو تہ ڪنهن سچي ادبي ۽ سماجي نقاد جي انتظار ڪرڻ بدران پاڻ پنهنجي ڪم ۽ ويچارن بابت راءِ ڏيندو رهي: پوءِ پل سندس وقت جا نقاد. جيڏا ۾ پڙهندڙ سندس اهڙي عمل کي پاڻ پڏائڻ ۽ خود ثنائيءَ جي زمري ۾ ئي شامل ڪن:

مون سنڌ ڏني، هند ڏني سچ چوڻ لاءِ،
هڪ شيخ اياز آهہ جٽيو بيو نہ ڪٿي ماءُ.

هڪ طرف اسان جي سماج ۾ شيخ اياز جهڙا دلير، سماجياتي روين ۽ رائج نيمن جي پرواهہ نہ ڪندڙ پنهنجي راءِ ۽ ويچار جو ڀرپور اظهار ڪندڙ شاعر ۽ ڏاها بہ آهن تہ ٻئي طرف اهڙن ئي سماجياتي ۽ تاريخي روين جي پوري ادراڪ ۽ اظهار جي سگهہ هئڻ باوجود ڪيترا عالم ۽ ليکڪ ڪسر نفسيءَ کان ڪم وٺندي هميشہ پاڻ کي گهٽ ۽ ڪجهہ نہ سمجهڻ ۽ اثر نہ رکندڙ ذرو ڪري پيش ڪندا رهيا آهن. اهڙن ئي ماڻهن مان هڪ آهي اسان جو سراج.

ڪافي عرصي کان مان سندس لکڻين، ورثاءَ ۽ سماجياتي ڪردار جو پري کان، پر نهايت گهرائيءَ سان لاڳيتو مطالعو ڪندو رهيو آهيان: پوءِ بہ هن وقت تائين پاڻ کي سندس ڪم (لکڻين)، رويي، سماجياتي ۽ علمي ڪردار تي هڪ مڪمل ڪتاب لکڻ جو پوريءَ طرح اهل ڪونہ ٿو سمجهان، جيڪو سندس شخصيت، ڪردار، عمل، ادبي ۽ علمي ڪم جي وياڪيا کان علاوه هڪ علمي ۽ سماجياتي تجزيي تي آڌاريل ٿي سگهي. پر سونپيل ڪم سمجهندي، شروعات 1998ع جي جون مهيني جي آخري هفتي ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۽ شاهہ لطيف چيئر طرفان ڪوٺايل 'شاهہ عبداللطيف قومي ڪانفرنس' جي حوالي سان سندس تقرير، علمي توڙي سماجياتي رويي ۽ سياءَ جو تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

26_27 جون جي سوا نيزي تي آيل سج جي گرميءَ ۽ بجليءَ جي من مستيءَ ۾ منعقد ڪيل هن قومي ڪانفرنس ۾ افتتاح، مشاعري، راڳ رنگ ۽

ڪاڏي جي دعوتن کان علاوه ڪل پنج اجلاس ترتيب ڏنا ويا هئا. پهرئين ڏينهن انگريزي ۽ اردوءَ ۾ جدا جدا اجلاس ۽ ٻئي ڏينهن ٻهريان ٻه اجلاس سنڌيءَ ۾ ۽ آخري پنجون اجلاس- سنڌ شناسيءَ (Sindhological Studies) بابت انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ترتيب ڏنل هو جنهن جو مهمان خاص پروفيسر رياض الاسلام هو ۽ صدارت سراج الحق ميمڻ (سراج) ڪي ڪرڻي هئي. مون پنهنجو مقالو ڪانفرنس جي منتظمين جي خواهش مطابق اندازاً هڪ سال اڳ اُن خواهش سان موڪليو هو ته آخري يعني سنڌشناسيءَ واري اجلاس ۾ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

ڪانفرنس جي مختلف اجلاسن جي صدارت ڪرڻ وارن ۽ خاص مهمانن جي خبر ته دعوت نامن ۽ پروگرامن جي ترتيب واري پني مان پئجي وئي هئي، باقي مقالن پڙهندڙن جي نالن، موضوعن ۽ اجلاس ۾ پڙهڻ بابت معلومات افتتاحي اجلاس کان پوءِ مهيا ڪئي وئي; جنهن مطابق مون کي منهنجي مرضيءَ واري اجلاس ۾ نه، پر چوٿين اجلاس ۾ مقالو پڙهڻو هو. ڳچ عرصي کان ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر ۽ سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪانفرنسن جي تجربن ۽ مشاهدي جي آڌار تي هڪدم فيصلو ڪري پنهنجو مقالو آخري 'سنڌ شناسيءَ' واري اجلاس ۾ منتقل ڪرايم. سموري ڪانفرنس پوري ٿيڻ کان پوءِ منهنجو اهو فيصلو نه صرف منهنجي لاءِ، پر ڪانفرنس جي اهميت محسوس ڪندڙ ۽ سمجهندڙ عالمن جي نظر ۾ درست ثابت ٿيو جو اُن اجلاس ئي ڪانفرنس جو اصل تصور چٽو ڪيو.

سنڌ شناسيءَ بابت هن اجلاس مهمان خاص طور پروفيسر رياض الاسلام شريڪ ڪونه ٿيو. اهڙيءَ طرح صرف صدارت ئي ٿي، جيڪا سراج ڪئي ۽ هن اجلاس کي قدرتي طرح حقيقي ڪانفرنس جو ڏيک مليو. هن اجلاس ۾ ڊاڪٽر طارق رحمان، ڊاڪٽر رفيق مغل، شيخ خورشيد احمد، ڊاڪٽر قمرالدين بوهره ۽ محترم تاج صحرائيءَ کان علاوه مون مقالو پيش ڪيو. مڙئي مقالا نقشن، چارٽن ۽ شماريات جي جديد اصولن تي ترتيب ڏنل هئا. جن لاءِ يقيناً مڙني محققن وڏي محنت ڪئي هئي.

هن اجلاس کان اڳ ٿيل مڙني اجلاسن جي صدارت، وڏين نوڪرين وارن، پروفيسرن، مشهور عالمن ۽ پي.ايچ. ڊي ڊاڪٽرن ۽ ڊاڪٽرن کي پيدا

ڪرڻ جي دعويٰ ڪندڙ صاحبن ڪئي هئي، جن ۾ محققن ڪيترائي مقالا پيش ڪيا. ڪانفرنسن ۽ سيمينارن جي اهميت ۽ مقصدن جي تصور کي چٽو سمجهندڙ حيران هئا ته پيش ٿيندڙ مقالن تي ڪو به سوال يا رايو ٻڌندڙن/ شريڪن طرفان ڪونه پئي آيو ۽ ائين پئي لڳو ته ٻڌندڙ گونگا هجن يا سندن اڳيان جيڪي ڳالهايو ڇيو يا پيش ڪيو پئي ويو، اهو حرف آخر هو ۽ ان بابت ڪا به ٻي راءِ ڪانه هئي يا ٻڌندڙ ٻي راءِ رکڻ يا پيش ڪرڻ جا اهل ئي ڪونه هئا. ٻيو ته نهيو پر محترم صدر صاحبان به پنهنجي طبيعتن جي لاڙن، عادتن ۽ علميت تي ڳالهايو ۽ پنهنجي صدارت ۾ پيش ٿيندڙ مقالن تي ڪابه علمي راءِ ڏئي پنهنجو فرض ادا ڪونه ڪيو. پوءِ يا ته هو پيش ٿيندڙ مقالن کي ايترو اهم نه سمجهي رهيا هئا، يا پاڻ ۾ اهليت ڪا نه هئن، جو تنقيدي راءِ يا تبصرو ڪري اُن علم ۾ واڌاري جو ڪم ڪري سگهن يا وري ائين هو ته سندن عمر جي سموري ڪاريگري ۽ تجربي جي باوجود کين صدر جي فرض جي خبر ڪانه هئي. ائين ئي جيئن ڪيترا ماڻهو مختلف نوڪريون آفيس ۾ ڪرسين تي ويهڻ، پگهارن ۽ جائز توڙي ناجائز فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا آهن، نه ڪي خدمت، ڀلائيءَ ۽ ترقيءَ جي راهه تي ماڻهن يا قوم کي وٺي هلڻ لاءِ ڪم جي ذميواري سنڀالڻ لاءِ ڪم ڪندا رهيا آهن.

مذڪوره اجلاس جي اهڙي منظر مجبور ڪيو ته ڪنهن سنجيده ۽ ڪانفرنس جي تصور کي سمجهندڙ ماڻهوءَ سان صلاح مشورو ڪجي، اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر رفيق مغل سان ڳالهه ڪيم. هو پڻ حيران هو ته هي ڇا ٿي رهيو آهي. هي ڪنهن سياسي، سماجي يا ادبي تنظيم جو جلسو نه، پر هڪ اهم يونيورسٽيءَ جي اهم شعبي طرفان نهايت ئي اهم موضوع تي سڏايل قومي ڪانفرنس هئي: جنهن لاءِ منتظمين يعني سنڌي شعبي ۽ شاهه لطيف چيئر جي سربراهن وڏي جفاڪشي ڪئي آهي. هن صلاح ڏني ته گهٽ ۾ گهٽ پاڻ واري سنڌشناسيءَ جي اجلاس ۾ سوالن جوابن جو سلسلو شروع ڪرائجي ۽ وري به ذميواري مون تي رکيائين ته انتظام ڪندڙن سان اُن باري ۾ ڳالهايان.

مان اجا اُن بابت ويچاري ئي رهيو هوس ته ياد آيو ته گذريل سمورن اجلاس ۾ بغير ڪنهن خاص سبب جي هڪ نوڪريءَ جو حقي عرصو ڪاڏل

رٽائرڊ ٿي ڪنهن وڏي نوڪريءَ جي آسري ۾ ويٺل هڪ شخص جي منتظمين جنهن طريقي سان تعريف ڪري رهيا هئا. اها بغير سبب جي ڪو نه هوندي ٿي هن ڪانفرنس منعقد ڪرڻ ۾ سندس راءِ ۽ صلاح ڪي يقيناً اهميت حاصل هوندي ٿي هي صاحب ڪنهن به ڪانفرنس ۾ سوال جواب جي سلسلي جو سخت مخالف رهيو آهي. ايتريقدر جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي منعقد ڪرايل 'قومي تعليمي ڪانفرنس جي هڪ اجلاس ۽ خيرپور ڪانفرنس جي هڪ اجلاس ۾ سندس صدارت هيٺ پڙهيل منهنجي مقالي بابت سوال پڇڻ ۽ اٿاريل مختلف معاملن تي بحث ۽ چنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ جڏهن ڪيترا ماڻهو اُٿي بيٺا تہ موصوف پنهنجا صدارتي اختيار استعمال ڪندي، ڪنهن کي سوال پڇڻ جي اجازت ڪانہ ڏني هئي. اهڙيءَ صورتحال ۾ اها ڳالهہ چيڙي علم ادب جي واڌاري ۽ پلائيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ اجائي سمجهيم، جو هنن وٺ اهڙين ڪانفرنسن ۽ سيمينارن جو مقصد چاڻ ۽ علم جي روشنيءَ جي پکيڙ نہ، پر معتبري ماڻهي صدارت ڪري ڪٿي پاڻ وٽائڻ ۽ بايوڊيٽا ناهڻ هوندي آهي. تنهنڪري، مٺي بہ ماٺ ۽ مُٺي بہ ماٺ سمجهي، اهڙو ويچار منتظمين سان ڪونہ ونديم ۽ پنهنجي اجلاس جو انتظار ڪيم.

هن اجلاس ۾ پيش ڪيل مقالن بابت ڪو بہ تبصرو نہ ڪندس، جو هڪ تہ مان پاڻ پڙهندڙن ۾ شامل هوس، تنهنڪري تي سگهي ٿو تہ راءِ ڏيڻ ۽ تبصرو ڪرڻ ۾ انصاف نہ ڪري سگهان. ٻيو تہ صدارت ڪندڙ محترم سراج صاحب هر هڪ مقالي کي غور سان ٻڌي، نوٽس وٺي آخر ۾ جامع تبصرو ڪيو ۽ اُن جو ڪجهہ حصو پنهنجي ڪالم 'رتيءَ جي رهاڻ' روزانہ 'سچ' ۾ شايع بہ ڪرايو. سراج نہ پروفيسر آهي، نہ وري پاڻ کي عالم يا نامر ڪنيو دانشور سڏائيندو آهي. هو هڪ خاموش ۽ گهٽ ڳالهائو ڪارڪن وانگر جاکوڙيندو سنڌي سماج کي گهڻو ڪجهہ ڏيندو رهيو آهي.

پنهنجي صدارتي تقرير ۾ بہ سڀ کان اول پنهنجي ٻوليءَ تي ڪيل ڪم جي وضاحت ڪندي چيائين تہ ٻوليءَ بابت لکيل سندس ڪتاب جا

چند باب نهايت اهميت وارا آهن. باقي ڪجهه نتيجا هن ڪنهن خاص مقصد کي اڳيان رکي ڪڍيا آهن، جن تي تنقيد ۽ بحث جي گنجائش آهي. اهڙيءَ طرح مقالن پيش ڪندڙن جي پيٽ ۾ پاڻ کي ۽ پنهنجي علميت کي گهٽ ڪري ڄاڻايائين.

ادب توڙي ٻولي انسان ذات جو اهم ورثو آهن، جن بابت غيرجانبداريءَ سان تحقيق ڪري نتيجا ڪڍڻ نهايت مشڪل آهي. سراج صاحب اڪثر موقعن تي اهو چوندو ۽ لکندو رهيو آهي ته ٻوليءَ بابت پيش ڪيل سندس ويچار سنڌي ٻوليءَ خلاف مهم جي موٽ ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي مٿانهون ڪري ڏيکارڻ جي هڪ ڪوشش هئي، يعني هن جانبداريءَ سان نتيجا ڪڍيا. ٻولي ۽ ادب جي باري ۾ جانبداريءَ سان ويچار ۽ نتيجا پيش ڪرڻ قدرتي آهي. اهڙي طرح لسانيات بابت پيش ڪيل ڪيترو علمي مواد ۽ رايا پڻ جانبداريءَ تحت پيش ٿيندا رهيا آهن. اهو ته ڪجهه عرصو اڳ کان عالمن مختلف تحقيقي ۽ تربيتي مرحلا طئہ ڪري ٻوليءَ، ادب توڙي ٻين ڪيترن موضوعن تي سائنسي انداز سان سوچ ويچار ڪري غيرجانبداريءَ تحت نتيجا اخذ ڪيا آهن، جن جي نتيجي ۾ آثار تي ئي اڄ سموري دنيا هڪ ڳوٺ مثل ٿي وئي آهي ۽ دنيا جي هڪ ڪنڊ ۾ موجود ڪنهن ننڍي آباديءَ يا گروهہ جو مسئلو عالمي مسئلو بڻجي ويو آهي. تنهنڪري، اڄ کان چار ڏهاڪا سال اڳ سراج جا غيرجانبداريءَ سان پيش ڪيل دليل ۽ نتيجا بہ نهايت اهم آهن ۽ قومن جي جدوجهد جي تاريخ ۾ اهڙن دليلن جي هميشہ ضرورت رهي آهي.

سراج پنهنجي سماجي ۽ علمي روين ۾ سنڌ ۽ سنڌي علم ادب جي سلسلي ۾ جانبداريءَ سان هڪ سچي سنڌ دوست، عالم ۽ اديب جو ڪردار نڀايو آهي. ناول جي صنف ۾ جڏهن 'پڙاڏو سوئي سڏ' سنڌ جي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيائين تہ ڪيترن ئي تاريخ جي شاگردن کي اُن انداز سان سنڌ جي ان مخصوص دور کي تاريخ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪندڙ ڪردارن جي منظرڪشي ۽ ثناءُ غير حقيقي لڳو پر سراج کي ان خاص پس منظر ۾ ناول لکڻ لاءِ هڪ قسم جو سبب هو. هو سنڌ جي ماڻهن ۾ اهڙي قسم جا ڪردار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جيئن مئڪسم

گورڪي ”ماءُ“ ناول ۾ پاويل ۽ سندس ماءُ جي روپ ۾ اهڙا ڪردار پيش ڪيا، جيڪي ان وقت جي روسي سماج ۾ موجود ڪونہ هئا؛ پر پوءِ روسي سماج ۾ اهڙا ڪردار پيدا ٿيا، جن روس ۾ مارڪسي انقلاب برپا ڪيو. سراج اڄ سوڌو پنهنجي هر عمل ۾ سنڌ لاءِ، سنڌ جي ماڻهن لاءِ اکين ۾ خواب کنيو سنڌ دوستيءَ واري جانبداريءَ سان اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. شيخ اياز سان آخري دور ۾ نظرياتي اختلاف رکندي بہ سندس شاعريءَ کي غير ملڪي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائڻ جي ڪوشش سندس سنڌ دوستيءَ ۽ سنڌ جي مسئلن کي اياز جي شاعريءَ ذريعي دنيا سان روشناس ڪرائي، مڃتا حاصل ڪرائڻ جي ڪوشش، سندس ڪردار کي چٽو ۽ سگهارو بڻائي ٿي.

اهڙيءَ طرح اڄ جي حالتن ۾ جتي عام ماڻهوءَ کان وٺندي سياستڪارن تائين ۽ سماجي خدمت ڪندڙن کان عالمن، اديبن ۽ دانشورن تائين هر ڪو پنهنجن اقتصادي مفادن کي ترجيح ڏئي، قومي ۽ سرڪاري وسيلا پاڻ کي ناهڻ تي خرچ ڪري رهيو آهي، اُتي سراج پنهنجي لکن جي ملڪيت ’سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ‘ جي نالي ۾ سنڌي ماڻهن جون علمي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ارپي رهيو آهي؛ جيڪا ڳالهہ ڪنهن بہ طرح سندس سنڌين ڏانهن جانبداريءَ واري روبي کي لڪائي نہ ٿي سگهي. هو نہ رڳو ذاتي طرح پنهنجي جمع پونجيءَ مان خرچ ڪري سنڌي ماڻهن جي اجتماعي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي، پر جڏهن بہ ڪنهن سرڪاري علمي، ادبي اداري لاءِ سندس راءِ کي اهم سمجهي ڪائنس مدد ورتي وئي آهي تہ پنهنجي ذاتي مفادن کي پاسيرو رکي، بهتر تجويزون ڏئي، هن مناسب ماڻهن جا نالا تجويز ڪيا آهن. اها بہ ڳالهہ آهي تہ جن اميدن کي نظر ۾ رکي، هن اهي نالا تجويز ڪيا هجن، اهي سندس اميدن مطابق ڪم نہ ڪري سگهيا هجن ۽ ذاتي مفادن ۽ آسائشن جي ڪري گڏيل ڀلائيءَ لاءِ ڪم نہ ڪري سگهيا هجن، يا هينئر ان لائق ئي نہ رهيا هجن.

بهرحال سراج سنڌ جي انهن ٿورن شخصن مان آهي، جيڪي هميشہ سنڌ ۽ سنڌي علم ادب جي ساڀيان جا سپنا سرجيندا رهن ٿا. هو جڏهن بين الاقوامي معيار جي عالمن- برطانيا جي ڪرسٽوفر شئڪل ۽ آمريڪا جي

مسز هلٽن سان لسانيات جي علم جي ترقي ۽ سنڌي زبان جي مسئلن تي ويچار ونڊي ٿو تہ سنڌس اکين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ مستقبل ۾ مڃتا جي ڪوشش بابت چمڪ ۽ اميدن واري سرهائي ٻکڻ لڳي ٿي- ۽ چئي ٿو تہ اڄ اسان وٽ بين الاقوامي معيار جو ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو پيدا ٿي چڪا آهن ۽ جلد ئي علمي ترقيءَ جو دور شروع ٿيندو. سنڌ جي ويجهي ماضيءَ ۾ هڪ وقت جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم اخبار سان هڪ سياسي پارٽيءَ جا اختلاف وڌي ڪردار ڪشي، انساني جانين ۽ اخبار جون ڪاپيون سڙڻ تائين پهچن ٿا، تڏهن هڪ ننڍڙي ڪوشش جي موٽ ۾ مڙئي ترجيحون ڇڏي، ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي اچي ٿو تہ جيئن سنڌي سماج کي ناڪاري روين کان بچائي سگهي.

هو جڏهن سنڌ جي تاريخ کي ڏارين هٿان مفروضن جي آڌار تي لکجندي ڏسي ٿو تہ، سنڌ جو علمي آواز بڻجي، اها ذميواري بہ پاڻ تي کڻي، سنڌ جي تاريخ حقيقي ۽ جديد انداز سان لکڻ جي شروعات ڪري ٿو. ٻوليءَ کي پيش ايندڙ ڏکيائن کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارن جي ناڪامي ڏسي، اڪيلي سِر شاهہ جي لغت ترتيب ڏيڻ جو ڪم شروع ڪري ٿو. هاڻي اها سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن جي ذميواري آهي تہ، هن سنڌ دوست عالم جي چاڙ ۽ نيڪ نيتيءَ تحت شروع ڪيل ڪمن کي منطقي نتيجي تائين پهچائڻ لاءِ اڳتي وڌن ۽ سائنسي طريقي سان سنڌس چاڙ ۽ محنت کي حاصل ڪري، سنڌي سماج جي لاءِ لاءِ عام ماڻهن کي مهيا ڪري ڏين.

سراج جي جانبداريءَ وارو اهو رويو ئي آهي، جيڪو ڪيس سنڌ جو مانُ مٿانهون ڪرڻ لاءِ محنت تي اُياري ٿو ۽ ڪنهن بہ موقعي کي هلڪڙائيءَ سان وٺندي ڪم ٽپائڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪري، اهو ئي سبب آهي تہ ’شاهہ لطيف قومي ڪانفرنس‘ جي سنڌس صدارت هيٺ پڙهيل مقالن تي ڇنڊڇاڻ ڪندي، مقالہ نويسن سان پنهنجي اختلافن جو اظهار ڪندي، تجويزون ڏنائين. ڊاڪٽر طارق رحمان جي علمي طرح ترتيب ڏنل مقالي بابت راءِ جو اظهار ڪندي، سنڌس نتيجن کي هڪ طرفو ۽ مطالعي جي کوٽ تي آڌاريل قرار ڏئي، سنڌي سوچ جي اپٽار ڪندي، سنڌس تصحيح ڪيائين. اهڙيءَ طرح منهنجي مقالي ۾ پيش ڪيل نتيجن سان

پوريءَ طرح سهمت نہ هجڻ جو اظهار ڪيائين. سندس اهڙن راين ۾ تجويزن مان خبر پوي ٿي تہ هو ڪيترن ئي ڊگري يافتہ ۽ نوڪري يافتہ عالمن کان وڌيڪ علمي مسئلن جي سمجهہ جو ادراڪ رکي ٿو ۽ ڪيس سنڌ جي ’علمي ڏڪار‘ جي پوريءَ ريت پروڙ آهي ۽ ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ذريعي ان ڏڪار کي سڪار ۾ تبديل ڪرڻ جي سڌ ۽ اميد رکي ٿو. ڪيس پوريءَ طرح جاڻ آهي تہ سيمينار ۽ ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ جو مقصد نوجوانن ۾ شريڪ ٿيندڙن جي تربيت سان گڏ منجهيل مسئلن کي چونڊيل گروهہ جي اڳيان پيش ڪري نتيجا ڪڍڻ هوندو آهي، جن جي روشنيءَ ۾ مستقبل جو سماج اڏبو آهي ۽ تحقيق کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سوچ ويچار ڪري. انسان لاءِ ڪارائتو بنائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي.

خدا تعاليٰ اهڙين ڪانفرنسن ۽ سيمينار منعقد ڪرڻ وارن ۾ سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن جي واڳ ڌڻين کي سمجهہ ۽ عقل ڏئي، جو اهڙن علمي ڪمن جي مقصد ۽ مفهوم کي سمجهن ۽ صِرف ڪن خاص ماڻهن يا ڌرين جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي تباهہ حال علمي ماحول کي وڌيڪ تباهيءَ ڏانهن ڌِڪڻ کان پاسو ڪن.

(ڪتاب: ’شخص ۽ عڪس‘ (2012ع) تان ورتل)

# ٽالسٽاءِ کان سراج تائين

(علم، ادب ـ بغاوت ۽ انڪار)

**امان الله شيخ**

مون ڪي تازو ٽه ماهي ڪونج (سيپٽمبر کان ڊسمبر 2011ع) جي شماري ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب متعلق تحقيق ۽ کوجنا ۾ مڃتا ماڻيندڙ تاريخ جي غير منطقي ۽ مفروضن کي رد ڪندڙ هڪ قدآور هستيءَ سراج ميمڻ جو هڪ ليک ”لڇمڻ جي زندگيءَ جو سفر“ پڙهڻ جو موقعو مليو. پاڻ رسالي جي 35 صفحي تي ٽيرس ۾ وجهندڙ هيٺيون سٽون لکيون اٿائين:

”اڄ ڪلهه آءٌ سنڌيءَ بدران انگريزيءَ ۾ لکڻ کي ترجيح ڏيندو آهيان، جيتوڻيڪ آءٌ سموري زندگي سنڌيءَ ۾ لکندو رهيو آهيان. ڪهاڻيون، ناول، تبصرا ۽ مضمون سنڌيءَ ۾ لکندو رهيو آهيان. هاڻي انگريزيءَ ۾ اُن ڪري لکان ٿو ڇاڪاڻ ته آءٌ جذباتي طوفانن کان پاڻ کي بچائڻ گهران ٿو. سنڌي بنيادي طور هڪ جذباتي زبان آهي، اُن جي مقابلي ۾ انگريزي هڪ غير جذباتي ۽ غير جانبدار زبان آهي.“

انهن مٿين سٽن پڙهڻ کان پوءِ مون جهڙي سياسي ورڪر ۽ سنڌي ٻوليءَ سان فطري لڳاءُ ۽ محبت هئڻ جي ناتي هڪ ڌارا ۾ وهي وڃڻ لاءِ اڪيچار دليل هٿا ۽ آهن. پر سراج جي راءِ هڪ اڻ کٽندڙ سوالن جي اندلٺ وانگر ڦيراڪا ڏيندي رهي ته ڇا دنيا جون شاهوڪار لکڻيون، جن سياست ۽ سماج ۾ ردوبدل لاءِ مينهن ۽ واءَ جو ڪم ڪيو آهي. اهڙن اديبن، شاعرن، فيلسوفن پنهنجن لکڻين وسيلي بغاوت جو ٻج ڇٽيندي مُدي خارج تشريحن ۽ تاويلن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. ڇا سنڌن بيش بها لکڻيون انگريزي زبان جون محتاج ۽ دست نگر رهيون آهن؟ جواب ناڪار ۾ هو ان کان اڳ

جو سراج جي راءِ جو احاطو ڪري ڪنهن مول ۾ مقصد تائين رسائي حاصل ڪريان، مان چاهيان ٿو تہ پڙهندڙن سان هڪ اهڙي عالمي ميجتا ماٽيندڙ اديب، فيلسوف ۽ ليکڪ بابت چار چونڪ ڳالهين جا ڪريان، جنهن پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ لکيو ۽ اُن ۾ هڙئي اُهي خوبيون ۽ خصلتون موجود هيون، جيڪي هڪ آدرشي انسان ۾ هئڻ گهرجن. اهو اديب، باغي ۽ انڪاري ليو ٽالسٽاءِ آهي، جيڪو هڪ سؤ هڪ ورهيہ اڳ 20 نومبر 1910ع ۾ گذاري ويو هو.

جيتوڻيڪ ٽالسٽاءِ کي عالمي سطح تي هڪ ناول نگار سمجهيو وڃي ٿو ۽ لاشڪ تہ هڪ مهان ناول نگار هو پر پاڻ ساڳي ئي وقت گهڻ پاسائون ذهانت جو ڀنڊار هو. هو مضمون نگار، ڊرامہ نگار/ ناٽڪ نويس، مذهبي اصلاح پسند، عدم تشدد جو حامي ۽ فڪري طور نراج وادي (Anarchist) هو.

ٽالسٽاءِ روسي زبان ۾ سياسي، سماجي ۽ تاريخي پس منظر ۾ اهڙا شاهڪار ناول لکيا، جن کي اڳتي هلي عالمي شهرت حاصل ٿي. ورجينا وولف جي راءِ موجب تہ ٽالسٽاءِ هر زماني جو عظيم ناول نگار آهي. ائين ڪوڙ سارا ليکڪ ۽ ناول نگار ٽالسٽاءِ جا پاچولا آهن. انهن ۾ چيخوف، مارشل پروسٽ، ولاديمير ميرنوڪوف ۽ وليم فاڪنر تائين سهمت آهن تہ سندن لکڻين تي ٽالسٽاءِ جو اثر آهي.

هن جو شاهڪار ناول "جنگ ۽ امن" (War and Peace) عالمي ادب جو اهو فنپارو آهي، جنهن جي ٻي ڪنهن لکڻيءَ سان ڀيٽ ڪرڻ ۽ مثال پيش ڪرڻ بہ محال آهي. انهيءَ ناول ۾ پاڻ سچيتائيءَ سان هيڪاندا ڪردار تخليق ڪري انهن کان چابڪ دستيءَ سان ڪم ورتو اٿس. اهڙو ڪارج ٽالسٽاءِ جو ئي چئي سگهجي ٿو. ان تاريخي نقطہ نگاهہ کان لکيل ناول ۾ نيپولين بوناپارٽ جي جنگي مهم جوئي ۽ تباهڪاريءَ کي جنهن رنگ ۽ ڍنگ سان اجاگر ڪيو ويو آهي، سو سندس قلم جو ڪمال آهي. ٽالسٽاءِ بنا ڪنهن رياڪاريءَ جي حقيقتن کي بجنسي ايڏو تہ نروار ڪري بيهاريو آهي، جو ان ۾ سندس ڪردارن کي عروج ۽ زوال جو بيان ڏاهپ ۽ خبرداريءَ سان ڪيو ويو آهي.

ٽالسٽاءِ جو هڪ ٻيو جڳ مشهور ناول آهي: "اينا ڪرينا" (Anna Kareninan)، جنهن ۾ هڪ عياش ۽ بددماغ عورت سماج جي مڪرو فريب ۽ دوکي دولاب جي بيڪڙ ۾ ڦاٿل، لُڇي ۽ ڦٿڪي رهي آهي. انهيءَ ناول جو هڪ ڪردار ليئون نالي سان آهي، جيڪو هڪ ڏاهو زميندار آهي. اهو ڪردار ڪنهن حد تائين سندس ئي حياتيءَ جو هڪ رُخ آهي.

ٽالسٽاءِ جي هڪ ناول نما مختصر ڪهاڻي "اوان ايليچ جو موت" (The Death of Ivanilych) جيڪا 1870ع ڌاري لکيل آهي، ان ۾ مکيه ڪردار هڪ جج جو آهي، جيڪو 45 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويجي ٿو. انهيءَ زماني ۾ ٽالسٽاءِ جي مذهبي ۽ فيلسوفيانہ سوچ ۽ فڪر ۾ هڪ وقتائتي رديبدل اچي رهي هئي، ڇو تہ اُن جج جي ڪردار ۾ هڪ اهم نُڪتي جي اپٽار ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏنو ويو آهي تہ عزت ۽ مان واري رهڻي ڪهڻي ۽ بودو باش جو دارومدار ذاتي مفادن جي بدران ٻاجهاري ۽ انسان دوست لاڙن سان واڳيل آهي. ائين ڪٿي ڇئجي تہ هن ناول ۾ ٽالسٽاءِ جي فڪر جا ترورا چلڪندي نظر اچن ٿا. اهو هيئن تہ گناهن سان پرپور حياتي جيئري ئي موت آهي. اهڙي موت جي ماتريءَ مان آجو ٿيڻ سقلتا آهي.

هونئن ٽالسٽاءِ جي گودڙيءَ ۾ لڳ ڀڳ هڪ درجن ڪهاڻيون آهن. انهن مان هڪ ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل آهي: 'هڪ ماڻهوءَ کي ڪيتري زمين گهربل آهي؟' (How Much Land Man Does Need) انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ڪجهہ ناٽڪ لکيائين، جن جو مول ۽ مقصد نظر پئي آيو تہ ٽالسٽاءِ جو ذهن زمين کي شخصي ملڪيت ڄاڻڻ جي خلاف سوچي رهيو آهي.

ڪائونٽ نڪولائي وچ ٽالسٽاءِ 09 سيپٽمبر 1828ع تي روس جي هڪ نواب ۽ خوشحال گهراڻي ۾ ڄائو هو. هن جو ننڍيپڻ کان وٺي تعليم ڏانهن چاهہ نہ هئڻ برابر هو جنهن ڪري يونيورسٽيءَ جي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين. ان کان پوءِ حياتيءَ جو ڪجهہ وقت نٽ نانگر ۽ عيش عشرتن سان ماسڪو ۽ پيٽرسبرگ ۾ گذاريائين. اهڙي رهڻيءَ ۾ ڪيس جواخانن جي بہ

علت پئجي وئي ۽ ڏسندي وائسندي قرض ۾ ٻڏي ويو. ان حالت ۾ آمدنيءَ جو ذريعو وڌائڻ لاءِ 1851ع ۾ فوج ۾ شامل ٿيو.

اهو ساڳيو سال هڪ لحاظ کان سندس حياتيءَ جو ڪارائتو دور سمجهيو وڃي ٿو جنهن ۾ ٽالسٽاءِ وڏيڪ تندهيءَ سان لکڻ جو ڪم شروع ڪيو. جنهن ڪري 1852ع کان 1856ع تائين پنهنجي آتم ڪٿا: 'ننڍپڻ، ڇوڪرائپ ۽ جواني' لکي ورتائين. ٽالسٽاءِ سيپٽمبر 1862ع ۾ صوفيہ نندرروينا برس سان وهانءَ ڪيو. هوءَ ان وقت 18 ورهين جي هئي، جڏهن تہ پاڻ 34 ورهين جو هو. انهيءَ شادي مان کين 13 ٻار ڄاوا. صوفيہ کيس لکڻين ۾ همٿائڻ ۽ ڀانهن ڀيليءَ طور سگهارو ساٿ ڏنو. ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو هو تہ هوءَ کيس لکڻين ۾ ڪارائتي ۽ ڪارگر صلاح ثواب بہ ڏيندي هئي.

ٽالسٽاءِ ڪجهہ وقت لاءِ فوج ۾ رهي سگهيو. هو سيڪنڊ ليفٽيننٽ طور ڪريميا جي جنگ ۾ شامل ٿيو. هن پنهنجي اکين ۽ مشاهدي سان جنگ ۾ ٿيندڙ قهري ۽ وحشي ڪارروايون ڏٺيون تہ کيس خوف ۽ هراس ورائي ويا. اتان ئي سندس ذهن ۾ جنگ مخالف سلا ڦٽڻ شروع ٿي ويا.

ٽالسٽاءِ جو اُن نُڪتي ۾ پختو ويساهہ هو تہ عيسائيت جو جوهر عدم تشدد ۽ عدم مزاحمت جي اصولن تي رکيل آهي. سندس اهڙن ويچارن جو اثر سنئون سڌو مهاتما گانڌي (قتل: 1948ع) ۽ مارٽن لوٿر ڪنگ (قتل: 1968ع) تي پيل ڏسجي ٿو. پاڻ 1908ع ۾ هڪ هندوستاني اخبار ۾ 'هڪ هندو ڏانهن خط' لکيو. ائين انهيءَ خط جي ڇپجڻ کان پوءِ مهاتما گانڌيءَ اعتراف ڪيو تہ سندس عدم تشدد ۽ عدم مزاحمت جي ويچارن ۾ وڌيڪ پختگي ۽ قوت ارادي پيدا ٿي. ايستائين جو گانڌي، ڏکڻ افريڪا ۾ پنهنجي هڪ آشرم جو نانءُ پڻ ٽالسٽاءِ ڏانهن منسوب ڪيو.

رياست جي موجوده بيهڪ ۽ جوڙجڪ بابت ٽالسٽاءِ جي راءِ هئي تہ اُن جو سڄو سمورو بوتو نہ رڳو قُرلت ڪي هٿي ڏئي ٿو پر ساڳئي وقت ماڻهن کي بدعنوانيءَ ڏانهن مائل ڪري ٿو. رياست بابت سندس سوچ ۽ ويچار ۾ ڦيرڦار جو بنيادي ڪارڻ بڻجڻ هو تہ پاڻ فرينچ آرجڪ وادي پيري جوزف پرڌوان جي لکڻين کان پوءِ انهي حتمي راءِ تي پهتو. ٽالسٽاءِ تي ان کان علاوه

جنهن فيلسوف جون لکڻيون وڏيڪ اثرانداز ٿيون. اهو آرٿر شوپنهار (1788ع-1860ع) آهي. جنهن ڪري سندس سوچ ۾ اخلاقيات متعلق وڌيڪ پختگي ۽ ويساهه پيدا ٿيو.

هُو رياست ۽ چرچ (Church) جي ڪارج جو سخت مخالف هو. ڇو تہ سندس خيال موجب تہ رياست جو بڻ بنياد طاقت ۽ جبر تي رکيل آهي. جڏهن تہ چرچ/ وري مافوق الفطرت ۽ ذهني پراسراريت ۾ واڌارو ڪري ٿي. انهيءَ لحاظ کان پنهنجن ٻن ڪتابچن: "تو ۾ ديرو دوست جو" (The Kingdom of God within You) ۽ اعتراف نامو (A Confession) ۾ گرجا چرچ ۽ رياست تي ڄُلهون ڪندي لکي ٿو تہ رياست پنهنجي جياپي لاءِ اهڙا قاعدا ۽ قانون جوڙيا آهن. جيڪي ذاتي ملڪيت جهڙي مڪروهہ اسم کي تحفظ فراهم ڪن ٿا. هُو حضرت مسيح جي آخري خطبي کي ئي وڏي وٿ ۽ ميراث سمجهندو هو ۽ ٻين اسمن کي مسترد يا رد ڪندو هو.

انهيءَ نقطہ نگاهہ کي ذهن ۾ رکندي تہ امير شاهي، مورڳو غريبن جي ڪلهن تي بار ۽ خانگي ملڪيت جو وهنوار سماج ۾ اٽڪٽ کي اُپاري ٿو. ٽالسٽاءِ عملي طور پنهنجي سموري ملڪيت ۽ ڪتابن جي آمدنيءَ مٿان پنهنجي اولاد ۽ زال کي وارث سمجهڻ کان نابري ڪرڻ ڏانهن اڳڀرائي ڪري رهيو جو سندس آڪهہ سان اختلاف چوٽ چڙهي ويا. انت تہ جهرندڙ صحت ۽ سخت سياري جي مند ۾ گهر ڇڏي ٻَر جو منهن ڪيائين. هُو هڪ ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو ۽ اپسٽاپو جي اسٽيشن تي سيءَ وگهي 20 نومبر 1910ع تي گذاري ويو.

**ويهين صديءَ جي سنڌ ۽ سٽر جو ڏهاڪو:**

ٽالسٽاءِ کي لاڏاڻو ڪندي اڌ صدي لنگهي وئي هئي. سنڌي ادب، قدامت پرست سياست ۽ سماج جا لوڙها لتاڙي، هڪ نئين سنڌ جي اڏاوت لاءِ ميڙا چوند ڪري رهيو هو. انهيءَ ساڳي دور ۾ سنڌ جي سياست ۽ سماج کي ڏارين جو طفيلي، مهذب ۽ سڌريل جاٽائڻ لاءِ مدي خارج تشريحن ۽ تاويلن سان ڪتابن جا انبار لکجي نہ پر سٽجي رهيا هئا. ان حد تائين جو سنڌي ٻوليءَ کي پڻ ٻاهرين ٻولين جو مرهون منت ۽ ٻيجهو بنايو پئي ويو.

انهيءَ خفت ۽ سوداءَ کي کوجنا ۽ اپياس جا ابتا سبتا ليڪا ڪيڏي حرف آخر ڄاڻايو پئي ويو. اهڙي اڳيرائيءَ جو مهندار ڪو عام رواجي ماڻهو نه، پر سنڌ جو هاڪارو اديب ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. ان ۾ ڪوبه وهم گمان ڪونهي ته ڊاڪٽر بلوچ جو سنڌي ادب ۾ هڪ اهم مقام آهي ۽ سنڌ سندس پگهر ۽ پورهئي کي وساري نه سگهندي. پر ڊاڪٽر بلوچ کي اهو ڪولمبس سمجهڻ گهرجي، جيڪو سنڌ جي ڳولا ۾ ته نڪتو پر اُن کي خيالن ۽ تصوراتي دنيا جي تشريحن ۾ حاصل ڪري ورتو. ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ٻوليءَ بابت راءِ ڏني ته سنڌيءَ جون پاڙون سطحي طور تي سنڌ ۾ ڪتل رهنديون آيون آهن، پر ان جي واڌ ۽ ويجهه ۾ ڌارين ٻولين ۽ خاص ڪري عربي ۽ فارسيءَ جو وڏو هٿ آهي. يا وري ڪجهه ٻوليءَ جي عالمن سنڌيءَ کي مورڳو ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جهڙوڪ تامل سان لڳُ ملڻ جي راءِ ڏني. ان کان سواءِ ڪجهه هندوستاني ٻولين تي دسترس رکندڙ عالمن جي دعوي هئي ته سنڌيءَ جو سنسڪرت، پالي يا ڪنهن آڳاٽي زبان سان واسطو آهي.

بهرحال ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي راءِ جو لکت جي صورت ۾ اظهار تماهي 'مهراڻ'، 1959ع جي ڇاپي ۾ ڪيو. سندس دليلن ۽ دعوائن کي جنهن ماڻهوءَ رد ڪيو سو هماليه جي پيرن ۾ ٻيٺل جڻ ته هڪ جيتامڙو هو. اُن جيتامڙي جو نالو آهي سراج الحق ميمڻ سراج، جنهن "سنڌي ٻوليءَ" نالي هڪ شاهڪار ڪتاب لکي، انهن سڀني غير علمي روايتن ۽ مفروضن کي رَد ڪيو ته "سنڌي ٻولي ۽ تمدن هڪ خيرات ۾ مليل ۽ اڌارو ورتل سازو سامان آهي." ان جي برعڪس سراج، کوجنا، اپياس ۽ منطق وسيلي سنڌوءَ جي آڳاٽي رسم الخط جي ڳهاڙيتن سان ثابت ڪيو ته هتان جي تهذيب سنڌ ڄائي هئي، ان ڪري زبان به سنڌ ڄائي هوندي."

ائين سراج، سنڌي ٻولي بابت ديومالائي ڪٿائن جي ڪوڙڪيءَ کي پرزا پرزا ڪري، سچائيءَ ۽ حقيقت کي پڌري پٽ ڪري بيهاريو. سنڌي ٻولي ۽ تمدن کي ديس ڄاول ثابت ڪرڻ کان پوءِ به سندس قلم بيهجي ڪونه ويو. هن جي شعور ۽ فڪر جي روشني 'هلال پاڪستان' جي وسيلي سُهائي ڪندي رهي. سراج جي اُنهن ايڊيٽوريلن صحافت جي سنسار ۾ جدت جا دروازا

ڪولي چڙيا. ان کان سواءِ سندس ناول "پڙاڏو سوئي سڏ"، "مرڻ مون سين آءُ"، "پياسي ڌرتي رمندا بادل" (ترياڪلاجي) پڻ سنڌ ۽ سنڌ واسين سان محض محبت نہ، پر لافاني محبت جو ثبوت آهن.

اڄ سراج جي ڏسيل واٽ تي ڪيترائي عالم ۽ اسڪالر پنهنجون ذهني ۽ فڪري محنتون ڪري رهيا آهن. انهن مان محترم عطا محمد ڀنڀرو پڻ هڪ آهي، جيڪو آڳاٽي سنڌي رسم الخط جي تري تائين پهچڻ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي. عطا محمد جي انهيءَ تحقيق جو ذڪر ايلس البينيا پنهنجي ڪتاب "سنڌوءَ جون سلطنتون" (The Indus Empires) ۾ پڻ ڪيو آهي تہ ڪيئن ڀنڀري سان موهن جي دڙي واري رسم الخط جو ذڪر ٿي رهيو هو. سندس چواڻي تہ پاڻ ان وقت ٽيرس ۾ پئجي ويو، جڏهن هُن منهنجو نالو موهن جي دڙي واري رسم الخط ۾ لکي ڏيکاريو.

بهرحال پاڻ چوڻ ٿا تہ ڪنيل موضوع جي مد ۾ سراج جي راءِ ۽ مام ڏانهن ان جا بہ ڪارڻ ٿي سگهن ٿا:

(1) هر هڪ منش کي پنهنجي پورهئي لاءِ، پوءِ ڇو نہ لکت جي شڪل ۾ هجي، قدر ۽ قدردان گهربل هوندا.

(2) ليکڪ جي لکڻي جيڪڏهن شاهڪار آهي تہ ان کي ڏيهہ کان ٻاهر پرڏيهہ ۾ ڪيتري مڃتا ۽ مان مليو آهي.

جينوئيڪ سراج کي سنڌ ۾ هزارين قدردان مليا آهن. سندس پورهئي "سنڌي ٻولي" کي هُن جي لائق فرزند امجد سراج، انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري سندس خواهش جو پڻ ازالو ڪيو آهي، پر پوءِ بہ سراج انگريزيءَ ۾ لکڻ تي بضد ڇو آهي؟ ڇا ائين تہ ڪونهي تہ پاڻ موجوده سنڌي رسم الخط کي عالمي سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي نمائندگيءَ لاءِ اڻ پورو سمجهي ٿو. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل سنڌي جيڪي سنڌي ٻولي ڳالهائي سگهن ٿا، پر پڙهي ۽ لکي ڪونہ ٿا سگهن. انهن کي هڪ مالها ۾ پوئڻ جو سپنو سراج جي اکين ۾ وراڪا ڏئي رهيو آهي.

لاشڪ تہ السناءِ ۽ سراج علم، بغاوت ۽ انڪار جي صف ۾ بيٺل آهن.

(عوامي آواز سنڌي مئگزين، آچر، 27 نومبر 2011ع)

# سراج جي لکڻين جو فڪري پسمنظر

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

سراج جي ڪهاڻين ۾ جديد دور جي ڪهاڻين جي عالمگير سوچ جو احساس سمايل آهي. جنهن ۾ اهڙي معاشري جي شديد خواهش آهي، جنهن ۾ استحصال نہ هجي، ناانصافي نہ هجي، ضمير ۽ ذهن جي آزادي هجي. سراج جي ڪهاڻين ۾ مقامي رنگ سان گڏ جديد دور جي بدلجندڙ فڪر مطابق نوجوانن جو اهو شديد اظهار بہ موجود آهي. جيڪي ڪائنات تسخير ڪرڻ چاهين ٿا. ڪهاڻين ۾ نوان رنگ ۽ نوان ڍنگ موجود آهن. سندس ڪهاڻي "اي درد هلي آءُ" اهڙو احساس رکي ٿي، جنهن ۾ جديد تهذيب ۽ قدرن وچ ۾ جاگيرداريءَ وارا رويا زير بحث اچن ٿا. ڪهاڻيءَ جي شروعات هڪ پارٽيءَ سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ شفيق ۽ شمي بہ مرڪزي ڪردار آهن. جن جو پارٽيءَ ۾ عورت ۽ مرد بابت بحث ڇڙيل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ الميو اُن وقت شروع ٿئي ٿو. جڏهن شمي محفل ۾ وڄندڙ موسيقيءَ تي بي اختيار ٿي پنهنجا ماضيءَ جا ورق اٿلائي ٿي. اُن وقت شفيق، جنهن جي پارٽيءَ ۾ انا جي تعمير ٿي رهي هئي، انهيءَ کي ڌڪ لڳي ٿو ۽ کيس خبر پوي ٿي تہ سندس زال جو ڪو بيو چاهيندڙ هو جنهن اُن جي محبت ۾ جان قربان ڪري ڇڏي اُن وقت سندس ذهن، شعور ۽ جذبات جي ڪيفيت کي ڌڪ لڳي ٿو ۽ پوءِ هو آفاقي قدرن ۾ انسانيت ڏانهن موٽ ڪائي ٿو ۽ شميءَ کي پيار ڪري ٿو. مجموعي طور هن ڪهاڻيءَ ۾ مٿئين طبقي ۾ بدلجندڙ قدرن جي ٽوڙ ڦوڙ جو فڪر موجود آهي، جنهن تي روشن خياليءَ جو اثر آهي.

سندس بي ڪهاڻي "فراڊ" آهي. هن ۾ جنس جهڙي اهم موضوع کي ڇُهيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي نُڪتو اهو آهي تہ عورت ۽ مرد جو بنيادي ۽ فطري تعلق جنسي آهي، جيڪو سماجي قدرن ۽ دباءَ ۾ دٻيل آهي، تنهن ڪري منافقت پيدا ٿئي ٿي. خاص طور سان انهيءَ ڳالھ ڏانهن اشارو آهي تہ مرد جي

نفسيات ۾ عورت جي جسم جي وڏي اهميت آهي. سندس ظاهري رک رکاءُ، شريفاڻو سلوڪ سڀ منافقت آهي، فراڊ آهي، هڪ حسين ۽ خوبصورت عورت جي اڪيلائي ۽ ويجهائپ ملندي ئي مرد پنهنجي اصليت تي اچي ويندو آهي. ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ هڪ نرس شنيلا، جيڪا پنهنجي نوڪريءَ دوران مريضن ۽ انهن جي ملاقاتين جا رويا ۽ سندن نظرن جي باري ۾ ٻڌائي ٿي. دراصل روايتي قدرن ۽ مذهبي ۽ سماجي اخلاق جي گُهٽ، مرد ۽ عورت جا ويڇا، اهڙين روايتن ۽ منافقتن کي جنم ڏين ٿا. فرق اينترو آهي تہ عورت انهيءَ معاملي ۾ ايتري آزاد ناهي. متس لڳل سماجي اخلاقيات جا پهرا ڪيس دٻائي رکن ٿا، پر مرد انهيءَ جو اظهار ڪري ٿو ويهي، جنهن کي اسان فراڊ يا مرد جي فطرت نٿا چئي سگهون. ڪهاڻيءَ ۾ اهڙن روين ۽ احساسن جو ردعمل آهي. ڪهاڻي ”چنڊ گرهڻ“ بہ اهڙي موضوع تي لکيل آهي، جنهن ۾ اها ڳالهہ واضح آهي تہ غير آسوده جنسي زندگيءَ جا سماجي زندگيءَ تي ڪهڙا اثر پون ٿا.

سنڌي ڪهاڻيءَ تي مغربي فن ۽ موضوعن جا تجربا ۽ ديومالائن کي علامت طور کڻي انساني الميي کي پيش ڪرڻ جو تجربو سراج شروع ڪيو جنهن ۾ سندس بہ ڪهاڻيون قابل ذڪر آهن: هڪ ”پاتال“ ۽ ٻي ”انسان ۽ ديوتا“. ڪهاڻي ”پاتال“ ۾ سراج طبقاتي سماج جي حقيقت کي علامتي انداز سان پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ محسوس ٿئي ٿو تہ ديوتائن جو عذاب ۽ ڏک سندن اذيت ايتري ناهي، جيتري انساني طبقاتي سماج ۾ انسان پل پل ۾ ڀوڳي ٿو. تمثيلي انداز ۾ ديوتائن جي واتان غير طبقاتي سماج جي نظرئي جو پرچار ڏاڍي خوبصورت انداز سان ٿيل آهي.

”ديوتائن جو سراپ ايترو ڇيڇلائيندڙ نہ هو جيترو منهنجي پنهنجي دنياوي ماڻهن جو سراپ ڇيڇلائيندڙ آهي. منجهن پنهنجي ڪئي کان شرم لڪائڻ لاءِ آءٌ هي ڳلا جو ڳهانگو تيسين پيو ڳهليندس، جيسين هي ماڻهو پنهنجو پاڻ کان، پرمار کان آجا ٿي، وري ونڊي ورڇي نہ کائيندا! پيار ۽ پورهئي جو امر مثال قائم نہ ڪندا.“

سراج هڪ ئي وقت جديد دور جي گهٽن پاسن کي کڻي ٿو جنهن ۾ سرمائيداريءَ جي بدلجندڙ قدرن ۾ انساني رويا ۽ انهن جو نفسياتي اثر،

روشن خياليءَ جي بنياد تي جديد علمي بحث ۽ انهن جا اثر ۽ ساڳئي وقت سرمائيداريءَ ۾ پيدا ٿيندڙ معاشي گهوٽالو پورهيت جي زندگيءَ جو الميو ساڻس ٿيندڙ غيرانساني سلوڪ ۽ سماج کي تبديل ڪندڙ فڪر. پورهيتن جي جدوجهد سيئي موضوع. سراج ڏاڍي فنڪاريءَ سان ۽ فڪري گهرائيءَ سان ڪٽي ٿو خاص طور سان سندس ڪهاڻيون 'زندگيءَ جي ڪنارن تائين'، 'ٻهڙي'، 'هڪ سج ۽ ٻه پاڇا'، 'اوندهه جو وڻ'، 'انسان ۽ ديوتا'، 'هڪ مرد تي لاشا'. طبقاتي سماج ۾ انسان سان ٿيندڙ هاجا ڏيکارين ٿيون. جنهن ۾ پورهيت جي زندگي چيچلائيندڙ نظر اچي ٿي. سندس ڪهاڻي 'زندگيءَ جي ڪنارن تائين' ۾ هڪ پورهيت ڪردار جيڪو جرم ۽ پورهئي جي ڪشمڪش ۾ الجهي ٿو. پهريائين ڏوهاري آهي. ڏوهه ڪري ٿو پر هڪ موڙ تي کيس احساس ٿئي ٿو ته هو سندس بيمار ماءُ، ڀائرن ۽ ڀينرن کي ڪجهه نه ڏئي سگهيو آهي. کين زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون به نه ملي سگهيون آهن. تنهن ڪري ڏوهه ڪرڻ ڇڏي هو سنجيده ٿي، ڪارخاني ۾ مزدوري ڪرڻ شروع ڪري ٿو پر رات ڏينهن سخت محنت ڪرڻ کان پوءِ به کيس پگهار ايترو نٿو ملي، جو ضرورتن کي منهن ڏئي سگهي. سوچيندي چوي ٿو:

"ٻارنهن ڪلاڪ باهه مٿان بيهي ڪم ڪرڻ کان پوءِ به هنن کي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون نٿيون ملن."

- ۽ مزدورن جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو ته:

"سيني جي منهن تي اهڙي ويراني ڇانيل هوندي آهي، جڻ ته زنده لاش آهن، جي مرڻ کان پوءِ به بک جو تاثير ياد ڪري ڪفن ڦاڙي اچي مزدوري ڪرڻ لڳا آهن. ائين ٿو محسوس ٿئي، جڻ زندگي مزدورن لاءِ بدنصيبيءَ جو گهنج ٻڌجي رهجي وئي آهي."

- ۽ اهي مزدور جڏهن زهر جهڙي زندگيءَ مان ڇوٽڪاري جي لاءِ پنهنجي حقن جي جدوجهد ڪن ٿا ۽ ڪارخاني ۾ هڙتال ڪن ٿا ته ناڪام ٿي وڃن ٿا ۽ کين نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي ٿو. آخر هو موتي اُن دنيا ۾ وڃي ٿو جتي انسان چور آهي، ذاڙيل آهي، خوني آهي.

"هڪ مرد تي لاشا" به اهڙن ڪردارن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي مختلف مسئلن ۾ ڦاٿل آهن. پر سندن هڪ ئي ناسور آهي، اها

آهي 'غربت!' غربت جي پيڙا ۾ سفر ڪندڙ پوڙهو مسافر هجي يا اسپتال ٻاهر تڙپي جان ڏيندڙ پر سندن الميو هڪ آهي.

غربت ۾ پورهيت طبقي جي نوجوانن جي ڀٽڪي وڃڻ جي هڪ ڪهاڻي 'هڪ سچ ۽ هزار پاڇا' آهي، جنهن ۾ اهو الميو ڏيکاريل آهي ته غريب طبقي جا مائٽ ٻهراڙيءَ جي هڪ نوجوان کي ڪشالا ڪڍي پڙهائين ٿا. هو نوڪريءَ لاءِ شهر وڃي ٿو پر اتي شهر جي رنگينين ۾ گم ٿي وڃي ٿو پنهنجي والدين جي اميدن ۽ ارمانن جو زنده لاش بڻجي ڳوٺ موٽي ٿو. 'ٻهڻي' به هڪ اهڙي غريب طبقي جي ڪهاڻي اهي، جنهن ۾ گهٽ پگهاردار طبقي جي ڪشمڪش ڏيکاريل آهي ته محدود آمدنيءَ واري طبقي جو هن دور ۾ ايمانداريءَ سان زندگي گذارڻ ڪيڏو ڏکيو ۽ ناممڪن ڳالهه آهي.

ڪهاڻي 'اوندهه جو وڻ' ۽ 'رات ستارن هاڻي' به اهڙي زندگيءَ جي الجهن جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو اصل سبب غربت آهي. طبقاتي سماج جي اوڻاين کي ظاهر ڪندي، سراج جا ڪردار ۽ موضوع آهستي آهستي هڪ تسلسل ۾ ارتقائي مرحلن مان گذرن ٿا ۽ سماج جي جديد قدرن ۽ طبقاتي ڪشمڪش کان ٿيندا، پنهنجي وجود ۾ قومي درد به سموهي چڙهين ٿا، تڏهن 'ناچڻي' ۽ 'ڪارونجهر جا مور' جهڙيون ڪهاڻيون سرجن ٿيون. اهي ڪردار صرف ڇيڇلائيندي مصيبتن ۾ ويچارگيءَ جي زندگي گذاري مري نٿا وڃن، پر جدوجهد به ڪن ٿا ۽ فاشي قوتن سان مهاڏو به اٽڪائين ٿا، رياست جو جبر ۽ اذيتون به سهن ٿا: جيئن 'انون ماٺهو' سراج جي شاهڪار ڪهاڻي آهي، جيڪا انهيءَ پسمنظر ۾ لکيل آهي.

مجموعي طور هنن ڪهاڻين جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو ته سراج سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ روشن خيال فڪر ۽ ترقي پسنديءَ جي تقاضائن کي ڏاڍو فني، پيرائتي ۽ جديد انداز سان پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪردار نه ته نعري بازي ڪن ٿا، نه نظرئي جو پرچار بلڪ سندن معاشرتي ۽ نفسياتي زندگيءَ جا پهلو اهڙيءَ طرح پيش ڪيل آهن، جو پڙهندڙ خود بخود طبقاتي سماج جي روپ کان نفرت ڪرڻ لڳي ٿو ۽ پراڻين روايتن، قدرن ۽ جديد دور جي تقاضائن کي سمجهڻ لڳي ٿو.

سراج الحق ميمڻ شاعري بہ ڪئي آهي، جيڪا ’مهراڻ‘ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل آهي. ان کان سواءِ ’نئين زندگي‘، ’ادا‘، ’شاعر‘، ’لطيف ڊائجسٽ‘، ’روح رهاڻ‘ ۽ ’مهراڻ‘ رسالن ۾ سندس ڪيترائي مضمون، تبصرا ۽ تنقيدون شايع ٿيل آهن.

سراج الحق ميمڻ جون ڪهاڻيون ۽ ناول گهڻي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. انهن ناولن ۽ ڪهاڻين ۾، تاريخي پس منظر کان سواءِ قوميت جي رنگ، مقامي رنگ ۽ ٻهراڙيءَ جي نيٺ سنڌي ماحول جو عڪس گهڻو نمايان آهي. هن سنڌي قوميت جي تهذيبي، تمدني، سماجي ۽ نفسياتي مسئلن کي ئي موضوع بنائي لکيو آهي.

سندس ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ رومانوي پهلو بہ چٽو نظر اچي ٿو. هن، رومانيت کي نئون رنگ ڏيئي، ان ۾ وسعت آندي آهي. رومانوي فڪر ۽ نفسيات جا نوان زاويا پيش ڪيا آهن، جنهن ڪري سنڌي ادب ۾ جديديت جي تحريڪ اُڀارڻ ۾ سراج جو وڏو هٿ مڃيو ويو آهي.

هيٺ سراج جي ناولن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

**1) پڙاڏو سوئي سڏ:**

سراج جو هيءُ ناول 1970ع ۾ ڇپيو، جيڪو سنڌ جي تاريخ تي لکيل آهي. سنڌ جي تاريخ، هر مظلوم قوم جي تاريخ وانگر، ظلم جي داستانن سان ڀري پئي آهي، پر ارغونن ۽ ترخانن جو دور بدترين دور آهي، جنهن ۾ شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڪري، سنڌين سان تمام گهڻا ظلم ڪيا.

اهڙيءَ ريت ترخانن ۾ مرزا باقيءَ جو دور سڀ کان اونداهو ۽ سڀ کان روشن دور هو. اونداهو انهيءَ ڪري، جو ترخان حاڪمن ۾ هن کان وڌيڪ ظالم ٻيو ڪو بہ ڪو نہ ٿيو ۽ روشن دور انهيءَ ڪري، جو هن دور ۾ اُن ظلم خلاف سنڌي قوم منظم ٿي، بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

مرزا باقيءَ ڪيترائي بيگناهہ سنڌي قتل ڪرايا. ڪيترائي ماڻهو هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارايا ۽ ڪيترين عورتن سان ظلم ڪيو. سنڌين انهن ظلمن خلاف بغاوت ڪئي. سنڌ جي تاريخ ۾ انهيءَ بغاوت جي

سربستي ڪهاڻي لکيل ڪانهي، پر مختلف واقعا بيان ٿيل آهن. پر هن ناول ۾ سراج انهن واقعن جو مڪمل ۽ تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. سراج لکي ٿو:

”انهن ظلمن جي ردعمل طور سنڌين ڪئين شورشون ڪيون، جن جو هڪ ئي مقصد هو هڪ ئي آدرش هو. ان آدرش کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ئي مون، ان کي ناول جي صورت ڏني.“

هن ناول ۾ سراج سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ، ريتن رسمن، تهذيب ۽ ڪلچر جي عڪاسي، سنڌي قوم جي بهادري ۽ سورهيائيءَ جا واقعا. سنڌي عورتن جو پنهنجن (مڙسن) لاءِ اوسيئڙو ۽ انتظار، هندن ۽ مسلمانن جو گڏجي رهڻ، زوريءَ مڙهت ۽ ان خلاف احتجاج، مذهبي ڪٽرپڻي جا ڪرتوت، ارغونن ۽ ترخانن جي دربار جي ماحول جي عڪاسي سهڻي طريقي سان پيش ڪئي آهي.

سراج صاحب جي هن ناول جو پس منظر قوم پرستيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن کي هن سنڌي قوم کي يڪجا ڪرڻ ۽ ڌاڙ جي مقابلي ڪرڻ جو مقصد آڏو رکيو آهي. سندس هن ناول بابت ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ پنهنجيءَ ٿيسز ۾ لکي ٿو ته:

”هن ناول ۾ ترخانن جي زماني جي تاريخي واقعن کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ ناول پڙهندي جوش ۾ اچيو وڃي. هن ناول کي جذبات نگاريءَ جو بهترين شاهڪار چئي سگهجي ٿو.“

مجموعي طور تي ڏنو وڃي ته سراج جو هيءُ ناول، هڪ تاريخي ۽ قومي رنگ ۾ رنگيل ڪامياب ناول آهي.

**2) تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول:**

سراج صاحب جو هي ناول به سنڌ جي آزاديءَ، دولتمند طبقي، زميندار يءَ ۽ سيٺين جي ظلم وغيره جي موضوع تي لکيل آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي عام ماڻهن، غريبن، مسڪينن، هارين نارين ۽ مزدورن کي، ظلم کان آزادي حاصل ڪرڻ جا طريقا ڇاڻايا ويا آهن. ناول موضوع توڙي ٽيڪنڪ

جي لحاظ کان نئون ۽ دلچسپ آهي. هن ناول پڙهڻ سان من ۾ جوش، ولولو ۽ قرباني‌ءَ جو جذبو ۽ خاص طور تي سنڌيت جو جذبو وڌيڪ نمايان ٿئي ٿو.

ناول مان هڪ ٽڪرو نموني طور پيش ڪجي ٿو:

”ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين... ڪيڏو سور آهي انهن لفظن ۾ ڪيڏي نه ڀنيلائيندڙ حقيقت! منهنجو ماضي پرديسي پرينءَ جهڙو ته نه هو ۽ منهنجو حال ڪنهن ديسي سيڻ جهڙو آهي.“

**3) منهنجي دنيا هيڪل وياڪل:**

سراج الحق جو هي ناول، 1988ع ۾، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ناول جو موضوع به سنڌي معاشرو آهي، جنهن ۾ وڏيرا شاهيءَ جي ظلمن ۾ پيڙيل غريب هارين ۽ ڪڙمين جي مظلوميت جي عڪاسي ڪيل آهي.

سراج صاحب هن ناول لکڻ جو مقصد، سنڌ جي اُن ماحول کان آگاهه ڪرڻ ۽ جدا جدا شخصيتن سان متعارف ڪرائڻ آهي، جيڪي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ نظر اچن ٿيون. هن ناول ۾ نوجوان نسل جي نمائندگي ڀرپور نموني ڪيل آهي، جيڪي معاشري ۾ انقلاب آڻين ٿا. غلط ريتن رسمن، طور طريقن، ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف آواز اُٿارين ٿا ۽ تڪليفون برداشت ڪن ٿا.

سراج جي هن ناول ۾ وڏيرن جي بگڙيل نظام، غريبن جي رت جي پورهئي، هندو ۽ مسلمانن ۾ محبت ۽ ڀائيچاري وڌائڻ ۽ انگريزن جي غلاميءَ کان نفرت ڪرڻ ۽ سنڌ کي آزاد ۽ سکيو ستابو ڏسڻ وغيره کي سهڻي طريقي سان پيش ڪيو آهي.

هن ناول ۾ اڄوڪي سنڌ جي مڪمل عڪاسي آهي ۽ هي ناول سنڌيءَ جو هڪ ڪامياب ناول ليکيو وڃي ٿو.

**4) منهنجي دنيا مرگهه ترشنا:**

سراج صاحب جي هن ناول ۾ سنڌ جون موجوده حالتون، سنڌي قوم جي حيثيت، سنڌي وڏيرن جي عياشين، فضول خرچين، علم جي گهٽتائي،

شعور جي ڪمي، اڻوجهائي ۽ سادگي بيان ڪيل آهي. هن ناول ۾ سراج هڪ هنڌ لکي ٿو:

”مون کي ڏپ آهي ته اهو وقت پري ڪونهي، جڏهن پاڻ جون ماندڻيون، جنتي چرس جو زهر ٿو وڪامي، سنڌي قوم جي وجود کي اڌوهيءَ وانگر کائي کوکلو ڪري، تاريخ جي ’اگالدان ۾ اُڇلي ڇڏينديون‘: ان کي بچائڻ وارو ڪير به ڪونه هوندو. وڏيرا اڳي ئي هنن جي مقرر ڪيل صوبيدارن ۽ ڊپٽين جي ڪيسن ۾ پيا هوندا. چوندن ته اٿي بيهو ته اٿي بيهندا. چوندن ته ويهي رهو ته ويهي رهندا! انهن جو هنن پيو به بندوبست ڪيو آهي ته پنهنجيءَ زال ۽ سريتن سان گڏ، ڪين هيرامنڊيءَ جي معشوقن جي اهڙي هير وڏي اٿن، جو اسان جي چڱن چڱن معتبرن، هنن کي لاهور ۾ بنگلا وٺي ڏنا ۽ باقاعدي هنن کي ماهوار خرچ پيا ڏين.“

هن ناول ۾ سنڌين جي حالت جو بيان هُن، هيٺينءَ ريت ڪيو آهي:

”سنڌي، شهرن مان ٻي دخل ٿي رهيا آهن. سندن ڳوٺن جو رت چوسي ڪين چيچاڙي مريض بڻائي ڇڏيو آهي. پنهنجي شناخت ته پري رهي، سنڌ ۽ سنڌين جو وجود به اهڙي جوکم ۾ آهي، جو مون کي سموري تاريخ ۾ اهڙو دور نظر ڪونه ٿو اچي. سنڌ جو رت شايد ڏاڍو مٺو آهي، جو هر جوڙ اُن کي چهٽي پئي آهي. جڏهن ته چوڙن مان ئي پنهنجي جند آزاد نٿا ڪري سگهون.“

سراج صاحب پنهنجي هن ناول ۾ سنڌ جي سماجي، معاشي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن جي عڪاسي پيش ڪري ٿو.

مثال طور:

”سڀ کان وڏي سازش اسان جي خلاف تعليم جي ميدان ۾ ٿي آهي. اسان کان اسان جي زبان کسي، اسان تي هڪ اهڙي زبان مڙهي وئي آهي، جنهن جو اسان جي تهذيب، اسان جي سڀاءَ، اسان جي سوچ، اسان جي تاريخ ۽ اسان جي ماٺيپي سان ڪو پري جو به لاڳاپو ڪونهي. بنگالي ان سازش کي اٿندي ئي سهي ڪري ويا ۽ پنهنجا ڪردار مارائي، گهٽ ۾ گهٽ اُن ميدان ۾ پاڻ بچائي ويا. اسان جي ٻارن کي اهڙي تعليم ڏني پئي وڃي، جيڪا هنن کان پنهنجي سڃاڻپ وسارائي رهي آهي. اها تعليم به اهڙي

زبان ۾ ڏني ٿي وڃي، جيڪا سوچن جي سرچشمن کي آفيم وانگر ڳهرائي مانو ڪري، هميشه لاءِ سمهاري ڇڏيندي.“

اهڙيءَ ريت هن ناول ۾ سراج صاحب نوجوانن کي علم سان چاهه جا مشورا ڏنا آهن ۽ هدايت ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ئي نسل ايندڙ دؤر يا مستقبل جو رهنما ۽ رهبر ٿيڻو آهي.

**5) مرڻ مون سين آءُ:**

سراج ميمڻ جي هن ناول ۾ به سنڌ جي تاريخ جي عڪاسي ڪيل آهي. مغلن جي دور ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالت، سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جو ذڪر، نهايت سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. هن ناول ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جو جذبو، سنڌ جي مٽيءَ ماڻهن، درياهن، واهن، واهڻن، ڳوٺن ۽ شهرن سان سڪ ۽ محبت جو جذبو پيار ۽ اُڪير پرتي وئي آهي:

”سنڌ، منهنجي مٺي جيجل! اڄ تنهنجي موچاري ڌرتيءَ تي انسانن جي گيتن جي گونجار بدران، رڳو ڪُتن جون اُونائيون وڃي بچيون آهن. الاهي هن کي ڇو اهو خيال آيو ته شايد سنڌ تي خدا جو ڏمر آهي، جو اُن ڪڏهن به گهڻو وقت سُک نه ڏنو آهي. هن جي اکين اڳيان تاريخ جا اُهي دور اچي ويا، جن ۾ سنڌ تي اُتر، ڏکڻ، اوڀر، اولهه ڪان ڪاتڪن جا ڪٽڪ آيا، ۽ سنڌ کي تاراج ڪري، سنڌين جي خون جا دريا وهائي هليا ويا. ڪي ڪاتڪو رهجي ويا ۽ صدين تائين سنڌ جو رت چوسيندا رهيا. تان جو سنڌ سندن قبرستان بڻجي وئي. هن کي اهو به دور ياد آيو جڏهن سنڌ ڌارين کان آجي هئي ۽ پري پري تائين سنڌ جي شادابيءَ جي هاڪ هوندي هئي، پر اُن شادابيءَ جي هاڪ ئي سنڌ تي ڌاڙوئن جا ڪڪر آندا. جڏهن به سنڌي پنهنجي ڌرتيءَ جي لڄ رکڻ ۾ ناڪام ٿيا، جڏهن به نفرتن جو ڪارو پاڻي، مذهبن جي نفرت ۽ ڪٽرپڻو سنڌين ۾ سجاڳ ٿيو، تڏهن سنڌ جو آسمان اونداهو ٿي ويو ۽ سنڌ جي مهر ڀري ڌرتي، رڪ ۽ ريتيءَ جو بيابان بڻجي وئي ۽ ڌرتيءَ تي گلن ۽ گاهن جي ساوڪ بدران، سينور جي سانواڻ ڦهليل هئي، غلاميءَ جو ڪنو پاڻي، ماڻهن جي حياتيءَ ۾ زهر ڀري رهيو هو.“

”نئين جو آسمان ظلم ۽ جبر جي دونهاٽيل ڇت وانگر ڇڻ تہ هيٺ لهي آيو هو. تارن ۾ بہ اها جوت نہ هئي ۽ نہ چنڊ ۾ اها چانڊوڪي هئي، جيڪا سنڌ جي سدا ملوڪ آسمان ۾ هوندي هئي.... آزاديءَ جو آسمان ڪيترو نہ اجرو ۽ روشن هوندو آهي ۽ هي غلام آسمان ڪيترو نہ گدلو ۽ دونهاٽيل ٿو لڳي!“

هن ناول ۾ سراج، سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي مڪمل عڪاسي ڪئي آهي. هن ناول جو اهم ڪردار انور، دولتمند ۽ زميندار جو اولاد آهي، پر هو پنهنجي معاشري ۾ وڏا وڏا اصلاحي ڪم ڪري ٿو. هن وٽ جيڪا بہ دولت آهي، اها هو غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪندي ورهائي ٿو. هو زميندارن ۽ وڏيرن واريون عياشيون نٿو ڪري پر سادو ۽ نيڪ شخص آهي. هو هڪ مجبور عورت سان شادي ڪري ٿو ۽ هن کي معاشري ۾ عزت جو مقام ڏياري ٿو. سراج پنهنجي هن ڪردار کي هڪ مثالي ڪردار ڪري پيش ڪيو آهي.

حاصل مطلب تہ سراج جي ناولن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ هن کي سنڌ سان بيحد پيار هو. هن سنڌ ۾ جديد اصلاحي رجحان آڻڻ ٿي چاهيو. هن سنڌي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ٿي چاهيو. هن سنڌ جي پراڻين ريتن رسمن ۽ روايتن کي ختم ڪري نيون روايتون پيدا ڪرڻ ٿي چاهيون.

هن ناول ۾ لکي ٿو تہ:

”سنڌ جي اجوڪي حالت ڏسي، منهنجا جهور پوڙها هڏا بہ ڪُرڪڻ لڳا آهن تہ آءُ هت ماٺ ڪريو ويٺو آهيان. اسان جي ماٺ جو تماشو ڏسي، ننڍا نينگر جوان، پنهنجو سمورو الهہ تلهہ قربان ڪري تعليم کي تياڳي، پنهنجي معاشرتي مفادن کي ٻن ڏيئي، ميدان تي بيهي پيا للڪارين ۽ اسين هميشہ جيان ساڳي بہ چاپڙائيءَ جو شڪار آهيون. پنهنجي ذاتي سک، پنهنجي ذاتي سُڪون کي جوکم ۾ ڏسي، ڪڇونءَ وانگر پنهنجي کُک ۾ اندر گهڙندا ٿا وڃون، تيستائين سنڌ جي هر شيءِ تي قبضو ٿيندو وڃي. اسان جا شهر، اسان جا نہ رهيا آهن. اَسان جي ٻهراڙين کي زندگيءَ جي سمورين

چڱاين کان وانجهو ڪري، کين فلمي دنيا جا خواب ڏيکاري، چرس ۽ گانجي جي حوالي ڪيو پيو وڃي. سڀ کان وڏو موتمار ڌڪ اسان کي اهو پيو هنيو وڃي ته، اسان کان پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي تهذيب کسي پئي وڃي. اسان جي تعليمي سرشتي ۾ اندران ئي اندران اهڙو ڪاٽ هڻڻ شروع ڪيو اٿن، جو اسان جا اُستاد، پڙهائڻ بدران اونداهيءَ ڪڏ ۾ اڇلائڻ لڳا آهن.“

**لسانيات جو ماهر:**

سراج لسانيات جو به وڏو ماهر آهي ۽ سنڌ جي چوٽيءَ جي لساني ماهرن مان هڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ تي سندس ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ شاهڪار آهي، جيڪو 1964ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ هن، سنڌي ٻوليءَ بابت ڪيترن ئي عالمن جا نظريا پيش ڪرڻ بعد پنهنجو نظريو به پيش ڪيو آهي.

مطلب ته سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جو هڪ عظيم افسانه نگار، وڏو ناول نويس، ڊرامه نگار، نامور اديب، لسانيات جو ماهر، ليکڪ ۽ شاعر آهي، جنهن پنهنجي شخصيت مڃائي آهي.

# سراج الحق ميمڻ بحيثيت هڪ ليکڪ

مسرت ميمڻ

سنڌ جي هر هڪ خطي جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ وڏو حصو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترن ئي شاعرن، اديبن ۽ دانشورن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. شاهه ڪريم کان وٺي موجوده دور تائين سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ اديب پاڻ پتوڙي رهيا آهن ۽ سنڌي ادب جي جهولي مالامال ٿيندي رهي آهي. سنڌي ماڻهو، اعليٰ تهذيب ۽ تمدن جا مالڪ آهن. سنڌن جذبا، احساس ۽ امنگون، همدرديءَ، ايمانداريءَ ۽ انصاف سان ڀريل آهن. سنڌي ماڻهو "پلي بک پرم جي، شال نه وڃي شان" جي چوڻيءَ مطابق زندگي گذارين ٿا.

سنڌي ادب ۾ سنڌي ناولن جي کوٽ کي خاص طرح محسوس ڪيو ويو. ان کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ٽنڊي ڄام شهر ۾ ڄاول اديبن مان سنڌ جي برک ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار محترم سراج الحق ميمڻ قلم کنيو ۽ ان کوٽ کي پورو ڪيو. هن ناولن ۾ اهو ڏيکاريو آهي ته سنڌ جي ماڻهن ۾ وفاداري، خلوص ۽ مهمان نوازيءَ جا گڻ آهن. صحافت جي حوالي سان به سندس گهڻيون خدمتون آهن. هن اديب، خاص ڪري شاعري، ڪهاڻيون/ افسانن، ناولن، صحافت، ڊرامن، لسانيات، مضمونن ۽ نصابي ضرورتن تي ڪافي لکيو آهي. سراج جي ادبي خدمتن کي سهيڙڻ، وقت جي اهم ضرورت آهي. سراج اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، سا ڪنهن به تعارف جي محتاج ڪانهي. سندس لکڻ ۽ سوچڻ جو انداز منفرد آهي، سندس شمار انهن اديبن ۾ ٿئي ٿو جن جي محنتن کي تمام گهڻو پڙهيو ۽ پسند ڪيو ويو آهي.

نوجوان اديب بدر ابڙي جو ڪتاب ’تنقيد نگاري، ارتقائي جائزو‘ جڏهن سراج جي هٿن ۾ آيو تہ هن لکيو: ”بدر ابڙي سوچ جو دامن نہ ڇڏيو آهي، نہ رڳو اهو پر اسان پارن کي بہ دعوت ڏني اٿس تہ ادب ۾ سائنسي سوچ کڻي اڳتي وڌڻ ۾ اچو تہ گڏجي پيش قدمي ڪريون.“

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي صحافت جي ارتقا تڏهن کان ٿي، جڏهن ليکڪن لکڻ شروع ڪيو خاص طور نثر نويسيءَ ۽ مضمون نويسيءَ جو دور شروع ٿيو. سنڌ ۾ ڪيترين اخبارون، مخزنون ۽ رسالا شايع ٿيڻ لڳا، جيڪي سنڌي صحافت جو بنياد بڻيا. اخبار هلال پاڪستان، سنڌي صحافت بابت سنڌي ادب ۾ نمايان اضافو آندو جنهن جي عوامي دور (1972ع کان 1977ع) ۾ ايڊيٽر سراج هو. ’جاڳو‘ اخبار ۾ ڇپيل سنڊس ڪالم ’رتي جي رهاڻ‘، سنڌي اديبن، خاص ڪري سنڌي عوام لاءِ بهترين معلومات فراهم پئي ڪئي آهي. ’رتي جي رهاڻ‘ ۾ سراج هڪ هنڌ لکي ٿو: ”انساني سماج جي سڀ کان بنيادي خصوصيت اها آهي تہ اهو هر پل، هر گهڙيءَ بدلجندو ٿو رهي. پيداواري رشتا بہ بدلجندا رهيا آهن، جن جي اثر هيٺ سماجي رشتا بہ تبديل ٿيندا رهيا. اهو سمورو ارتقائي عمل جيڪڏهن خودسر ۽ پاڻ هُرتو چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. جينوٽيڪ ان وچ ۾ انسان جي پنهنجي شعوري ڪوشش اُن تبديليءَ جي رفتار خاصيت، ڊيگهہ ويڪر ۽ اونهائيءَ تي دور رس اثر وڌا.“

سراج جون سنڌي ٻولي ۽ لسانيات لاءِ اعليٰ خدمتون آهن. هو سنڌي ٻوليءَ جي بنياد لاءِ نئين نظريي جو محرڪ آهي. سراج جي راءِ موجب ”سنڌي سنسڪرت جي ڄائي نہ آهي، پر سنسڪرت سنڌيءَ جي ڄائي ٿي سگهي ٿي.“ سراج پنهنجي نظريي وسيلي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ’مشرق توڙي مغرب جي تهذيب ۽ ٻولين جو اصل مقام ۽ بنياد سنڌو ماٿر آهي، جتان سنڌ جا ماڻهو اولهہ طرف وارن خطن ڏانهن پنهنجي تهذيب ۽ زبان کڻي ويا ۽ اُتي پنهنجي تهذيب ۽ زبان کي ڦهلايائون.“ سراج صاحب سوامي شنڪرنند واري نظريي کي ئي سنڌي ويس وڳايو آهي. رسالي ’مهراڻ‘ ۾ سراج لکي ٿو تہ هتان ”چند سميري مهرون

لڏيون ويون آهن.“ ڊاڪٽر نوح ڪريمر جي مضمون بابت پنهنجي خيالن جو اظهار هن ريت ڪيو اٿس تہ ”سميري تمدن ۽ سنڌو تهذيب جون 30 (ٽيهہ) مهرون لڏيون ويون آهن.“ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي اصليت، عظمت ۽ اهميت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. ٻوليءَ جي پسمنظر ۾ جيڪا اسان جي روشن تاريخ آهي، اها سڃاڻ اکين سان ڏسي سگهن.“

سراج الحق ميمڻ صحافت ۽ لسانيات کان سواءِ ڪهاڻين جا مجموعا ’اي درد هلي آءُ‘ ۽ ’اڻون ماڻهو‘ اسان کي ڏنا آهن. سندس ناولن ۾ ’پڙاڏو سوئي سڏ‘، ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘، ’مرڻ مون سين آءُ‘، ’تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول‘، ’منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا‘، اچي وڃن ٿا ۽ سندس ڊرامن ۾ ’ويران اکيون زخمي دل‘، ’ٻيجل‘، ’گهاتو گهر نہ آيا‘، ’پروفيسر‘ ۽ ’اڪبر جي حياتيءَ جو هڪ ڏينهن‘ اچي وڃن ٿا. ان کان سواءِ سراج شاهہ ڀٽائيءَ جي دور کان هڪ سؤ سال پوءِ جي لڌل هڪ نسخي تي تحقيقي ڪم ڪري رهيو آهي. سراج جو خيال آهي تہ اديب پنهنجي سماج ۽ معاشري ڏانهن ذميوار آهي، ڇاڪاڻ تہ هو اُن سماج ۽ معاشري جي ئي پيداوار آهي. مضمون ’لطيف ۽ وحدت الوجود‘ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: ”انسان ۽ ڪائنات جي اها وحدت ۽ وحدت ڏانهن اُن سفر ۾ جيڪي مرحلا، تبديليون، عمل ردعمل سامهون اچن ٿا، تن اسان کي اشرف المخلوقات بنايو آهي. ٻين لفظن ۾ ’نہ هجڻ‘ کان ’هجڻ‘ تائين پهچايو آهي. اڻ وجود کان وجود تائين رسايو آهي.“ سراج سندس مضمونن، ڪهاڻين ۽ ناولن ذريعي سنڌ ۽ سنڌي سماج جي گهڻي خدمت ڪئي آهي. سندس ناولن کي اسان ٽئين دور جي اهم ناولن يعني 1947ع کان اڄ تائين جي لکيل ناولن ۾ شمار ڪري سگهون ٿا.

نامور اديب جمال ابڙو ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي پيش لفظ ۾ سراج لاءِ لکي ٿو: ”سراج سنڌي قوم جي سيني مسئلن کي، ناول دوران سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سندس سمجهہ ۽ دور رس نگاهہ ماضي، حال ۽ مستقبل کي يڪجاءِ ڪري تاريخي پسمنظر ۾ حقائق کي بي نقاب ڪيو آهي. سندس تڙپندڙ دل، ماضيءَ جون رت اڏيون، حال جون ڪاوشون ۽ مستقبل

جون اُميدون ۽ خدشا ڪنيو. ڏاڍي نهنائي ۽ نماڻائيءَ سان دوائون ۽ دعائون جهليو بيٺي آهي.“

سراج جو چوڻ آهي تہ ”روايت زنده تبديليءَ جو نالو آهي ۽ قدامت پرستي هر قسم جي غلط يا صحيح روايتن کي چنبڙي پوڻ جو نالو آهي. ان ڪري زندگي بخش روايتن کي چنبڙي پوڻ قدامت پرستي هرگز نہ آهي. اسان جي سنڌ ۽ سنڌي ادب ۾ هزارين سال پراڻيون روايتون موجود آهن، جيڪي نہ هجن تہ هوند سنڌي معاشرو سنڌي ئي نہ رهي. اهي روايتون اسان جي زندگي آهن ۽ انهن کي چنبڙي پوڻ زندگيءَ کي چنبڙڻ آهي، انهن جو قدامت پسنديءَ سان ڪو واسطو ڪونهي.“ گرامر يا ويا ڪرڻ لاءِ سندس چوڻ آهي تہ ”گرامر يا ويا ڪرڻ هن وقت دنيا جي ترقي يافتہ ٻولين ۾ سائنسي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، جنهن ۾ ايترا دقيق موضوع ۽ اصطلاح شامل ٿيا آهن. جو خود لساني ماهرن کي مشڪلات ٿيو پوي.“

مطلب تہ سراج الحق ميمڻ اسان جي سنڌي ادب کي ترقي وٺائڻ ۾ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪيل هر ادبي خدمت ۽ تخليق مان سنڌ جي هر خطي کي لاڀ حاصل ٿئي ٿو ۽ سنڌي ماڻهو سندس تخليق کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ پڻ ان ڪوشش تي عمل ڪن ٿا.

(شاهہ لطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾
پيش ڪيل مونوگراف مان ورتل)

# پڙاڏو سوئي سڏ (خط)

## ذوالفقار هاليپوٽو

منهنجا مانوارا سائين سراج، اسلام عليڪم!

اُميد آهي تہ خوش هوندا ۽ اوهان جي هٿن ۾ پهچڻ کان پوءِ منهنجي هن خط، اوهان جي چهري تي پڪ سان مرڪ پکيڙي ڇڏي هوندي، جو اسان واري لڏي مان آءٌ نٿو سمجهان تہ ڪنهن اوهان ڏانهن ويجهڙائيءَ ۾ ڪو اهڙو تفصيلي خط لکيو هوندو. مون اوهان سان هن خط ذريعي، هڪ ڊگهي قلمي ڪچهريءَ جي سازش رٿي آهي.

سائين! سنڌ جي سڄاڻپ جي مينارن ڪي خطن جي ذريعي تربيوٽ پيش ڪرڻ جي مون جيڪا هيءَ روايت جياري آهي. اوهان ڪي انهيءَ چڪر ۾ ڦاسائي، هتان هتان جا احوال ڪري، پنهنجي پاڻ ڪي اهو حوصلو ۽ اعزاز ڏيڻ گهران ٿو تہ مون زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو اوهان سان ڊگهي قلمي گفتگو ڪئي آهي، جيڪا رڪارڊ تي موجود آهي. سنڌ ۾ خط نويسيءَ جو شاندار ماضي ڏسي آءٌ نٿو رهي سگهان ان ڳالهہ ڪرڻ کان تہ اوهان جهڙن ڪي بہ اکر لکي ايندڙ نسلن ڪي اوهان واري نسل بابت غير رسمي طريقي سان آگاهي ڏجي. ان ڪم لاءِ سائين! خط کان سواءِ ٻيو ڪهڙو غير رواجي سلسلو ٿي سگهي ٿو.

سائين! هونئن تہ اوهان جي ڪلفٽن واري گهر تي، اوهان سان ڪيترائي ڀيرا ڪچهريون ٿيون آهن. سروَنٽس آف سنڌ سوسائٽي (SSS) جي ميمبر طور اوهان وٽ ڪيترن ئي گڏجاڻين ۾ اوهان جي صدارت هيٺ وينا آهيون. اوهان ڪاڏي پيتي جا شوقين آهيو. سو اوهان جي ان ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي اسان اوهان وٽ زبردست ڪاڏا بہ ڪاڌا آهن ۽ باضابطہ اجلاسن ۽ گڏجاڻين ۾ اوهان جو مختلف اشوز تي رويو ۽ موقف بہ ٻڌو آهي.

اوهان جون لکيون به پڙهيون اٿم. اوهان جي ’هلال پاڪستان‘ اخبار جي ايڊيٽرشپ جي دور ۾ پوءِ ’ڊان‘ سوڌو ملڪ جي اهم اخبارن ۾ تجزيي نگار ۽ نقاد طور لکيل شاندار مضمون، تجزيا ۽ فڪري بحث به پڙهيا اٿم. سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ وطن بابت اوهان جون مستند ٿيسز به پڙهيون اٿم، پر اڄ آءٌ اوهان سان هڻ خط رستي ٻيون به ڪي ڳالهيون ڪرڻ گهران ٿو.

ڪي جي روح رچنديون، ڪيم سڄڻ ساڻ،
اُنهن جي سرهاڻ، سانديل سدا ساهه ۾.

سائين! اوهان جي طبعيت بابت هر وقت اوهان جي حيدرآباد ۾ ويٺل دوستن ۽ خاص طور تي جويي صاحب سان حال احوال ٿيندو رهي ٿو. جويي صاحب جي پنهنجي به طبعيت ناساز رهي ٿي. ڪيس اوهان جو به وڏو اُلڪو رهي ٿو. منهنجي دعا آهي ته سنڌ جا هي ٻئي ستارا (سراج صاحب ۽ جويو صاحب) صحتمند رهن ۽ سنڌ جي علمي ۽ ادبي آسمان تي ڪيترائي ڏهاڪا ٽمڪندا رهن.

ڪن ڪت ڪاپت ڪاپڙي، ڪنوتيا ڪن چير،
سدا ويهن سامهان، عاشق اتر هير،
تسا ڏيئي تن ڪي، ساڙيائون سرير،
جي فنا ڪيا فقير، هلو تڪيا پسون تن جا.
(لطيف)

سائين! ڪجهه ڏينهن اڳ حيدرآباد ۾ غلام رباني آگري صاحب جي 77ئين سالگرهه ۽ خليفي اعجاز ڏانهن لکيل سندس خطن جي ڪتاب ’خطِ غبار‘ جو مهورت ٿيو. سائين! سچ پڇو ته ايترو ته مزو آيو جو ان رهاڻ جو اجا تائين هينگ اوور آهي. سمورن ٻين اختلافن جي باوجود غلام رباني آگري جي هڪ انوکي قصه گوءِ مشاهير نويسيءَ جي ماهر هجڻ ۽ نثر ۾ هڪ نئون انداز ايجاد ڪرڻ وارو ڪم سنڌي ادب تي وڏو احسان آهي.

آگري، اياز قادريءَ ۽ جمال ابڙي جو ذڪر هر هر آيو ۽ انهن ستارن جو تذڪرو ڪيئن ممڪن آهي ته اوهان جي ذڪر کان سواءِ ممڪن بڻيو هجي. اوهان کي هر دوست ياد ڪيو. جويو صاحب جڏهن به شيخ اياز ۽

سراج ميمڻ تي ڳالهائيندو آهي تہ هن جي ٻولي ٻي ٿي ويندي آهي. جوڀي صاحب جي ٻاڏي لئنگئيج منجهي ويندي آهي. اوهان سان سچ تہ بيحد پيار ڪندو آهي. سنڌي ادب جي ان انڊلٽ جو تذڪرو اوهان کان سواءِ ممڪن ناهي.

سائين! انسان کي حياتي هڪ ڀيرو ملي ٿي ۽ جيڪي ماڻهو اُن حقيقت کي سمجهندي انساني ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ پنهنجو حصو ڇڏين ٿا. اهي نہ رڳو پنهنجي ضمير ۽ خمير اڳيان سرخرو آهن، پر پوءِ انهن جو پورهيو صدين تائين ياد رهي ٿو:

سُٽ اُنهن جو سڦرو جن پر ۾ پچايو
راتيان ڏينهان ارٽ سان، ناتو نڀايو
ماڻڪ مرجهايو پسي تن جو پورهيو.

سائين! ڏنو وڃي تہ سنڌ سدائين هر شعبي ۾ شاهوڪار رهندي آئي آهي. رڳو همعصر تاريخ تي نظر وجهون ٿا تہ علم، ادب، تعليم، تحقيق ۽ سياست سوڌو هر ميدان ۾ سنڌ اندر شاندار ماڻهن جنم ورتو آهي ۽ اُنهن جي ئي خدمتن ۽ پورهئي جو نتيجو آهي، انهن جي اڻٿڪ جدوجهد ۽ ڪمٽمينٽ جو ثمر آهي، جو اڄ سنڌ ڪيترائي سياسي، معاشي، سماجي بحران هوندي بہ، لاتعداد دشمن، وطن جا ويري ۽ غدار ڌرتيءَ ڏٽين جي خون جا پياسا ڪردار هوندي بہ سنڌ اڄ بہ سائي آهي، موجود آهي ۽ اسان جي خوابن جي راڻي آهي.

سنڌ، اڄ جن شخصيتن جي پورهئي جي ڪري سدا سرهي رهندي آئي آهي، اُنهن ۾ پنهنجي مخصوص دور ۾ پنهنجي حصي جي قومي ڪردار جي ادائگيءَ جي ڪري، اوهان جو نالو بہ اسان لاءِ فخر جي نشاني آهي. صحافت، ادب ۽ سماجي جاڳرتا جي ميدان ۾ اوهان جو ڪردار ڪنهن کان ڳجهو آهي، جنهن ساک ۽ ڪردار سان اوهان سنڌ جو مقدمو وڙهيو آهي، اُن کي پڏائڻ، سچ کي ڏيئو ڏيکارڻ برابر آهي:

چنڊ پيو ناري ۾ وهنجي،
پرٽي رات ڪنوار جيان،

باک ڦٽي آ، ڏينهن اچي ٿو
ڳاڙهي گهوڙي سوار جيان.
(شيخ اياز)

سائين! اوهان ۽ سائين غلام مصطفيٰ شاهه پاران شهيد بينظير ڀٽو جهڙي اڳواڻ کي 'سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ' جي پليٽ فارم تي ويهاري، سنڌ جي علمي، ادبي ۽ فطري لڏي سان ڳنڍڻ جي شاندار ڪوشش ڪان وني، سنڌ جي معصوم ٻارن جي تعليم لاءِ حيدرآباد ۾ 'سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ' (SET) جي پليٽ فارم تان پنهنجون ڪروڙن رپين جون ملڪيتون ٽرسٽ جي حوالي ڪرڻ جهڙيون بي لوث خدمتون، اسان جي نظرن ۾ اوهان جي قد کي اجا اوچو ڪن ٿيون.

اها ٻي ڳالهه آهي ته ٽرسٽ ۽ سوسائٽيءَ جهڙا ٻئي اهم فورم اڄ ڪي گهڻا فنڪشنل ناهن ۽ اسان کي اهو اعتراف ڪرڻ گهرجي ته اسان جا دوست انهن کي هلائڻ ۾ گهڻا ڪامياب نه ويا آهن. آءٌ ان بحث ۾ نٿو وڃان، جو آءٌ سنجيده بحث ڪرڻ بدران اوهان سان هلڪيون ڦلڪيون ڳالهيون ڪرڻ گهران ٿو. اوهان سان هڪ ننڍي دوست، ساٿي ۽ شاگرد جي حيثيت ۾ غير رواجي مڪالمو ڪرڻ گهران ٿو پر ايترو ضرور چوندس ته اسان کي ماڻهو چون ٿا ته اسان وارو لڏو هر اداري تي تنقيد جا ڪات کنيو بيٺو آهي. پر جيڪي ادارا اسان جي سنگت کي مليا، سي اهي نه هلائي سگهيا.

ڪتي ڪتي ڪالهه، اڄ نه آتڻ آئيون،
ارٽ اڪلي مالهه، پوري ويئون نجهرا.
(لطيف)

سائين! آءٌ سمجهان ٿو ته اهڙي اعتراف يا غلطي مڃڻ ۾ پاڻ وڏائي آهي ۽ آءٌ اوهان جي اُن ٽيم جي حصي طور پنهنجي حصي جو بار کڻڻ لاءِ تيار آهيان.

سائين! ادي فهميده حسين جي نياڻيءَ جي شاديءَ جي موقعي تي اوهان کي فل سوٽ ۾ هشاش بشاش ڏسي سچ پڇو ته ڏاڍي خوشي ٿي هئي. اُن کان پوءِ وري ڪنهن وڏي تقريب يا فارمل ڪچهريءَ ۾ اوهان کي نه ڏٺو

اٿئون. ادي فهميده به حقيقت پڇو ته اوهان جي جهڙوڪ "ايمبيسڊر ايٽ لارج" هجي، جو اوهان بابت ڪنهن به ڄاڻ لاءِ يا اوهان سان رابطي ۽ اوهان جي طبعيت جي خبر چار لاءِ اديءَ وٽان فورن اپ ڊيٽ رپورٽ مليو وڃي.

سائين! آگري صاحب واري پروگرام ۾ جنهن مهل پنهنجي تقرير دوران ادي فهميده اهو ٻڌايو ته الطاف آگري ۽ نصير مرزا پاران آگري صاحب جي چونڊ ڪهاڻين جي سهيڙيل ڪتاب جو مهاڳ اوهان لکيو آهي ته مون سوڊو ٻنڊال ۾ ڪيترن ئي دوستن کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ جنهن مهل پروگرام پورو ٿيو ته مون اڳ وني ادي الطاف آگري کان پڇيو هو اوهان جي لکڻيءَ بابت. جو مون ڪافي وقت کان اوهان جي ڪا نئين تخليق نه پڙهي آهي. الطاف مون کي ڏسي مرڪندي چيو ته سنڌي ادب جي سٺي پڙهندڙ لاءِ اهو مهاڳ وڏي وقت کان پوءِ سراج صاحب جو هڪ لاجواب ۽ معياري تحفو آهي.

بابا نصير مرزا ٻڌايو ته اوهان اُن مهاڳ ۾ آگري جي حوالي سان جيڪي تحرير ڪيو آهي، اُن ۾ رڳو ڪهاڻين تي بحث ناهي، پر ان پوري دور ۾ آگري جي رفاقت، سندس هن فاني جهان مان لڏي وڃڻ واري ڏک تي ويچار ونڊڻ سان گڏ اوهان سنڌي نثر جي اُن صنف ۾ هڪ شاندار تحرير جو اضافو ڪيو آهي، بس هاڻ ڪتاب جو انتظار آهي ته جيئن ڪهاڻيون ۽ مهاڳ پڙهجي.

سائين! لفظ 'ترائيڪا' هڪ سياسي اصطلاح آهي ۽ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. سنڌي ادب ۾ به هر دور ۾ هر صنف يا شعبي ۾ ترائيڪا جو جوڙ رهندو پئي آيو آهي.

مون پنهنجي پاران 'ترائيڪا' جي ياد اُن جوڙ جي صف بندي يا خانابندي هن ريت رکي آهي. افسانې ۾ اياز قادري، جمال ابڙي ۽ غلام رباني آگري جي ترائيڪا، فڪري ميدان ۾ محمد ابراهيم جويي، سوڀي گيانچنداڻي ۽ سراج الحق ميمڻ جي ترائيڪا، ڪهاڻي ۾ نسيم کرل، امر جليل ۽ قمر شهباز جي ترائيڪا. وجودي ۽ احساسي تخليقي ادب ۾ شوڪت شوري، مشتاق شوري ۽ ماڻڪ جي ترائيڪا، عوامي شاعري ۾

محمد ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ محمد خان مجيدي ۽ تنقيدي ادب ۾ الهداد بوهيي، محبت ٻرڙي ۽ بدر ابڙي جي ترائيڪا. جديد ترقي پسند تخليقي ادب ۾ شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام جي ترائيڪا.

سائين! جڏهن منهنجا خط ڇپجڻ لڳا ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويي، نذير ميمڻ، ڊاڪٽر سوني کنگهاراڻي ۽ مرزا غالب کي لکيل منهنجا خط پڙهيا ويا ته پيارن پڙهندڙن ۽ دوستن پاران انهن خطن تي وڏو فيڊ بئڪ ملڻ شروع ٿيو. ٻين ڪيترين ئي نين صلاحن سان گڏ هڪ صلاح اها ملي ته جن شخصيتن ۽ ڪردارن کي خط لکي رهيو آهيان، انهن مان جن سان منهنجي گهڻي ڏيٺ ويٺ ناهي ته انهن بابت اهڙن دوستن سان حال احوال ڪريان، جيڪي انهن کي ويجها هجن ۽ انهن وٽ ڄاڻ هجي يا آءُ انهن بابت ڪتاب پڙهان.

سائين! مون کي اها راءِ ٻڌي ڪِلِ آئي ۽ آءُ سوچڻ لڳس، ته نه آءُ ڪا بايوگرافي لکي رهيو آهيان ۽ نه ئي ڪو خاڪو (پروفائيل). جنهن لاءِ مون کي ڪا ماڻهن جي ڄاڻ گهرجي. آءُ جن ماڻهن جي شخصيت، ڪم ۽ دوستيءَ کان متاثر آهيان، انهن کي ٻه اکر لکڻ جو مزو وٺي رهيو آهيان. ضروري ناهي ته اوهين جنهن کي خط لکي رهيا هجو اُنهيءَ بابت اوهان کي تفصيلي ڄاڻ هجي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن اديب، شاعر، سياستدان، مفڪر يا عالم کي ڪو عام پڙهندڙ يا پوئلڳ به ڪنهن موضوع تي خط لکي سگهي ٿو.

سائين! مثال طور "مرڻ مون سين آءُ" منهنجي محبوب ترين ڪتابن ۾ شامل آهي، ته ڇا هاڻ جيڪر آءُ هڪ پڙهندڙ طور اوهان جي اُن لکڻيءَ کان متاثر ٿي اوهان کي ڪو خط لکڻ چاهيان ته ان لاءِ اهو ضروري آهي ته مون کي اوهان جي پوري بايوڊيٽا جي ڄاڻ هجي. اها ته سائين ڪا ڪِلِ جوڳي ڳالهه آهي. جي اها اضافي ڄاڻ آهي ته ڀلي ڳالهه، جيڪڏهن ناهي ته ڪا پابندي ڪونهي.

سائين! مون اوهان کي خط لکڻ مهل پنهنجي قلم کي ائين محسوس ڪيو آهي تہ خط بہ خوشبوءِ ۽ عاشقيءَ وانگر انوکي نوعيت جو معاملو آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ خط ذريعي لکيل لفظن کي ۽ گهڻو وقت خوشبوءِ ۽ عاشقيءَ وانگر لڪائي نہ ٿو سگهجي ۽ مون محسوس ڪيو تہ اوهان جهڙن کي لکيل خط رڳو اوهان ڏانهن پوسٽ ڪرڻ بدران پوريءَ سنڌ سان شيئر ڪجي، سنڌ جي لوڪ ۽ مٽيءَ سان محبت ڪندڙ ماڻهن تائين پهچائجي. سنڌ سان محبت ۽ ڪمٽمينٽ جي ڏاڪن جي خوشبوءِ کي جيئن اوهين لوڪ کان لڪائي نہ سگهيا. تيئن اهڙي خوشبوءِ، عشق ۽ سڪ مان لکيل هي سٽون ڪيئن ٿيون لڪائي سگهجن:

عشق 'استاد' اعلان آهي،
لوڪ سمجهي، تون چو ٿو لڪائين،
ڳالهہ دل جي هلي، چڻ تہ خوشبو گهلي،
ڪاب خوشبو ۾ ناهي خرابي.
(بخاري)

سائين! آءٌ هونئن بہ 'ڪاپي رائيٽ' جهڙي دقيانوسي خيالن جو منڪر آهيان. حق واسطا محفوظ رکڻ جي عوام دشمن پاليسي دراصل اجوڪي بدترين سرمائيداراڻي نظام جي ڪک مان جنم ورتو آهي، جتي هر غريب کي جاڻ جي 'رسائي' يا 'پهچ' کان پري رکڻ لاءِ ڪاپي رائيٽ يا حق واسطا محفوظ رکڻ جهڙا قانون آندا وڃن ٿا.

سائين! آءٌ تہ چوان ٿو تہ اسان جو لکيل هر هڪ لفظ، ڪتاب ۽ خيال، جيڪڏهن ماڻهن لاءِ آهي. سياسي ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ آهي تہ پوءِ حق ۽ واسطا بہ تہ ماڻهن جا ٿيا. پوءِ اخلاقي ۽ قانوني طور ڪاپي رائيٽ جو حق بہ رڳو عوام کي آهي. اسين ڪير ٿيندا آهيون، حقن تي ڪنٽرول ڪرڻ وارا!

سو سائين! اوهان سان ڳالهہ پئي ڪيم تہ منهنجن ڇپيل خطن تي دوستن ۽ پڙهندڙن پاران فيڊ بئڪ مليو. جڏهن انهن اوهان جو نالو پڻ لسٽ ۾ پڙهيو تہ ڪيترن ئي دوستن اوهان بابت ڪيترائي قصا بيان ڪيا.

ڪنهن چيو تہ سراج صاحب جو فلاڻو ڪم اهم آهي، ان جو سنڌي ادب جي فلاڻي صنف تي وڏو اثر آهي. ڪنهن وري ٻڌايو تہ سراج ميمڻ جي سموري زندگيءَ جو نچوڙ هيءُ قصو آهي. ان جو سنڌ جي سماجي اوسر جي ميدان ۾ فلاڻو ڪم وڏو ڪنٽريبيوشن آهي. ڪنهن ڪهڙا قصا ٻڌايا تہ ڪنهن وري پنهنجا احوال ڏنا. آءٌ سائين ٻڌندو رهيس، پر هڪڙي شيءِ اڳ ۾ ئي طئہ ڪري چڪو هئس تہ معاملا اهي ئي لکبا، جن تي آءٌ ڪليئر هجان ۽ مون سواءِ ڪنهن اضافي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي بس رڳو اهو ئي لکڻ گهربو ٿي، جنهن جي مون کي خبر آهي. جيڪڏهن پڇائون ڪري لکيوسين تہ پوءِ اهو خط بدران مضمون ٿي ويندو.

سائين! مون کي اهو ڏسي بہ حيرت ٿي تہ اوهان جي جيڪا منفرد خوبي مون کي وڻندي آهي، انهيءَ بابت تہ ڪير ڳالهائي ئي نٿو جنهن جي معنيٰ اها ٿي تہ ان اهم خوبيءَ تي اڃا ويچاريو ئي نہ ويو آهي. اوهان بہ سوچيندا هوندا تہ ذوالفقار رڳو ڊيگهہ پيو ڪري، ٻڌائي تہ ڪونہ ٿو تہ اها خوبي ڪهڙي آهي.

سائين! آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌي سماج لاءِ اوهان جي وڏي ۾ وڏي خدمت اها آهي تہ اوهان ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ سنڌي ماڻهن بابت مفروضن تي ٻڌل منفي راين ۽ انهن جي آڌار تي سنڌين لاءِ جوڙيل هٺ ٺوڪين تصورن ۽ دقيانوسي سوچ خلاف وڏو جهاد ڪيو آهي.

جهوريان جهونا ڪوڙ الو ميان، ڪوٽ سوبن ڪيرايان ووا!
ڏرتي منهنجو ديس، مگر مان سنڌڙي جندڙيءَ لايان، ووا!
ڪافر مومن ناهيان، ووا" (اياز)

دعاگو
ذوالفقار هاليپوٽو
منيزاز A/15،
لطيف آباد نمبر 3، حيدرآباد.
08.11.2010

(روزاني سنڌ ايڪسپريس تان ورتل)

# سراج ميمڻ جي ناول نگاري

مختيار احمد ملاح

سراج الحق ميمڻ جو سنڌي ادب ۾ تمام وڏو مقام آهي، خاص ڪري سنڌي ادب ۾ معياري ناول لکندڙن ۾ هن جو نالو سر فهرست آهي. سراج سنڌي زبان جو اهو بيباڪ ليکڪ هو، جنهن جي نس نس ۾ سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي زبان لاءِ اجهل چڪ، پيار ۽ اڪير موجود هئي. سراج جا ناول سنڌ جي تاريخي، سماجي، معاشي ۽ رومانوي حالتن جي عڪاسي ڪن ٿا. سندس ناولن ۾ 'ڏکڻ مان ٿو سج اڀري' (ترجمو 1952ع)، 'پڙاڏو سوئي سڏ' (1970ع)، 'مرڻ مون سين آءُ' (1988ع)، ۽ ناولن جي ٽريالاجي 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل' (1988ع)، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' (1989ع) ۽ 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا' (1990ع) شامل آهن، جيڪا ٽريالاجي گڏيل صورت ۾ 'پياسي ڌرتي، رمندا بادل' نالي سان ڇپجي چڪي آهي. ان کان سواءِ سراج صاحب جا ٻيا ڪتاب، ڪهاڻيون، اقتصاديات، لسانيات وغيره جي موضوعن تي ڇپجي چڪا آهن. هو روزاني هلال پاڪستان اخبار جو به ڪيترا سال ايڊيٽر رهي چڪو آهي. هتي آءٌ سراج جي ناولن جو مختصر جائزو پيش ڪريان ٿو:

**ڏکڻ مان ٿو سج اُڀري:**

1952ع ۾ سراج ڀارت جي مهان اديب ڪرشن چندر جي ناول 'جب صبح هوتي هي' جو ترجمو 'ڏکڻ مان ٿو سج اڀري' جي عنوان سان ڪيو. هي سراج جو پهريون (ترجمو ٿيل) ناول هو جيڪو محمد عثمان ڏيپلائي صاحب ڇپيو هو. هن ناول جو ٻيو ڇاپو سچائي اشاعت گهر دڙي طرفان 1984ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع انگريز دور ۾ انقلابي ۽ ان دور جي

ملڪي سياسي حالتن جي پسمنظر ۾ آهي. ناول جو ترجمو شاندار آهي.
هڪ هندُ ليکڪ جي خيالن جو سنڌي ترجمو مطالعو ڪريو.

”اج ٽريچور اسٽيشن تي خوب پيهه هئي. اتڪل ڏيڍ سؤ والنٽيئر ڳاڙها ٻلا لڳائي بيٺا هئا. ڪن ماڻهن مون کي سجاڻي ورتو ۽ منهنجي اچڻ جي خوشيءَ ۾ نعرا لڳايائون. فضا ۾ هر طرف ’انقلاب زنده باد‘ جي صدا گونجڻ لڳي. هيٺ لهندي مون پنهنجي همسفر امير سائينءَ ڏانهن هڪ دفعو نهاريو. جنهن هينئر مون ڏانهن تمام حيرت وچان پئي نهاريو. هيٺ لهندي لهندي مون ٻڌو ننڍو ٻاءُ وڏي ٻاءُ کي چئي رهيو هو: ”هي بہ انهن مان ئي آهي!“ ائين چئي هنن گاڏيءَ جي ڳڙکي بند ڪري ڇڏي ۽ اسان ڏانهن پٺ ڏيئي ويهي رهيا. مگر انقلابي نعرا طوفاني جهٽڪن مثل برابر گاڏيءَ اندر پهچندا رهيا.

’انقلاب زنده باد!‘

’انجمن ترقي پسند مصنفين زنده باد!‘

’مزدورن ۽ اديبن جو اتحاد زنده باد!‘

سچو ناول انقلاب ۽ آزاديءَ جي موضوع تي آهي. ان کان سواءِ ناول مان هندستان ۾ مزدورن ۽ اديبن جي جدوجهد جي بهترين جاڻ ملي ٿي.

**ٻڙاڏو سوئي سڏ:**

سراج جو پهريون اصلوڪو ناول، ’ٻڙاڏو سوئي سڏ‘ سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار ۽ تاريخي ناول آهي، جيڪو 1970ع ۾ شايع ٿيو. ناول جو تعارف لکندي محترم رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ: ”تازو سراج جو ناول ’ٻڙاڏو سوئي سڏ‘ شايع ٿيو آهي. اهو ناول سنڌي ٻوليءَ جي ادب جو هڪڙو بيمثال شاهڪار آهي ۽ سنڌي قوم جو عظيم الشان قومي داستان آهي. اهڙو ناول فقط سراج جهڙو هر فن مولا، انقلابي وطن دوست سنڌي اديب ئي لکي سگهي ٿو جيڪو ساڳئي وقت ڪهاڻي، شاعريءَ، ناٽڪ، ٻوليءَ جي علم ۽ تاريخي تحقيق جي علم جي ميدانن جو مهندار آهي. هن داستان لکڻ لاءِ انهن سڀني ڄاڻن ۽ هنرمندن جون گهرجون هيون، جي هن پليءَ پٽ پوريون ڪيون آهن. ’ٻڙاڏو سوئي سڏ‘ سنڌي ٻوليءَ ۽ قوم جي حبدارن جي

دليلن ۾ دماغن ۾ هڪڙي نئين چاڻ، نئين سمجهه، نئين احساس، نئين جذبي ۽ نئين تڙپ جي لاٽ روشن ڪري ڇڏي "

(نئين زندگي، مئي: 1971ع)

’پڙاڏو سوئي سڏ‘ ناول ۾، سنڌ ۾ ترخانن جي دور جي ظلمن ۽ سنڌ جي جوڌن جي بهادريءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ناول جي پسمنظر ۾ اسان ڏسي سگهون ٿا ته سموريءَ سنڌ ۾ هڪ طرف ظلم، زبردستي ۽ ڏاڍ مڙسي عروج تي هئي ته ٻئي طرف حاڪمن جي فوج جا گهوڙا ٺٽي کان سکر تائين ۽ شڪارپور کان ٿرپارڪر جي واريا سن پٽن تائين سجاڳ سنڌين کي پنهنجي مضبوط ۽ ڳرن سُنبن هيٺ لتاڙيندا ۽ چيپاٽيندا رهيا. سراج صاحب سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ موجوده حالتن جو گهرو مطالعو ڪري، پوءِ هي ناول لکيو آهي ۽ ان ذريعي ان دور جي هر پهلوءَ کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڳوناٽي ڪچهري هجي يا ترخاني حاڪمن جون ذاتي محفلون، مڪتب جا ميڙ هجن يا ڪردارن جون انفرادي ڪيفيتون، ترخانن جا حملا هجن يا سنڌين جا راتاها، ليڪڪ هر واقعي ۽ ڪيفيت کي فنڪاراڻي انداز ۾ اثرائتن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

هن ناول ۾ ڪيترائي تاريخي ڪردار تخليق ڪيا ويا آهن، جن ۾ سوڍل، سنگهار، دادن، جانڻ اهم آهن. جڏهن ته آخوند صالح ۽ آخوند نور محمد انهن جا پرجهلو ڪردار آهن. ٻئي طرف امير خان ۽ مرزا باقي خان مکيه ڪردار آهن. ناول جو گهڻو حصو ڏارين جي ظلم ۽ سنڌ جي جوڌن جي وچ ۾ معرڪن تي مبني آهي. سنڌي جوانن کي غلاميءَ جي زندگيءَ کان عزت جو موت بهتر ٿو لڳي. اهي ان وقت اٺين نٺا چون ته ٻيا ساٿ نٺا ڏين، پوءِ اسين ڇو پنهنجو سڀ ڪجهه وڃايون؟ هو سمجهن ٿا ته مهاڏو فقط اُهي اٽڪائيندا، جن کي ٻين لاءِ جيئڻو آهي. سراج ميمڻ اهڙن ئي سورمن ۽ سورمين جي تاريخ جا اڻ مٽندڙ نقش چٽيا آهن. سراج جي نظر ماضيءَ جي ڪيترن صدين تائين وڃي پهتي آهي.

ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' جي پڇاڙيءَ ۾ ايترو زور نہ آهي، جهڙو شروعات ۾ آهي. ناول تي تنقيدي راءِ ڏيندي غلام حسين پنهنجي، ششماهي 'سنڌي ادب' ۾ پنهنجي مقالي 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو' ۾ لکي ٿو تہ: "سراج صاحب جي تاريخي ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۾ ترخانن جي زماني جي تاريخي واقعن کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ ناول پڙهندي جوش ۾ اچيو وڃي. ناول جي منظر نگاري تمام خوبصورت بيان ڪئي وئي آهي، پر سندس ڪردار ائين لڳن ٿا، جهڙا هر من يا رستم پهلوان. ناول جو خاتمو اهڙو چرڪائيندڙ ظاهر نہ ڪيو ويو آهي، جهڙو ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ حالتن کي ڏيکاريو ويو آهي. بهرحال هي ناول جذبات نگاريءَ جو بهترين شاهڪار چئي سگهجي ٿو."

(ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو. ششماهي سنڌي ادب، 1986ع)

**مرڻ مون سين آءَ:**

سراج صاحب جو هي ناول، 1988ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي ناول درحقيقت 'پڙاڏو سوئي سڏ' جو ٻيو حصو آهي. هن ناول ۾ بہ ارغونن جي ظلم ۽ بربريت سان گڏوگڏ مغلن جي ظلمن جو داستان موجود آهي. 'مرڻ مون سين آءَ' جو مرڪزي ڪردار بہ اهو ئي آهي، جيڪو 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۾ سوڍل، سنگهار ۽ دادن جو پائيٽو هو جنهن کي سانول سڏيندا هئا. پر هن ناول ۾ ڪيس سانوڻ جي نالي سان متعارف ڪرايو ويو آهي.

هن ناول جي ڪهاڻي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ سانوڻ جي سنڌ ۽ سنڌين سان محبت آهي. هو ڏاڙا هڻي ٿو يا ڪو ٻيو ڪم ڪري ٿو اهو سڀ سنڌ لاءِ ڪري ٿو. هو پنهنجي ساٿين سان گڏجي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ راهہ هموار ڪري ٿو. ٻئي طرف سنڌ جي ڪنيز نوريءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا غلام بڻجي حڪمرانن جي محل ۾ رهي ٿي. وريام، جيڪو ناول جو ٻيو اهم ڪردار آهي، ان کي اتي ڏسي ٿو ۽ ساڻس عشق ڪري ويهي ٿو. هو پنهنجي ساٿين سان گڏجي ان کي آزاد ڪرائي ٿو پر ڪنيز زهر کائي مري وڃي ٿي. هن ناول ۾ ان دور جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي عڪاسي بهترين نموني ڪئي وئي آهي. ڌارين جون يلغارون، ظلم، ستم، مذهبي استحصال، معاشي قتل جا انيڪ مثال، هن ناول ۾ موجود آهن.

جيئن تہ هي ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي ہي ڪڙي آهي. ان ڪري هن ناول ۾ بہ اهي ئي خوبيون آهن. ناول منظر نگاري، جذبات نگاري، سهڻي ٻولي ۽ مڪالمن سان ڀرپور آهي. هي ناول بہ سنڌي ناول جي تاريخ ۾ اهم ناول آهي.

**پياسي ڌرتي رمندا بادل (ٽرائلاجي):**

هي سراج صاحب جي ناولن جي ٽرائلاجي آهي. هي ٽئي ناول نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد طرفان هڪ ئي پنيان شايع ٿيا. ٽئي ناول مختلف دورن ۾ سنڌ جي سياسي، تاريخي ۽ سماجي حالتن جي نمائندگي ڪن ٿا. اڳين ناولن ’مرڻ مون سين آءُ‘ ۽ ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ وانگر سراج صاحب هن ٽرائلاجيءَ ۾ بہ هيروز ناهڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي، جن وٽ پنهنجي سماجي ۽ تاريخي روايتن جو شعور موجود آهي ۽ جن جي اندر ۾ موجود سماجي بندشن ۽ ڏاڍ خلاف بغاوت جي چڻنگ دکندي ۽ ڌڳندي رهي ٿي. هن ٽرائلاجيءَ ۾ سنڌ جي نيم تاريخي حالتن جا ڪيئي اهم پهلو بحث هيٺ آيل آهن. جيئنوٽيڪ هنن ٽنهي ناولن ۾ ٽيڪنڪ تي موضوع حاوي نظر اچي ٿو.

(١) **منهنجي دنيا هيڪل وياڪل** (1988): هي ٽرائلاجيءَ جو پهريون حصو ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘ آهي. هي هڪ سماجي ۽ معاشي مسئلن تي مشتمل ناول آهي. هن ناول ۾ ’نورل‘ جي اهم ڪردار ۾ جنهن سماجي مسئلي کي کنيو ويو آهي. اهو آهي، پورهيت ڪان سندس پورهيي جي ڦرلٽ سان گڏ سندس عزت جي عدم سلامتي. هن ناول ۾ ’مهرو‘ جي ڪردار ۾ مظلوم ۽ شريف ۽ قدرت طرفان هڪ خوبصورت ڇوڪري ڏيکاري وئي آهي.

هن ناول لاءِ فيض جوٽيجي لکيو آهي تہ: ”هن ناول ۾ ناول نگار جنهن سماجي مسئلي کي کنيو آهي. اهو پورهيت ڪان سندس پورهيو تہ وڏيرو ڦريو ٿي وجهي، پر هن مسڪين جي عزت بہ محفوظ نہ آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي نياڻين کي ظلم ڪان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هي ظالم هن ڪان اها عزت بہ ڦري ٿا وجن، پر وچ ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ٿي تہ هو اُن جو سر بہ ڪپي ٿا وجن. مطلب تہ هن سماج ۾ لوڪن جي سر جي قيمت سستي

آهي ۽ لوفر لفنگي جو مان متاهون آهي. پوليس بہ انهن جي پاسي آهي. اهو مسئلو هن ناول جو مکيہ موضوع آهي.“ (ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول، ص 104)

(ii) **تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول** (1989): ٽرائلاجيءَ جو ٻيو حصو ’تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ آهي. هن ناول جا مرڪزي ڪردار انور ۽ مهرو ئي آهن. هي ناول ڳوٺ کان وڏيڪ شهري ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو. هن ناول ۾ پروفيسر رشيد جي ڪردار ۾ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف رومانيت جو عنصر بہ هن ناول ۾ غالب آهي. هن ناول لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکيو آهي تہ: ”هن ناول جي منظر نگاري ۽ ڪردار نگاري، اسلوب بيان ۽ ٻولي وغيره شاندار طريقي سان پيش ڪيل آهن. ناول جي هن حصي جو مرڪزي ڪردار انور وڏيري گلڻ جو پٽ آهي. هو پيءُ جي نسبت پڙهيل ۽ قوم پرست آهي. پروفيسر رشيد جو ساٿ ڏئي ٿو جيڪو سنڌ جي مسئلن تي پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سندس ڪردار جو ٻيو پاسو اهو آهي تہ مهرو جيڪا نورل جي محبت هئي، ان کي پيءُ جي قيد مان آزاد ڪرائي خود شادي ڪري ويهي ٿو.“

(حوالو: پائي پٽ ڪٽا، ص 413)

(iii) **منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا** (1990): هي ٽرائلاجيءَ جو ٽيون حصو ’منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا‘ آهي. هن ناول ۾ انور مرڪزي ڪردار ۾ نمودار ٿئي ٿو. هي ناول سنڌ جي شهري ماحول جي پسمنظر ۾ آهي، جنهن ۾ مافيا ۽ انهن جي ڪرتوتن کي موضوع بڻايو ويو آهي.

هن ناول ۾ بہ سنڌ جون موجوده حالتون بيان ڪيل آهن. هن ناول ۾ سنڌي قوم جي حالت، سنڌ جي وڏيرن جي عياشين، فضول خرچين، علم جي گهٽتائي، شعور جي ڪمي، ابوجهائي ۽ سادگيءَ جي حالت بيان ڪيل آهي. ناول جو هيرو انور آهي. هو ڳوٺ مان شهر اچي ٿو. جڏهن انور شهر آيو تہ اتي اچي ڪجهہ گينگسٽرن جي ور چڙهي وڃي ٿو ۽ وڏو بدمعاش ٿئي ٿو. هن ڪردار ذريعي ناول نگار شهرن ۾ ٿيندڙ ڦرين، چورين، دهشتگردين، ڌاڙن، قتلن، مافيا جي ڪمن ۽ رازن، ملڪي دشمنن جي حرڪتن وغيره کي بي نقاب ڪيو آهي.

ناول جي پڄاڻي چرڪائيندڙ آهي. تنهي ناولن جي ڪردارن کي پاڻ ۾ ملايو ويو آهي. ”سامهون ٿي سامهون هن جي ماءُ جي ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي، مسٽر

انور، رئيس انور ڪيس سنڀاليندو پئي آيو. هن جي ماءُ جون اکيون پري هونديون به هن کي پنهنجي دل وانگر بيابان لڳيون ۽ پري هجڻ ڪري انهن جي پٺيان مسز انور مهرو هئي، جنهن سان گڏ چترڪار سليم هو. ائين پئي پانيو ڇڻ ته مسز انور انسان نه هئي. سليم جي ڪا پينٽنگ هئي، جنهن م ساهه پئجي ويو هو يا ائين به ٿي سگهيو ته خود سليم مسز انور جي تخليق جو ڪو پاڇو هوا ۽ سڀ کان آخر ۾ هن پروفيسر رشيد کي ڏٺو جنهن سان گڏ سورٺ هئي!"

سراج جي ناولن جي مقصديت لاءِ اڪبر لغاري لکي ٿو ته: "سراج صاحب ادب براءِ ادب جو قائل نه آهي، هو واضح مقصد تحت قلم کڻي ٿو. مقصديت سندس ناولن تي ايترو ته حاوي آهي، جو ڪٿي ڪٿي اسلوب ۾ جذباتيت به اچي ٿي وڃي ۽ ناول نگار فني نقطن کي مدنظر نٿو رکي. اهو مقصد آهي 'سنڌ'. هو سنڌ لاءِ ئي سڀ ڪجهه لکي ٿو. سنڌين جي بهادري، شجاعت ۽ ڏاهپ کان علاوه انهن جي مسئلن ۽ نفسياتي پهلوئن کي زير بحث آڻي ٿو. هو سنڌ سان ٿيندڙ هر زيادتيءَ تي لکڻ چاهي ٿو." (سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ص 81)

سراج جي ناولن جي خاص خوبي اها آهي ته انهن جي ٻولي، اسلوب، رواني ۽ عڪاسي بهترين هوندي آهي. هن جي ناولن جا موضوع پنهنجو مٽ پاڻ هوندا آهن. ناول پڙهندي ئي پڙهندڙن تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ پڙهندڙ پوريءَ طرح پاڻ کي ناول جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. سراج پنهنجي ناولن ۾ سنڌ جي اوائلي تاريخ کي اجاگر ڪيو آهي. هن اهو ڏيکاريو آهي ته جڏهن ڌارين سنڌ تي يلغارون ڪيون هيون ته ڪيئن سنڌي جوڌن، انهن سان مقابلو ڪيو هو. هن انهن مسئلن جي نه صرف نشاندهي ڪئي آهي، بلڪ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ ڏس به ڏنا آهن.

سراج جي سيني ناولن ۾ جذبات نگاريءَ جو عنصر غالب آهي. هو پڙهندڙ جي جذبات کي به اڀاري ٿو. هو ائين محسوس ٿا ڪن ته سندن ئي جذبن جي عڪاسي ٿي رهي آهي. سندس ناولن جي ٻولي، رواني توڙي وسعت جي لحاظ کان اعليٰ درجي جي آهي، هو جيڪو به خيال بيان تائين پهچائڻ چاهي ٿو ٻولي سندس ڀرپور ساٿ ڏئي ٿي. سندس ٻولي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي جمالياتي ذوق کي ڀرپور تسڪين به ڏئي ٿي.

# سراج

## يوسف سنڌي

سراج جو نالو هڪ ئي وقت لسانيات، سنڌي ڪهاڻي، ناول ۽ ڪالم نگاريءَ جي ميدان ۾ سرموڙ ليکڪ جي حيثيت سان ڳڻي سگهجي ٿو ۽ سنڌي ناول جو ڪوبہ تذڪرو 'سراج' جي ناولن جي ذڪر کان سواءِ اڌورو چئبو. نہ رڳو اهو پر صحافت جي شعبي ۾ پڻ سراج جو نالو وڏي اهميت ۽ حيثيت ٿو رکي.

**سوانح:**

سراج، حيدرآباد جي پرسان ٽنڊي جام ۾، 24 آڪٽوبر 1933ع تي جنم ورتو. سندس والد محمد يعقوب ميمڻ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل هو ۽ انهيءَ سان گڏ علم و ادب سان بہ دلچسپي هيس، سندس ترجمو ڪيل 'ديوان حافظ' سنڌي ادب ۾ يادگار حيثيت رکي ٿو. سراج تي پنهنجي والد جي مزاج جو اثر ٿيو ۽ شروع کان ئي سندس لکڻ پڙهڻ سان گهاٽو واسطو رهيو. تعليم جي پورائيءَ کان پوءِ سراج ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سول سروس ۾ گهڙيو جتان کيس 03 نومبر 1970ع تي زوريءَ رٽائر ڪيو ويو. اڳتي هلي سراج صحافت، ادب ۽ وڪالت جي ميدان ۾ ڪاميابيون ماڻيون ۽ ملڪ جي چوٽيءَ جي وڪيلن ۾ ڳڻجڻ لڳو.

**ادبي سفر:**

سراج جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ 'اي درد هلي آءُ' جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو 'انون ماڻهو' 1985ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ سراج جون ست ڪهاڻيون شامل هيون. انهيءَ ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻي 'انون ماڻهو' آمريتي دور ۾ ماڻهن سان ٿيل عقوبتن جي چٽي

عڪاسي ٿي ڪري ۽ دنيا جي علامتي ۽ مزاحمتي ادب جي شاهڪار ڪهاڻي آهي. پنهنجي ڪهاڻين جي سفر جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو:

”ڪهاڻيون مون اڳي بہ لکيون آهن. ڪهاڻيون اج بہ لکان پيو انهن مان بہ ڪي چيچن ٿيون، ڪي ڪو نہ ٿو چپايان. ان لاءِ ڪي ئي سبب آهن. گهڻو ڪري اهي سبب سپ جذباتي آهن. انهن جو وقت آيو تہ وضاحت بہ ڪندس.“

**ناول نگاري:**

جديد سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سراج ئي اُهو ليکڪ آهي، جنهن سپ کان وڌيڪ تخليقي ناول لکيا آهن. ۽ سراج اهو پهريون سنڌي ليکڪ آهي، جنهن ٽن ناولن تي ٻڌل ’پياسي ڌرتي، رمندا بادل‘ جي نالي سان سنڌي ادب جي پهرين ٽريالاجي لکي آهي.

سراج سنڌ جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پڙهڻ جو شوق ڏياريو جن سنڌ جي تاريخ اڳي ڪانہ پڙهي هئي، تن سراج جا ناول پڙهي پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ دلچسپي ورتي. سراج جو پهريون ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ 1970ع ۾ ڇپيو. هي ناول سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن جي ڦهري دور جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پيش ٿو ڪري. انهيءَ ناول ۾ پيش ڪيل ڪهاڻيءَ جي وضاحت ڪندي ليکڪ لکي ٿو:

”جڏهن شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڄمايو تڏهن هن ايترا ظلم ڪيا، جو ڪنهن شاعر اُن وقت حملي جي تاريخ ’خرابي سنڌ‘ مان ڪيڍي هئي. ترخانن ۾ مرزا باقيءَ جو دور سپ کان اونداهو ۽ سپ کان روشن دور آهي. سپ کان اونداهو انهيءَ ڪري جو هن کان وڌيڪ ظالم ٻيو حاڪم نہ ٿيو ۽ سپ کان روشن ان ڪري، جو ان ظلم خلاف سنڌي قوم منظم ٿي بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جو تاريخن ۾ اُن بغاوت ڪرڻ جي يڪي ۽ سربستي ڪهاڻي لکيل ڪانهي، پر مختلف تاريخن ۾، مختلف شاعرن جي شعرن ۾ ننڍا ننڍا واقعا بيان ٿيل آهن. جن ۾ مون کي هڪ عظيم سلسلو ٿو نظر اچي. انهن ئي واقعن جي هيءَ ڪهاڻي آهي.“

متين ڳالهہ جي روشنيءَ ۾ ڪتاب جي مهاڳ ۾ جمال ابڙي لکيو آهي:

"سراج انهن سيني مسئلن کي، ننڍي ناول دوران سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس سمجهو ۽ دور رس نگاهه، ماضي، حال ۽ مستقبل کي يڪجاءِ ڪري، تاريخي پس منظر ۾ حقائق کي بي نقاب ڪيو آهي."

سندس ٻيو ناول 'مرڻ مون سين آءُ' 1988ع ۾ ڇپيو جيڪو پڻ تاريخي پس منظر ۾ لکيل ۽ 'پڙاڏو سوئي سڏ' جو ٻيو ڀاڱو سمجهڻ کپي.

سراج جي ٽريالاجي 'پياسي ڌرتي، رمندا بادل' جي نالي سان ڇپي، جيڪا ٽن ڌار ڌار ناولن تي ٻڌل آهي. انهيءَ جو ذڪر ڪندي سراج لکي ٿو:

"'سنڌي ٻولي' 1964ع ڌاري ڇپيو. تڏهن منهنجي دوست پبلشر ان نالي جو اعلان به ڪري ڇڏيو. پر ان کان پوءِ 1965ع واري جنگ لڳارائي ويئي. منهنجي هنيانءَ ڇڇي ويو. ناول ڇپائڻ تان ارواح ڪڇي ويم. هي ناول ٽيڪنڪ جي لحاظ کان ٽن ناولن تي مشتمل آهي، ٽريالاجي آهي."

سراج جي انهن ناولن سنڌي ادب ۾ وڏي اٿل پٿل آندي ۽ آمريتي دور (1977_88ع) ۾ ڇپجڻ جي ڪري قومي ۽ سياسي ڪارڪنن کي وڏو حوصلو مليو. انهن ناولن پڙهڻ سان سنڌي قوم، سنڌ جي صورتحال ۽ ڏارين جا ظلم فلم جيان نظر اچن ٿا. سراج جا اهي ناول سنڌ جي تاريخ جي ترتيبوار بابن جيان آهن.

**لسانيات:**

لسانيات جي موضوع تي 'سنڌي ٻولي' جي نالي سان سراج جو ڪتاب 1964ع ۾ ڇپيو جنهن تي تمام گهڻو لکيو ويو ۽ گهڻي ڏي وٺ ٿي. هن ڪتاب ۾ سراج وڏي محنت سان تحقيق ڪري، عالمي ماهرن جي دليلن ۽ پختي يقين سان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته 'سنڌي ٻولي' سنڌ جي اصلوڪي ٻولي آهي ۽ ان جا وارث سنڌ جا قديم باشندا ئي آهن. ڪتاب جو نچوڙ بيان ڪندي سراج لکي ٿو:

"جڏهن چار سال کن ٻولين جي تاريخ، سنڌي تمدن ۽ موهن جي دڙي متعلق ڪجهه مطالعو ڪيم ته حيرت انگيز ڳالهيون نظر آيون. سڀ کان اهم ڳالهه ته اها آئي ته ٻوليءَ جي ماهرن ۽ تاريخدانن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي

تمدن سان بلڪل ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ پئي ڪيو آهي. ہي ڳالھ هيءَ تہ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو ماٽناٽو لاڳاپو تہ آهي، پر ائين نہ جيئن اسان وٽ زبان زد آهي. دراصل ڳالھ تہ مرڳوئي اُبتي آهي. سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو اُن کان بہ وڌو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي، سڌيءَ طرح نہ سهي تہ اڻ سڌيءَ طرح سهي. اهو هڪ اهڙو احساس ۽ خيال هو جنهن لاءِ مون سمجهيو تہ دنيا مون کي پاڳل سمجهندي"

ڪتاب جي مهاڳ ۾ محترم محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"لائق مصنف هن ڳالھ مڃڻ کان بہ انڪاري آهي تہ سنڌي ڪا سنسڪرت ڄائي آهي. ان باري ۾ سندس راءِ آهي تہ (هاٺوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت (۽ ٻيون اڪثر هند. پاڪستاني ٻوليون) سيئي هڪڙي ساڳي (اوائلي) ٻوليءَ مان نڪتل آهن، جنهن کي پڻ هو 'سنڌي' سڏي ٿو پر جنهن لاءِ هو شايد پروٽو سنڌي ۽ يا پروٽو انڊڪ (يا پروٽو هند يورپي) لفظ استعمال ڪرڻ وڌيڪ مناسب سمجهندو."

هن ڪتاب کي 'رائيٽرس گلڊ' پاران انعام پڻ مليو ۽ 2009ع ۾ هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو پڻ ڇپيو. مٿئين ڪتاب کان سواءِ سراج 'علم معاشيات' ڪتاب پڻ لکيو جنهن ۾ معاشي مسئلن بابت چند ڇاڻ ٿيل آهي.

**صحافت:**

1971ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو صدر ۽ پوءِ وزيراعظم ٿيو تہ هن 'سراج' کي پنهنجي اخبار 'هلال پاڪستان' جو ايڊيٽر مقرر ڪيو جتي هن پنهنجي صحافتي ڪردار کي مڃايو ۽ اخبار ۾ صحافتي حوالي سان نوان ترينڊ متعارف ڪرايا. اڳتي هلي جڏهن فقير محمد لاشاري 'جاڳو' اخبار جو اجراءُ ڪيو تہ انهيءَ جي پوپان پڻ 'سراج' جو ئي ذهن هو. انهن اخبارن ۾ پاڻ ان دور جي اهم مسئلن تي ڀرپور ايڊيٽوريل لکڻ کان سواءِ 'رتيءَ جي رهاڻ' ۽ 'سياسي منظرنامو' سري سان سوين مضمون ۽

ڪالم لکيائين، جن جي پڻ هڪ ڌار حيثيت آهي. هن ’س. م. لاهوتيءَ‘ جي نالي سان پڻ ڪيترائي اهم مضمون لکيا.

تنهن کان سواءِ سراج، شاهه لطيف جي حوالي سان پڻ مقالا لکيا. خاص ڪري شاهه سائينءَ جي سياسي ۽ مزاحمتي شاعريءَ تي هن آمريتي ڏينهن ۾ جرئت سان قلم کنيو. شاهه جي ٻوليءَ ۾ سنڌي قوم کي مزاحمتي جنگ جو پيغام ڏنو.

لسانيات، ڪهاڻي، ناول نگاري ۽ صحافت کان سواءِ سراج ڪيترن ئي ڪتاب جا ترجما پڻ ڪيا، جن ۾ ڪرشن چندر جي رپورتاز ڌڪڻ مان سج ٿو اُڀري (1953ع)، چونڊ امريڪي افسانا (1958ع) ۽ سنڌ جي اقتصادي تاريخ (1958ع) اهم آهن. شروعاتي دور ۾ سراج شاعري پڻ ڪئي. نئين زندگيءَ ۾ مهراڻ ۾ ڇپيل سندس نظم، نثري نظم جي صنف ۾ شاهڪار نظم آهن، جن مان هڪ نظم ’ڪراچي‘ يادگار نظم آهي.

سراج جي مٿين ڪمن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته سراج ’سنڌي ادب جو آل رائونڊر (گهڻ رخو)‘ ليکڪ آهي.

(يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب ’سنڌي ادب‘ (2011ع) تان ورتل)

5

# وڎي ۏت هُئام ٍباروچا پنيورَ ٍمٍ

اُٿيو ۽ اُٿياڪُ، ڪالھونڪر ڪاڏي ڳيو
ويو جياري جيڏيون، برهہ مون بيباڪ،
ڇُرپُر چائي چاڪ، سُورُ سمهاري ڪينڪي!

(شاھ)

# سراج، منهنجو بهترين دوست

## سوڀو گيانچنداڻي

سراج الحق ميمڻ وڏي پائي جو اديب هو. هن جيڪي به ناول لکيا. اُهي سنڌي ادب جو وڏو سرمايو آهن. هن ڪيترن ئي ڪارائتن ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب کي گهڻو مالا مال ڪيو. ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ پڻ سراج جو مقام تمام گهڻو مٿانهون آهي. ائين جيئن جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'پيراڻي' اسان جي ادب جي ڪلاسڪ ۾ شمار ڪئي ويندي آهي، ائين ئي سراج جي ڪهاڻي " بهڻي" کي به ساڳيو ئي درجو ڏئي سگهجي ٿو. سنڌ جي تاريخ کي ناولن ۾ سولو ڪري ۽ فڪشنائيز ڪري هن سنڌ جي اڄ پڙهيل ماڻهن کي تاريخي شعور سان روشناس ڪرايو. هن جون صحافتي دنيا ۾ پڻ خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن. 1970ع وارو ڏهاڪو "هلال پاڪستان" جي حوالي سان سنڌي صحافت ۾ مان سراج جو ڏهاڪو شمار ڪندو آهيان ۽ اُن سموري عرصي ۾ هن سنڌ ۾ جيڪا روشن خياليءَ جي لهر پکيڙي، اسان اڄ سوڌو اُن جو ئي کٽيو کائي رهيا آهيون. هينئر پاڪستان جي سيني ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ صحافتي سجاڳيءَ جون پاڙون جيڪي وڏيڪ مضبوط نظر اچن ٿيون، ان جو سچو سارو ڪريڊٽ سراج ڏانهن ئي وڃي ٿو ۽ هن جي طفيل ئي اها جيئن پوءِ تيئن وڏيڪ ترقي ڪندي نظر اچي ٿي. سنڌي ٻوليءَ بابت سراج جيڪو 'سنڌي ٻولي' نالي سان ڪتاب لکيو اُن کي مان مثالي انڪري چوندو آهيان، جو ان کان اڳ ۾ اهڙو حقيقت پسند ٿي ڪنهن به محقق تحقيق نه ڪئي هئي. اُن جو اعتراف اڄ هر باشعور ۽ روشن خيال ماڻهن سان گڏ محقق پڻ ڪري رهيا آهن ۽ ان سلسلي ۾ جيڪو به محقق قلم کڻي ٿو اهو سراج جي تحقيق مان استفادو ضرور حاصل ڪري ٿو. هن سنڌ جي علمي ۽ ادبي ميدان ۾ ڀرپور

نموني سان پنهنجو نالو ڪمايو. منهنجي هن سان سنگت اڏ صدي تائين رهي. جڏهن مان سال 1953ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايم.اي ۾ لا ۾ داخلا ورتي هئي تہ اُن وقت سراج، محمد ابراهيم جويو جي سربراهيءَ هيٺ سنڌي ادبي بورڊ جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ طور پنهنجا فرائض نڀائي رهيو هو. سراج ڪجهہ عرصو سياسي تحريڪن ۾ بہ حصو ورتو مون کي ياد ٿو اچي تہ هو سنڌي ادبي سنگت جي جلسن ۾ پڻ شريڪ ٿيندو رهندو هو. منهنجون هن سان تمام گهڻيون ملاقاتيون ٿيون، جن جون ڪيتريون ئي ساروڻيون آهن، جيڪي اڄ سراج کي ياد ڪندي منهنجي ذهن ۾ گردش ڪري رهيون آهن: جيڪي ڪڏهن تفصيل سان ڪنهن مضمون ۾ ساريبيون. هڪ ڀيري سراج بيمار ٿي پيو هو تہ مان اُن جي گهر وڃي سندس عيادت ڪئي هئي. هڪ دفعو وري هندوستان کان جڏهن هتي سنڌي اديب آيا هئا تہ مان انهن کي سراج سان ملائڻ لاءِ هن جي گهر وٺي ويو هيس. سراج جي ثقافتي ماڳن ۾ پڻ گهري دلچسپي هوندي هئي ۽ مون سان جڏهن بہ ملندو هو تہ اڪثر ڪري اڳ ۾ موهن جي دڙي جي سلامتيءَ بابت پڇندو هو. 1990ع جي ڏهاڪي جي اڌ ڌاران سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران منٺار سولنگي ۽ ادل سومري جي ڪوشش سان مون سان جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ جيڪا سنڌ سطح تي رهاڻ رچائي وئي هئي، ان موقعي لاءِ سراج جيڪو جاڳو اخبار ۾ مون کي وڏو مان ڏيندي ڪالم لکيو هو اهو اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان گذرندو آهي تہ مان پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهندو آهيان. هن جو وڇوڙو مون لاءِ هن عمر ۾ وڏي صدمي جو باعث بڻيو آهي ۽ هن جي وڃڻ واري نقصان جي تلافي ناممڪن آهي.

# سنڌي لسانيات جو قداور دانشور: سراج الحق ميمڻ

ڊاڪٽر غلام علي الانا

1. **(الف)** تعليم جي لحاظ کان، سراج صاحب، معاشيات ۽ ماليات جو ماهر هو پر ساڳئي وقت هو سنڌي ٻولي، سنڌي لسانيات ۽ سنڌي ادب جو هڪ قداور دانشور به شمار ڪيو ويندو آهي.

هو هڪ نامور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس، محقق، ڪالم نويس، هڪ مشهور نقاد ۽ صحافت جي ميدان ۾ به هڪ ڪامياب ايڊيٽر رهيو. سنڌي ادب جي ايترين سارين صنفن ۾ قداور اديب ۽ دانشور هجڻ جي باوجود هو سنڌي لسانيات جو هڪ قابل قدر ماهر ٿي گذريو آهي. سنڌي لسانيات جي سلسلي ۾ هن نه فقط 'سنڌي ٻولي' جي عنوان وارو ڪتاب لکيو هو پر اُن ميدان ۾ هن جا ڪيترائي معياري ۽ معلوماتي مضمون، مقالا ۽ تنقيدي تبصرا به شايع ٿيا. سندس ڪتابن، مقالن ۽ مضمونن کي عالمانه حيثيت حاصل آهي.

**(ب)** سراج صاحب ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ، اُنهن جا ديباچا، پيش لفظ ۽ اُنهن تي تحقيقي تبصرا به لکيا، جن جي ڪري پاڪستان توڙي ڀارت جي ادبي حلقن ۾ کيس وڏي عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي.

سراج صاحب پنهنجي متعلق هڪ هنڌ لکيو هو ته:

"ڪهاڻيءَ جي لکڻ واري زماني ۾ مون محسوس ڪيو ته سنڌ ۾، ناٽڪ جي صنف تي، سنڌ جا اديب ڌيان نٿا ڏين ته پوءِ مون ناٽڪ لکڻ شروع ڪيا. ناٽڪن ۾ ڀهريون منظوم ناٽڪ 'ٻيجل' (تنهنجي تند تنوار...) هن ساڳئي مقصد سان لکيم. اُن کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته ناول جي صنف تي ڪو خاص ڌيان نٿو ڏنو وڃي ته پوءِ مون ناول لکڻ شروع ڪيا."

**2. (الف)** سراج صاحب جي علمي ۽ ادبي زندگيءَ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته شروعات ۾ مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ وٽ پنهنجي ادبي زندگي گذارڻ کان وٺي، پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ واري زماني ۾، محترم محمد ابراهيم جويي سان گڏ، مهراڻ رسالي کي سينگارڻ ۾، سندس ساٿي رهيو. اُن زماني کان وٺي، سندس وفات (02 فيبروري، 2013ع) واري عرصي تائين سراج صاحب، علمي ۽ ادبي دنيا جو هڪ سرگرم ڪارڪن رهيو. هن جو قلم سرڪاري ملازمت واري زماني ۾ به هلندو رهيو. ۽ سرڪاري ملازمت مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ به، زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين جاري رهيو.

**(ب)** سراج صاحب جي تصنيف ڪيل يا ترجمو ڪيل ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ جي هن سپوت، لکڻ کي پنهنجي روزگار جو وسيلو ڪونه بنايو هو. سنڌي سماج ۾ عزت سان زندگي گذارڻ، پنهنجي اولاد کي تعليم جهڙي زيور سان سينگارڻ ۽ انڪم ٽئڪس آفيسر جي منصب تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ هن وڪالت جو پيشو اختيار ڪيو، جنهن لاءِ به وڏي جاکوڙ ڪيائين، ۽ هو پنهنجي هن پيشي ۾ به تمام گهڻو ڪامياب ثابت ٿيو.

**(پ)** زندگيءَ ۾ ايتري قدر مشغول رهڻ جي باوجود، سراج صاحب جو قلم هلندو رهيو ۽ سندس ڪتاب مسلسل ڇپبا رهيا. اُن سان گڏ ادبي ڪانفرنسن يا سيمينارن ۾ به شرڪت ڪندو رهيو ۽ انهن ۾ پنهنجا معلوماتي، تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا پيش ڪندو رهيو.

سراج صاحب، پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جي پهرئين دور ۾، هلال پاڪستان اخبار جو ايڊيٽر رهيو ۽ ساڳئي وقت ٻين اخبارن لاءِ تنقيدي ڪالم پڻ لکندو رهيو. ساڳئي وقت ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ، پيش لفظ ۽ ادبي ۽ تنقيدي تبصرا به لکيائين.

**3. تصنيفون:**

(الف) سراج صاحب ڪيترائي تحقيقي مقالا، مضمون، ڪالم، ڪتابن جا مهاڳ ۽ پيش لفظ لکيا، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. هيٺ سندس طبعزاد ڪتابن توڙي ترجمو ٿيل ڪتابن جا عنوان پيش ڪجن ٿا:

1. ڏکڻ مان ٿو سج ابري (ڪرشن چندر جي ناول جو ترجمو)، 1953ع ۾ ڇپيو.
2. سنڌ جي اقتصادي تاريخ (ايس. پي. ڇبلاڻيءَ جي ڪتاب جو ترجمو)، سال 1958ع ۾ شايع ٿيو.
3. چونڊ آمريڪي افسانا، (غلام رباني آگري سان گڏ ترجمو ڪيائين)، سال 1958ع ۾ شايع ٿيو.
4. اي درد هلي آ (ڪهاڻيون)، 1962ع ۾ شايع ٿيو.
5. سنڌي ٻولي (لسانيات جي موضوع تي)، 1964ع ۾ شايع ٿيو.
6. علم معاشيات (معاشيات جي موضوع تي)، 1964ع ۾ شايع ٿيو.
7. پڙاڏو سوئي سڏ (طبعزاد ناول)، 1970ع ۾ شايع ٿيو.
8. انون ماڻهو (اصلوڪيون ڪهاڻيون)، 1985ع ۾ شايع ٿيو.
9. مرڻ مون سين آ (طبعزاد ناول)
10. منهنجي دنيا مرگهه ترشنا (طبعزاد ناول)
11. منهنجي دنيا هيڪل وياڪل (طبعزاد ناول)
12. تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول (طبعزاد ناول)
13. پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناولن جي ترياجي)
14. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو (سوانح حيات) 1990ع

**(ب)** سراج جا ڇپيل ناٽڪ:

1. تنهنجي تند تنوار (ٻيجل) (طبعزاد منظوم ناٽڪ)
2. گهاتو گهر نه آئيا (طبعزاد ناٽڪ)
3. پروفيسر (طبعزاد ناٽڪ)
4. اڪبر جي حياتيءَ جو هڪ ڏينهن (ترجمو: ناٽڪ)
5. جر ۾ ٿوٿو جيئن (طبعزاد ناٽڪ)
6. پوڄا ڏنم پير (طبعزاد ناٽڪ)

**(ت)** سراج جا هيٺين عنوانن سان مختلف اخبارن ۾ ڪالم ڇپيا:

1. ملان جي ڊوڙ (مزاحيه ڪالم)
2. رتيءَ جي رهاڻ (ڪالم)

3. سياسي منظرنامو (سياسي ڪالم)

(ث) تحقيقي مقالن جو ڪجهه تفصيل:

1. سنڌي ٻوليءَ جا چند مسئلا
2. اسان جو نقاد
3. سکر سيئي ڏينهن
4. سنڌي ٻوليءَ جون خوبيون
5. سنڌيءَ ٻوليءَ جون خصوصيتون
6. لطيف ۽ وحدت الوجود - وغيره

**4. سنڌي لسانيات جو هڪ قداور دانشور:**

(الف) مون شروع ۾ عرض ڪيو آهي تہ سراج صاحب جو نالو سنڌي لسانيات جي وڏن ودوانن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. هن، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ سنڌي وياڪرڻ کان سواءِ، سنڌو ماٿر جي موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل مهرن کي پڙهڻ جي سلسلي ۾ جيڪي ڪاوشون ڪيون هيون، اُنهن جو اعتراف، امريڪي ۽ اسڪئنڊينيويئن عالمن بہ ڪيو آهي.

سراج صاحب کي، علم اللسان سان عشق تہ ننڍپڻ کان ئي رهيو هو. اُن سلسلي ۾ هن سندس ڪتاب 'سنڌي ٻولي' جي انتساب لکندي، هن طرح فڪر ڪيو آهي:

"مون کي ٻولين جو عشق، هڪ طرح سان ورثي ۾ مليو آهي. منهنجي پهرئين اُستاد اُن ورثي کي سنوارڻ ۽ سنئين دڳ لڳائڻ جو هڪ عجيب دل لُڀائيندڙ طريقو ڪم آندو هو. سنڌي الف - بي سيکارڻ لاءِ پنهنجي هٿن سان شيشي جي فريم سان هڪ بند پيتي ناهيائين، بلڪل 'پئنڊورا جي پيتيءَ' جهڙي، جنهن جي ٻن پاسن مان آرپار بہ ڪاٺ جون نڙانديون، ڦرموتيءَ وانگر ٿي ڦِريون. اُنهن ٻن نڙاندين تي ٿلهو ڊرائنگ ڪاغذ ويڙهيل هو. اُن ڪاغذ ۾ ٻہ ڪالم هئا: هڪ ڪالم ۾ سندس هٿ سان ڪڍيل رنگين تصويرون هيون ۽ انهن جي سامهون ٻئي ڪالم ۾ الف - بي جا موزون اکر. هڪ نڙانديءَ کي هٿ سان ڦيرائڻ سان تصويرون ٻيءَ نڙانديءَ تان ڊوڙنديون، پهرينءَ تي ويڙهجنديون وينديون هيون، ۽ جڏهن ڪاغذ جو اُهو

ويڙهو پورو ٿيندو هو تہ وري ٻي نڙانديءَ کي ڦيرائڻ سان تصويرون اُن پاسي ڊوڙڻ لڳنديون هيون..... ۽ آءٌ حيرت مان سڄو ڏينهن اُن جادوءَ جي شيشي ۾ اکيون پايو ويٺو هوندو هوس. اهو هو منهنجو سنڌي ٻاراٽو! اِن پٽنڊورا جي پيتيءَ، منهنجي ذهن ۾ هميشہ لاءِ تجسس ۽ ڳولا (curiosity) جو اُمنگ پيدا ڪيو.“

(ب) سراج صاحب، سنڌي لسانيات جي سلسلي ۾ ڪتاب تہ صرف هڪ يعني ’سنڌي ٻولي‘ لکيو. پر سندس اهو ڪتاب بہ ڏهن ڪتابن جي معيار وارو سمجهيو ويندو آهي. اُن کان سواءِ هن، ان موضوع تي ڪيترائي مضمون، تحقيقي مقالا ۽ تبصرا پڻ لکيا.

سنڌي لسانيات واري موضوع تي سراج صاحب، شهرت تڏهن حاصل ڪئي، جڏهن هن 1959ع ۾، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان، جڳ مشهور سنڌي عالم ۽ سنڌ شناس، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي، ٽماهي رسالي مهراڻ ۾ 1959ع ۾، ’سنڌيءَ ٻوليءَ جي مختصر تاريخ‘ جي عنوان سان ڇپيل مقالي تي تنقيد ڪئي. اُن سلسلي ۾، سراج صاحب، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

”سو هڪ ڏينهن ڇپومانس (ابراهيم جويي کي) تہ: ”ابراهيم! ڊاڪٽر صاحب جن جو مضمون، ماڻهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ تمدن لاءِ بنهہ غير علمي روايتون ۽ مفروضا عام ڪري ڇڏيندو ۽ ٻاهريان تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ تمدن کي هڪ خيرات ٿيل ۽ اُڌارو سمجهندا.“

”تون ڇو نہ ٿو اُن جي جواب ۾ ڪو مضمون لکين؟“

ڪجهہ وقت تہ هُو ويچار ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ چيائين تہ: ”سنڌي ٻوليءَ جي عظمت ۽ اهميت کي اهڙا مضمون ڪو ڇيهو رسائي سگهندا. سا ڳالهہ منهنجو ذهن قبول ئي نٿو ڪري. هر ڪنهن کي پنهنجيءَ راءِ جي اظهار جو اختيار آهي، ۽ ڊاڪٽر صاحب جن پنهنجي اُن حق کي استعمال ڪيو آهي. تون جيڪڏهن اُن کان مختلف راءِ رکين ٿو تہ تون بہ ڪٿي مضمون لک: جيڪا راءِ وڌيڪ علمي هوندي، اُن جو ئي زياده تر پڙهندڙ قدر ڪندا.“

سراج صاحب اڳتي هلي لکي ٿو: "جڏهن منهنجو مضمون شايع ٿيو ته جڻ ته هڪ هنگامو مچي ويو. ڪن شابس ڏني ته ڪن ڪچيون گاريون! ايڏو احساس ٿيم ته جيڪڏهن منهنجي مضمون ماڻهن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي، سنڌن ذهنن کي لوڏي وڌو آهي ته ضرور منجهس ڪا ڳالهه آهي.

ڊاڪٽر صاحب جن پڻ اُن مضمون جي جواب ۾ هڪ مضمون لکيو جنهن جي جواب ۾ مون وري ڪجهه گذارشون. اُن جواب در جواب جي جواب ۾ لکيون. پر اُن سلسلي ۾، 1959ع کان سنڌي ٻوليءَ ۽ تمدن بابت منهنجي ذهن ۾ ڪجهه اهڙو هيجان پيدا ڪيو جو بيان کان ٻاهر آهي."

(ت) سراج صاحب اڃا به اڳتي لکي ٿو:

"اوهين اُن مان اندازو لڳايو ته 1960ع جي سياري ۾ پنج ڇهه دفعا، موهن جي دڙي جي ويرانين ۾، وڃائتن وانگر، متي ڇاٽيندو رهيس. مون کي جواب ۾ به موهن جي دڙي جا ماڻهو- ڇاپئين ڏاڙهي، ٻٽون ڪٽ وار، وچان سينڌ نڪتل ۽ زالون عاج جي ٻانهين سان ڪلهي تائين ڍڪيل ٻانهون، نڪ ۾ بولو وارن ۾ ڪاٺ جي ڦڻي وڌل- مون سان سنڌي ڳالهائيندي نظر ايندا هئا. اُن سپني جي عالم ۾ ٿي، اُن کان پوءِ وارا ٽي سال گذاريم ۽ اُن وقت مختلف ٻولين جي قديم رسم الخطن ۽ ٻين اهڙن موضوعن تي ڪتاب چٿيندو رهيس."

اُن وچ ۾ ڊاڪٽر صاحب جن پنهنجن مضمونن کي ڪجهه هار سينگار ڏيئي، اڳي کان اڳرو ڪري، ڪتابي صورت ۾ شآيع ڪرايو. ڪتاب شايع ٿيو ته يار وري منهنجي پويان پئجي ويا.

"خير سائين، ڪتاب لکيم، ۽ اج اوهان جي هٿن ۾ آهي. جڏهن ڊاڪٽر صاحب جن جي مضمون جي جواب ۾ مضمون لکيو هوم، تڏهن منهنجو مقصد فقط سنڌن قائم ڪيل مفروضن ۽ دليلن کي ٽوڙڻ جو هو ۽ اُن لاءِ مون هڪ منفي طريقو اختيار ڪيو هو: يعني جيڪي غلط مفروضا سنڌن مضمون ۾ هئا، اُنهن کي رد ڏيڻ ڪافي سمجهيو هوم، پر اُن مضمون ۾

بہ مون اهو چيو هو تہ 'باوجود اُن ڳالهہ جي تہ سنڌي ۽ سنسڪرت جو مائٽاڻو ناتو ثابت ٿئي ٿو سنڌيءَ جي تاريخ، سنسڪرت کان بہ ڪُهني آهي، ۽ هڪ طرح سان، سنسڪرت ۽ اُن سان لاڳاپيل تمدن، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان اُسريا آهن.' جڏهن چار سال کن ٻولين جي تاريخ، سنڌي تمدن ۽ موهن جي دڙي متعلق ڪجهہ قدر وڌيڪ مطالعو ڪيم تہ حيرت انگيز ڳالهيون نظر آيون. سڀ کان اهم ڳالهہ تہ اها نظر آئي تہ ٻوليءَ جي ماهرن ۽ تاريخدانن، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تمدن سان بلڪل ماٽيجي ماءَ وارو سلوڪ پئي ڪيو آهي. ٻي ڳالهہ جنهن منهنجي ذهن ۾ متر ڪا (سنڌي متر ڪا نہ، عربي مطرقہ) هڻڻ شروع ڪيا، سا اها تہ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو مائٽاڻو لاڳاپو تہ آهي، پر ائين نہ جيئن اسان وٽ زبان زد آهي. دراصل ڳالهہ مرڳو ئي اُبتي آهي— سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو اُن کان بہ وڌو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان، سنڌيءَ جي ڄائي آهي. سڌيءَ طرح نہ سهي، اڻ سڌيءَ طرح سهي. اهو اهڙو احساس ۽ خيال هو جنهن لاءِ مون سمجهيو تہ دنيا مون کي پاڳل سمجهندي، اُن لاءِ ثبوت کان سواءِ ڳالهائڻ، وات وڃائڻ ٿيندو. اهو ئي سبب هو جو مون موهن جي دڙي جي ٻوليءَ ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ جڏهن اُن جي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيس تہ ذري گهٽ 'هارٽ اٽئڪ' ٿيڻ واري هئي."

حقيقت هيءَ آهي تہ ٻاهرينءَ دنيا جي ماهرن وٽ، سراج صاحب جي سڃاڻپ، 'سنڌي لسانيات' جي هڪ ماهر جي حيثيت ۾ آهي، جيئن سندس ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ' جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو پر سنڌ جي نوجوانن وٽ سراج صاحب جي سڃاڻپ هڪ قداور ڪهاڻيڪار، ناول نويس، ناٽڪ نويس ۽ ڪالم نگار، نقاد ۽ محقق واري آهي.

(ٺ) 'سنڌي ٻولي' ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾، 'ٻہ اکر' جي عنوان سان سراج صاحب هن موضوعن جي باري ۾ نهايت ئي ڪارائتيون ڳالهيون لکيون آهن. آءٌ چاهيان ٿو تہ سراج صاحب جون لکيل اُهي ڳالهيون پڙهندڙن جي ڌيان لاءِ دُهرايان. هُو لکي ٿو:

”1964ع کان 2009ع يعني پنجيتاليهن سالن کان پوءِ، ڪتاب جو هيءُ ڇاپو ڇپجي رهيو آهي، اُن ڪري اهي به اکر لکڻ ضروري به آهن. ان عرصي دوران، سموريءَ دنيا ۾ هر شعبي ۾ ۽ هر مضمون تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي، ۽ سوين ڪتاب ۽ مضمون ڇپجي چڪا آهن. ايتري قدر جو رڳو سنڌ جي آڳاٽي رسم الخط ’انڊس اسڪرپٽ‘ (Indus Script) تي به ڪافي ڪم ٿيو آهي. منهنجي فنليند جي دوست، ڊاڪٽر آسڪو پرپولا اُن رسم الخط جي پڙهڻيءَ (Decipherment) تي عاليشان ڪم ڪيو آهي. هُن سائين غلام مصطفيٰ شاهه مرحوم سان گڏجي موهن جي دڙي جي نشانين تي به جلد ڇپايا. ساڳيءَ طرح يورپ کان سواءِ هندستان ۾ به اُن رسم الخط تي قابل قدر ڪم ٿيو آهي ۽ سوين ڪتاب ڇپيا آهن. جيتوڻيڪ ڪي عالم سمجهن ٿا ته اُن ۾ ڪا دراوڙي زبان آهي، جيڪا تامل سان لاڳاپيل زبان آهي.“ (پر پرپولا ٽيم به اها ئي دعويٰ ڪئي آهي). ڪي هندستاني عالم دعوائون ٿا ڪن ته اُن جي زبان، سنسڪرت يا پالي يا ڪا ٻي هندستاني زبان آهي.

”پاڪستان ۾ وري اهي دعوائون آهن ته اها پراڻي عربي زبان يا اُن سان لاڳاپيل ڪا سامي صفت زبان آهي- جيترا آهن عالم، اوتريون آهن دعوائون!

”منهنجو چوڻ رڳو اهو آهي ته ٻيلي هيءَ تهذيب، سنڌ ڄائي آهي، اُن ڪري اُن جي زبان به سنڌ ڄائي ٿي هوندي، اُن ڪري ئي مون هن ڪتاب ۾ مختلف زبانن جي ٻڻ بنياد ۽ اُنهن جي بنيادي لفظن- مثلاً مٽي مائٽيءَ جي لفظن يا ڪم ڪاج ۽ ڏنڌن بابت لفظن جي پيٽ ڪري پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي. آءٌ اها دعويٰ قطعي ڪونه ٿو ڪريان ته ڪو منهنجي پڙهڻي درست يا سچي آهي. مون به ٻين عالمن وانگر هڪ راءِ قائم ڪئي آهي، ۽ اُها اُن ڪري پيش ڪئي اٿم ته جيئن سنڌ جا عالم ۽ شاگرد اُن مان اُتساهه وٺي ڪو اعليٰ پائي جو ڪم ڪري ڏيکارين. اها ڄاڪوڙ ئي منهنجي لاءِ اهم ۽ وڏي ڳالهه آهي.“

**5. (الف)** ’سنڌي ٻولي‘ ڪتاب ۾، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجين خاص خصوصيتن جو ذڪر ڪندي، سراج صاحب لکي ٿو:

”مختصر طور آءٌ سنڌيءَ جون اُهي سموريون خصوصيتون ڳڻائي آيو آهيان، جيڪي سنڌيءَ جي اصلوڪي ۽ نهايت قديم زماني ۾ مڪمل ٺيٺ جو پختو ثبوت آهن. اُن کان سواءِ سنڌيءَ جي فعلن ۽ اسمن ۾، عدد، جنس ۽ فعلي صورتن جي ڪري جيڪي ڦيريون گهيريون اچن ٿيون، اُن جو مثال ڪنهن به ٻي ٻوليءَ ۾ ڪونه ٿو ملي.ا يترو مڪمل ۽ باقاعده نحوي نظام هڪ اصلوڪي ٻوليءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪي ٻوليون ڪن ٻين ٻولين مان نڪتل هونديون آهن، اُنهن جي تقريباً هيرڦير ڪي اصل ٻوليءَ ۾ ليپي سگهجي ٿو. حال، مستقبل ۽ مضارع، اسم مفعول ۽ ماضيءَ جا جيڪي اصول سنڌيءَ ۾ موجود آهن، اهي بلڪل ئي پنهنجيءَ نوعيت جا آهن، جن لاءِ سنڌي ڪنهن به ڌارينءَ زبان جي مرهون منت نه آهي. ضميري پڇاڙين لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته ٻنيون پڇاڙيون جيئن ته سنسڪرت ۾ نه آهن، اُن ڪري ضرور عربيءَ مان آيون هونديون. مون اُنهن پڇاڙين جي قدامت تي اڳئي بحث ڪيو آهي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو اٿم ته اهي نشانيون ماءُ- آدرشي ۽ پيءُ- آدرشي سماجن جي وقت جي نشاندهي ڪن ٿيون. اهو مڪمل نظام، جڏهن اُن وقت ئي موجود هو ته پوءِ عربيءَ جي اثر جو سوال پيدا ڪونه ٿو ٿئي.“

**6. (الف)** سراج صاحب جي هن ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ‘ جي باري ۾ وڏي ۾ وڏو نقاد، پروفيسر علي نواز جتوئي هو. پروفيسر جتوئي صاحب، سراج صاحب جي هن ڪتاب ۾ جاٽايل سندس نظرئي جي باري ۾ روزانه اخبار ’مهراڻ‘ ۾ پنهنجي مقالي جون ڌار ڌار قسطون ڇپايون. مون ته پروفيسر صاحب جون اهي قسطون پڙهيون ڪونه هيون، پر جتوئي صاحب، پنهنجي اُنهيءَ تنقيد جي باري ۾، پنهنجي ڪتاب، ’ويرون ۽ وهڪرا‘ ۾ لکي ٿو:

”سنڌي ٻوليءَ بابت مسٽر سراج، جيڪو ڪتاب لکيو هو. تنهن علمي حلقن ۾ چڱو چوٻول پيدا ڪيو. ٿورا پڙهيا ته الڳ، پڙهيل طبقي جو خاصو طبقو به اُن جي ساراهه جا ڍڪ پرڻ لڳو. اُن رجحان ڪي ڏسندي خيال پيدا ٿيو ته اُن ڪتاب جو صحيح ملهه، عوام اڳيان رکجي ته گمراهه نه ٿين. تازو ولايت کان علم للسان کان واقف ٿي آيو هوس. تنهن ڪري هن مقالي کي،

علمي طرز تي لکڻ جي توفيق حاصل ٿيم. مقالو قسط وار روزاني اخبار مهراڻ ۾ ڇپجڻ شروع ٿيو. بيحد مقبول ويو. پڙهندڙن جون اکيون کلي ويون، ۽ سراج صاحب جي ڪتاب جي ساراهه جو بتخانو پچي پرزا پرزا ٿي ويو ۽ وري ڇاپي هيٺ نه آيو."

**(ب)** حقيقت ۾ ساڄيءَ ڌُر وارن اديبن ۽ شاعرن مان ڪن پروفيسر صاحب جي، مذڪوره مقالي کي ضرور پسند ڪيو هو پر سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ قوم پرست ۽ ترقي پسند سنڌي اديبن ۽ شاعرن، پروفيسر صاحب جي انهيءَ مضمون کي ڪابه اهميت ڪانه ڏني. ڇاڪاڻ ته سراج صاحب جي ڪتاب ۾ ڏنل دليل ڪافي مضبوط هئا. هن صاحب بين سائنسي ۽ تحقيقي ڪتابن جي حوالن سان، سنڌو ماٿر جي تهذيب ۽ اُن ۾ رائج قديم زبان جي باري ۾ ڏنل دليلن سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو هو. انهيءَ ڪري پروفيسر صاحب جنهن خوش فهميءَ ۾ هو ته هن سراج صاحب کي لاجواب ڪري ڇڏيو هو حقيقت اُن جي اُبتڙ هئي.

**7. (الف)** سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي مسئلن جي باري ۾ به، سراج صاحب، ٻوليءَ جي ماهرن جو ڌيان ڇڪايو آهي. هن صاحب، ماهوار نئين زندگي رسالي ۾ 'سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا' جي عنوان سان پنهنجي مقالي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين جو ڌيان ڇڪائيندي لکيو ته:

"'ڪارنهن'، 'ڪاراڻ'، 'ڪارٽ' ۽ 'ڪارَانهن' لفظن ۾ جيڪي پڇاڙيون يا پڇاڙيءَ جا پد (Suffixs) آهن، يعني 'اَ' يا 'اَنهن'- 'اَڻ' ۽ 'ٽ' يا 'اَٽ')، اهي اصل ۾ ڇا آهن؟ انهن جي پنهنجن ذاتن جي کهڙي ضرورت آهي يا هئي؟ ڇا اِن پوئين سوال تي اچجي ٿو ته بين اهڙين صفتن ۾، انهن جو استعمال محدود ڇو ٿو نظر اچي؟ مثلاً 'ڳاڙهو' مان 'ڳاڙهاڻ' ۽ 'ڳاڙهه' اسم نهن ٿا، پر 'ڳاڙهن' يا 'ڳاڙٽ' نٿا نهن. لفظ 'سائو' مان 'ساءَ' يا 'ساوَ' ۽ 'سائنهن' يا 'سائٽ' يا 'ساوٽ' ڪونه ٿا نهن. انهن جي برعڪس 'ساواڻ' ۽ 'ساوڪ' لفظن جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي. لفظ 'پيلو' مان فقط هڪ ئي لفظ 'پيلاڻ' نهي ٿو ۽ باقي ٻي ڪابه ترڪيب اُن مان نٿي نهي. جڏهن اُهي سمورا لفظ، هڪ ئي گروهه جا ۽

نحوي طرح رنگن سان لاڳاپيل صفتون آهن تہ انهن مان اسم نهڻ جا قانون الڳ الڳ ڇو آهن؟“

سراج صاحب جي هن سوال جي وضاحت، ’سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر‘ ۾، ’علم صرف جو اڀياس‘ واري باب ۾، صفحي 238 کان 252 تائين ڪئي وئي آهي.

**8. هڪ وڏي نقاد ۽ تبصري نگار جي حيثيت ۾:**

(الف) اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سراج صاحب هڪ وڏو نقاد ۽ تبصره نگار بہ هو. هن ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ لکيا ۽ اُنهن تي تبصرا بہ ڪيا. هو سنڌي لسانيات جي سلسلي ۾ بہ هڪ وڏو ادبي نقاد ٿي گذريو آهي، جيئن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڏنل راءِ جي حوالي سان اڳ ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح هن صاحب، ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ ڪتاب جي لکيل مهاڳ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾ نہ صرف علمي ۽ معياري تنقيد ڪئي، پر مذڪوره ڪتاب جي باري ۾ معلوماتي تبصرو بہ ڪيو. مثال طور لکي ٿو تہ:

”هيءَ سٺ واري ڏهاڪي جي شروع جي ڳالهہ آهي، جڏهن مون پنهنجي ٻوليءَ بابت مضمون لکيا. جيڪي مون محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سنڌي ٻوليءَ بابت نظرئي تي لکيل مضمونن جي جواب ۾ ’مهراڻ‘ ۽ ٻين رسالن ۾ لکيا هئا. انهن کي مون ڪا مربوط شڪل ڏيئي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، پر مون محسوس ڪيو تہ ڪنهن مضمون جي جواب ۾ مضمون لکڻ نسبتاً سولي ڳالهہ آهي، پر ٻوليءَ تي ڪتاب لکڻ لاءِ جنهن تحقيق، تفتيش ۽ ريسرچ جي ضرورت آهي، اها منهنجي وس کان بنهہ ٻاهر ۽ بالاتر هئي. هڪ تہ سرڪاري نوڪريءَ جون مصروفيتون ايتريون هيون، جو وقت ڪڍي لائبررين جا طواف ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو ٻيو تہ ٻوليءَ تي ريسرچ ڪرڻ لاءِ ضروري هو تہ ماڻهوءَ وٽ لسانيات جي مضمون جي درسي تعليم (Formal Education) هجي. يونيورسٽيءَ تائين مون معاشيات جو مضمون کنيو هو ۽ بي.اي (آنرس) ۽ ايم.اي بہ انهيءَ مضمون جي موشگافين جو اڀياس ڪندي پاس ڪئي هيم. لسانيات جي

درسي تعليم ۾ آءٌ بنهہ ڪورو ڪاڳر هوس. اُن ڪان بہ وڌيڪ هڪ ڳالهہ منهنجي ذهن ۽ ضمير کي ڪتاب لکڻ تي آماده نہ ڪري سگهي تہ ٻوليءَ بابت لکندي منهنجو ذهني رويو ڪهڙو رهندو: عالماڻو ديانتداريءَ وارو يا قومي ردعمل وارو. جيڪو ڊاڪٽر صاحب جي مضمونن جي جواب ۾ لکڻ لاءِ اختيار ڪيو هوم. انهن مونجهارن ۾ سال اڌ لڳي ويو. پر اُن وچ ۾ اڀياس جاري رکيم ۽ جهڙي تهڙي ريسرچ بہ ڪندو رهيس. ساڳئي وقت دوستن يارن اُهي طعنا ۽ مهڻا ڏيڻ شروع ڪيا تہ آءٌ شايد سائين سردار علي شاهہ. مرحوم رشيد لاشاري صاحب. جناب علي نواز جتوئي صاحب (جيڪو اُن وقت حال حيات هو) جي اخباري پروپئگنڊا کان ڊڄي، اُن ڪم تان هٿ ڪڍي ويو آهيان. منهنجو ڪين جواب اِهو ئي هو تہ اهو صحيح آهي تہ جديد لسانيات جي پس منظر ۾، سنڌي ٻوليءَ تي ڪوبہ ڪتاب ڪونهي ۽ اهڙو ڪتاب لکڻ اشد ضروري آهي، پر اُن لاءِ آءٌ موزون ماڻهو ڪونہ آهيان. اُن لاءِ اهڙي ماڻهوءَ جي ضرورت آهي، جنهن اُن مضمون جي درسي تعليم ۽ يورپ جي ڪنهن تعليمي اداري مان تقابلي لسانيات (Comparative languages)، صوتيات (Phonetics) ۽ علم الانسان (Anthropology) ۽ قديم ٻولين جي تاريخ ۽ جاگرافي (Palaeography) جي تعليم ۽ تربيت (Training) حاصل ڪئي هجي. مون کي اهڙي شخص جي ڳولا هئي، جنهن کي اها تعليم ۽ تربيت حاصل هجي، ۽ علمي لحاظ کان غير جانبدار (Neutral) بہ هجي. اهڙي شخص کي اسين سنڌ وارا عرض ڪريون تہ هو سنڌي ٻوليءَ تي ڪو علمي ۽ سائنسي ڪتاب لکي ڏي، جيڪو مٿين سمورن علمن جون ضرورتون نہ رڳو شاگردن لاءِ پوريون ڪري، پر عام پڙهندڙ بہ اهو سمجهي سگهن تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ جاگرافي ڇا آهي؟ اها ڪٿان آئي ۽ ڪيڏانهن پئي وڃي؟ ٻين قديم ۽ جديد ٻولين سان اُن جو رشتو ڪهڙيءَ نوعيت جو آهي. اُن جي قديم ۽ جديد ادب جي تاريخ ڪهڙي پاسي پئي وڃي ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن کي اُن جي وجود ۽ ارتقا لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

"تڏهن مون کي خبر پئي تہ غلام علي الانا نالي هڪڙو نوجوان برطانيہ مان اهڙي تعليم ۽ تربيت وٺي آيو آهي. هن سان ڪو لاڳاپو قائم

ٿئي، تنهن کان اڳ هن جا هڪ اڌ مضمون رسالن ۾ شايع ٿيا، جن نہ رڳو مون کي مطمئن نہ ڪيو پر مايوس ڪيو. اهڙو اظهار ’نئين زندگي‘ جي ڪنهن پرچي ۾ بہ مون ڪيو هو. قصو ڪوتاهہ تہ مون کي مجبوراً هڻ تڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ تي ڪتاب لکڻو پيو جيڪو ’سنڌي ٻولي‘ جي نالي سان 1964ع ۾ شايع ٿيو ۽ بدقسمتيءَ سان ميدان ۾ ٻيو ڪو ڪتاب نہ هجڻ ڪري پاڪستان ۾ يونيورسٽيءَ جي سطح تائين تقريباً درسي ڪتاب طور استعمال ٿيڻ لڳو. تازو منهنجي ڀيڻ ڊاڪٽر فهميده حسين هندستان وئي هئي، اُتي خبر پيس تہ هندستان ۾ بہ يونيورسٽي سطح تي اُن کي درسي ڪتاب طور استعمال ڪيو ٿو وڃي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ڪتابن جي کوٽ ۽ بدبختي اها آهي تہ منهنجي اُن غير سائنسي طرح لکيل ڪتاب کي اها اهميت ملي، جنهن جو اهو لائق ئي ڪونهي. جيتوڻيڪ اُن ڪتاب کي هڪڙي شاباس ضرور ڏيڻي پوندي تہ اهو ڪتاب ’ککر ۾ ڪڙو‘ ثابت ٿيو ۽ سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ بابت غلط مفروضن کي رد ڪرڻ جو تدارڪ پيدا ٿيو ۽ سنڌيءَ جي وجود، قدامت، تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوق ۽ رواج پيو.

”اهو ئي ڊاڪٽر غلام علي الانا، اڄ سنڌ جو هڪ محترم اُستاد ۽ عالم آهي. هن ڊاڪٽريٽ بہ ڪري ورتي ۽ هري هري سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف پهلوئن تي ريسرچ ڪندو ۽ ڇپائيندو رهيو آهي. ٻهريون پيرو اهڙو شخص سنڌي ٻوليءَ تي لکڻ لڳو آهي، جنهن کي لسانيات جي قديم ۽ جديد اڀياس تي مڪمل قدرت حاصل آهي. سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ هن کي ريسرچ ڪرڻ جو ڏانءُ بہ آهي ۽ ڪيس خدا ٻوليءَ تي سائنسي انداز ۾ لکڻ جي ذات بہ ڏني آهي. سندس مکيہ ڪتاب ’سنڌي زبان جا لهجا ۽ انهن جو اڀياس‘ (1964ع)، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ (1974ع)، ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ (1987ع)، ’سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي‘ ۽ ’سنڌي صورتخطي‘ (1993ع) سندس ذهني ۽ علمي ارتقا جا مظهر آهن.

”انهن سڀني ڪتابن جي مقابلي ۾ زير نظر ڪتاب، تحقيق ۽ ريسرچ جو نهايت عمدو مثال آهي. ٻوبون پيرو اسان کي سنڌي زبان جي اوسر ۽

ارتقا جي باري ۾ سائنسي ڄاڻ، درجي بدرجي، سمورن ضروري حوالن سان، تفصيلي بيان جي صورت ۾ حاصل ٿي آهي، جيڪا منهنجي هميشه کان ذاتي خواهش رهي آهي ته اهڙو ڪو ڪتاب لکجي، جو سنڌ ۾ هن جي تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽين ۾ درسي ڪتاب جو درجو حاصل ڪري، مون کي خوشي آهي ته اهڙو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي.

"البت ڪٿي ڪٿي اوهان کي مون وانگر تشنگي ضرور محسوس ٿيندي، پر مون کي اُميد آهي ته ايندڙ ايڊيشن ۾ اهي 'سقم'، جيڪي سقم گهٽ، اختصار جون اوڻايون وڌيڪ آهن، سي ڊاڪٽر صاحب درست ڪري ڏيندو. مثلاً سندس پهريون ۽ ٻيو باب 'زبان، معاشرو، انسان ۽ ثقافت' ۽ 'ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر' بنهه مختصر آهن. ان ڪري تشنگي پيدا ٿئي ٿي. مثلاً انهيءَ ٽي باب ۾، انسان جي ارتقا ۾ ٻوليءَ جو ڪيترو حصو آهي ۽ انساني فلسفي ۾ ٻوليءَ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهي ٻئي خشڪ مضمون آهن، پر هن ڪتاب ۾ اُنهن جو ذڪر ضروري هو. نوم چامسڪي (Noam Chomsky) پنهنجي معرڪة آرا ڪتاب 'ٻوليءَ بابت ڪي ويچار' (Reflections on Languages) _ (1975ع) ۾، انهن کي ٻوليءَ جا اسرار (Mysteries of Languages) سڏيو آهي، جن جو سڌو سنئون تعلق انساني دماغ (Mind) سان آهي. چامسڪي اُنهن اسرارن کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي: هڪڙو عام شين (Objects) لاءِ، انسان جي عقيدن ۽ توقعات جو سرشتو ۽ ٻيو اُنهن سان ڀرپور وچوٽيءَ تي موجود ٻوليءَ جو سرشتو. ڇا موجوده انساني ٻوليون، پهرئين سرشتي سان هم آهنگ آهن؟ جيڪڏهن نه ته اُن لاءِ اسين ڇا ڪريون؟ ڇا عقيدن کي بدلائڻ جي ضرورت آهي يا زبان جي سرشتي ۾ تبديليون آڻڻ گهرجن؟

"هتي آءٌ سنڌيءَ مان مثال ڏيان ٿو. مون پنهنجي ڪتاب ۾ هڪڙو نئون نظريو پيش ڪيو هو جيڪو منهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ' ۾ ڏنل آهي ۽ مختصراً اُن کي هنن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو ته: 'ٻولي مرڪب آهي، قدرتي آوازن ۽ انساني محسوساتن جو ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ ردعمل طور نون آوازن ۽ گهاڙيٽن جو. انهن ۾ ڪابه ڳالهه ماورائي يا

مابعد الطبعياتي ڪانهي. جيئن ڪنهن قدرتي آواز ڏانهن ڪنهن قوم يا گروهہ جو محسوساتي ردعمل معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ اُن زبان جو صوتياتي نظام بہ معلوم ٿي سگهندو. صوتياتي نظام معلوم ٿي وڃي تہ اُن جي وياڪرڻ ۽ گرامر کان تعين ڪرڻ ڏکيو ڪونہ ٿيندو.' جيئن ڏهن الانا صاحب جهڙو سائنسي طرح تربيت يافتہ لساني ماهر سنڌيءَ جي ان اندروني جوڙجڪ ۽ فلسفي تي لکي ها تہ هي پيو باب وڌيڪ معلوماتي ۽ وقيع ٿي پوي ها! ڊاڪٽر صاحب 'ڊنگ ڊانگ' واري نظريي ۾ منهنجي نظريي جو ذڪر ۽ حوالو ضرور ڏنو آهي، پر اُن تي ماهرانہ نظر ڪانہ وڌي اٿس، ۽ نہ هن سمورا نظريا بيان ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو ڪو نظريو يا سنڌس ڪنهن نظريي بابت ترجيح جو ذڪر ڪيو آهي. اها اهڙي تشنگي آهي، جنهن تي هن کي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي."

سراج صاحب اڳتي لکي ٿو:

"ٽيون باب 'سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر' نہ رڳو ڪافي تفصيلي آهي، پر جامع پڻ آهي. سنڌيءَ جي بڻ بنياد بابت هن وقت تائين جيڪي بہ نظريا آيا آهن، گهڻو تڻو سڀ جا سڀ ڊاڪٽر صاحب بيان ڪيا آهن، ۽ پنهنجي نظريي جو بہ حوالو ڏنو اٿس. جيڪي هن جي اڳين ٻن ڪتابن 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ۽ انگريزي ڪتاب Origin and Growth of Sindhi Language ۾ تفصيل سان ڏنل آهي. مون اڳي بہ هڪ مضمون ۾ انهن ڪتابن کي ساراهيو هو البت مون ڪيس گذارش ڪئي هئي تہ آرين جي حوالي سان اختيار ڪيل لفظ 'سئنڌوئي' (Saindhui) تي ڪيس ٻيهر غور ڪرڻ گهرجي. جيئن ڪن قديم ليکڪن سنڌ کي 'سئنڌوا' يا 'سياند' يا اهڙي ڪنهن ٻئي غلط اُچار سان اُچاريو آهي، جنهن کي ٽرنر (Turner) جهڙن لغت نويسن پنهنجي هند آريائي ٻولين جي لغت (A Dictionary of Indo-Aryan Languages) ۾ اختيار ڪيو آهي تہ ضروري ڪونهي تہ اسين سنڌ ۽ سنڌيءَ جي محض قدامت ثابت ڪرڻ لاءِ اهو ئي غلط اُچار ۽ اُن جي ناگري لکت کي قبول ڪندا اچون. 'سنڌ' ۽ 'سنڌي' تمام قديم لفظ آهن، جن جو اُچار

اهو ئي هو جهڙو اج آهي. اُنهن جو ثبوت پهلوي ڪتبن ۾ صاف ملي ٿو جنهن مان ايترو چئي سگهجي ٿو تہ آوستا جي وقت کان چوويهہ سؤ ورهيہ اڳ اهي ٻئي لفظ اُن ساڳئي اُچار سان اُچاريا ويندا هئا. بلڪ جڏهن 'س' ۽ 'هہ' جي غلط ملط ٿيڻ سان سنڌ کي هند ڪري پڙهيو ويو تڏهن بہ اُن کي 'هندوئي' ڪري ڪونہ پڙهيو ويو بلڪ الادريسيءَ کان البيرونيءَ تائين سيني اُن کي هند ۽ هندي سڏڻ جي غلطي ڪئي ۽ نہ 'هئندو' يا 'هئندوئي' جي. ان ڪري ڊاڪٽر صاحب کي ان مغالطي کي درست ڪرڻ گهرجي."

"ٻي ڳالهہ جنهن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي، سا آهي دراوڙي يا پروٽو دراوڙي ٻڻ بنياد وارو نظريو. آءٌ اهو اعتراف ڪرڻ لاءِ تيار آهيان تہ آءٌ بہ شروع شروع ۾ ان نظريي کي مڃڻ لڳو هئس، پر پوءِ جڏهن فادر هيرئس (Father Heras) ۽ هرازني (Hirozani) کان وٺي ڊاڪٽر آسڪو پرپولا (Asko Parpola) تائين وڏيڪ ڳوڙهو اڀياس ڪيم، تڏهن اُن نتيجي تي پهتس تہ اهو نظريو نظرثاني گهري ٿو. آءٌ ان حد تائين آسڪو پرپولا وارن سان اڄ تائين متفق آهيان تہ اُن لاءِ تصويري متبادل سرشتي (Rebus Principle) سان موهن جي دڙي جي مهرن کي شايد پڙهي سگهجي تہ شڪ ناهي. ان سرشتي موجب ڪنهن بہ شڪل يا تصوير ۾ جيڪا شيءِ نظر اچي، ان جي نالي سان ملندڙ هوبهو ٻيءَ ڪنهن معنيٰ جو لفظ استعمال ٿئي، مثلاً جيڪڏهن ڪا شڪل مڇيءَ (fish) جي آهي، جنهن لاءِ پروٽو دراوڙيءَ ۾ لفظ 'مين' آهي ۽ اُن لفظ جي ٻي معنيٰ آهي 'تارو' (star) تہ پوءِ اهو لفظ تارو ئي اختيار ڪبو.

اهو اصول تہ پرپولا وارن لاڳو ڪيو پر چاڪاڻ تہ بنيادي طرح هنن سنڌ جي حوالي کان سواءِ دراوڙي ٻولين جا متبادل لفظ ڳولڻ شروع ڪيا، تڏهن ئي هنن پاڻ کي ڀنيلائي ڇڏيو. هنن کي ياد رکڻ گهرجي ها تہ اهي نشانيون سنڌو ماٿر جي علائقن مان لڌيون ويون آهن، ان ڪري انهن علائقن جي طبعي حوالي کان سواءِ اصليت تائين پهچڻ ممڪن نہ آهي. مون ذاتي طرح ۽ تحريري طرح پرپولا وارن کي قائل ڪيو تہ سنڌن ملهہ ڪڏهن بہ صحيح نہ ٿيندا، جيسين سنڌ يا سنڌو ماٿر جي طبعي حوالن کي سامهون نہ

رڪيو ويندو. اها ڳالهه هن قبول بہ ڪئي آهي. هاڻ جڏهن ڪمپيوٽرن جو دور آهي تہ پوءِ انهن ملهن جي پيٽي ڳولي لهڻ ڏکيو نہ ٿيڻ گهرجي. اُميد تہ ڊاڪٽر الانا صاحب هن اعتراض تي ڌيان ڏيندو ۽ پنهنجي ريسرچ کي سنئين دڳ لائيندو.

"جيتري قدر سنڌيءَ جو ناگر اپڀرنش سان رشتي جو سوال آهي، الانا صاحب اُن تي نهايت عالمانہ بحث ڪيو آهي ۽ ڊاڪٽر چٽرجي ۽ ڊاڪٽر جيتلي جي پڙهڻين مان صحيح نتيجا اخذ ڪيا آهن. مون کي الائي ڇو هن باب ۾ ان ڳالهہ جو احساس ٿيو تہ ڪاش الانا صاحب پنهنجي پيش ڪيل 'ٿيسز' (Thesis) لاءِ تہ آهي دوها اُن زماني جي اپرندي سنڌي لهجي جا آهن، جنهن کي مقامي طرح ناگر اپڀرنش سڏيو ويندو هو، ٿورو وڌيڪ تفصيل ۽ اپڀرنش جي ورهاست ۽ جاگرافيائي پکيڙ جو چارٽ ڏئي ۽ ساڳئي وقت انهن دوهن جي پڙهڻين جي مٿان ناگريءَ ۾ اصل دوها بہ لکي ها، پر بهرحال هن باب جي ان حصي تي الانا صاحب قابل قدر ريسرچ ڪئي آهي.

"باب چوٿون 'عربن جي سنڌ تي حڪومت جي ابتدائي دؤر ۾ سنڌي زبان جي حيثيت' بہ ڊاڪٽر الانا جي محنت ۽ زبان شناسيءَ جو نهايت عمدو مثال آهي. هن باب کي الانا صاحب صحيح طرح سان فني ۽ سائنسي دليلن سان لکيو آهي. شايد ان جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي تہ لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ سندس ايم.اي جي ٿيسز ئي اها هئي يعني The Arabic Element in Sindhi، پر منهنجي خيال ۾ ان جامعيت ۽ علمي عمدگيءَ جي باوجود هڪڙي ڪمي رهجي وئي آهي، سا آهي جيڪڏهن الانا صاحب 'اخامينين' (Achaemenian) يعني پهلوي دور ۾ سائرس پهرئين (Cyrus-1) تائين يعني 330 کان 535 ق.م تائين واري دور ۾ سنڌيءَ بابت صورتحال کي بيان ڪري ها ۽ پوءِ اُن کي عرب حملن کان پوءِ واري لساني صورتحال سان ڀيٽي ها تہ اها سندس وڏي خدمت ۽ ريسرچ هجي ها، ڇاڪاڻ تہ اهو ئي هڪڙو دور آهي، جنهن تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي، ۽ اسان جي تاريخ جي راءِ گهراٽي سان تعلق رکي ٿو. زند اوستا جي زبان بابت هندستان ۽ پاڪستان جي پارسي شهرين جي پنڊتن وٽ وڏو علمي ذخيرو آهي، جنهن

مان ڳچ جيترو ڇپيل بہ آهي. اوستا جي زبان جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ ضميري پڇاڙين جو جيڪو نظام پهلوي ۽ جديد پارسيءَ ۾ آهي، اُن جي سنڌيءَ جي ضميري پڇاڙين سان ڀيٽ هڪ نهايت نتيجي خيز اڀياس ٿي سگهي ٿو. الانا صاحب جيڪڏهن ان دؤر کي بحث هيٺ آڻي ها ۽ خاص ڪري ضميري پڇاڙين جي حوالي سان، تہ نہ رڳو هي ڪتاب وڌيڪ جامع ۽ همہ گير ٿي پوي ها، پر ڪو نوجوان ان دور کي بنياد بڻائي، ضميري پڇاڙين بابت ريسرچ ڪري ڪا وزني تصنيف اسان کي ڏئي ها. بهرحال اهو رڳو منهنجي خواهش جو اظهار هو ۽ ڪنهن بہ طرح سان الانا صاحب تي ان لاءِ ڪو حرف ڪونہ ٿو اچي.

”منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر الانا سڀ کان وڌيڪ محنت ۽ جانفشانيءَ سان تحقيق جو حق، باب پنجين کان ستين يعني ’سنڌي ٻوليءَ جي معياري حيثيت‘ ۾ ادا ڪيو آهي. سومرن، سمن ۽ ڪلهوڙن تائين واري دؤر تي اڳ ڪو اهڙو جامع ڪم ٿيل ڪونہ هو. ان ڪري ڊاڪٽر صاحب کي جس هجي، جو هن سنڌ جي مقامي ماڻهن جي پنهنجي ٻولي ۽ ادب جي وجود جي بچاءَ ۽ پرورش لاءِ ڪوشش کي هڪ ئي هنڌ عمدگيءَ سان سهيڙيو آهي، ۽ اُن لاءِ تاريخ ۽ ادب ۾ جيڪي بہ حوالا هن کي ملي سگهيا آهن، اهي گڏ ڪيا اٿس ۽ هر هڪ پهلوءَ کي نهايت اونهائيءَ سان تجزياتي انداز ۾ سمجهي، پُرجهي، اڀياس هيٺ آندو اٿس. ۽ اُن کان پوءِ ئي پنهنجي راءِ ڏني اٿس. ڊاڪٽر صاحب جيئن تہ پاڻ بہ اسماعيلي عقيدي سان لاڳاپيل آهي ۽ سومرن- سمن جي دؤر ۾ اسماعيلي عقيدي وارن نہ رڳو حڪومت ڪئي، پر هنن پنهنجي عقيدي جي دعوت بہ ڦهلائي، جنهن جي ڪري ڪيترين ئي هندو ذاتيون مسلمان ٿيون. عقيدي جي تصور کي ڦهلائڻ لاءِ هنن سنڌيءَ ۽ ٻين مقامي ٻولين کي استعمال ڪيو ۽ اُن حوالي سان سندن گنان، سنڌي ادب ۾ هڪ قابل قدر ذخيرو آهن ۽ جنهن کي اڄ تائين ايتري اهميت نہ ڏني وئي هئي. الانا صاحب انهن گنانن جي ٽيڪنيڪي حيثيت کان وڌي انهن جي لساني اهميت تي سخت محنت ڪري نہ رڳو ڪي نوان گوشا سامهون آندا آهن، پر ٻوليءَ لاءِ غلط مفروضن کي ريٽڻ لاءِ بہ چڱو خاصو مواد ڪٺو

ڪيو اٿس. قاضي قادن، مخدوم اسماعيل سومري، لطف الله قادريءَ، شاهه ڪريم ۽ مخدوم نوح وغيره جي ٻوليءَ جي مثالن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي ٻولي ڳچ وقت کان پنهنجي ڳالهائيندڙن جون نه رڳو روحاني ضرورتون پوريون ڪرڻ جي صلاحيت رکندي آئي هئي، پر دنيوي ضرورتن: وڻج واپار، ذاتي ۽ واپاري لکپڙهه توڙي تعليم ۽ تدريس لاءِ اعليٰ نثر ۽ نظم جو ايترو ته ذخيرو وٽس هو، جو دنيا جي ڪنهن به زبان سان اُن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ خاص ڪري ان ڳالهه ڏانهن الانا صاحب جو اشارو بنهه موزون آهي ته اهو سڀ ڪجهه ته اسان عربي- پارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل نسخن مان ڪنيو آهي، پر سنڌ ۽ هند بلڪ دنيا جي لائبررين ۾ ناگرڪ ۽ ٻين صورتخطين ۾ الائي ڪيترا سنڌي ڪتاب پيا آهن، جن کي منظرعام تي آڻڻ نهايت ضروري آهي.

"باب ستين کان وٺي موجوده علم ادب بابت بابن ۾ به ڊاڪٽر صاحب وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. شاهه لطيف وارو باب (ستون) آءٌ سمجهان ٿو ته ان لائق آهي ته ان کي الڳ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته لطيف جي ٻوليءَ کي مونجهارن مان آزاد ڪري الانا صاحب هن جي تهذيبي ۽ ثقافتي عنصرن کي ايترو ته چٽو ۽ واضح ڪيو آهي، جو اها هڪ نئين سوغات آهي. منهنجي ڪيس گذارش آهي ته ان باب کي ڪجهه وڌائي ۽ سندس همعصر شاعرن يا متقدمين جي ٻوليءَ سان ڀيٽي الڳ ڪتاب تيار ڪري ته سندس اسان تي ٿورو ٿيندو."

حاصل مطلب ته سراج صاحب جهڙي گهڻ- پهلو دانشور لاءِ هن مختصر مضمون ۾ تفصيل سان لکي نٿو سگهجي.

# سراج ميمڻ: هڪ ڀهڳٽي شخصيت

هيرو ٺڪر

سراج الحق ميمڻ صاحب جي وفات جي خبر بيحد ڏکوئيندڙ خبر هئي، جنهن جيءَ کي جهوري ڇڏيو. ڪي گهڙيون تہ ان ڳالهہ تي اعتبار ئي ڪونہ پئي آيو ۽ سندس پيارين پيارين يادون من تي ڇانئجنديون رهيون. سندس تندرستيءَ جي علالت جي ڄاڻ هئم. صحت جو مسئلو کيس ڪافي وقت کان رهندو پئي آيو هو. پاڻ خود بہ سنڀال وارو شخص هو ۽ سندس ڪٽنب/ پريوار وارا، خاص طور منهنجي ياپي سيما ۽ سندس فرزند ڊاڪٽر امجد سراج، پيڻ فهميده حسين ۽ ٻيا گهر جا ننڍا وڏا ڀاتي پوريءَ طرح سندن سار سنڀال لهي رهيا هئا، اُن ڪري اهڙو انديشو مُور نہ هو تہ هيئن وبني ويني هٿ ڪَس ٿي ويندي.

سنڌ ۽ هند جي سنڌين جو اهو ڊُرڀاڳُ آهي، جو تازو گذريل وقت ۾ اسان جا ڪيترائي پيارا ۽ مهان اديب اسان کان وڇڙندا رهيا آهن. بين الاقوامي حيثيت واري محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نوجوان تخليقي اديبن حسن درس ۽ طارق عالم ابڙي، عظيم شاعرن: شمشيرالحيدري ۽ پريو 'وفا' ۽ ٻين ڪِن اديبن جي وڇوڙي جا ڦٽ اڃا مڙيا ئي ڪونہ آهن، جو مٿان وري پنهنجي پياري اديب سراج الحق ميمڻ جي وڇوڙي جو ڌڪ اسان کي مليو آهي.

سراج الحق ميمڻ صاحب سنڌي ادبي کيتر جي هڪ ڀهومکي شخصيت هو. هُو هڪ بيحد معياري تخليقي ليکڪ، بيباڪ ۽ جاکوڙي صحافي، سنڌ جي تاريخ تي عبور رکندڙ لسانيات جو ماهر، قابل ڪاروباري ۽ عامل، نامور وڪيل ۽ آزاد خيال مفڪر هو. هُو سنڌ جي عظمت تي بجا

طور فخر ونندڙ سنڌ ۾ امن ۽ استحڪامت ۽ سنڌين جي آزادگيءَ ۽ اتحاد جو ڪانکي هو. هن جي وفات سان سنڌ امڙ پنهنجو هڪ سچو سپوت وڃايو آهي.

سراج صاحب جي نالي سان منهنجي واقفيت سال 65_1964ع ڌاري ٿي. اُنهن ڏينهن ۾ سراج صاحب جو ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ شايع ٿيو هو ۽ سنڌس نالو وڃندڙ هو. پارت جي بہ سنڌي ادبي ڪيتر ۾، خاص طور لسانيات ۾ چاهہ رکندڙن ۾ ڪافي چڙپولو متل هو. ”سنڌي ٻولي“ جي اشاعت کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت مکيہ طرح بہ رايا مروج هئا: پهريون ۽ جيڪو گهڻائيءَ ۾ عالمن ۾ مقبول هو سو اهو تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ ٻيو اهو تہ سنڌي ٻولي سامي (Sometic) سَٽ واري ٻولي آهي. دراوڙي ٻولين سان سنڌيءَ جي وابستگيءَ وارو نظريو اُن وقت تائين اجا مروج نہ ٿيو هو ۽ عام طرح اهو ئي مڃيو ويندو هو تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتل ٻولي آهي. پر سراج صاحب اِن رواجي ڍنگ سان وهندڙ پاڻيءَ ۾ جيڪو سِروٽو اُڇليو تہ اُلٽو سنسڪرت سنڌيءَ مان نڪتل آهي، تنهن سبب وڏو ڌماڪو ٿيو.

”سنڌي ٻولي“ ڪتاب جون پارت ۾ ڪي ٿورڙيون ئي ڪاپيون پهتل هيون ۽ هر ڪو اديب اُن ڪتاب ۾ درج ٿيل اُن انقلابي سوچ ۽ نظريي کي جاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ منتظر هو. مان تِن ڏينهن اُلهاس نگر (ڪئمپ) ۾ رهندو هئس ۽ هڪ پراڻي اسي کن ورهين جي عمر واري اديب ۽ ٻوليءَ ۾ گهرو چاهہ رکندڙ چوهڙ مل هندوجا ۽ پنهنجي بزرگ متر نارائڻ پارتيءَ سان منهنجو نيازمنديءَ وارو رستو هو. اُنهن مڙيئي وڏي لگن سان ڪٿان اهو ڪتاب هٿ ڪيو هو ۽ منهنجي عرض ڪرڻ تي مون کي بہ ڪتاب پڙهڻ جو موقعو ڏنائون. مون تازو ئي هنديءَ جو وڏي ۾ وڏو امتحان ”ساهتيہ رتن“ پاس ڪيو هو ۽ سنسڪرت سان بہ ڪجهہ شناسائي هئم. تنهن ڪري انهن ٻولين ڏانهن منهنجي ڪافي رغبت هئي. مون کي اهو بہ قبول ڪرڻ گهرجي تہ اُن وقت علم لسانيات جو مون کي گهڻو علم نہ هو. اهڙين حالتن ۾ مون جڏهن اهو ڪتاب پڙهيو تہ سراج صاحب وارو نئون نظريو تہ ”سنسڪرت سنڌيءَ مان نڪتل آهي، سو تہ مون کي مطمئن ڪري نہ سگهيو. جيڪو

بهرحال، بين پڙهندڙن جو بہ خيال هو پر سراج صاحب ڪتاب لکڻ کان اڳ، جيڪو حد درجي جو مطالعو ڪيو هو جنهن جو پرماڻ ڪتاب اندر ڏنل دليلن ۽ حوالن جي صورت ۾ موجود هو ۽ جنهن ڍنگائتي نموني هن پنهنجي نظريي کي پيش ڪيو هو تنهن جي مدنظر، هن جي علميت اڳيان منهنجو سِر جهڪي ويو ۽ مون سبق بہ حاصل ڪيو تہ ريسرچ جي ڪم ۾ ڪيتريءَ نہ جاکوڙ ۽ اپياس جي ضرورت ٿئي ٿي.

سراج صاحب سان منهنجي وڌيڪ وات تڏهن جُڙي، جڏهن هُن ’مهراڻ‘ 1979ع جي 4_3 شماري ۾ مون ڏانهن هڪ کليل خط ’قاضي قادن جو ڪلام‘ ڪتاب جي حوالي سان لکيو. خط ۾ هن منهنجي ڪم جي دل کولي ساراهہ ڪئي هئي ۽ لکيو هو تہ ”اوهان جيڪا محنت ڪئي آهي، تنهن لاءِ هند سنڌ جا سنڌي ۽ خاص طور ادب جا ڳولائو اوهان جا ٿورائتا رهندا ۽ اڄ جي زماني ۾ جڏهن عربي ئي اسان لاءِ اهم بڻي آهي، تڏهن قاضي قاضن جي نالي کي واقع ئي نهال ڪري پاڻ کي ’سنڌي ادب جو هيرو ثابت ڪيو آهي.‘ (مهراڻ 1979، شمارو 4_3)

بهرحال، ايتريءَ ساراهہ جي باوجود بہ هُن کي ڪتاب ۾ جاڻايل جيڪي ڳالهيون قابلِ اختلاف لڳيون، تن ڏانهن پنهنجي ليک ۾ چِٽيءَ طرح اختلاف بہ ظاهر ڪيائين. سندس ان ليک مان سندس علميت چِٽي طرح پيئي بکي، ڇو جو اُن ليک ۾ هُن برٽش ميوزيم ۾ وڃي، اُتان حاصل ڪيل سنڌي بيتن جو ۽ ميوزيم ۾ موجود ڪِن مراني ڪتابن ۾ آيل سنڌي شاعريءَ وارن حوالن جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، سو ڏيکاري ٿو تہ هُو ڪيڏو نہ وڏو عالم ۽ جاکوڙي هو.

سراج صاحب صرف لسانياتي ماهر ۽ محقق ئي نہ هو پر دنيا جي تاريخ، خاص طور سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ معاشي حالتن تي پوري نظر ۽ پوري دسترس رکندڙ هو. هن پنهنجي اِن ڄاڻ ۽ سنڌ ڌرتيءَ ڏانهن پنهنجي آدر ۽ محبت کي مؤثر نموني لوڪن تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي تخليقيت ۽ افسانہ نويسيءَ واري فن تي پنهنجي مهارت کان ڪم ورتو. ان ڏس ۾ هُن جون ’پڙاڏو سوئي سڏ‘، ’مرڻ مون سين آءُ‘، ۽

ناولن جي ٽِريالاجي- ’پياسي ڌرتي، رمندا بادل‘ واريون تصنيفون، هڪ يگاني حيثيت رکن ٿيون.

دعوتن ۽ ڪچهرين جو به ڪوڏيو هو. جڏهن به سنڌ اچبو هو ته سندس شاندار دعوتن جو لطف ماڻڻ جو موقعو ملندو هو جتي يادگار ڪچهريون به ٿينديون هيون. هڪ ڀيري اهڙي ڪچهريءَ ۾ سرڳواسي هري موٽواڻيءَ سان گڏ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي صحبت ماڻڻ جو به موقعو مليو. تازو جڏهن جنوري 2012ع ۾ سنڌ جي سرموڙ شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي 268ئين عرس جي موقعي تي، مان، ومي سدارنگاڻي، اِندرا شبنم وغيره اتي آياسين ته هڪ شاهي دعوت پنهنجي بنگلي تي رکيائون، جنهن ۾ سندن سمورو راڄُ پريوار به شامل هو جن سان ملي ڏاڍي گهڻي خوشي ٿي. اُن دعوت ۽ ڪچهريءَ کي اسين سڀ ڏاڍو ياد ڪندا آهيون.

اُن دعوت ۾ سراج صاحب سڀني مهمانن جو شخصي طرح اونو رکندڙ رهيو. هر ڪنهن کي چوي پلا هي کائي ڏسو پلا هي ٽيسٽ ڪئي اٿو. ڪچهري به ڪيائين ۽ حال احوال ڏنائين ۽ ورتائين. اُن ئي دعوت جي پڇاڙيءَ واري وقت سندس فرزند ڊاڪٽر امجد صاحب مون کي پاڻ سان پاسيرو وهاري ٻڌايو ته بابا جن جي ڦڦڙن جو پرابلم مڙيئي ڪجهه وڌيل آهي ۽ اسان ٻڌو آهي ۽ Net تي معلومات حاصل ڪئي آهي ته دهلي (انڊيا) ۾ ان جو سُٺيرو علاج ميسر آهي. ان ڏس ۾ مون کان به راءِ پڇيائون ۽ مون ڪيس ٻڌايو ته برابر دهليءَ جي بلڪل ويجهو گڙگانءَ ۾ ”ميدانتا اسپتال“ ۾اِن جي specialization آهي ۽ دنيا ڀر مان ماڻهو علاج لاءِ اچن ٿا ۽ کين به ان جو ضرور فائدو وٺڻ گهرجي. مون کين چيو ته مان دهليءَ ۾ رهان ٿو ۽ مون کي ڪنهن به قسم جي مدد ڪرڻ ۾ فقط خوشي ئي حاصل ٿيندي، پر منهنجن هنن پاڻرن مون کي ڪنهن به قسم جي مدد لاءِ موقعو نه ڏنو ڪا به تڪليف ڏيڻ واجب نه سمجهيائون ۽ اوچتو هڪ ڏينهن امجد صاحب جو فون آيو ته بابا جن ميدانتا ۾ علاج ڪرائي رهيا آهن ۽ نيڪ طرح سڀ ڪجهه هلي رهيو آهي. خير، مان ٻئي ڏينهن صبح جو ئي ميدانتا اسپتال ۾ پهچي ويس ۽ حالي احوالي ٿياسين. اُتي ٻن ٽن هفتن جي علاج بعد هو مطمئن ٿيا ۽ مون به کين

پنهنجي غريب خاني ۾ پڌارجڻ جي دعوت ڏني. هڪ ٻن ڏينهن بعد مون کي ٻڌايائون تہ سياڻي صبح جو ڪجهہ وقت لاءِ تو وٽ اچي رهيا آهيون.

مون لاءِ اها ڏاڍي خوشي جي ڳالهہ هئي تہ منهنجو وڏو ڀاءُ خوش چڱو ڀلو ٿي، مون وٽ ملڻ لاءِ اچي رهيو آهي. مون پڻ سراج صاحب جي ٻين ڪن دوستن- ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، لڇمڻ ڀاٽيہ ڪومل، موهن همٿاڻي، 'دل سنڌ' جي ايڊيٽر مهيش ڇاٻڙيا، آنند کيماڻي وغيره کي مانيءَ جي دعوت ڏني. پنج ڇهہ ڪلاڪ ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي. سڀ دوست سراج صاحب ۽ امجد صاحب جي صحبت ماڻي دلي طرح خوش ٿيا. اُهو اڳئين سال فيبروريءَ جي آخر وارو سمو هو. ان دوران معلوم ٿيو تہ ٻئي ڇڙا علاج مان مطمئن هئا ۽ اسان کي بہ دلي سڪون رسيو تہ ڀاءُ چاڪ چڱو ڀلو ٿي واپس گهر ويندو.

تنهن کان ٻن ٽن ڏينهن بعد ٿي هنن جي ڪراچيءَ ڏانهن روانگي هئي ۽ هن ڪراچي پهچي، چڱيلائيءَ جو اطلاع ڏنو هو.

# سراج ميمڻ دوست، منهنجو پاءُ

امر جليل

مون کي ٺيڪ سان ياد ناهي تہ اپريل 1972ع جي اها ڪهڙي تاريخ هئي. سراج مون کي چورائي موڪليو هو تہ سياڻي شام جو ستين لڳي شيزان ۾ اچ. چانهہ پئينداسين ۽ لکڻ پڙهڻ بابت ڪجهہ ڳالهائينداسين.

مون کي اچرج ٿيو هو اچرج اُن ڪري ٿيو هو جو دوستن هُلائي ڇڏيو هو تہ سراج مخصوص دوستن جي دائري کان ٻاهر نہ ڪنهن سان ملندو آهي ۽ نہ ڳالهائيندو آهي. ڪنهن سان بہ ڏيکهہ نہ ڪندو آهي. سندن دوستيءَ جي دائري ۾ شامل هوندا هئا. گڙنگ ليکڪ ۽ شاعر۔ رشيد ڀٽي، جمال ابڙو، شيخ اياز، غلام رباني آگرو، رشيد آخوند، ابراهيم جويو، غلام محمد گرامي، سوڀو گيانچنداڻي، تنوير عباسي، نياز همايوني، اياز قادري ۽ نورالدين سرڪي وغيره. تنهنڪري منهنجو اچرج اجايو نہ هو. ادب ۾ منهنجو نالو معتبر نہ هو. يارن دوستن مشهور ڪري ڇڏيو تہ مان ملحد هوس، منڪر هوس، نظريہ پاڪستان جي بنيادي بہ قومي ٿيئريءَ جو مخالف هوس، دين ڌرم کان آجو هوس. سندن راين ۾ ڪنهن قسم جو وڏاءُ نہ هو. ان وقت تائين مون نج تصوف جي تڏي تي هميشہ لاءِ سر جهڪائي ڇڏيو هو....

مون پهرين ڪهاڻي 1956ع ۾ لکي هئي ۽ ان کان پوءِ لاڳيتو چار پنج سال وساري ڇڏيو هيم تہ ڪڏهن ڪا ڪهاڻي بہ لکي هيم. اندر ۾ ڏاڍي اٿل پٿل هئي. بيچيني هئي. زندگي، موت، مجبوري، بيوسي، بغاوت، ويڙهہ ۽ حالتن سان ناهہ نہ ڪرڻ جهڙا انيڪ ويچار ۽ رويا مون کي اڪيلو ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪافي هئا.

ورهين جا ورهيہ اڪيلائين ۾ ڀٽڪندي هڪ انوکي دڳ جا در منهنجي لاءِ کلندا ويا. هڪ راهہ مان هزارين نڪرندڙ راهن مون کي نہ مُنجهايو. هڪ راهہ تي اڳتي نڪري وڃڻ کان پوءِ موٽڻ ممڪن لڳندو آهي. پر راهن مان نڪرندڙ انيڪ راهن جي راهي ٿيڻ کان پوءِ موٽڻ امڪان کان ٻاهر هوندو آهي. انهن راهن تي هلندي مون موٽي وڃڻ جي امڪان بابت ڪڏهن ڪونہ سوچيو ۽ نہ اڄ تائين سوچيو آهي. مون کي موٽي اچڻو ناهي، مان موٽي نہ ايندس.

راهن مان ڦٽي نڪرندڙ راهن تي هلندي مان لاڳيتو لکندو رهيس. مسلسل لکندو رهيس. جيڪي وٽيو جيئن وٽيو تيئن لکندو رهيس. اندر جي اظهار لاءِ اهڙي قسم جو رويو مون کي راهن مان ڦٽي نڪرندڙ راهن تي هلندي مليو آهي. امان جي اُسهڻ کان پوءِ مان لاڳيتو لکندو رهيس. ڪنهن کي وٽيو ڪنهن کي نہ وٽيو. ڪنهن دعا ڏني، ڪنهن بددعا ڏني. ڪنهن گاريون ڏنيون، ڪنهن گل ڏنا. ڪنهن ڪڏ ڪوٽي، ڪنهن مان ڏنو. ڪنهن پير ۾ ويهاريو ڪنهن پير مان اُتاري ڇڏيو.

اهڙي نيم پاڳل ليکڪ کي سراج چوائي موڪليو تہ فلاڻي تاريخ شام جو صدر واري شيزان ۾ ملنداسين، لکڻ پڙهڻ بابت ڪجهہ ڳالهائينداسين.

تاريخ مون کي ياد ناهي. مهينو اپريل جو هو ۽ سال هو 1972ع. اُن دور ۾ سنڌي ادب تي اياز، جمال، سراج، رباني ۽ رشيد جي هيبت ويٺل هوندي هئي. اُنهن مان ڪنهن سان بہ منهنجي ڪا خاص ڏيٺ ويٺ نہ هوندي هئي. بس اوچتو ڪٿي عليڪ سليڪ ٿي ويندي هئي. سراج جي باري ۾ مشهور هو ۽ اڄا بہ اهو ساڳيو تاثر برقرار آهي تہ تمام سختگير طبيعت جو مالڪ آهي. کلندو تہ اصل ڪونهي. مرڪي پوي تہ وڏي ڳالهہ. سپيرئر سروسز جي چٽا ڀيٽيءَ ۾ اڳ نڪري ويو هو ۽ وڃي انڪم ٽيڪس کاتي ۾ آفيسر ٿيو هو. ٻڌائيندا آهن تہ آفيسريءَ دوران منسٽرن ۽ اسيمبلي ميمبرن کي ڪٽ ۾ نہ آڻيندو هو. سندس رعب تاب اهڙو جو ڪو بہ جهڙو تهڙو اثر رسوخ وارو شخص سائنس ڪشت ڪري نہ سگهندو هو.

ملڪ ۾ سياسي ڏڦيڙ پيو. اهڙا تہ لاها چاڙها آيا. جو لڪپتي پنواتيون ڪائي ڪڪپتي ٿي ويا ۽ ڪي ڪڪپتي ڦري.گهري لڪپتي ٿي پيا. سرڪاري ڪامورن لاءِ رڻ ٻري پيو. پڪڙ ٿي. چنڊچاڻ ٿي. سراج واندو ٿي وڃي وڪالت سان لڳو. انڪم ٽيڪس جي ڪيسن ۾ اسپيشلائيز ڪيائين. ذهين ٻي انتها هو وڃي سپريم ڪورٽ جي ايوانن تائين پهتو.

الاءِ ڪٿي ۽ ڪيئن ذوالفقار علي ڀُٽي جي دوربين نگاهن ۾ اچي ويو ۽ هو پيپلز پارٽيءَ جو ٿي ويو. سن هو 1972ع. مولانا ابوالڪلام آزاد جي پيشنگوئيءَ مطابق وجود ۾ اچڻ کان چوويهين سال پاڪستان 1971ع ۾ اڌ ٿي چڪو هو. مشرقي پاڪستان ٿي پيو هو بنگلاديش ۽ رهيل حصي مغربي پاڪستان کي ذوالفقار علي ڀٽي ڦيرائي پاڪستان ڪيو. هن وقت اوهين جنهن پاڪستان ۾ ساهہ کڻي رهيا آهيو سو پاڪستان 1971ع کان اڳ مغربي پاڪستان هو. موجوده پاڪستان جو ڪو وجود نہ هو. موجوده پاڪستان 1971ع ۾ ناهيو ويو. اصل ۾ پاڪستان نالو هو پنجن صوبن جي فيڊريشن جو. سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان ۽ مشرقي پاڪستان. 1971ع ۾ مشرقي پاڪستان علحيدگي اختيار ڪئي ۽ مشرقي پاڪستان مان ڦري بنگلاديش ٿي پيو. مشرقي پاڪستانين وانگر مغربي پاڪستان کي نئون نالو ڏيڻ بدران ذوالفقار علي ڀٽي 1947ع ۾ پنجن صوبن جي فيڊريشن واري ملڪ کي پاڪستان جو نالو ڏنو. اصل ۾ چئن صوبن واري موجوده پاڪستان جي عمر 37 سال آهي. 61 سال ناهي. ها! پنجن صوبن وارو پاڪستان وجود ۾ هجي ها تہ اُن جي عمر 61 ورهيہ هجي ها.

1971ع ۾ وجود ۾ آيل چئن صوبن واري پاڪستان کي شاڪ مان ڪڍڻ لاءِ. وري پيرن تي بيهارڻ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو ويو فيصلن مٿان انقلابي فيصلا ڪندو. انهن فيصلن جو وڏي ۾ وڏو مقصد هو ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ. آگاهي آڻڻ ۽ پاڻ سڃاڻڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ. ملڪ فقط تڏهن ابتر حالتن مان اڀري سگهندو آهي، جڏهن ماڻهن ۾ خودداريءَ جو احساس پيدا ٿي پوندو آهي.

ذوالفقار علي ڀُٽي جي انيڪ فيصلن مان هڪ فيصلو هو سنڌيءَ ۾ انگريزي اخبار 'ڊان' جهڙي اخبار ڪيڻ. مقصد ساڳيو هو سنڌ جي ماڻهن ۾ آگاهي آڻڻ. چٽا پيٽيءَ واري دور ۾ اڳتي وڌي اچڻ جو جذبو جاڳائڻ لاءِ ٽرسٽ ناهيائين. پاڻ سربراهه ٿيو. اخبار جو نالو 'هلال پاڪستان' رکيائين. تجربيڪار ۽ پراڻا ايڊيٽر ڇڏي، سراج کي اخبار جو ايڊيٽر مقرر ڪيائين. سراج سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، ڪهاڻيڪار ۽ ناولسٽ هو. هڪدم ها ڪرڻ بدران هن ڪجهه شرط ٽرسٽ آڏو رکيا. انهن شرطن ۾ هڪ شرط هو اخبار هلائڻ ۾ سندس مڪمل آزادي ۽ وزيرن، ميمبرن، ڪارڪنن ۽ ڪامورن طرفان اخبار هلائڻ ۾ ڪنهن به قسم جي دخل اندازي نه ڪرڻ جي ضمانت. سراج جا سمورا شرط مڃيا ويا.

سراج اخبار لاءِ ٽيم گڏ ڪرڻ شروع ڪئي. ويو ماڻهن سان ملندو، چونڊي چونڊي ماڻهو ڪڍندو، اسٽنٽ ايڊيٽر، سب ايڊيٽر، رپورٽر ۽ نمائندا ڪڍندو ويو. جڏهن مون کي ملڻ جو سڏ موڪليائين، تڏهن ڳالهه مون کي بنهه سمجهه ۾ نه آئي هئي. هڪ ته صحافي ٿيڻ جو مون ۾ ڏانءُ نه هو نه اڃ تائين پيدا ٿيو آهي. ٻيو ته پبلڪ سروس ڪميشن جي چٽا پيٽيءَ ۾ چونڊجي مان ريڊيو پاڪستان ۾ نوڪري ڪري رهيو هوس. بهرحال، منهنجي لاءِ وڏو اعزاز هو جو سراج مون کي چانهه جي دعوت ڏيئي لکڻ پڙهڻ جهڙي موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ گهرايو هو.

صدر ۾ شيزان ريسٽورينٽ، عبدالله هارون روڊ تي بي وي ايس پارسي اسڪول جي سامهون هوندي هئي. هينئر اتي اليڪٽرانڪ سامان ۽ موبائيل فونن جا دڪان آهن. پيهه ايڏي جڻ مال مفت ۾ پيو وراهجي. پاڪستان نهڻ ڪان پوءِ به اهو پاڪستان 1947 وارو هجي يا 1971ع وارو سنڌ پنهنجي سڃاڻپ کان، شناخت کان محروم ٿي ويئي آهي. ڪاڏي ويئي ٻولي! ڪاڏي ويئي تهذيب! ڪاڏي ويو تمدن؟ آئيني ۾ ڏسون، ته ڪنهن اوپري، اجنبيءَ جي بگڙيل شڪل ٿي نظر اچي. علم ۽ آگاهيءَ جا پنڌار هوندا آهن ڪتاب. يارن ڪتابن جي جنس متائي، ڪتابن کي مذڪر مان ڦيرائي مونث ڪري ڇڏيو آهي. اڳ ڪتاب منهنجو هوندو هو هينئر منهنجي ڪتاب ٿي پيو

آهي. بدنيتيءَ واري سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ڦير گهير ۾ ايئن ٿيندو آهي. وڏيون مڇيون ننڍين مڇين کي کائي ڇڏينديون آهن.

مان شيزان ريسٽورينٽ ۾ داخل ٿيس. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ويٺا هئا. آخريءَ دري وٽ سراج ويٺو هو هميشہ وانگر وهنتل سهنتل ۽ هيٺبسمر. هڪ تہ شخصيت ۾ نمايان، مٿان جو نهڪندڙ ڪپڙا پائيندو هو تہ هزارن ۾ هڪ لڳندو هو. جيتوڻيڪ هن ڳالهہ کي چاليهارو ورهيہ گذري ويا آهن. پر سراج سان پهرين ملاقات، پهرين تجربي ۽ پهرين آزمائش وانگر مون کي اڄ بہ ياد آهي. سراج ريسٽورينٽ جي سڀ کان پرينءَ دريءَ وٽ ٽنگ ٽنگ تي رکي ويٺو هو. هڪ هٿ ۾ ڪو انگريزي ڪتاب ۽ ٻئي ۾ پائيپ هوس. ڪتاب پڙهندي، پائيپ مان سوٽو هڻي پئي ورتائين.

مان وڃي سامهون بيٺومانس. ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن ڏٺائين، مُنهن تي مرڪ تري آيس. ڪتاب رکي، اُٿي مون کي هڪ ٻانهن سان ڀاڪر پاتائين، ٻئي هٿ ۾ پائيپ هوس، کلي چيائين: ”وقت جو ڏاڍو پابند ٿو لڳين.“

چيم: ”ريڊيو پاڪستان ۾ نوڪري جو ڪريان ٿو.“

”ويهہ“ مون کي پنهنجي سامهون صوفي تي ويهڻ لاءِ چيائين.

اڳوڻي وڪٽوريا روڊ ۽ هاڻوڪي عبدالله هارون روڊ طرف کلندڙ شيزان ريسٽوربنٽ جي دربن پرسان صوفا رکيل هوندا هئا، مان ويهي رهيس.

پڇيائين، ”ڇا پيئندين؟“

چيم، ”چانهہ.“

منهنجي لاءِ چانهہ ۽ پنهنجي لاءِ ڪافي گهرايائين. ان وچ ۾ ويٽر پيٽيس، پيسٽريز ۽ سينڊوچز جي ٽري رکي هليو ويو. پُڇيائين، ”ڇا پيو پڙهين، اڄ ڪلهہ؟“

ٻڏائيندي هبڪ ٿي. پر ٻڌائي ڇڏيومانس، ”پنج ڇهہ ڪتاب پيو پڙهان.“

”پنج ڇهہ ڪتاب!“ منهن تي مرڪ اچي ويس.

الاءِ ڪيئن ۽ ڪڏهن کان مون کي هڪ مهل چار پنج ڪتاب پڙهڻ جي عادت پئجي ويئي هئي ۽ هن عمر تائين هلندي اچي. ٻڌائيندي مون کي پشيماني محسوس ٿيندي آهي.

چانهه آئي، ڪافي آئي. سراج کي مون اجائي سجائي ڳالهه ڪندي ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو. سپريئر سروسز جي آفيسر ۽ وڏي وڪيل وانگر ٺودي پوائنٽ to the point سڌي سنئين ڳالهه ڪندو آهي. مقصد جي ڳالهه ڦيرائي گهيرائي نہ ڪندو آهي.

"اخبار پيا ڪيون"، پڇيائين، "خبر اٿئي؟"

چيم، "ها."

هڪدم چيائين، "تون اخبار لاءِ ڪالم لک."

"ڪالم!" مان هٻڪيس.

چيائين، "ڊيلي ڪالم روزانو هڪ. هفتي ۾ ڇهہ دفعا. هڪ ڏينهن موڪل."

مون کي تعجب ٿيو. ڪالم لکڻ منهنجي وس جي ڳالهه نہ هئي ۽ سو بہ روزانو ۽ هفتي ۾ ڇهہ دفعا!"

ان کان اڳ جو مان ڪجهہ چوان، چيائين "تہ پوءِ فيصلو ٿيو تہ هفتي ۾ ڇهہ ڪالم لکندين، ايئن؟"

هٻڪندي هٻڪندي منجهندي، "پر" مس چيم. جو فيصلو ڪندڙ لهجي ۾ چيائين: "ڪهاڻيون لکجانءِ، گشا لکجانءِ، جيڪي وڻئي لکجان، توتي ڪا پابندي ڪانهي."

پهرئين مئي 1972 تي اخبار جو افتتاحي اجراءُ ٿيو ۽ منهنجي لکڻ لاءِ هڪ بلڪل نئين تجربي جو. سراج پنهنجي واعدي کي توڙ تائين نڀايو. مون طارق اشرف وٽ بہ مڪمل آزادي ۽ بنا ڪنهن جهل پل جي لکيو هو. پر هيءَ آزادي ان کان بہ ڪجهہ سرس هئي. سرس ان ڪري هئي، جو هلال پاڪستان، پيپلز پارٽيءَ جي اخبار هئي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ميمبرن جي روپ ۾ وڏيرن، جاگيردارن، پيرن، ميرن، سيدن ۽ سردارن جي يلغار هئي.

اسيمبلين جا ميمبر هئا، وزير هئا، صلاحڪار هئا، اتحاد ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ وارا هئا.

مان وڏيرن، پيرن، ميرن، سردارن ۽ جاگيردان کي سنڌ جو ويري سمجهندو آهيان. هو علم، آگاهي، سائنس، سجاڳي، اسڪولن ۽ ڪاليجن جا دشمن آهن. اٽيڙهيل ۽ نادان، هاري ناري ۽ ڳوٺاڻن جي رعيت سندن مضبوط ووٽ بينڪ آهي، جيڪا ڪين اسيمبلين تائين پهچائيندي آهي ۽ اسيمبلين ۾ پهچڻ کان پوءِ اقتدار جي ايوان ۾ حاڪمن آڏو هٿ ٻڌي بيهي رهندا آهن. هلال پاڪستان لاءِ ڪالمن ۾ لکيل ڪهاڻيون، اهڙن ڪردارن کي واڙي ڪٽي اينديون هيون ۽ سندن روين ۽ نيتن جو ايڪسري ۽ الٽرا سائونڊ ڪنديون هيون. سندن ڪاوڙ ۽ ڪروڌ وجي ذوالفقار علي ڀٽي تائين پهچندو هو.

ٻاهرين ملڪن جي دوري لاءِ ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ سان چوند ايڊيٽرن جو جٿو ڪٽي نڪرندو هو. اُن ڊيليگيشن ۾ سراج ضرور شامل هوندو هو. سفر دوران هوائي جهاز ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس سڏائي پاڻ وٽ ويهاريندو هو ۽ اخبار جي باري ۾ حال احوال وٺندو هو. ڪيس خبر هئي ته هلال پاڪستان سنڌ ۾ هٽي وجي هنڌ ڪيو هو. ڳالهين ٻولهين دوران ڀٽو صاحب سراج سان پيرن، ميرن ۽ سردارن جي شڪايتن ۽ احتجاجن جو ذڪر ڪندي منهنجي باري ۾ پڇندو هو: ڪير آهي جنهن کي تو ڇوٽ ڇڏي ڏنو آهي؟

سراج ڪيس سمجهائيندو هو قبلا ٻهرين اکر کان آخري اکر تائين اخبار پارٽي ۽ پارٽي ميمبرن جي خبرن ۽ ڪارنامن سان ڀريل هوندي آهي. اُن ۾ جيڪڏهن هڪ شخص کي اختلاف راءِ جو حق ڏجي ته اخبار جا جمهوري حق پورا ٿيندا. سراج جا اهڙا وضاحتي جواب ٻڌي ذوالفقار علي ڀٽو کِلي چپ ٿي ويندو هو.

هلال پاڪستان لاءِ لکندي منهنجو سڌو سنئون رابطو سراج سان هوندو هو. ٻهرين شماري کان ضيا الحق جي مارشلا ۽ ذوالفقار علي ڀٽيءَ جي گرفتاريءَ تائين، سراج مون سان توڙ نڀايو. اهڙي ڏکئي وقت ۾ منهنجو ساٿ ڏنو هئائين، جنهن جو فقط تصور ڪري سگهجي ٿو. منهنجي خلاف اسلام

آباد ۾ ملڪ دروهي ۽ بلاسفيميءَ جون انڪوائريون هليون، تڏهن به سراج مون کي اخبار مان نه ڪڍيو. بلڪ اڃا به وڏيڪ پذيرائيءَ سان منهنجيون ڪهاڻيون شايع ڪندو هو ۽ پارٽيءَ جو ڏمر سهندو هو.

هلال پاڪستان ۾ شامل قصا ۽ ڪهاڻيون، 1972 کان 1977 واري دور جون آهن. سمجهو ڪٿي ته پنجتيهه سال پراڻا قصا ۽ پنجتيهه سال پراڻيون ڪهاڻيون آهن. پر پروف پڙهندي مون محسوس ڪيو ته جڻ اڄ جون ڪهاڻيون آهن، سواءِ قيمتن جي واڌ جي. توهان کي هاڻي اهو سڀ ڪجهه پڙهندي ڳالهه اوپري اتي محسوس ٿيندي، جڏهن ڏهين رپئي واري سٽي قميص ۽ پنجويهين رپئي واري عاليشان بوٽ جو ذڪر ايندو. سٽي هوٽل ۾ ماني کائڻ کان پوءِ ويهه رپيا بل ۽ بيري کي هڪ رپيو ٽپ ڏيئي جڻ حاتم جي قبر کي لت هڻبي هئي. باقي معاشري جي زوال پذيريءَ ۾ ڪو فرق نه آيو آهي. سياسي پيداگيري اڄ وانگر عام آهي. راڄ ۽ ڪاڄ ۾ داداگيري اڄ وانگر جام آهي. قدر اڄ وانگر بيقدرن جي ور چڙهي ويا آهن. اڄ وانگر چور ياڳيا ۽ ياڳيا چور ٿي پيا آهن. نه ڪوٺي جي خبر، نه ڪري جي خبر!. اڄ وانگر سڪي جا ٻيئي پاسا هڪجهڙا ٿي پيا آهن. پاڪستان ۾ انڊر ورلڊ ان لاءِ ڪانهي، جو انڊر ورلڊ جا ڊان اپر ورلڊ تي حاوي ٿي ويا آهن ۽ ملڪ جو وهنوار ۽ ڪاروبار بندوق جي زور تي يتيم حڪمرانن جي سامهون روبرو هلائي رهيا آهن. سموري ملڪ جو اقتصادي ڍانچو هٿيار، هيروئن ۽ قيمتي گاڏين جا سمگلر، توڙيون ڏنيا ڏيئي سنڀالي ويٺا آهن. هنن جي ڪاروبار ۾ شامل آهن بينڪر ۽ غير ملڪي ناٽي جا واپاري.

اهڙي ملڪ ۽ معاشري کان علم، آگاهي ۽ روحانيت رُسي ويندي آهي. اهڙي ملڪ ۾ معاشري ۾ ذلت جهڙي زندگي گذارڻ اسان جي مقدر ۾ لکجي ويئي آهي. اهڙي ملڪ ۽ معاشري ۾ مون فقط توائي ڪهاڻيون لکيون آهن، گذريل پنجاهه سالن کان.

# سراج هڪ عظيم انسان

## ماهتاب محبوب

سِنڌي ٻولي، اُن جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت سان بي اِنتها لڳاءُ ۽ جذباتي وابستگي رکندڙ سراج الحق ميمڻ، اَديب، صحافي، قانوندان، دانشور، محقق، مترجم، نقاد ۽ ٻوليءَ جو پارکو هئڻ جي حوالي سان تہ وڏو نالو آهي ئي، پر هڪ انسان جي حوالي سان پڻ هو بهترين اِنسان هو. جنهن جي شاهدي هُن جون ڪُل ڪاوشون آهن، جيڪي هُن جي دِل ۽ رُوح جي سچاين کي پڙهندڙ جي سامهون آڻين ٿيون.

اِها منهنجي بَدقسمتي، جو هن علم جي ڀنڊار اِنسان سان، هڪ آڌ اَدبي خط جي لِکپڙهہ کان سواءِ منهنجي ڪڏهن بہ ڪا رُوبرو ملاقات يا ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي سگهي... البت هڪ بہ ڀيرو اِسلام آباد يا ڪنهن ادبي محفل ۾ سَرسري طور سلام دعا ٿي هوندي، پر هاڻي تہ اِها بہ خوشنصيبي پائيندس، جو مان سندس شاندار ۽ رويست شخصيت کي ڏسي سگهي هئس. هونئن بہ سندس قلمي ڪاوشون سدائين منهنجي ڏيان جو مرڪز رهيون آهن. جن کي مون هميشہ وڏي چاهہ مان پڙهيو آهي. هن جو سمورو قلمي پورهيو لاشڪ تہ سِنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو مانُ آهي، جنهن تي سنڌ جيترو ناز ڪري، سو گهٽ آهي. جيئن تہ هو هڪ گهڻ پاسائين شخصيت هو، تہ هُن جي فن، فڪر ۽ شخصيت تي ڳالهائڻ لاءِ وڏي نظر ۽ گهري سوچ جي ضرورت آهي، چاڪاڻ جو هو هڪ ڪميٽيڊ ليکڪ هو، جنهن هر حوالي سان سنڌ جي تاريخ، تهذيب، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ کان وسان ڪين گهٽايو. چڻ هُن تي ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو ڪو قرض هو جنهن کي هُن لاشڪ تہ

پاڻ تي وڏو فرض سمجهي پورو ڪيو ۽ خوشيءَ جهڙي ڳالهه اِها بہ آهي تہ سراج ڪڏهن بہ ناقدريءَ ۽ نظراندازيءَ جي وَر نہ چڙهيو بلڪ زندگيءَ ۾ ئي هن پنهنجي سچائي، بُردباري، نيڪ نيتي ۽ اصول پرستيءَ وسيلي پاڻ مڃرائي ورتو...

اڄ اسين هن عظيم انسان کان محروم ٿي ويا آهيون، پر سنڌس لکڻيون سدائين اَمر رهنديون. خدا سندس ڪٽنب ۽ سموريءَ سِنڌ کي هي ناقابل برداشت صدمو سهڻ جي توفيق ڏي...!

(ثقافت کاتي ۽ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي سهڪار سان، ممتاز مرزا آڊيٽوريم، حيدرآباد ۾ 'سنڌي ٻولي ۽ سراج' سيمينار ۾ 21.02.2013 تي پڙهيل)

# آيل ڪريان ڪيئن!

## ڊاڪٽر فهميده حسين

نہ سي وڻڻ وڻن ۾، نہ سي ڪا تاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي!

گذريل ٻن ڏينهن کان ڪاڳر ۽ قلم کڻي ويٺي ڪجهہ لکڻ لاءِ جتن ڪيم، پر جهڙوڪر نہ هٿن ۾ ساهہ آهي، نہ قلم ۾ مس. . گهڻي ڪوشش ڪرڻ تي جي هٿ هليو بہ ٿي تہ پنائيءَ چواڻي هَرَ هَرَ:

لڙڪ لکڻ نہ ڏِين، ڪِريو پون قلم تي. واري ڪار هئي.

پاڻ کي ڏاڍو پرپائڻ جي ڪوشش ڪيم... 'ادا' جو آخري مُرڪ سَجيل چهرو اکين اڳيان ڦريو اچي... تمام مطمئن ۽ پرسُڪون ماڻهوءَ واري مُرڪ سندس چپن جي ڪُنڊن تي اچي اسان کي دلداري ڏيئي رهي هئي. ڄڻ چئي رهيو هجي: "رو چو ٿا. بابلا! مُون ڀرپور زندگي گذاري. سنڌ سان سَچو رهيس. ماءُ. پيءُ. ڀائرن. ڀيڻن ۽ زال جا فرض پورا ڪيم. پٽن پوٽن ۽ پوٽين جي نندڙين نندڙين خوشين ۽ ڪاميابين کي ماڻيم ۽ موت ۾ مون سيني جي اٿاهہ محبت ۽ عزت حاصل ڪئي"... پر اُن مهل مون کي سندس مُرڪَ ۾ هلڪو هلڪو دردُ جهلڪندو ڏسڻ ۾ آيو. اُهو درد تہ اسان سيني کي ڏاجَ ۾ مليو آهي. هُن جي ذات ۽ ڪٽنب جي لاءِ اطمينان واري مُرڪ جي تہ ڪا حيثيت ئي ڪانهي. هو پنهنجي سُکيي ستابي. خوشحال ۽ خودمختيار سنڌ واري خواب جي ساپيان نہ ڏسي سگهيو. سنڌ جي هيڻي حال ۽ غير يقيني آئيندي جو دردُ. هن جي چهري تي اسان کي هميشہ جيان چئي رهيو هو: "ڀيلي سنڌ جي پارت اٿوَ"!

هن سنڌ کي پنهنجو ضَميرُ ڪري سمجهيو هو. اهڙو ضمير. جنهن سان هميشہ سچو رهڻو آهي. سنڌ سان ڪو بہ دوکو ۽ دولاب پنهنجي ضمير سان دوکو ۽ دولاب سمجهيائين.... ادا آخري ڏينهن ۾ بہ اُميد ۽ آسَ کي هٿان

نہ چڏيو هو ۽ اسان کي ڪڏهن سڌيءَ طرح تہ ڪڏهن اَڻ سڌيءَ طرح اهڙا درس ڏيندو رهندو هو.

هو اسان جي ڪٽنب لاءِ ٻڌيءَ جي علامت هو. هر آچر تي سندس حڪم جي بجا آوري ڪندي سڀ اچي وٽس مِڙندا هئاسين ۽ آءٌ آنڌي هجي يا طوفان، حيدرآباد کان صرف ۽ صرف سندس قرب لاءِ ڪراچيءَ پڄندي هئس....

سوچيان ٿي تہ هاڻي ڪيئن ڪندس! سندس صالح پُٽَ، سندس گُڻن جا وارث پٽ، انهيءَ روايت کي جاري رکڻ جو چوَن ٿا... اسين آچر تي سڀ مِڙون بہ پيا، پر ادا ناهي تہ ڪجھ بہ تہ ساڳيو ناهي. سندس ڪمي ڏاڍي ٿي محسوس ٿئي. هو اهڙو محبت جو مَچُ هو جنهن تي اسين سڀ پتنگن وانگر اچي مڙندا هئاسين:

”پتنگن پهہ ڪيو مڙيا مٿي مچ.“

هاڻي اهو مَچُ ڪيرُ مچائيندو؟ آخري ڏينهن ۾ پاڻ ٺيڪ نہ هو ۽ آءٌ آچر تي اچي جڏهن ڪانئس طبيعت جو حال پڇندي هئس تہ مُرڪندي چوندو هو: ”بابلا، بس.... هلڻ هارا سپرين، وڃڻ وايون ڪن“. يا وري هيءَ سٽ ورجائيندو هو تہ:

پيئي ڪٽي پساهہ، ڏُکي ڏيئي وَتِ جيئڻ!

وري موضوع بدلائي ڪوڙي ڪاوڙ سان اسان پيٽن کي چوندو هو:

”چوڪريون، ڏاڍي دير ڪري ٿيون اچو. اصل ٻُڪَ ۾ ساهُہ تو نڪري، هاڻي اُٿو هلي ماني کائون“....

هاڻي پلا ڪير اسان کي ائين دڙڪا ڏيندو، ڪير اَسان جو انتظار ڪندو! بس هاڻي پتائيءَ جي لفظن ۾ تہ:

پسيو رُونِ پنهونءَ جا، اکيون اوتارا،
مون پانيو مون وٽ، هوندا سڀ چمارا،
ساٿين سوارا، ڪيو ڪيچ اکين ۾!

(10 فيبروريءَ 2013ع تي آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾
ٿيل ادبي ريفرينس ۾ پڙهيو ويو)

# منهنجو آدا وڏو...

ڊاڪٽر فهميده حسين

اڄ اسين جنهن شخصيت بابت ڳالهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، اُهو هڪ ئي وقت اعليٰ پائي جو افسانه نگار، ناول نگار، نقاد، عالم، لِسانيات جو ماهر، صحافي، وڪيل ته هو ئي، پر سندس اُهي سمورا رخ يا پهلو هڪ ئي حوالو رکن ٿا، سو آهي سنڌ سان عشق جو حوالو. سندس گهڻ رُخي شخصيت تي اڄ هتي آيل اسان جا معزز اديب ۽ عالم ڳالهائيندا، جن مان ڪي سندس پراڻا ساٿي ۽ دوست به آهن....

اداري جي چيئرپرسن هئڻ ناتي، آءٌ اوهان سڀني کي پليڪار چوندَسِ. پر سنڌي ادب جي سراجَ بابت ڪانه ڳالهائيندَسِ. اڄ هتي صرف ۽ صرف پنهنجي "ادا وڏي" تي ڳالهائيندَسِ، جيڪو اسان جو اَبو امان هو. جنهن اسان کي بابا ۽ امان جي وفات کانپوءِ به يتيم ٿيڻ نه ڏنو هو. جنهن جي دم سان اسان جو پيڪاڻو يا ماءِٽاڻو گهر هو. . جنهن زندگيءَ ۾ صرف ڏيڻ سِکيو هو ۽ موٽ ۾ سڀني جو اَڻ ميو اڻکٽ پيار پاتو عزت ڪمائي ۽ احترام ماڻيو. اڄ هو آسان سان ڪونهي ۽ ڪيس وِئي اڄ ٻارهون ڏينهن آهي، پر جهڙوڪر اڃا به دل کي اعتبار نٿو اچي ته 'ادا وڏو' هاڻي ڪونهي رهيو اڄ به لڳيم ٿو ته فونِ جي گهنٽي وڄندي ۽ ادا چوندو: "فهمي، بابلا! منهنجي ڪتابَ کي ڏسي وٺين ته امر جليل کي 'Foreword' لاءِ ڏياري موڪلجان...." سندس ڪهڙا ڳڻ ڳائي ڪهڙا ڳايان.... صرف ڀٽائي منهنجي دل جي ترجماني ڪري سگهي ٿو ته:

ڏٺي ڏينهن ٿيام، ڪوهه ڄاڻان ڪهڙا پرين!
ولين جيئن وريام، ڳالهيون ڳڻ پرينِ جا!

هن جي خميرَ ۾ خُلوص هو نيڪ نيتي هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه تہ 'وفا' هئي. اُها وفا، جهڙي هن پنهنجي رَت جي رشتن سان نڀائي، اهڙي يا شايد اُن کان بہ وڌيڪ هن پنهنجي مٽيءَ، پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ سان نباهي. هو سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻوليءَ سان غير مشروط محبت ڪرڻ وارو هو. اُن جي محروميءَ ۽ ڏک تي ڏکوئجي ويندو هو اصل روئي ڏيندو هو. حال ۾ سنڌ سان ٿيندڙ ويساهہ گهاتين کي تاريخ ۾ ٿيل هاڃن سان relate ڪري اهڙو "سڏ" ڏنائين، جو اڄ ڏينهن تائين "پڙاڏو" بنجي گونجي رهيو آهي. جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق جي حوالي ڪيائون تہ اُن جي رد عمل ۾ 1956ع ۾، مهراڻ ۾ "ڪراچيءَ" نالي نظم لکي، ان کي own ڪيائين، اُن جي مالڪي ڪيائين:

اي ڪراچي، سنڌ جا سينگارَ اي روحِ وطن
تنهنجي ماضيءَ کي سلام!
تنهنجي ماضيءَ- منهنجي ماضيءَ- کي سلام
ها، اُهو ماضي، جو بيحد روشن ۽ تابان هيو!
... اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن!
اي ستارن جي زمين، اي اپسرائن جا وطنَ!

اَدا اُها مالڪي صرف زباني ڪانہ ڪئي هئي، بلڪ پنهنجو اِهو حق هٿ ڪرڻ لاءِ هميشہ لاءِ ڪراچيءَ جو ٿي ويو ۽ ڪراچيءَ جو ڊوميسائيل ٺهرايائين... ڪراچيءَ جي اُن مالڪي ڪرڻ بابت هڪ ننڍڙو واقعو توهان کي ٻڌايان ٿي:

اٽڪل ٽيهارو کن سال اڳ سندس ٻن وڏن پُٽن ساڳئي سال سُٺن نمبرن سان انٽر سائنس ڪئي، هڪڙي کي انجينئرنگ ۾ داخلا وٺڻي هئي، ٻئي کي ميڊيڪل ۾. جڏهن داخلا فارم ڀريا ويا تہ خبر پئي تہ ڪراچيءَ جي ڊوميسائيل تي صرف هڪڙي کي داخلا ملي ٿي سگهي، پر ٻئي جون مارڪون ٿوريون گهٽ آهن. تڏهن آءٌ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ هئس ۽ NED

انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو سنڌي رجسٽرار منهنجو واقف هو. انهيءَ مون کي صلاح ڏني ته ’ادي، سراج صاحب کي چئو ته ڪراچيءَ جو ڊوميسائيل سرينڊر ڪري واپس ٺٽي جام جو رُورل ڊوميسائيل ٺهرائي وٺي ته سندس ٻنهي پُٽن کي ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ۾ سيٽون ملي پونديون‘. مون اچي ادا سان ڳالهه ڪئي. هو ماڳهين مون تي ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو ته ”هڪڙو ته ڪراچيءَ تان هٿ کڻون ۽ ٻيو وري پنهنجي ئي ڳوٺ جي ڪنهن غريبَ جي ٻارَ جو حق به ماريون... اهڙين حرڪتن ته ڪوٽا سسٽم کي بدنام ڪيو آهي. پنهنجا ٻارَ ته ڪراچيءَ جي سٺن اسڪولن ۾ پڙهي ڪوبه مقابلي جو امتحان پاس ڪري پنهنجو ڪئريئر ٺاهي سگهندا. ڳوٺَ جي سرڪاري اسڪول مان پڙهيل غريب ٻارَ وٽ ته اُهو ئي هڪڙو سهارو آهي، اُهو انهن کان ڦرڻ جو سوچڻ به گناهه آهي! “

هن هڪ پٽ جي داخلا وڃائي، پر ڪنهن جو حقُ نه ماريو. اسان وٽ اڄ به اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي بهترين پرائيويٽ اسڪولن مان ٻارَ پڙهائي، داخلائون ۽ نوڪريون ڳوٺَ جي ڊوميسائيل تي حاصل ڪندا آهن ۽ اُتان جي غريب ٻارن جي حق تي ڌاڙو هڻندا آهن.

ادا ڪراچيءَ کي پنهنجو ڪرڻ خاطر ئي 1984ع ۾ بابا کي ۽ 2005ع ۾ ننڍي ڀاءُ انعام کي ڪراچيءَ ۾ دفنائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پاڻ به اُتي ئي آرامي آهي. چوندو هو: ”جيستائين اسين ڪراچيءَ ۾ پنهنجا مُقام نه جوڙيندا سين، تيسين ڪراچي به اسان کي پنهنجو ڪانه ڪندي“. اهڙو هو منهنجي ادا جو ويزن (vision).

هن پنهنجي ڪتب لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو. بابا هڪ پرائمري استاد هو. عام زبان ۾ ’غريب ماستر‘. اهو پنهنجن ٻارن کي صرف سٺي تعليم ڏئي ٿي سگهيو. هن شروع ۾ ادا سراج ۽ ٻين ڀائرن کي پڙهايو. پر پوءِ جڏهن اسان ڀينرن ۽ ننڍن ڀائرن جو وارو آيو ته ادا سندس ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. ٻئي ڇڙا، - به نوڪريون ڪري، پريسن ۽ اخبارن ۾ سب ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ،

ترجما ۽ ٻيا پورهيا ڪري. اسان جي پڙهاڻي ڪي جاري رکيائون ۽ بابا جي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ سڄو بار ادا پنهنجي مٿان کڻي بيٺو... اڄ ماشاءَ الله سڀئي پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪامياب آهن يا ڪاميابيءَ سان رٽائر ٿيل آهن. ڀينرن جي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ڪري سڀئي اعليٰ تعليم يافته ۽ پروفيشنل آهن. اهو ادا سراج جي 'رول ماڊل' جهڙي ڪردار جو ڪمال آهي، جو جيئن پاڻ صالح پٽ بڻجي، بابا جي آخري وقت تائين سنڀال ڪيائين، تيئن سنڌس پٽ به آخري گهڙيءَ تائين سنڌس سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ بيٺا هئا ۽ امجد ته ڊاڪٽر هُئڻ ڪري چوويهه ڪلاڪ سنڌس سارَ لهندو هو ۽ اڄ به جڻ چوندو هجي ته:

"هُئين ته ويجهن وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين!"

اها سنڌس ئي تعليم ۽ تربيت آهي، جو اهي ميرٽ تي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ ٽاپ تي پهتا آهن. هڪڙو هاءِ ڪورٽ جو جسٽس ٿيو ٻيو سرجريءَ جو پروفيسر آهي ۽ ٽيون هڪ وڏي I.T ڪمپنيءَ جو سموري سائوٿ ايشيا جو سربراهه آهي. ۽ انهن ادا جي مِشن کي اڳتي هلائڻ جو عزم ڪيو آهي. سنڌ سان عشق، جو خمير ۾ اٿن!

منهنجو 'ادا وڏو' هر لحاظ کان هڪ آئيڊيل انسان هو. مون هتي سڀ رشتا ڳڻايا. پر هڪ رشتو جيڪو سنڌس جيون ۾ جو سڳ ساٿي هو اُن جو ذڪر نه ڪيم ته ڳالهه اڻپوري رهجي وينديءَ اسان جي سماج ۾ ننڍپڻ ۾ ڪنهن گهٽ پڙهيل يا اڻ پڙهيل سوٽ ماساتِ سان شادي ڪرائي ڇڏڻ جو رواج آهي، پر اُن سان گڏ اهو به رواج آهي ته اُنهن مان جڏهن ڪو سياستدان، اديب ۽ عالم ڪئريئر جي عروج تي پهچندو آهي ته ڪڏهن ذهني هم آهنگيءَ جي نالي ۾ ته ڪڏهن 'سوشل اسٽيٽس' جي ڪري انهيءَ سوٽِ ماساتِ مٿان پهاج آڻي، اُن عورت کي ڏُهاڳ ڏئي ڇڏيندو آهي، ايتريقدر جو اُن مان ٿيل پنهنجا ٻچا به وساري ڇڏيندو آهي، پوءِ به ترقي پسند ۽ روشن خيال سڏبو آهي. ادا سراجُ، 19 سالن جي عمر ۾ شادي ٿيڻ

ڪانپوءِ، 79 سالن جي چمار تائين پنهنجيءَ انهيءَ ماسات سان نباهيو جيڪا ان وقت صرف 14 سالن جي هئي ۽ ذهني هم آهنگيءَ يا سوشل اسٽيٽس جي لحاظ کان منجهس جيڪا کوٽ هئي، اُن کي پورو ڪرڻ لاءِ هن سندس ذهني تربيت ڪئي، سات ڏنو اهڙو ماحول ڏنو جو پوءِ جڻ ڪا ڪمي نه رهي. اسان جي ياچائيءَ کي سڏيندو ئي هو "ماسات، مٺي ذات!"

سچ ته رِشتا نباهڻ ڪو هن کان سِکي .! هڪ پيڙهي جي حيثيت ۾ خواهش ڪندسِ ته شل هر جنم ۾ آءٌ ادا وڏي' جي ننڍي پيڙهي، سندس "فهمي" تي جنم وٺان!

سي ڪيئن وڃنِ وسري، جي جيءَ اندر ميتِ،
رُنا ڪهڙيءَ ريت، پرچندا پَر ڪنهين!

(16 فبروريءَ تي، سنڌي بولي اٿارٽيءَ ۾ ٿيل ريفرنس ۾ پڙهيل)

# سنڌي ٻولي ۽ سراج

## ڊاڪٽر فهميده حسين

ڪهڙو نہ عجيب حُسن اتفاق آهي، جو اڄ 'مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن' تي سراج جو ڏينهن پيو ملهائجي ۽ ڪيئن نہ 'سنڌي ٻوليءَ ۽ سراجَ' جو عنوان ٺهڪي آيو آهي: ٻن حوالن سان اهو عنوان اهم آهي هڪ تہ سنڌي ٻوليءَ سان سراج صاحب جو عشق، جنهن اُن جي عظمت ۽ قدامت کي سائنسي انداز ۾ دليلن ۽ ثبوتن سان پيش ڪيو ۽ اُن جي ادب ۽ صحافت کي شاهوڪارُ ۽ مالا مال ڪرڻ لاءِ سدائين پاڻ پتوڙيو ۽ ٻيو اُن محنت ۽ مُحبت جو ثبوت ڏيندي هن جيڪو نظريو پيش ڪيو، اهو سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي سڀ کان آڳاٽي 'ماءُ ٻولي' ثابت ڪرڻ لاءِ هو. اُن ڪتاب جو نالو ئي "سنڌي ٻولي" آهي- جنهن جي ڪري اهي ٻہ نالا گذريل اڌ صديءَ کان پاڻ ۾ سلهاڙيا پيا آهن "سنڌي ٻولي" ۽ "سراج"، ۽ سدائين هڪ ٻئي جو حوالو بڻبا رهندا.

سراج صاحب جو ڪتاب "سنڌي ٻولي"، هونئن تہ 1964ع ۾ ڇپيو، پر اُن تي ڪم جي شروعات انهن مضمونن کان ٿي هئي، جيڪي پاڻ پنجاهہ جي ڏهاڪي جي آخر ۾ (1959ع)، محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لکيل ڪن مضمونن جي جواب ۾ لکيا هئائين؛ جن ۾ هن هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ جي 'سنسڪرت' مان نڪرڻ ۽ اُن جي آريائي ٻولي هئڻ کي رد ڪيو هو ۽ ٻئي طرف انهيءَ جي 'سامي سٽ' سان نسبت واري مفروضي سان اختلاف ڪيو هو. اُنهن مضمونن سنڌ ۾ هڪ لاڳيتي بحث کي جنم ڏنو. اُهو بحث شروع ڪرڻ وقت سراج صاحب جي عمر 26_27 سال هئي، ون يونٽ جو زمانو هو جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جون نالو وٺڻ جڻ تہ گناهہ هو. اُن

زماني ۾ سنڌ تان اهو طوق لاهڻ لاءِ ۽ اُن کي پنهنجي شناخت واپس ڏيارڻ لاءِ سنڌي اديبن ۽ عالمن سائين محمد ابراهيم جويي جي سرواڻيءَ ۾ 'اينٽي ون يونٽ تحريڪ' پئي هلائي. اُن زماني ۾ سنڌي ماڻهن ۾ هڪ قسم جو احساس محرومي ۽ احساس ڪمتري هو جنهن کي دور ڪرڻ جي ضرورت هئي، موهن جي دڙي کي مئلن يا "مُئن جو دڙو" چئي ڪنهن اهڙي مئل/ مري ويل تهذيب ۽ تمدن جو اُهجاڻ پئي چيو ويو جيڪا ڪافرن جي تهذيب هئي، جنهن کي اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو ورثو قرار ڏيڻ معيوب ۽ 'باب الاسلام سنڌ' سان نسبت ڏيڻ ممنوع هو. اُن مان لڏل مهرن تي موجود ٻوليءَ بابت بہ اهڙو ئي خيال هو تہ اها ڪافرن جي ٻولي هئي، جنهن تي اجايو متو هڻڻ جي ضرورت ڪا نہ هئي. اُن دور جي اديبن مان قوم پرست ترقي پسندن ۽ رجعت پسندن جو جهيڙو تہ گهٽو ئي ورجايو ويو آهي ۽ رجعت پسندن طرفان اسلام ۽ پاڪستان کي خطري ۾ ڄاڻائي، ترقي پسندن خلاف هلايل مُهم جو بہ ڪتابن ۾ رڪارڊ آهي.. پر انهن ٻن انتهائن جي وِچ تي ڪي عالم ۽ اديب اهڙا هئا، جن سنڌ جي قدامت ۽ عظمت تان هٿ ڪڻڻ بدران انهيءَ قدامت ۽ عظمت کي مقدس ۽ پاڪ ۽ پوتر ڄاڻائي، سنڌ مخالف ڌرين کي سنڌ سان بهتر رويو رکڻ جو اَڻ سڌو جواز پئي مهيا ڪيو. انهن مان بہ نالا وٺندَس. اهڙن عالمن ۽ اديبن مان هڪ طرف اهڙو موقف مشرقي علمن تي دسترس رکندڙ عالم مولانا گراميءَ جي مقالي 'مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات' ۾ ۽ ٻين تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ ٻئي طرف سنڌ جي اهم برک عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ طرفان سنڌ کي باب الاسلام جي حيثيت ۾ اسلامي تهذيب جي ساٿاري ۽ سنڌي ٻوليءَ کي عربي ٻوليءَ واري ساڳئي سامي خاندان مان ثابت ڪرڻ لاءِ تحقيق ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو ۽ اهڙا مضمون ۽ ڪتاب وغيره لکيا ويا.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪاڪو ڀيرومل پنهنجي اهڙي ئي ڪنهن جذبي تحت سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي برتريءَ جو حوالو آرين ۽ سنسڪرت کي بنائي چُڪو هو. جيڪو اُن وقت انگريزن طرفان اڳئي زير بحث هو. اُنهن ٻنهي قسم جي عالمن جي نيڪ نيتيءَ تي ڪو ذرو شڪ نٿو

ڪري سگهجي. هنن پنهنجي پنهنجي عقيدي جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڏرمي ۽ مذهبي ٻولين جي ڪٽنب ۾ پئي شامل ڪيو ته جيئن ماڻهو اُنهن تي فخر ڪن. اُن وقت جيڪي نوجوان اديب ۽ عالم سنڌ جي تشخص، اُن جي تهذيب ۽ ٻوليءَ جي عظمت ۽ قدامت ۾ يقين رکندڙ هئا. اُنهن کي اُهي پئي ڳالهيون نه آئڙيون. اُهي ته سنڌيءَ کي هن ڌرتيءَ سنڌ جي ٻولي مڃيو وينا هئا. اُنهن لاءِ سنڌيءَ جو خمير نه آريائي هو نه سامي، ڇو جو اُهي هن سر زمين کان ٻاهريون ڌاريون تهذيبون هيون ۽ سنڌو تهذيب اُنهن کان آڳاٽي هئي ۽ سنڌي ٻولي به. پڪ سان انهن کان اڳي هوندي ۽ اها ڳالهه قديم سنڌو تهذيب ۽ سنڌو لکت جي موهن جي دڙي مان ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ثابت به ٿي چڪي هئي. محترم ابراهيم جويي جي ترغيب تي ۽ شيخ اياز، تنوير عباسيءَ، مولانا گرامي، شمشيرالحيدري، غلام ربانيءَ ۽ رشيد ڀٽيءَ جهڙن دوستن جي اصرار تي سراج محض 25 ـــ 26 سالن جي عمر ۾ اُهي مضمون لکيا ۽ ڪجهه وقت تحقيق ۽ مطالعو ڪرڻ کانپوءِ 30ـــ 31 سالن جي عمر ۾ پنهنجو ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ ڇپايو. انهيءَ پس منظر کي ذهن ۾ رکي پوءِ هڪ نوجوان محقق جي ڏنل نظريي کي سمجهيو وڃي ته اُن دور ۾، اُن جي ڌَڪ ۽ ڇرڪ (impact) کي سمجهي سگهبو. هن لکيو هو ته:

”عربي اسان جي مذهب جي زبان آهي، سو اُن دائري ۾ اسان جي اکين تي، پر جيڪڏهن ڪو چاهي ته اُن ڪري اسين سنڌي زبان جي اصليت ۽ شاهوڪاريءَ کان انڪار ڪريون ته اِها محض مذهب جي نالي ۾ آسان تي ڌارين جي فوقيت ۽ برتريءَ کي مڙهڻ جي بيجا ڪوشش چئبي“. (ص 110 - ’سنڌي ٻولي‘، 2009) وري اڳتي لکيائين ته:

**”سنڌي هڪ مهان ۽ عظيم ٻولي آهي جنهن مان شايد اڌ دنيا جون ٻوليون ڪيئُ پيءِ وڏيون ٿيون آهن. اُن ناتي سان سنڌي ٻوليءَ کي ايترو حق ضرور آهي ته اُن جي حيثيت جي مٽيري نه. ته به بنيادي ٻولين جي صف ۾ ضرور تسليم ڪئي وڃي.** (ص 186 – ’سنڌي ٻولي‘، 2009)

سنڌو لکت کي پڙهڻ جي ابتدائي ڪوشش ڪرڻ کانپوءِ لکيائين ته ”جيئن ته موهن جي دڙي جو رسم الخط قديم ترين رسم الخطن مان آهي ۽ دنيا

جي ڪيترن رسم الخطن جو منبع پڻ آهي، اُن ڪي حل نہ ڪري سگهڻ جو هڪ ٻئي سبب رهجي ويجي ٿو تہ ڪنهن بہ ماهرِن ٻوليءَ جي خيال ۾ نہ آندو تہ هيءُ رسم الخط جيئن تہ سنڌ ۾ ڄائو نپنو، سنڌ جا قديم رهواسي اُن ڪي ڪتب آڻيندا هئا، ان ڪري ممڪن آهي تہ سنڌيءَ جي ڪا پراڻي صورت اُن ۾ مضمر هجي". (ص 163 _ 'سنڌي ٻولي'، 2009)

اُن وقت جي نوجوان سراجَ، جڏهن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌي، سنڌو ماٿريءَ جي هڪ قديم، شاهوڪار، اصولوڪي، ٻڌائتي ٻولي آهي، جنهن جو پنهنجو رسم الخط آهي، اُها نہ سنسڪرت مان نڪتي آهي، نہ سامي سَٽ جي آهي، بلڪ اڻ سڌي طرح اهو بہ چيائين تہ مرڳو اُهي ٻوليون سنڌيءَ جون مرهون منت آهن تہ نتيجي ۾ ڪيس "وات ٻاڙهو چوڪرو" چئي، اُن مفروضي کي سراسر رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اُهو هڪ مفروضو ئي تہ هوا اُن کي تحقيق سان رد ڪري پئي سگهيا، پر اصل عالمن بدران ٻيا لُڙ ۾ مزو وٺڻ وارا وِچ ۾ ڪاهي پيا، جن اُن علمي بحث کي "جهيڙو" ڪري پيش ڪيو. جڏهن تہ جيئن گل محمد عمراڻيءَ، گذريل هفتي واري تعزيتي گڏجاڻيءَ ۾ چيو هو تہ "هڪ طرف سراج صاحب جي طرفان آخري عمر ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي پيرن تي هٿ رکي سَلام ڏيڻ واري ڳالهہ مان سندس علميت جو اعترافُ ۽ احترام ظاهر ٿئي ٿو، تيئن ٻئي طرف ڊاڪٽر صاحب طرفان پنهنجو نظريو ترڪُ ڪري سراج جي نظريي کي قبول ڪرڻ پڻ سندس قابليت کي مڃڻ برابر چئي سگهجي ٿو".

سراج پنهنجي مشاهدي، مطالعي ۽ مغربي ۽ مشرقي عالمن جي ڏنل مفروضن کي سامهون رکي، سائنسي انداز ۾ دليلَ، منطق ۽ بحث ذريعي پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪيو.اِن ڏس ۾ پوءِ سنڌ مان ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي تحقيق جاري رکي. جنهن جي نتيجي ۾ ٺيڪ تہ اِهو ڪيندو هو تہ 'جديد ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس' جي عِلم ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي لکت کي پڙهيو يا decipher ڪيو وڃي ها. پر افسوس تہ اڄ اُن جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان تجربا ڪندڙ مغربي توڙي مشرقي عالم اُن ۾

آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ بدران ’پروٽو دراوڙي‘ ۽ ’پروٽو پراڪرتون‘ ڳولي رهيا آهن. الائجي ڪڏهن وري ڪو 25_26 سالن جو ’وات ڳاڙهو ڇوڪرو‘ يا ’ڇوڪري‘ اُٿي پنهنجي ’ماءُ ٻوليءَ_ سنڌي ٻوليءَ‘ کي جديد کوجنا جي اصولن تي اصلوڪي ۽ ٻڌائتي ٻولي ثابت ڪري. ان جو مان مٿانهون ڪندا.

اج ڀلي هڪ ’هندو سنڌي ناول نگار‘ ‘Return of the Aryans’ ذريعي اِهو ثابت ڪري ته آريا اصل ۾ سنڌ مان نِڪتا هئا ۽ وري واپس هندستان آيا ۽ سڄي دنيا کي علم سيکاري موتيا ۽ پاڻ سان نئين سڌريل صورت ۾ آريائي ٻولي سنسڪرت آندائون ۽ ٻئي طرف ڀلي ته ابوجلال ندوي اها دعوي ڪري ته سنڌ جا ماڻهو ئي هئا. جن وڃي سُمير ۽ بابل وسايو هو ۽ انهن کي جيڪا ٻولي ڏني. اُها ئي اصل سامي ٻولين جو بنياد آهي. ڇو ته اُها پاڻ به سامي گروهه جي ٻولي هئي. پر سراج صاحب ”سنڌي ٻولي“ ڪتاب ۾ 1964 ۾ اِهو ئي ڇيو هو ته سنڌي قبيلا هتان جي تهذيب ۽ ٻولي کڻي نِڪتا. هئا ۽ وڃي دنيا جي مختلف خطن ۾ پنهنجي تهذيب ۽ ٻولي ڦهلايائون_ اَنهن پنهنجي پنهنجي علائقي جا اثر قبول ڪري مڪاني روپ اختيار ڪيا. پر بنيادي طرح سان اُنهن جو سرچشمو اسان جي اصلوڪي ٻولي ”سنڌي“ هئي. جيڪا نه آريائي هئي. نه سامي هئي. پر ”پروٽو سنڌي“ هئي.

(ثقافت کاتي حڪومت سنڌ ۽ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي سهڪار سان. ممتاز مرزا آڊيٽوريم. حيدرآباد ۾. ”سنڌي ٻولي ۽ سراج“ سيمينار ۾. 21.02.2013 تي پڙهيل)

# ادا سراج، اسان جو ادا وڏو!

## شميم ميمڻ

ادا سراج، اسان جو ادا وڏو هڪ وڏو دانشور، مهان اديب، ناليوارو صحافي، سنڌي ٻوليءَ جو محقق، ڪامياب وڪيل، سنڌ جو سچو عاشق ۽ سنڌ جي سڄڻن جو سڄڻ، سڀ ڄاڻن ٿا...!!

آءٌ تہ اهو ٿي ڄاڻان تہ هو ڪيڏو نہ عظيم انسان هو. پيءُ جي گذاري وڃڻ بعد جڏهن آءٌ اڃا ميٽرڪ جي شاگرديائي هيس، تہ مون کي پنهنجي ڊاڪٽر بڻجڻ جو خواب پورو ٿيندي نظر نہ پئي آيو. ادا وڏي مون کي همٿايو ۽ چيائين تہ "ڇوڪريءَ! تنهنجي ڊاڪٽر بڻجڻ جي خواهش نہ صرف ماما جي هئي، پر منهنجي بہ آهي. پوليو جي معذوريءَ جي باوجود جيڪڏهن تون MBBS ڪري وئينءَ، تہ نہ صرف تنهنجي پنهنجي زندگي بهتر ٿيندي، پر تون اسان جي سڄي ويڙهي ۾ ۽ ننڍي ڄام جي ميمڻ برادريءَ جي پهرين ليڊي ڊاڪٽر سڏبينءَ!

This is a challenge for you."

ادا جي همت ڏيارڻ تي مون معذوريءَ جي باوجود اُهو ڏکيو سفر شروع ڪيو. چيم: "ادا، مون کان پوائنٽ ۾ چڙهيو نہ ٿو ٿئي." چيائين: 'Find the way out.' پوءِ زيب النساءِ هاسٽل ۾ منهنجي رهڻ جو بندوبست ڪيائين. چيم: "منهنجي لاءِ ايل.ايم.سي جا ڊگها ڪاريڊور (Corridors) اورانگهڻ ناممڪن آهي." چيائين: "ٻڌو اٿئي:

Impossible is the word which is written in the dictionary of fools."

– ۽ آءٌ ايم.بي.بي.ايس ڪري ايل.ايم.سي مان نڪري آيس. ايل.ايم.سيءَ ۾ منهنجي هٿان ڪيترن ئي غريب شاگردن لاءِ اسڪالرشپن جو بندوبست ڪرڻ، ڪتاب پهچائڻ، جنهن جي خبر خود شاگردن کي بہ نہ هئي تہ سندن

تعليم جو بار ڪهڙي عظيم انسان پنهنجي ڪلهن تي کنيو آهي! ادا وڏي جون ڪهڙيون خوبيون ڳڻيان، ڪهڙا ٿورا ڳڻيان!

اسان جو ياءُ بہ هو، پيءُ بہ هو، رهنما بہ هو، واهرو بہ هو... ماڻهو ڇا هو، سڄو سارو سون هو... جيئي هر ڪو ٿو، پر اهڙي ڀرپور ڪارائتي زندگي هر ڪنهن جو نصيب نہ هوندي آهي. ڪو ڪو مڙيادار ماڻهو پنهنجو ائين وارو وڄائي ويندو آهي، جو اسان جهڙا ماڻهو سندس پيرن جي نشانن تي هلڻ جي بہ سگهہ نہ ساري سگهندا آهن.

اڄ هو دل جي ويجهو هوندي بہ نظر کان پري آهي. اڄ اکيون ڪيس ڳولين ٿيون، پر اڄ دل روئي ٿي ۽ اکيون ڳوليندڙيون رهجي وڃن ٿيون:

ڈھونڈو گے اگر ملکوں ملکوں،
ملنے کے نہیں، نایاب ہیں ہم!

# سنڌي ٻوليءِ سراج

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

هڪ دفعي آزاد ڪشمير ۾ منهنجي ميزبان چيو ته، ”ٽي.وِيءَ تي ڏاڍا سٺا سنڌي ڊراما پيش ٿا ٿين ۽ هتي دلچسپيءَ سان ڏٺا وڃن ٿا.“ مون پڇيو ته ”توهان سنڌي ٻولي سمجهي سگهو ٿا؟“ چيائين ته ”ڪشميري زبان ۾ گهڻا سنڌي لفظ آهن؟“ مون مثالن لاءِ چيو ته ٻڌايائين: ”جيئن سُٺو، آسي/ اسين... وغيره“ منهنجو ذهن پنهنجي گمان طرف ويو ته: هند_ سنڌ جي قديم ٻولين جو بُنياد سنڌي ٻولي آهي. جيڪا سنڌو_ماتريءَ مان نڪري گنگا، جمنا جي تهذيبي علائقي ۾ داخل ٿي ۽ بابلي ۽ وچ مشرق جي زبانن تي اثرانداز ٿي: مثال طور، بابل جي ٻوليءَ ۾ ’مَڻ، هنجهه ۽ ڪنجهو‘ نِج سنڌي لفظ آهن. ’دراوڙ‘ ۽ ’سُميري‘ اصل سنڌي هئا، جن پنهنجي ٻوليءَ کي سلسليوار گنگا، جمنا ۽ دجله، فرات جي، تهذيبن ۾ مروج ڪيو. منهنجو اَنيُوُ ۽ گمان مون کي مجبور ٿو ڪري ته توهان اهلِ علم اڳيان انهيءَ خيال جو اظهار ڪريان.

سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بنياد بابت سنڌي هندو ۽ مُسلمان عالمن ۽ يورپي مُحققن ۽ مستشرقين، (Orientalists) وقت به وقت، پنهنجا مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن، ليڪن ’هنوزدِلي دُور است‘ جي مصداق ڪنهن حتمي راءِ تي اتفاق نه ٿي سگهيو آهي. موهن جي دڙي مان لڌل مُهرن تي لکيل تصويري لپيءَ جي پڙهڻي به اجا پري جي ڳالهه آهي. سراج الحق ميمڻ جي وفات بعد، منعقده مجلسن ۽ خاص طور تي محترمه سسئي پليجو ۽ محڪمه ثقافت طرفان ڪوٺايل هن سيمينار ۾ اُهي چاڪَ وَرِي چِڪي پيا آهن. هڪ طرف اسان ”سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ“ جو نعرو

هٽي رهيا آهيون تہ ٻئي طرف اسين سنڌي ٻوليءَ جي آغاز ۽ تاريخ تي متفق نہ آهيون.

سال 1959ع جي مهراڻ- ۾ اُستاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان مرحوم جو "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" جي عنوان سان هڪ مضمون ڇپيو هو جنهن جو مرحوم سراج الحق ميمڻ هڪ تنقيدي جائزو لکيو ۽ مَمَرُڻ مچي ويو.

ڊاڪٽر صاحب رايو قائم ڪيو هو تہ "سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي دور... ٿلهي ليکي عيسوي ڇهين صديءَ کان وٺي يا يارهين صديءَ جي آخر تائين سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل ٿي..."® اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي جي قدامت جو انڪار ڪيو ويو.

- سندس ضمني نظريو هيءَ هو تہ سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد 'سامي' آهي.
- سامي معنيٰ عربي ۽ سندس متقدمين زبانون سرياني، يا عبراني وغيره.

سراج صاحب نهايت ادب ۽ معذرت سان ڊاڪٽر صاحب جي راءِ کي رد ڪيو ۽ لکيو تہ "تحقيق جا مختلف گروهہ آهن.... هڪ گروهہ هندو عالمن جو آهي، جن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل ٻولي ثابت ڪرڻ کي هڪ ڌرمي فرض سمجهيو آهي. ٻيو گروهہ يورپي عالمن جو آهي، جن جي تحقيق بقول ڊاڪٽر صاحب اڃا تنقيد طلب آهي: ٽيون گروهہ مسلمان محققن جو آهي، جيڪي سنڌيءَ کي عربيءَ مان نڪتل سمجهن ٿا ۽ چوٿون گروهہ ڊاڪٽر صاحب جي ذات جو (۽ سائنس هم خيال عالمن جو) آهي جيڪي سنڌيءَ کي سامي سٽ جي زبان سمجهن ٿا. اها اسان جي بدقسمتي آهي، جو تحقيق ۽ علم ۾ بہ ڌرم ۽ مذهب، شخصي پسند ۽ ذاتي لاڙن جي ڪري.. ڪنهن هندوءَ جي لکيل ڪتاب کي ڪافي وزندار ۽ مستند هوندي بہ، ڪو وزن ڏيڻ ۽ سَندَ سمجهڻ کان ڪيٻائيندا رهيا آهيون... ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن تحقيق ۾ ڪاڪي ڀيرومل جي ڪتابن: "قديم سنڌ" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" مان ڪنهن بہ قسم جي فائدي وٺڻ جي زحمت گوارا نہ ڪئي آهي. مون کي يقين آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جيڪڏهن انهن ڪتابن کي پيش

---

® ڊاڪٽر نبي بخش خان، 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ'، تحفه لاڙڪاڻہ، مهراڻ-1، 1959ع.

نظر رکي ها تہ پاڻ اهي ظاهر ظهور غلطيون ڪين ڪري ها. جيڪي هن مضمون ۾ جابجا ملن ٿيون...."

سراج ڪي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کان انڪار تي بہ سخت اعتراض هو تہ... "سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت ٻارهين ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ ٺهڻ لڳي هئي". اهو نظريو ڪاڪي ڀيرومل ۽ ڪجهہ ٻين عالمن جو بہ آهي. سراج لکي ٿو تہ "هنن صاحبن وٽ ڪو دليل ڪونہ آهي. "... ڪن جزئيات جا جيڪي لفظ 'چچنامي' ۾ ملن ٿا، اُنهن مان ظاهر آهي تہ ٻوليءَ جي تشڪيل اُن وقت بہ ساڳي هئي، جهڙي هاڻي آهي."

سراج سائينءَ جي راءِ موجب "سنڌي، سنسڪرت مان نڪتل ٿي نہ، پر سنڌي طرح اُن جي هڪ تدريجي بدليل صورت آهي." پنهنجي راءِ جي پٺڀرائيءَ ۾ هن بيحد عميق ۽ مدلل مثال ڏنا آهن. مثال طور: سراج صاحب جو هي دليل وزنائتو آهي تہ: "اسان جي ٻولي محض ڳالهائڻ جي ٻولي هجڻ ڪري، سنسڪرت وانگر مري ڪين وئي، پر زنده رهي. اسان جو لوڪ ساهت اسان جي ٻوليءَ جي جيئري هجڻ جي نشاني آهي... مون کي اُن ۾ ڪوبہ گمان نہ آهي تہ اسان جو لوڪ ادب ۽ لوڪ فن نهايت قديم آهي..."[⊙]

انهيءَ مختصر جائزي پيش ڪرڻ بعد، آءٌ آخر ۾ پنهنجي ذاتي راءِ جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو. سنڌي، سنسڪرت جي ڄائي نہ آهي. سنسڪرت آرين جي ٻولي آهي، جيڪا سنڌوماٿريءَ جي عظيم تهذيبي دور جي آخر ۾، گنگا، جمنا تهذيب جي اسرندڙ دور وران تشڪيل ٿي.

سنسڪرت معنيٰ سڌريل ٻولي. آرين هند۔ سنڌ جي پراڪرتي ٻولين ۾ پنهنجا لفظ ۽ صرف و نحو جا قاعدا شامل ڪري، اُها ٻولي رائج ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ فقط سنسڪرت جا نحوي صرفي نمايان لفظ شامل ٿيا، پر انهيءَ کان گهڻو اڳ ايران جي پارسي، ٻڌ ڌرم جي پالي ۽ مقامي داردي ٻولين جا لفظ محاورا ۽ چوڻيون، سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چُڪا هئا. مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي گهٽائڻ جي باوجود تسليم ڪيو آهي تہ "انهيءَ قديمي دور ۾، جنهن وقت گنگا۔ جمنا دوآبي

---

[⊙] سراج الحق، 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، هڪ تنقيدي جائزو'، مهراڻ۔4، 1959ع.

# سراج جون ڪجھ ڳالهيون، ڪجھ يادون

شيخ عزيز

هيءَ تن ڏينهن جي ڳالھ آهي، جڏهن ون يونٽ جي خلاف سڄي سنڌ ۾ ڪاوڙ ۽ نفرت هئي. هر ماڻهو ڀلي اُهو ڪنهن وستيءَ واهڻ جو رهاڪو هجي يا وڏن شهرن ۾ وڏي تقدير جو مالڪ هجي، هن کي اها ڳالھ سمجھ ۾ ڪا نہ پئي آئي تہ ڪيئن سنڌ جي نابلد ليڊرن، اڳ پٺ سوچڻ بنا، انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي، سنڌ جي قسمت سوين ڪوهہ پري وڃي اڇلي.

سنڌ ۾ پڙهيل طبقو، خاص ڪري نوجوان اُنهيءَ مامري کان ڀليءَ ڀت واقف ٿي نہ هو، پر هن چاهيو ٿي تہ اهو غلاميءَ جو طوق لاهي ڦٽي ڪري، اها ڳالھ هن ڪري وڌيڪ قيمتي هئي. جو نوجوان ڏاڍو سڄاڳ ٿي چڪو هو. اهو ڏسي اڳوڻي نسل کي اطمينان ٿيندو هو تہ هڪ ڏينهن اها پاڃاري لاهي ڦٽي ڪندا.

انهيءَ ئي نسل جو هڪ نوجوان سراج هو، جنهن جي خاندان ٽنڊي ڄام مان لڏي اچي حيدرآباد وسايو هو ۽ تعليم جي زيور سان آراستہ ٿي، ڪنهن سڦلي ڪم سان لڳڻ ٿي گهريو. محمد عثمان ڏيپلائي تن ڏينهن ۾ نہ صرف پاڻ ڪامريڊن وانگيان ڪم ڪندو هو، پر پُرعزم نوجوانن لاءِ همت جو ذريعو بہ هُو هيءُ اهو زمانو هو جڏهن سنڌي ادبي سنگت نوجوان نسل جي ذهني آبياري ڪرڻ لاءِ هڪ آزاد ماحول مهيا ڪندي هئي تہ ٻئي طرف ڏيپلائي، غلام محمد گرامي جهڙا ماڻهو هنن ۾ اتساهہ پيدا ڪندا هئا. تنوير عباسي، ڊاڪٽريءَ جو شاگرد هو، نياز همايونيءَ اچي حيدرآباد ۾ خيما کوڙيا هئا. شاعريءَ سان گڏ حڪمت بہ هلائيندو هو، محمد ابراهيم جويو، تعليم کاتي کان سنڌي ادبي بورڊ اچي وسايو هو. ادبي بورڊ ابتدائي مرحلن مان مس مس نڪري آيو هو تہ ابراهيم جويو جهڙو ماڻهو اچي ان جو پرجهلو ٿيو.

سراج جهڙي محنتي نوجوان کي ڏسي ڪٽي پاڻ سان ڪيائينس. اچي سنڌي ادبي بورڊ ۾ وهاريائينس، جتي غلام رباني آگرو اڳئي ڪرُ کنيو ويٺو هو ٿورو بعد ۾ شمشير الحيدري به اچي گڏين.

سراج ۽ آگري گڏجي انگريزي ادب کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جو ٺئي ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي 'چونڊ آمريڪي افسانا' جهڙو ڪتاب تيار ٿي ويو. سراج بورڊ ۾ اچڻ کان اڳ 'ڏکڻ مان ٿو سج ايري' جهڙو ڪتاب ترجمو ڪري ورتو هو سو بورڊ ۾ ساراهه ملڻ سان وبتر وڏيڪ محنت سان ڪم ڪرڻ لڳو.

اتي ئي کيس سنڌي ٻوليءَ جي پڙ بنياد بابت معلومات حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو سو گهڙي پيو لسانيات جهڙي ڳوڙهي مضمون ۾. ان وقت جرمن اسڪالر ٽرمپ جو نظريو گهڻو هلي رهيو هو. ڪاڪي ڀيرو مل به گهڻو ڪجهه لکيو. سراج به پنهنجي مثاڪت ڪانپوءِ "سنڌي ٻولي" نالي ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ممڪن بنياد ۽ ٻين ٻولين سان لهه وچڙ بابت چڱو بحث ڪيو هو. انهيءَ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ وارن ماهرن ۽ ڄاڻن ۾ گهڻي چؤپچو پيدا ڪئي.

بورڊ ۾ ويٺي ئي سراج چئنا پيتيءَ واري امتحان ۾ ويٺو ۽ پاس ٿيو سو انڪم ٽيڪس جهڙي کاتي ۾ هنيائونس. اتي به ڏاڍو نالو ڪمايائين، پر لکڻ جي پچر ڪو نه ڦٽي ڪيائين. سو ويو ڪتاب لکندو. سنڌ تي ارغونن وارو دور حڪومت ڏاڍو ظالماڻو دور هو. هن دور ۾ ٿيل هاڃن کي هن پنهنجو موضوع بڻائي ناول "پڙاڏو سو سڏ" لکي، پنهنجي تاريخي معلومات کي افسانوي رنگ ۾ اهڙو رنگي ڇڏيو جو اهو ناول ڏاڍو مقبول ٿيو. سراج جي لکڻ واري شوق آڏو سرڪاري نوڪري به ڪا رڪاوٽ ڪانه بڻي ۽ هو لکندو ويو. سندس انهيءَ لکڻ جي پاداش ۾ هن پوڳيو به. جڏهن فوجي حڪمران جنرل يحيٰ ملڪ جون واڳون سنڀاليون ته اچڻ شرط تطهير جي نالي ۾ هن 303 آفيسرن کي سرسري اعلان ذريعي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. سراج به انهيءَ انڌ واري چڪيءَ ۾ پيسجي ويو. پر سچ هيءُ آهي ته سراج، انهيءَ جي انجام کان بي نياز ٿي انڪم ٽيڪس جي وڪالت شروع ڪري ڏني، جنهن ۾ هن گهڻو ناماچار ڪمايو.

انهيءَ عرصي دوران ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي پارٽيءَ سميت ميدان تي لٿو. ڀٽي جي شخصيت اهڙي هئي، جو هن جي پارٽي ملڪ جي مقبول ترين پارٽي بڻجي وئي. ڀٽي ڪٺي حيدرآباد جي منشي برادران واري اخبار 'هلال پاڪستان' خريد ڪري، ان کي پارٽيءَ جي اخبار بڻايو. سراج کي ايڊيٽر مقرر ڪيائين. ٿورن ئي ڏينهن ۾ اخبار ملڪ جي مشهور ۽ مقبول اخبار بڻجي وئي. هن اخبار ذريعي سراج نون نون لکندڙن کي آندو ۽ سندن صلاحيتن کي پوريءَ ريت ڪتب آندو. پنهنجي ڀيڻ انيس، مشهور ڪهاڻيڪار امر جليل، فقير محمد لاشاري ۽ ٻيا ڪيئي ڪٺي گڏ ڪيائين. نيون ڳالهيون، نوان موضوع ۽ نت نوان لاڙا، اخبار هلال پاڪستان جديد صحافت ۾ ڪيئي سنيون ڳالهيون ميدان ۾ آنديون. خود سراج جو پنهنجو قلم ڪنهن کان ڊڄڻ وارو ڪو نہ هو تنهن ادارتي تحريرن جو ڏاڍو مٽيادار لاڙو ڏنو.

سندس ڪتابن ۾ 'سنڌي ٻولي'، 'ذڪر مان ٿو سج ابري'،'چونڊ آمريڪي افسانا'، 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ'، 'اي درد هلي آءُ'، 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول'، 'منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا' جهڙا قابل تعريف ڪتاب شامل آهن.

سراج تمام ٿورو ڳالهائڻ وارو ۽ ملنسار ماڻهو هو. هن ۾ نهنائي گهڻي ۽ مسئلن کي سمجهڻ جي خصلت تمام گهڻي هئي. اهائي سندس شخصيت جو خاصو هئي.

# سراج هليو ويو...

## ڊاڪٽر سليمان شيخ

سٺ وارو ڏهاڪو پرجوش سمو هو. شاگرديءَ وارو زمانو سڄي حياتيءَ جو سڀ کان پيارو دور هوندو آهي. منهنجي سانيڻ ۾ ملڪ ۾ ون يونٽ هو ۽ سنڌڙي سورن ۾ هئي. اسان جو نسل جيئڻ سِرجيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي حيثيت کي للڪاريو ويو. ون يونٽ خلاف دستخطي مهم هجي يا وري 'سنڌي شام' جي نالي ۾ ادبي ثقافتي ميڙاڪا هجن. سڀني جو بنياد سنڌ جي سرهاڻ کي واپس ورائڻ جو وچن ڪرڻ هو. مشاعرا ادبي ميڙاڪا ٿيندا هئا. جشن 'روح رهاڻ' اسان لاءِ روحاني تسڪين جو هڪ اهڙو ميڙاڪو هوندو هو جنهن جو انتظار ڪبو هو. اهڙي ئي ڪنهن ميڙاڪي ۾ سائين سراج الحق ميمڻ صاحب جن سان ساڃاهہ ٿي. سائين اُن وقت سنڌي ٻوليءَ جي ٻڙ بنياد تي تحقيق ڪري هڪ نامور ليکڪ طور سڃاتو ويندو هو. ان ڪانپوءِ باقاعده سڃاڻپ تڏهين ٿي، جڏهين سراج صاحب روزانہ 'هلال پاڪستان' 1972ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ڪرڻ شروع ڪئي. ڪورٽ ويو بلڊنگ جي ٻي منزل تي سندن آفيس اسان لاءِ رهنمائيءَ جو مرڪز هئي.

پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ 'الوحيد' ڪراچيءَ مان بند ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌي اخبار ڪراچيءَ مان ڪڍڻ هڪ وڏي للڪار هئي. 1970ع جولاءِ تائين سنڌ جو نالو وٺڻ بہ ڏوهہ هو. ان ڪانپوءِ سنڌ صوبو وري قائم ٿيو ۽ ڪراچي 1947ع ڪانپوءِ ڦهريون ڦيرو سنڌ جو گاديءَ وارو هنڌ بڻي. اِن ڏکي عرصي ڪراچيءَ جي سماج کي اوپرو بڻائي وڌو هو. ان ماحول ۾ سنڌي صحافت کي پنهنجي

جاءِ ۾ رتبو وني ڏيڻ هڪ ڪٺن مرحلو هو. هن ڏکيءَ منزل کي سراج صاحب جي بردباريءَ، اڳواڻ واري صلاحيت ڪامياب تجربو بنايو جنهن جو نتيجو اڄ جي ڪراچيءَ جي صحافتي دنيا آهي.

ذاتي طور سراج صاحب مون کي اخباري ڪالم لکڻ تي همٿايو ۽ مون پهريون ڀيرو 1972ع کان هلال پاڪستان ۾ جز وقتي ڪالم لکڻ شروع ڪيا. "انسان جا پراسرار دشمن" لکڻ وقت مون کي ميڊيڪل سائنس جي لفظن کي سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي ڏکئي مرحلي ۾ پڻ سائينءَ رهنمائي ڪئي. سگا جي بنياد وجهڻ وقت پڻ سائين سراج صاحب جي رهنمائي حاصل رهي.

1980ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌ جي خادمن جي جماعت 'سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي' جو بنياد پيو. سائين غلام مصطفيٰ شاهه، محمد ابراهيم جويو ۽ سراج صاحب بنياد وجهندڙ بانيڪار هئا. سراج صاحب هن سوسائٽيءَ جو بنيادي خيال 'Vision' لکيو جيڪو هتي جيئن جو تيئن نقل ڪريان ٿو.

We, as human beings, believe that Sindh is our home, Pakistan is our country and earth is mankind's only habitat in the Universe.

We believe it is our natural duty to love our home, and expect those who live in it and consider it their home, also to love it.

We believe that it is our human duty to build life-assets, physical as well as spiritual, of our home, and to protect them from misuse and from suppression and usurption.

We believe that with continuous supplanting of democracy and repeated subversion of constitutions of the country ,and the resultant ethical impoverishment of society all around – social ,economic, and political – the question of the reordering of our national and intra-national affairs has assumed fresh relevance and urgency to be squarely met and settled de-settled de-novo within the frame-work of the Foundaticn Resolution of March, 1940.

We believe that a society based on justice ,including economic justice, and rule of law in which might as determinant of right is eliminated,

are essential pre-requisites for man in modern society to evolve into a better human being.

We believe that man has no commitment in life higher and nobler than service of man.

With the above beliefs, convictions and ideals, we, who have subscribed the following Memorandum of Association have joined together as Founder Members, and formed our-selves into a Society, called "The Servants of Sindh Society," for the service of Sindh and its people.

هن سوسائٽيءَ اٽڪل 25 سال بيحد سرگرميءَ سان سنڌ جي سياسي، سماجي، معاشي، ثقافتي حقن تي پنهنجي وزندار راءِ جو برملا اظهار ڪيو جيڪو بجا طور تي سنڌ جي ساڄاهه جو روشن ستارو هو. سنڌ جي سينڌ سنوارڻ جي سَڌ ڪرڻ وارن لاءِ اڄ بہ ان سوسائٽيءَ جا نهراءَ ۽ بيان مشعل راهہ آهن. انهن سيني بيانن ۾ علمي پورهيو اسان جي ٽن معزز رهنمائن جو هو جن هن جو بنياد وڌو هو. سراج صاحب اها خدمت بيحد خاموشيءَ سان سنڌ جي عشق نڀائڻ لاءِ ڪئي. ان سوسائٽيءَ جي روئداد ڇپيل صورت ۾ موجود آهي.

سائين سراج صاحب هڪ ناميارو قانوندان هو. ان حيثيت ۾ بہ سائينءَ قانوني طور ڪيترن نوڪرين ۽ ڪوٽا جي مسئلن ۾ رهنمائي ڪئي. شريعت بينچ ڪوٽا سسٽم خلاف هڪ "شرعي" فيصلو ڏنو جنهن مطابق ڪوٽا سسٽم کي غير شرعي قرار ڏئي، ان کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان حڪم جي خلاف سنڌ جي مجاهد علماء ڪرام جو هڪ وفد ڪراچيءَ آيو. سائين سراج صاحب جي صلاح سان ان فيصلي خلاف شرعي بنيادن تي سپريم ڪورٽ جي سامهون اپيل داخل ڪئي وئي، ان ڪري في الحال شرعي ڪورٽ جو فيصلو رڪجي ويو. پر ڪيس جو اڃا بہ فيصلو نہ ٿيو آهي.

سراج صاحب ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ شفيق مهربان دوست ۽ پرجوش سنڌ جو عاشق هو. سنڌن قلمي پورهيو ايندڙ نسلن لاءِ هميشہ مشعل راهہ

رهندو پر اڄ جي دور ۾ پڻ سندس لکڻين کي وري پڙهڻ سان سنڌ جي محبتن جو هڪ نئون حوالو جاڳي سگهي ٿو. سندن سماجي- قانوني ڪردار پڻ قابلِ تحسين آهي.

انسان مختصر حياتي ماڻي ٿو پر سندس حياتيءَ جي ڪيل هن جدوجهد جو لاڀ پويان ماڻين ٿا. سراج صاحب جي محبتن ۽ محنتن جي سڳنڌ سدا سنڌ کي سرهاڻ بخشيندي رهندي.

عشق سلامت سنڌ سلامت!

گهڻي نرمي هئي ۽ هو سندس سچي زندگي عزت ڪندو هو. مون کي ياد آهي ته هن هڪ پيري هڪ عجيب درخواست ڪئي ۽ جڏهن مون سندس ڏيان ڇڪايو ته هن ٻڌايو ته هو مون کي اهو ڪجهه ڪرڻ لاءِ جوبي جي احترام جي ڪري چئي رهيو آهي، اها ڳالهه مان 1990 جي وچ جي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته تنهن وقت سنڌ جي گورنر، سراج کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وي سي ٿيڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا هن تنهن وقت جي علمي ادارن جي ماحول سبب قبول نه ڪئي. الائي ڪڏهن اسان انهيءَ اداري کي امن سان هلائيندا سين.

سراج مهوٽا پيلس ميوزم لاءِ "ٽرسٽ ڊيڊ" جو مسودو ناهڻ ۾ حيلو وسيلو هو ۽ هو اُن جي باني ٽرسٽيز مان هڪ هو.

سندس بيماريءَ دوران جيڪا ڪيس دهليءَ وٺي وئي، سندس جذبا جوان هئا ۽ هو هر صورتحال لاءِ تيار هو. چو ته هن هڪ ڀرپور زندگي گهاري هئي ۽ مطمئن هو. هو پنهنجي ڊگهي بيماريءَ دوران به پراُميد هو. پر آخرڪار لڳو پئي ته هو (زندگيءَ جي ) قيد کان ٿڪجي پيو هو ۽ اُميد جو ڪرڙو گم ٿي چڪو هو. ساڻس آخري گفتگوءَ ۾ هن مون کي چيو هو ته امر جليل کي سندس تازي ڪتاب جي مهاڳ لاءِ ياد ڏياريان ۽ ساڳئي وقت افسوس ڪيائين ته سندس صحت وجي ٿي ڪِرندي.

سراج هيءَ دنيا اُن حالت ۾ ڇڏي، جو هن پنهنجي ڌرتي، عوام ۽ پنهنجي ڪتنب جي خدمت ڪئي هئي ۽ کيس اطمينان هو. سندس روانگي شخصي نقصان آهي ۽ مون کي اَميد آهي ته سندس خاندان ۽ دوست ريسرچ اسٽڊيز جو هڪ انسٽيٽيوٽ قائم ڪري کيس ڀَل ڏيندا. رڳو نانءَ جي صورت ۾ نه، پر آدرشن کي بلند ڪرڻ جي صورت ۾ به.

# سون جهڙو ماڻهو: سراج

## غلام نبي مغل

سنڌي علم ۽ ادب جي هڪ ٻي مشعل اجهامي وئي، فيبروري جي 2 تاريخ تي جيڪو سج لٿو ۽ اُڀ ۽ ڌرتيءَ تي جيڪا اوندهه ڇانئجي وئي، سا اسان سنڌ وارن لاءِ ۽ سنڌ جي مجموعي ڏاهپ لاءِ اهڙو نقصان آهي، جيڪو شايد صدين ۾ به پورو ٿئي ته وڏي ڳالهه آهي. سراج الحق ميمڻ اسان منجهان ويو هليو. هو ساٿين جو سائين هو. علم ادب جو مخدوم هو. ڏاهپ جو ڏيئو هو ــ روشن ڏيئو!

سراج سائين ويهين صديءَ جو پوئين اڌ جو اُهو اُسريل انسان هو، جنهن کي پنهنجي زماني ۾ مستقبل جي علمي ۽ ادبي گُهرجن جي ڄاڻ هئي. سراج سائين نئين ۽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي ابتدا ڪندڙن ۾ شامل هو. سندس ڪهاڻيون جديد سنڌ جي ادبي اڏاوت ۾ پيڙهه جو پٿر هيون. سندس ڪهاڻيون نه رڳو جديد، پر بين الاقوامي ادب جي معيار مطابق هيون. ونس کي مسخرا ۽ ٽوٽڪائي ڪردار نظر نه آيا. سراج سائينءَ جو تخليق ڪيل ادب، وقت جي گهرج هو ۽ سنجيدو هو. سندس پهرئين ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' تي جيتوڻيڪ ڪجهه حلقن طرفان تنقيد ٿي، پر اِهو ناول نه رڳو Larger than life هو، پر وقت جي هلندڙ قومي تحريڪن لاءِ هٿي هو. سندس ٻيا ناول پڻ سنڌي ادب جا شاهڪار ناول هئا.

سراج سائينءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ۽ ارتقا بابت تحقيق، علم جي شاگردن لاءِ هڪ نئون فڪر ۽ املهه ڪوجنا هئي ۽ عالمن لاءِ سنڌي ٻوليءَ بابت وڌيڪ کوجنا ۽ جاکوڙ ڪرڻ جي دعوت هئي. سراج سائين

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ هڪ نئون معيار مقرر ڪيو جيڪو بين عالمن لاءِ پڻ هڪ سوچ جو گس آهي. 'هلال پاڪستان' اخبار سنڌي زبان جي اڏ مئي صحافت جي نشان هئي. پر سال 1972ع ۾ جڏهن سراج سائين انهيءَ اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو ته سنڌي صحافت ۾ جديد دنيا جو ساهه پيو ۽ سنڌي صحافت جو هڪ نئون دور شروع ٿيو جيڪو اڃا تائين ترقي ڪندو اچي. اخبار ۾ خبرون ۽ تجزيا نئين دور جي طور طريقي ۾ اچڻ لڳا. سراج سائين جڏهن سياسي تجزيا نگاري ڪئي ۽ 'سياسي منظرنامو' لکڻ شروع ڪيو ته اسان جي اخباري طريقن ۾ نئين جدت ۽ زماني مطابق معاملا شروع ٿيا، جيڪا جديد صحافت جي تقاضا هئي. جي. اين. مغل اسان جي صحافت جو وڏو نالو آهي، 1973ع ۾ مون مغل کي هلال پاڪستان جي آفيس ۾ سراج سائينءَ سان ملايو ۽ ٻڌايم ته هن ۾ سٺي صحافي ٿيڻ جا اهڃاڻ موجود آهن. سراج سائينءَ جي. اين. مغل جي ٿورڙي پرک ڪئي ۽ پوءِ پاڻ وٽ سب ايڊيٽر ڪري رکيائينس. قابليت پاڻ ڳالهائيندي آهي ۽ اڄ مغل پاڪستان جي سينيئر اعليٰ صحافين منجهان آهي.

سراج صاحب ٿور ڳالهائو ۽ نهايت سنجيده شخص هو. جنهن پلازا ۾ آءٌ رهندو هئس، اُت ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪنهن دوست سان ملڻ ايندو هو. پر مون وٽ اچڻ لاءِ تيار نه هو. مون هڪ دفعي، چيومانس ته ڪڏهن مون وٽ به ايندا ڪريو. جواب مليو ته تو ڪڏهن سڏيو ئي ڪونه. پوءِ هر هفتي ايندو هو. وڏيون ڪچهريون ٿينديون هيون. شيخ اياز، علي احمد بروهي، سليمان شيخ به انهيءَ پلازه ۾ رهندا هئا. اهي ڪچهريون مون کي ياد آهن. سندس شخصيت کي به مون کي ويجهو ٿي پرکڻ جو موقعو مليو. آءٌ سراج سائينءَ جو ادب جي ميدان ۾ هممعصر ته هئس، پر گهڻو جونيئر هئس.

سراج صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب جو عالم هو.

سراج صاحب وچولي طبقي جو وڏو ۽ اعليٰ شخص هو.

سراج صاحب پنهنجين عادتن ۾ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ پختو شخص هو.

هن صدي ۾ اسان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪانپوءِ ڪهڙو نه املهه ماڻڪ شخص وڃائي ويٺا آهيون.

آخر ۾ مون کي سندس هڪ جملو هميشه ياد ايندو رهندو آهي: ته ”غلام نبي، تنهنجو ناول ’اوڙاهه‘ پڙهي مون کي خواهش ٿي ته اهو ناول آءٌ لکان ها!“

اهو جملو ءِ اُهو شخص مون کي هميشه ياد رهندو.

# سراج: اعليٰ اديب ۽ قداور شخصيت

## بيدل مسرور

جڏهن روزاني 'عوامي آواز' ڪراچيءَ طرفان 2002ع ۾ سراج الحق ميمڻ صاحب جي اٺهترهين جنم ڏينهن جي سلسلي ۾ خاص صفحو شايع ٿيو ته ان ۾ ڪيترن ئي ناليوارن اديبن جا ليک شامل هئا. پر منهنجو ليک يا ته منهنجي ميل باڪس ۾ رهجي ويو هو يا عوامي آواز اخبار جي ميل باڪس ۾! جنهن ڪان پوءِ سراج صاحب متعلق منهنجو هڪ طويل ڪالم 26 آڪٽوبر 2007 تي شايع ٿيو. ان ڪالم ۾ مون مٿس ڪافي تفصيل سان لکيو هو.

اها خبر ته هر ڪنهن کي آهي ته سراج صاحب جو نالو سنڌ جي مڃيل ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ناول 'مرڻ مون سين آءُ'، 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول'، 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'پياسي ڌرتي، رمندا بادل' (تريالاجي) يا سندس ماسٽرپيس ڪهاڻيون: 'ڀٽي'، 'انسان ۽ ديوتا'، 'هڪ مرد تي لاشا' يا سندس ڪهاڻين جا مجموعا: 'اي درد هلي آءُ' ۽ 'انون ماٺهو' پڙهندڙن ۾ تمام گهڻو مقبول رهيا آهن.

ترجمي جي حوالي سان به سراج صاحب جو ڪافي معياري ڪم ڪيل آهي. مون کي پوريءَ طرح ياد ناهي. بس ايترو ياد آهي ته 'نئين زندگيءَ' جي ڪنهن آڳاٽي پرچي ۾ سندس هڪ ترجمو ٿيل ناٽڪ شايع ٿيو هو. جيڪو ٻن قيدين جي وچ ۾ گفتگو تي ٻڌل هو. ان کان علاوه هڪ ناول 'ذڪڻ مان ٿو سج اڀري' (1952ع)، 'چوند آمريڪي افسانا' ۽ 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' (1958ع) ترجمي جي ڏس ۾ سندس يادگار ڪارناما آهن.

مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته سراج صاحب جي ڪهاڻي 'اي درد هلي آءُ' به جيمس جوائس جي ڪهاڻي 'The Dead' جو ترجمو آهي ۽ سندس ڪهاڻي 'پاتال' غالباً البرٽ ڪامئو جي ڪنهن ادب پاري تان ترجمو ٿيل آهي، جنهن جو نالو ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ ورتل آهي. منهنجي خيال ۾ اهي اشارا شمس الدين عرساڻي صاحب پنهنجي ٿيسز ۾ لکيا آهن. گڏوگڏ عرساڻي صاحب سندس ٻين ڪهاڻين - 'فراڊ' ۽ 'دل جا پاڇولا' جي لاءِ به اها راءِ ڏني آهي ته شايد اهي به ترجمو ٿيل ڪهاڻيون آهن.

شمس الدين عرساڻي صاحب پنهنجي پي.ايڇ.ڊي واري شايع ٿيل مقالي: 'آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر' ۾ سراج صاحب لاءِ لکيو آهي ته:

"سراج الحق ۽ غلام رباني ٻنهي جي ذهني اوسر، تربيت ۽ ماحول ۾ ڪيترائي قدر مشترڪ شامل آهن. تعليم ۽ ملازمت جا ڪين ساڳيا ئي ابتدائي موقعا هٿ لڳا ۽ هنن ٻنهي گڏوگڏ، سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمت سان پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار بيٺڪن ۾ شرڪت ڪندي هنن ۾ ادب لاءِ قلمي رغبت پيدا ٿي ۽ جتان ٻئي ميدان ۾ لٿا. فڪري باليدگيءَ ۽ ادبي مطالعي جي وسعتن ۾ به، گهڻن ئي زاوين جي لحاظ کان ٻنهي ۾ يڪسانيت محسوس ٿئي ٿي. سندن فڪري پرورش ۽ ادبي ذوق به شروعات ۾ محترم محمد ابراهيم جويي جهڙي ڪهنه مشق اديب ۽ يگاني عالم جي سنگ ۾ پروان چڙهيو. ان شخصي تعلق ۽ رفاقت جي سنگ ميل جو عڪس ڪي قدر ٻنهي فنڪارن جي ڪهاڻين ۾ به نظر اچي ٿو. غلام رباني توڙي سراج جي مختصر ڪهاڻين ۾ مغربي فن جو استفادو ۽ ان جا متفرق تجربا خلط ملط نظر اچن ٿا. استحصال کان پاڪ معاشري جي خواهش آهن ۽ ضمير جي آزاديءَ جي عالمگير سوچ جو هڪ احساس، ٻنهي فنڪارن جي ڪهاڻين جو اڪثر خاصو ٻڌيل آهي. ٻنهي فنڪارن جي تخليقي ماپي تي هڪ انفرادي رنگ چڙهيل آهي. هو ٻئي هڪ ئي منزل جا پانڌيئڙا معلوم ٿين ٿا، ليڪن واٽون ٻنهي جون جدا جدا آهن.

جتي بين ڪهاڻيڪارن وٽ مقاميت جو زوردار رنگ جهلڪا ڏئي رهيو آهي، اُتي سراج جي ڪهاڻين ۾ وري پنهنجي ڌرتيءَ جي مسئلن جي شعور سان گڏ، هاڻوڪي دور جي پڙهيل ڪڙهيل نوجوان جو شديد ردعمل جو اظهار به ملي ٿو ته هو بين الاقوامي فڪري رجحانن کان متاثر ٿي ڇا سوچي رهيو آهي؟ غلام رباني ۽ جمال ابڙي سماجي زندگيءَ جا عڪس هوبهو پيش ڪيا آهن، ليڪن سراج جي اسٽائيل مان وري اهو گمان ٿئي ٿو ته هن سچي پچي زندگيءَ جي جڙ ته رومانيت جي فضا جي مصوري ڪئي آهي.“

پنهنجي تجزيي سان گڏ عرساڻي صاحب ڪجهه بين ليکڪن جا تجزيا به ان ٿيسز ۾ شامل ڪيا آهن، جهڙوڪ:

شيخ اياز لکي ٿو ته: ”سراج جا ڪردار فقط انسان نه آهن، پر ادبي ڪردار به آهن. هنن جي نگارش ۾ نه فقط زندگيءَ جي معاشرتي ۽ نفسياتي پهلوءَ جي هم آهنگي آهي، پر اُن هن فن جو هڪ مخصوص رنگ روپ به ڏنو آهي، جو پنهنجي تخليق جي انفراديت جو ثبوت ڏئي ٿو.’چنڊ گرهڻ‘، ’ٻهڪي‘ ۽ ’اونده جو ورڻ‘ هن جا ادبي شهپارا آهن.“

ثميره زرين لکيو آهي ته ”محترم سراج جو ’ٻهڪي‘ سندس شاهڪار انسانو آهي. هن افسانې ۾ او هينريءَ جي ڪامياب ٽيڪنڪ جي جهلڪ نظر اچي ٿي.“

ناولن ۾ جيئن سندس ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ کي تمام گهڻي پذيرائي ملي، تيئن سندس ترجمو ڪيل ’چونڊ آمريڪي افسانن‘ به پڙهندڙن کي تمام گهڻو اُتساهيو. خاص طور اُن ڪتاب مون کي ايترو ته فيسينيٽ ڪيو هو، جو ٽي.وي تي ان ناول کي ڊرامائي شڪل ۾ پيش ڪرڻ جي وڏي ڪوشش به ورتيسي، پر حالتن ۽ پابندين جي ڪري اها خواهش پوري ٿي ڪانه سگهي.

هاڻي جي خبر ناهي، البت سراج صاحب جو 1964ع ڌاري ’سنڌي ٻوليءَ‘ بابت ڇپيل ايم.اي سنڌيءَ جي ڪورس لاءِ رڪمنڊ ٿيل آهي يا نه. پر اسان 1974ع ڌاري پيپرن ۾ سراج صاحب جي ڪتاب جا

ئي حوالا ڏئي آيا هئاسي: ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ متعلق سراج صاحب جو اتساهيندڙ دليل اهو هو تہ "سنڌي آريائي ۽ ويدن جي دور کان اڳ جي زبان آهي." ۽ جنهن اسان جي دل وڏي ڪري ڇڏي هئي. ساڳئي سال 1964ع ۾ سندس 'علم معاشيات' متعلق بہ ڪتاب شايع ٿيو هو.

مون جيسيتائين ڪيس روبرو نہ ڏٺو هو تہ منهنجي ذهن ۾ سندس خاڪو هڪ برجستي ليکڪ ۽ سنجيده شخصيت جو ئي جڙيل هو ۽ جڏهن 19 نومبر 1972ع تي ٿيندڙ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرد تنظيم 'مهراڻ ميڊيڪوز' پاران ملهايل 'سنڌي شام' ۾ قومي گيت ڳائڻ لاءِ آيو هوس تہ واقعي سراج الحق ميمڻ صاحب نهايت پروقار شخصيت جو مالڪ نظر آيو.

ان پروگرام کان پوءِ ڪراچيءَ جي شاعرن، اديبن پنهنجو منڊل مچايو تہ ان لاءِ مون کي روڪي ورتائون، جنهن ڏينهن فش هاربر تي بلالي صاحب جي دعوت هئي تہ مون کي جهانگير ڪوارٽر تان پنهنجي موٽرڪار تي کڻي وڃڻ جو ذمو بہ سراج صاحب کنيو هو. هُو پنهنجي موٽرڪار تي مون کي وٺڻ آيو هو تہ مشتاق احمد شوري حيرت وچان معصوم صورت ناهيندي چيو هو: "يار سراج صاحب تہ چڱي ڀلي کي لفٽ ئي نہ ڪرائيندو آهي. سخت مغرور ماڻهو آهي. توکي پنهنجي ڪار تي ڪيئن وٺڻ آيو آهي!"

واقعي ان ۾ ٿورو بہ شڪ نہ آهي تہ سراج صاحب جيترو ذهين ماڻهو هو اوترو سنجيده بہ هوندو هو. هر معاملي ۾ حصو نہ وٺندو هو ۽ نہ ئي اجايو بحث ڪندو هو. ڪنهن اهم معاملي تي بہ پنهنجي راءِ ڏئي خاموش ٿي ويهندو هو. مون کي اهو وقت بہ ياد آهي تہ جڏهن پاڪستان ٽيليوزن لاءِ پروڊيوسرن جون ويڪنسيون انائونس ٿيون هيون تہ مون کي شيخ اياز مرحوم چيو تہ "ڪراچيءَ ۾ سراج سان ملجانءِ. ذوالفقار علي ڀٽي هن کي پنهنجي اخبار جو ايڊيٽر ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ 'طلوع' رسالي جي ايڊيٽر اشتياق اظهر سان هن جا ڪافي گهرا تعلقات آهن. اشتياق اظهر شايد اسلم اظهر جو ڀاءُ آهي."

پچندي آهي، جو توڪي ٽي.وي‎ءَ جي نوڪري وٺي ڏئي، ڇو تہ ٽي.وي‎ءَ جي نوڪري وٺڻ ايترو آسان بہ نہ آهي. پر بيدل! ائين توڪي ٽي.وي‎ءَ جو پروڊيوسر ڪيئن ڪري ڇڏيندا.“

مون چيو: ”مان ايم.اي سنڌيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پوري سنڌ مان ٽين پوزيشن حاصل ڪئي آهي.“

”اها تہ فهميده بہ ڪئي آهي.“ (ڊاڪٽر فهميده حسين، سندس ڀيڻ). هٿ ۾ جهليل پائيپ مان ڪش هڻندي وري چوڻ لڳو: ”پر يار بيدل! آءٌ تنهنجي سفارش نہ ڪندس.“

الائي تہ ڇو اُن وقت مون کي مشتاق شوري جو جملو ياد اچي ويو.

پر بهرحال مون کي ٽي.وي‎ءَ جي نوڪري ملي وئي. درخواست مرحوم شمشيرالحيدريءَ لکي ڏني. مانواري ڀيڻ مهتاب اڪبر راشديءَ، لوڪل مينيجمينٽ ۾ پروگرامز مئنيجر جي پوسٽ تي ويٺل مرحوم عبدالڪريم بلوچ کي پارت ڪئي. جيڪا هن هڪ ڪن کان ٻڌي ٻي ڪن کان لنوائي ڇڏي هئي، پر پوءِ بہ نوڪريءَ دوران ڪڏهن ڪڏهن، ڀيڻ مهتاب اڪبر راشديءَ جي سفارش جو طعنو ڏيندو رهندو هو. پوءِ حيدرآباد ۾ ڪجهہ دوستن چيو تہ بيدل کي اسان نوڪري وٺي ڏني آهي. ڪنهن چيو تہ بيدل کي نوڪري سچل سائينءَ جي سجاده سائين خواجہ عبدالحق فاروقيءَ وٺي ڏني آهي. بهرحال. نوڪري منهنجي مالڪ وٺي ڏني هئي، جنهن ۾ سفارشي خواجہ عبدالحق بہ هو سائين بيدل سرڪار بہ هو تہ فقير مسرور بہ هو پر مون ڪنهن جي بہ دل آزاري ڪانہ ڪئي ۽ سيني سان ها ۾ ها ملائي ڇڏي ۽ پنهنجي قومي جذبي جي ڪري شيخ اياز جا گيت بہ دل سان ڳاتا تہ ادبي ناتي سان سراج صاحب سان وٽس هلي وڃي ملندو هوس. حالانڪ هو ڪنهن ادبي جلسي ۾ پهرين قطار ۾ ويٺل هوندو هو پر ائين حجت پائي ساڻس وڃي ملڻ تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. پنهنجي قومي شعور سبب شيخ اياز جي قومي گيتن ڳائڻ جي حوالي سبب وڏي پاٻوهہ مان ڳرهاٽڙي پائي ملندو هو ۽ ڪراچيءَ جي روشن خيال اديبن جي نجي گڏجاڻين ۾ منهنجي آرٽ سان وابستگيءَ سبب هن پنهنجي شفقت ۽ ٻين اڳيان تعريف جي

عمل کي آخر تائين قائم رکيو ۽ جڏهن بہ مليو تہ پنهنجي شبنمي هٿن چمڻ کان ڪڏهن محروم نہ رکيائين.

سراج صاحب ۽ منهنجي وچ ۾ جا يادگار ڳالهہ آهي، اها هيءَ آهي تہ 1994ع ڌاري جڏهن شيخ اياز دعائون لکڻ شروع ڪيون هيون تہ مون بہ ان جي رد ۾ ڪجهہ دعائون لکيون هيون، جن تي سراج صاحب خاص طور 'رتيءَ جي رهاڻ' جي عنوان سان هڪڙو ڪالم لکيو، جيڪو روزاني 'جاڳو' ڪراچيءَ جي 15 جون 1994ع تي شايع ٿيو هو. ان ۾ سراج صاحب تمام اهم ڳالهيون سان گڏ منهنجي متعلق بہ ڪامينٽس ڏنا هئا. اهو ڪالم مون وٽ محفوظ آهي، ان ڪري ان جون ڪجهہ مختصر جهلڪيون پڙهندڙن جي آڏو رکان ٿو. لکيو اٿس:

"ڪنهن زماني ۾ ڀٽائي، پنهنجي لاءِ، سنڌ لاءِ ۽ اسان جي لاءِ دعائون گهرندو هو. سندس هڪڙي دعا کي پڙهي اسان جن ۽ هنن جي 'دانشورن' هن کي سندس آفاقي ۽ عالمي شاعر هجڻ جو سرٽفڪيٽ پئي ڏنو. اها دعا اوهان کي الائي ياد آهي يا نہ، مون کي تہ ياد ئي ڪانہ رهندي آهي، ۽ هينئر بہ گربخشاڻيءَ واري رسالي منجهان ڳولي ڪڍي اٿم:

سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

هن جي هڪڙي ٻي ذاتي دعا تي هڪڙي مولوي صاحب سڄو سارو ڪتاب لکي ڇپايو هو ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ شاهہ لطيف اسان سنڌ وارن لاءِ اها دعا لکي هئي:

'عدل ڇتان آنءَ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.'

ڀٽائيءَ کان پوءِ تازو وري دعائن جو هڪڙو باب کليو آهي، جنهن جي لاءِ ٻڌو اٿم تہ اسان جي يار اياز شروعات ڪئي آهي. منهنجي بدقسمتي آهي، جو رسول بخش پليجي جي صلاح جي باوجود، مون اڃا اهي ڪونہ پڙهيون آهن. البت اياز جي ريس ۾ اسان جي هڪ ٻئي هڪڙي يار تاجل بيوس بہ

دعائن جو هڪڙو سلسلو شروع ڪيو آهي. انهن منجهان ڪجهه دعائون پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي اٿم. پنائيءَ کان پوءِ ٻن 'مهان' شاعرن دعائن جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، اها لانڍ تہ الائجي ڪٿي وڃي توڙ ڪندي، مون جهڙا ڪم عقل ماڻهو هنن جي 'مهانتا' کان ايڏا تہ مرعوب آهن، جو جيڪڏهن ڪچنداسون تہ پانت پانت جا ڏينهو چنبڙي وڃن تہ عيب ڪونهي.

هاڻ وري هڪڙي ٻئي شاعر جيڪو ايترو 'مهان' تہ ڪونهي، پر هن جي وڏائيءَ جو هڪڙو ئي ثبوت ڪافي آهي تہ هن جي نالي ۾ ٻہ تخلص شامل آهن. هڪڙو 'بيدل' ٻيو 'مسرور'. تنهن دعائون لکڻ ۽ گهرڻ شروع ڪيون آهن. البت هن جون دعائون اسان جي ٻنهي 'مهان' شاعرن کان مختلف آهن. هي شايد اهڙيون پهريون دعائون آهن، جيڪي چڙ، ڪاوڙ، پوڳ ۽ ٽوڪ طور گهريون اٿس. ائين اسان جي 'ادب' ۾ دعائن جي هڪڙي نئين صنف ۽ وصف شامل ٿي آهي، ۽ پانيان ٿو تہ اِها روايت بہ اڳتي هلي ٻين بہ ڪيترن شاعرن کي ڪنهن وچڙندڙ بيماريءَ وانگر لڳندي ضرور!

بيدل لاءِ منهنجي دل ۾ ڏاڍو پيار آهي. هن جي اصل سڃاڻپ هڪڙي سٺي موسيقار ۽ راڳيءَ جي آهي. جڏهن اجا دعائن گهرڻ جهڙو ڪراڙو ڪونہ ٿيو هو، تڏهن کان خاص محفلن ۾ مون هن کي ٻڌو هو. اُن فن ۾ هن ڏاڍي محنت ۽ رياض ڪيو آهي. جڏهن پهريون ڀيرو پنهنجي راڳين ۽ موسيقارن جي سٽ سان هن اياز جو گيت "مان ڏوهي هان" پيش ڪيو تہ مون سميت ٻڌندڙن کي بدن ۾ سيسراٽ وجهي ڇڏيا هئائين، ۽ آءٌ تہ اوچنگارون ڏئي رُنو هئس!"

سراج صاحب جي ان محبت جو هڪڙو وڏو مثال اهو آهي تہ تازو انڊين سنڌي ڊيليگيٽس جي سنڌ اچڻ تي جڏهن سنڌ جي ثقافت کاتي، سنڌن مان ۾ چيف منسٽر هائوس ۾ آجياڻو منعقد ڪيو هو مان پنهنجي وضع مطابق هر ڪنهن سان سنڌن جاين تي ملڻ ويس. جڏهن سراج صاحب

وٺ پيهتس تہ هن اتي ياڪر پاتو ۽ منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي چوڻ لڳو:

"بيدل يار! مان هاڻي هڪڙي ڏينهن پنهنجي سڄي کھول سان، سيني پوٽن ڏوهٽن سميت تنهنجي گهر ايندس ۽ اتي اچي تنهنجي آواز ۾ قومي گيت ٻڌندس." مون چيو: "سائين اوهان هيترا چٽا گڏ ٿي، منهنجي گهر نہ اچي سگهندؤ. ان ڪري اها تڪليف توهان نہ ڪريو. مان هڪڙي هارمونيم ڪلهي تي رکي اچي اوهان جي در تي ويهندس."

کلڻ لڳو کلندي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪيسي مان پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍي ڏنائين. چوڻ لڳو: "پوءِ تون مون کي ٻڌائجانءِ تہ ڪڏهن ٿو اچين؟" سچ تہ اهو آهي تہ نہ مون کي وقت مليو سراج صاحب کي فون ڪرڻ جو نہ ئي سراج صاحب کي مهلت ملي اسپتالن مان فارغ ٿيڻ جي ۽ بس جڙڻ هڪڙو افسوس رهجي ويو.

ٽي.ويءَ جي حوالي سان مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ سراج صاحب کي ڪنهن خاص پروگرام کان سواءِ مدعو ٿيندي نہ ڏٺوسي، پر ايندو هو تہ اسان ڪيس در تان ئي پليڪار ڪري، جنرل مئنيجر جي آفيس ۾ وٺي ايندا هئاسين يا جيڪڏهن ڪنهن ليڪڪ متعلق ڪامينٽس وٺڻا هوندا هئا تہ ڪانئس ٽائيم وٺي وٽس وڃي گفتگو رڪارڊ ڪري ايندا هئاسي، خاص طور مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي متعلق جيڪي ڪامينٽس ڏنا هئائين، سي هاڻي جيئن• جو تيئن تہ ياد ناهن، پر سندس گفتگو مان معلوم ٿيو تہ سراج صاحب جي ادب ۽ صحافت طرف رغبت ۾ ڏيپلائي صاحب جو بہ وڏو هٿ رهيو آهي. اهو پروگرام مون کي ان ڪري بہ ياد آهي، جو هڪ تہ اهو هلال پاڪستان اخبار واري آفيس ۾ رڪارڊ ٿيو هو ٻيو تہ رڪارڊنگ کان اڳ ۾ ۽ پوءِ بہ منهنجي ٽي.وي پروڊيوسر ٿيڻ تي وڏي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هئائين ۽ مبارڪ ڏني هئائين.

سراج صاحب کي مون مختلف وقتن تي جيئن ڏٺو انهن جو مختصر بيان هن ريت ڪري سگهجي ٿو ته هو هڪ ذهين، بردبار ۽ محنتي شخص هو. ادب، صحافت يا ٻوليءَ متعلق جديد فڪري لاڙن تي سوچيندڙ مفڪر هو. قومي نظرياتي طور سائين جي.ايم.سيد، محترم رسول بخش پليجي ۽ سائين محمد ابراهيم جويي جيان آدرشي اديب هو. چون ٿا ته وڪيل به ڏاڍو سٺو هو، پر اتفاق سان مون ڪيس وڪالت ڪندي نه ڏٺو پر ڪنهن وڏي ايرسٽوڪريٽ جيان پائيپ ڇڪڻ، سندس وقار سان مِلڻ، ڏيرج سان ڳالهائڻ، درويشن وانگر چپن ۾ مرڪڻ، عالمن وانگر تدبر سان هلڻ کي ڏسي هميشه منهنجي خواهش اها ئي رهي آهي ته اسان جي سنڌي ماڻهن کي سراج صاحب جهڙو هئڻ گهرجي. ٻين کي عزت ڏيندڙ ۽ پنهنجي عزت ڪرائيندڙ.

(همرچو فيبروري 2013ع)

# علم جو روشن چراغ_ سراج: هڪ يادم هڪ تاثر

گل محمد عمراڻي

پنهنجي سانير ۾ پهريون پيرو مون سراج الحق ميمڻ جو نالو هڪ درست ڪتاب جي اندرين صفحي تي هٿن سان اُڪريل ڏٺو هو جيڪو ڪتاب هن پاڻ سندس هڪ عزيز دوست "پياري دين محمد" کي پنهنجي دستخط سان ڏنو هو اُهو "پيارو دين محمد" منهنجو هڪ ويجهو عزيز (Brother in Law) هو ۽ اُن ڪتاب جو نالو هئو "دلپسند قصا" (Tales from Shakespeare) جيڪو مرزا قليچ بيگ جو ترجمو ڪيل هو. انگريزي ۾ اهو ڪتاب چارلس ۽ ميئري لئمب (Chales and Mary Lamb) (19 صديءَ جي مشهور ليکڪ ڀاءُ ۽ ڀين) لکيو هو ۽ هاڻ اهو ڪتاب انگريزي ٻاراڻي ادب ۾ هڪ يادگار ڪتاب سمجهيو وڃي ٿو. سراج کي پوءِ مون اسڪول جي لائبريري ۾ "مهراڻ" ٽه ماهي ۾ بطور نوجوان اسسٽنٽ سيڪريٽري ۽ ڪهاڻيڪار جي ڏٺو ۽ پڙهيو. اُن وقت 62، 1963ع واري دور ۾ مان نور محمد هاءِ اسڪول جي اٺين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس، ان ڪري منهنجي مطالعي جي سطح "گل ڦل" کان چَڙهي، اِبن صفي جي جاسوسي دنيا ۾ شرلاڪ هومز تائين وڃي پهتي هئي. ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۾ پهتس ته سراج جون ڪهاڻيون پڙهيم ۽ پروڙيم ۽ ائين لڳو ته هڪ گهڻ پڙهيل ۽ سنجيده ڪهاڻيڪار ۽ مترجم (آمريڪي ڪهاڻيون) هاڻ پنهنجي حيثيت مڃرائي چڪو آهي. سندس ڪتاب "سنڌي ٻولي" جي بابت چوٻول گهڻو ٻڌم ۽ نيٺ 1970ع ۾ هڪ ڏينهن سنڌي ڊپارٽمينٽ جي استاد محترم ڊاڪٽر عبدالجبار "شام" جي هٿ ۾ ڏسي هن کان ڪجهه ڏينهن اُڌار وٺي گهر کڻي ويس. غور فڪر بعد منهنجي ذاتي راءِ اُن وقت اها هئي ته سراج ريسرچ جي ميدان ۾ گوءِ کڻي ويو آهي ۽ هن

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سامي سڌ واري نظريہ کي چيلنج ڪيو آهي. گهڻو وقت پوءِ جڏهن وري مون ڊاڪٽر صاحب (بلوچ صاحب) جي اصل مَتن کي سنجيدگيءَ سان ٻيهر پڙهيو تہ مون کي ائين لڳو تہ حتمي راءِ ٻنهي صاحبن جي ان نظرين (Hypotheses) بابت ڪا پڪ تي ليڪ واري نہ آهي. ٻنهي پنهنجا پنهنجا Hypotheses (مفروضا) پنهنجي خيال مطابق پيش ڪيا آهن ۽ انهن ٻنهي عالمن جا نظريا جامد ۽ اڻ ٽر (Inevitable) (اڻ مٽ) نہ آهن. انهن ٻنهي جي Paradigms (صوتياتي جوڙجڪن) کي هڪ ٻئي سان هاڻ (Reconcile) (ملائي) سگهجي ٿو. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ ان کان اڳ Orientialists (مُستشرقين) ارنيسٽ ٽرمپ (Earnest Trumph) ۽ گريئرسن (Grierson) هندوستان جي ٻولين جو جائزو (Linguistic Survey of India) ۾ اهو اعلان ڪيو. سنڌي ٻولي اصل ۾ سنسڪرت مان ئي نڪتل آهي ۽ اها هڪ آريائي زبان آهي. ڪاڪي ڀيرومل ۽ شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ بہ هڪ علمي خاڪو ۽ Hypotheses ڏنو تہ سنسڪرت مان، پراڪرت، ان مان شورسيني، ان مان اپڀرنش ۽ ان مان وراچڊ ۽ ان مان سنڌي ٻولي Evolve ارتقا پذير (وڌي ويجهي) نِروار ٿي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1962ع "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" لکي، جيڪو وري 1980ع ۾ وڌرائي ڇپايائين. ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ غور سان پڙهو:

"سنڌي ٻولي سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي. لهندا (سرائيڪي، بهاولپوري، ملتاني، ديري والي، هِندڪو) ڪشميري ۽ اُترئين سنڌو ماٿر جي "دادري ٻوليون" ان جون ڀينرون آهن. بودوباش جي لحاظ کان اُهي مڙيئي سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون Indo-Aryan هند آريائي ٻوليون آهن. پر سناءَ ۽ تاريخي ارتقا جي لحاظ ساناُهي هن براعظم جي ٻين هند آريائي ٻولين کان نراليون آهن، ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ هِند- ايراني ۽ اولهہ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين کي دخل آهي."

هاڻ اچون ٿا سراج صاحب جي نظريي تي. سراج صاحب 1964ع ۾ هڪ ڪتاب ساڳي موضوع تي ”سنڌي ٻولي“ لکيو. جنهن ۾ هن جيئن ڪارل مارڪس (Karl Marx) هيگل جي جدليات (Dialectics) کي اونڌو (Invert/ up-side down) ڪيو هو. تيئن هن سيني اڳ وارن مُروج نظرين کي جڙ رد ڪري، مٿي واري حصي کي هيٺ (Invert) ڪري، هن اونڌي تڪنڌي کي سڌو ڪري اعلان ڪيو ته ”سنڌي، سنسڪرت جي ڄائي نہ پر سنسڪرت، سنڌي جي ڄائي آهي.“

سراج صاحب ائين بہ لکيو تہ ”سنڌي جيڪڏهن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي سنڌي جو ان کان بہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت هڪ طرح سان سنڌي جي ڄائي آهي. سڌي طرح نہ سَهي، اڻ سڌي طرح سهي.“

هاڻ توهان پاڻ اندازو لڳايو تہ ڊاڪٽر بلوچ ۽ سراج ميمڻ ڪا بہ حتمي راءِ ڏين ٿا يا فقط Hypothetical مفروضن تي بحث ڪن ٿا ۽ بہ مختلف پر پاڻ ۾ نهڪي ايندڙ Paradigms (ماڊل) ڏين ٿا. مان فقط مثال طور تي ٻنهي دانشورن جي ٻن Paradigms جو حوالو ڏنو آهي. ذاتي طرح مون کي خبر آهي تہ سراج صاحب جن CSS ڪرڻ کان اڳ ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪندي هر آچر جي ڏنهن ڊاڪٽر بلوچ سان گڏ صبح جو مارننگ شو ۾ گڏجي فلم ڏسڻ ويندا هئا ۽ سندن گهر اولڊ ڪئمپس ۾ گاڏي کاتي ۾ گڏ هوندا هئا. سندن اختلاف علمي ادبي حد تائين جائز ۽ مُباح هئا. پر ذاتي طور تي سراج صاحب ڊاڪٽر صاحب جو دلي طرح احترام ڪندو هو ۽ آخر تائين اهو برقرار رهيو. مان توهان کي ٻڌايان تہ عام تاثر اِهو هوندو هو تہ سرج صاحب گهڻ ڳالهائيندو آهي ۽ اُن ۾ ڪو شڪ بہ نہ آهي هو اسان جي عام اديبن ۽ شاعرن وانگر اَجايو لباڙي ۽ Garuulous ۽ گهڻ ڳالهائو ڪونہ هو. پر هن جي مون سان هڪ دفعو خلاصي ڪچهري ٿي، جنهن ۾ هن مون سان مُسلسل 15 منٽ ڊاڪٽر بلوچ جي طبعيت ۽ مزاج متعلق ڳالهايو. اهو موقوعو هو جڏهن لياقت نيشنل لائبريري ڪراچي ۾ اڪيڊمي آف ليٽرس وارن مرحوم غلام رباني آگري جي وفات تي هڪ ادبي ريفرنس (Reference) مُنعقد ڪيو هو.

اوهان کي اهو ٻڌي حيراني ضرور ٿيندي اُن سچي تقريب ۾ سڄي ڪراچي مان رڳو 15 کن ماڻهو شريڪ ٿيا ۽ اُنهن مان سراج صاحب بہ هڪ هو. مٿي اسٽيج تي ڊاڪٽر محمد علي صديقي ۽ آفاق صديقي بہ ويٺل هئا. سراج صاحب آهستي مون کان ڊاڪٽر بلوچ متعلق حال احوال وٺندو رهيو. انهي مان هن جي دل ۾ ڊاڪٽر صاحب الِءِ احترام ۽ عقيدت ظاهر ٿي رهي هئي. ڊاڪٽر صاحب کي جڏهن مون اها ڳالهه ٻڌائي تہ هو بہ نهايت گهڻو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ سراج تمام لائق انسان ۽ اورچ عالم آهي. هنن ٻنهي جي وچ ۾ جيڪي ويڇا پيدا ڪيا ويا هئا، اُهي ڪجهہ وچ وارن "دوستن" جي مهرباني هئي. سراج صاحب اسان جو اهڙو "ڪم گو" محقق هو جنهن وٽ وقت جو گهڻو قدر ۽ احساس هو. باقي اسين سڀ اجايو سطحي گفتگو ڪري، وقت کي ائين وڃايون ٿا، جنهن جو احساس اسان کي ڪونهي.
ڊاڪٽر صاحب جي وفات اپريل 2011ع ۾ ٿي ۽ سنڌس دڪدائڪ وڇوڙي تي گهڻا ئي ادبي ميڙاڪا ٿيا. پر سڀ کان يادگار ريفرنس ڪراچي جي آرٽس ڪائونسل طرفان سڏايو ويو. ان ۾ امر جليل، سنڌي ۾ ڳالهايو. پر سراج صاحب جي انگريزي ۾ لکيل پنهنجي هڪ يادگار Obituary (شرڌانجلي) ڊاڪٽر بلوچ تي اهڙي انداز ۾ پيش ڪئي ڄڻ افلاطون پنهنجي استاد محترم سقراط جي جيون ڪٿا جي باري ۾ خراج عقيدت پيش ڪري رهيو هجي. اهڙي تقرير مون گهڻي وقت کان پوءِ ٻڌي هئي ۽ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻ ڊاڪٽر بلوچ جو روح اسان حاضرين سان گڏ پنيان ويٺل هجي. سراج صاحب کي انگريزي ادب ۽ ٻولي تي مڪمل دسترس (Command) هو. هن جي انگريزي رواني محمد ابراهيم جويو صاحب جي معيار جي هئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اڪثر چوندو رهندو هو تہ اسان کي انگريزي ۾ لکڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ اسان جي شناخت بيشڪ مادري سنڌي ۾ آهي، پر اسان کي قومي ۽ بين الاقوامي مڃتا انگريزي ٻولي ۾ ملندي. هاڻي اقبال، غالب، مير تقي مير، ٽيگور، رُومي ۽ خليل جبران انگريزي جا حوالا آهن.

سراج صاحب جي ڪهاڻين ۽ ناولن تي ٻين دوستن لکيو آهي ۽ لکندا رهندا. پر مان فقط اهو چوندس تہ تاريخي کي Narrate طرو پيش ڪرڻ ڪا معمولي ڳالھہ نہ آهي. ارغونن جي دور تي ڇو لکيائين ۽ حُر جي تحريڪ کي ڇو نظرانداز ڪيئين؟ اهي اهڙا سوال آهن تہ جڻ شيڪسپيئر (Shakespeare) کان پڇجي تہ هن Juliat Romeo تي ڇو لکيو (جيڪي اطالوي عاشق معشوق هئا) ۽ انگريزي يا آئرش جوڙن کي ڇو نظرانداز ڪيائين؟ جن جا انيڪ قصا انگريزي لوڪ ادب ۾ ڪوڙ آهن. اديب جو موضوع Subject (مضمون) هن جي ذاتي (Subjective) پسند تي هوندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ پير حسام الدين راشدي جي تجويز تي ئي "پڙاڏو سوئي سڏ" لکيو ويو هوندو. باقي "حُر تحريڪ" بابت واقعي اجا بہ گهٽ ادبي Fiction لکيو ويو آهي، جنهن ج ڪارڻ سياسي جانبداري سبب بہ آهن. سرفروش حُرن جي تاريخ تي لکڻ وارا شايد اُن اصل مواد تائين رسائي ڪري نہ سگهيا آهن ۽ Genuine فڪشن ۾ ناول نگاري هوئڻ بہ هاڻ اسان وٽ هڪ Dying Art (مرندڙ فن) آهي. سراج جي منظرنگاري ۽ ٻولي جي سٽاءُ (Diction) تي گهڻو ڪجھہ لکي سگهجي ٿو پر اڄ مان فقط سراج جي بحيثيت هڪ Cultural مُهذب ۽ سلڇڻي انسان هجڻ بابت ئي لکندس. سندس گهٽ ڳالهائڻ ۽ توربل تڪيل گفتگو نشست برخواست، منطقي ۽ عقلي (Logical and Rational) انداز اخباري صهافت ۾ جدت (Innovation) ۽ نواڻ ۽ عام Routine انداز کان هٽي اداريہ نويسي، ڪافي ڏکئي وقت (Martial Law) ۾ پيپلز پارٽي جي پاليسي کي عوامي انداز ۾ تز ۽ نيٺ ٻولي ۾ پيش ڪرڻ اجا اهڙا موضوع آهن، جيڪي متنازعہ تہ آهن پر مُنفرد ۽ دلپذير پڻ آهن. سراج جي بهترين وڪالت ۽ قانونداني جي هاڪ ۽ ساک ڪراچي جي هاءِ ڪورٽ ۾ بلڪل مجيل هئي. هو خاص طرح سان انڪم ٽيڪس قانون ۾ پڙهو پر اُنس ان گڏ عوامي هلچلن ۾ غريب ۽ مظلوم ڪارڪنن جي مفت قانوني مدد ڪرڻ ۽ انهن کي بغير ڪنن اُجوري جي Dictation ناهي ڏيندو هو ۽ اهو بغير ڪنهن مشهوري ۽ خاموشي سان. اهڙين وصفون اسان مان هاڻ نڪرنديون وڃن. سراج جو پنهنجي خاندان لاءِ پيار ۽ خاص طرح سان پيارين پيٽن جي

پڙهائي لاءِ، جتي اهڙا موضوع آهن، جنهن تي ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي.
ڊاڪٽر فهميده حسين جو سراج جي وفات تي حيدرآباد ۾ پڙهيل Moving مضمون پڙهي مان ٿوري دير لاءِ الائي ڪهڙي عالم لاهوت ۾ پهچي ويس، سندس ڏسڪن وارا رنجور جُملا پڙهي، بيحد ڏک ۽ رنج ٿيو ۽ احساس ٿيو ته سراج ياڻرن ۽ پيئرن کي هڪ شفيق پيءُ جيان پاليو ۽ نپايو تاتيو هو. هن بابت ان ريفرنس ۾ پيش ڪيل دل تي اثر ڪندڙ خيال پڙهي، اهو به احساس ٿيو ته ڪيترو نه خوش نصيب انسان ۽ شفيق پيءُ، ياءُ، سراج صاحب هو جنهن کي اهڙي پيار ڪندڙ فيملي ملي آهي. سندس لائق فرزند ڊاڪٽر امجد سراج کي ڏسي پڙهي ڏاڍو سڪون مليو ته واقعي سراج پنهنجي چمن جي آبياري پنهنجي رَتُ ۽ سَتَ سان ڪئي آهي. ڪجهه ڏينهن پوءِ "سراج ۽ سنڌي ٻولي" واري سيمينار جي رپورٽ پڙهي اهو خيال ٿيو ته ڇا سراج کي خياج عقيدت پيش ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ٻين بزرگن جي لاءِ احترام کي وساري ائين ڳالهائجي؟ جيڪڏهن بقول محسن جويو جي اصل ۾ اهڙي ڪابه گفتگو نه ٿي هئي ته پوءِ قابل مقرر کي اهڙي وضاحت ڪرڻ گهرجي ها.
ڊاڪٽر بلوچ جي حياتي ۾ ڪافي دوست سندس متعلق رکي رکي "عجيب رمارڪس" ڏيندا رهيا هئا، پر ڊاڪٽر صاحب ۾ درگذر عفو ۽ برداشت جو جذبو ۽ حوصلو تمام گهڻو هوندو هو. سراج صاحب به درگذر برداشت ۽ سهپ جي وصفن واري زندگي گذاري. هلال پاڪستان جي دور ۾ صحافين سان ڪيئن گذاريائين، انهي متعقل اسلم آزاد ٻڌائيندو آهي ته هن ڪڏهن به ورڪر يا صحافي کي ڪڏهن به اردلي يا پٽيوالي جي معرفت ڪونه گهرايو، جنهن ۾ ڪم هوندو هئس، پاڻ خود وڃي انهي جي ميز تي هن سان ڳالهائيندو هو. سندس ادارتي زور نيٺ سنڌي لکڻ تي هوندو هو ۽ ان جي ڪري هلال پاڪستان جي زبان هاڻ به هڪ Standard معياري حوالي طور تي پيش ڪئي وڃي ٿي.

سراج جا ڪجهه اداريه (Editorial) مون کي ذاتي طرح ڪونه وڻيا ۽ ان جو برملا اظهار مون حيدرآباد جي SLA واري ادبي ريفرنس ۾ ڪيو هو. خاص ڪري سنڌ يونيورسٽي واري Convocation 1973 کان پوءِ جيڪا سخت زبان

استعمال ڪئي هئائين! پارٽي پاليسين جي ڪري ڪجهه متنازع (Controversial) فيصلن جي تائيد ڪندو رهيو.

هاڻ موجوده دور واري سرڪار ۾ ته هو بلڪل هلي نه سگهي ها ۽ اڳ به شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دوستي ڪري، تمام ڏکئي دور ۾ اخبار کي صحيح ڏڳ تي هلائيندو رهيو. امر جليل جهڙي ڪالم نگار کي Discover (ڳولهي) ڪري جڻ سنڌي صحافت کي پنهنجو ابراهيم جليس ۽ مجيد لاهوري ڏنائين. اردو ۾ فڪاهيه ڪالم ته 19 صديءَ کان هلندو اچي، اسان وٽ هاڻ مزاحيه ڪالم نويسي 'دُشنام نويسي' (گارگند) ۽ بداخلاقي جي درجي تي وڃي پهتي آهي. جتي ذاتيات، هجو ۽ ٽوڪبازي جا به بدترين نمونا ڏسجڻ ۾ اچن ٿا. سراج بحيثيت ايڊيٽر، ٻولي جو مان مٿانهون ڪيو هو. هو هڪ شائستو انسان هو ۽ اهڙا ماڻهو واقعي روز روز پيدا ڪونه ٿيندا آهن. سراج روشن چراغ هو!

# سدا اُيريا سنڌ ۾ آنديءَ جئن انسان

مدد علي سنڌي

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار، ناولسٽ، محقق، صحافي ۽ 'سنڌي ٻولي' جهڙي شاندار ڪتاب جو ليکڪ، محترم سراج الحق ميمڻ، اسان جي لاءِ سدائين 'سراج صاحب' ئي رهيو. سندس طبيعت ۾ انتهائي ڳنڀيرتا شامل هئي، شايد اهو ئي ڪارڻ هو، جو هو گهڻن ماڻهن سان ويجهڙائپ نہ رکي سگهيو پر ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ سراج صاحب کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان هڪ عشق هو، اهو عشق هن ۾ شروع کان وٺي هو ٿي سگهي ٿو ان عشق جي وڻ جي ڪي مٽي اپارڻ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي جهڙي ٻڙ جي گهاٽي وڻ جي ڇانو نصيب ٿي، جنهن جي ڪري سندس سنڌ جو عشق وڏي وڻ ٿيو هجي، پر ادب جي خوشبوءِ تہ سراج صاحب کي پنهنجي والد مرحوم محمد يعقوب ميمڻ 'نياز' کان حاصل ٿي، مرحوم محمد يعقوب پاڻ هڪ وڏو تعليم دان، ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو هو، حافظ شيرازيءَ جي 'ديوان حافظ' جو سنڌيءَ ۾ سندس ڪيل ترجمو ثابت ڪري ٿو. تہ کيس سنڌي ۽ فارسيءَ تي هڪ ئي وقت مڪمل عبور حاصل هو اهڙي علم پرور ۽ علم دوست والد جو ساٿ کيس سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب ڏانهن ڇڪي آيو سال 1933 جي 24 آڪٽوبر تي جنم وٺندڙ سراج صاحب جو اسٽار لبرا هو، يعني ميزان، اهو اسٽار رکندڙ شخص انتهائي مانيٽو ۽ انصاف پسند پر شرميلو بہ هوندو آهي، حيدرآباد جي مشهور نور محمد هاءِ اسڪول مان جڏهن هن ميٽرڪ پاس ڪئي تہ ان وقت ساڻس گڏ مظهر الحق صديقي ۽ اڳوڻو نگران وڏو وزير رٽائرڊ جسٽس عبدالقادر هاليپوٽو سندس هم ڪلاسي هوندا هئا. ان وقت ميٽرڪ جو امتحان سنڌ يونيورسٽي وٺندي هئي، جتان

هن ميٽرڪ جي امتحان ۾ ٽين پوزيشن حاصل ڪئي هئي، 1953ع ۾ هن ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جهڙي علمي اداري ۾ اچي ملازمت ڪئي، 1955ع ۾ محمد ابراهيم جويي کيس بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي مقرر ڪيو ان وقت سنڌي ادبي بورڊ سائين جي.ايم.سيد، سيد ميران محمد شاهه، ڊاڪٽر شمس العلماءِ عمر دائود پوٽي، پير علي محمد شاهه راشدي، پير صاحب حسام الدين شاهه راشدي، جهڙن عالمن جي سهڪار سان هلندڙ هو، 1957ع ۾ هن سي.ايس.ايس.پي جو امتحان ڏنو ۽ بورڊ کي خير آباد چئي انڪم ٽيڪس کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي، پر ان نوڪريءَ دوران به هن سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ساٿ ڪڏهن به نه ڇڏيو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي هن هڪ شاندار ڪتاب 'سنڌي ٻولي' لکي 1964ع ۾ شايع ڪرايائين، هن جو موقف هو ته سنڌي ٻولي ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي ڄائي ڪانهي، بلڪ سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي پراڻي ٻولي آهي، جنهن جي هڪ جداگانه حيثيت آهي، اهو وقت ڏاڍو ڏکيو هو، ڇاڪاڻ ته ڪن ماهرن جو چوڻ هو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڄائي آهي ته ٻيا واري ان کي ڇڪي وڃي عربن سان ملائيندا هئا. هڪ ئي وقت اُن ڪتاب جي حمايت ۽ مخالفت شروع ٿي ويئي، خصوصي طور تي پارت ۾ رهندڙ هڪ سنڌي اديب ۽ لسانيات جي ماهر گنگارام سمرات اُن ڪتاب تي ڏاڍي ڇٽي ۽ بيرحماڻي تنقيد ڪئي، اهو مضمون حيدرآباد جي مشهور 'سهڻي' مئگزين ۾ محترم طارق اشرف شايع ڪيو هو نتيجي ۾ سراج الحق ميمڻ، مشهور قومي رسالي 'روح رهاڻ' ۾ ان جو مدلل جواب ڏنو. ٻئي طرف سنڌ جي ترقي پسند فڪر سان تعلق رکندڙ اديب سراج صاحب جي حمايت ۾ ميدان ۾ لهي آيا، گنگارام سمرات ڇاڪاڻ اصل سن جو رهواسي هو ان ڪري سائين جي.ايم.سيد پنهنجي ڳوناڻيءَ کي هڪ خط لکي ميار ڏني، ته سراج سنڌي ٻوليءَ جو نوجوان محقق آهي، اوهان کي اُن تي اِن قسم جي تنقيد کان پاسو ڪرڻ کپندو هو. گنگارام سمرات جواب ۾ جيڪو خط لکيو آهي، اهو سيد صاحب جي خطن واري ڪتاب 'اڄ پڻ

چڪيم چاڪ' ۾ شامل آهي، ان مان اوهين اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ سائين جي.ايم. سيد جهڙا ماڻهو سراج سان ڪيڏي نہ محبت ڪندا هئا.

ساڳئي وقت هن 1969ع ڌاري هڪ ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' لکيو اهو ناول سنڌ جي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيو ويو هو ان وقت سنڌ ون يونٽ جي زنجير ۾ جڪڙيل هئي، ان ناول کي جيتوڻيڪ ڪن ليکڪن نعريبازي قرار ڏنو پر سنڌ جي نوجوان نسل ۾ اهو ناول ڏاڍو مشهور ٿيو.

1972ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سراج صاحب کي سيد قمر الزمان شاھ جي صلاح سان روزاني هلال پاڪستان ڪراچيءَ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو پهرين مئي 1972ع کان ڪراچيءَ مان نئين رنگ ۽ ڍنگ سان هڪ جديد سنڌي اخبار هلال پاڪستان جو بنياد سراج صاحب جي هٿن سان پيو يقيناً ان ڳالھ کان ڪوئي شخص انڪار نہ ڪري سگهندو تہ سراج صاحب، جي ايڊيٽر شپ ۾ نڪتل روزاني هلال پاڪستان ڪراچي، سنڌي صحافت ۾ هڪ نئون انداز هڪ نئون موڙ هئي، ان اخبار سنڌي ٻوليءَ جا اصلوڪا لفظ ڪتب آندا. گرامر جو خصوصي طور خيال رکيو ويندو هو تنهن کان سواءِ اعليٰ قسم جي پروف ريڊنگ جو رواج بہ سراج صاحب هلال پاڪستان ۾ وڌو. ساڳئي وقت ان وقت جي مشهور اديبن جهڙوڪ امر جليل ۽ قمر شهباز کان ڪالم لکرائي، کين معاوضو ڏيڻ جو رواج بہ سراج صاحب وڌو نہ رڳو اهو بلڪ ان وقت کان وٺي اخبار جي وڪري ٿيڻ تائين هلال پاڪستان واحد اخبار هئي، جنهن ۾ ورڪرس کي ويج بورڊ پگهارون ملنديون هيون.

1977ع جي مارشل لا کان پوءِ علي احمد بروهيءَ، هلال پاڪستان ۽ ان جي پيپلز فائونڊيشن کي مارشل لا وارن جي حڪومت جي حوالي ڪرائي ڇڏيو ۽ پاڻ شيخ سلطان ٽرسٽ (پيپلز فائونڊيشن) جو ايڊيشنل ايڊمنسٽريٽر ٿي سراج صاحب کي مجبور ڪيو تہ هو مارشل لا جي فرمانبرداري ڪري. پر سراج صاحب استعيفا ڏئي ۽ اخبار کي الوداع ڪري ويو شايد گهٽ ماڻهن کي ان ڳالھ جي خبر هوندي تہ هلال پاڪستان کي ان وقت جيڪا جديد آفيسٽ پرنٽنگ مشين هئي، اها جنگ اخبار وٽ بہ بعد ۾ آئي، اهو سمورو ڪم سراج صاحب جي صلاح سان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سرانجام ڏنو هو ساڳئي وقت شهيد ڀٽي، پيپلز فائونڊيشن کي سول لائينس ۾ پي آءِ ڊي

سي بلڊنگ ڪراچيءَ وٽ ۽ شاهي پلاٽ ۽ ڏنا. جن ۾ اها جديد پريس لڳل هئي، ٻن بلڊنگن جي ان وقت ۽ مسواڙ اداري کي لکين رپيا ملندي هئي، پر بروهي صاحب 1992ع جي آخر ڌاري اها جديد مشين وڪٽي، اخبار ورڪرس کي وڪٽي ڇڏي. ان سموري ڳالهه تي سراج صاحب ڏاڍو ڏک ظاهر ڪندو هو.

سراج صاحب بنيادي طور تي هڪ اصول پرست اديب هو شيخ اياز سان سندس دلي قرب هوندو هو منهنجي ذاتي ڏيٺ ويٺ سراج صاحب سان نومبر 1970ع ۾ ٿي. شيخ اياز فاران هوٽل ۾ رهيل هجي، اتي اوچتو سراج صاحب اچي نڪتو. سندس بهترين پوشاڪ يعني ٿري پيس فل سوٽ ۾ هو وڏي رعب ۽ تاب وارو شخص ٿي اچي اسان جي سامهون ويٺو. وات ۾ خوشبودار تماڪ سان پريل پائيپ. اياز منهنجي واقفيت ساڻس ڪرائي. يڪدم چوڻ لڳو "نوجوان، اڳتي قدم بند ڪري ڇڏيئي ڇا؟" ته سمجهي ويس ته هن منهنجو رسالو اڳتي قدم جو پهريون پرچو پڙهيو آهي، وڏيڪ مون سان ڪو نه ڳالهايائين. اياز سان ڪچهري ڪري رهيو هو.

بعد ۾ ساڻس جڏهن به ملاقات ٿيندي هئي، ته عزت ۽ محبت سان ملندو هو 1990ع ۾ آءُ جڏهن روزاني هلال پاڪستان جو چيف ايڊيٽر ٿيس ته پاڻ مون کي فون ڪري مبارڪ ڏيندي چوڻ لڳو ته 'خبرداريءَ سان اخبار کي هلائجان.'

پوءِ هو مون کي لائونج ۾ نهيل هاليڊي ان اسلام آباد هوٽل جي جيسمين ڪافي شاپ ۾ وٺي ويو. اتي ڪافيءَ جو آرڊر ڏيئي پاڻ پائيپ ڇڪڻ لڳو مون کي ان وقت هو ڏاڍو اداس لڳو ٻاهر شيشي جي دريءَ مان شام جي مهل ان مهل وسندڙ برسات کي ڏاڍي غور سان ڏسي رهيو هو جڏهن ڪافي پي اسان اٿياسين ته هن بل جي پيمينٽ ڪري ڇڏي، اها ئي ڳالهه هئي ته اسان هوٽل ۾ حڪومت جا گيسٽ هئاسين، پر سندس خوددار طبيعت جي ڪري هن بل تي صحيح ڪرڻ بدران پنهنجي کيسي مان بل ڀري ڇڏيو ۽ مون کي خدا حافظ چئي واپس پنهنجي روم ۾ هليو ويو.

ساڻس آخري ملاقات پاڪستان آرٽس ڪائونسل ۾ گذريل سال ٿي هئي، ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان سڏايل 'شاهه لطيف ڪانفرنس' جي هڪ سيشن ۾ پاڻ آيو هو ملاقات ٿي. تہ مان پاڻ ساڻس جهڪي وڃي مليس، چوڻ لڳو "مددا تو ربانيءَ تي ڏاڍو سٺو مضمون لکيو آهي، در اصل لکڻ تہ مون کي ڪپندو هو پر تو سٺو نڀايو آهي. تو منهنجي ادبي بورڊ مان ڇڏڻ واري تاريخ ۽ سال لکي ڇڏيو مون کي ڏاڍي حيرت ٿي تہ تو اهو مواد ڪٿان هٿ ڪيو؟"

مون سندس ٿورو مڃيندي محسوس ڪيو تہ سراج صاحب سنڌي ادب کي باقاعدگيءَ سان پڙهي رهيو آهي. هن ڌرتي، هن ٻولي ۽ هن مظلوم قوم سان ڪيل پنهنجو وچن آخري دم تائين قائم رکيو. وفات کان اڳ ۾ سندس ٻہ لکيل انگريزي ڪتاب:

1) History of Sindhi Language
2) Biography of an Unknown Sindhi

سندس انهيءَ وچن ۽ ڪمٽمينٽ جو اظهار آهن. سنڌي ادب ۽ سنڌ جي آسمان تي، هو ٻين ڪيترن ستارن وانگر چمڪندو رهندو سندس ٻيا تارا 'مرڻ مون سين آءُ'، 'منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا'، 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، سندس لکيل ڪهاڻيون، مضمون، ۽ 'سنڌي ٻولي' ڪتاب سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهن. اڄ شيخ اياز جي هنن لفظن ۾ اسين کيس ياد ڪري رهيا آهيون.

سدا ايريا سنڌ ۾، آنڌيءَ جيئن انسان،
وڙهندي مڙس مهان، مٿيءَ منجهہ سمائيا!
(اياز)

# سراج جو جديد سنڌي صحافت ۾ ڪردار

جي.اين مغل

سائين سراج الحق ميمڻ اديب هو بيورو ڪريٽ هو زبان جو ماهر هو ۽ صحافي بہ هو. اجوڪي مضمون ۾ اسين گهڻو ڪري سنڌي صحافت ۾ سندس ڪردار جو ذڪر ڪنداسين. سراج صاحب صحافت پيپلز پارٽيءَ طرفان ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ ترجمان اخبار ”هلال پاڪستان“ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ شروع ڪئي. هلال پاڪستان جي ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ کان اڳ سراج صاحب جو شايد باقاعدي صحافت جي پيشي سان ڪو تعلق نہ رهيو هو پر جنهن ڏينهن کان هن هلال پاڪستان جي ايڊيٽري سنڀالي، ڪڏهن بہ ڪنهن کي بہ اهو احساس نہ ٿيو تہ هلال پاڪستان جي چارج ڪنهن اڌو گابري صحافيءَ وٽ آهي. ان جي برعڪس جنهن بہ هلال پاڪستان پڙهي تہ محسوس ڪيائين تہ سندس هٿن ۾ سنڌي زبان جي هڪ اهڙي اخبار آهي، جنهن ۾ صحافت جي مڙني معيارن جو خيال رکيو ويو آهي.

سراج صاحب جيترو وقت بہ هلال پاڪستان جو ايڊيٽر رهيو هلال پاڪستان نہ فقط پاڪستان جي بهترين اخبارن ۾ شمار ٿيندي رهي، پر سندس ايڊيٽر شپ ۾ هلال پاڪستان سنڌ جي زبردست خدمت ڪئي. سنڌ جو اهڙو ڪهڙو اشو هوندو جنهن تي هلال پاڪستان مڪمل جامع حقيقت ۽ بيباڪ موقف نہ پيش ڪيو هجي. حالانڪ هلال پاڪستان حڪمران پارٽيءَ جي ترجمان اخبار هئي، پر ان سموري عرصي ۾ نہ هلال پاڪستان سنڌ جي مفادن کي نظرانداز ڪيو ۽ نہ حڪمران پارٽيءَ ڪڏهن ان قسم جي ادارين، خبرن، اسٽوريز ۽ ٻئي مواد تي اعتراض ڪيو. جن بہ سراج

صاحب سان هلال پاڪستان ۾ ڪم ڪيو آهي، اهي ان ڳالھ جي شاهدي ڏيندا تہ هو هڪ انتهائي سنجيده شخصيت هو. نہ هن جي لکڻين مان ۽ نہ هن جي روبي مان ڪڏهن غير سنجيدگي لڳندي هئي. هلال پاڪستان جو ايڊيٽوريل سراج صاحب پاڻ لکندو هو. اهي ايڊيٽوريل، جتي سنڌ جي اشوز تي هوندا هئا تہ اتي بين قومي اشوز، بين الاقوامي اشوز ۽ اقتصادي اشوز تي هوندا هئا. اها ڳالھ بہ پوري ذميداريءَ مان چئي سگهجي ٿي تہ سراج صاحب جو لکيل ڪو بہ ايڊيٽوريل هلڪو نہ هوندو هو. ان ۾ مضبوط انداز ۾ موقف بہ رکيل هوندو هو تہ ان ۾ واسطيدار انگ اکر بہ هوندا هئا. شايد تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هجي تہ سراج صاحب اقتصاديات جو بہ ماهر هو. اقتصاديات هن جو پسنديده مضمون هو. سراج جي ادارت ۾ نڪرندڙ اخبار هلال پاڪستان، هر لحاظ کان مڪمل اخبار هئي. اخبار ۾ خبرون، ايڊيٽوريل قطعا، مزاحيہ ڪالم، سياسي ۽ اقتصادي موضوعن وارن ڪالمن کان سواءِ هفتي دوران ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ڪو نہ ڪو خاص صفحو بہ شايع ٿيندو هو. انهن ۾ خاص عورتن جو صفحو ’سگهڙين سٿ‘ تمام مشهور هوندو هو جيڪو سندس همشيره ادي فهميده حسين جي ادارت ۾ نڪرندو هو. ان کان سواءِ پورهيتن، هارين ۽ شاگردن جا صفحا بہ هر هفتي شايع ٿيندا هئا. ان ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ هر صفحو پنهنجن پڙهندڙن ۾ ڏاڍو مقبول هوندو هو.

اها ڳالھ بہ ڪنهن کان لڪل نہ آهي تہ سراج صاحب زبان جو بہ ماهر هو. سراج صاحب جي ان صلاحيت جو هلال پاڪستان ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ زبان تي تمام زبردست اثر پيو. سراج صاحب جون هدايتون هونديون تہ هرويرو انگريزي ۽ اردو لفظ استعمال نہ ڪيا وڃن، جن جا نعم البدل سنڌي لفظ موجود آهن. اهڙي طرح، هلال پاڪستان ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي، بين سنڌي اخبارن ۾ بہ استعمال ٿيڻ لڳي. ان جو هڪ سنؤ اثر پي ٽي وي تان نشر ٿيندڙ سنڌي خبرن جي معيار تي بہ پيو. ڪجھ هيئن ٿيو تہ جيڪا ٽيم ڪراچي ٽيليويزن سينٽر تي سنڌي خبرون لکڻ جي انچارج هئي، اها هلال پاڪستان جي تيار ڪيل ٽيم هئي، جنهن ۾ خاص طور محترم انور

پيرزادي، محمد خان سيال ۽ ٻين اهڙن دوستن جا نالا وٺي سگهجن ٿا. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته جڏهن سراج صاحب هلال پاڪستان ڪان ڌار ٿيو ته نه فقط ٻين سنڌي اخبارن، پر خود هلال پاڪستان مان به سراج صاحب واري سنڌي گهٽي حد تائين ناپيد ٿي وئي. اهو سراج صاحب جو ڪريڊٽ آهي ته هن ڪجهه ممتاز بين الاقوامي سياسي ٽرمنالاجي ۽ معاشي ٽرمس جا اهڙا نعم البدل نيٺ سنڌي لفظ ايجاد ڪيا، جن کي نه فقط سنڌي اخبارن ۽ سنڌي اخبارن جي قارئين، پر سنڌي زبان جي ماهرن به قبول ڪيو. ان سلسلي ۾ مون کي هن وقت هڪ، به مثال ياد اچن ٿا. مثال طور، ان وقت فرانس جو صدر ڊيگال هو. ڊيگال ڪئين اهم بين الاقوامي اصطلاح سامهون آندا. ان وقت بين الاقوامي تڪراءَ کي ختم ڪرڻ يا گهٽائڻ لاءِ هن جيڪو لفظ ڪم آندو ان کي 'مئسلا ديتان' چيو ويندو هو. اهو فرينچ لفظ هو پر انگريزي زبان کي اهو فرينج لفظ پنهنجو ڪرڻو پيو. اهڙي طرح اردو پريس به لفظ 'ديتان' استعمال ڪندي هئي، پر سراج صاحب فرينچ لفظ 'اديتان' لاءِ نج سنڌي لفظ 'سرچاءُ' استعمال ڪيو ۽ ڪيتري عرصي تائين نه فقط هلال پاڪستان مگر اڪثر سنڌي اخبارون 'ديتان' لاءِ سرچاءُ استعمال ڪنديون هيون. اهڙي طرح اقتصاديات جو هڪ ٽرم آهي، جنهن لاءِ پڻ سراج صاحب ٽرم 'ناڻي جي واڌ' استعمال ڪيو ۽ ڪيتري وقت تائين اهو ٽرم سنڌي اخبارن ۾ استعمال ٿيندو رهيو.

سراج صاحب، زبان جي ماهر هئڻ جي حيثيت ۾ ان راءِ جو هو ته سنڌي زبان موجوده رسم الفظ بدران رومن رسم الفظ ۾ لکي وڃي. ان سلسلي ۾ هن هلال پاڪستان ۾ ان حوالي سان ڪئين جامع ڪالم لکيا. پر آخرڪار سراج صاحب ان بابت وڌيڪ لکڻ ڇڏي ڏنو. شايد ان جو هڪ سبب اهو هو ته سندس ڪيترن همعصر سنڌي دانشورن ۽ زبان جي ماهرن به سراج صاحب سان اتفاق نه ڪيو. هنن جو موقف هو ته موجوده رسم الحظ ۾ ايترو سندن لٽريچر جو خزانو ڦهليل آهي، جيڪو سڄي جو سڄو رومن اسم الحظ ۾ منتقل نه ٿي سگهندو ۽ اهڙي طرح سنڌي زبان کي نقصان پهچي سگهي ٿو. منهنجو خيال آهي ته رومن رسم الخط ۾ سنڌي لکڻ واري

سراج صاحب جو خاص طور اهو موقف هو تہ جيڪڏهن سڀ سنڌي پوءِ پلي دنيا جي ڪنهن بہ علائقي ۾ هجي رومن رسم الحفظ استعمال ڪرڻ سان سنڌي زبان بہ ختم نہ ٿيندي ۽ پاڪستان، هندستان توڙي دنيا جي هر حصي ۾ رهندڙ سنڌي قوم متحده ٿي سگهي ٿي.

سراج صاحب جي حوالي ڪان منهنجون ڪجھ ذاتي ساروڻيون ڪنهن حد تائين دلچسپ آهن، جن مان هن جي وڏائي بکي ٿي. هلال پاڪستان ۾ رپورٽرن ۽ ايڊيٽرن جي ڀرتيءَ لاءِ هلال ۾ اشتهار شايع ٿيا. مون بہ رپورٽر بڻجڻ لاءِ درخواست ڏني، سراج صاحب مڙني درخواست ڏيندڙن ڪان لکت ۾ ٽيسٽ ورتي، جيڪا سي ايس پي واري معيار واري هئي. جيڪي ان ۾ پاس ٿيا انهن ڪان زباني امتحان ورتو ويو. زباني امتحان ڏيڻ لاءِ جڏهن آءٌ سراج صاحب جي ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ سراج صاحب مون کي سامهون صوفا سيٽ تي ويهڻ جي لاءِ چيو. مون ڏٺو تہ سندس هٿ ۾ مون وارو ٽيسٽ جو لکيل پيپر هو. سراج صاحب چيو تہ تو سٺو لکيو آهي پر مون کي يقين آهي تہ تون گهڻو وقت صحافت ۾ نہ رهندين. تو جهڙا ماڻهو جلد سٺي جاب ملڻ تي صحافت ڇڏي ويندا. جڏهن تہ صحافت کي تو جهڙن سنڌي صحافين جي ضرورت آهي. مون چيو تہ "نہ سائين! آءٌ صحافت نہ ڇڏيندس." چيائين "وعدو ڪر تہ صحافت نہ ڇڏيندين." مون چيو "وعدو". مون هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر طور ڊيسڪ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هلال پاڪستان ۾ انٽرويو ڏيڻ ڪان 4 مهينا اڳ مون زرعي ترقياتي بئنڪ جي آفيسر جي لاءِ انٽرويو ڏنو هو. مون کي اها ڳالھ وسري وئي. هڪ ڏينهن مون کي ليٽر مليو جنهن ۾ چيو ويو هو تہ توکي زرعي ترقياتي بئنڪ ۾ آفيسر طور مقرر ڪيو ويو آهي، تون ٻن هفتن اندر فيصل آباد واري تربيتي اداري ۾ رپورٽ ڪر جتي توکي ڪجھ مهينن لاءِ ٽريننگ ڏني ويندي، آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس. مون کي اها ڳالھ وسري وئي تہ هلال پاڪستان ۾ مقرريءَ وقت مون سراج صاحب سان ڪهڙو وعدو ڪيو هو. آءٌ سراج صاحب جي

ڪمري ۾ ويس ۽ مقرريءَ وارو ليٽر سندس ٽيبل تي رکندي چيم تہ منهنجي زرعي ترقياتي بئنڪ ۾ بطور آفيسر مقرري ٿي وئي آهي. هاڻ مون کي اجازت ڏيو تہ توهان کان موڪلايان. سراج صاحب مون ڏانهن گهوريندي چيو تہ تون وڃڻ چاهين ٿو تہ ڀلي وڃ، پر پنهنجو وعدو ياد اٿئي. مون کي سچ پچ پهرين ڪا بہ ڳالهہ ياد نہ آئي، پر پوءِ فوري طور سڄي ڳالهہ ياد اچي وئي. آءُ شرمسار ٿيندي اٿيس ۽ سندس ٽيبل تي رکيل مون وارو مقرري وارو ليٽر لفافي سوڌو کڻي سندس اڳيان ڦاڙي سندس پير ۾ پيل ڪچري واري دٻي ۾ وجهندي چيم تہ سائين وعدو بلڪل ياد آهي. صحافت نہ ڇڏيندس. آءُ اڄ ڏينهن تائين جهڙو تهڙو صحافت سان جيڪو نڀائيندو اچان، ان جو ڪريڊٽ سراج صاحب کي ڏيان ٿو.

هڪڙي مرحلي تي اسان هلال پاڪستان جي ڪارڪنن يونين ناهي. ساڳئي وقت آءُ ڪراچي يونين آف جرنلسٽ جو جنرل سيڪريٽري بہ هيس. هلال واري يونين جو جيتوڻيڪ آءُ سينيئر وائيس پريزيڊنٽ هوس، پر يونين جي پويان جيڪي وڏيڪ متحرڪ هئا شايد انهن ۾ آءُ پيش پيش هوس. اسان 100 مطالبن تي مشتمل چارٽر آف ڊمانڊس ناهيو جنهن تي انتظاميا سان مذاڪرات ٿيا. انتظاميا جي نمائندگي سراج صاحب ڪري رهيو. ٻئي طرف يونين جي مذاڪراتي ٽيم ۾ منهنجو اهم ڪردار هو. ان دور ۾ شايد سراج صاحب ۽ مون ۾ ڪي ناراضگيون بہ پيدا ٿيون، پر بعد ۾ جڏهن جنرل ضياءَ مارشل لا لڳائي، ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ختم ڪئي تہ هلال پاڪستان کي بہ ڪراچيءَ جي آرمي ڪور ٽيڪ اوور ڪيو. ان دوران هڪ مرحلي تي اسان پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي پليٽ فارمن تان سڄي ملڪ ۾ مارشل لا خلاف تحريڪ هلائي ۽ ڪراچيءَ ۾ صحافين طرفان گرفتاريون شروع ٿي ويون. پريس ڪلب ۾ جيڪي بک هڙتال تي ويٺا انهن ۾ آءُ بہ شامل هوس. رات جو اسين گرفتار ٿي وياسين. پر ڪجهہ ڏينهن دوران اسان کي آزاد ڪيو ويو ۽ مساوات ۽ هلال پاڪستان

جي اشاعت بحال ٿي وئي. جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ مون کي ساٿين ٻڌايو ته توهان جي جيل ۾ هئڻ دوران ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ احتجاجي ميڙاڪي ۾ روزانو سراج صاحب خود شرڪت ڪندو هو ۽ چوندو هو ته مغل ۽ ٻيا ساٿي هليا ويا آهن ته هنن جي آخري حد تائين اخلاقي حمايت ڪرڻ لازمي آهي. سراج صاحب اصول پرست هو. هن سڄي زندگي پنهنجي اصولن تي مفاهمت نه ڪئي. سراج صاحب صحافت ۾ منهنجو استاد آهي ۽ جيسين جان ۾ جان آهي سندس احترام ۾ ڪڏهن به ڪمي نه ايندي ڪاش سنڌ ۾ سؤ به سؤ سراج پيدا ٿي پون ته سنڌ ڪيترن ڏکن کان آجي ٿي پوي ۽ عروج واري زندگي گذارڻ لڳي.

# سراج جديد سنڌي صحافت جو باني ڪار

نصير اعجاز

منهنجي اهڙي حيثيت ڪانهي جو 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءُ' ۽ 'تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول' جهڙن ناولن جي خالق ۽ 'سنڌي ٻولي' ۽ 'اقتصاديات' جي تحقيق ڪندڙ ۽ اهڙن ڪتابن جي ليکڪ سائين سراج صاحب تي ڪجهه لکي سگهان. مون ڪيس هڪ ايڊيٽر، قانوندان، بهترين منتظم ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ سنڌي اخبار کي مڪمل اداري جي شڪل ڏيڻ واري جي حيثيت ۾ ڏٺو ۽ ڏري گهٽ پوڻا ٻه سال سندس ماتحتيءَ ۾ ڪم ڪيو. ان ٿوري عرصي ۾ ماڻيل مشاهدو سراج صاحب لاءِ پيٽا طور پيش آهي.

ادب ۽ صحافت جي دنيا ۾ مون اجا پير ئي ڪونه پاتو هو ته سائين سراج الحق ميمڻ جو نالو سنڌي ادب ۽ صحافت جي افق تي روشن مناري جيان اُڀريل هو. سندن وڏو نالو هو ۽ سنڌ جي انهن شخصيتن ۾ ڳڻبو ويندو هو جن سنڌ جي نوجوانن کي نه رڳو اُتساهه ڏنو پر اسان جهڙن ٻانبڙا پائيندڙن کي انهيءَ ڏڳ تي هلڻ سيکاريو.

اهو 1972ع جو زمانو هو، جڏهن مان اجا انٽر ڪامرس جو شاگرد هئس. اخبارون ۽ رسالا خريد ڪرڻ منهنجي وس ۾ ڪونه هئا. پر تڏهن به لطيف آباد کان گهران سچل ڪاليج ايندي ويندي اسٽالن تي يا ميونسپلٽيءَ جي لائبريرين ۾ نه رڳو اخبارون ۽ رسالا پڙهي ونندو هوس، پر ڪڏهن ڪيسي خرچي بچائي اخبار يا رسالو خريد ڪري ونندو هوس. منهنجي ذهن تي هڪ اخبار ۽ ٽن رسالن ايترو ته اثر وڌو هو جو مون ڪامرس پڙهڻ باوجود صحافت کي پنهنجو مستقبل بڻائڻ جو فيصلو

ڪري ورتو هو. اها اخبار هئي 'هلال پاڪستان' ۽ رسالا هئا 'سهڻي'، 'برسات' ۽ 'سوجهرو'. انهن ٽنهي جي اشاعت سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو هو.

مرحوم طارق اشرف جو رسالو 'سهڻي'، سنڌ جي ناليوارن اديبن ۽ شاعرن کي گڏ ڪٽي انقلابي ادب جي سرواڻ طور اڀَرندي وڏي رهيو هو جنهن ۾ امر جليل جو 'سرد لاش جو سفر' جهڙيون ڪهاڻيون، رجعت پسند سماج توڙي حڪمران طبقي کي ڏوڏي ڇڏينديون هيون ته ٻئي پاسي يوسف شاهين 'برسات' رسالي جي ابتدا ڪري اردو جي 'اخبار جهان' رسالي کي مات ڏئي ڇڏي هئي. تاج بلوچ ۽ ٻين اديبن جي سٿ وري 'سوجهرو' جهڙو خوبصورت رسالو شروع ڪيو هو. برسات ۽ 'سوجهرو' ڪراچيءَ مان ۽ 'سهڻي' حيدرآباد مان شايع ٿيندا هئا.

هلال پاڪستان اخبار هئي ته پاڪستان کان اڳ جي ۽ تحريڪ پاڪستان جي حوالي سان سندس ڪردار رهيو هو پر آزاديءَ کان پوءِ بس اها اخبار ائين ئي روايتي نموني ڇپجندي رهي هئي. ڪو وقت اها اخبار حيدرآباد جي منشي خاندان جي ملڪيت رهي. هن اخبار جي قسمت تڏهن بدلي، جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وجهڻ کان پوءِ هلال پاڪستان کي خريد ڪيو. شروع ۾ اها حيدرآباد ۾ ئي پراڻي نموني شايع ٿيندي رهي، پر شهيد ڀٽي اُن کي جديد زماني جي جديد اخبار ناهڻ ٿي گهريو تنهن ڪري ان کي حيدرآباد کان ڪراچي آندو ويو.

مئي 1972ع ۾ هلال پاڪستان سنڌين جي جديد ۽ نمائنده اخبار طور ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ شروع ٿي. هاڻي هن اخبار جو ايڊيٽر سراج الحق ميمڻ هو جنهن پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان اخبار کي اوج تي پهچايو. جديد ڇپائيءَ لاءِ وڏي قيمتي پرنٽنگ پريس لڳائي وئي. ٻارن، عورتن ۽ نوجوانن لاءِ هفتيوار رنگين صفحا ۽ رسالا شروع ڪيا ويا. سراج صاحب حيدرآباد مان تجربيڪار صحافين جي ٽيم کي آڻي ٿوري وقت ۾ ئي هلال پاڪستان کي ايترو ته مقبول ڪري ڇڏيو هو جو هر ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اها اخبار نظر ايندي هئي. پيپلز پارٽيءَ جي ترجمان اخبار سڏجڻ جي باوجود،

هلال پاڪستان ۾ سرڪاري ڇاپ نظر ڪانه ايندي هئي، ڇو ته سراج صاحب جي ايڊيٽوريلن، امر جليل جي ڪالمن، قمر شهباز ۽ آغا سليم ۽ اهڙن ٻين ناليوارن اديبن جي لکڻين، نوجوانن، عورتن ۽ ٻارن سان گڏ سنڌ جي فنڪارن کي ملندڙ نمائندگيءَ هن اخبار کي منفرد رنگ ڏئي ڇڏيو هو. اخبار جي مقبوليت جو اندازو هن ڳالهه مان ڪري سگهجي ٿو ته مرحوم سائين حفيظ قريشي (سينيئر) ڪڏهن ڪڏهن جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي ڪاوڙ وچان چوندو هو: ”توهان ته ’هلال پاڪستان‘ کي ايترو ٿا پڙهو جو صفا چوپاڙي ٿا وڃو!“

مون کي خبر ڪانه هئي ته مان اڳتي هلي انهيءَ اخبار جو هڪ ادنيٰ ڪارڪن بڻجي ويندس. مون ڪامرس پڙهندي مرحوم طارق اشرف جي رسالي ۾ انگريزي ادب مان ڪهاڻيون ترجمو ڪري ڏيڻ شروع ڪيون هيون. 1975ع تائين اهو سلسلو هلندو رهيو. جڏهن نومبر ڏاري بي.ڪام جو امتحان ڏئي فارغ ٿيس ته نوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪيم. هڪ ڏينهن هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر جي نوڪريءَ جو اشتهار ڏٺم ته درخواست موڪلي ڇڏيم. پر ساڳئي وقت الائيڊ بينڪ ۾ سيڪنڊ آفيسر جي پوسٽ لاءِ به درخواست ڏنم. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هلال پاڪستان مان انٽرويو ليٽر اچي پهتو. ڊسمبر 1975ع جي ڪنهن تاريخ تي انٽرويو رکيل هو. ڪراچي منهنجي لاءِ نئون شهر هو پر پڇائون ڪندو وڃي پهتس. بندر روڊ تي سٽي ڪورٽ جي سامهون ڪورٽ وِيو بلڊنگ (اڳوڻي بينڪ آف انڊيا بلڊنگ) جي ٻه ماڙ تي هلال پاڪستان جي آفيس هئي، جتي ڪنهن زماني ۾ شهيد ڀٽي جي وڪالت واري آفيس هئي.

ڪراچيءَ ۾ نئون، صحافت جو تجربو به ڪونه ۽ مٿان وري بي.ڪام جي رزلٽ به اڃا ڪانه نڪتي هئي. سو ڪنهن حد تائين هيسيل هيس. اهو ذهن ۾ هو ته سراج الحق ميمڻ جهڙو وڏو اديب انٽرويو وٺندو. مون سميت ڏهه اميدوار هئا، جن مان ڪي ايم.اي پاس ته ڪي ايل.ايل.بي هئا. اهي جڏهن سراج صاحب وٽان دابا ڪائي ٻاهر ٿي نڪتا ته مون پاڻ کي انٽرويو کان اڳ ئي رد سمجهي ورتو هو. اسان کي انٽرويو لاءِ گهرائڻ کان اڳ انگريزي

رسالن- ٽائيم ۾ نيوز ويڪ مان ترجمو ڪرايو ويو هو ۽ اهو ترجمو سراج صاحب جي آڏو رکيل هو. مان جڏهن سنڌس آفيس ۾ گهڙيس تہ هن هڪ نظر مون تي وجهي مون کي ويهڻ لاءِ چيو ۽ منهنجي ڪيل ترجمي کي ڏسندي چيو: "توهان پهرين جنوري 1976ع تي اچي نوڪريءَ تي چڙهو. ٽپال ذريعي نوڪريءَ جو آرڊر توهان کي موڪلبو. پر ٽپال نہ پهچي، تہ بہ هليا اچجو." ڏهن اميدوارن مان هن مون کي چونڊيو جنهن تي ٻيا اميدوار توڙي مان پاڻ حيران هوس.

سراج صاحب سان اها منهنجي پهرين ملاقات هئي. انڪم ٽيڪس کاتي ۾ اعليٰ عهدي تي رهڻ سبب سنڌس انداز ڪاموڙڪو ضرور هو پر نهايت سنجيده ۽ متاثر ڪندڙ شخصيت جو مالڪ هو. مون کي شايد 'سهڻي' رسالي لاءِ ڪهاڻين جي ترجمي وارو تجربو ڪم اچي ويو ۽ ائين سراج صاحب 'ميرٽ' ۾ منهنجي ايمان کي تازو ڪري ڇڏيو.

سنڌس چوڻ موجب مون کي 'هلال پاڪستان' ۾ نوڪريءَ جو آرڊر حيدرآباد ۾ گهر جي ايڊريس تي پهچي ويو ۽ حيرت جي ڳالهہ تہ الائيڊ بينڪ جو آفر ليٽر بہ اچي پهتو. ٻئي ليٽر منهنجي هٿ ۾ هئا. هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر طور پگهار 755 رپيا ۽ بينڪ ۾ سورهين گريڊ جي سيڪنڊ آفيسر طور 625 رپيا آڇيا ويا هئا. فيصلو مون کي ڪرڻو هو. بينڪ جي پگهار گهٽ، پر مستقبل روشن هو. جڏهن تہ هلال پاڪستان جي پگهار وڌيڪ ۽ مستقبل جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. سواءِ انهيءَ جي تہ مان پنهنجي پسند جي شعبي ۾ وڃي رهيو هوس. مون هلال پاڪستان جي آڇ کي ئي قبول ڪيو ۽ پهرين جنوري 1976ع تي وڃي نوڪريءَ تي چڙهيس.

هن سڄي تمهيد جو اهو ٻڌائڻ جو مطلب آهي تہ ڪهڙيءَ طرح مان ان اداري ۾ پهتس، جيڪو جديد سنڌي صحافت جو علمبردار هو ۽ جيڪو سنڌي صحافت جو پهريون ۽ آخري ادارو هو جنهن کي ناهڻ جو سمورو ڪريڊٽ سراج صاحب کي وڃي ٿو. مان هلال پاڪستان کي هڪ ادارو انهيءَ ڪري سڏيو جو ان کان اڳ توڙي پوءِ قائم ٿيل سنڌي اخبارون وڏيري جي اوطاق کان سواءِ ٻي ڪابہ حيثيت نہ ٿيون رکن.

مون کي ڪنهن اخبار ۾ نوڪريءَ ڪرڻ جو تجربو اڳي ڪونہ هو. پر هلال پاڪستان ۾ رهڻ کان پوءِ خبر پئي تہ اهو واحد سنڌي ادارو هو. جنهن کي سراج صاحب باقاعدي. قاعدي ۽ قانون تحت هلائي رهيو هو. پارٽيءَ جي اخبار هئڻ سبب هو ڪنهن بہ سفارشي ماڻهوءَ کي ملازم رکي سگهيو ٿي. پر هن اشتهار ذريعي درخواستون گهرائي ٽيسٽ ۽ انٽرويو ذريعي سليڪشن ڪئي. ٻي ڳالهہ تہ هر ملازم جو سروس رڪارڊ رکيو ويو هو ۽ اپائنٽمينٽ آرڊر جاري ڪيو ٿي ويو. جيڪو ان کان اڳ يا پوءِ ڪنهن بہ سنڌي اخبار ۾ اڄ تائين نہ ٿيو. هر ملازم جو جنرل پراويڊنٽ فنڊ (جي پي فنڊ) ڪٽبو هو تہ جيئن رٽائرمينٽ تي يا نوڪري ڇڏڻ مهل ملازم کي اهي پئسا ملي سگهن. ان سان گڏ گريچوئٽي بہ ملندي هئي تہ گروپ انشورنس بہ متعارف ڪرايل هو. اتفاقي موڪلن کان سواءِ ڪمايل موڪل (Earned Leave) هڪ سال ۾ هڪ مهينو ملازم جو حق هو ۽ ان تي ڇڏيل هو تہ موڪل وٺي يا موڪل بدلي پئسا وٺي.

تن ڏينهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ملڪ جي اخباري ملازمن لاءِ پهريون ويج بورڊ ايوارڊ لاڳو ڪيو هو ۽ هلال پاڪستان واحد سنڌي اخبار هئي. جنهن ۾ سراج صاحب ان ايوارڊ تي باقاعدگيءَ سان عمل ڪيو هو. هتي هڪ ٻيرو وري چوٽو ٿو پوي تہ اڄ تائين ٻي ڪنهن بہ سنڌي اخبار ان ايوارڊ تي عمل نہ ڪيو آهي ۽ ڪي سنڌي اخبارون سال ۾ ڪروڙين رپيا ڪمائڻ جي باوجود قانون جي خلاف ورزي ڪندي. اخباري ڪارڪنن جا حق ماري رهيون آهن.

شهيد ڀٽي جي ڏنل ويج بورڊ ايوارڊ تحت اخبار جي سب ايڊيٽر جي پوسٽ سترهين گريڊ جي آفيسر جي برابر هئي ۽ انهيءَ ڪري مون کي يا ٻين سب ايڊيٽرن، رپورٽرن. سينيئر سب ايڊيٽرن. شفٽ انچارجن. نيوز ايڊيٽرن ۽ ڪمپازيٽرن کي گريڊن تحت پگهار ملي رهي هئي، جنهن ۾ ساليانو انڪريمينٽ لڳندي هئي.

هڪ بهترين منتظم جي حيثيت ۾ سراج صاحب ملازمن کي حق ڏيڻ، کين خوش رکڻ سان ڪم جا سٺا نتيجا حاصل ڪرڻ چاهيندو هو. اهو

ئي سبب هو جو هن هلال پاڪستان ۾ بونس ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو هو جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪنهن بہ سنڌي اخبار ۾ اڳي نہ ڪڏهن ٿيو ۽ نہ ئي وري ٿيڻ جي ڪا اميد آهي. ڪير يقين ڪندو تہ سراج صاحب جي زماني ۾ هلال پاڪستان جي هر ملازم کي چار بونس يعني چار مڪمل پگهارون بونس ڏنيون وينديون هيون. اڄ اهي سڀ ڳالهيون خواب لڳن ٿيون، ڇو تہ اڄ اها هلال پاڪستان اخبار ئي نہ رهي آهي.

قاعدي قانون تي عمل ۽ ملازمن جي حقن جو تحفظ هئڻ جي باوجود ڪن 'شرپسندن' اتي ورڪرس يونين جو بنياد رکيو پر ان وقت صحافي ليڊر منهاج برنا ۽ سندس ساٿين، پنهنجي ليڊري چمڪائڻ خاطر ڪجهہ ماڻهن کي (جن جا نالا ڏيڻ نہ ٿو چاهيان) هُشيون ڏئي اها يونين نهرائي هئي، جنهن ذريعي اخبار جي انتظاميہ تي اجايو دٻاءُ وڌو ويندو هو. يونين جا عهديدار ڪمپازيٽرن مان هوندا هئا ۽ سندن پٺيان منهاج برنا جا هڪ اڌ چاڙتا صحافي. سراج صاحب ان هوندي بہ ڪنهن يونين عهديدار جي خلاف ڪو قدم نہ کنيو. سندس اصولي ۽ قدآور شخصيت جو ئي نتيجو هو جو اڳتي هلي جنرل ضياءَ جي مارشل لا دوران بحرانن ۾ سمورا ملازم سراج صاحب سان سهڪاري هئا.

ٻاهران اخروٽ وانگر نظر ايندڙ سراج صاحب اندر ۾ نرم ۽ ٻين جو احساس رکندڙ ۽ همٿائيندڙ انسان هو. ڳنڀيرتا جي پيڪر هن شخص وٽ ڪمري ۾ وڃڻ کان هر ڪو لنوائيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن کي گهرائي تہ اهو ڏڪي ويندو هو تہ خدا خير ڪري. اسسٽنٽ ايڊيٽر محمود يوسفاڻي ۽ ڏينهن واري شفٽ جي انچارج هاشم ميمڻ ذريعي اسٽاف کي هدايتون ملنديون هيون. مون کي بہ سڄو سارو هڪ سال تي ويو هو جو سراج صاحب جي شڪل وري نہ ڏٺي. نيٺ ڊسمبر جي مهيني ۾ مون کي سڏ ٿيو. مان پريشان ٿي ويس. مون کي اڪثر پئي صاحب جون تقريرون يا چيني اڳواڻ مائوزيتنگ ۽ چُو. اين. لاءِ جي تقريرن کي ترجمو ڪرڻ جو ڪم ملندو هو. سو سوچيم تہ پڪ ڪا غلطي ٿي هوندي، سندس آفيس ۾ ويس تہ سراج صاحب مون کي ويهڻ جو اشارو ڪري چيو "مان تنهنجي ڪم مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. مان چاهيان ٿو تہ تون هارڊ رپورٽنگ ڪر. شروعات ۾ پي

پبي ليڊرن جا انٽرويو ڪري اڄ تہ ساليانا خاص اشاعت ۾ هلايون. خرچ جو فڪر نہ ڪجانءِ، جيڪو بہ پاڙو لڳي، توکي ڏنو ويندو.“

منهنجي پيٽ ۾ ساهہ پئجي ويو ۽ خوش ٿي ٻاهر نڪتس. سنڌس همٿائڻ تي مان اڳتي هلندو رهيس. 1977ع سياسي بحرانن جو سال هو. پهريان مهينا چونڊ مهم جون سرگرميون هيون ۽ چونڊن کان پوءِ مخالف پارٽين جي اتحاد تحريڪون شروع ڪري ڇڏيون. اهڙي غير يقينيءَ واري ماحول ۾ بہ هلال پاڪستان سراج صاحب جي سرواڻيءَ ۾ وڏي ذميواريءَ سان ڪردار نڀايو. هي اهو زمانو هو جو پيپلز پارٽيءَ جي سويلين حڪومت هوندي بہ فوج سرگرم هئي. اها خبر شايد ڪن ٿورن ئي ماڻهن کي هوندي تہ ان وقت بہ حڪومتي اخبار هوندي، هلال پاڪستان جي ڪن خبرن کي فوج وٽان ڪليئر ڪرائي، پوءِ شايع ڪرائڻو پوندو هو.

ممتاز علي ڀٽو تڏهن وفاقي وزير هو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو پروسي جوڳو ساٿي ۽ سؤٽ هئڻ ڪري، مخالفن کي منهن ڏيڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ جلسن جلوسن تي نڪتل هو. ان زماني ۾ جوشيلين تقريرن ۾ ممتاز ڀٽي ”دمادم مست قلندر“ جو نعرو هنيو هو. فوج کي سنڌس تقرير تي اعتراض هو ۽ هلال پاڪستان کي حڪم ڏنو ويو تہ سنڌس تقريرون ڪليئر ڪرائڻ کان پوءِ ڇاپيون وڃن. سراج صاحب ان جون ذميواريون مون تي رکيون هيون. سنڌس هدايتن تحت مان روزانو رات جو ممتاز علي ڀٽي جون تقريرون کڻي فوجي ڪور هيڊ ڪواٽر ويندو هئس ۽ فوجي آفيسرن کي سنڌيءَ مان ترجمو ڪري ٻڌائيندو هئس.

گهڻو وقت ڪونہ گذريو، جو فوج راتاهو هنيو ۽ آمر ضياءَ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. هلال پاڪستان لاءِ نهايت مختلف ۽ اهم دور شروع ٿي ويو. رات جي پيٽ ۾ حالتون بدلجڻ ڪري اها حڪومت بجاءِ حڪومت مخالف بلڪ مارشل لا مخالف اخبار ٿي اڀري. ان مهل بہ سراج صاحب هڪ مدبر اصول پرست اديب ۽ صحافيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو. هلال پاڪستان سڄي سنڌ جو آواز ٿي اڀري ۽ سنڌس اشاعت ايترو تہ وڌي وئي، جو آرڊر وٺڻ ۽ پورو ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو هو. اخبارون ڊوئيندڙ وڏي وٺ

هينئان مٿان بندلن سان سنڌجي اندروني سنڌ رواني ٿينديون هيون ۽ هر شهر ۾ ساجهر ئي اسٽالن تي ماڻهن جي قطار اخبار وٺڻ جي انتظار ۾ هوندي هئي. اسان پنهنجي قومي فرض ۾ سراج صاحب سان ساٿ نڀائڻ لاءِ رات جو پوئين پهر ڊيوٽي ڪندا هئاسين. اخبار وٺڻ تي رش جي ڪري اڪثر لنبازيءَ جا اطلاع ملندا هئا. سراج صاحب جي سرواٽيءَ ۾ هلال پاڪستان سڄي سنڌ ۾ مارشل لا خلاف باهه ڀڙڪائي ڇڏي هئي، تنهن ڪري اها آمرن جي اک ۾ ڪنڊي جيان چڀڻ لڳي. ڪجهه مهينن اندر ئي فوجي حڪومت اخبار کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ وٺي ڇڏيو. هڪ رات جڏهن اخبار جي ڪاپي کڻي شيخ زيد بن سلطان ٽرسٽ بلڊنگ ۾ واقع پريس تي پهتاسين ته وردي پوش هٿياربند پريس تي قبضو ڪري چڪا هئا. سراج صاحب هڪ ڀيرو وري اصولي فيصلو ڪيو. مارشل لا جي ماتحت اخبار جي ايڊيٽري قبول نه ڪئي ۽ استعيفا ڏئي ڇڏي. شهيد ڀٽي پنهنجي اقتدار وارن ڏينهن ۾ دورانديشيءَ کان ڪم وٺندي پنهنجي دوست عرب امارات جي حڪمران شيخ زيد بن سلطان النهيان کان مليل ڦنڊن مان شيخ سلطان ٽرسٽ قائم ڪري هلال پاڪستان اخبار ۽ پرنٽنگ پريس کي اُن جو حصو بڻائي ڇڏيو هو ته جيئن اخبار کي ڪڏهن به مالي نقصان نه ٿئي ۽ نه ئي ڪارڪن بيروزگار ٿين. جيئن ئي مارشل لا اختيارين هلال پاڪستان ۽ شيخ سلطان ٽرسٽ تي قبضو ڪيو ته ڪين اخبار جو شفٽ انچارج هاشم ميمڻ ئي ايڊيٽر طور بهتر نظر آيو جيڪو بظاهر شريف ماڻهو هو پر فوجين جي حڪمن تي هلڻ لاءِ تيار هو. هاشم ميمڻ "منهن ۾ ملان ۽ اندر ابليس" ثابت ٿيو. سندس ڪا خاص اهليت ڪانه هئي ۽ سراج صاحب جي جتيءَ برابر به ڪونه هو. هن اخبار کي مارشل لا جو ترجمان ڪري هلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نيوز ايڊيٽر اسلم آزاد، مون ۽ ڪجهه ٻين ساٿين سندس حڪمن کي رد ڪري ڇڏيو هو. هڪ ڀيري ته اسان ڪيس ايڊيٽر واري ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيو هو. فوجي حڪومت اچڻ شرط علي احمد بروهي (مرحوم) کي سندس ڀٽي دشمنيءَ سبب سنڌ اطلاعات کاتي جو سيڪريٽري مقرر ڪيو هو ۽ سال ٻن اندر اتان رٽائر ٿيڻ تي شيخ سلطان

ٽرسٽ جو ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر ڪري رکيو. مرحوم بروهي صاحب هوشيار پلو ماڻهو هو، پر هلال پاڪستان اخبار لاءِ سٺو ثابت نہ ٿيو. هن ورڪرس يونين جي ذريعي (ان کي استعمال ڪري) ان اداري کي تباهہ ڪيو، جنهن کي سراج صاحب وڏي محبت سان ناهيو هو. اڄ هلال پاڪستان ڊمي اخبار جي شڪل ۾ موجود آهي، پر منهنجو اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ: اڄ نہ سراج صاحب حيات ۽ نہ ئي اها هلال پاڪستان آهي. ٻئي تاريخ جو انمٽ حصو بڻجي چڪا آهن. سراج صاحب کان پوءِ جهوني صحافي ۽ مدبر شيخ عبدالرحيم مرحوم جي شڪل ۾ هلال پاڪستان کي هڪ بهترين ايڊيٽر مليو هو جنهن پنهنجي صاحب جي قاسيءَ تي اخبار جي مهاڙ واري صفحي تي ڪاري بارڊر سان ۽ هلال پاڪستان جو لوگو تري ۾ رکي ڇاپيو ۽ غم جو اظهار ڪيو هو. سراج صاحب جي استعيفا کان پوءِ وارو دور بہ هڪ مڪمل تاريخ آهي، جنهن تي لکڻ سان گهٽائي مهاندا واڪا ٿيندا.

(پندرهن وار 'افيئر' ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيل،
27، 15 فيبروري 2013ع)

# سراج الحق ميمڻ: جديد سنڌي صحافت جو باني

محمد خان سيال

جديد سنڌي صحافت جي باني، ٻوليءَ جي ماهر ۽ دانشور سراج الحق ميمڻ جي وڇوڙي سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ وڏو خال پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي پرڻ ڪو سولو ڪم ناهي!

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، مئي 1972ع کان 'هلال پاڪستان' اخبار جو ڪراچيءَ وارو ايڊيشن شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته ايڊيٽر مقرر ڪرڻ جو ڪم، سينيئر قمرالزمان شاهه جي حوالي ڪيو ويو جنهن وري سراج الحق ميمڻ کي اهو ڪم سونپيو جنهن پڻ ايڊيٽر جي ڳولا ڪئي، پر صحافت جو تجربو رکندڙ ڪو اهڙو ماڻهو راضي ڪونه ٿيو. آخر قمرالزمان شاهه سراج الحق ميمڻ کي چيو ته توهان ايڊيٽر ٿيو جنهن تي هن شروع ۾ هٻڪ کان ڪم ورتو ۽ چيائين ته کيس صحافت جو تجربو ڪونهي، پر قمرالزمان شاهه جي زور ڀرڻ تي ايڊيٽر ٿيو ۽ اهڙو ذڪر سراج پنهنجي هڪ مضمون ۾ به ڪيو هو. هلال پاڪستان، ڪورٽ ويو بلڊنگ (پراڻي بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ) بندر روڊ کان نڪتي، جيڪا ان وقت جي هڪ معياري اخبار هئي ۽ ڏسندي ڏسندي ماڻهن ۾ مقبول ٿيندي وئي. اخبار ڪراچيءَ کان ته نڪتي، پر سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ دير سان پهچڻ جي باوجود، ان اخبار جو ايڊيٽوريل پيج ئي هو جنهن ۾ نهايت ئي معياري مضمون ڇپجندا هئا. ان ۾ ايڊيٽوريل کان سواءِ مضمون، پراڻي صحافي عبدالڪريم سعديءَ جو ڪالم 'جهاتيون'، امر جليل جو ڪالم 'تنهنجون منهنجون ڳالهيون' به شامل هئا. انهيءَ صفحي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي تقريرن جا متن، بين الاقوامي مخزنن، نيوز ويڪ ۽ ٽائيمس تان ڪنيل آرٽيڪل، ترجمي سان

شايع ٿيندا هئا. انهيءَ ڪان سواءِ وڏن ليکڪن جا آرٽيڪل وقت بہ وقت ايندا رهندا هئا. سراج صاحب هر آچر ڏينهن پاڻ انگريزيءَ ۾ بہ ايڊيٽوريل لکندو هو ۽ سنڌي اخبارن ۾ باقاعدگيءَ سان انگريزي ايڊيٽوريل لکڻ جو رواج هن وڌو.

سراج الحق رات جو دير تائين آفيس ۾ ويهي پاڻ ڪم ڪندو هو ۽ ڪوشش ڪندو هو تہ هر مضمون هو خود پاس ڪري. جڏهن تہ ڪنهن تڪراري خبر جي باري ۾ اسان ڪانئس ڪليئرنس وٺندا هئاسين ۽ آخر ۾ ڇپجڻ کان اڳ ڪاپي پاڻ ڏسندو هو ۽ ڪا اختلافي خبر هوندي هئي تہ ڪيرائي ڇڏيندو هو. اخبار جڏهن شايع ٿيندي هئي، تہ ٻئي ڏينهن ان جو تنقيدي جائزو وٺي، غلطيون ٻڌائيندو هو.

اخبار ۾ چار شعبا هئا. جن ۾ صبح جي شفٽ جو انچارج منظور قريشي، شام واري شفٽ جو انچارج محمود يوسفاڻي، ڪمپوزنگ سيڪشن جو انچارج محمد يونس ۽ سرڪيوليشن جو انچارج اشوڪ گنگواڻي هو. سراج الحق هڪ ڀيري لکيو هو تہ ”جڏهن ڪراچيءَ کان سنڌي اخبار ڪيڻ جي باري ۾ هو يونس (فورمين) سان مليو هو ۽ ڪيس سنڌي اخبار ڪيڻ جي باري ۾ ٻڌايائين تہ هُن هينان ڪان مٿي تائين ڪيس ڏٺو ۽ پوءِ چيائين تہ ”چريو تہ نہ ٿيو آهين.“ بهرحال سراج الحق اهو بہ لکيو هو تہ يونس ڪڏهن ڪيس دڙڪا بہ ڏيندو هو. هلال پاڪستان مئي 1972ع کان نڪتي تہ تن ڏينهن ۾ مان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ ۾ سنڌي نيوز ٽرانسليٽر طور ڪم ڪندو هوس ۽ اسان جو ساٿي عبدالمنان عاقلاڻي ميمڻ مون کي بہ هلال پاڪستان ۾ وٺي ويو. جتي اسان ٻئي سب ايڊيٽر هئاسين. اها هڪ تاريخي حقيقيت آهي تہ هلال پاڪستان ڪراچيءَ جي نڪرڻ کان اڳ سنڌي اخبارون، اردو اخبارن جو مڪمل چربو نڪرنديون هيون، جنهن جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ تن ڏينهن ۾ رات واري شفٽ جي انچارج لکيو تہ ”جهاز کي ماري ڪيرايو ويو“. اردو خبر جو هُوبهو ترجمو هو جيڪا هئي: ”جهاز ڪو مارگراديا“. مون انهيءَ سلسلي ۾ گهڻو ڪم ڪيو ۽ منهنجو ٻانهن ٻيلي عبدالمنان ميمڻ ٿيو. گهڻو وقت پوءِ انور پيرزادو

هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر ٿي آيو ۽ سندس چواڻي صحافت ۾ اهو سندس پهريون ڏينهن هو. تنهن پڻ انهيءَ سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪئي.

ڪجهه مهينا اڳ پاڪستان ٽيليويزن جي ڪراچي سينٽر ۾ اعجاز عليم عقيلي (جنرل مئنيجر پي ٽي وي نيشنل) جي آفيس ۾ مان عقيلي صاحب ۽ جي اين مغل (جيڪو تن ڏينهن ۾ هلال پاڪستان ۾ اسٽاف رپورٽر ۽ هن وقت عوامي آواز جو ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر آهي). تنهن اعجاز عقيليءَ کي چيو ته اڳ سنڌي اخبارون اردو اخبارن جو مڪمل چربو نڪرنديون هيون ۽ مون هلال پاڪستان ۾ اچي سنڌي صحافت کي اُن کان ڇوٽڪارو ڏياريو. تنهنڪري منهنجي اها خدمت ڪٿي نه ڪٿي رڪارڊ ٿيڻ گهرجي. حقيقت ۾ هلال پاڪستان جو اهو وڏو ڪارنامو ايڊيٽر سراج الحق ميمڻ کان سواءِ ممڪن نه هو.

روزاني هلال پاڪستان ۾ هر دوست جذبي تحت ڪم ڪندو هو ته جيئن اخبار کي ڪامياب ڪجي، جنهن جو هڪ مکيه سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪراچيءَ کان سنڌي اخبار گهٽي وقت کان پوءِ نڪتي هئي ۽ ڪيترا ماڻهو اضافي ڪم به رضاڪاراڻي طور ڪندا هئا. مثال: تن ڏينهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جي ريڊيو خبرن جي مانيٽرنگ ٿيندي هئي. سا آءٌ ڪنهن به اضافي اجوري کان سواءِ ڪندو هوس جڏهن ته اردو اخبار ۾ مانيٽرنگ لاءِ الڳ ملازم رکيل هوندو آهي.

اسان اخبار جي آخري ڪاپي رات جو بي بي سيءَ جون هڪ بجي واريون انگريزي خبرون ٻڌي پوءِ ڇپائيءَ لاءِ موڪليندا هئاسين. ڇپائي تن ڏينهن ۾ 'مشرق' پريس ۾ ٿيندي هئي ۽ اخبار سان شامل مخزن به باقائدگيءَ سان نڪرندي هئي، جن جي ڇپائي شاندار هوندي هئي.

هلال پاڪستان جيڪي سنڌي صحافت ۾ لاڙا رائج ڪيا. تن ۾ 'انويسٽيگيٽنگ رپورٽنگ' به شامل هئي. تن ڏينهن ۾ اسان جو فوٽوگرافر ظفر احمد هو جنهن کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ننڍڙي قد ۽ ڦڙتيلي هئڻ سبب ويٽڪانگ سڏيندو هو. تن ڏينهن ۾ ويٽڪانگ گوريلا ويٽنام ۾ آمريڪي هاٿيءَ کي ڏاهڻ ۾ رُڌل هئا. جن آخرڪار سال 76_1975ع ۾

آمريڪي فوجن کي ويٽنام ۾ ڪمبوڊيا ۾ هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ڪيو ظفر احمد ۾ اها خوبي هئي تہ هو نہ رڳو فوٽو بهتر ڪڍندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن ان سان خبر بہ پاڻ لکندو هو تہ اها بہ جامع هوندي هئي. هڪ ڀيري ڪراچي پورٽ ۾ اناج جون هزارين ڳوٿيون کليل آسمان هيٺان سڙي رهيون هيون، سو ظفر احمد کي موڪليائين، جيڪو مال گاڏيءَ جي دٻي ۾ لڪي ويو ۽ فوٽو ڪڍي آيو ۽ پوءِ تصويرن سان ساري خبر، اخبار جي پهرئين صفحي تي شايع ٿي. حيدرآباد شهر جي ٻاهران ڪولهين لاءِ شهيد پٺي خاص طور پڪا گهر نهرايا هئا، جن جي پٺين ۾ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڏار پئجي ويا. سا خبر هلال پاڪستان ۾ ڇپي، جنهن تي تن ڏينهن ۾ مڪاني ادارن وارو وزير جام صادق علي مچرجي پيو ۽ پرنٽ کين گهٽ وڌ ڳالهائيندي رهندو هو جنهن جو مان پاڻ بہ ذاتي طرح گواهہ آهيان.

هڪ ڀيري ڪاڌ خوراڪ واري صوبائي وزير بشير احمد شاهہ (ننڍي واري) جي باري ۾ تفصيلي خبر شايع ڪيائين تہ ٻوڏ ستايلن ۾ امدادي سامان ڪونہ ورهايو ويو ۽ الڳ فوٽو سيشن ڪيو ويو هو. تن ڏينهن ۾ وزيرن خلاف اهڙي خبر شايع ڪرڻ وڏي ڳالهہ هئي!

ڪراچي شهر مان ورهاڱي کان اڳ ڪيترين ئي سنڌي اخبارون نڪرنديون هيون، سي بعد ۾ بند ٿي ويون ۽ روزاني الوحيد اخبار، جنهن پاڪستان جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو هو سا پڻ 1994ع ڌاري بند ٿي وئي.

بہ سنڌي اخبارون ’نواءِ سنڌ‘، جيڪا اڳوڻي وڏي وزير خان بهادر ايوب کهڙي جي هئي ۽ ٻي اخبار ’روزاني مهراڻ‘ پير پاڳاري جي هئي. سي 1963ع ڌاري ڪراچيءَ کان شفٽ ٿي حيدرآباد هليون ويون ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪا بہ سنڌي روزاني اخبار نہ رهي. البت مولانا دين محمد وفائيءَ جي فرزند علي نواز وفائي مرحوم جي هفتيوار اخبار ’آزاد‘ پاڪستان چوڪ کان نڪرندي هئي. جڏهن تہ ايڪڙ ٻيڪڙ مخزن ۽ ڪتابي سلسلا ڪڏهن ڪڏهن ڪراچيءَ کان شايع ٿيندا رهيا. جيڪي نہ هئڻ جي برابر هئا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي زوردار مطالبي تي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار شامل ڪرڻ کان پوءِ، ان کي سنڌ جي گاديءَ وارو شهر بڻايو ويو جنهن ڪري ڪراچي توڙي سنڌ جي ٻين شهرن ۾ رهندڙ سنڌين ۾ جان پئجي وئي ۽ هنن ڪراچيءَ ڏانهن رخ ڪيو نه ته امر جليل ڪنهن هنڌ لکيو هو ته ڪراچيءَ ۾ جڏهن ٻه سنڌي پاڻ ۾ ملندا آهن ته ڪيتري دير تائين هڪ ٻئي کي ڏسندا رهندا آهن. نئين صورتحال ۾ هلال پاڪستان جو ڪراچيءَ وارو ايڊيشن نڪرڻ وڏي ڳالهه هئي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ روزاني هلال پاڪستان معياري صحافت پيش ڪري پاڻ ملهايو ۽ سنڌين ۾ احساس پيدا ٿيو ته سنڌي صحافت اردو اخبارن جي چربي جو نالو ناهي، پر انهن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

سراج الحق بنيادي طور اديب هو ۽ صحافي نه هو تنهنڪري سندس ايڊيٽوريل ۾ ادبي رنگ وڌيڪ هوندو هو. جيتوڻيڪ اُهي صحافتي انداز ۾ نه هئا، پر انهن ۾ جاندار دليل ڏنل هوندا هئا، جن کي نظرانداز ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه هو.

سراج الحق ڪميشن ذريعي انڪم ٽيڪس آفيسر بڻيو هو ۽ جنرل يحيٰ خان، جن 303 بيوروڪريٽس کي الزامن هيٺ ملازمت کان ڪڍيو هو تن ۾ سراج الحق ميمڻ جو به نالو هو. جنهن اڳتي هلي انڪم ٽيڪس پريڪٽيشنر طور پرائيويٽ ڪم ڪيو. بهرحال ڪجهه دوستن کي اها شڪايت رهي ته اخبار ۾ سراج الحق جو بيوروڪريٽس وارو رويو رهيو ۽ ملازمن کي يونين ٺاهڻ ۽ پنهنجا حق وٺڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پئي.

مون فيبروري 1977ع ۾ هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني، پي.آءِ.اي جي پي.آر.او جي نوڪري ڪئي ته منهنجي استعيفا قبول نه ڪيائين ۽ چيائين ته اوهان جهڙا ماڻهو به سنڌي صحافت کي ڇڏي ڏيندا ته باقي ڇا بچندو؟ بعد ۾ پي.آءِ.اي جي جنرل مئنيجر پبلڪ رليشن صلاح الدين صديقيءَ مون کي ذاتي طور ٻڌايو هو ته سراج الحق جي ڪوشش هئي ته مان سنڌي صحافت ۾ رهان، اُن کي نه ڇڏيان. بعد ۾ اسان جي ساٿي جي. اين. مغل مون کي ٻڌايو ته جڏهن ڪيس سرڪاري نوڪري

ملي تہ سراج الحق ميمڻ سندس استعيفا بہ قبول نہ ڪئي ۽ چيو هو تہ اوهان جهڙن نوجوانن جي سنڌي صحافت کي وڏيڪ ضرورت آهي. شايد هُن چاهيو ٿي تہ نوجوان سنڌي صحافت ۾ رهن.

جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي 'سنڌ ٿرو سينچريز' ('سنڌ صدين کان') ڪراچيءَ ۾ بين الاقوامي سيمينار ڪرايو تہ انهيءَ لاءِ سوينئر ڪاميٽي ٺهي. تنهن ۾ سراج الحق ميمڻ جو بہ نالو هو. جڏهن تہ انهيءَ موقعي تي روزاني هلال پاڪستان ڪراچي تاريخي ايڊيشن ڪڍيو هو.

سراج الحق ميمڻ جيڪو 'س. م. لاهوتي' جي نالي سان اخبار ۾ ڪالم لکندو هو. تنهن سنڌي ٻوليءَ کي رومن رسم الخط ۾ لکڻ جي بہ مهم هلائي هئي. پر ان کي ڪا گهڻي موٽ ڪانہ ملي.

مختصر تہ سراج الحق ميمڻ کي جديد سنڌي صحافت جو باني ڪوني سگهجي ٿو ۽ سندس صحافتي خدمتن کي ڪنهن بہ صورت ۾ نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي.

# سراج ۽ هلال پاڪستان

اسلم آزاد

ڦاني ڙي ڦاني، دنيا دم نہ هيڪڙو
ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سِر سيڪنهين!

مهربان ساٿيو. اڄ هتي اسان سنڌ جي اهڙي عاشق کي ڀيٽا ۽ مڃتا ڏيڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، جنهن جي شخصيت جا مختلف روپ آهن. هتي منهنجو مقصد سراج صاحب جي ’صحافتي روپ‘ تي ڳالهائڻ آهي، جنهن کي ’جديد سنڌي صحافت جو ابو‘ يا ’باني‘ چئي سگهجي ٿو.

اپريل 1972ع ۾ جڏهن آءٌ ۽ منهنجو سينئر ساٿي محمود يوسفاڻي، ڪراچيءَ ۾ سراج صاحب سان ملياسين تہ ان وقت جي هلال پاڪستان آفيس، بنيادن ڪانسواءِ هئي. ان ڏکئي دور ۾ سراج، اخبار کي ڪهڙيءَ طرح نڀايو، ان جو آءٌ تہ اڪيلو ڏنو شاهد آهيان. سراج صاحب جي پهرين صفت مون اها ڏٺي تہ هو عارفن وانگر هُنر جو ڳولائو ۽ عيبن کي نظرانداز ڪندڙ هو. اخبار جي اشاعت ڪان پوءِ پهريون بحران، اسان تي ان دور ۾ ٿيندڙ هنگاما هئا. جيڪي ٻوليءَ واري ٻِل جي آڙ ۾ سنڌ تي ٺاهيا ويا هئا. ايتريقدر جو ٻہ ڏينهن اسان کي اخبار بند ڪرڻي پئي هئي. سندس انسان دوستيءَ جو پهريون مثال مون اهو ڏٺو تہ جڏهن هنگامن جي ڪري اسٽاف نہ آيو تہ آفيس مان نڪرڻ وقت سراج صاحب مون کي ۽ منان ميمڻ کي پاڻ سان گڏ کڻيو ۽ مون کي پنهنجي گهر ۾ ياتين وانگر رهاياڻين. ان دور ۾ سراج صاحب سان بيشمار ساٿي موجود هئا ۽ هر ساٿي پنهنجي وِت آهر ڪم ڪندو هو. مون اچڻ سان ئي ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ۽ پريس ڪلب وارن سان رابطو ڪيو تہ هنن اسان کي ’ٽريڊ يونين نيٽ ورڪ‘ ۾ اچڻ لاءِ چيو ۽ ’هلال

پاڪستان' ۾ 'ڪي. يو. جي يونٽ' نهيو جنهن جو چيف دستگير پٽي هو. ان کان پوءِ 'هلال پاڪستان ايمپلائيز يونين' به نهي، پر رواجي اخبار مالڪن وانگر سراج صاحب اسان جي ٽريڊ يونين سرگرمين تي ڪوبه اعتراض نه ڪيو ڇوته هو پاڻ صحافي ۽ پريس ورڪر به رهيو هو.

1972ع ۾ ئي سراج صاحب کي مون عرض ڪيو ته 'ويج بورڊ ايوارڊ' مطابق عهدا ۽ پگهارون ڏيڻ گهرجن، جنهن تي مون کي چيائون ته 'جنگ' ۽ 'ڊان' وارن کان معلومات وني ڏي. مون کين اُهي تفصيل ڏنا ته اسٽاف کي 'ويج بورڊ' مطابق پگهارون ملڻ لڳيون. اهو سراج صاحب جو وڏو ڪارنامو هو ته ڪا سنڌي اخبار، ڪراچيءَ جي اخباري ملازمن جيتري پگهار، پنهنجي اسٽاف کي ڏئي.

سنڌي صحافت ۾ سراج صاحب جو ٻيو وڏو ڪارنامو اسٽاف کي بونس ڏيڻ هو. اخبار جي ٻي سالگرهه تي اسان کي به بونس، ٽين سالگره تي ٽي بونس ۽ چوٿين سالگره تي چار بونس مليا. سرڪيوليشن جي محاذ تي به هن وڏا قدم کنيا ۽ سليمان برادرز جهڙي معروف ڊسٽري بيوٽرز کي ڇڏي، اخبار ٻن هاڪر پائرن کي ڏنائين، جن جو ادارو 'مشتاق نيوز ايجنسي'، اڄ اخباري دنيا ۾ هڪ وڏو نالو آهي. مارڪيٽنگ جي فيلڊ ۾ به، پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت هجڻ جي باوجود مسئلا هئا، پر سراج صاحب هن محاذ تي به ايئن وڙهيو جو اخبار بونس ڏيڻ لڳي. اخبار لاءِ پنهنجي پريس جو تصور به شروعاتي ٻن سالن اندر پورو ٿيو ۽ جديد ترين 'چار ڪلر يونٽ' واري پريس اسان کي ملي وئي. ان زماني ۾ سراج صاحب ذاتي طور اخبار ۾ صبح ڏهين يارهين کان ٽين بجي تائين ۽ رات جو نائين کان هڪ بجي ڪاپي پريس ڏانهن وڃڻ تائين ويهندو هو. پر هن ڪڏهن به ڪنهن جي پروفيشنل ڪم ۾ مداخلت نه ڪئي. 'عبرت' اخبار ۾ هجڻ تائين مون کي ياد آهي ته چاليهه کن صفحن جو ايڊيشن ايوبي دور جا ڏهه سال پورا ٿيڻ تي 'عبرت' شايع ڪيو هو. پر 'هلال پاڪستان' جا سراج صاحب 60 کان 100 صفحن تائين جا ايڊيشن به ڪڍيا.

سندن ڪاوشن ۾ "سنڌ ٿرو سينچريز" سيمينار بہ شامل آهي. اُن موقعي تي هلال جو ايڊيشن اسان لاءِ مسئلو بنجي ويو هو. ان جي ٽائيٽل تي موهن جو دڙو قديم ڏاند ۽ ڪِنگ پريسٽ ۽ قرآن پاڪ رحل سميت موجود هئا ۽ آرٽسٽ ارشاد 'راهي' سراج صاحب جي اُن تخيل کي فن جو روپ ڏنو تہ سنڌ ڌرتي پنج هزار سالن جي تهذيب ۽ پوءِ اسلام جي اچڻ جو پرتوو آهي. رجعت پرستن ان ايڊيشن تي هنگامو کڙو ڪري ڇڏيو تہ ڏاند جي هيٺان پاڪ ڪتاب ڇو ڇاپيو ويو. بهرحال ان مسئلي کي بہ سراج صاحب پنهنجي زماني شناسيءَ ۽ تجربي سان ٺاري ڇڏيو. سراج صاحب لاءِ ڪجهہ مسئلا آءُ بہ پيدا ڪندو هيس، پر هن شخص بيشمار موقعن تي منهنجي ملازمت کي بچايو ۽ پاڻ تي الزام کڻي ويو. انور پيرزادي جي مشوري تي مون موڪل جي اعلان ۾ "شب برات" کي "ڦٽاڪن واري عيد" لکيو تہ مولوي صاحبان جو اسلام وري خطري ۾ پئجي ويو. ڳالهہ ان وقت جي وزير مذهبي معاملا مولانا ڪوثر نيازيءَ تائين پهتي، جنهن سراج سان ڳالهايو. موٽ ۾ سراج صاحب مون کي هڪ ميمو ڏنو جنهن ۾ پاڻ لکيائون تہ: "مذهبي معاملن ۾ ڇڙواڳي برداشت نٿي ڪري سگهجي". بهرحال يادگيرين جو سلسلو وسيع آهي، جن کي آءُ سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ۾ آهيان.

# سراج ’مجسمِ سنڌ‘ ۽ ڪراچي ’جانِ سنڌ‘

## تاج جويو

02 فيبروري 2013ع تي، صبح جو 08.58.40 وڳي، ڊاڪٽر فهميده حسين جو موبائيل تي ’ميسيج‘ (msg) پهتو: ”ادا سِراج هليو ويو اسان کي يتيم ڪري!“ ميسيج پڙهي مون ڪان ’رڙ‘ نڪري وئي، ”الا! اڄ نہ رڳو سراج جو خاندان، پر سڄيءَ سنڌ جي دانش يتيم ٿي وئي!“ هڪدم امداد ڊرائيور کي فون ڪيم. اڪثر موڪلن وارن ڏينهن تي ڊرائيور فون نہ کڻندا آهن، پر اڄ امداد فون کڻي ورتي. هو حيدرآباد شهر کان پريرو ڪِرڙ سولنگيءَ جي ڳوٺ ۾ باءِ پاس سان لڳولڳ رهندو آهي. ڪيس چيم تہ رڪشا ڪري آفيس ۾ ٽُرت پهچي وڃي، ڏهين وڳي ڪراچيءَ پُڄڻو آهي، جو سراج صاحب گذاري ويو آهي. ڪجھ دوستن کي بہ موبائيل تي هن المناڪ واقعي جو ’چاڻُ‘ ڏنم. سيد قلندر شاهہ لڪياري، محمد عثمان ميمڻ، مدد علي سنڌي ۽ زاهد اوني فون تي پڇيا ڪئي تہ ڪراچيءَ لاءِ ڪيڏي مهل نڪرندؤ؟ مون کين ’ڏهين‘ وڳي جو ٻڌايو ۽ خود رڪشا تي آفيس پهتس. امداد ۽ سڀ همراهہ ڏهين بجي تائين پُڄي ويا. هڪدم ڪراچيءَ روانيا ٿياسون. واٽ تي مختلف چئنلن- آواز سنڌ، مهراڻ ۽ ڪي.ٽي.اين جي نمائندن، سراج صاحب بابت تعزيتي تاثرات وٺڻ شروع ڪيا. نوري آباد مس ڪراس ڪئي هونديسون تہ سن مان منهنجي ڀائيٽي مارئيءَ جون فون آيو. سندس روئڻهارڪو آواز ٻڌي، هڪدم چيم: ’چو بابا، ڇا ٿيو؟‘ هڪ سيڪنڊ جي خاموشيءَ ۽ سُڏڪن گاڏڙ لفظن ۾ چيائين: ’چاچا! توهان؟..... چئنل تي اوهان لاءِ پٽي پئي هلي....“ ”ڇا بابت؟“ ”... تہ توهان گذاري....“ هوءَ وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهي. اِئين ڪراچي تائين ڏهاڪو کن

دوستن جا بہ فون آيا ۽ هڪ دوست ٻڌايو تہ اوهان جي فيس بُڪ تي بہ اوهان بابت فوٽوءَ سان 'چارڻ' ڏنو ويو آهي'. ڏاڍي حيرت ٿي تہ جنهن چئنل. سڀ ڪان اڳ سراج صاحب بابت مون کان تعزيتي تاثرات ورتا هئا. اُن تي ئي منهنجيءَ وفات جي پٽي پئي هلي! هڪدم شوڪت چاچڙ ۽ تولارام سوٿهڙ سان موبائيل تي رابطو ڪيم تہ آفيس وڃي منهنجي 'فيس بڪ' تان منهنجي موت جي خبر هٽائي. سراج صاحب بابت 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' جي ستين جلد لاءِ ڪمپوز ڪيل پروفائيل رکي ڇڏين. هُنن ائين ئي ڪيو. تڏهن وڃي دوستن يارن جي فونن ۾ گهٽتائي آئي. مون سوچيو: 'هي سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو؟ آءُ جيئرو آهيان ۽ سراج صاحب هُن پار اُماهي ويو آهي! ڇا اِئين تہ نہ آهي تہ سراجُ اسان سڀني کي زندگي بخشي، پاڻ پَرلوڪ پڌاري ويو!'

ها، اها حقيقت آهي تہ قومن جا سچا اديبَ، پنهنجي زندگين جي پيٽا ڏئي، وطن ۽ قوم کي جياري ويندا آهن، جاودان زندگي بخشي ويندا آهن. سنڌ جي سچن اديبن ۽ شاعرن بہ هميشہ اهو ئي پيغام ڏنو آهي:

'سنڌڙي رهي، اسان نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو؟'

_ رشيد ڀٽي

'جو قوم جياري، اُهو جيئندو رهندو،
جو عامُ اُجاري، اُهو جيئندو رهندو،
مون کي تاريخ ۽ تقديرَ ڏني پڪ آهي،
جو سِنڌ سنواري، اُهو جيئندو رهندو!

_ اُستاد بخاري

اُن ۾ ڪي بہ ٻہ رايا نہ آهن تہ 'سراج'، 'سنڌ_ سنوار' ۽ 'قوم_ اُجار' اديب ۽ دانشور هو. هن جي سوچَ، قلمَ ۽ عملَ ۾ سنڌ جو 'اوجل آئيندو' هو. هن جا سپنا ۽ هن جون ساپيائون، سنڌ سان ئي واڳيل هيون. هن جا آدرشَ ۽ هن جون محبتون: جَديد، حسين، ترقي پذير، خوشحال ۽ هر قِرلت کان آجي، خودمختيار ۽ خُود اختيار سنڌ لاءِ هيون. هو 'مجسم سنڌ' هو. هن جو هر

حوالو مڪمل هو. هو هڪ مڪمل 'انسان' هو. هڪ مڪمل پيءُ ۽ مڪمل ياءُ هو. مڪمل اديب ۽ دانشور هو. مڪمل ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. مڪمل ناٽڪ نويس ۽ محقق هو. مڪمل ماهر- لسانيات ۽ قانوندان هو مڪمل ايڊيٽر ۽ صحافي هو. پر هو انهن سمورن حوالن سان گڏ هڪ 'مڪمل شاعر' بہ هو جنهن جي شايد ڪيترن کي خبر نہ هجي، يا ڪن جي لاءِ هڪ انڪشاف هجي! هن ايڏي پختي، ايڏي جٽادار، ايڏي سگهاري ۽ ايڏي فڪري ۽ فني طور ڀرپور شاعري ڪئي آهي، جو هُو مشقِ سخن جاري رکي ها تہ اياز کٽي نہ بہ ٿئي ها، پر شمشير ۽ امدادَ جي جوڙ جو شاعر ضرور ٿئي ها! اها منهنجي دعويٰ آهي، عقيدت نہ آهي. شاعريءَ جا نقاد- سڀئي آهوجا، الهداد ٻوهيو ۽ ذوالفقار راشدي زنده هجن ها تہ اُهي مون سان ضرور اتفاق ڪن ها- پلا، سراج جي اُها ڪهڙي ادا ۽ خصوصيت هئي، اهو سراج جو ڪهڙو گڻ يا ڪهڙي صلاحيت هئي، جو علم ۽ ڄاڻ جو پروهت، محمد ابراهيم جويو، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي قرآن پريس تي پروف ڏسندڙ ويهيون ڪندڙ ۽ ترجما ڪندڙ 19 -20 سالن جي ڳڀرو جوانَ، بي.اي جي نوجوان شاگرد، سراج کي، ڇڪي ادبي بورڊ ۾ وٺي آيو- ۽ پوءِ دنيا ڏٺو تہ هنن ٻنهي پورهيت اديبن، سنڌي ادبي بورڊ ۾ ويهي، 'سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾، ڪيترو نہ اڳيرو ۽ پاڙيرو ڪيو!

سراج جي ٻين سمورن حوالن تي، 'تعزيتي رفرنس' ۾ موجود ڏاها ۽ اديب ڳالهائيندا. پر آءٌ جيئن تہ ڪنهن وقت شاعر هئس، ۽ شاعري اڃا بہ منهنجيءَ سرشت ۽ منهنجي رت ست ۾ سمايل آهي، اُن ڪري، آءٌ چاهيان ٿو تہ آءٌ سراج جي شاعرَ واري رُخ تي ئي روشني وجهان.

مون کي سراج جي شاعريءَ جو ٻنهہ ٿورڙو ذخيرو هٿ آيو آهي، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

1. گيت، 5 عدد
2. نظم، هڪ عدد

3. آزاد نظم، 5 عدد
4. سنگيت ناٽڪ، هڪ عدد (تند تنوار... سُر پيرويءَ تي مبني آزاد نظم ۾)
5. منظوم ترجما، 2 عدد

جهڙيءَ ريت، قاضي قاضن جا ’ست بيت‘ ليي، ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب کيس اَساسي دور جو اهم شاعر قرار ڏنو هو- ۽ اڄ ’هيري نڪر‘ جي تحقيق کان پوءِ هُو نہ رڳو سمن - ارغونن جي دور جو اهم، پر وڏو شاعر ثابت ٿي چڪو آهي. تهڙيءَ ريت سراج کي هنن ’ڏهن ٻارهن شعرن‘ جي بنياد تي پنهنجي دور جو ’اهم شاعر‘ سڏيندي، آءٌ ڪنهن بہ صورت ۾ گهبراهٽ جو شڪار نہ آهيان. باقي کيس ’وڏو شاعر‘ سڏڻ جي جسارت نہ ٿو ڪري سگهان، ڇو تہ ’نمبرن جي قطار‘ جا اُميدوارَ شاعر ڪٿي مون کي ’سنگسار‘ نہ ڪري وجهن! آءٌ فقط ’مُٺ مان خرار جي خبر‘ پوڻ واري ڪسوٽيءَ ۽ تنقيد جي سِراڻ تي، سراج جي گيتن، نظم، آزاد نظمن ۽ سنگيت ناٽڪ جا ڪجهہ ٽڪرا ۽ هڪ مڪمل ’آزاد نظم‘ هن محفل ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت گهران ٿو:

’گيت‘ جي وصف، ٻوليءَ ۽ احساسن کان، اوهان سڀ اديب، شاعر ۽ ادب دوست آگاهہ آهيو اُن ڪري، اُنهن رُخن تي قلم آرائي ڪرڻ بدران آءٌ صرف گيتن جا ڪجهہ بند پيش ڪريان ٿو:

گيت (1):

ساٿــي! باقــي ٿـــوري رات!
چانڊوڪي ڏس جهاتيون پايو
دل کي وجهي ٿي گهايو گهايو
ساهہ سُڪائي تنهنجي تات!
ساٿــي! باقــي ٿـــوري رات!
تارا تنهنجي راهہ ڏِسن ٿا،
ٽڪجي ٽڪجي نيٺ ڪِڙن ٿا،

شايــد ٿيندي ائين پــريات!
ساٿـــي! باقـــي ٿـــوري رات!

- (ڇهن بندن مان ٻه بند)

گيت (2):

ذهن ۾ اُڀريا چنڊ ستارا-
ماڪ پري ڪا مُڪڙي،
جڻ ته ڪِلي ڪُو مائي!
تنهنجي ياد جو آئي... منٺڙا!
مَن ڏُسڪيو آشا تــڙپي-
آس جي شمع اُجهاڻي،
لُڇندي راتِ وهاڻي!
تنهنجي ياد جو آئي... منٺڙا!

- (ڇهن بندن مان ٻه بند)

گيت (3):

مُرڪ اُها جا ورهيه پُراڻي،
پنهنجي چپن تي ڪولين ڇو ٿي؟
منهنجي مُنهن ۾ هر هر، جاني!
پنهنجي پاڻ کي ڳولين ڇو ٿي؟
ياد ته هوندءِ...
پريتِ چني، تو ناتو توڙي،
مون ڪان هو ڪئن پلئه ڇڏايو!
مُنهنجي اکين جي هن ساگر ۾،
هاڻ ته ڪو به ڪنارو ناهي؛

پوءِ پيلا هي تنهنجي اکين ۾،
طوفانن جو اِشارو ڇاهي؟
ياد ته هوندءِ...
نينهن نهوڙي، تو منهن موڙي،
مون ڪان هو ڪئن پلئه ڇڏايو!
- (ڇئن بندن مان پهريان ٻه بند)

مٿيان گيتن جا مختصر مثالَ پڙهي ۽ ٻڌي، ٻوليءَ، هيئت، احساسن، ڪيفيتن، ڏانءَ ۽ ذات جي خيال ڪان ڪير چوندو ته سراج جا هي گيت بردي، تنويرَ، اُستاد ۽ امدادَ جي گيتن کان ڪي گهٽ معيار وارا گيت آهن!

هتي آءٌ سراج جي هڪ ٺي خوبصورت نظم 'ڪونج' جي 'مطلع' واريون ٻه سٽون ۽ هڪ بند نموني طور ڏيان ٿو هي نظم هڪ مطلع، ڇئن بندن ۽ هڪ مقطع تي مشتمل آهي. نظم جي هيئت جو بنهه نئون انداز آهي، ته اُن جو وزن به بنهه مُترنم!

آڪاش جي بي انت سِياهين ۾ رُڳي رُڃَ،
تنهنجي ته اکين ۾ تي ازل کان ٺي بَکي اُڃ،
او ڪونج، سندءِ رُوح سندي پياسَ بُجهي ڪيئن؟
ٿي رُوح کي پنيلائي سندءِ درد پري لاتِ،
جڻ ياد جو پڙلاءُ، اُمنگن کي ڏُتاري-
'ڳولا' جي صنم خاني ۾ ڏُسڪي ٿي پئي راتِ،
ماحول به خاموش رهي لُڙڪ ٿو هاري،
او ڪونج، سندءِ رُوح سندي پياسَ بُجهي ڪيئن؟

ڇا، هي نظم پڙهندي، اُن ۾ آبشار جهڙي رواني ۽ ترنم ۽ تاثر جي وحدت محسوس نه ٿي ٿئي؟ جي ها، ته 'فراق گورکپوريءَ' جي نظم لاءِ پيش ڪيل ڪسوٽيءَ تي هن نظم کي آوس پرکي سگهي ٿو.

سراج جا، منهنجيءَ 'Collection' (ميڙيءَ چونڊيءَ) ۾ پنج آزاد نظم آهن: (1) 'پريم پارڪ ۾....'، (2) 'ڪراچي'، (3) 'بازگشت'، (4) 'اندر سيا' ۽ (5) ياد جا تابوت۔ جڏهن تہ سنگيت ناٽڪ 'تند تنوار....' بہ آزاد نظم جي فارم ۽ هيئت تي لکيل آهي. هتي هڪ آزاد نظم بنا تبصري ۽ سنگيت ناٽڪ جو ٽڪرو پيش ڪرڻ کان پوءِ 'آزاد نظم': 'ڪراچي' جو مختصر جائزو پيش ڪندس:

**پريم پارڪ ۾...! (آزاد نظم)**

راتِ، آءٌ سوچيندو رهيس، چُپ چاپ،
۔ ڪيڏي عظمت آ چنڊ تارن ۾!
دل چيو تہ پَر لڳائي اُڏامجي،
نِيلگون آسمانَ جي اڱڻ ۾،
چنڊ تارن سان گڏجي رقصُ ڪجي!
راتِ جي دلنواز دوشيزه،
جڏهن سنواري دراز زلفن کي؛
۔ مان، سحر جي شعاعِ نُور سان گڏجي،
گُل جي سيني ۾ جذب ٿي وڃان!
۽ پنهنجي ذِي حيات خوشبوءِ سان،
حسنِ تخليق کي بخشيان اهڙي سُڳنڌ،
جا منهنجي معصوم لُڙڪن سان واسجي،
ڪائنات جي عظيم وسعتن ۾،
زندگيءَ جي اُداس ويرانين کي،
۔ ڪا نئين حيات بخشي...!
۔ ۽ جيڪڏهن،
"هوءَ"، ڪٿي نظر جي سامهون،
رقص ڪندي ۽ مُرڪندي اچي،
۔ هُن جي نرم ۽ گداز سيني ۾،

دائمي خوابُ بنجي سُمهي رهان!
پر هن ڪارِگاهہ هستيءَ ۾،
ايڏي فُرصت ڪٿي، جو ڪو ڏسي سگهي،
- پنهنجي خُوابن جو هيءَ حسين تعبير!
ڪاري رات ۽ پريم پارڪ ۾،
آءٌ زندگيءَ جي ساز تي نغمہ گُو
خاموشين جي سيني ۾ جذب ٿي،
سوچيندو رهيس، چُپ چاپ -
اڄ بہ پيرن ۾ آهي اُها ئي زنجير،
اُهي ئي پابنديون، اُهو ئي دستور،
- چند جابر - ۽ هزارها مجبور.....!!

- سنڌيءَ ۾ پهريون سنگيت ناٽڪ منظوم ڊرامو (Opera)، مرزا قليچ بيگ 'ليليٰ مجنون' 1880ع ۾ لکيو هو، اُن کان پوءِ ٻيو سنگيت ناٽڪ، مشهور شاعر ارجن 'شاد' جو 'ڏاهيون ڏک ڏسن' (1966ع) ملي ٿو جنهن کان پوءِ شيخ اياز جا ٽي سنگيت ناٽڪ: 'دودي سومري جو موت'، 'رنيڪوٽ جا ڌاڙيل' ۽ 'ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي' ملن ٿا. پهريان ٻئي سنگيت ناٽڪ "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" ڪتاب (1960ع) ۾ ڇپيل آهن ۽ آخري سنگيت ناٽڪ هن 1971 ڌاري لکيو هو. سنڌي سنگيت ناٽڪن ۾ هن وقت تائين صرف اهي ناٽڪ ئي شمار ڪيا ويندا آهن، جڏهن 1964ع ڌاري سراج بہ هڪ سنگيت ناٽڪ "تُنهنجي تند تنوار...." لکيو هو جيڪو سدا سُهاڳڻ راڳڻي ڀيرويءَ جي سُر تي مُبني، آزاد نظم هو ۽ فني پيشڪش ۽ ڊيڪن جي حوالي سان، اياز جي سنگيت ناٽڪن سان بر ميچي بيٺو آهي. هن ناٽڪ جي ڏيک پهرئين جي ڪجهہ جهلڪ پيش ڪريان ٿو:

**ڏيک پهريون**

[پسمنظر ۾ ڪنهن لَنگهي جو دهل وڄائي، پڙهو ڏيڻ جو آواز ٻُڌڻ ۾ ٿو اچي - ۽ اُن سان گڏ ماڻهن جو شور بہ ٻُڌجي ٿو ايڪشن شروع ٿيڻ تي پڙهي جو آواز صاف اچي ٿو.]

”جيڪو جو ڏو سنڌ جي راجا
ڏياچ جو سِرُ آڻيندو
تالهہ تَڪن جو سو ماڻيندو!“

(پير تي ڏونڪي جو آواز ۽ پوءِ ڍُهل جو آواز ۽ ماڻهن جو شور تمام جهڪو ٿي وڃي ٿو.)

**ٻيجل جي زال:** او ٻيجل جي ماءُ،
ٻيجل ماءُ ٻُڌين ٿي،
شهر ـ لنگهو پيو اَڄ هوڪا ڏي!
راڄ ـ مُکيءَ جي هي پڌرائي،
شهر ـ لنگهي پئي ڳائي:
’جيڪو جوڏو
سنڌ جي راجا،
راءِ ڏياچ جو سر آڻيندو،
تالهہ تڪن جو سو ماڻيندو!“

**ٻيجل ماءُ:** تالهہ تڪن جو؟
ڇا جي لاءِ؟
ڏياچ جو سِرُ ڇا جي لاءِ؟
هاءِ الا،
انسانن کي ٿيو ڇاهي!
انسانُ ڏٽيءَ جو پاڇو،
اُن جي سِر جي قيمت،
تالهہ تڪن جو؟
ماڻهو پو ماڻهو ڇا جو؟
جهنگ مرونءَ ۽ ماڻهوءَ ۾،
فرق تڏهن رهندو ڇا جو؟

هي ڇئن ڏيکن تي مشتمل ناٽڪ، هڪ شاهڪار ناٽڪ آهي، جيڪو سنڌ جي هڪ لوڪ داستان/ لوڪ روايت تي مشتمل آهي. آخر ۾ آءٌ، سراج

جو اُهو شاهڪار آزاد نظم ’ڪراچي‘ پيش ڪري، اُن جي جائزي تي پنهنجو مقالو پورو ڪندس:

**”ڪراچي“**

ـ اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار، اي رُوح وطن،
تنهنجي ’ماضي‘ کي سلام!
تنهنجي ماضيءَ ـ منهنجي ماضيءَ ـ کي سلام!
ها، اُهو ماضي جو بيحد روشن و تابان هيو ـ
جنهن ۾ روشن ها اُميدن جا چراغ؛
آرزوئن جا هزارين چنڊ اُڀريا ۽ اُميدن جا ستارا جاڳيا؛
اَمن و آزاديءَ سندي آڪاش تي!
ڪلپنائن ۽ اُمنگن جي ٿڌيءَ چانڊاڻ ۾،
هلڪي هلڪيءَ جوتِ جي ماندڻ ۾،
منڙا منڙا گيت ٿي مُرڪيا هتي ـ
جڻڪ هي ڪو ديسُ ئي گيتن جو هو،
گيتن ۽ نغمن جو ديس!
گيت اهڙا جن ۾ هو
ڪنهن سهاڳڻ سُندريءَ جي نرگسي نيڻن جو ڪيف ـ
چلڪندڙ آبِ حيات!
ـ اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
اي ستارن جي زمين، اي اَپسرائن جا وطن،
تنهنجي مٽيءَ جي مٿان
اڄ بہ آهن چمڪندڙ ماضيءَ جا نقش:
تنهنجي مِٽيءَ مان اچي ٿي جا سُڳنڌ،
سا ٻڌائي ٿي هزارين داستان:
اڄ بہ تنهنجون ’بلڊنگون‘ ٿيون ساک ڏين،
اڄ بہ تنهنجا ’گُلڪدا‘ ٿا ڏَڪنديَ ڏڪندي چون:
(جن جي بنيادن تي بيٺل هي ’تجارت گاهہ‘ ٿا

ڪوڪلي تهذيب جي چُغلي هڻن!)
سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت تون هُئينءَ،
تون هئينءَ سنڌ جي تهذيب جو سُورج مکي:
جڻ هئينءَ تون 'شاهہ' جي هڪ سورمي!
مذهبي وبچن کان دور،
تو ۾ هو جڻ امنِ عالم جو مثال-
زندگِيءَ جي عزم جي تابندگي،
آدميت جو سُهاڳ!
- اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
اڳ بہ تون سوداگرن جو شهر هُئينءَ،
اج بہ تون سوداگرن جو آن وطن-
پر ٻنهي 'سوداگرن' ۾ فرق آهہ!
اڳ جا سوداگر ڪندا ها صرف هڪ سوداگري-
سِرُ ڏئي پنهنجي وطن کي 'غير' کان ڳنهندا هئا:
اج جا سوداگر تہ پيا نيلام ڪن پنهنجو وطن،
'ڪڻڪ جي مُٺِ' تي وِڪامي ٿو 'بهشت'!
- اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،
تنهنجو هي ماحول ڏس ڪيڏو نہ آهي اجنبي!
تنهنجو ساگر ڪيترو مايوسُ آهہ!
هر گهٽيءَ ۾ لُٽجي پيو ٿو آدميّت جو سُهاڳ-
سون چانديءَ جي سجايل 'جاندهن' ۾،
اندرئن ٿي اندران ڏِس زندگيءَ پسجي پئي؛
آبرو لُٽجي پئي،
امن و آزاديءَ سندي ظاهر ظهور!
'غير' ڏس ڪيڏو نہ آهي سر بلند،
ڪيترو مضبوط آ هِت سامراج!

- اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روح وطن،

تنهنجي رنگينيءَ جي پردي ۾ لڪل
ڏسجي ٿو ڪو انقلاب!
وقت جون واڳون ورڻ لاءِ بيقرار!
تنهنجي رستن مان اچي ٿي سرمدي رَت جي پُڪار۔
گلشنن جا گل تا ڏسجن خُونچڪان،
تنهنجي خاموشين ۾ شايد ٿو هُري سُڏڪن جو سازا
ڪيسنتائين رهندو آخر هي فريب:
مدتن کان آ زمانو منتظر،
ڳَر ٿو موڙي هت نئون ڪو دَور ڏس۔
ڏس تہ ڏورانهين اُفق تي پِرهہ آ جاڳڻ لڳي،
چاڪ ٿيندو ظلمتن جو پردهء تاريڪ تر،
هر طرف روشن 'حقيقت' ٻهڪندي،
سر بلند ٿيندو وري هت لوڪ راج،
سر نوائي نيٺ پچندو سامراج!
هڪ ٿي وبنديءَ سنڌڙيءَ سان اي ڪراچي نيٺ تون،
روح پنهنجي جسم سان ملندو وري!
اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار اي روحِ وطن،
اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن!

هي آزاد نظم، سراج، 'ڪراچي' سنڌ کان کسي مرڪز جي حوالي ڪرڻ وقت لکيو هو. نظم لکڻ جو اصل سال تہ خبر نہ آهي ڪهڙو هو. پر پهريون ڀيرو سماهي مهراڻ، 3۔ 1956ع ۾ ڇپيو هو ۽ اڄ اُن کي 57 سال گذري ويا آهن. نظم جو متن، نفسِ مضمون، اڄ جي حالتن سان ڪيڏو نہ نهڪندڙ ٿو لڳي. هي سٽون ٻُڌو:

اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
اڳ بہ تون سوداگرن جو شهر هُئينءَ،
اڄ بہ تون سوداگرن جو آن وطن۔

پر هنهي 'سوداگرن' ۾ فرق آ!
اڳ جا سوداگر ڪندا هئا صرف هڪ سوداگري-
سِرُ ڏئي پنهنجي وطن کي 'غير' کان ڳنهندا هئا:
اڄ جا سوداگر تہ پيا نيلامُ ڪن پنهنجو وطن،
ڪَٽڪ جي مُٺِ تي وِڪامي ٿو 'بهشت'!

هن بند ۾ 'اڳ' جي ۽ 'اڄ' جي 'سوداگرن' جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. 'اڳ جا سوداگر' يا تہ 'سنڌ ورقي' هئا، جيڪي ٻاهران ڪمائي اچي ڪراچيءَ کي 'سونو' بنائيندا هئا، يا اُهي سورما هئا، جيڪي ٻاهرين حملي آورن کان ڪراچيءَ جو سُهاڳُ/ سنڌ وطن جو سُهاڳ بچائيندا هئا. اڄ ڪراچيءَ جي صورتحال ڇا آهي؟ 'ڪَٽڪ جي مُٺ' تي ڪراچيءَ جو 'بهشت' وڪرو ڪيو پيو وڃي، ۽ ڪراچيءَ ۾ انسانيت جي سُهاڳ ۽ آبرو کي ڪيئن لُٽيو پيو وڃي، اچو تہ سراج جي 57 سال اڳ لکيل آزاد نظم مان معلوم ڪريون:

اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن،
تنهنجو هي ماحول ڏس ڪيڏو نہ آ اجنبي!
تنهنجو 'ساگر' ڪيترو مايوسُ آهہ!
هر گهٽيءَ ۾ لُٽجي پيو ٿو آدميت جو سُهاڳ-
سون چانديءَ جي سجايل 'جانڊ هن' ۾،
اندران ئي اندران ڏس زندگي پِسجي پئي؛
آبرو لُٽجي پئي،
امن و آزاديءَ سندي ظاهر ظهور!
'غير' ڏسُ ڪيڏو نہ آهي سربُلند،
ڪيترو مضبوط آ هِت سامراجُ!

سراج جي علامت 'جانڊهن ۾ زندگيءَ جو پِسجڻ' جديد دور جي 'ٽارچر سيلن' سان مشابهہ نہ آهي؟ اڄ ڪراچيءَ وٽ 'سنڌو ساگر' مايوس نہ آهي؟ ڪراچيءَ جو ماحول 'ٻاهرين جي آمد (Influx) سبب

اجنبي نہ ٿو لڳي؟ پٺاڻ، پنجابي ۽ پناهگير، سامراج جي صورت اختيار ڪري نہ چڪا آهن؟ سراج، مستقبل بين شاعرَ، سچ نہ لکيو آهي؟

ها، البت 'ڪراچي سنڌ کان کسجڻ' کان پوءِ بہ سراج اُميد پرست رهيو هو تہ: 'زمانو منتظر آهي، نئون دور ڪَر موڙي رهيو آهي، پِرهہ جاڳڻ واري آهي، ڪراچي، سنڌڙيءَ سان هڪ ٿي ويندي!" ۽ ائين ٿيو ڪراچي سنڌ کي واپس ملي، سنڌ جي راڄڌاني بڻي. پر اڄ وري 'مهمان'، 'مالڪ' ٿيڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن. آءٌ چاهيان ٿو تہ هن موقعي تي سراجَ جي دوست، سراج جي رفيقَ، ويهين صدي ۽ ايڪيهين صديءَ جي وڏي شاعرَ، شيخ اياز جو 1985ع ۾ لکيل 'رڻ تي رم جهم' ڪتاب (1986ع) ۾ ڇپيل، 'ڪراچيءَ' بابت، ساڳئي سراج واري بحر وزن ۾ لکيل آزاد نظم پڻ هتي پيش ڪريان، ۽ موازنو ڪريان تہ بنهي همعصرن، ڪراچيءَ کي ڪهڙيءَ نظر سان ڏٺو آهي. سراج جو نظم 57 سال پراڻو ۽ اياز جو 37 سال پراڻو نظم آهي:

**شيخ اياز:**

جِهلملائيندڙ ڪراچي!
روشنيءَ جا گيت ڳائيندڙ ڪراچي!
سنڌ جي آهين ڪراچي!
اڄ بہ مان
تنهنجي رستن کي مُندي جئن جڙ تہ پُورو ٿو اچان!
اڳ گرومندر کان ٽورو اڳيرو ويندي هئينءَ،
شامَ جو ڪيئي ٽَلا تهہ تهہ ڪندا نيندي هئينءَ،
ڪوبلين جي ڪوڪ ڏي جي ڏيان ويندو هو ڪڏهن،
چنڊ ايندو هو نظر آڪاسَ ۾ ويندو تڏهن،
۽ ڪڏهن تارا هوا ۾ جُگنوئن جئن جڳمڳائيندا هيا،
پير منهنجا ڊگمگائيندا هيا،
عامليائين جي پٽيان-
اڄ بہ مان
تن کي ساري تن جي خوشبوءَ ۾ وڃان ٿو ويڙهجي،

ڏئو، ڪ ڪوبل جي هڏان ٿو تن جي جادوءَ ۾ وجان ٿو وبڙهجي،
تنهنجو لالو ڪيت، اورنگي بہ مون لئہ اجنبي
ناهن ڪُنوار!
مون رُنو هو زار زار
'تانتيا توپي' جڏهن ڦاهي چڙهي مردانہ وار
ڪالهہ رَسيءَ ۾ لُڏيو بي اختيار
مون چُميا ها پير اُن جا بار بار،
ڪاش! هُن جا هم وطن
ايترو سمجهي سگهن
ڪيئَن آزادي ملي؟
ڪير ها ورتي هُئي جن
شاهراهن ڪي جڏي سوڙهي ڳلي؟
اج بہ مان هي ٿو چوان
ڪاش، ٽيپوءَ جئن مران!
ڪوبہ دکن ڪان ڪراچيءَ ۾ اچي
ان ڪري مون لاءِ ناهي اجنبي،
هِت بہ آهن تُنهنجي اوچن بنگلن،
مير صادق وانگيان ننگِ وطن،
پاڻ سان غدار آهن
زندگيءَ جي هار آهن،
تن ڪي ڪيئي نوڪريون ۽ ڪيئي ڪاروبار آهن
پو بہ ڪجهہ ناهي وَٽن،
جي نہ آ منٽي تہ پوءِ کهڙو ڪفن!
تون يلي ڪشمير ڪان ڪارو منڊل تائين لڳين
منهنجي دل ۾ ٿي وسين:
تون سچي تاريخ آهين
ذرتتيءَ جي چيخ آهين

دل ڏڪائيندڙ ڪراچي!
جهلملائيندڙ ڪراچي!
اڄ بہ مان،
تنهنجي رستن کي مُنڌيءَ جئن چڻ تہ پورو ٿو اچان!

سچ چيو آهي ڪنهن تہ: 'Peaks of Mountains see each other' يعني: 'پهاڙن جون چوٽيون ئي هڪ ٻئي کي ڏسنديون آهن'. سنڌي ادب جي هنن ٻن پهاڙن جي سوچ جي يڪسانيت، فڪري گهرائي، چٽليڻجن تي نظر ۽ مستقبل بينيءَ ۾ مماثلت ڪمال جي آهي. 'جهلملائيندڙ ڪراچي' نظم لکڻ وقت اياز جي شعور، لاشعور يا تحت الشعور ۾ سراج وارو نظم 'ڪراچي' هو يا نہ، پر ٻنهي جي آزاد نظمن جي ابتدا ۾ پنهنجي شهر لاءِ 'محبت ۽ رومانس' ساڳيو آهي. اياز وٽ ڪجهہ ذاتي رومانوي ۽ سراج وٽ ڪجهہ تاريخي ۽ رومانوي. جڏهن تہ سراج جي نظم جي پڇاڙي، ڪراچي، سنڌ کي واپس ملڻ واري اُميد پرستيءَ واري جذبي سان معمور هئي، ۽ اياز پنهنجي نظم ۾ 'تانتيا توپي' (جهانسيءَ جي رائيءَ جي ساٿي، بهادر وطن پرست) جي هم وطنن کي مخاطب ٿي جيڪي ڪجهہ چيو آهي، ڪيڏو نہ سچ آهي. ڪيڏو نہ ڪڙو اظهار آهي! پوءِ بہ ڪراچي، سندس دل ۾ وسي ٿي، اسان جي دل ۾ وسي ٿي:

ڪوبہ دکن کان ڪراچيءَ ۾ اچي،
اَن ڪري مون لاءِ ناهي اجنبي،
هِت بہ آهن تنهنجي اوچن بنگلن،
مير صادق وانگيان ننگِ وطن،
پاڻ سان غدار آهن،
زندگيءَ جي هار آهن،
تن کي ڪيئي نوڪريون ۽ ڪيئي ڪاروبار آهن،
پوبہ ڪجهہ ناهي وٽن،
جي نہ آ مٽي تہ پوءِ کهڙو ڪفن!
تون پلي ڪشمير کان ڪارو منڊل تائين لڳين،

منهنجي دل ۾ ٿي وسين؛
تون سڄي تاريخ آهين
ڌرتيءَ جي چيخ آهين
دل ڏکائيندڙ ڪراچي!
جهلملائيندڙ ڪراچي!
اڄ ٻه مان،
تنهنجي رستن ڪي مُنڊيءَ جئن جڙ ته پورو ٿو اچان!

ڪراچي، اياز جي ’دل ۾ ٿي وسي‘، ’هوءَ سڄي تاريخ ۽ ڌرتيءَ جي چيخ‘ آهي، ۽ ايازاُن جي ’رستن ڪي مُنڊيءَ جئن پورو ٿو اچي‘ - ۽ سراج لاءِ ڪراچي، ڪلهه به، اڄ به سياٽي به ’سنڌ جو سينگار‘ ۽ رُوح - وطن آهي:

اي ڪراچي، سنڌ جا سينگار، اي روحِ وطن!
اي ڪراچي، جانِ سنڌ، روحِ وطن!

# وطن! تنهنجي متي اوڍي سُتاسين!

## نصير مرزا

وقت ڪنهن ريشمي ٿانَ وانگر منهنجي ذهن ۾ کلي رهيو آهي ۽ مون کي پنهنجي ڳوٺ ٽنڊي نوڙهي جو اُهو وقت ياد اچي رهيو آهي، جڏهن سٺ واري ڏهاڪي ۾ سراج صاحب جو خاندان عارضي طور ٽنڊي ڄام مان لڏي اچي اسان جي ڳوٺ ۾ رهيو هو. استاد محمد يعقوب ميمڻ، ادي فهميده (حسين)، عبدالحق عظيم، ادا انعام ميمڻ ۽ ادي انيس وغيره.....

هي ٽنڊو نوڙهو، جنهن جو ٻيو نالو قليچ آباد بہ آهي.... انهيءَ ۾ هي خاندان سڄاڻ سائينءَ جي پهرئين مولف **مرزا علي قليچ بيگ** ۽ سنڌ جي پهرئين مسلمان ايڊووڪيٽ جنرل، خانبهادر سڪندر بيگ مرزا وارن جي عين حاويليءَ آڏو اچي رهائش پذير ٿيو هو. تڏهن ٽنڊي نوڙهي ۾ ڪيڏو نہ علمي ادبي ماحول هوندو هو ۽ هڪ پاسي ڪتب خانءِ قليچ....بابِ قليچ....سامهون باغ ئي باغ. پريان پڄاري واهہ ۽ ٻئي پاسي ڦليلي واهہ ۽ ان جي ڪناري سان وڻ ئي وڻ ۽ انهن جي پرسان تعليمي ادارا..... ۽ انهن ئي درسگاهن منجهان مرزا قليچ بيگ پرائمري اسڪول ۾، سائين محمد يعقوب ميمڻ صاحب جن پرائمري استاد (هيڊماسٽر) هوندا هئا ۽ هيڏانهن سراج صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي بوڪ اسٽال جو مئنيجر ۽ پوءِ اسسٽنٽ سيڪريٽري بنايو ويو.... جتان نهايت جلد تہ ماهي ”مهراڻ“ ۽ ”گُل ڦُل“ جهڙا رسالا جاري ٿيا ۽ سنڌ اندر سنڌي ادب روشن خياليءَ سان روشن ٿيڻ شروع ٿي ويو.. ۽ اتي جويي صاحب جي ئي صحبت طفيل سراج صاحب کي شيخ اياز.... جمال ابڙي ۽ رسول بخش پليجي صاحب جهڙن سجاڳ دماغن سان شناسائي ٿي ۽ ائين هڪ ٻئي جي صحبت ۽ ساٿ سان هي سڀ

رچي ريتا ۽ رتول ٿيندا ويا. تڏهن تنوير عباسي صاحب پنهنجو هي شعر بہ تہ ان ئي زماني ۾ لکيو هو:

’پيار ڇُهي ويو اسان سڀن کي، سونا ٿي ويا آهيون.‘

1962ع ڌاري سراج صاحب جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو، ”اي درد هلي آءُ.....“ ظاهر ٿيو. تڏهن مجموعي ۾ آيل هڪ ڪهاڻي....”ٻهڙيءَ“ سبب تہ خاص طرح سان تہ هن جي ادبي شهرت کي چار چنڊ لڳي ويا. ان مجموعي کانپوءِ، سندس نظريا ساز تحقيقي ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ شايع ٿيو تہ، هند سنڌ ۾ انهيءَ حيرت انگيز تحقيق آڌار، سراج صاحب جو شمار، عين ڀوهہ جوانيءَ ۾ ئي، لسانيات جي ماهرن ۾ ٿيڻ شروع ٿي ويو ۽ اهو ئي تہ اُهو دور هو، جڏهن سنڌ جا وارث قلمڪار سجاڳ ٿي چُڪا هئا ۽ سنڌ سان ٿيندڙ هاڃن جي تدارڪ لاءِ سيني قلم ڏٺين جا قلم، تحرڪ ۾ اچي چُڪا هئا. اهو سن سٺ وارو ڏهاڪو هو. پيئرن منجهان ادي انيسہ تہ منهنجي پيٽن سان گڏ ۽ ٻنهہ اسان جي گهر جي پرسان واري ئي اسڪول ۾ پڙهندي ۽ اسان جي گهر ايندي ويندي هئي ۽ مون کي ياد آهي... هي سڀ پيئڻ پاڻر مون کي چنڊ ستارن وانگر ئي پاسندا هئا ۽ انهن ۾ هي سراج الحق ميمڻ صاحب، تہ جهڙوڪر ننڊيڙو ديوتا پيو نظر ايندو هو. پانئيان ٿو..... ذهين ۽ حسين سراج صاحب ان وقت سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئا. پر ان کان شايد بہ ٽي سال اڳ ئي تہ حيدرآباد ۾ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي ”ڏيپلائي پريس“ ۾ رُڌئي روز تي، ڪتابن جا پروف پڙهندا هئا ۽ اُن ئي زماني ۾ ڏيپلائي صاحب کي بہ ڪتاب ”چين ۾ هارين کي زمين ڪيئن ملي؟“ ۽ ٻيو ڪتاب ”ڏکڻ مان ٿو سج اُڀري“ ترجمو ڪري بہ ڏنا هئائين. چون ٿا اُن ئي ڏيپلائي پريس جي ڪنهن ڪرسيءَ تي ڪم ۾ ’منهمڪ ويٺل هن خوبرو سراج تي، محمد ابراهيم جويي صاحب جي جيئن ئي پارس نگاهہ پئي هئي، هن نوخيز پروف ريڊر ۽ مترجم سراج صاحب جون سڀئي راهون سون جون ٿي ويون هيون. تڏهن ڏيپلائي صاحب جي پريس مان جويي صاحب هن هيري کي ڪڍي سنڌي ادبي بورڊ جي مُنڊيءَ ۾ وڃي جڙي ڇڏيو هو.

ون يونٽ لاڳو ٿي چُڪو هو ۽ شريف ڪميشن سبب دلين ۾ نفرت جون باهيون ڀڙڪي چُڪيون هيون. اجهو نياز همايوني صاحب، پنهنجو هي بي پناهه طاقتور شعر اُن ئي زماني ۾ تہ لکيو هو:

روئيندي روئيندي نيرَ ڪني ويا، لَهُو اچي ويو لڙڪن ۾،
آءٌ ڪيئن ڪِلندي ڪير پيان، منهنجي سنڌڙي آهي سُڏڪن ۾!

هيڏانهن هٿي پاسي وري شيخ اياز صاحب سنڌ ۾ آواز اُڀاريو: ”مون شعلا شعلا گيت، جيئن تنهنجو چارو روشن ٿئي.“

تڏهن نثر ۾، پنهنجي شعلا بياني سان سنڌ جي جوڌن، ڌودن ۽ سوڍن لاءِ هڪ زبردست جنگ نامو... ناول جي اسلوب ۾ سڀ کان اول سراج صاحب ئي تحرير ڪيو ۽ نالو رکيائينس: ”ڀڙاڏو سوئي سڏ“ جيڪو اصل ۾ تہ ترخانن جي بدترين دور ۾ سنڌ سان ٿيل هاڃن جو تذڪرو آهي، پر درپرده هر دور ۾ سنڌ ۾ آيل ڌارين جي لوڌ، يلغار ۽ پنهنجن کي، اکيون پٽي رکڻ جو زبردست درس بہ اُن ۾ آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ناولن جي ٽريالاجيءَ جو بنياد رکندڙ سراج سان، پنهنجي ذاتي تعلق بابت بہ ڪجهہ لکندو هلان... ۽ اها ڳالهہ بہ ڪيترائي سال پراڻي آهي، جڏهن ڪراچيءَ ۾ هو ڪنهن ادبي محفل ۾ موجود هو. جو مون اڳيان وڏي زندگيءَ ۾ ڦريون پيرو ساٿس هٿ ملائي ڪيس پنهنجو تعارف ڪرايو هو. تڏهن منهنجي حيرت جي انتها نہ رهي، جڏهن پنهنجي گنڀير آواز ۾ منهنجي چهري ڏانهن ڏسي بي اختيار چيو هئائون: ”اڇا! تہ تون آهين نصير مرزا....“ تڏهن دل ۾ خوش ٿي چيو هئم، ”واهہ!.... معنيٰ تہ سراج صاحب جهڙي هستي منهنجي نالي ۽ ڪم کان اڳي ئي آگاهہ آهي“! بعد ۾ نوي واري ڏهاڪي ۾ شيخ اياز فائونڊيشن جي هڪ ميٽنگ ۾ لکڻ وارو قلم..... مون پاڻ وانگر ئي سنڌن ڪابي هٿ ۾ ڏنو ۽ پوءِ ميٽنگ بعد رات جي مانيءَ وقت سنڌن ئي رهائشگاهہ تي اسين ڊائننگ ٽيبل تي ويناسين، تہ جويي صاحب، مهتاب راشدي آپا، رباني، آگري صاحب ۽ جمال رند جي موجودگيءَ ۾، مون کي سراج صاحب جي ئي پير ۾ ويهڻ لاءِ ڪرسي نصيب ٿي هئي، اڙي واهہ.....ڏنم اُتي بہ هنن ڪنهن بہ ڊش مان ڪجهہ بہ کڻڻ لاءِ،

مون وانگر ٿي، ڪاڀي هٿ کي پٺيءَ گهٽو استعمال ڪيو. تڏهن رهي نہ سگهيو هئس ۽ چئي ڏنو هئو مان، ’سائين! آءٌ بہ توهان وانگر ڪاٻڙيل آهيان.‘ تڏهن فورن مِٺي مُرڪ سان وراڻيائون: ”نصير!..... هي آءٌ ٿي چا بابا...، منهنجي گهر جا سڀ ياتي ٿي ڪاٻڙبل اٿئي.“

تازو...رباني صاحب جي ڪهاڻي ڪليات، آبيعات“ تي مهاڳ لکرائڻ لاءِ، ادي فهميده حسين معرفت ڪيس مسودو موڪليم، تہ اُن تحرير ۾ رباني صاحب جو تذڪرو پوءِ..... اول مون ٿي بابت ههڙا شاندار ۽ سون ۾ تورڻ جهڙا لفظ لکيائون: ”نصير مرزا جو حڪم آهي تہ ربانيءَ جي ڪهاڻين تي ڪجهہ لکي موڪليان. سو هاڻي نصير جهڙي پياري شخص کي ڪيئن نااُميد ڪريان، جنهن منهنجي نظر ۾ ادب ۽ فن ۾ اهڙو نانءُ ۽ مرتبو حاصل ڪري ورتو آهي. جنهن جو هو لائق بہ آهي ۽ مستحق بہ!“ سراج صاحب جا پاڻ بابت اهي لکيل لفظ پڙهي خوشيءَ ۾ اُن وقت، جيئن لڙڪ لاڙڻ شروع ڪري ڏنا هئم، اِجهو اِئين ٿي.... سندن لاڏاڻي جي خبر ٻڌڻ سان اکيون اشڪبار تي ويون هئم..... تڏهن مون کي سندس پهرئين ڪهاڻي مجموعي جي سرنامي تي درج نياز همايونيءَ جي هيءَ سٽ يڪدم اکين جي آڏو اُڀري آئي:

’اي درد هلي آءُ تہ يادن جي جزيري ۾ هلون!‘

سراج صاحب، سنڌ جا نهايت اُميدپرست ۽ وطن جي روشن آئيندي تي ويساهہ رکندڙ عظيم قلمڪار هئا، جن پنهنجي ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي انتساب ۾ لکيو هو تہ: ”سنڌ جي اڳوڻن، هاڻوڪن ۽ ايندڙ وقت جي سورهيہ سوڍن جي نالي“، ۽ اڄ ان انت سان پڙهڻ بعد مون کي پڪ آهي تہ..... سنڌ جي سنڌي سمونڊ ڪناري... مائي ڪولاچيءَ واري شهر ۾ ڪالهہ..... لحد ۾ جڏهن پاڻ لهي چُڪا هوندا..... تڏهن سنڌ جي ماضيءَ وارا سڀ سورهيہ دودا.... جوڌا ۽ سورما.... ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ واري هن بهادر ليکڪ سراج صاحب جي اعزاز ۾ آجيان ۾ يڪدم ٿي.... اُتي بيهي رهيا هوندا. ۽ احترام سان کين سلامي ڏيڻ لڳا هوندا.

(سومر: 04 فيبروري 2013ع)

# سراج: سنڌ جو عاشق ليکڪ

## آفتاب ابڙو

سراج الحق ميمڻ سنڌ جي انهن اهم شخصيتن مان هڪ آهي جن لاءِ لطيف سائين چيو آهي تہ ”مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي، تنين سنڌي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي“. سراج سنڌ جو اهو سپوت هو، جنهن جو هر عمل سنڌ جي ترقي ۽ سُڌاري سان واڳيل هو. هو جنهن بہ شعبي ۾ رهيو انتهائي متحرڪ ۽ باخبر رهيو. کيس پنهنجن ۽ پراون جي چڱي پَر خبر هئي. ڪهڙي رٿا سنڌ جي ڀلائيءَ ۾ آهي ۽ ڪنهن منصوبي (هو منصوبي کي منفي انداز ۾ وٺندو هو) مان سنڌ کي ڪهڙو ممڪن خطرو ٿي سگهي ٿو ان جو کيس چڱي ريت ادراڪ هو. پيپلز پارٽيءَ جي پهرين دور ۾ جيڪي چڱا فيصلا ٿيا، انهن ۾ سراج صاحب جو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان صلاح مشورو شامل هو. سراج صاحب جي دلي خواهش هئي تہ ”شاهہ جي رسالي“ جي معياري ۽ جامع لغت جوڙجي، جنهن ۾ هر لفظ جو رومن لپيءَ ۾ تلفظ (Transliteration) ان جو ڌاتو (Root) تہ اهو لفظ ڪهڙي ٻوليءَ سان تعلق رکي ٿو. ڌاتوءَ مطابق ان جي معنيٰ: مثلاً شمشير (Shamsher) شم= نهن + شير= شينهن. اهو لفظ عربي ٻوليءَ جو آهي. جنهن کي تيغ، تلوار ۽ ذوالفقار بہ چوندا آهن. شاهہ سائين ان کي ’ترار‘ طور بہ استعمال ڪيو آهي. انگريزيءَ ۾ sword، فارسيءَ ۾ بہ شمشير چوندا آهن. ان لفظ جي عام رواجي سنڌي لغت مطابق معنيٰ ۽ شاهہ سائين جي مخصوص معنيٰ ڏجي ۽ حوالي طور بيتن ۾ ان جو استعمال سمجهائجي. ان ڪم لاءِ مون کي اسٽنٽ طور مقرر ڪيائون. ڪجهہ وقت سندن نگرانيءَ ۾ ڪم ڪيم ۽ ڏاڍو پرايم، پر پوءِ هڪ تہ سندن مصروفيتون وڏي وِيون، ٻيو تہ ڪم جي نوعيت تمام

متاثر ٿي انهن لفظن کي ٿي سگهيو ته هر لفظ جو ڌاتو ڪيڻ آسان ڪم نه هو پيو ته سراج سائين جو ٻوليءَ بابت پنهنجو نظريو هو. جيڪو بلڪل حقيقت تي مبني هو. مثلاً اصل لفظ 'اک' آهي. ان مان پوءِ 'آنکهه' ٿيو. بنيادي لفظ 'پت' آهي. هندي ۾ اهو 'بهات' ٿيو وغيره. ان کان پوءِ ساڳي ڊڪشنريءَ بابت فقير محمد لاشاريءَ کي به آڇ ڪيائون، پر هو به هام ڀري نه سگهيو. آخر ۾ پاڻ ويهي ڪاربن تي ڪم ڪيائون. بقول ميڊم فهميده جي ته ڪافي ڪم اڪلائي ويا هئا. جيڪڏهن اها لغت شايع ٿئي ته شاهه لطيف کي سمجهڻ ۾ تمام گهڻي آساني ٿيندي. سراج سائين سنگت سان ۽ نوجوانن کي همٿائيندي، هميشه اها صلاح ڏيندو هو ته وقت جي رفتار کي سمجهو. جيئن سڌريل سماجن ۾ ٿي رهيو آهي. اهڙا طريقا اختيار ڪريو. هڪ ڀيري مون کي سمجهايائون ته "آفتاب، شاهه لطيف تي ڪم ڪرڻ بنهه آسان ٿي پيو آهي. جو سائينءَ جو سڄو رسالو اڄ انچ جي USB ۾ اچي ويو آهي. ان کي جتان گهرون آسانيءَ سان ڪلڪ (Click) ڪري ڳولي سگهون ٿا. سڄي رسالي کي ڦولهڻ جي هاڻي ضرورت نه آهي." هي اهو دور هو. جڏهن هٽ ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ به ڪمپيوٽر مشڪل سان متعارف ٿيو هو.

سراج الحق ميمڻ بنيادي طور افسانوي ادب جو ماڻهو هو. سندس پهرين تخليق مهان اديب ڪرشن چندر جي ناول "جب صبح هوتي هي" جو ترجمو 'ذڪڻ مان سج اڀري ٿو' آهي، جيڪو محمد عثمان ڏيپلائيءَ 1952 ڌاري شايع ڪيو هو. سنڌ ۾ هي ترقي پسند سوچ جي پهرين اهم ڪتابن ۾ شمار ٿئي ٿو. ان سان گڏ هن يورپ ۽ روس جي مهان ليکڪن جي اهم ڪهاڻين جو به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سندس فهم ۽ فڪر ۾ رومانيت رچيل بسيل هئي، جنهن جو اظهار هن پنهنجن ناولن "پڙاڏو سوئي سڏ"، "مرڻ مون سين آءُ"، "پياسي ڌرتي رمندا بادل"، "منهنجي دنيا هيڪل ويا ڪل" ۽ "تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول" ۾ ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ جي ڪردار سازيءَ تي ڪيس قدرت حاصل هئي، جنهن جو ذڪر سنڌ جي ڪيترن ئي ناليوارن افسانا نگارن: جمال رند، نسيم کرل، غلام رباني آگرو، جمال ابڙي ۽ امر جليل به ڪيو آهي. سراج صاحب کي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت سان ايمان جي حد تائين پيار هو.

هن جيڪو لکيو پڙهيو ۽ ڳالهايو ان جو محور سنڌ ۽ صرف سنڌ هئي. سراج صاحب ناولن سان گڏ درسي ڪتاب انگريزيءَ مان ترجمو ڪري، ڪي اصول ۽ ضابطا جوڙيا تہ سنڌي ۾ ترجما هن ريت ڪبا آهن. سراج صاحب جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ۾ هو تہ هن سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال، جوڙجڪ ۽ بيهڪ جي نشانين جي قاعدن ضابطن بابت اهم ۽ مثالي ڪم ڪيو جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ رهنما اصول مڃيا وڃن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت، سندس لکڻ هڪ عجيب حادثو هو. 1959ع ڌاري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هڪ تفصيلي مضمون ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ مهراڻ ۾ ڇپيو جنهن جو مول متن اهو هو تہ ”سنڌي ٻولي پنهنجي تاڃي پيٽي ۾ جوڙجڪ جي حوالي سان سامي ٻولين: عربي، عبراني ۽ تورانيءَ مان نسري نروار ٿي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي سرشتو عربيءَ مان ورثي آهي“. اهڙي موقف سنڌ سان اٿاهہ پيار ڪندڙ ترقي پسند ليکڪن کي ڇرڪائي ڇڏيو. سنڌ ۾ هلچل پيدا ٿي، پر ان جو جواب لکڻ لاءِ ڪو تيار ڪونہ هو. پوءِ سائين ابراهيم جويو، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ جي حد کان وڌيڪ اصرار تي سراج کي سندرو ٻڌڻو پيو. هن لاڳيتار پنج ورهيہ گوڏو ڄيجي، ان موضوع تي مطالعو ڪيو. ڇهہ ست پيرا موهن جي دڙي جا پيرا پڳا. راتين جو راتيون رهي مختلف اهڃاڻن تي ڪم ڪندو رهيو. سندس عشق جي حد اها هئي، جو رات جو خواب ۾ بہ موهن جي ديس جا مٽيءَ هاڻا، چاپئين ڏاڙهيءَ وارا ماڻهو سائنس ڪچهريون ڪندا هئا. ايئن جيئن سسئي کي ونڊر جي واٽ وڻن تي ڏسي! سراج صاحب آڌو سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد وارو ڪيس انتهائي ڳنڀير بڻجي ويو. نہ صرف ڪيس هتي جي روايتي عالمن کي جواب ڏيڻو پيو پر انگريز محققن موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ وقت جيڪي انومان ڪيا هئا ۽ جيڪي غلطيون ڪيون هيون، انهن کي بہ درست ڪرڻو پيو. اها سڄي وارتا سندس ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ ۾ ڏسي سگهجي ٿي. سراج صاحب تاريخي حوالن سان اهو ثابت ڪيو تہ ’سنڌي ٻولي‘ هن ڌرتيءَ جي پيداوار آهي. سنسڪرت ۽ ٻيون پراڪرتون هن مان ڦٽي نڪتيون آهن. سنڌو لکت (Indus Script) مان ’براهمي خط‘ وجود ۾ آيو ۽ جنهن مان پوءِ ’سنسڪرت لپي‘ جڙي جڳ مشهور قديم

آثارن ۽ لسانيات جا ماهر جي-آر هنٽر، سي جي گنڊ ۽ مسٽر سڊني سمٿ بہ ان راءِ جا هئا. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت سراج صاحب پنهنجي راءِ بلڪ ايئن چئجي تہ مڪمل ٿيسز (Thesis) تحقيق جي مڃيل اصولن مطابق ڪتابي صورت ۾ "سنڌي ٻولي" جي نالي سان 1964ع ۾ شايع ڪرائي، جنهن جا موضوع آهن: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي تمدن، موهن جي دڙي جي سنڌي ٻولي. سندس اسلوب ۽ پيشڪش جو انداز بنهہ نرالو آهي: هڪ وڪيل وارو! سنڌ جي ادبي عدالت ۾ ڪيس هلي رهيو آهي تہ: "سنڌ جي ثقافت اصل آهي يا ڌارين! موهن جي دڙي وارو خط (لپي) هتان جو آهي يا ڪن ٻين لوڪن جو!!". سراج صاحب ڪيس جي سڀني پهلوئن تي تاريخي حوالن سان بحث ڪيو. سندس سامهون وڪيلن جو هڪ وڏو ۽ اثرائتو گروپ هو جنهن کي سول سوسائٽي، ڪتابي دنيا جي اديبن ۽ مذهبي پيشوائن جي سپورٽ حاصل هئي ۽ هيڏانهن هي تن تنها ادبي عدالت ۾ ڪيس وڙهي رهيو هو. سندس شاهديون اولهہ اوڀر جي ملڪن ۾ مڪاني ڪورٽن ۾ ماحول مان ورتل آهن. سندس ڪيس لڳاتار پنج ورهيہ هليو. آخر جيت حق جي ٿي ۽ سڀني ساڄهہ وندن اعتراف ڪيو تہ سراج صاحب جا دليل وزنائتا ۽ نوس ثبوتن تي ٻڌل آهن، ڪو بہ ذي فهم انسان انهن کان انڪار ڪري نہ سگهندو. سراج صاحب موهن جي دڙي جي ٻوليءَ تي تحقيق هڪ عاشق محقق جي حيثيت ۾ ڪئي آهي، ڏونگر ڏورڻ سڏائڻ ماڻهن جو ڪم نہ آهي، ان لاءِ اندر ۾ جهير هئڻ لازمي آهن! اهو ڪم پروفيشنل محققن کان گهڻو مٿي آهي. مصري، سميري، فينيشن وغيره قديم لپين جي انگڙين کي هڪٻئي سان ڀيٽي، کي مفروضا يا هٿ ٺوڪيا لفظ ناهڻ سان، اصل نتيجا ڪو نہ نڪرندا آهن. انڌن پرڻ سان آلجبرا جا ڏکيا حساب حل ڪري ڪونہ سگهبا آهن. موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جو پورو اهو پڄندو، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي اصولن، نحوي ترڪيبن، اڳياڙين (Prefixes، پڇاڙين (Suffixes) لڳائڻ جي بنيادي اصولن جي مڪمل ڄاڻ هوندي ان کان سواءِ ان محقق لاءِ بنهہ ضروري آهي تہ کيس سنڌ جي تمدني اهڃاڻن ۽ لاڙن جي چڱيءَ پر ڄاڻ هجي، ڇاڪاڻ تہ تاريخي طور سنڌ پنهنجي تمدني روايتن کي هر حال ۾ برقرار رکيو آهي. اهڙو ڪو بہ سمو نہ آيو آهي، جو اسان جي

تمدني ڌارا ۾ ڪا وڏي وٿي آئي هجي. اسان جي ڪائڻ پيئڻ، جمڻ مرڻ، ڪچهريون ڪرڻ، هڪٻئي سان ساٿ ڏيڻ جو سلسلو اڄ بہ تقريباً اهو ئي آهي. دلن ، مٽن، دڪين، چاڏين، پارن، تونرين، ڪونرن وغيره جي گهڙت تقريباً ساڳي آهي، جيڪا موهن جي دڙي مان لڌل مٽيءَ جي ٿانون جي آهي. انهن تي اڄ سوڌو ساڳيا چٽ چٽيا وڃن ٿا. ڏاندن جي جهلن، اٺن جي مهارن وغيره جي گهاڙيٽ اها ئي آهي. شهري عالم توڙي ٻاهريان اسڪالر سنڌ جي انهن نرالين وٿن کي آسانيءَ سان نہ سمجهي سگهندا. ان لاءِ تمام ضروري آهي تہ سنڌ جي انهن ثقافتي اهڃاڻن کي انهن جي اصلي ماهيت مطابق سڃاڻجي. سراج صاحب ان ڪان بہ وڌيڪ نشانين جو ملهہ ڪٿيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي کي سامهون رکندي، مهرن توڙي ٿانئن تي اڪريل/لکيل لفظن جون بامعنيٰ پڙهڻيون بہ ٻڌايون آهن. جيڪي هنئين سان هنيائڻ جهڙيون آهن. سراج صاحب انهن ۾ تاريخي تسلسل، علم لسانيات جي Philology مطابق ڏيکاريو آهي. ساڳئي وقت علم اشتقاق (Etymology) جي علمي ۽ عقلي بنيادن تي انهن لفظن جو ڇيد ڪيو بہ آهي. ان ڏس ۾ بين عالمن بہ ڪافي لاپائتيون ڪوشش ڪيون آهن، پر سراج صاحب جو ڏڳ سڌو آهي. ڪاش! سراج صاحب جي اها ٿيسز (Thesis) واري ڏهاڪي ۾ انگريزيءَ ۾ پيش ڪئي وڃي ها تہ هوند سنڌو لکت بابت تحقيق ۾ بين الاقوامي سطح تي ڪافي اڳ پرائي ٿي چڪي هجي ها. اوندهہ ۾ لٽيون هڻڻ وارن کي سهائي ملي وڃي ها! وري بہ چڱي خبر اها آهي تہ بہ سال اڳ ان جو انگريزي ترجمو "Sindhi Language" جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي.اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ اهڙا سپوت حادثاتي طور جنم وٺندا آهن ۽ پنهنجي صلاحيتن سان اهڙو مقام حاصل ڪندا آهن، جتي رسڻ عام ۽ خاص جي وس کان مٿي هوندو آهي. سندن ڪردار ۽ اصول ايندڙ وقت لاءِ سنگ ميل ثابت ٿيندا آهن. جهڙوڪ ريت شهيد ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجو رتبو جوڙيو. سچ پڇ تہ سنڌ هڪ مؤرخ ، محقق، عاشق، عظيم ليکڪ ۽ صحافيءَ کان محروم ٿي ويئي. اهڙي گهڻ رخي شخصيت جي پيدا ٿيڻ ۾ وقت لڳندو. تيسين علم ادب جا گهڻگهرا کيس پيا ياد ڪندا.

# هڪڙي جينيس جي تشڪيل

## محمد علي ڏيپلائي

پنجاهه واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ هڪ ڏينهن، ٽنڊي الهيار جو معروف ٽرانسپورٽر مرحوم حاجي صادق ميمڻ هڪ سنهڙي سيبتي، صاف سٿري نوجوان کي محمد عثمان ڏيپلائي صاحب وٽ وني آيو. چي: "ادا، هي اُستاد محمد يعقوب جو فرزند سراج الحق آهي. مئٽرڪ پاس ڪئي اٿس. تمام هوشيار ۽ ذهين آهي. وڌيڪ تعليم لاءِ حيدرآباد اچڻ چاهي ٿو. ڪيس روزگار کپي."

تن ڏينهين ڏيپلائي صاحب جو ڪاروبار (اسلاميه دارالاشاعت، اسلاميه پريس، قرآن پريس، قرآن ڪمپني، اداره لطيفي، هفته وار عبرت، ماهوار انسان وغيره) بڙ جي هڪ گهاٽي ۽ تناور وڻ مثل هو. پاتال ۾ پاڙون، گهاٽن ساون پنن سان ٽمٽار ۽ چوطرف ڦهليل، جنهن ۾ انيڪ قسمن جي پکين اچي آشيانا ٺاهيا هئا ۽ سوين جاندار اُن جي ڇانوَ ۾ اچي وسرام ڪندا هئا. اصل جيڪو "آيو سو اگهيو" وارو معاملو هو. ڏيپلائي صاحب تازو قرآن شريف جي عام فهم بامحاوره ترجمي مان فارغ ٿيو هو. جديد رنگ ۾ ٽائيپ ۽ بلاڪن سان سينگاريل، سنڌ جي علمي ۽ اشاعتي تاريخ ۾ نئون موڙ آڻيندڙ ترجمي جو هيءُ ايڊيشن سندس خوابن جي تعبير هو ۽ عوام ۾ ڏاڍو پسند پيو هو پر شڪي مزاج سي. آءِ. ڊي چڙي پئي. چي: "هي شخص ڪميونسٽ آهي!" ڏيپلائي صاحب تپرس حيرت ۾ پئجي ويو. ٻڌو هئائين تہ ڪميونسٽ ڪافر، دهريا ۽ خاص طور تي اسلام جا دشمن آهن، پوءِ پاڻ کي مبلغ اسلام سمجهندڙ تي هي الزام ڪيئن ۽ ڇو مڙهيو ويو؟

انهيءَ ڳجهارت کي سلجهائڻ لاءِ هن سوشلزم، انسانيت ۽ قوم پرستيءَ تي ٻڌل ادب جو مطالعو شروع ڪيو. مئڪسم گورڪيءَ جي 'امڙ' کي پڙهيائين.

محمد ابراهيم جويي صاحب جي رهنمائي حاصل ڪيائين. پناڻيءَ جو نئين سر مطالعو شروع ٿيو ۽ نه پهه 'اداره انسانيت' جو بنياد پيو جنهن جي ذريعي ترقي پسند لٽريچر جا سنڌيءَ م ترجما ڇپجڻ لڳا. پريس ۾ ڪم جي بنهه گهڻائي ٿي وئي. ڪم جي ڳولا ۾ هر آيل اڳهامڻ لڳو. پريس پانت پانت جون سوچون رکندڙن جو جڻ تہ 'هائيڊ پارڪ' ٿي وئي.

مطالعي جي شوقين ڏيپلائي صاحب کي انگريزي ڪانہ ايندي هئي. ڪيس دنيا ۾ جديد روين بابت معلومات حاصل ڪرڻ جو بنهه گهڻو شوق هو. سو هڪ اڌ سوال ڪري، سراج جا اکر ڏسي ڏيپلائي صاحب کيس پنهنجي خصوصي نائب طور رکيو. پروف ريڊنگ کان سواءِ ڏيپلائي صاحب جي مطالعي واسطي، جويي صاحب جا تجويز ڪيل انگريزي ڪتاب پڻ ترجمو ڪرڻا هئس. ڏيپلائي صاحب جي آفيس لڳ هڪ ڪئبن ۾ سندس نويڪلي آفيس قائم ٿي. انگريزي، اُردو ۽ سنڌي ڊڪشنريون اچي ويون. پگهار وقت جي مروج فارمولي تحت رپيو روز مقرر ٿيو. (سستائيءَ جو دور هو. ڪٽڪ ست رپيا مڻ ملندي هئي).

سراج صاحب پنهنجي دلپسند ڪم ۾ جنبي ويو. قدرت طرفان ڪيس صحافت، ادب ۽ اشاعت جي مختلف شعبن ۾ تجربو حاصل ڪرڻ جو نادر موقعو عطا ڪيو هو. ان کان سواءِ پريس تي ايندڙ ويندڙ سنڌ جي ذهين شخص جويي صاحب، ع.ق شيخ، ابن حيات پنهور، گرامي صاحب، پرواني پتي، ڪميونسٽ پارٽيءَ سان تعلق رکندڙ احمد 'انسان'، قادر بخش نظاماڻيءَ وغيره سان بہ ڏيٺ ويٺ ٿيڻ لڳس.

سدائين اڇو اجرو رهندڙ خاموش طبعيت، پنهنجو پاڻ ۾ گم رهندڙ ايندڙ ويندڙن توڙي ساٿي ڪم ڪندڙن سان ڪو خاص ميل جول نہ رکندو هو. پنهنجي ڪم ۾ مگن رهندو هو. ڏيپلائي صاحب کيس شفقت ۽ عزت سان 'مسٽر سراج' ڪري مخاطب ٿيندو هو. اهي سڀ ڳالهيون بين لاءِ ڪجهہ عجيب هيون.

وقت گذرندو بلڪ ڊوڙندو رهيو. سراج صاحب انٽر آرٽس امتيازي نمبرن ۾ پاس ڪيو. ڏيپلائي صاحب ڪرشن چندر جو ڪتاب 'صبح هوتي

هي' سراج ڪان ترجمو ڪرائي، سندس ئي نالي سان اول ماهوار انسان، ۽ پوءِ 'اداره انسانيت' طرفان 'سچ ڏکڻ مان ٿو اُڀري' جي عنوان سان شايع ڪيو. ٻن سؤ صفحن جي هن ڪتاب جي قيمت ٻه رپيا هئي. تازو ئي هن ڪتاب ڪي وري پڙهڻ جو موقعو مليم. ترجمي جي سهڻي ٻوليءَ ڪتاب کي اصل اردوءَ کان ٻه گهڻو وڌيڪ دلچسپ بنائي ڇڏيو هو. پانيان ٿو سنڌيءَ ۾ سراج صاحب جو هيءُ پهريون ترجمو هو.

انهيءَ دور ۾ سنڌي ادبي بورڊ نئين سر جويي صاحب جي سربراهيءَ ۾ هلي رهيو هو. ڏيپلائي صاحب جي مشوري سان بورڊ جي پنهنجي پريس قائم ٿي. جويي صاحب جي ڏيپلائي صاحب سان ٻنهي گهڻي ويجهڙائي هئي. حيدرآباد ۾ سندن اڪثر شامون ڏيپلائي صاحب سان گذرنديون هيون. ڪڏهن پريس ۾، ڪڏهن ڪراچي هوٽل ۾ ۽ ڪڏهن ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ته ڪڏهن خط و ڪتابت جي صورت ۾.

بورڊ جو ڪم تيزيءَ سان وڌي رهيو هو. ڏيپلائي صاحب جي سفارش تي جويي صاحب ڪيترن ڪارڪنن کي آزمايو پر سندس سخت گير ۽ محنتي طبعيت سان هلڻ آسان نه هو. آخر هڪ ڏينهن باهمي مشوري سان جويي صاحب سراج کي بورڊ ۾ آندو. سندس تقرريءَ جو آرڊر بابا آڻي سراج کي ڏنو. اهڙيءَ ريت سراج، جويي صاحب جهڙي پارس وٽ پهتو ۽ وٽس محنت ۽ صلاحيت سان اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي اهم عهدي تي فائز ٿي ويو.

سنڌي ادبي بورڊ ۾ سراج صاحب جي شموليت سنڌي ادب ۽ سنڌ واسطي نيڪ فال ثابت ٿي. جويي صاحب جي تربيت ۽ نگرانيءَ هيٺ سراج صاحب جي طبعيت ۾ ڏاڍو نکار آيو. سندس مطالعي ۾ وسعت آئي. مٿس قوم پرستيءَ جو رنگ چڙهڻ لڳو. سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت ڏانهن سندس توجهه مرڪوز ٿيڻ لڳي. سنه 1957ع ۾ ڊاڪٽر ايس.پي چيلاڻيءَ جي انگريزي ڪتاب: Economic Condition of Sind (1592-1842) جو ترجمو نهايت دلچسپ ۽ سهڻي انداز ۾ ڪيائين، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' جي عنوان سان شايع ڪيو.

انهيءَ دوران ڏيپلائي صاحب جون ڪاروباري حالتون خراب ڪان خراب ٿينديون ويون. سندس ڪاپيءَ ڏر سان وابستگيءَ، ڪيترن عام پڙهندڙن کي منجهائي ڇڏيو هو. وڏي عيال، ظاهري خوشحاليءَ جي دور ۾ بئنڪن ۽ عزيزن کان کنيل قرضن ڳڙ ڪنيا. ڏيپلائي صاحب کي مجبوراً سنڌي ادبي بورڊ ۾ هڪ ادني ملازمت ڪرڻي پيئي. هوڏانهن سراج صاحب، جوبي صاحب جهڙي انتهائي محنتي ۽ سخت گير آفيسر جي تربيت هيٺ رهي، پاڻ به اهڙو ئي سخت گير منتظم بڻجي چڪو هو. جوبي صاحب جا قريبي دوست به ڄاڻن ٿا ته آفيس کان ٻاهر جوبو صاحب جيترو رلڻو ملڻو ۽ خوش طبع هو آفيس ۽ سرڪاري ڪمن ۾ اوترو ئي سخت گير هو. سراج صاحب وري عام زندگيءَ ۾ به ڪن مخصوص دوستن کان سواءِ تمام ڪم گو الڳ ٿلڳ رهندڙ شخص هو.

هڪ موقعي تي سراج صاحب حيدرآباد جي بورڊ آفيس ۾ آڏٽ تي آيو. اُن زماني ۾ پبليڪيشن اسسٽنٽ طور اديبن ۽ هيڊ آفيس سان خط و ڪتابت ڪرڻ واسطي ڏيپلائي صاحب کي پنجويهه رپيا ماهيانو الائونس ملندو هو. سراج صاحب آڊيٽر طور ڏيپلائي صاحب کان انهيءَ الائونس جي حساب ڪتاب جو رڪارڊ گهريو. ڏيپلائي صاحب جي زباني وضاحت تي مطمئن نه ٿيندي، هن تقاضا ڪئي ته اهو الائونس باقاعدي رجسٽر ۾ داخل ڪري ۽ هر خرچ جو تفصيل لکيو وڃي. ڏيپلائي صاحب سندس اهڙي روبي کان ڪجهه قدر ڪڪ ٿيندي ۽ ڪجهه طبعاً مزاق ڪندي، ڪيسي مان پنجويهه رپيا ڪڍي اهو چئي سندس حوالي ڪيا ته: ”مون ڪو خرچ ڪيو ئي ڪونهي ته اُن جو حساب ڪتاب ڇا رکان؟“ سراج صاحب کيس هڪ دفعو ٻيهر سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سرڪاري معاملن ۾ حساب ڪتاب رکڻو پوندو آهي. ڏيپلائي صاحب جو هڪ ئي جواب هجي ته ”جڏهن مون رقم استعمال ئي ڪانه ڪئي آهي ته پوءِ حساب ڪتاب وري ڇا جو؟“

غالباً سراج صاحب جي اهڙي سخت گير روبي يا ٻين ڪجهه سببن جي ڪري ڏيپلائي صاحب بورڊ مان استعيفا ڏني ۽ وري پنهنجي محبوب مشغلي ۾ لڳي ويو. هاڻ ون يونٽ نهڻ ڪري، سندس پسنديده موضوع ون

يونٽ جي مخالفت ۽ قومپرستيءَ تي ناول لکڻ هو ۽ ترت ’جپاني گڏي‘، ’انور پاشا‘، ’1857ع جي جنگ آزادي‘ ۽ ’سسي نيزي پاند‘ ۽ ٻيا نالو ميدان ۾ آيا ۽ ضبط ٿيا. ايوب خان جي مارشل لا ۾ ڪيس جيل ۾ بہ رکيو ويو. هوڏانهن سراج صاحب پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان مرڪزي اعليٰ ملازمتن (CSS) جو امتحان پاس ڪري، انڪم ٽيڪس سروس لاءِ چونڊجي ويو. ساڻس گڏ مظهرالحق صديقي ۽ سيد نصير محمد شاهہ پڻ هئا. جن اڳتي هلي سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي ۽ نوجوانن واسطي اتساهہ جو ڪارڻ ٿيا.

# سنڌي لسانيات جي ماهر سراج کي سلام

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

انگريزي ٻوليءَ جي لفظن Language ۽ Linguistics جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ عام طور تي هڪ ئي يعني ”ٻولي“ ڪئي ويندي آهي، جڏهن ته انهن لفظن جون ڌار ڌار معنائون آهن. لينگئيج جي معنيٰ ٻولي زبان، ڀاشا. 1: ماڻهن جي وچ ۾ صوتي ۽ تحريري اشارن ۽ آوازن ذريعي رابطو 2: رابطي جي ڪا ٻي صورت، نشانن جو ڪمپيوٽر ۾ خاص طرح وارو استعمال ٿيندڙ لاڙو يا طريقو 3: ڪنهن قوم جي مخصوص ٻولي، 4. ڪنهن ماڻهو، گروهه يا ڪنهن ڌنڌي جي خاص ٻولي يا لهجو وغيره.

لنگسٽڪس جي معنيٰ آهي لسانيات. 1: ٻوليءَ جو علم يا سائنس. 2: ڪنهن خاص ٻوليءَ جو اڀياس (سنڌيڪا ڊڪشنري).

سنڌي ٻولي تمام گهڻي شاهوڪار آهي، ٻوليءَ جي ماهرن ۾ به شاهوڪار آهي، پر لسانيات جي ماهرن ۾ ڏاڍي غريب آهي. آڱرين تي ڳڻڻ جيترا لسانيات جا ماهر آهن. انهن ماهرن جي جيڪڏهن تاريخ ڏسنداسين ته گهڻي پاڳي انگريزن کان شروع ٿيندي. انگريزن کان جيڪڏهن ڳڻپ ڪجي ٿي ته انگريز عالمن کان سواءِ مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو آفتاب ابڙو ۽ شايد ڪجهه ٻيا شامل آهن. انهن سڀني ۾ رڳو ٽي عالم اهڙا آهن، جن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پنهنجا نظريا ڏنا آهن. انهن عالمن ۾ ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ سراج الحق ميمڻ اچي وڃن ٿا.

سراج الحق ميمڻ ڪان اڳ ۾ جيڪي نظريا آيا، اُهي هئا:

1. سنڌي ٻولي سنسڪرت جي لهجي وراچڊ اپڀرنش مان ڦٽي نڪتي، ڇاڪاڻ ته هن ٻوليءَ جا اڪثر لفظ سنسڪرت جا آهن. هن نظريي جا حامي انگريز عالم سرجارج گريئرسن هئا. سنڌ ۾ هن نظريي جو پرچار ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين ڪيو. ڇو ته جهڙي ريت پالي ۽ پراڪرت سنسڪرت مان نڪتيون، تهڙيءَ ريت سنڌي ٻولي ب. بين لفظن ۾ سنسڪرت جائي آهي. (ڀيرومل مهر چند آڏواڻي)

2. سنڌي ٻولي سامي سٽ جي ٻولين مان ڦٽي نڪتي. ٻين لفظن ۾ سنڌي ٻولي عربي، عبراني ۽ ٻين ٻولين مان جائي. (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

انهن ٻنهن نظرين جي حق ۾ مختلف عالمن جا رايا دليل ۽ حوالا ڏنا ويا آهن. سراج صاحب اهو پهريون ماڻهو هو جنهن انهن ٻنهي نظرين سان اختلاف ڪندي پنهنجي تحقيق وسيلي ثابت ڪيو ته سنڌي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي جائي ناهي، اها پاڻ هڪ مڪمل ٻولي آهي. ان تي سامي سٽ، سنسڪرتي ٻولين ۽ ٻين ٻولين جا گهرا اثر آهن. هنن ٻولين هڪ ٻئي کي لفظ ڏنا ۽ ورتا آهن. ان حوالي سان هن وڏي کوجنا ڪري مختلف مثال ڏنا آهن.

سراج صاحب جي ان نظريي کي تمام گهڻي پذيرائي ۽ مڃتا ملي. خاص طور تي جڏهن اسان دعوا ڪندا آهيون ته هزارين سال قديم تهذيب جا وارث آهيون. ماضيءَ ۾ سنڌي قوم تمام گهڻي قابل، مهذب، ترقي يافته ۽ عظيم هئي، وغيره وغيره. ثابتيءَ لاءِ موهن جي دڙي جو مثال ڏيندا آهيون. موهن جي دڙي جي آثارن مان اسان کي جديد نظام جون اهي سموريون سهولتون ۽ رٿابنديون مليون آهن، جيڪي اسريل ملڪن ۾ هن وقت رائج آهن. ڊرينج سسٽم، آبهوا مطابق اڏاوت، مارڪيٽ، تعليمي ادارا، عبادتگاهون، ڦيٿو (گاڏي) وغيره وغيره. پنج ڇهه هزار سال پهريان سنڌ جي دنيا ۾ اها حيثيت هئي ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪيڏو عروج هوندو؟ ان لاءِ تاريخون خاموش آهن. موهن جي دڙي مان مليل نشانيون، مهرون، ٺپا وغيره پنڌ پهڻ لڳا پيا آهن. انهن کي دنيا وارا پڙهي نه پيا سگهن. سرجان مارشل موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪري اسان جي تهذيب کي مڃتا ڏياري، جڏهن ته سراج ميمڻ ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پنهنجو نظريو ڏئي، سنڌي ٻوليءَ کي اها مڃتا بخشي ته جيئن سنڌو تهذيب ڪنهن ٻيءَ تهذيب مان ڦٽي نه نڪتي آهي، تيئن سنڌي ٻولي به ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي ڪک مان نه نڪتي آهي.

هن موهن جي دڙي مان مليل مهرن کي پڙهڻ جي به وڏي ڪوشش ڪئي، لڏل نشانين جون پڙهڻيون به مقرر ڪيون. هو سچي زندگي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ جاکوڙيندو رهيو هڪ طرف ته هو تحقيقي ڪم ڪندو رهيو جيڪو مختلف ڪتابن ۽ مقالن جي صورت ۾ عوام تائين پهچندو رهيو سندس اهو پورهيو ادب جي مختلف صفحن جهڙوڪ : تحقيق، ناول، ڪهاڻي، مضمون، مقالي ۽ شاعريءَ جي صورت ۾ آهي.

ٻئي طرف هو نوجوانن کي خاص طور تي لسانيات جي شعبي ۾ تحقيق لاءِ همٿائيندو رهيو مون کي ياد آهي ته سراج صاحب هڪ ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪو نوجوان سنڌي لسانيات ۽ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي پڙهڻ لاءِ تحقيق جو ڪم شروع ڪندو ته آءٌ ان کي اسڪالرشپ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر بدقسمتيءَ سان نوجوان انهن موضوعن کان پري ڀڄن ٿا. اسان جي تعليمي ادارن جهڙو ڪ: سنڌ يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي، وفاقي اردو يونيورسٽي ۽ شاهه لطيف يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي لسانيات ۾ ايم اي نه ڪرائي ويندي آهي، لسانيات هڪ سائنسي علم آهي، جنهن لاءِ ليبارٽري به ضروري هوندي آهي، يونيورسٽين جي سنڌي شعبن وٽ ان قسم جي ڪا به سهولت ناهي، نتيجي ۾ لسانيات تي جيڪو ٿورو ڪم ٿئي به ٿو ته اهو گهڻي ڀاڱي غير سائنسي بنيادن تي ٿئي ٿو تنهن کان سواءِ يونيورسٽين ۾ لسانيات جي ماهرن جي به کوٽ آهي.

سراج صاحب جي ڪيل ڪم مان سکڻ ۽ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ سيني ادارن کي جنگي بنيادن تي ڪم ڪرڻو پوندو. سراج صاحب جو وڇوڙو سنڌي لسانيات لاءِ ڪاپاري ڌڪ آهي، خدا ڪري ته اسان سراج صاحب کي خراج پيش ڪرڻ ۽ افسوس ڪرڻ کان سواءِ سنڌي لسانيات لاءِ به ڪجهه ڪري سگهون.

# تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول

عمر قاضي

سنڌي ساهت ۽ صحافت جي ڪارونجهر جهڙي انسان سراج ميمڻ جي موت جي خبر ڪي ٽي.وي ۽ جي ان ٽِڪر وڌيڪ افسوس جوڳو بڻائي ڇڏيو جنهن ۾ لکيل هو تہ 'سُڌ سماءِ جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جو چاچو ۽ سنڌي دانشور سراج ميمڻ گذاري ويو."

جي ها! هن وقت اسان اهڙي دور ۾ جيئڻ جي سزا مان گذري رهيا آهيون، جنهن ۾ ادب ۽ دانش کان وڌيڪ اهميت اُن سياست جي آهي. جنهن کي عام ٻوليءَ ۾ اقتداري سياست يعني Power Politics ڪوٺيو ويندو آهي، پر سراج ميمڻ پاور پاليٽڪس جي پُرڪشش چار جو قيدي شخص نہ هو. هن جي دل اُن سنڌ سان اڙجي وئي هئي، جيڪا صدين کان وٺي غلام رهي آهي. هو سنڌ سان ائين محبت ڪندو هو جيئن ڪوئي باغي پنهنجي قيدي محبوبا سان ڪندو هجي. ان تصوراتي محبت جي طلسماتي ڪيفيت ۾ رهندي، هُن جيڪو بہ لکيو سو اُن دور جي پڙهندڙن جي دلين تي ڇٽجي ويو. هن سنڌ سان پيار ڪرڻ جي سفر ۾ صرف هن ديس جي تاريخ جا طوفانن ۾ اڏامي ويل ورق تلاش ڪري نہ پڙهيا، پر هن موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي بہ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن سنڌ جو سياسي ماحول هُن جي تصور سان تال ميل ڪائڻ جهڙو نہ هو تہ هن پنهنجي لاءِ الڳ دل جي دنيا جوڙي. ها دنيا جيڪا هن جي ناولن ۾ آهي. هي وقت نہ آهي، جو مان سندس ناولن جي فني ۽ فڪري پهلوئن تي بحث ڪريان، پر ان حقيقت کان ڪوبہ انڪار نہ ڪندو تہ سراج جيڪو ڪجهہ بہ لکيو سو مجتا جي لاءِ نہ. پر سنڌ سان محبت جي لاءِ لکيو. هن جا اهي ناول جيڪي سنڌ جي تاريخ ڪي موجوده

دور ۾ منفرد انداز سان پيش ڪري رهيا هئا. تن تي جيڪڏهن ڊراما ناهيا وڃن تہ ٻڏندڙ ٻيڙيءَ جهڙو سنڌ جو ڪيس ڪافي حد تائين سِير تي اچي سگهي ٿو. پر سوال آهي تہ اهو ڪم ڪير ڪري؟ اسان جي سنڌي چينلن جي مالڪن کي پنهنجي شهرت حاصل ڪرڻ مان فرصت ڪانهي. پر اهو ڪم ”هم ٽي.وي“ جي مالڪ سلطانہ صديقي بہ تہ نہ ڪري سگهي آهي. جڏهن تہ هوءَ اها سنڌي خاتون آهي، جنهن جي دل ۾ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ هڪ احساس محسوس ٿيندو آهي ۽ هن جو چينل آهي بہ ڊراما چينل! ان ڳالهہ جو ذڪر مان اُن ڪري ٿو ڪريان تہ منهنجي خيال ۾ سراج ميمڻ کي ان ڪان وڌيڪ ڀرپور پيتا ٻي ڪابہ نہ ٿي ڏئي سگهجي. جو هن جا ناول ڊراماٽائيز ڪيا وڃن.

پر سراج صرف اديب نہ هو. هن جو سڀ کان وڏو ڪنٽريبيوشن بلڪ هڪ حد تائين هن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو صحافت جي ڪيتر ۾ هڪ سرڪاري اخبار کي سڀ کان مٿي ڪڍي اچڻ هو. جنهن وقت سراج ميمڻ ”هلال پاڪستان“ جو ايڊيٽر ٿيو. تنهن وقت ۾ اها اخبار پيپلز پارٽيءَ جي ملڪيت هئي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي دور اقتدار ۾ هن پنهنجي صحافت کي ايترو تہ متوازن رکيو. جو اڄ ڏينهن تائين ان اخبار جو تذڪرو ٿيندو رهندو آهي. جنهن اخبار جو انتظار سنڌي ماڻهو پنهنجي شهرن جي اسٽيشنن تي ويهي ڪندا هئا. ڇو تہ ان دور ۾ ٽيڪنالاجيءَ ايتري ترقي نہ ڪئي هئي ۽ هلال پاڪستان ڪراچيءَ مان شايع ٿيندي هئي ۽ اها اُن ريل رستي ايندي هئي. جيڪا سانجهيءَ جو سنڌ جي مٿانهن علائقن ۾ پهچندي هئي. پر اها اخبار ٻي ڏينهن تائين پراڻي نہ سمجهي ويندي هئي. ڇو تہ ان اخبار ۾ اهڙا مضمون شايع ٿيندا هئا. جن کي پڙهي سنڌي ماڻهو عالمي معاملن کان آگاهہ ٿيندا هئا. اها اخبار سنڌي ماڻهن جي ذهني تعليم ۽ تربيت ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي هئي. ان اخبار ۾ امر جليل جا اهي ڪالم بہ هوندا هئا. جن کي سنڌ جا نوجوان اعجاز منگيءَ جي ڪالمن وانگر عشق سان پريل دل واري ديد سان پڙهندا هئا. هاڻي بہ سنڌ ۾ اهو نسل موجود آهي. جنهن کي ”تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون“. پنهنجي روح مان نڪتل رڙين وانگر

محسوس ٿيندي هيون. اهي ڪالم اخبار مان ڪٽي سنڌي نوجوان پنهنجي ڊائرين ۾ سنڀالي رکندا هئا ۽ پنهنجين محبوبائن کي پيار سان پڙهائيندا هئا. ان اخبار ۾ سراج ميمڻ جيڪي ايڊيٽوريل لکندو هو، انهن ۾ هن خاص طور تي سنڌ جي غريب ماڻهن جا درد بيان ڪيا ۽ اسان ان دور ۾ پهريون ڀيرو مظلوم قوم جي انساني حقن جو شعور حاصل ڪيو. مون کي ياد آهي ته جڏهن سنڌ جي ڪنهن شهر ۾ هڪ ماڻهوءَ جا هٿ وڍيا ويا هئا، ان تي سراج ميمڻ جو لکيل ايڊيٽوريل 'ارتقا جي سفر ۾ انساني هٿن جو ڪردار' جهڙي انداز سان پيش ڪيل هو. تنهن جو مثال اڄ ڏينهن تائين حاصل ڪري نه ٿو سگهجي. ان دور ۾ ائين محسوس ٿيندو هو ته ڄڻ سراج ميمڻ پنهنجا لفظ دل جي گهري سمنڊ مان موتين وانگر ڪڍي سٽن ۾ پوئيندو ويندو هو.

اڄ اسان وٽ سراج ميمڻ نه آهي، پر صرف ۽ صرف هن جي لفظن جا پڙاڏا آهن. هو جنهن 'پڙاڏو سوئي سڏ' جهڙو ناول لکي سنڌ جي ضمير کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو سراج ميمڻ جنهن ڪيترن ئي سنڌي ليکڪن کي اتساهيو ۽ هن جي لفظن ڪيترن ئي قلم ڪارن کي جنم ڏنو. هو پوري دور جو وڏو ليکڪ هو. هن کي يقين هو ته اها سنڌ ضرور اکيون کوليندي. جنهن کي 'غلاميءَ جي ڪوما' ۾ ڌڪيو ويو آهي. هن پنهنجي ديس کي دل سان پڪاريو ۽ سنڌ ۾ هن وقت جيتري به سجاڳي آهي، ان ۾ سراج ميمڻ جي حصي کي فراموش ڪرڻ هڪ تمام وڏو ڏوھ هوندو: ڇو ته سراج ميمڻ هڪ دور جو سڀ کان وڏي واکي سچ هو. هو جڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ تي لکندو هو. تڏهن اسان جي ذهنن ۾ پوري عالمي ادب جا ڪتب خانا کلي پوندا هئا. سنڌ سان اهو هڪ وڏو هاڃو رهيو آهي ته سنڌ ۾ تمام ٿورڙا اديب گهڻو پڙهيل رهيا آهن. سراج ميمڻ انهن مان هڪ هو. هن جو ذوق تمام بلند ۽ هن جو مطالعو تمام وسيع هوندو هو. هن جي خواهش هئي ته سنڌي ادب جو معيار عالمي معيار کي رسي ۽ ان سلسلي ۾ هن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. هو جنهن به نوجوان سان ملندو هو، تنهن کي انگريزي ادب پڙهڻ تي اتساهيندو هو ۽ مون کي ياد آهي ته اهڙا انسان سنڌ ۾ صرف

ﭘﻪ هئا: هڪ اياز ۽ ٻيو سراج. انهن جي ڪري سنڌي نوجوانن عالمي ادب کي پڙهيو ۽ انهن جي ذهنن ۾ تمام گهڻي ڪشادگي آئي.

سراج ميمڻ کي زندگيءَ جي پوئين دور ۾ ان ڳالهه جو احساس ٿيو هو ته جيڪڏهن سنڌ کي جيئارڻو آهي ته پوءِ سنڌ ۾ بهترين تعليم جو بنياد رکڻو پوندو. ان سلسلي ۾ هن بنگال جي عظيم شاعر ٽئگور وانگر هڪ مثالي نوعيت جو تعليمي ادارو ناهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن محمد ابراهيم جويي کي پنهنجي پاران حيدرآباد ۾ هڪ عمارت به ڏني ۽ ڏوڪڙ به ڏنا ته هو اهڙو ادارو ناهي، پر ادارن جي پويان صرف انساني ڪاوشون هونديون آهن. جيڪڏهن ادارا صرف پئسن ۽ جڳهن سان ٺهن ها ته پوري دنيا ۾ لکين مثالي تعليمي ادارا موجود هجن ها. ان ڪري سراج ميمڻ جي تمام گهڻي آرزوءَ جي باوجود به اهو تعليمي ادارو ٺهي نه سگهيو. مون کي ان ڳالهه جو يقين آهي ته جيڪڏهن اهو ڪم سراج ميمڻ پنهنجن هٿن ۾ کڻي ها ۽ اهو تعليمي ادارو پاڻ ناهي ها ته اسان وٽ تعليم جي حوالي سان 'شانتي نڪيتن' جهڙو ادارو هجي ها.

سراج ميمڻ جي دل جي دنيا ۾ شعور ۽ احساس جا سمورا رنگ ڀرپور انداز سان موجود هوندا هئا. اهي سمورا رنگ ڪالهه رُسي ويا ۽ سنڌ کي روح جي رنگن سان رڱيندڙ آرٽسٽ اسان کي ان دنيا ۾ ڇڏي ويو. جيڪا دنيا اسان کي هن جي لاڏاڻي جو اطلاع به ائين ٿي ڏئي ته، "سنڌ سماءَ جي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جو چامو ۽ سنڌي دانشور سراج ميمڻ گذاري ويو!"

(روزاني عبرت، 01 فيبروري 2013ع)

# سنڌي ٻوليءِ سراج الحق ميمڻ

## نواز ڦُنڊو

پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ ٻوليءَ جو اونو انهن کي هوندو آهي، جيڪي پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ ٻوليءَ سان چرين وانگر عشق ڪندا آهن. اهي جڏهن ڳالهائيندا آهن ته انهن مان ڪڏهن مارئي ڳالهائيندي آهي ته ڪڏهن سسئيءَ جا سور نظر ايندا آهن ته ڪڏهن حق موجود، مي رقصم ۽ انا الحق جون صدائون ٻڌڻ ۾ ايندڀون آهن. انهن جون نگاهون آئيندي کي ڏسي رهيون هونديون آهن، جنهن ڪري انهن جي پيشانيءَ تي هميشه گهنج ڏسڻ ۾ ايندا آهن: ڇاڪاڻ ته ايندڙ وقت جي چنتا، انهن کي اندران ئي اندران کائي رهي هوندي آهي. مون جڏهن 'مرڻ مون سين آءُ' پڙهيو ته سراج الحق ميمڻ سان ملڻ جو چاهه پيدا ٿيو جڏهن سراج سان ملاقات ٿي ته سانس ڳالهائڻ لاءِ نه ته مون وٽ لفظ هئا ۽ نه سوال! سڀ ڪجهه ائين گم ٿي ويو، جڻ ريلوي اسٽيشن تان ڪنهن مسافر جو سامان ڪجي ويو هجي. سراج پائيپ کي دُکايو ۽ ڪش هنيو ته تماڪ جي خوشبوءِ هر پاسي ڇانئجي ويئي. سراج الحق ميمڻ پڇيو ته "جي بابا! ڇئو ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟" مون وراڻيو ته "سائين، اوهان جي شخصيت ئي اهڙي آهي، جو سڀ ڪجهه وسري ويو. توهان ڪم ٿا پڇو ۽ مان اتي ٻاڻ وڃائي ويٺو آهيان." جنهن تي سراج مُرڪيو. ائين ئي پهرين ملاقات جا عجيب تاثرات کڻي اتان هليو آيس، پر ڪنهن ٿي ڇاتو ته جنهن سان ڳالهائڻ جي سگهه نه ٿو ساري سگهان، اُنهن جي رهنمائيءَ ۾ ڪنهن اخبار ۾ ڪم ڪرڻو پوندو. مون سراج کي سمجهڻ لاءِ 'ذڪڻ مان ٿو سج اڀري'، 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' (ترجمو)، 'چوند آمريڪي افسانا'، 'اي درد هلي آءُ' (ڪهاڻيون)،

'سنڌي ٻولي' (تحقيق)، 'پڙاڏو سوئي سڏ' (ناول)، 'مرڻ مون سين آءُ' (ناول)، 'انون

ماٺهو' (ڪهاڻيون)، 'منهنجي دنيا هيڪل وباڪل' (ناول)، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' (ناول) پڙهي لاٿا. پر سمجهه ۾ پوءِ به ڪجهه نه آيو پر جيئن جيئن ملاقاتن سان سلسلا وڌيا، هاءِ ڪورٽ ۾ ڪچهريون ٿيڻ لڳيون. تڏهن سمجهه ۾ آيو ته شايد مان سمنڊ جو بيو ڪنارو ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان يا شايد سمنڊ جو انت. سراج پنهنجي ٻوليءَ جي باري ۾ انتهائي حساس هو. هن جو چوڻ هو ته سنڌي صحافت سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جو اهم ڪارڻ آهي. غير تربيت يافته، مطالعي کان خالي، ٻنائيءَ ۾ سچل کان اڻواقف سرڪاري نوڪر صحافي ٿي ويا آهن ته پوءِ اُن جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي پوڻ کان ڪير به نه ٿو روڪي سگهي. ان لاءِ سنڌ سرڪار کي واضح پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي پر لڳي نه ٿو حڪومت ڪو قدم کڻندي ڇاڪاڻ ته شايد سرڪار پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو زوال چاهي ٿي. ڪو دور هو جو سنڌي اخبار ۾ سنگل ڪالم جي خبر شايع ٿيڻ تي به طوفان مچي ويندو هو پر هاڻي سڄي اخبار پري ڇڏڻ سان به ڪو فرق نه ٿو پوي. پوندو به ڪيئن. اسان جي اسيمبلي قرارداد پاس ٿي ڪري ته ڪالاباغ ڊيم نه ناهيو ۽ سرڪار اُن قرارداد کي رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ٿي ڇڏي.

سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ اڳ ۾ قائم دليلن کي رد قرار ڏيندي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي' ۾ هڪ نئون نظريو پيش ڪيو. اُن ڪتاب ۾ ٻوليءَ بابت هن جي راءِ هئي ته سنڌي ٻولي ڪنهن تي به انحصار نٿي ڪري. جڏهن ته سنسڪرت تي سنڌي ٻوليءَ جا ٿورا آهن. جو ته اها اڄ تائين به سنڌي ٻوليءَ جي ڄائي تصور ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته سراج الحق ميمڻ پنهنجي ئي ڪتاب ۾ آرين جي وجود کان ئي انڪار ڪيو آهي. ان ۾ سندس چوڻ هو ته آرين جو وجود ئي نه هو اُن ڪري انهن جو 'سپت سنڌو' ۾ موجود هجڻ يا نه هجڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. آءٌ آرين جي وجود کان انڪاري آهيان. سنڌي ٻوليءَ بابت هن جو نظريو هو ته سنسڪرت نه بلڪ سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنڌي تمدن ۽ موهن جو دڙو آهن. هن پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مقام متعين ڪرڻ لاءِ موهن جي دڙي جي اندرين ۽ ٻاهرين شاهدين تي انحصار ڪيو آهي. پر تنهن باوجود ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج جو اهو نظريو قبول نه ڪيو ۽ ان جي جواب ۾

هڪ مضمون لکيائين، جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي راءِ هئي ته اهو نظريو ڪو نئون ناهي. اهڙي ئي راءِ پيرومل ۽ گنگارام سمرات پيش ڪري چڪا آهن. هن جو چوڻ هو ته سراج طرفان اهڙا جواز پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته موجوده سنڌي، سنسڪرت کان اڳاتي سنڌو ماتر جي قديم زبان آهي، جنهن مان سنسڪرت نڪتي آهي. اهو ئي سبب هو جو غلام علي الانا جي سراج الحق ميمڻ بار بار ترديد ڪندو رهيو ۽ آرين جي وجود کان انڪاري رهيو. الانا صاحب توڙي الانا صاحب جي همعصرن جي تنقيد جي باوجود به هو پنهنجي موقف تان رتيءَ برابر نه هٽيو. ان مان صاف ظاهر آهي ته سراج پنهنجي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ان جي تاريخي اهميت کان چڱيءَ ريت واقف هو جنهن ڪري هو سخت موقف اختيار ڪرڻ کان به نه مڙندو هو. جيئن هو افسانه نگار ڪمال جو هو تيئن هن صحافت جي ميدان ۾ پڻ پاڻ ملهايو. هن هميشه قلم جي عصمت کي پنهنجي ذات کان مٿانهون رکيو. هن جا لکيل ايڊيٽوريل توڙي ڪالم انتهائي سخت پر مدلل هوندا هئا. هو دليل کان سواءِ ڪڏهن به ڪا ڳالهه نه ڪندو هو. توڙي جو سراج گهٽ ڳالهائيندڙ طبعيت جو مالڪ هو پر هن جي زبان کي لفظن جي مفهوم توڙي گهرائيءَ جي خبر هئي. سراج جي هميشه ڪوشش رهي ته هن جي واتان ڪو اهڙو لفظ نه نڪري، جيڪو ڪنهن ٻئي جي لاءِ اذيت جو ڪارڻ بڻجي. مون کي ياد آهي ته هڪ پيري منهنجي هڪ رپورٽ شايع ٿي. ٻئي ڏينهن هاءِ ڪورٽ ۾ جڏهن ملاقات ٿي ته انهن مون کي مبارڪ ڏني ۽ چيو ته چيف جسٽس تنهنجي اُن خبر جو پاڻمرادو نوٽيس ورتو آهي. تون رجسٽرار سان ملي وٺ ۽ تنهنجي اُن رپورٽ تي مون کي بي پناهه خوشي ٿي آهي. سراج ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مهربان دوست، استاد ۽ رهنما جيان نظر ايندو هو. جيڪڏهن پيار ۽ رهنمائي ڪندو هو ته هو دڙڪا به ڏيندو هو. اڄ سراج الحق ميمڻ اسان ۾ ناهي ۽ ائين ٿو لڳي ته سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ اهم مورچي جو محافظ مورچو خالي ڪري هليو ويو هجي ۽ هن مورچي کي سنڀاليندڙ پري پري تائين ڪو نظر نه ٿو اچي. سنڌ کان اُن پٽ موڪلايو آهي، جيڪو سندس مان ۽ مرتبي جي تحفظ لاءِ هر ميدان تي قلم کي هٿيار بڻائي، جنگ جوٽڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو.

# اڇو تہ سراج صاحب جي زندگيءَ ڪي ملهايون

## ڊاڪٽر ايوب شيخ

24 آڪٽوبر 1933ع کان 02 فبروري 2013ع تائين جا 79 ورهيہ، جيڪي سنڌ جي محنتي، سڄاڻ ۽ سنڌ دوست دانشور ۽ ٻوليءَ جي ماهر ۽ ايڊيٽر محترم سراج الحق ميمڻ گذاريا آهن ،سي قيمتي ۽ املهہ آهن. انهن ۾ ندامت ۽ پريشاني ڪانهي، انهن ۾ اورچائيءِ مڙس ٿي بيهڻ جي ڳالهہ موجود آهي. انهن ورهين ۾ سندن پاران جيڪا محنت ڪئي ويئي، جيڪي ڪتاب لکيا ويا، جيڪي ڪتاب ترجمو ڪيا ويا، يا جيئن هن ”هلالِ پاڪستان“ جي ايڊيٽري ڪئي، ڪالم لکيا، ڪيئي اديب پيدا ڪيا. ڪيترن کي سهارو ڏنو ۽ انهن ڳالهين سان گڏ وڏي ڳالهہ تہ روشن خيال، ترقي پسند ۽ سنڌ دوست ۽ جمهوريت پسند دانشور طور پنهنجي زندگي گذاري ۽ آخري دم تائين ايمان جي حد تائين روشن خياليءَ کي پُٺي نہ ڏني تہ اهڙي املهہ ماڻڪ جي حياتيءَ ڪانپوءِ ڏک بدران اهڙي حياتي گذارڻ تي خوشي ڪجي ۽ اهڙي سورمي جي حياتيءَ کي ملهائڻ گهرجي.

سراج صاحب ٽنڊي ڄام ۾ ڄائو تہ وقت جي جوتشين ان دور جي پوليس وارن، ميرن ۽ پيرن کي خبردار ڪيو هو تہ سندن علائقي ۾ اهڙو شخص پيدا ٿيو آهي، جيڪو عورتن جي تعليم جو حامي آهي، جيڪو سندن ڳُند ذهن روايتن جو مخالف آهي، جيڪو انگريزن ۽ انهن جي آپيشاهين جي خلاف آهي. اهڙي دور ۾ جڏهن سنڌ انگريزن توڙي بمبئيءَ وٽ گروي ٿيل هئي، ٽنڊوڄام هڪڙو ڳوٺ هو. جناب سراج اهڙي ماحول ۾ پيدا ٿيو هو جتي علم بدران جوتشين وسيلي زندگيءَ جا ڏگ ڳوليا ويندا هئا. پر هن جي لاءِ وڏو سهارو سندس والد جناب محمد يعقوب ميمڻ هو.

جيڪو پاڻ تعليمي شعبي سان واڳيل هجڻ ڪري فارسي جو ماهر هو ۽ هن پاڻ ايران جي مشهور شاعر خواجه شمس الدين محمد حافظ شيرازي (ڄم: 1325ع وفات 1389) جيڪو ”حافظ شيرازي“ جي نالي سان مشهور هو تنهن جي ڪُل دانش ۽ مايا ”ديوانِ حافظ“ جو ترجمو ڪيو هو. سراج صاحب ننڍي هوندي والد جي تربيت ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن پنهنجو تخلص رکيو ”بسمل“ (اڌ ڪٺل) ان تخلص يا قلمي نالي مان ئي اُن زماني جي تصوير جا نقش سندس ذهن تي موجود ڏسي سگهجن ٿا. سراج صاحب 19 ورهين جي ڄمار ۾ ننڍي ڪنڍ جي مشهور ناولسٽ ڪرشن چندر جو ناول ”ڏکڻ مان ٿو سج اُڀري“ جو ترجمو جناب محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي چوڻ تي ڪيو هو. ان ڪتاب تي پڻ سنڌيڪار جو نالو ”سراج الحق ”بسمل“ لکيل آهي. هڪ ڏينهن سراج صاحب جي تخلص تي سندس والد صاحب اعتراض واريندي چيو هو ته ”جيئرن کي ڪٺل نه هجڻ گهرجي“.

مسٽر يعقوب ميمڻ صاحب کي ڇهه پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون. گهر ۾ مسئلو پٽن جو نه پر نياڻين جي تعليم جو پيدا ٿيو. مائٽن ۾ شور اٿيو. راويتن جا ”امين“ ۽ ”روايت شڪن“ اٿڪي پيا. محمد يعقوب ميمڻ سراج صاحب جي تعليم کي ڳوٺ ۾ پورو ڪرائي پنهنجي پنجن نياڻين جي تعليم جو جهنڊو اوچو ڪيو. چوڌاري رڙ پئجي ويئي. هڪ ڏينهن سراج صاحب پنهنجين ڀينرن سان گڏجي، نياڻين ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ پنهنجي جنم ڀومي، ڳوٺ ۽ لڳ لاڳاپا ٽوڙي حيدرآباد پهتو. انهن نياڻين مان ٻن کان اوهان واقف آهيو جن ۾ هڪ ادي ڊاڪٽر فهميده حسين آهي ۽ ٻي انيس حسين آهي.

نور محمد هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ، بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي.اي (آنرس)، ايم. اي ۽ ايل. ايل. بي ڪيائين. اها تعليم پڙهي هن سنڌي ادبي بورڊ ۾ پهرين نوڪري 1953ع ۾ ڪئي. اتي ئي ٻن سالن کانپوءِ 1955ع ۾ ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. ”ون يونٽ“ جي ڪري سنڌ جو

هاڪارو رسالو ”مهراڻ“ وڏي ڏچي ۾ اچي ويو. اهڙين حالتن ۾ هن وڏيڪ پڙهڻ جو خيال ڪيو.

1957ع ۾ سي.ايس.ايس جي امتحان ۾ سندس زباني امتحان دوارن هڪ جٽي ڪانئس پڇيو هيو تہ ”سرڪار ماڻهن کي ڪنهن جلوس خلاف ڇڙوڇڙ ڪري تہ هو انهن تي ايڪشن ڪٽندو؟“ تنهن جي جواب ۾ هن چيو هو تہ ’هو سنڌ خلاف ڪوبہ ڪم ڪري نہ سگهندو.“ سي. ايس. ايس. جو چٽاپيٽيءَ جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽئڪس جي ڪاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو. جنرل يحيٰ جي زماني ۾ هن جي ”سراسري هلت“ ون يونٽ انتظاميا جي حق ۾ نہ هئي، تنهن ڪري هو 303 آفيسرن جي لاٽ ۾ جبري طور رٽائر ڪيو ويو. سنڌ جا آفيسر مختلف ڪچهرين ۾ اُن ايڪشن کي آفيسر Three knot (Three 303) جي اصطلاح سان ياد ڪندا آهن. وري اچي ساڳي ڊگريءَ سان انڪم ٽئڪس جي وڪالت شروع ڪيائين.

سراج صاحب جي زبردست زندگيءَ جو هڪ نئون باب جناب ذوالفقار علي ڀٽي پاران جاري ڪيل اخبار ”هلال پاڪستان“ سان شروع ٿيو جنهن ۾ هو پاڻ ايڊيٽر هو. صحافت جي ان دور ۾ هن ”اخبار“ کي ”عوام“ سان ڳنڍيي عوام جي حالتن، فتحن، شڪستن، ترقين ۽ شعور جي زبردست تصوير پيش ڪئي. هن پنهنجي پائنيي (اڄڪلهہ آفيسر) غفران ميمڻ جيڪو ننڍي هوندي ”غفران عاقلاڻي“ سڏائيندو هو تنهن کان سنڌي ٻارڙن لاءِ شاندار رسالو ” گلن جهڙا ٻارڙا“ جاري ڪرايو هو. ان رسالي جي ڪري سنڌ ۾ قومي ۽ سياسي ڪارڪنن جو هڪ وڏو لشڪر تيار ٿيو هيو. ڪتابن پڙهڻ، تقريرن ڪرڻ ۽ مقابلي جو لاڙو وڌيو هو.

1977ع ۾ جنرل ضيا پنهنجي پوري آب تاب سان ڪاهي آيو. جمهوريت جا تختا اونڌا ڪري هن جناب ڀٽي پاران جيڪا بہ شعوري واڌ ٿي هئي، جيڪو بہ درسي ۽ غير تدريسي علم وڌيو هو تنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ اخبارن، يونيورسٽين، سياست ۽ سوچڻ تي بندش وجهي ڇڏي جنرل ضياالحق اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ پنهنجي حمايت ۾ اهي جٿا تيار ڪيا.

جيڪي جمهوريت، يونيورسٽين، سياست ۽ سوچڻ جي خلاف هئا. ڏسندي ڏسندي سڄي سنڌ جي شاگرد تنظيمن، جنتي ”مقابلي ۽ دليل“ جو ميدان حاوي هوندو هو اتي ”جهيڙن“ ۽ ”غنده گرديءَ“ واسو ڪيو. عوام پاڻ ۾ وڙهيل هجي تہ آمريت جي ان کان وڌي ٻي ڪهڙي خدمت ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ سراج صاحب فوجي حڪومت کان ڊڪٽيشن وٺڻ کان انڪار ڪندي هلال پاڪستان مان استعيفا ڏني ۽ وري ساڳي ڊگريءَ سان واپس وڪالت جي شعبي سان لاڳاپجي آخري دم تائين ان سان واڳيل رهيو.

**ادبي خدمتون**

سراج صاحب جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾، ’اي درد هلي آءُ‘ جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو ’انون ماڻهو‘، 1985ع ۾ شايع ٿيو. ”انون ماڻهو“ ايم آرڊي جي پس منظر ۾ هڪ شاندار لکي ويندڙ ڪهاڻي آهي. هن جو پهريون ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ 1970ع ۾ ڇپيو. اهو ناول ضيا دور ۾ اچڻ ڪري پرڏيهي قبضن جي ڳالهہ هوندي بہ ان جو اثر مڪاني پيو هو. اصل ۾ هن ناول ۾ سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن جي قهري دور جي تاريخ کي لکيو ويو آهي. ٻيو ناول ’مرڻ مون سين آءُ‘ 1988ع ۾ ڇپيو ان کانسواءِ ’منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا‘، ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘،
’تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ سندس اهم ناول آهن. ٻوليءَ جي حوالي سان سندس اهم ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ 1964ع ۾ ڇپيو.

جديد سنڌي ادب ۾ سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جو پهريون سنڌي ليکڪ آهي، جنهن ٽن ناولن تي ٻڌل ’پياسي ڌرتي رمندا بادل‘ جي نالي سان سنڌي ادب جي پهرين ٽرايالاجي لکي. هڪ سنڌيڪار جي حيثيت ۾ متي ڪرشن چندر جي ناول جو ذڪر آيو آهي. ان کانسواءِ هن ’چوندا آمريڪي افسانا‘، ۽ ’سنڌ جي اقتصادي تاريخ‘ ڪتاب پڻ ترجمو ڪيا. هن ’رتيءَ جي رهاڻ“ ۽ ”ملان جي ڊوڙ“‘ ۽ جاڳو اخبار ۾ ’سياسي منظرنامو‘ جي سري سان سوين مضمون ۽ ڪالم لکيا. هن شاعري بہ ڪئي ۽ ڪراچيءَ جي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق حوالي ڪرڻ جي موقعي تي ’ڪراچي‘ نالي سان تاريخي ۽

اهم نظم لکيو. سندس اڻڇپيل ڪتابن ۾ ٻه ڪتاب: (1) History of Sindhi Language ۽ (2) پنهنجي آتوگرافي Biography of an Unknown Sindhi لکي مڪمل ڪيا.

**ڪجھ يادون:**

اسان سراج صاحب کي 1980ع ۾ روبرو ڏٺو هو، جڏهن هن ڀٽ ۾ "جشن لطيف" جي پروگرام ۾ صدارت ڪئي هئي. هن شاهه لطيف تي پنهنجي عاليشان تقرير ڪئي هئي. هن عورتن جي سجاڳيءَ تي خاص ڳالهيون ڪيون هيون.

محترمه بينظير ڀٽو صاحبه (پنهنجي آخري جلاوطنيءَ کان اڳ) آخري اجلاس، سراج صاحب جي گهر ۾ ڪيو هو جنهن ۾ ناميارا ماڻهو موجود هئا. انهن ۾، جناب ايم ايڇ پنهور، پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه، آپا شمس، محترم محمد ابراهيم جويو، سيد نويد قمر، سراج صاحب، اعجاز قريشي، مشتاق ميراڻي ۽ ٻيا موجود هئا. محترمه مون کي حاضرين ۾ موجود سڀ کان ننڍي عمر وارو هجڻ جي ڪري هدايت ڪئي هئي ته سنڌ جي مسئلن جو ٻن جملن ۾ حل ٻڌايان. مون هڪ جملي ۾ چيو هو " تعليم، تعليم ۽ تعليم". محترمه اهو ٻڌي سيد غلام مصطفيٰ شاهه مرحوم کان پڇيو ته " اوهان ان جواب کي ڪيئن ٿا سمجهيو؟" تنهن تي شاهه صاحب چيو هو: "سنڌ جو اهم ۽ اصل مسئلو اهو آهي. باقي سڀ اتان نڪرن ٿا ۽ ان وسيلي دفن ٿي ويندا."

سراج صاحب پنهنجي ڄمار جي آخري شرڪت آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾، 31 جولاءِ 2012ع تي سنڌ جي هڪ ٻئي يگاني اديب شمشيرالحيدريءَ جي مرتئي تي "ادبي ريفرنس" ۾ صدارت طور ڪئي هئي. هن کي صدارتي خطبو ڏيڻو هو پر شمشير جي ياد ۾ هن جو هانءُ هن سان گڏ نه هلي سگهيو. مون کي اسٽيج تي سڏيندي چيائين: " آءُ ڳالهائي نه سگهندس، ڳالهائيندس ته روئي پوندس، روئڻ نه ٿو چاهيان، آءُ بس شمشير تي ماڻهن جا رايا ٻڌي رهيو آهيان"

گذريل سال فبروري 2012ع ۾ جاويد سومرو ۽ مان سراج صاحب جي آفيس ۾ وياسين. جاويد ڪين پنهنجو نالو "فاتح مرڪ" ڏيئي عرض ڪيو تہ هو اچن ۽ ان تي پنهنجي راءِ ڏين. ان وچ ۾ ڦڦڙ جي ڪئنسر سبب سراج صاحب کي انڊيا وڃڻو پيو جنهن ڪري هو نہ اچي سگهيا.

ٻہ مهينا اڳ، آءٌ سنڌن گهر ملڻ ويس. مون کي ڪرشن چندر جو اهو ساڳيو 1952ع ۾ شايع ٿيل ناول "ڏکڻ مان ٿو سج اڀري" جي فوٽوڪاپي ڏنائون. ان ۾ سنڌيڪار جو نالو سراج الحق 'بسمل' لکيل هو. ايشيا جي ڏکڻ ۾، پاڪستان جي ڏاکڻين علائقي سنڌ ۾ سراج صاحب پنهنجي سڄي زندگي "بسمل" جي خلاف گذاري. هن محنت، علم، تعليم ۽ جمهوريت توڙي روشن خياليءَ جو جهنڊو بلند ڪيو.

(همرچو، فيبروري 2013ع)

# سنڌ کي غير معمولي ناول ڏيندڙ سراج

## رکيل مورائي

سنڌ جي تاريخ کي، سنڌين جي ڌارين هٿان ٿيل قتلن کي، ۽ مسلسل سنڌ جي آجپي لاءِ وڙهندڙ سنڌي سورمن کي. پنهنجي سنڌ جي تاريخ تي لکيل پهرئين ڪتاب ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ ۾، فڪشنائيز ڪندڙ سنڌ جي محب وطن، سنڌ جي حقن لاءِ الڳ محاذن تان پنهنجو آواز سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ اٿاريندڙ، سراج الحق ميمڻ، ۽ ادبي دنيا ۾ فقط ”سراج“ لکندڙ اديب، ڪهاڻيڪار، ناول نويس، سنڌي ٻوليءَ کي پهريون پيرو سنسڪرت کان به قديم ٻوليءَ سمجهندڙ ۽ ”سنڌي ٻولي“ جهڙو جديد ڪتاب لکندڙ سراج ڪلهه اوڻاسي ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه سنڌ جي حوالي ڪري پاڻ مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ وڃي آرامي ٿيو. ۽ اهو آرام، اهڙو آهي، جيڪو هر اُن شيءِ لاءِ ضروري طئه ڪيل آهي. جيڪا ساهه کڻي ٿي. ائين سراج صاحب به سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ ۾ پنهنجو آخري ساهه کنيو. جو سندس دل شايد ساڻس ان ڪري بيوفائي ڪري وئي، جو هن اها دل ڪنهن آفاقي قوت جي بجاءِ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب سان لڳائي هئي. دلين جون ادائون به عجيب آهن، شايد سراج جي دل اهو قبول نه ڪيو هوندو ۽ سندس ساٿ ڇڏي ڏنو. پر اهو پڪ سان سمجهڻ گهرجي ته سنڌي ماڻهو توڙي سنڌي ادب سندس نالي ۽ سندس تخليقن سان پيار ابد تائين ڪندو رهندو. جيستائين آخري سنڌي به هن ڪائنات ۾ هوندو سراج صاحب سنڌي ادب ۾ زنده رهندو. اهڙيون سندس تخليقون ضمانت ڏين ٿيون.

سراج صاحب پنهنجو غير معمولي تاريخي ناول”پڙاڏو سوئي سڏ“ لکيو. ۽ اُن ۾ جيڪي ڪردار تخليق ڪيا. اُج اهي ڪردار تخليق

توڙي عمل جي روپ ۾ تاريخ جو حصو آهن. ستر واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ سراج صاحب جو لکيل هيءُ ناول " پڙاڏو سوئي سڏ" آهي، جنهن ۾ اُن وقت تائين سنڌ جي ويڙهه جي سموري تاريخ اينٽي ون يونٽ جي تحريڪ تائين سندس آڏو هئي ۽ جڏهن هي ناول ڇپيو ته اُن کي اهڙي دلچسپيءَ سان پڙهيو ويو جو گمان ٿيندو آهي ته شايد ئي ڪو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ اهڙو ڇپيو هجي، جنهن کي نوجوانن ايڏي دلچسپيءَ سان پڙهيو هجي، خاص طور شاگردن جي حصي ۾ هيءُ اهڙو ناول پڙهڻ لاءِ آيو جنهن هنن ۾ هڪ بيحد ئي ويڙهاڪ وطن دوستيءَ وارو جذبو پيدا ڪيو ۽ حيرت جي حد تائين هيءُ ناول 1983ع جي تحريڪ وقت پنهنجو عملي روپ ظاهر ڪري بيٺو. اج تائين ائين محسوس ٿئي ٿو ته "پڙاڏو سوئي سڏ" ناول جڻ ٿياسيءَ جي تحريڪ جو مينيفيسٽو هو. سنڌي ماڻهو جنهن حڪمت عمليءَ ۽ بهادريءَ سان وڙهيو، ان جو مثال ويجهي سنڌ جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. هن ناول سنڌي پڙهندڙن کي ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي سموري تاريخ گڏ ڪري ڏني. ائين هيءُ ناول سنڌ جي تاريخ جو هڪ باب آهي، جيڪو هن ناول جي روپ ۾ اسان کي سراج صاحب ڏنو. سراج صاحب ٻيو اهم ناول سنڌي ٻوليءَ کي"مرڻ مون سين آءُ" جي نالي سان ڏنو. جيڪو گهڻي حد تائين شاهه عنايت جي ويڙهه واري پسمنظر ۾ آهي. هيءُ ناول به تاريخ جي هڪ دور کي پاڻ ۾ سمائي بيٺو آهي. جنهن ۾ هيروازم گهٽ، ويچار اڳئين ناول کان وڌيڪ آهي. سنجيدگي وڌيڪ آهي، ٻوليءَ جي گهرائي وڌيڪ آهي. مان سمجهان ائين ٿو ته هيءُ ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' کان ڪيترين وکن اڳتي وڌي آيل آهي تخليقي طور ۽ تاريخي طور به ائين هي ٻئي ناول اسان کي پنهنجي تاريخ جي لڳ ڀڳ ٻن صدين کان واقف ته ڪري ويا، پر هڪ حوصلو به ڏئي ويا. جنهن کان پوءِ سراج صاحب اسان کي هڪ خوبصورت تريالاجي ڏني، جيڪا به پنهنجو مثال پاڻ آهي، جيتوڻيڪ هن تريالاجيءَ کي مٿين ناولن کان وڌيڪ ادبي مرتبو ڏيڻ جي حق ۾ نه آهيان. پر هيءَ تريالاجي اهو طئه آهي ته سنڌي ادب ۾ پهرئين ناول جي تريالاجي آهي، جنهن تي تفصيل

سان لکي سگهجي ٿو ۽ هنن سيني ناولن جي وچ ۾ اهي ڪهاڻيون بہ آهن، جيڪي الڳ الڳ وقتن تي سراج صاحب جي قلم مان سرجي نڪتيون، انهن جو هڪ ڪتاب نيو فيلڊس پاران، ”انون ماٺهو“ جي نالي سان شايع ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ سان لاڳاپو هجڻ وقت سراج صاحب آمريڪي ناميارن ليکڪن جون ڪجهہ ڪهاڻيون بہ ترجمو ڪيون، جيڪي اڳتي هلي، هڪ ٻئي ناميار ي ڪهاڻيڪار غلام رباني آگري صاحب جي ترجمو ڪيل آمريڪي ڪهاڻين سان گڏ هڪ ڪتاب جي صورت ۾ شايع ٿيون. هن ڪتاب جو نالو ”چونڊ آمريڪي افسانا“ آهي. پر اهو وڏو سچ آهي تہ سراج صاحب ادب ۾ هڪ اعليٰ ناول نويس وارو مرتبو ئي رکي ٿو. تحقيق ۾ سندس ڪتاب ” سنڌي ٻولي“ پهريون ڪتاب هو جنهن ۾ سراج صاحب اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌي ٻولي هتان جي آس پاس ڳالهائجندڙ ٻولين جي سلسلي جي ٻولي آهي، جنهن جو سامي نسل جي ٻولين سان واسطو گهٽ آهي. ۽ ائين سراج صاحب جي ان ڳالهہ سنڌي ٻوليءَ جي کوج لاءِ نہ رڳو هڪ نئين بحث جي شروعات ڪئي، پر تحقيق لاءِ نوان دروازا بہ کوليا. جنهن کان پوءِ ايندڙ محققن ڪي ٻيا طرف بہ ڏسڻ شروع ڪيا، جيڪي اڳ ۾ ڏسڻ لاءِ نہ مليا هئا. سراج صاحب جو منهنجي آڏو اهو ادبي سلسلو بہ آهي، جيڪو سندس روح جو اظهار هو جنهن کي هن گهڻي عرصي تائين ’جاڳو اخبار‘ ۾ ’رتيءَ جي رهاڻ‘ نالي سان هلايو. هونئن شاهہ سائينءَ جي ٻولي سندس ناولن جي بہ سونهن بڻي آهي، پر هنن ڪالمن جي سلسلي ۾ جيڪا ٻولي هن استعمال ڪئي آهي، ان جو مثال شايد ئي ملي، آغا سليم صاحب جي ناولن کان سواءِ!

’رتيءَ جي رهاڻ‘ ۾ سراج صاحب جو جيءَ جڏهن کان سنڌ ۽ سنڌي ادب توڙي ماڻهن سان اڙيو تہ اهو ناتو هن آخري ساهہ کڻڻ تائين پنهنجي پوري سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان نڀايو. هن ڪٿي بہ ان ۾ڪامپرومائيز نہ ڪيو. هو پنهنجي شخص ۾ جيڏو قدآوار ۽ با وقار هو ادب ۾ اوتروئي قد ۾ باوقار رهيو. ادب کان سواءِ هن سنڌ کي ڇا ڏنو اهو بہ ڏگهو داستان آهي، جنهن لاءِ ڪو ڪتاب گهرجي.

عملي طور سراج صاحب. سنڌي ادبي بورڊ جي پهرين نوڪريءَ ڪان شروعات ڪئي ۽ هڪ اعليٰ قانوندان طور ملڪ ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪيو. ادب، صحافت ۽ وڪالت. هن جي زندگيءَ جا ٽي الڳ الڳ پهلو آهن. جن مان هر هڪ پهلوءَ تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا ۽ لکيا به ويندا. هلال پاڪستان اخبار سندس ذڪر ڪان سواءِ اڌوري رهندي. ائين ڪيئي ادارا سندس ذڪر ڪان سواءِ اڌورا رهندا ۽ اڄ ڪان پوءِ شايد ميڊم فهميده حسين، ڊاڪٽر امجد سراج، ارشد سراج ۽ نويد سراج به دلي طور اڌورا آهن. ڇو ته منجهن هاڻ سراج صاحب موجود نه رهيو آهي. ٻيءَ طرح سنڌي ادب پڻ سندس کوٽ محسوس ڪندو. جيتوڻيڪ هو پوئينءَ عمر ۾ سنڌيءَ ۾ ڪجهه لکي نه سگهيو هو پر سنڌ جي مسئلن بابت گهڻي عرصي ڪان هو انگريزيءَ ۾ لکندو رهندو هو. 'سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ' پاران نڪرندڙ انگريزي سنڌ ڪواٽرلي مئگزن ۾ اهي لکڻيون پڙهي سگهجن ٿيون. نه رڳو پڙهي سگهجن ٿيون. پر انهن کي گڏ ڪري ڪتاب جي صورت ۾ به آڻڻ کپي، سراج صاحب انگريزيءَ توڙي سنڌيءَ ۾ ڪجهه به لکڻ کان سواءِ پاڻ کي اڌورو محسوس ڪندو هو ڇاڪاڻ ته سنڌ به اڃا اڌوري آهي جنهن کي پورو ٿيڻو آهي. سراج صاحب 24 آڪٽوبر 1933ع ۾ ٺٽي جي ننڍي ڳوٺ ۾ جنم ورتو ۽ 2 فيبروري 2013ع تي سنڌ جي راڄڌانيءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو. هن پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)، 'مرڻ مون سين آءُ' (ناول)، 'سنڌي ٻولي' (تحقيق) سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾، انون ماڻهو (ڪهاڻيون)، پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول ترياڄي)، چونڊ آمريڪي افسانا (ترجمو) ۽ اڻ ڳڻيا مضمون، مقالا ۽ ليک سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيا آهن.

# راول رهي نہ رات، جيڏيون!

## ضراب حيدر

فنڪار يا آرٽسٽ لاءِ سچ ۾ وابستگي ئي اُهو عنصر آهي، جيڪو ڪيس سدا حيات بڻائي ٿو. آءٌ تہ ائين چوندس تہ فنڪار يا آرٽسٽ نالو ئي وابستگيءَ جو آهي، جيڪا سچ کان سواءِ ڪنهن سان بہ جُڙي نہ سگهندي آهي. جيڪي ماڻهو سچ سان جُڙيل هوندا آهن ۾ سچ جن ماڻهن سان جُڙيل هوندو آهي، اهڙن ماڻهن کي 'سِراج' چئبو آهي. جينوٽيڪ سنڌي لغت ۾ سِراج جي معنيٰ 'ڏيئو' يا 'چراغ' ٻڌائي وئي آهي. پر اردو لغت سِراج کي 'سورج' يا 'روشني' جي وضاحت سان پيش ڪري ٿي.

سراج الحق اج اسان سيني جي وچ ۾ ناهي رهيو!

هڪ لمحي لاءِ دل افسرده ٿيو وڃي، جنهن رات وڳڙي ۾ سراج بنا موڪلائڻ جي اسان کان رخصت ٿي هليو ان رات لاءِ لطيف سرڪار جون هي سٽون من ۾ لهيو اچن تہ:

"راول رهي نہ رات، جيڏيون منهنجو راول رهي رات"

چنچر رات، آڌيءَ ويلي، سراج جڏهن بنا موڪلائي حق واري اُڏام ڪئي تہ اها خبر شايد ننڍ ستل سنڌ جي جنتا کي ڪانہ هئي... پلا ائين بہ ڪواويلي وڃبو آهي ڇا!

اِها ميار بہ سراج کي ڏئي نٿي سگهجي، جو هو محبوب ماڻهو هو. پر سندس ان بنا موڪلائيءَ واري رخصتيءَ جي پروڙ سندس محبوبا 'ڪهاڻي' کي ضرور پئجي وئي هئي. اهو شايد منهنجو گمان هجي يا وري سچ هجي! چوتہ آءٌ اڪثر رات جو دير تائين خاص ڪري ٻئي ڏينهن موڪل واري رات سُجهندي تائين لِکندو پڙهندو آهيان، ڪڏهن لفظن ۾

جملن جا رٽ ڳوليندو آهيان ته ڪڏهن وري ڪهاڻيءَ جا اوسيڙا ڪندو آهيان. اڪثر منهنجي جاڳ ۾ ڪتان نہ ڪتان ڪهاڻي ليئو پائي ضرور ويندي آهي. پر هيءَ رات عجيب هئي، جو ڪهاڻي سُڏڪندي منهنجي خيال مان گذرندي وئي. ڪهاڻي، جنهن کي مون پانت پانت جي روپن ۾ ڏٺو آهي، ان جو اُهو روپ اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هئم. ائين پئي لڳو تہ ڄڻ ڪهاڻي سوءَ ۾ هئي. ڪيس شاهہ لطيف جي راڳي فقيرن واري ڪاري پوشاڪ اوڍيل هئي ۽ هوءَ تمراڻي لهجي ۾ ڪجهہ سُڏڪندي هلي وئي....

آءٌ هڪ ڪهاڻيڪار آهيان ۽ ڪهاڻيءَ جو ازلي پياڪ ۽ چاهيندڙ آهيان، مون ڪهاڻيءَ کي ائين اڳ ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هو جيئن اها ڇنڇر رات ٻي فيبروريءَ تي هئي. مون کي سوين وهم گمان وېڙهي ويا هئا، جنهنڪري منهن وېڙهي سمهي رهيو هوس. رات جو چوٿون ۽ آخري پهر جيتوڻيڪ آخري پساهن ۾ هو، منهنجي اک کلي هئي تہ ڏينهن جو ٻيو پهر گذرڻ وارو هو پوءِ بہ الائي ڇو رات جو آخري پهر منهنجي اعصابن تي ڇانيل رهيو. ڪهاڻيءَ جي اهڙيءَ اُداس روپ واري ڳجهارت منهنجي سمجهہ کان ٻاهر هئي، ها پر ايترو سو ضرور ادراڪ هو تہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ سراج طبيعت جي ناسازيءَ سبب اسپتال ۾ داخل ٿيو آهي. شايد منهنجي لاشعور، منهنجي روح ۾ اها ڇڪ آهي. جنهنڪري مون ڪهاڻيءَ کي اداس ۽ سوڳوار محسوس ڪيو آهي يا سچ پچ ڏٺو آهي.

پئي لمحي جڏهن موبائل کڻي نهاريم تہ منهنجون اکيون ڄڻ تہ آڳمجي ويون، موبائيل فون جي مختصر اسڪرين تان نظرون وجي ٿي.وي اسڪرين تي رسيون ۽ پوءِ ڪن پهرن تائين اکيون ڇلڪنديون رهيون.

سِراج ويو هليو...!!

نہ نہ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي، هو بنا موڪلائي ڪيئن ڪهندو يلا...!؟ پئي لمحي دل گواهي ڏني، نہ نہ... سراج ڪيڏانهن بہ ڪونهي ويو. سراج هتي ئي آهي... 'پڙاڏو سوئي سڏ' جي سڏن پڙاڏن ۾ هو هينئر بہ للڪاري رهيو آهي، هو هاڻي بہ ارغوني ۽ ترخاني ٽولن کي هڪلون ڪري

رهيو آهي. اهڙيون زنده ۽ واضح هڪلون، جو ايندڙ ڪيترين صدين تائين پناڻي ٽولا سراج جي هڪلن کان ٿهندا رهندا.

خبر ناهي هيءَ کهڙي ڪيفيت هئي، جنهن ۾ مون وٽ ماڻ ۽ ماپا ڪاهي پيا ۽ اکين آڏو هڪ تصوراتي تارازي اچي وئي، جنهن جي هڪ پڙ ۾ پڳوان ايس. گداواڻيءَ جو جڳ مشهور ڪتاب 'رٽرن آف آرينس' نظر اچڻ لڳو تہ ٻئي پڙ ۾ 'پڙاڏو سوئي سڏ' وزن سان جهولڻ لڳو افسانوي تاريخ جو هي ڪمال، جيڪو سراج پنهنجي لڪٽيءَ ۾ ڪيو ان کي سوچيان ٿو تہ کهڙو نانءُ ڏيان. ان کي تبليغ ڪونيان يا پرچار چوان، 'هڪ پڙاڏو سوئي سڏ' هو جنهن سنڌي ماڻهن کي تاريخ/ اتهاس جي پڙاڏن ۾ گونجائي ڇڏيو هڪ ناول سنڌي ماڻهن کي تاريخ پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ اتهاسي ڇڏيو... ها ... اڄ بہ 'پڙڏاو سوئي سڏ' جڳ مشهور ناول 'رٽرن آف آرينس' کان ان ڪري بہ مٿانهون آهي، جو ان جا شعاع اڳتي هلي ڪنهن ٻئي رنگ ۾ گدواڻيءَ جي کوجنائن کان مٿيرا نڪتا. ها. ها، اهو سراج هتي ئي ڪٿي آهي، ڪنهن نہ ڪنهن دل، ڪنهن نہ ڪنهن هِردي ۾... جنهن درد کي سڏي وڏي واڪي 'اي درد هلي آءُ' چئي پنهنجي اندر ۾ وسائي، بدلي ۾ ان ڪهاڻيءَ کي ڳاڙهي پوشاڪ اوڍائي هميشہ لاءِ ڪنوار بڻائي ڇڏيو هو جيڪا اڳ ۾ بيواهن وانگي اجڙيل ۽ وڪريل هئي. هن 'اي درد هلي آءُ' لکي، ڪهاڻيءَ جو ڪاج مچائي ڇڏيو.

سراج 'انين ماڻهوءَ' جي روپ ۾ جيڪي ڪجهہ ٻڌايو ۽ سٺايو سو آمرن جي هضم ٿيڻ کان ڳرو هو. پر اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي جاءِ تي سچ نہ اهو آهي، سِراج اُهو پهريون سنڌي ماڻهو آهي، جنهن مهين جي دڙي واري نڪ پڳل بادشاهہ جو پڳل نڪ علامتي انداز ۾ سڌو ۽ مڪمل ڪيو ۽ شرمنده قوم ۽ ماڻهن کي ٻڌايائين تہ:

"جهڙا سنڌي نچ آهن، تهڙي سنڌي ٻولي نچ آهي"، اها نہ ڪنهن جي پيڻ آهي، نہ ڪنهن جي زال آهي، نہ وري ڪنهن جي سهيلي آهي.

سنڌي ٻولي ماءُ آهي ۽ مادر ٻولي آهي، جنهن جو مٽ ۽ ثاني ڪوئي به ڪونهي. سراج ڀُليل ۽ منجهيل ماڻهن کي، جيڪي سنسڪرت جا ڪلما پڙهندا هئا، تن کي سنڌي ٻوليءَ جو نعرو هڻي ٻڌايو ۽ اهو ويدانتي نعرو پوءِ ڏيهہ پرڏيهہ انفراديت سان گونجڻ لڳو: ”سنڌي ٻولي، ڀھرين ٻولي، سنڌي ٻولي، مادر ٻولي“.

سو تنهن ڪري لطيف سائينءَ واري راول واري ڳالهہ بہ درست ٿيو وڃي تہ وري مٿان سراج واري معنيٰ بہ نج نڪريون پوي. سراج سنڌ جو اهڙو سورج هو جيڪو بهرحال سُجهندي ۾ ڪڏهن بہ نہ لٿو هو تہ الهي ويو آڌيءَ رات جو تندي چام ۽ نصرپور جي اتر کان ڪراچيءَ جي ڏکڻ اولهہ ۾.... پر پوءِ بہ سندس پيرا سنڌ جي اوڀر ڏکڻ ۾ کنياتي پر کان ٽيڙن جي قطار ۾ وائکا آهن. سنڌ جي ٻن ڇيڙن لطيف سائينءَ ۽ سائين جي. ايم. سيد جي وچ واري وٿيءَ ۾، جڏهن سراج جو سچ گڏجي ٿو تہ سنڌ جو ٽيڙو بہ وائکو ٿيو بيهو رهي.

مان ڪيئن مڃان تہ سراج هليو ويو هو هاڻي ڪونهي موجود..!!

جتي علم ۽ روشني رهندي، جتي بہ سچ ۽ حق رهندو اتي سنڌ جو ٽيڙو پيو تمڪندو. ٽيڙو جيڪو سنڌ جي ابتدا ۽ انتها جو ساکي آهي، اهو ٽيڙو جيڪو سنڌ جي سچائيءَ جو ثبوت آهي. سراج جي ’پياسي ڌرتي، رمندا بادل‘ واري ناول (ترياالاجي) جيئن سنڌ جي تاريخي بابن جيان آهي، ائين ئي خود سراج سنڌ جي تڪندي اتهاس جي هڪڙي درخشان ڪنڊ آهي، جيتوڻيڪ اسان ۽ توهان سڀ اِهو ويساهہ رکون ٿا تہ سدا حيات ماڻهو دنيا جي عارضي جهان مان گذري ضرور ويندا آهن. پر هو جيڪي راهگذر جوڙي ۽ ناهي ويندا آهن، سي نت نوان سوجهرا هوندا آهن. سدا حيات ماڻهو هڪ اهڙي وات، اهڙو گس ڏئي ويندا آهن، جنهن کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ، سنوارڻ ۽ ناهڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ اها ڳالهہ بہ هينئر سوڌو چٽي رهي آهي تہ انهن گسن تي هلڻ ۽ کين سڌارن سنوارڻ وارا گهٽ هوندا آهن، پوءِ سنڌ جي سڄاڻ حلقي ۽ نئين ٿهيءَ مان اميدون لاهي نہ ٿيون سگهجن، جيڪي اڳتي هلي ضرور سراج جي ٻاريل مشعل کي روشن ڪندا.

# ميروئي محبوب، اسان مارو من ۾!

## ضراب حيدر

ٽين ايج (Teen age) ميدونا جي ناچ ۽ ادائن جيان بيباڪ هوندي، پر جڏهن اُن تي عشق يا اُنس واسو ڪندو آهي ته ٽين ايجرس(ڳڀروئن )جو تن وسامي ويندو آهي ۽ من ڪنهن کي ڏيکارڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. جيتوڻيڪ اهڙي من جي روشني ڏور ڏور تائين ڦهلجي ويندي آهي ۽ پنهنجي شعاع سان تاريڪين کي روشن ڪري رکندي آهي.

محبت، جنهن جا ڪوڙ سارا مفهوم ۽ معنائون آهن، سا نه ته ڪنهن هڪ پل جي محتاج آهي ۽ نه وري ڪنهن خاص ڏينهن جو اظهار.

مرشد لطيف سرڪار چيو آهي ته:

ماڻهو گُهرن مال، آءُ سڀ ڏينهن گُهران سيرين،
دنيا تنهن دوست تان، فِدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

سوچيان ٿو ته ٻارهوئي نفسا نفسي ۽ نفرتن جي آذار تي جيئندڙ ماڻهو ڪيئن نه پيا محبتن جو هڪ ڏينهن چونڊين. اُنهن سيني ڏهاڙن جيان، جيڪي هڪ عالمي اِداري جي چارٽ ۾ لکيا ويا آهن.

محبت بهرحال نه ڪو اعلان آهي ۽ نه ئي وري ڪو مقرر ڪيل اظهار، نه ئي وري اُها ڪنهن چارٽ موجب ڪئي ويندي آهي. محبت هڪڙو گيان آهي، جنهن جي گهرائيءَ ۾ لهڻ ڪانپوءِ ئي عرفان ملندو آهي. عرفان يا معراج ماڻهوءَ جي پنهنجي نيت ۽ ولوڙ تي مبني آهي ۽ اُها هڪ اهڙي منزل آهي، جنهن ۾ باقي سموري ولوڙ ختم ٿي ويندي آهي. من شانت ۽ روح لاجواب ٿي پوندو آهي. ڪيترن ڏينهن کان ڪيترائي نوجوان ٽين ايجر،

چاهيندڙ ۽ دوست ميسيجز ۽ فون ڪندا رهيا تہ آءُ ويلنٽائن ڊي لاءِ ڪجھ لکان.

نوابشاهہ جي ڳيرو ساگر جماليءَ روئيندي چيو تہ: ”هيل آءُ پرينءَ بنا ويلنٽائن ڊي ملهائيندس، اکين ۾ ڳوڙها هوندا ۽ سموريون ميٺ ٻتيون اجهاٽيل هونديون.“ شڪارپور مان ٻئي نوجوان جمشيد چيو تہ: ”محبتون هاٽي رهيون ئي ڪٿي آهن، جو وڀي اُنهن تي ناز ڪجي يا وري محبتن جا ڏهاڙا ملهائجن....“

منهنجون هن وقت بہ جيتوڻيڪ سموريون همدرديون اُنهن نوجوانن ۽ تين ايجرس سان آهن، پر ڪين ڪيئن سمجهايان تہ محبت ماڻهوءَ جي پنهنجي اندر ۾ هوندي آهي ۽ اُها تہ پرتوو هوندي آهي، پنهنجي ئي احساسن ۽ جذبن جو. جنهن جي موٽ لاءِ ڪڏهن بہ طلبگار نہ ٿيڻ گهرجي.... محبت جو ٻوٽو، جڏهن وڏي وڻ ٿيندو آهي تہ ماڻهوءَ کي ڇانورو ڏيندو آهي ۽ ماڻهوءَ ۾ اهڙو نعرهِ مستانہ هڻي ڇڏيندي آهي، جو پنهنجي ذات، صفات، فطرت يا قدرت ٻڌجي پوندي آهي، ڪروڌ ۽ تمنا جي پاڙ وجود مان ئي پٽجي ويندي آهي. پوءِ بہ هر نوجوان، هر ڳيروءَ جي احساسن کي اجوڪي ڏينهن لاءِ آزاد ڇڏيندي، بس هڪ دعا ڪريان ٿو تہ شل ويڙها وَسيل هُجن، شل جوڙيون آباد هجن!

”جن محبتون ماڻيون آهن، سي محبتون نيائي سگهن ۽ جن محبتون ناهن ماڻيون، سي محبتون ماڻي سگهن.“

آئون وِش ڪريان ٿو اجوڪو ڏينهن اُنهن نوجوان ۽ سُهڻين دِلين کي، جِن کي اجا زماني جو زنگ ناهي لڳو اُنهن جي اکين ۾ جيڪي سپنا ۽ اوسيئڙا آهن ۽ من ۾ جيڪي بہ مُڪڙيون ٽڙيل آهن. شل سڀ ساپيان ماڻين ۽ هميشہ ٽِڙنديون رهن. وش ڪريان ٿو هي ڏهاڙو اُنهن حُسناڪ ڇوڪرين کي بہ. جيڪي پل ۾ کِلي ۽ پل ۾ روئي پونديون آهن. سندن اکين جا اوسيئڙا جيتوڻيڪ چشمن ۾ لڪي ضرور ويندا آهن، پر دلين ۾ وڏي رِدم سان ڌڙڪندا رهندا آهن. ظاهري طور تي پوپٽن ۽ پنيورين جهڙيون اُهي ڇوڪريون، اندران ڦٽيل ۽ زخمي پاريهرن جهڙيون هونديون آهن.

آءٌ اڄوڪو ڏينهن وِش ڪريان ٿو. سڀ کان اول اُن رسالي کي، جيڪو محبتن جو ساکي ۽ عشق جو منشور آهي، جنهن جا ورق ڦُهندي آءٌ سراپا محبت بڻجي پيو آهيان. منهنجي اندر مان ڪروڌ ۽ حرص لڏي لاڏاڻو ڪري ويو آهي ۽ هڪ اهڙي جذبي، اهڙي نظر نهار خيما کوڙيا آهن، جو هر چهرو، هر اک ۽ هر نظارو رڱو محبت ٿي لڳي، اِهڙي محبت، جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي ٿانيڪو ۽ محفوظ پيو پانيان. وِش ڪريان ٿو هي ڏينهن سفيد گنبذ واري سخي شهزادي شاهہ لطيف سرڪار کي، جيڪو عالم انسان کي محبت جو منشور ڏيندي، اِهڙي دعا سان سدائين مُرڪندو رهي ٿو تہ:

سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مِنا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

اڄ مون کي خوشي اِن ڳالهہ جي بہ آهي تہ منهنجي محبت جي عمر بہ هاڻي وڏي ٿي وئي آهي ۽ آءٌ گهٽ ۾ گهٽ اِن لائق بڻجي ويو آهيان تہ سنڌ کي سُڪار ڪندڙن کي پنهنجي محبتن سان وِش ڪري سگهان، ڇو تہ منهنجون محبتون سنڌ آهن، سنڌ سان لاڳاپيل آهن، جن ۾ ڪينجهر کي هندورو ڪرڻ وارو واءُ هُلي ٿو.

حَسن درس جي جواني جهمپير مان موٽ ڪاڏي تہ منهنجي جوانيءَ ڪراڙ تي دنگ ڪيو ۽ پوءِ هر وستي، هر واهڻ ۾ درازن جو دان وٺي، دراز ٿيندي رهي. اُها جواني، جنهن ڪراڙ تي دنگ ڪيو هو، سا پنهنجون سرحدون پار ڪري سچل جي سِٽ جيان تہ ’عشق ڪڏهن بہ ٻڍو/پوڙهو ناهي ٿيندو‘ وارو نقرو ڪٽي، اڄا سوڏو پئي رولاڪيون ڪري ۽ سراج جي اِن جملي وارو مفهوم ڳوليندي اَنت کان بي انت جي حسرت ۾ آهي تہ ”شل سنڌ کي پرچئون....!“

سراج تہ وڃي رب کي پرتو سنڌ کي پرتو ۽ سنڌ توڙي سنڌ سان محبت جو سراج بڻجي ويو. هُن پنهنجي وِرد ۽ ورڪا سان مِٽيءَ وڏو مانُ بہ لهي ورتو.

وِش تہ منهنجي محبتن جي سَن واري سائينءَ کي بہ آهي، جنهن سنڌ سان محبت جو پنهنجي پيشانيءَ تي اِهڙو محراب، اِهڙي پٽي ناهي ڇڏي،

جنهن جي شعاعن مان هِن ڌرتيءَ تي ٽانڊاڻا ئي ٽانڊاڻا جَرڪي نڪتا. اهڙو ئي هڪڙو ٽانڊاڻو، جنهن کي تاريڪين ڪيتروئي اجهائڻ چاهيو، پر هو سنڌ سان 'رتيءَ جي رهاڻ' ۾ هميشہ لاءِ پرچي ويو. سندس مُرڪون اڄ بہ رتيديري جي مٽيءَ مان سُگند جو ويس مٽائي سموري سنڌ ۾ مهڪن ٿيون.

وِش ڪريان ٿو اڄوڪو ڏينهن اُنهن سنڌ پرتلن کي، جن جي آخري سفر ۾ ڌرتيءَ جي گيتن جي گونجار سان گڏ آلين اکين جي وسڪار هئي. هڪڙو اياز، جنهن کي لطيف سرڪار پنهنجي پيرانديءَ، ڪراڙ ڪناري ويڙهي ورتو تہ ٻيو نجم پنهنجي ڪلا جو قمر اُپاري آويلي پنڌ تي سُتو

وِش ڪريان ٿو اڄوڪو ڏينهن اُن عاشق پربنءَ کي، جيڪو "منهنجو نالو لِکو" جا اُچار ورجائيندي، پنهنجو پاڻ، سنڌ سان پرچائي ويو ۽ دادوءَ جي ڏيهہ ۾ پنهنجي عاشقي ۽ اُستادي مڃائي ويو. وِش ڪريان ٿو هي ڏهاڙو شمشير، سرويچ، مُنشيءَ ۽ تاجل کي بہ جيڪي واهہ جو سنڌ کي پرتا جو سنڌ ٿورو مُرڪي، ٿورو سُڏڪي ڏنو.

اڄوڪو ڏينهن شيئر ڪريان ٿو وِش ڪريان ٿو انهن سمورن سنڌ جي ماڻهن کي، جيڪي مارن جي ريت جياريندا اچن ۽ تصوير بڻيل آهن اِن ڳالهہ جي تہ "جڏهن بہ ضمير جي سودي جي ڳالهہ اچي تہ قائم رهو حسينؑ جي انڪار وانگي." تنهنڪري آءٌ اِهو بہ چوڻ چاهيندس تہ عشق يا محبت ماڻهوءَ جي ضمير کان ٻاهر ڪانهي، سو اڄوڪو هي ڏينهن باضمير ماڻهن کي بہ وِش ڪريان ٿو جن جي زندگين ۾ جينوٽيڪ زهر اوتيل آهي، پوءِ بہ سندن دليونّ ۽ روح امرت ڀڙيل آهن. جن سان هو انسان ۽ انسانيت کي فيضياب ڪندا رهن ٿا. پکن جي پريت ماڙين سين نٽا مڃين، نہ ئي وري سنڌ سان ڪُريت جو ڪڏهن سوچين ٿا. اِهڙيون شخصيتون ۽ ماڻهو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن، جن پنهنجي محنت سان، قلم سان، پنهنجي منصب ۽ وِت سان، سنڌ کي پرچڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏنو آهي/ڪيو آهي. سنڌ محبتن ۽ پريت جي سَرزمين آهي، جنهن ۾ نفرت ۽ فساد جي ڪابہ گُنجائش ڪانهي، هتان جي ماڻهن جي محبتن ۽ امُن پسنديءَ جون

شاهد ڪيتريون ئي تاريخون ۽ زمانا آهن. خود ضمير ۽ انسانيت جو علمبردار حضرت امام حسين عليہ السلام نينوا جي سرزمين تي اِهو چئي: ”مون کي ڇڏيو تہ آءُ سنڌ وڃان....“ ثابت ڪري ڇڏيو تہ اُن دؤر ۾ هڪ سنڌ ئي اهڙو خِطو هئي، جتي امُن ۽ پيار هو سو سنڌ جي پريت پرين. محبتي ماڻهن کي بہ وِش ڪريان ٿو اجوڪو ڏهاڙو جيڪو اسان جهڙن ماڻهن جي مک تي ٻارهو ئي ساڳيءَ سونهن ۽ سوڀيا سان موجود هوندو آهي،اُن لاءِ اسان وٽ ڪو خاص ڏينهن مقرر ناهي.

مون کي اِها خبر تہ ڪانهي تہ عشق ڪڏهن پيدا ٿيو؟! شايد ازل کان اِهو موجود هو. فطرت ۽ قدرت جي اِشارن ۾ يا اِرادن ۾، پر جڏهن اِهو عشق هن سَر زمين، هن ڌرتيءَ تي وارِد ٿيو تہ پهريون سجدو سنڌ ڌرتي تي ئي ڏِنائين. اِهو ئي ڪارڻ هو جو دنيا جي قديم ترين تهذيبن کان بہ قديم تهذيب سنڌ ڌرتيءَ جي آهي. منهنجو اِهو ايمان آهي تہ عشق هُجي يا محبت، اُها ئي تهذيبون سماج ۽ معاشرا جوڙيندي آهي. اِها محبت ۽ عشق ئي آهي، جيڪو جوڙون جوڙڻ جي ڳالهہ ڪندو آهي، باقي نفرت ۽ نفاق ڪٿي بہ هجي، محبت جو پائيوار نٿو ٿي سگهي. آءُ اجوڪو ڏينهن وِش ڪرڻ گُهران ٿو اُنهن ماڻهن کي بہ، جيڪي نفرت ۽ نفاق ۾ پريا پيا آهن ۽ فِتنو فساد برپا ڪري رهيا آهن، هڪ دفعو اُهي پنهنجي دِل ۾ محبت پائي ۽ اکين ۾ عشق اتڪائي ڏسن تہ ڪين ماڻهو پيارا ۽ نظارا نيارا نظر ايندا.

ها بلڪل اُنهن دوستن ۽ ساٿين کي گُذارِش ڪريان ٿو تہ پنهنجي سنڌ يا سنڌي ماڻهن کي صرف پيار جي نگاهہ سان نهاريو هر وقت پنهنجن لاءِ ڪات ڪُهاڙا تِکا ڪريون وتو نہ ئي وري پنهنجن اِدارن يا مڪتبن سان ڪُريت ڪريو پنهنجن کي جيءَ ۾ جايون ڏيو تہ سنڌ توهان کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندي، توهان سان پرچي پوندي ۽ پنهنجي اِتهاس ۾ توهان کي ڇِتي ڇڏيندي نہ ئي وري ننڍين ننڍين ڳالهين تي پنهنجن ماڻهن ۽ اِدارن مان ڏنگ ڪڍو پيو نہ تہ لطيف سائين جي ئي ڳالهہ مڃو تہ:

”ميرو ئي محبوب اسان مارو من ۾.“

# ٻولي منهنجي ٻانيٽياڻي!

ضراب حيدر

هماليه کان گڙگات ڪندو هي جو وهندو اچي مهراڻ.

اُچين برفيلين چوٽين جي سينن، شڪمن (پيٽن) گوڏن ۽ پيرن تان سرڪندي، لڏندي، نچندي سُريلا گيت ڳائيندي هيءَ جا وهندي اچي سنڌو ندي.

تنهن جي تهذيب. اُن عميق ۾ ڪني ٿيل آهي، جيڪو عميق علم آهي، علم جي دنيا ۾ سنڌ صدين کان روشن آهي. سنڌو سيپتا، انڊس ويلي، جنهن جون سرحدون جيتوڻيڪ ريڙ جيان سوڙهيون ڪيون ويون آهن. پر اُن جي چڪ ۽ ڪشش لامحدود آهي. سنڌو جيڪا اروڙ جي ارمانن کي صدين کان کنيو ساڌ ٻيلي جو پرنام ڪندي، سکر، بکر، رُڪ جا وڪڙ ڦيرا ڪتيندي لاڙڪاڻي جي ور کان وارو وڄائي، مُهين جي گهاٽ تي ٿڌو ساهه کڻي ٿي، اُن ساهه جو شوڪارو آچر، سومر، اڱارو ئي آهي.

هر ويل سنڌوءَ جو اهڙو سانگهارو (وهڪرو) بس اِهائي وراڻي ڏئي ٿو جنهن جو انت يا ڇيهه مرشد لطيف سرڪار لهندي بس ايترو ئي چيو ته:

”ٻولي منهنجي ٻانيياڻي....“

مون مٿي جيڪو آچر، سومر، اڱاري جو ذڪر ڪيو سو ڪنهن به حوالي سان فضول ڪونهي، آڏت وار، سوم وار، اڱارو هجي يا هي سنڌ ديس پيارو هجي، سي بنهه پراچين آهن. مطلب ته جهڙو لفظ سنڌ قديم آهي، تهڙي ئي سندس ٻولي قديم آهي. ايئن ئي هن ٻوليءَ جا لفظ به قديم آهن اِهو احساس مون کي ويتر تڏهن گهڻو ٿئي ٿو جڏهن مُهين جي دڙي جي ڪڙ تي ويهي، آءُ ڏور ڏور ڦهليل سنڌوءَ ۾ نهارن تائين ڦهليل آڪاش کي ڏسان ٿو....

ٻولي، جيڪا منهنجي روح ۾، منهنجي سُتيءَ ۾ مونکي ڏني وئي آهي، اُن جو جهڙو اُچار اُجرو آهي، تهڙو ترنم سُريلو آهي. گهاٽ مُهين جي دڙي جو هجي يا وري سسئيءَ واري ڀنڀور جو هجي، اُتي جيڪو به گڏو ڏوتو ويو سو ٻانڀڻ ئي ڏوتو آهي.

اُهو ٻانڀڻ ڪو پروهت قديم هجي يا آرين جو ڀيم هجي.

اُهو ٺقلي اجرڪ اوڍيل سنڌ ڄائو هُجي يا وري سسئيءَ جو برهمڻ بابو هُجي.

آهي سنڌي ئي، صديون اڳ ۾ نه ڪو ٺنڊ ڦير سنڌيءَ ۾ هو نه وري اُن جي ٻوليءَ ۾ هو جيڪا سنڌوءَ جهڙي اُجري آهي، نه وري اڄ ڪو اُن ٻوليءَ ۾ ٺند ڦير آهي. مون کي هن لمحي سچ پچ انهن عظيم استادن جون چٽيون، ڏنڌليون تصويرون پنهنجي خوابن ۽ خيالن ۾ تحليل ٿيل ملن ٿيون، جن پنهنجي ٻوليءَ جي چٽن ۽ عڪسن کي وائکو ڪرڻ لاءِ پيندٻورا جون پيتيون ناهيون. ڪي ڀنڀور جي ٺڪرين تي 'بجرهيدر' جهڙا لفظ اُڪاري ويا ته ڪن وري مُهين جي ٿانون تي پنهنجا نالا لکيا، ڪِن ابوالحسن سنڌي ٻڻجي لِپيءَ جا ور ڪولي ڇڏيا ته ڪِن استاد محمد يعقوب 'نياز' ٻڻجي، پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ تجسس جا در کولي ڇڏيا.

هي تاريخ جو اڻ ٽٽ سلسلو ايڏو ته وڻندڙ ۽ دل لُڀائيندڙ آهي، جو اُن جا جيترا به تهه کولجن ٿا، اوترو ئي ٻوليءَ سان پيار ٿئي ٿو ۽ اُن پيار جو اظهار ڪڏهن لطيف سرڪار پنهنجي رسالي جي حرف حرف اکر اکر ۾ ڪري ٿو ته ٻيا وري پنهنجي رياضتن ۽ رولاڪين ۾ ڪن ٿا. پروڙ جي هِن جهان ۾ اِهل دل، اِهل ضمير ماڻهو اُن سڌ پڙاڏي جي پوبان آهن، جيڪو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو آهي.

ها مون ڳالهه پئي ڪئي مُهين جي دڙي جي، جنهن جي ڪڙ تي ويهي آءٌ اکيون پوري ڇڏيندو آهيان، ۽ اُهي ڇيرين جا ڇڻڪار ٻڌندو آهيان، جيڪي ناچڻيءَ جي نرت سان هڪ تخليقڪار جو تصور پيش ڪندا هئا. ناچڻيءَ جو روپ قديم لوڪ شناسن تخليق ڪندڙ ديويءَ جو روپ به ڄاڻايو آهي. آءٌ انهن ڇيرين جي ڇڻڪارن، آوازن ۽ پازيبن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اُچار

سُڌندو آهيان. جيڪا منهنجي وڏڙن هڪ نياري لِپيءَ ۾ محفوظ ڪري ڇڏي. جيڪا لِپي (صورتخطي) جُڳن کان ڪنهن لَٽ ۾ اوراڻجي وئي هئي. ائين جيئن لطيف سرڪار جا لڳي لڳي واءَ انگڙا ڏڪجي ويا هئا ۽ پوءِ هڪ سڏ پڙاڏي تي اِهو آواز پڻ آيو هوتہ

”پئي ڪٺي پساهہ. پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.....“

مرشد لطيف سرڪار پرين پَسيو تہ اسان کي بہ ساڃاهہ ملي ۽ پوءِ خبر ناهي ڪيترا پتنگڙا. اُن پرينءَ. اُن پساهہ تي اچي ڪنا ٿيا. جن آهستي آهستي انهيءَ لِپيءَ جي اکرن کي لٽ مان ڪوٺي ڪڍيو. ڪن وري اُن پيندورا پيتيءَ جو دروازو کوليو. جيڪو تجسُس جي ڏارا ۾ حقيقت کي ويجهو ٿيڻ لڳو.

جيڪا حقيقت اڄ ظاهر ظهور بيٺي آهي تہ هيءَ ٻولي ڪنهن جي بہ گولي ڪانهي. جنهن تهذيب کي اِرتقا ڏني. جنهن جيوت کي ڇُرڻ پُرڻ سيکاريو. اُن تهذيب کي لِپي (صورتخطي) بہ ڏنائين!

اِهو ڀلا ڪيئن ممڪن آهي تہ ڪنهن قوم کي شاهڪار. شاندارءِ شاهوڪارتهذيب تہ هجي. پر پنهنجي ٻولي نہ هُجي!

اِهو ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ جيڪي ماڻهو دنيا جهان کي ترقيءَ جون واٽون ڏسين. سي پاڻ وري جاهِل هُجن. جن وٽ ارٽ. هُرلي ۽ ڦيٿي جي ڦهرين ايجاد ڪيل هجي. سي يا تہ گونگا هجن يا وري ڳالهائين تہ ٻولي وري ٻين کان اُڌاري وٺي اچن (نڪو اِها ڳالهہ سمجهہ کان ٻنهہ گهٽي ڏور آهي!!

(اِهو ان لاءِ بہ چوڻو پيو. جو اڪثر سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ٻولين سان جوڙيو ۽ ڳنڍيو وڃي ٿو. جيڪو حماقت کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي).

لطيف سائين جڏهن لڳي لڳي واءَ واري ڪيفيت ۾ پرين پَسيو ۽ اک کولي اُن پرينءَ جي سڏ پڙاڏي پوبان رولاڪ ٻڌجي. جهرجهنگ جهاڳيائين ۽ پنهنجي رولاڪين کي اِهڙو تہ درسگاهہ. اِهڙو تہ اِدارو ٺاهي ڇڏيائين. جنهن جي سونهن ۽ سِکيا ۾ هڪ طرف جي.ايم. سيد موهجي پيو تہ ٻئي طرف سِراج. اُن پِرولي پيچڻ لاءِ سندرو ٻڌو. پوءِ تہ ڳالهہ صفا نياري

ٻڌجي پئي. ٻانيٽن جيڪي ٻه ڳڌا، جتي ٻه جيئن ٻه ڏوتا هئا، تن جي سَنڌڪن مان اِهي آواز ايندا ويا ته

”ٻولي منهنجي ٻانيياڻي الا........“

ائين ٿي اسان جي سادي سولي سنڌي ٻولي، زماني جي ڌَڙَ ۾ اوراٿيل لَٿَ مان نروار ٿي پئي. جيئن سُورج اُڀرندي ڪان نروار ٿيندو آهي، جيئن آب مان حيات نروار ٿي.

هاءِ هاءِ دل کي قرار اچي ويو (هڪ لمحي لاءِ اڪيون پُوري محسوس ڪجي ٿو ته ازلي آواز ۾ ويڙهيچن وارو وچن ٻه ياد اچيو وڃي).

دل چوي ٿي ته هڪ لمحي لاءِ بيهي ڏمال هڻجي. مون کي پڪ آهي ته اسان جي ڏمال تي هڪ پل لاءِ مُهين جي ناچڻيءَ جو روح وري موٽي ايندو. هوءَ هڪ ڀيرو وري مُهين جي اِسٽوپا تي وڏيون هنبوڇيون هڻندي .ڏمال هڻندي ۾ پڪ سان اُنهن راڪشن کي پنهنجو تانڊُوناچ (بربادِيءَ جو ناچ) ڪرڻو پوندو جن سنڌيءَ کي ڏارئي ٻِڙ تي اُجلائڻ چاهيو ۾ غيرن جي ڪاتي ۾ لِڪڻ چاهيو

اسان جي ڏمال جيتوڻيڪ ٻلي ڪنهن کي جنون لڳي، پر پڪ اٿم ته ٻنيور جي سرزمين هڪ لمحي لاءِ ڏڙڪي پوندي ۾ اتان وٿيرڪو ٿي ويل سنڌوءَ جو گهاٽ هڪ لمحي لاءِ جَرڪي پوندو ۾ پڪ سان ٻانيياڻي ٻوليءَ وارا ٻول اُچاريندي، سسئي جاڳي پوندي. اُن جدوجهد جي روپ ۾ جيڪا لطيف سرڪار، سائين جي.ايم.سيد، سِراج ۾ ٻين جي تسلسل ۾ هلندي اچي.

ٻولي، جيڪا اسان جي سڃاڻپ آهي، اسان جي ارتقا آهي. ٻولي ئي هر ماڻهوءَ جي جذبن جو اظهار آهي، سُک هجي يا ڏُک اُن جو اظهار پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي ممڪن ۾ سولو آهي. سو اِهڙي ٻولي، جيڪا ٻنهه سادي ۾ سولي آهي ۾ اسان جي دردن جو دارُون آهي، تنهن جي واٽ کي ڇڏي اسان کي ڪنهن ٻه اوپڙا اوجهڙ ۾ ڦاسڻ نه گهرجي.

منهنجو اِهو ٻه ايمان ۾ عقيدو آهي ته پنهنجي ٻوليءَ جي سمجهه هوندي، تڏهن ئي ڪنهن ٻي ٻوليءَ تي دسترس حاصل ڪري سگهبي. ڇو ته

هر ماڻهو سوچيندو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي آهي. سوچ جيڪا ماڻهوءَ جي دل ۽ روح مان نِسرندي آهي، اُن تي ڪوبہ ڌاريو ليپ ڏئي نہ سگهبو آهي، تنهنڪري اسان کي ڪنهن بہ حالت ۾ ٻلجڻ نہ گهرجي، نہ ئي وري پنهنجي ايندڙ نسل کي ٻلائڻ گهرجي. ٻاتن ٻولن کان وٺي پڪن شبدن تائين اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جا گيت، ترانا ۽ ڪلما پڙهڻ گُهرجن ۽ اِها بہ پڪ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اسان جي ٻولي ثابت ۽ سلامت آهي، تہ اسين بہ سدائين سلامت رهنداسين، ڇو جو تهذيب جي زندگي، صرف ۽ صرف ٻوليءَ ۾ آهي، جنهن جي ساک ۽ ثابتي تاريخ مان پڌري ٿي چڪي آهي. اڃا بہ جيڪڏهن ڪنهن کي ويساهہ ڪرڻو هجي تہ علم ۽ ڪتاب اُٿلائين، ڪين وڏيڪ ثابتيون مِلي وينديون. دنيا جي ڪنهن بہ تاريخ يا قوم جو دليل ڏيڻ ڪانسواءِ بس اينتري وينتي آهي تہ مُهين کان پِٽ تائين جو جيڪو بہ تاريخي تسلسل آهي، سو ڪنهن بہ مفروضيءَ تي ٻڌل ڪونهي، اُن ۾ هڪ ئي حقيقت نمايان آهي، جيڪا تنبوري جي تار سان وڄي ٿي تہ.

”سنڌي ٻولي نج ۽ پراچين آهي، جنهن جو لبادو ٻلي ٻين ٻولين پاتو هجي، پر سنڌي ٻوليءَ ڪنهن جو بہ وبس نہ پاتو آهي. نہ ڪو ڌاريو شبد چورايو آهي.

بس رڳو ٻولين جي جدت ۽ فصاحت آهر لفظن کي پنهنجي رنگ ۾ اُتاربو اٿائين، پنهنجي لِپي، صورتخطي ۽ صورت گريءَ ۾ هنڊايو اٿائين.“

پريڻ جي پساهہ واري مچ تي جيڪي پتنگڙا اچي ڪنا ٿيا ۽ لَت اوراتيل لپيءَ ۽ لِسان کي ڪوتي ڪديائون، اُنهن ۾ سنڌ مان شخصِ اول جيتوٽيڪ سِراج ئي آهي، جنهن پراڻين روايتن، ڳالهين ۽ چوٽين جو دٻلو بند ڪري ڇڏيو ۽ نئين راهہ ڏسي، جنهن جي شعاع، نوان دڳ ۽ رستا کولي ڇڏيا. جنهن جي آڌار تي ٻين پڻ وارا وڄايا. ٻوليءَ جي ڪم ۽ تسلسل ۾ پٽرن، نڪرين ۽ چنيل نقشن ۾ جِن بہ پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ کي سيڙايو، تن بہ انمول موتي ماڻيا. ڊاڪٽر بلوچ هُجي يا ابراهيم جويو، ڊاڪٽر الانا هجي يا ايم.ايچ پنهور، عطا محمد ڀنڀرو هُجي يا ڊاڪٽر فهميده حسين،

محبت ڀُرڻو هجي يا وري تاج جويو قاسم ٻگهيو هجي يا وري هدايت پريم. سيني ڀلي ۽ پٽ پاڻ ملهايو آهي ۽ اِهڙو ڪم ڪيو اٿائون، جو سندن پورهئي تي سچ پچ ڏاڍو پيار اچي ٿو.

منهنجي فطرت ۾ اِهو شامل رهيو آهي تہ آءٌ دعائون ڳوليندو تلاش ڪندو ۽ گهرندو رهندو آهيان: ”شال! سنڌ وسي، سنڌي ٻولي وسي!“ واري دُعا سان گڏوگڏ لطيف سائينءَ جي انيڪ دُعائن کي ياد ڪندي هي ورق، اجوڪو ڪالم اربيان ٿو سِراج جي اُن اربنا سان، سنڌ ۽ سنڌ واسين کي، جن جي ڀڪن شبدن ۽ ٻاتن ٻولن ۾ صرف سنڌ آهي، سِراج جي اُها اربنا، جيڪا هن پنهنجي پيءُ ماءُ سان منسوب ڪندي چيو هو تہ:

”شل سدائين حيات هجن اُهي،جن زندگيءَ جي ٻين بخششن ڪانسواءِ مون کي سنڌي ٻولي بہ عطا ڪئي.“

ڪيڏي نہ وڏي دُعا ۽ ڪيڏي نہ وڏي اربنا آهي، جنهن ۾ رڳو زندگي ئي زندگي آهي. اسين سنڌي ماڻهو ڪيڏا نہ خوش نصيب آهيون، جو جيڏي عظيم اسان کي ٻولي نصيب ٿي، ايڏا ئي اُن کي سنڀاليندڙ مهان ماڻهو مليا: جن ٻوليءَ جي سونهن ۽ حرف حرف کي اُجاري ڳالهائي بچائي ورتو نہ تہ ڪيتريون اِهڙيون ٻوليون هُيون، جن جو نانءُ نشان ئي دنيا تان مِٽجي ويو.

# سنڌي ٻوليءَ جي عاشق جو وڇوڙو

آزاد انور ڪانڌڙو

سنڌ ويهين صديءَ ۾ علم، ادب ۽ صحافت جي دنيا ۾ جيڪي وڏا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، سراج الحق ميمڻ جو شمار اهڙن وڏن ماڻهن جي صف اول ۾ آهي. سراج وڏو اسڪالر، دانشور، ناول نگار، ڪهاڻيڪار، افسانہ نگار ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پارکو ۽ عاشق هو. هو سنڌي ادب جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن مثالي انسانن مان هو جن پنهنجي حياتي سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي ماڻهن جي ترقي، خوشحالي، ڀلائي، بهتري ۽ حقن جي حاصلات لاءِ جاکوڙ ڪندي، لکندي گذاري.

سراج الحق ميمڻ جو جنم 24 آڪٽوبر 1933ع تي علمي، ادبي شخصيت محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ ٺٽي ڄام ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم ٺٽي ڄام مان حاصل ڪئي، بعد ۾ سندن خاندان حيدرآباد لڏي آيو. ميٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. بي.اي آنرس ۽ ايل.ايل.بي پاس سراج الحق ميمڻ نوڪريءَ جي شروعات 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ نوڪريءَ ڪرڻ سان ڪئي. 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري ٿيو. 1957ع ۾ سي.ايس.ايس جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽيڪس آفيسر ٿيو. 1970ع ۾ ڪيس انڪم ٽيڪس کاتي مان سنڌيت جي پرچار ڪرڻ، قومپرست ۽ ترقي پسند تحريڪن ۾ حصي وٺڻ جي الزام هيٺ جبري طور رٽائر ڪيو ويو جنهن بعد هن وڪالت شروع ڪئي.

سراج الحق ميمڻ جديد سنڌي صحافت جو باني هو. هو هڪ جرئتمند ۽ بيباڪ صحافي هو. ون يونٽ کان وٺي ايم. آر. ڊي تائين سندس صحافتي ڪردار اتساهيندڙ ۽ مثالي رهيو. پاڻ روزاني هلال پاڪستان جو 1972ع ۾ ايڊيٽر ٿيو. هلال پاڪستان ۾ 'رتيءَ جي رهاڻ' ۽ 'ملان جي ڊوڙ' سندس مشهور ڪالم ڇپجندا هئا. سراج، اخبار ۾ ايڊيٽوريل صفحي کي سگهارو بڻايو ۽ ايڊيٽوريل کي جاندار بڻائي، عوامي مسئلن جي حمايت، حاڪمن جي ڏاڍ خلاف ايڊيٽوريل لکي، ماڻهن ۾ ايڊيٽوريل پڙهڻ جو رجحان پيدا ڪرڻ وارو بہ سندس قلم جو ڪرشمو آهي. هن صحافت ۾ انور پيرزادي، فقير محمد لاشاري، جي.اين مغل، اسلم آزاد، نصير اعجاز، محمود يوسفاڻي، عبدالرحمان نقاش، راز ناٿن شاهي، هدايت منگي ۽ ٻين ڪيترن ناميارن صحافين کي روشناس ڪرايو. 1977ع ۾ ڊڪٽيٽر ضياءَ الحق جي مارشل لا ۾ فوجي سرڪار کان ڊڪٽيشن وٺڻ کان انڪار ڪندي، روزاني هلال پاڪستان جي ايڊيٽرشپ تان استعيفا ڏنائين. پاڻ س. م. لاهوتيءَ جي قلمي نالي سان بہ ڪالم لکيائين. روزاني 'جاڳو' ۾ 'سياسي منظرنامو' سندس مشهور ڪالم هوندو هو. آڪسفورڊ پريس وارن سراج ميمڻ کان سنڌي انگريزي لغت جي تياريءَ ۾ مدد ورتي ۽ هو سڄي پراجيڪٽ جو چيف ايڊيٽر رهيو.

79 سالن جي ڄمار ۾ سڄي عمر سنڌ لاءِ سوچيندڙ انقلابي اديب سراج دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو. پر هن جو قلمي پورهيو ۽ سنڌ سان بي انتها پيار، سنڌي ٻوليءَ جي هن عاشق جي سدائين ياد ڏياريندو رهندو. سراج الحق ميمڻ کي زندگيءَ ۾ ئي سنڌي ادب ۾ پنهنجي تخليقي پورهيي جي ڪري اعليٰ مقام حاصل هو. سندس اعليٰ ۽ مثالي ڪردار جي ڪري، ڪيس وڏو مان، مرتبو ۽ مڃتا ملي. هو پنهنجي ذات ۾ هڪ تحريڪ ۽ تاريخ هو. هو اهڙي گهري ڇيڻ ثابت ٿيو جنهن سنڌ کي جاڳايو ۽ اُتساهہ ڏنو.

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
گهايل ڌرتي جي سيني جي،
اهڙي گهري ڇيخ ٿين ٿا.

جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
۽ دنيا کي بدلائي ٿي.

سراج الحق ميمڻ هڪ گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. هو چوٽيءَ جو ناول نگار هو. سنڌ جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پڙهڻ جو جذبو سراج جي لکڻين ئي پيدا ڪيو. هن 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءُ'، 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، 'تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول' جهڙا شاهڪار ناول لکيا. 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۽ 'مرڻ مون سين آءُ' ناولن کي سنڌي ادب ۾ اعليٰ مقام حاصل آهي. 'پڙاڏو سوئي سڏ'، ارغونن ۽ ترخانن جي سنڌين تي ظلمن ۽ سنڌين جي بغاوت جي پسمنظر ۾ لکيل اهم ناول آهي. هن ناول کي 1970ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ٿيڻ کان پوءِ ايتري ته مقبوليت ملي، جو 1970ع، 1981ع، 1988ع، 1989ع، 1995ع، 2004ع ۾ ڇهه ڀيرا ڇپيو. جڏهن ته سندس ٻين ناولن جا به ٽي ٽي، چار چار ڇاپا ڇپيا. جيڪا ڳالهه هڪ ليکڪ لاءِ اعزاز کان گهٽ نه آهي.

سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ ڪهاڻيڪار ۽ افسانه نگار به هو. هن ڪيترين ئي بهترين ڪهاڻيون ۽ افسانا لکيا، جن ۾ 'ڀِٽي'، 'اي درد هلي آءُ'، 'دل جا پاڇولا'، 'انون ماٺهو'، 'رڻ جو موت'، 'رت ورني رات'، 'پاتال'، 'هڪ مڙدو ٽي لاشا' وغيره شامل آهن. 'انون ماٺهو' هڪ اهڙي باغيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي پڪڙڻ بعد ابتو لٽڪائي ماريو وڃي ٿو ته جيئن ڪانئس راز معلوم ڪري سگهجي. 'رت ورني رات'، 'هڪ مڙدو ٽي لاشا' ڪهاڻين ۾ سندس فن بلندين تي پهتل آهي. 'ڀِٽي' سنڌي ادب جي هڪ لازوال ڪهاڻي آهي. 'رڻ جو موت' هڪ فلسفيانه نوعيت جي ڪهاڻي آهي. مطلب ته هن سنڌ سان ٿيندڙ زيادتين خلاف ڀرپور نموني لکيو. هن جتي سنڌ جي سپوتن جي دانستانن کي پراثر انداز ۾ بيان ڪيو اتي ڌارين حڪمرانن ارغونن، ترخانن توڙي پنهنجن وڏيرن ۽ جاگيردارن جي ظلم خلاف بهادريءَ سان لکيو. هن جتي مدي خارج ۽ اڌوهي ڪاڏل قدرن تي تنقيد ڪئي، اتي هن سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي برتري به چاهي. سندس ڪهاڻين

۽ افسانن جا مجموعا 'اي درد هلي آ' (1961ع) ۽ انون ماڻهو (1985ع) ان جو ثبوت آهن.

پاڻ معاشي مسئلن بابت هڪ ڪتاب 'علم معاشيات' بہ لکيائين. جيڪو نصابي ڪتاب طور اج بہ پڙهيو وڃي ٿو. سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ترجمي نگار بہ هو. هن چونڊ 'آمريڪي افسانا'. 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ'. 'ڏکڻ مان ٿو سج اُڀري'. 'چين جي هارين کي زمين ڪئين ملي' ۽ ٻيا ڪتاب ترجمو ڪيا. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ سندس ترجمي واري ڪم کي بہ وڏي مڃتا ملي. هن ڊراما پڻ لکيا.

سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو پارکو هو. هن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت وڏو تاريخي ۽ علمي ڪم ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت مختلف نظريا بيان ٿيندا رهيا آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌي ٻوليءَ جي حسب نسب بابت يادگار ۽ مثالي ڪم ڪيو. هن 1872ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ڇپايو ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجي تحقيق ۾ ڄاڻايو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي ۽ اُن ٻارهين صديءَ ۾ هاڻوڪي صورت ورتي آهي. سنڌ جي مايہ ناز عالمن ۽ اديبن ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ مرزا قليچ بيگ بہ ڊاڪٽر ٽرمپ جي نظريي جي پنيرائي ڪئي ۽ سنڌيءَ کي سنسڪرت جي لائق ڌيءَ يا شاخ سڏيو. جڏهن تہ سنڌ جي برک عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هن سلسلي ۾ راءِ هئي تہ سنڌي سامي 'سٽ' جي زبان هئي، پر سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت تحقيق ۽ دليلن سان لکيو ۽ ثابت ڪيو تہ 'سنڌي سنسڪرت جي ڄائي نہ پر سنسڪرت خود سنڌيءَ جي مرهون منت آهي. سنڌي ٻولي سنسڪرت کان بہ قديم آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل ۽ لسانيات بابت 1964ع ۾ ڇپيل سندس ڪتاب 'سنڌي ٻولي' مثالي حيثيت رکي ٿو.

سراج الحق ميمڻ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو بہ وڏو پارکو هو. هن شاهہ لطيف جي مزاحمتي ۽ قومي شاعريءَ جي ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا ۽ سنڌي قوم کي شاهہ لطيف جي شاعريءَ ذريعي قومي ۽ اجتماعي

شعور ۽ مزاحمت جو پيغام ڏنو. سراج الحق ميمڻ جديد سنڌي شاعريءَ جو بہ وڏو پارکو هو. ڏرتيءَ جيڏي شاعر شيخ اياز ۽ سنڌ جي عوامي ۽ قومي شاعر استاد بخاريءَ جي شاعري، فن ۽ فڪر تي سنڌس مضمون ۽ سندن ڪتابن جا مهاڳ لکي، هن سنڌ جي ٻنهي عظيم شاعرن جي شاعراڻي عظمت ڪي اثرائتي نمونې بيان ڪيو. سراج پاڻ شاعري بہ ڪئي. ڪراچيءَ کي وفاق حوالي ڪرڻ خلاف 'ڪراچي' جي عنوان سان هڪ شاهڪار ۽ تاريخي نظم لکيائين، جنهن ان وقت وڏي شهرت حاصل ڪئي هئي.

سراج الحق ميمڻ سنڌ جو وڏو قانوندان هو. پاڻ سپريم ڪورٽ جو سينيئر وڪيل هو. انڪم ٽيڪس جي قانون تي ڪيس وڏي مهارت حاصل هئي. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ آصف زرداريءَ جو وڪيل بہ رهيو پر هن ڪانئن حڪومتي دور ۾ ڪوبہ فائدو نہ ورتو. هن ڪڏهن بہ سرڪار کان ڪا بہ مراعات نہ ورتي. ڪيس نگران حڪومتن ۾ وزارتن جون آڇون بہ ٿيون، پر هن نڪرائي ڇڏيون. ڪيس 1996ع ۾ "سنڌي لئنگئيج بورڊ" جي چيئرمئنشپ جي آڇ ڪئي وئي، پر هن نڪرائي ڇڏي هن چيو تہ 'سنڌ جي گهر 'لئنگئيج بورڊ' نہ پر 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي' جي آهي.' اڳتي هلي سنڌس ۽ سنڌ جي دانشورن جو اهو مطالبو 1991ع ۾ پورو ٿيو. پاڻ سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ ۽ سنڌ فرينڊز سرڪل جي باني مان هو. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو بہ سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ جي ميمبر جي حيثيت ۾ سراج جي گهر ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندي هئي. سراج الحق ميمڻ ئي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ جي ذريعي سنڌ جي دانشورن ۽ ڏاهن جي ويجهو آندو. سراج الحق ميمڻ وقت جي حاڪمن آڏو ڪڏهن بہ نہ جهڪيو ۽ نہ ئي وڪيو. هن جو ڪنڌ ۽ قلم پنهنجي ڌرتي ماءُ جي آڏو ئي جهڪيل رهيا. هو سنڌي ادب جو انقلابي ۽ مزاحمتي ڪردار هو، جنهن سڄي حياتي، سنڌ جي حقن لاءِ قلمي جهاد ڪيو. حق ۽ سچ لکيو ۽ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان نينهن جو ناتو نڀايو.

# سراج: سنڌي ادب، صحافت ۽ تحقيق جو هڪ باب

طارق عزيز شيخ

سراج حيدرآباد جي پر ۾ ٽنڊي ڄام جي سرسبز ۽ ننڍڙي ڳوٺ ۾ 24 آڪٽوبر 1933ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد محمد يعقوب ميمڻ تعليم جي شعبي سان وابسته هو. سراج صاحب جو پنهنجي والد جي اثر جي ڪري توڙي پنهنجي ادبي مزاج سبب شروع کان لکڻ پڙهڻ سان گهاٽو واسطو رهيو. ادبي ماحول ۾ اڳتي وڌڻ سان گڏوگڏ هن وڪالت ۾ به ڪاميابيون ماڻيون ۽ ملڪ جي مايہ ناز قانوني ماهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

ناول نگاريءَ ۾ سراج سنڌي ادب کي معياري ۽ تاريخي ناول ڏنا. ڪهاڻين لکڻ کان به اڳي هن ناول نگاريءَ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. جڏهن ته ارتقائي تحريرن ۾ هن ترجما ڪيا هئا. 1953ع ۾ "ذڪڻ مان ٿو سج ابري" نالي ناول هن ترجمو ڪيو. ان کان پوءِ "چوند آمريڪي افسانا" 1958ع ۾ ترجمو ڪيائين ۽ انهيءَ سال يعني 1958ع ۾ ئي "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" جو ترجمو ڪيائين. سندس طبعزاد لکڻين جي شروعات سٺ واري ڏهاڪي کان شروع ٿئي ٿي.

سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ "اي درد هلي آ" جي نالي سان شايع ٿيو. ان کان پوءِ ٻوليءَ جي حوالي سان مختلف بحث رونما ٿيا. سنڌي ٻوليءَ کي ڪنهن محقق سنسڪرت جي ڌيءَ ٿي چيو ته ڪنهن وري اُن کي سميري ٻولين مان نڪتل ٿي چيو پر سراج وڏي محنت سان تحقيق ڪري عالمي ماهرن جي دليلن ۽ پختي يقين سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته سنڌي ٻولي سنڌ جي اصلوڪي ٻولي آهي، ان جا وارث سنڌ جا قديم باشندا ئي آهن. انهيءَ بحث دوران هن "مهراڻ" ۽ "نئين زندگي" رسالن ۾ مضمون پڻ لکيا، جڏهن ته لسانيات جي بين الاقوامي اصولن ۽ ماهرن جي نتيجن کي آڏو رکندي هن "سنڌي

ٻولي“ ڪتاب لکي، پنهنجو نظريو پيش ڪيو. هيءُ ڪتاب 1964ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ٻوليءَ جي حوالي سان ماحول ۾ گهما گهمي هئي. انهيءَ سال سراج ”علم معاشيات“ ڪتاب پڻ لکيو جنهن ۾ معاشي مسئلن تي نظر وڌل آهي.

سراج سنڌ جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پڙهڻ جو شوق ڏياريو. جن سنڌ جي تاريخ اڳي نه پڙهي هئي، تن سراج جا ناول پڙهي پوءِ سنڌ جي تاريخ کي پڙهيو. سنڌ جي هن بي مثال ناول نگار ارغونن ۽ ترخانن جي زماني جي تاريخ کي ”پڙاڏو سوئي سڏ“ ناول ۾ پيش ڪيو. جنهن ۾ سنڌي قوم، سنڌ جي صورتحال ۽ ڌارين جا ظلم سئنيما جي پردي تي فلم جيان نظر اچن ٿا. وڏي خوبيءَ سان هن تاريخي ناولن جي شروعات ڪئي. سراج کان اڳي محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي تاريخي ناولن ۾ طبع آزمائي ڪئي هئي، پر اهڙي ڪاميابي ماڻي نه سگهيا، جهڙي سراج کي ملي. سراج انهيءَ ناول جو ٻيو حصو ”مرڻ مون سين آءُ“ جي نالي سان لکيو جنهن جي ڪاميابي پڻ اڳوڻي ناول جيتري ٿي. ان کان پوءِ سنڌ ۾ ڌارين جي مختلف دورن تي هن ٽي وڏيڪ ناول ”منهنجي دنيا هيڪل وياڪل“، ”تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول“ ۽ ”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ لکيا. سراج جي ناولن جو سلسلو سنڌ جي تاريخ جي ترتيبوار بابن جيان آهي. هن ناولن سان گڏوگڏ ڪهاڻين جو هڪ ٻيو مجموعو ”انون ماڻهو“ 1985ع ڌاري پڻ ڇپايو جڏهن ته مختلف موضوعن تي سندس مضمون ۽ مقالا پڻ اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. هن ”هلال پاڪستان“ اخبار جي ايڊيٽر طور پڻ فرض انجام ڏنا ۽ پنهنجي صحافتي ڪردار کي به مڃرايو جڏهن ته ڪيترين ئي اخبارن ۾ ڪالم پڻ لکندو رهيو. سراج، شاهه لطيف جي حوالي سان پڻ مقالا لکيا، خاص طور تي شاهه جي سياسي ۽ مزاحمتي شاعريءَ تي هن آمريتي ڏينهن ۾ به جرئت سان قلم کڻي شاهه جي ٻوليءَ ۾ سنڌي قوم کي پيغام ڏنو. سنڌ جو هي نثر نويس نه فقط ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ٻولي جو ماهر ۽ ڪالم نگار آهي پر نثر جي حوالي سان آل رائونڊر رهيو آهي.

# رتيءَ جي رهاڻ

امداد سومرو

مغربي لباس، انگريزن واري رعب ۽ ڍڄ تمباڪو سگار پيئندڙ ارسٽوڪريٽ اديب. جيڪو هو تہ انڪم ٽيڪس جو ڪراچيءَ جو گهاگهہ وڪيل، پر جي هن جي اندر کي ڏسبو تہ هو اندران ائين پٽائيءَ جو راڻو هو. جيئن ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي آخري وقت ۾ پاڻ کي 'پٽائيءَ جو راڻو' سڏيو هو.

سراج الحق ميمڻ، ادبي دنيا جو سراج، پنهنجي پوئين زندگي سنڌي هجوم، سنڌي سنگت ۽ نام نهاد ايڪٽوزم کان پري گذاري ۽ بهتر ڪيو. آخري وقت ۾ هن ڇا لکيو، سوچيو ۽ پڙهيو ٿي، اهو هن جي ويجهو رهندڙن کي معلوم هوندو، پر هو 'جاڳو' اخبار کان پوءِ ڪنهن اخبار يا رسالي جي صفحن کان پري نظر آيو.

'هلال پاڪستان' سراج جي لاءِ صحافتي عروج هو ۽ 'جاڳو' اخبار ۾ هن جا ڪالم هن جو تخليقي ڪلائيمڪس هئا. حيدرآباد، هيرآباد ۾ پرڳڙي فليٽس جي سلسلن مان هڪ چوٿين فلور واري فليٽ تي 'جاڳو' اخبار ڪيڻ جو خيال انگوري بوتل تي يارن کي آيو هو ۽ اسان جو بزرگ، پر دل جو اجا تائين جوان ۽ اسان سيني لاءِ 'سر' نذير ميمڻ جي فليٽ تي موڙي گڏ ڪرڻ ۽ اخبار ڪيڻ جو خيال رچي ريٽو ٿيو هو. ان وقت اخبارون ڪيڻ جو جنون ائين هو جيئن هاڻ ٽي. وي چئنلن جو آهي.

بهرصورت 'جاڳو' صحافتي تاريخ ۾ صرف ٻن ڳالهين سبب ياد رهندي: هڪڙو فقير محمد لاشاريءَ جي ايڊيٽوريلن ۽ ٻيو سراج جي

ڪالمن جي ڪري، اسان ’جاڳو‘ جون خبرون نه، پر پهرين ايڊيٽوريل ۽ پوءِ سراج جا ڪالم پڙهندا هئاسين. سراج هفتي ۾ هڪ پيرو سياسي صورتحال تي تجزيو ’سياسي منظرنامو‘ جي عنوان سان لکندو هو ۽ ٻيو ادبي هفتيوار ڪالم ’رتيءَ جي رهاڻ‘ لکندو هو. انهن مان ڪيترا ڪالم منهنجي پراڻين ڊائرين ۾ پيل هوندا. انهن ڪالمن مان هڪڙو ڪالم هن پئرس تي نازبن جي ڪاهه ۽ ساريان يونيورسٽيءَ جي لئبرريءَ تي به لکيو هو. سراج جي ’رتيءَ جي رهاڻ‘ جي مختصر اسپيس واري ڪالم جي آخري سٽ ڳلي ۾ ڪنهن ڳنڍ جيان رهجي ويندي هئي.

’هلال پاڪستان‘ لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي جهڙي فيوڊل ارسٽوڪريٽ ۽ مطلق العنان، پر لبرل اڳواڻ جي حڪومتي ماتحتيءَ ۾ هن جي ايڊيٽرشپ وارو ڪامياب تجربو ڀٽي جي فراخ دلي گهٽ، سراج جي ذهانت ۽ وسيع القلبي وڌيڪ هو. امر جليل جا ڪالم ’تنهنجون منهنجون ڳالهيون‘ جيڪي پوءِ ’سنڌو منهنجي ساهه ۾‘ ۽ ٻين ڪتابن ۾ ڇپيا. ڪنهن به ريت ڀٽي دور جي حمايت ۾ نه هئا. پر سراج، امر جليل کي ڏنل ڪمٽمينٽ ته هن جا ڪالم سواءِ سينسر ڪرڻ جي ڇپبا. آخر تائين ان کي نڀايو.

سراج جنهن نسل جو ماڻهو هو اهو هڪ ئي وقت ڪيترن سياسي ۽ نظرياتي لڙهن مان نڪتو هو. اهو نسل، جيڪو هڪ ئي وقت ٻن ديوقامت انسانن کان متاثر ٿيو هو ۽ اهي هئا: ذوالفقار علي ڀٽو ۽ جي.ايم.سيد. پر سراج الحق ميمڻ جلد سيد جي پڇري مان نڪري ويو جيئن شيخ اياز نڪري ويو هو. شايد اسان جي نسل کي اندازو نه هجي، پر جويي صاحب، اياز ۽ سراج صاحب جهڙن ماڻهن سنڌ جي شناخت ۽ ساڃاهه لاءِ ڪيترو پورهيو ڪيو ۽ پوڙهيو هو. اسان وٽ ته نمائش ئي نمائش آهي.

مون هن جا تقريباً سڀ ناول پڙهيا آهن ۽ اهو اعتراف ته هڪ ناول نگار جي حيثيت ۾ هن مون کي ڪڏهن به متاثر نه ڪيو جو هن جي ناولن ۾ نسيم حجازيءَ واري Exaggeration آهي. فڪشن هجي پر حقيقت نگاريءَ جي ويجهو هجي، جيئن قرة العين حيدر جا ناول آهن يا ٽالسٽاءِ، ترگنيف، دوستو وسڪي ۽ ان قسم جي ليکڪن جا ناول آهن. اهي هڪ دور جو آئينو آهن.

سراج جي ناولن تي سنسي خيزيءَ جو گمان ٿيڻ اجايو ناهي، پر انهن ناولن ۾ هڪ ڳالهه ضرور آهي تہ اهي سنڌ جي اتهاس، ان وقت جي سياسي ۽ افراتفريءَ واري صورتحال، خوف، انفرادي ۽ گروهي مزاحمتي لقائن، جهڙپن، غدارين، وفادارين ۽ حب الوطنيءَ جي عڪاسي ڪندڙ ضرور آهن.

ڪڏهن ڪڏهن تاريخ ۾ جڏهن گونگي خاموشي ڇانئجي ويندي آهي، تڏهن ڪي ليکڪ آرٽسٽ ٿوري مبالغہ آميزيءَ کان ڪم ضرور وٺندا آهن. مارڪئيز جي 'جادوئي حقيقت نگاري' (Magical Realism) ٻيو ڪجهہ ناهي، سواءِ ان جي تہ هن جا ناول حقيقت نہ هوندي، حقيقت لڳن ٿا يا حقيقت جي ٻنهہ ويجهو لڳن ٿا. پر ناول ۽ شاهوڪار ناول، شاهوڪار روايتن وارن سماجي مان ايرندا آهن ۽ اهي سماج، جيڪي ڪيترين ئي پيچ ڏاهہ مان نڪتل هجن ٿا ۽ مڪمل پيچ ڏاهہ کان پوءِ تبديلين جي ڪيترن ئي مرحلن مان گذري نئين تعمير ڪن ٿا. ڇا اسان ايترين شاهوڪار روايتن، پيچ ڏاهن ۽ تبديلين جي مهاڀاري جنگين مان گذريا آهيون؟

ويجهي تاريخ ۾ 47ع وارو ورهاڱو جديد سنڌ ۾ هڪ اهڙو سانحو ۽ المياتي تبديلي هئي، جو بهترين ادب سرجڻ اٽڪر هو. گهٽ ۾ گهٽ شاعريءَ ۾ اهو خال پُر ٿيل آهي، باقي ناول متعلق مختلف رايا ٿي سگهن ٿا. ان جي باوجود هتان لڏي ويل اديبن مان موهن ڪلپنا، سندري اتم چنداڻي ۽ ڪجهہ ٻيا ناول نگار پير تي ڏونڪو هڻي چئي سگهجن ٿا تہ اعليٰ درجي جا ناول نگار آهن. 'تاريخ کان موڪل تي' ۽ 'تون منهنجي سندرتا جو آرنيپ آهين' موهن ڪلپنا جا زبردست ناول مثال طور ڳڻائي سگهجن ٿا. بهترين ڪهاڻين جو بہ هڪ ڳاٽيتو آهي، جيڪو ورهاڱي واري وڍ مان اسريل آهي.

سراج تاريخ جي اُن بريف مرحلي مان گذريو. جيئن تہ هو گهڻو پڙهيو لکيو ۽ دنيا ڀر جو ادب ۽ تاريخ پڙهڻ ۽ سنڌ جي تاريخ جو عالم هجڻ باوجود، جڏهن هن فڪشن ۾ پير پاتو تہ انهيءَ مبالغہ آميزيءَ کان ڪم ڇو ورتو جنهن جي ڪابہ ضرورت نہ هئي؟ گيدي پٽي، خوف، خاموشي ۽ ڪجهہ بہ نہ (nothingness) ۽ اجائي پٽي وارا موضوع ئي دنيا جي بهترين ادب جا موضوع رهيا آهن.

دنيا جو بهترني ادب عام ۾ روزمره جي حالتن، لقائن، ڪيفيتن، خوفن، محبتن، ڏکن، وفائن ۽ دغائن ۽ happenings جو نالو آهي. دنيا جي بهترين ادب ۾ وڏو پلاٽ، وڏو لقاءُ ۽ ديوقامت موضوع نالي ڪا شيءِ ناهي. عام عمومي حالتن کان متاثر ادب ئي وڏو آهي. وبندي وڏين تبديلين، لقائن ۽ حالتن (انقلابن) جي پلاٽ تي بہ بنهہ عام ۽ رواجي انداز ۾ نگاهن سان لکيو ويو آهي، پر فني/ گهاڙيٽي جي حساب سان انتهائي شاهوڪار نموني عام رواجي شيءِ ڳالهہ ۾ آمر کي فني حساب ۾ غير روايتي نموني رکڻ وارو ادب ئي بهترين ادب ليکيو ويو آهي.

هر شيءِ جيڪا زندگيءَ جي مظهر کي ڇُهي، متاثر ڪري وجهي، ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿي، پر اسان وٽ ان حوالي کان صحافتي توڙي ادبي دنيا ۾ ڪمال درجي واري 'جڳاڙ' کان ڪم ورتو ويو آهي.

سراج، شيخ اياز جي اُن زور پرڻ تي تہ اسان رڳو وڪالت لاءِ نہ، پر ڪجهہ ٻئي ڪم لاءِ بہ پيدا ٿيا آهيون: سراج اُن تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ شروع ڪيو هو پر ظاهر آهي تہ زندگيءَ جي اجگر هن کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو. سراج لاءِ ذريعہ معاش مسئلو نہ هو پر هو اهي گهٽيون ڪڏهوڪو ڇڏي آيو هو ۽ سنڌي هجوم وٽ هن کي ڪشش ڪرڻ لاءِ تمام گهٽ هو.

سراج ڪنهن جماعت يا نظريي جو قصيده گو نہ هو ۽ نہ نظرياتي پلٽون ڪمانڊر هڪ فرد جي حيثيت ۾ هن جي اها چوائس هئي تہ هو ڇا ڪري ۽ ڇا نہ ڪري. وڪالت جي مصروفيت يا ٻيو ڪجهہ. سنڌ هن لاءِ صرف 'تاريخي حوالو' رهجي وئي هئي. شايد هُن جي رتيءَ جي 'آخري رهاڻ' محض پنهنجي پاڻ سان هئي.

(روزاني عبرت، حيدرآباد_ 03 فيبروري 2013ع)

# هڪڙو هو سراج

## واحد پارس هيسباڻي

ڪالهه سنڌ هڪ اهڙي شخص کان محروم ٿي وئي آهي، جنهن پنهنجي ارڏائپ ۽ اصول پسنديءَ واري ڪردار جي ذريعي مختلف شعبن ۾ پاڻ ملهائي ڏيکاريو. سراج جيڪڏهن هڪ ناول نگار طور نظر اچي ٿو ته سندس ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي ظلم ۽ بربريت جو هڪ ڪليل داستان آهي. ناول جي منظر نگاري اهڙي ته شاندار انداز ۾ ٿيل آهي، جو ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ ناول نگار اهو سڄو ظلم پنهنجي اکين سامهون ٿيندي ڏٺو آهي. ساڳيءَ طرح سندس ناول 'پياسي ڌرتي رمندا بادل' جيڪو ٽن حصن ۾ 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' ۽

'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل' جي نالي سان ڇپيل آهي، اهو به ايڏي ئي ڀرپور ريت رکي ٿو. اهڙيءَ طرح سندس ناول 'مرڻ مون سين آءُ' به زبردست ناول آهي. سندس هي ناول سچ ته سنڌي ادب جا شاهڪار ناول آهن، جن ۾ سنڌ جي هڪ تاريخ سمايل آهي.

لکڻين ۾ سراج جي ٻولي سادي سلوڻي آهي ۽ سندس لفظن جي ادائيگيءَ جو انداز متاثر ڪندڙ آهي. هي شين کي جيئن ڏسي ٿو بلڪل ئي انهيءَ انداز ۾ جيئن جو تيئن بيان ڪري ٿو. هي حقيقت کي سندس اصل شڪل ۽ صورت ۾ پيش ڪري ٿو ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جو رک رکاءُ نه ٿو ڪري، جنهن جو اندازو سندس ناول 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' جي هن ٽڪري مان لڳائي سگهجي ٿو:

”اسين هميشہ جيان ساڳي ہہ چاپڙائيءَ جو شڪار آهيون. پنهنجي ذاتي سُک، پنهنجي ذاتي سُڪون ڪي جوکم ڏسي، ڪچونءَ وانگر پنهنجي ڪُل ۾ اندر گهڙندا ٿا وڃون. تيسين سنڌ جي هر شئي تي قبضو ٿيندو وڃي، اسان جا شهر اسان جا نہ رهيا آهن. اسان جي ٻهراڙين کي، زندگيءَ جي سمورين چڱاين کان وانجهو ڪري، ڪين فلمي دنيا جا خواب ڏيکاري، چرس ۽ گانجي جي حوالي ڪيو پيو وڃي. سڀ کان وڏو موتمار ڌڪ اسان کي اهو پيو هنيو وڃي تہ اسان کان پنهنجي ٻولي، پنهنجي تهذيب کسي پئي وڃي! ملڪ دشمنيءَ جي تهمت هيٺ اسان جو لکڻ پڙهڻ بند ٿيندو وڃي. اسان جي تعليمي سرشتي ۾، اندران ئي اندران اهڙو ڪاٽ هڻڻ شروع ڪيو اٿن، جو هاڻ اسان جا استاد پڙهائڻ بدران اسان جي نئين پيڙهيءَ کي اهڙي اونداهيءَ ڪڏ ۾ اڇلائڻ لڳا آهن، جتان هنن جو نڪرڻ محال آهي. اسان جا رسمي طرح تعليم يافتہ ماڻهو ايترا موڳا، ايترا بي علم، ۽ ايترا منجهيل آهن، جو جتي ڪٿي اها هاهاڪار آهي تہ سنڌي ماڻهو رڳو گڏهہ هڪلڻ جي قابل آهن!“

هو پنهنجي لکڻين ۾ پڙهندڙن کي ذهني جسڪا ونرائڻ بدران ڪردارن ذريعي حقيقتون بيان ڪري، انهن جون اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مٿي پيش ڪيل ناول جي ٽڪري مان سنڌ جي مجموعي صورتحال جي عڪاسي ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هي ناول ڪي ڏهاڪا اڳ لکيو ويو هو پر جيڪڏهن ايمانداريءَ سان جائزو وٺجي تہ سنڌ جي صورتحال اڄ بہ اها ساڳي ئي آهي. وقت گذرڻ سان گڏ جيڪا تبديلي اچڻ گهرجي ها، جيڪا سجاڳي اچڻ گهرجي ها ۽ جيڪا بهتري اچڻ گهرجي ها، اها نہ اچي سگهي آهي. اسان جو تعليمي ريشو انگن اکرن جي حساب سان ضرور وڌيو آهي، پر شعور جي لاٽ اجا گهٽي گهٽ آهي.

سراج کي اسان جڏهن هڪ ڊراما نگار جي حيثيت ۾ ڏسون ٿا تہ سندس ڊراما بہ ٻين کان منفرد ۽ مختلف نظر اچن ٿا. سندس ڊراما: ’ويران اکيون‘، ’زخمي دل‘، ’گهاتو گهر نہ آيا‘، ’اڪبر جي حياتي جو هڪ

ڏينهن' (ترجمو) جنهن جي به نظرن ۽ سماعتن تائين پهتا آهن، اهو انهن کي وساري نه سگهيو آهي.

پاڻ جڏهن سراج کي هڪ صحافيءَ جي حيثيت سان ڏسون ٿا ته هي اسان کي روايتي صحافي نظر نٿو اچي. وقت جي حڪمرانن جي اخبار 'هلال پاڪستان' جي جيڪڏهن هي ايڊيٽرشپ قبول ڪري ٿو تڏهن به پنهنجي شرطن ۽ شروطن تي ۽ هي 'هلال پاڪستان' کي پنهنجي صلاحيتن ذريعي سنڌ جي سڀ کان مقبول اخبار بڻائي ڏيکاري ٿو. سرڪاري اخبار هجڻ جي باوجود ان ۾ عوام جي آواز کي اهميت ملي ٿي. سندس خودداريءَ جي شاهدي ناميارو ليکڪ امر جليل به ڏئي ٿو جنهن جي حڪومت خلاف لکڻين کي به هن جيئن جو تيئن ڇاپيو. امر جليل اُن سلسلي ۾ لکي ٿو ته: "پهرين مئي 1972ع تي اخبار جو افتتاحي اجراءُ ٿيو ۽ منهنجي لکڻ لاءِ هڪ بلڪل نئين تجربي جو. سراج پنهنجي واعدي کي توڙ تائين نڀايو. مون طارق اشرف وٽ به مڪمل آزاديءَ ۽ بنا ڪنهن جهل پل جي لکيو هو پر هيءَ آزادي ان کان به ڪجهه سرس هئي. سرس اُن ڪري هئي، جو هلال پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اخبار هئي ۽ پيپلز پارٽيءَ تي ميمبرن جي روپ ۾ وڏيرن، جاگيردارن، پيرن، ميرن، سيدن ۽ سردارن جي يلغار هئي. اسيمبلين جا ميمبر هئا، وزير هئا، صلاحڪار هئا، اتحاد ناهڻ ۽ ڊاهڻ وارا هئا. مان وڏيرن، پيرن، ميرن، سردارن، جاگيردارن کي سنڌ جو ويري سمجهندو آهيان. هو علم، آگاهي، سائنس، سجاڳي، اسڪولن، ڪاليجن جا دشمن آهن. اڻ پڙهيل ۽ نادان هاري ناري ۽ ڳوٺاڻن جي رعيت سندن مضبوط ووٽ بئنڪ آهي، جيڪا کين اسيمبلين تائين پهچائيندي آهي ۽ اسيمبلين ۾ پهچڻ کان پوءِ اقتدار جي ايوان ۾ حاڪمن آڏو هٿ ٻڌي بيهي رهندا آهن. هلال پاڪستان لاءِ ڪالمن ۾ لکيل ڪهاڻيون اهڙن ڪردارن کي واڙي ڪٺي اينديون هيون ۽ سندن روين ۽ نيتن جو ايڪسري ۽ الٽراسائونڊ ڪنديون هيون. سندن ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ذوالفقار علي ڀٽي تائين پهچندو هو..."

اها حقيقت آهي تہ سراج جو صحافتي دور مثالي دور رهيو آهي ۽ ان دور ۾ صحافت اندر بهتر ۽ نوان لاڙا پيدا ٿيا.

اسين جڏهن سراج کي هڪ ڪالم نگار جي حيثيت سان ڏسون ٿا تہ هن جي ڪالمن ۾ بہ اسان کي ساڳي جرئت ۽ بهادري نظر اچي ٿي. سندس 'رتيءَ جي رهاڻ' ۽ 'سياسي منظرنامي' جي سري هيٺ لکيل ڪالم تمام گهڻا مقبول ٿيا. جن ۾ ڏرتي ۽ ڌرتي واسين جي ڏکن دردن جي اپٽار ٿيل هوندي هئي. سراج پنهنجي لکڻين ۾ سچو ڌرتي دوست نظر اچي ٿو. هن جي قلم ۾ ڪتي بہ ڪا هيٺائي ۽ جهيڻائي نظر نٿي اچي. ٻوليءَ جي حوالي سان سندس ڪيل ڪم بہ انتهائي شاندار آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت نوان بحث ڇيڙيا ۽ مروج راين ۽ روايتن سان اختلاف ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي اصلوڪي ۽ بنيادي ٻولي قرار ڏنو. سندس ڪتاب 'سنڌي ٻولي' اهم تاريخي دستاويز آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان زبردست قسم جو بحث ٿيل آهي. سندس راءِ کي اڳتي هلي انهن محققن بہ قبول ڪيو جيڪي ان جي ابتڙ راءِ رکندڙ هئا.

سراج صاحب جي خصوصيت اها هئي تہ هي هوا ۾ اجايون لنبيون هڻڻ بدران نوس ۽ دليلن سان ڀرپور ڳالهہ ڪندو هو جنهن ۾ سندس مطالعي ۽ مشاهدي جي گهرائي شامل هوندي هئي. هن جيڪو بہ ڪم ڪيو اهو ذميواريءَ سان، سچائيءَ سان، ايمانداريءَ سان، نيڪ نيتيءَ سان ۽ خدمت واري جذبي تحت ڪيو. هي ڪڏهن بہ سرٽيفڪيٽن، ميڊلن ۽ پروگرامن جي صدارت ڪرڻ واري ڊوڙ ۾ نہ رهيو. هي خاموشيءَ سان پنهنجو ڪم ڪندڙ هو هن جيڪو بہ ڪم ڪيو اهو شاندار نموني ڪيو. جيڪو سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ منفرد حيثيت رکندڙ آهي.

سراج کي پاڻ جڏهن قانوندان جي حيثيت ۾ ڏسون ٿا تہ اتي بہ سندس ذهانت اعليٰ سطح جي نظر اچي ٿي. سپريم ڪورٽ جي سينئر وڪيل جي حيثيت ۾ هن اهم نوعيت جا ڪيس وڙهيا. پاڻ وڪالت کي ڪمائيءَ جو ذريعو سمجهڻ بدران ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ جو ذريعو سمجهيائين. هن ان پليٽ فارم تان ڪيترن ئي ناانصافي جي شڪار ماڻهن کي انصاف ڏياريو.

ڪيس انڪم ٽيڪس واري قانون تي پڻ خاص مهارت حاصل هئي. بهرحال پاڻ جنهن بہ شعبي ۾ جيڪا بہ ذميواري ڪنيائين، اها سنجيدگيءَ سان نڀائي بہ ڏيکاريائين.

24 آڪٽوبر 1933ع ۾ ٽنڊي ڄام ۾ هڪ استاد جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سراج جي هنن سمورين ڪاميابين جي سفر پٺيان سنڌس والدين جي تربيت سان گڏ ذاتي محنتون شامل آهن. هن ڪو شارٽ ڪٽ استعمال ڪرڻ بدران پنهنجي صلاحيتن جي بنياد تي منزل ماڻي، هي ڪڏهن بہ ڪنهن عهدي جي چڪر ۾ نہ رهيو پر عهدن کي هن جي ضرورت محسوس رهي. سراج پنهنجي زندگيءَ ۾ کليل ڪتاب جيان آهي، سندس ڪردار ڪٿي بہ جهول جو شڪار نظر نٿو اچي. هن پنهنجي سموري زندگي شرافت ۽ ايمانداريءَ سان گذاري، اهو ئي سبب آهي، جو سنڌ جا سمورا علمي ادبي حلقا سندس دل سان عزت ڪن ٿا ۽ اڄ سندس وڇوڙي تي سڀ هڪ جيترا ئي سوڳوار آهن. سراج جو وڇوڙو سچ پچ اسان سڀني جو گڏيل نقصان آهي، جنهن جو ازالو ٿيڻ ممڪن ناهي.

(روزاني عبرت، 03 فيبروري 2013ع)

# سنڌي ادب جو ديومالائي ڪردار

نصير سومرو

هن رڳو "سراج" نالي سان لکيو پورو نالو نہ لکڻ بہ سندس طرفان ناديده بدعتن خلاف احتجاج هو. شڪايتن، ڏوراپن ۽ ميارن ڏيڻ بدران پنهنجي تخليقي ذات کي ادب جو روپ ڏنائين. هن ادب ۾" تخيلاتي تحقيق" جو رخ اجاگر ڪيو. تخليق ۽ تحقيق جي دائري جون ٽيهڻ ئي ڏگريون سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ٻوليءَ ڏانهن وڃي وبندڙ آهن.

انقلاب فرانس کان پوءِ ادب ۽ آرٽ جي دنيا ۾ ڪيترائي اصطلاح متعارف ٿيا. پارليامينٽ ۾ ساڄي پاسي ويٺل "ساڄي ڌر" ۽ کاٻي پاسي ويٺل " کاٻي ڌر" طور سڃاتا ويا. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ۽ رجعت پسند ڌريون رهنديون آيون آهن. خاص طور انهن ڏينهن جون باقيات سمجهيون وينديون آهن، جڏهن دنيا ٻن بلاڪن جي پاور ۾ ورهايل هئي. سرمائيداراڻو سماج ۽ سوشلسٽ سماج، جيڪو طرز حڪومت ۾ هينئر يوني پولر آهي ۽ جو هر ۾ الڳ الڳ فڪري ڌارائن وارو آهي. ون يونٽ خلاف اديبن ۽ شاگردن جي جدوجهد هجي، يا ايم.آر.ڊي تحريڪ جا اثرات هجن , ڪهاڻين، ناولن ۽ شاعريءَ ۾ انهن جا چٽا عڪس ملن ٿا. هي دور اسيءَ جي ڏهاڪي تائين شدت وارو رهيو. سراج کاٻي ڌر جي اهڃاڻن جو علمبردار هو.

تحقيق هر دور جو ادب آهي. لسانيات يعني سنڌي ٻوليءَ جي کوجنا ۾ سراج الحق پنهنجو گهڻو ٽڻو وقت صرف ڪيو. تحقيق ۾ سندس رويو "غير روايتي" هو.

روايت آهي تہ "ميمڻ" لفظ مومن مان ماخوز آهي ۽ پاڻ تحقيق ڪري ٻڌايائين تہ ان جو ڏاتو مئيندڙ يعني ماپڻ تورڻ وارو آهي. هيءَ دريافت ميمڻي لوڪ ادب جي متن ۾ جاڳايل آهي.

ميمڻ اصل ۾ سنڌي آهن. واپار ڌنڌي ۽ ڪرت سان سڄاڻپ هنن جي روايت رهي آهي. نيڪ آهي تہ سنڌي پنهنجي جهوني تاريخ سانڍي نہ سگهيا، پر هنن جي مڪاني ۽ ڌرتيءَ ڏٺي هجڻ جو ثبوت اهو آهي تہ سنڌي ٻولي لاڏائو ۽ تاريخي اٿل پٿل وارين حالتن ۾ برقرار رکي اٿائون. سنڌي ٻوليءَ کي ٻن ودوانن سنسڪرت جي ڌيءُ ڪوٺيو تہ سراج چيو تہ سنسڪرت سنڌيءَ مان نڪتل زبان آهي. مروج آهي تہ "شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي." پاڻ چيائين، "پيغمبري شاعريءَ جو جزو آهي."

هو تخيلاتي تحقيق جو وڏو نالو هو. هو روشن دماغ ۽ چٽي بصيرت وارو ليکڪ هو. ورهاڱي کان پوءِ هوقليچ ثاني هو. لسانيات ۾ يادگار ڪم ڪيائين. وڏ کان وڏ ناول لکيائين. پرڏيهي ادب مان افسانا ترجمو ڪيائين ۽ انگريزي ۾ بہ ترجما ڪيائين. سنڌي ٻوليءَ تي انگريزيءَ ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان سندس ڪتاب ڇپجي چڪو آهي.

ڏيپلائي پريس ۾ پروف ليڊر طور علمي سفر جو آغاز ڪيائين. محمد ابراهيم جوبي جي اک کيس سڃاڻي ورتو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ کيس نوڪريءَ ۾ رکيائين هن اقتصاديات بابت ڪتاب بہ ترجمو ڪيو.

سراج الحق جي ناولن جي ڪردارن تي تفصيلي لکڻ ۽ تنقيدي تجزيي ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن جي سوچ ڌارائن جو احاطو ڪرڻ هن بنهہ ننڍڙي ليک ذريعي نٿو ڪري سگهجي.هن جي آخري ڏينهن وارين تصويرن مان لڳي ٿو تہ هن جي ٻڌيمان ۾ وڏي ڪاوڙ ۽ "گهٽو چوڙ" جي دٻايل قوت بي چين آهي. هن جي فرزند امجد چواڻي تہ سراج صاحب آخري ڏينهن ۾ سنڌ جي هاٺوڪين حالتن بابت متفڪر ۽ مايوس ڏسڻ ۾ آيو.

سراج صاحب وڏن منصبن تي فائز رهيو هو طرز فڪر ۾ اڳتي طرف ڏسندڙ ۽ سچائيءَ جو متلاشي هو. قوم، ٻولي ۽ ڌرتيءَ جي قلم ذريعي مثالي

خدمت ڪيائين. هو ورچي ڪو نہ وينو. اورچ قسم جو ديومالائي ”ڪردار“ ڪيس امرتا ڏيندو.

هن پنهنجن نظرين جي قيمت چڪائي، پر ڏگ ڪو نہ مٽايو. سنڌي قومي ۽ مزاحمتي ادب لکڻ جي باداش ۾ ڪيس انڪم ٽيڪس جي نوڪريءَ تان هٿ ڌوئڻا پيا. صحافت جو سفر شروع ڪيائين. روزاني هلال پاڪستان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. ضياءُ الحق جي مارشل لا جي دور ۾ سرڪاري پاليسين سان مطابقت ۾ اچڻ بدران ايڊيٽر جي عهدي تان استعيفا ڏنائين.

سراج الحق ميمڻ 24 آڪٽوبر سن 1933 تي ٽنڊي جام ضلعي حيدرآباد ۾ محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. ايم اي. ايل ايل بي ڪيائين وهندڙ درياهہ جي پاٽيءَ وانگر متحرڪ ذهن وارو رهيو. پنهنجو رستو پاڻ ٺاهي ڪاميابيون ماڻيائين. 2 فيبروري، سن 2013ع تي فاني جهان ڇڏيائين. ڪراچي، سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

علامہ اقبال چيو آهي تہ:

تيري آزاد بندون ڪي نہ يہ دنيا نہ وہ دنيا،
يهان مرني ڪي پابندي، وهان جيني ڪي پابندي.

# جرئتمند ليکڪ جو وڇوڙو

## علي ڏنو جروار

سنڌ ڌرتي هڪ تمام وڏي، عظيم انسان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي ليکڪ کان محروم ٿي چڪي آهي، جنهن سنڌ جي تاريخ تي ٻه اهم ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۽ 'مرڻ مون سين آءُ' لکيا. هنن ٻنهي ناولن ۾ سنڌ تي ڌارين جي يلغار ۽ ڌرتي ڌڻين جي بهادريءَ جا ڪردار وائکا ڪيل آهن. هڪ طرف ڌارين حملي آورن جي ڦرلٽ جي عڪاسي ٿيل آهي ته ٻئي طرف وري سنڌي جوڌن جي جوابي ڪاروائي ۽ قابضين خلاف ويڙهه ۽ رٿابندي ڪرڻ جي ڪردارن کي نمايان ڪيو ويو آهي. ٻئي ناول سنڌ جي تاريخ جي انهيءَ دور تي لکيا ويا آهن، جڏهن سنڌ ارغونن، ترخانن ۽ مغل حڪمرانن جي قبضي هيٺ هئي. هونئن ته سنڌ سدائين قبضن هيٺ رهي آهي ۽ ان جو ناڻو ٻاهر منتقل ٿيندو رهيو پر مغلن، ارغونن ۽ ترخانن جي انهيءَ دور ۾ سنڌ وڏيڪ بربريت جو نشانو بڻي آهي.

جس هُجي سراج الحق ميمڻ کي، جنهن سنڌ جي تاريخ جي هن ڏکوئيندڙ پهلوءَ تي قلم کنيو آهي. هو جسماني طور ته اسان سڀني سنڌ واسين کان موڪلائي چڪو آهي، پر سندس لکڻيون ۽ يادون اسان وٽ موجود آهن. جيڪي اسين ساري ڪيس خراج عقيدت پيش ڪري رهيا آهيون. سندن ٻيو ناول آهي 'پياسي ڌرتي رمندا بادل' هن ناول جا ٽي حصا آهن. پهريون حصو: 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، ٻيو: 'تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول' ۽ ٽيون 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا' آهي.

هن ناول متعلق محترم سراج الحق صاحب پاڻ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ڪجهہ يارن جي محفل هئي. اياز، رشيد، تنوير، رباني، رسول بخش پليجو مراد علي مرزا، ع. ق. شيخ ۽ نياز همايوني هڪ گيت ٻڌايو:

منهنجي دنيا هيڪل وياڪل، تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول،

منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا، تنهنجي دنيا رمندا بادل!

۽ مون ان ئي وقت دوستن کي ٻڌايو تہ آءُ پنهنجي ناول جو نالو هنن سٽن مان ڪٽندس ۽ 'منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا' رکندس.

هي ڳالهہ 64_1960ع جي آهي. اڳتي هلي جڏهن هي ناول مڪمل ٿيو ۽ ان کي سراج صاحب جڏهن آخري شڪل ڏني، تڏهن بقول سندس: "ڏنم تہ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان ناول ٽن حصن تي مشتمل ٿي پيو."

سراج جو هي سجو ناول سنڌ جي جاگيرداراڻي سماج جي نفسياتي سوچ متعلق بہ آهي تہ وري اُن ۾ مزاحمتي ڪردار بہ آهن. هن ناول ۾ انقلابي هلچل ڪندڙ ڪجهہ مثبت سوچ رکندڙ فردن جو هڪ گروپ بہ ڏيکاريو ويو آهي. ناول جي شروعات شاهہ عنايت شهيد جي ميلي جي پسمنظر ۾ ڪئي وئي آهي. دل چوي پئي تہ ان جو پهريون پئراگراف هتي پيش ڪجي.

"پل پلان جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي، پر هيل جهوڪ شريف جو ميڙو واهہ جو لڳل هو. ماڻهو ائين اچي ڳاهٽ ٿيا. ڄڻ تہ وري الائي شاهہ عنايت جي چائنٺ تي اچڻ ٿئي يا نہ. سموري سنڌ اٿلي پئي هئي."

... ۽ وري ناول جي پڄاڻي جا لفظ بہ دل کي ڇهندڙ لکيا اٿس. ناول جي پڄاڻيءَ ۾ روشن خيال ۽ ترقي پسند فردن جي گروهہ جي هڪ جاکوڙيندڙ ڪردار جي آخري ملاقات آهي. ڪال ڪوٺڙيءَ اندر ڦاسي گهاٽ ۾ وينل شخص جا آخري لفظ آهن: "پائو اهو دروازو بند نہ ڪر. مون کي پنهنجي حال ڏي وٺي هل. مون ۾ ماضي ۽ مستقبل سان آخري ملاقات جو حوصلو نہ آهي..!!"

مطلب تہ سراج جيڪو بہ لکيو آهي ۽ اهو ڌرتي لاءِ لکيو آهي. سراج جو شمار سنڌي اديبن جي اڳينءَ صف وارن اديبن ۾ ٿئي ٿو جن ون يونٽ جا ڪهري قانون ڏٺا، جيل ڀوڳيا، 1965ع ۽ 1970ع واريون جنگيون ڏٺيون.

پاڻ هڪڙي هنڌ لکيو اٿائين تہ: 1965ع جي جنگ لڳارائي وئي. اياز ۽ رشيد ڀٽي جيل موڪليا ويا. منهنجو هنيانءُ ئي هِجي ويو. لکڻ ڪونہ ڇڏيم، پر ناول ڇپائڻ تان ارواح ئي ڪڇي ويم.“

”هتي هي جملا لکڻ مان منهنجو مطلب اهو آهي تہ هنن ماڻهن ڪيڏيون سختيون ڏسي، برداشت ڪري بہ لکڻ نہ ڇڏيو“ سراج لاءِ امر جليل هي لفظ سندس ’آتم ڪٿا‘ جي هڪ باب ۾ لکيا آهن. اهو هڪ هنڌ لکي ٿو تہ ”سراج مون کي ڪراچيءَ جي هڪ هوٽل شيزان ۾ ملڻ جو ٽائيم ڏنو. آءٌ انهي ٽائي ڪيل وقت ۾ جاءِ تي پهتس تہ پاڻ مون کان اڳ اتي موجود هو ۽ چيائين تہ اخبار لاءِ لک. آئون ٿورو هبڪيس. چيائين تہ ’جيڪي وڻيئي سو لک توتي ڪابہ پابندي ناهي!‘ اڳتي هلي منهنجي خلاف اسلام آباد ۾ ملڪ دوهيءَ جون انڪوائريون هليون. جن ۾ مون سان خوب نياپائين ۽ منهنجا ڪالم شايع ڪندو رهيو. ايتري قدر جو ذوالفقار علي ڀٽي کي بہ مون بابت دليل ڏئي مطمئن ڪري ڇڏيائين.

سراج جي هڪ بي خوبي جيڪا مون محسوس ڪئي اها هئي تہ هو ٻين کي اهميت ڏيڻ وارو انسان هو. هڪ دفعي سنڌ جي هڪ يگاني عالم ۽ دانشور سائين حيدر علي لغاريءَ کيس هڪ خط لکيو. پاڻ ان خط جي مٿان هيٺيون نوٽ لکي، سندس ڪالم ’رتيءَ جي رهاڻ‘ ۾ شايع ڪرايائين. ’اجوڪي رتيءَ جي رهاڻ‘ ۾ اوهان کي سنڌ جي هڪ مفڪر ۽ دانشور حيدر علي لغاريءَ جي رهاڻ ۾ شامل ڪرڻ گهران ٿو. هن پنهنجي خط ۾ ڪجھ اهڙا ڪتڪا ۽ نقطا ڇيڙيا آهن، جن تي اوهين بہ سوچيو منهنجين سوچن تہ منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي.“

هي آهن مخلص ۽ سچن انسانن جون سچايون، نہ تہ اڄڪلھ اهڙو دور اچي ويو آهي، جنهن ۾ ڪوبہ ڪنهن جي چڱي ڳالھ ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي.

محترم سراج جي وڇوڙي سان سان سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، سو پرجڻ مشڪل آهي. سراج جهڙا ليکڪ ۽ انسان صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن.

# سراج کي سنڌ صدين تائين ياد رکندي

## سليم جروار

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي يگاني عاشق سراج جي وڇوڙي جي ٽئين ڏينهن تي سندس تڏي تي تعزيت ڪرڻ وقت خاموش ۽ سوڳوار فضا... 'هاڻ سراج ڪڏهن به نه موٽندو'... ڳالهه سوچيندي سوڳ واري ڪيفيت اچانڪ ڏک ۽ درد ۾ تبديل ٿي وئي، اهو درد صدين لاءِ آهي، اڄ سندس وڇوڙي کي پلي ڪجهه ئي ڏينهن مس گذريا آهن، پر سندس پيٽا لاءِ لکيل هي سٽون صدين ۽ نسلن جي امانت آهن. اهي ڏينهَن جون محتاج نه آهن..... سندس وڇوڙي جو درد هر وقت تازو آهي ۽ رهندو.

سراج، جنهن جي سڃاڻپ ڪنهن وزير مشير يا ڪنهن ڪاموري جي مٿ مائٽ طور نه هئي، نه ئي وڪالت جي پيشي سان واڳجي هُن پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي هئي، هُو ته ٻوليءَ جي عشق جي علامت هو. سراج سراپا سنڌ هو سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب ئي سندس سڃاڻپ هئا. ۽ هُن پنهنجي عشق جو اظهار عملي طور علم ۽ قلم ذريعي ڪيو.

ٽنڊي ڄام جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ماستر محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ اکيون کولي هڪ تاريخ ساز شخصيت بنجڻ ڪان ڪان پوءِ اجگر جهڙي شهر ڪراچيءَ ۾ اکيون بند ڪرڻ تائين هن جي جيون سفر ۾ ڪيترا موڙ آيا. ڪيتريون تلخ حقيقتون سندس وجود کي ڇُهي به ناڪام رهيون. ڪيترن دردن، پيڙائن ۽ اذيتن سان مهاڏو اٽڪائي، هي سنڌ جو سچو سپوت ٻٽيو اهو سڀ ڪجهه ته سندس اڻ ڇپيل جيون ڪٿا ' Biography of an unknown Sindhi' ۾ ئي پڙهي سگهبو پر جن به سندس ڪهاڻين ۽ ناولن کي پڙهيو آهي، تن کي ئي سندس گهرائيءَ جو احساس هوندو مون جهڙن سوين نوجوانن جو

هُو اڻ سڌيءَ طرح استاد رهيو جن سندس لکڻين کي پڙهي اُتساهہ پرايو ۽ منجهن ادب طرف لاڙو ٿيو.

سراج، جنهن سان پلي ذاتي واقفيت نہ هئي، پر ساڻس هڪ اهڙو رشتو هو، جيڪو اڻ ٽٽ هو. اهو رشتو ٻوليءَ سان عشق جو رشتو هو سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل خدمت نہ فقط سندس سڃاڻپ جو سبب بڻي، پر اها ڪروڙين سنڌين جي پنهنجي ماءُ ٻوليءَ طرف پيار جو سبب ۽ اتساهہ جو ذريعو پڻ بڻي، سراج ڀرپور ماڻهو هو جنهن سنڌيءَ کي سنسڪرت جي ڪک مان جنم وٺڻ واري ڳالهہ کي رد ڪيو، نہ فقط رد ڪيو پر 'مُهين جي دڙي' واري لکيت کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري اهو ويساهہ ۽ يقين ڏياريو تہ سنڌي ٻولي تمام آڳاٽي ٻولي آهي.

سراج ٻوليءَ جي معاملي تي ڪڏهن بہ ڪمپرومائيز نہ ڪيو سنڌ سرڪار جڏهن 'سنڌي لئنگئيج بورڊ' جي چيئرمئن ٿيڻ جي ڪيس آڇ ڪئي تہ هن اهو چئي آڇ کي رد ڪيو تہ 'اسان کي سنڌي لئنگئيج بورڊ' نہ پر اردوءَ لاءِ قائم ڪيل 'مقتدره قومي زبان' وانگر 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي' کپي، جيڪا پوءِ ١٩٩١ع ۾ قائم ٿي.

محمد ابراهيم جويي جي سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري هئڻ واري زماني (1951ع) ۾ سراج کي ادبي بورڊ جي ڪتاب گهر مئنيجر جي حيثيت ۾ رکيو ويو ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ بورڊ جي آفيس ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. مطلب تہ سراج ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ جاکوڙ ڪندڙ قدآور شخصيتن، محمد ابراهيم جويي، شيخ اياز ۽ شمشيرالحيدريءَ جي ويجهو رهڻ وارن ۾ هو جيڪي عملي طور جدوجهد ڪري خود تاريخ بنجي ويا آهن. ۽ سراج خود بہ تاريخ بڻجي ويو آهي، ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي.

سراج وجود ۾ تہ هڪ فرد هو پر سندس زندگيءَ جا ڪيترا پهلو هئا ۽ هُن جو هر پهلو ڪامياب ۽ مڪمل رهيو جيڪا ڳالهہ سندس قدآور شخصيت هئڻ جي علامت هئي، هُو کرو ۽ بيباڪ انسان هو سياسي نگين ڪان پري هو. هو هڪ ئي وقت سائين جي. ايم. سيد جو فڪري ساٿي بہ هو تہ ڪن معاملن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ويجهو رهيو ۽ رسول بخش پليجي

سان تہ سندس گهرا تعلقات قائم رهيا. هُن هر رشتي جو ڀرم رکيو ۽ اُن کي خوب نڀايو. ذوالفقار علي ڀٽي پاران 'هلال پاڪستان' اخبار جي ايڊيٽر جي مليل ذميواريءَ کي نڀائيندي، هن نہ رڳو اخبار کي اوج تي رسايو پر اخبار جي ملازمن جي حقن جو بہ خيال ڪيائين.

ڀٽي پاسي پنهنجي ويجهي ساٿي ۽ ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ جي قدآور شخصيت سائين محمد ابراهيم جويي سان سيد اعظم جي فڪري سوچ بابت رهاڻيون بہ ڪندو رهيو ۽ رسول بخش پليجي سان بہ دوستيءَ واري رشتي جي رسي بہ مضبوطيءَ سان جهليو ويٺو رهيو.

سنڌ جي هڪ ڀٽي يگاني عاشق نياز همايونيءَ جي گيت "تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول"، "منهنجي دنيا هيڪل وياڪل" مان عنوان اڌارا وٺي سراج ٽن ناولن: "منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا"، "تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول"، ۽ "منهنجي دنيا هيڪل وياڪُل" جهڙن شاهڪار ناولن جي ٽريالاجي ڏئي، سنڌي ادب ۾ ناول جي صنف کي مضبوط بنايو. سراج "پڙاڏو سوئي سڏ" ناول لکي، سنڌ جي نئين نسل کي ڌارين جي ظلم، بربريت ۽ جبر بابت آگاهي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ان کانسواءِ سندس ناول "مرڻ مون سين آءُ" ۽ ڪهاڻين جي ڪتابن بہ نون پڙهندڙن کي همت ۽ حوصلو ڏنو.

سچ تہ سراج مون جهڙن لکين نوجوانن لاءِ اُهو اڻ ڏٺو استاد هو جنهن اسان جي ذهني چيچ پڪڙي اسان کي ادب جي دنيا ڏانهن وڌڻ لاءِ اُتساهيو اسان جي موجوده ٽهيءَ جي خوشنصيبي آهي، جو سنڌي ادب جي وڏن نالن- سراج، امر جليل، قمرشهباز، نورالهدي شاهہ، آغا سليم جهڙين وڏين شخصيتن سان گڏ اسان هڪ ئي فضا ۾ ساهہ کنيو ۽ سندن لکڻين کي پڙهي حاصل ڪيو.

سراج نہ فقط ٻوليءَ جو وڏو پارکو ۽ نثر نويس هو پر امتحاني لحاظ کان بہ ذهانت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. 1957ع ڌاري چٽا ڀيٽيءَ واري امتحان (سي ايس ايس) ۾ پوزيشن حاصل ڪري پاڻ مڃايائين. اڳتي هلي سرڪاري ملازمت دوران جنرل يحيٰ جي راتاهي جو شڪار بنيل 303

آفيسرن ۾ سندس نالو بہ شامل هو. اقتصاديات ۾ ڪمال درجي جي ڄاڻ رکندڙ سراج جو شمار، ملڪ جي چوٽيءَ جي وڪيلن ۾ ٿيندو هو. جيڪو هڪ سنڌي هئڻ ناتي يقيناً فخر لائق ڳالهہ هئي.

والد جي وفات ڪانپوءِ ڀائرن ۽ ڀينن ۾ وڏو هئڻ ڪري مٿس ذميوارين جا انبار هئا. جيڪي ذميواريون هُن ننڍڙيون ملازمتون ڪري بہ پوريون ڪيون. سنڌ ۾ ڇوڪرين جي پڙهائڻ واري رجحان کي غلط سمجهندڙ سماج ۾ استاد محمد يعقوب جي نياڻين جو پڙهڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ هو سراج ثابت قدميءَ سان پنهنجي ڀينن ۽ ڀائرن جي تعليم لاءِ همت ۽ حوصلي جي لاٽ ٻنيو ۽ اڳتي هلي زماني ڏٺو تہ سندن گهراڻو اعليٰ تعليم يافتہ گهراڻن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. سندس وڏي هئڻ وارو رشتو هُن زندگيءَ جي آخري ايامن تائين نڀايو. هر آچر ڏهاڙي ڀيڻن ڀائرن ۽ سندن اولاد جي آمد سان سراج جي گهر ۾ ميلو متل هوندو هو ۽ هر آچر تي ماني گڏ کائڻ واري رسم هن گهراڻي جي مستقل فطرت بنجي ويئي، هر عيد تي ڀيڻن، ڀائرن ۽ سندن ٻارن لاءِ ڪپڙا وٺي ڏيڻ جڻ سراج صاحب جو فرض بنيل هوندو هو. ڀائرن، ڀينرن، ڀائيٽن ۽ ڀاڻيجن جي وڏن عهدن تي هئڻ باوجود سراج جي ان فطرت سموري ڪٽنب کي الڳ الڳ رهندي بہ هڪ ڪري رکيو هو. اڄ سراج جو نہ هئڻ يقيناً سندس ڪٽنب لاءِ وڏو نقصان آهي ئي، پر سندس وڇوڙي سنڌ ادب جي ميدان ۾ وڏو خال پيدا ڪيو آهي، سراج جيڪو اتساهيندڙ ۽ حوصلو ڏيندڙ ڪردار هو. تنهن جي حياتيءَ کي پرکڻ ۽ اُن مان وڏيڪ حظ حاصل ڪرڻ لاءِ سندس اڻ ڇپيل جيون ڪٿا ' Biography of an unknown Sindhi' کي ڇپائي، نئين نسل تائين پهچائڻ ضروري آهي، ڇيو وڃي ٿو تہ اُن ۾ سراج صاحب پنهنجي حياتيءَ جون تلخ حقيقتون بہ بيان ڪيون آهن، جيڪي ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهہ ثابت ٿي سگهن ٿيون...... سراج کي سنڌ صدين تائين ياد رکندي.

# وڏي وٿ هئام، ٻاروچا ٻنيور ۾!

معشوق شر

سنڌ جي ڪُڪ مان جنم وٺندڙ هونئن تہ ڪيترائي اهڙا نالا آهن، جن سنڌ سان بي بها عشق ڪيو ۽ اُن عشق جي اظهار لاءِ هنن ڪڏهن قلم، ڪڏهن قانون تہ وري ڪڏهن عملي ميدان ۾ لهندي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان سنڌ جي سينڌ سنواري آهي. سراج الحق ميمڻ بہ سنڌ جي انهن ئي گهڻگهرين شخصيتن مان هڪ هو جنهن پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ سنڌ سان عشق جو ناتو ڀرپور نڀايو. هُن ادب، صحافت، لسانيات توڙي سنڌ جي ٻين مامرن تي وقت سر قلم کنيو پر گڏوگڏ سندس لکڻين ۾ سنڌيت جي خوشبوءِ هميشہ اڳ کان اڳري نظر آئي.

حيدرآباد جي ٺنڊي ڇام شهر ۾، 1933ع ۾ جنم وٺندڙ سراج جو تعلق هڪ علمي گهراڻي سان هو. سندس والد پڻ تعليم جي شعبي سان واڳيل هو. هُن جو ترجمي ڪيل ’ديوان حافظ‘ ڪي ادب ۾ اڄ بہ مانائتي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. سراج پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ڪميشن پاس ڪئي ۽ 1970ع ۾ رٽائرڊ ٿيو. اُن سڄي عرصي دوران سراج ڪيترن ئي سنڌ جي ناميارن اديبن سان ويجهڙائيءَ ۾ رهيو. شيخ اياز ۽ محمد ابراهيم جويو سندس ويجها ساٿي رهيا. سراج 1964ع ڌاري سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ بابت ڪتاب لکيو جيڪو وڏي بحث مباحثي هيٺ رهيو.

شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو صدارت جو منصب ماڻڻ کان پوءِ سراج کي هڪ اخبار جو ايڊيٽر مقرر ڪيو. اُن دوران سراج ’رتي جي رهاڻ‘ ۽ ’سياسي منظرنامي‘ جي عنوان سان ڪالم ۽ مضمون لکندو رهيو جيڪي بہ پنهنجو هڪ الڳ مقام رکن ٿا.

هونئن تہ سراج جا لسانيات جي اُن ڪتاب کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل آهن، پر ادب ۾ سندن جنهن ڪتاب تمام گهڻي مقبوليت ماڻي ۽ جنهن سان سراج جي لکڻين سنڌيت جي جذبي ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي وڌو هو، سو هو سراج جو ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ'.

سراج سان ڪيل انٽرويو جيڪو مون ۽ روبلي جوڻي 2009ع ۾ ڪيو هو ۽ بعد ۾ ان انٽرويو کي منظر عام تي نہ آڻي سگهياسين، جنهن جو ٻهريون سبب هو، ٽيپ رڪارڊر جو خراب هجڻ، جيڪو نيڪ وقت تي اسان ٻنهي دوستن کي ڏک ڪيڏي ويو. انٽرويو کان اڳ ٽيپ رڪارڊر نيڪ ناڪ ڪم ڪري رهيو هو پر جيئن ئي انٽرويو ڪري نڪتاسين تہ اهو ٽيپ رڪارڊ ئي خراب ٿي پيو جنهن ڪري سڄي رڪارڊنگ ئي خراب ٿي پئي. پوءِ بہ منهنجو خيال هو تہ اُن ڪئسٽ کي ڪٿان نيڪ ڪرائي رڪارڊنگ لکي ونجي، پر گهڻين ئي ڪوشش کان پوءِ بہ نہ اها ڪئسٽ هلي سگهي ۽ نہ ئي وري سراج صاحب جو اُهو انٽرويو لکي سگهياسين. بهرحال اُن وقت اسان کي بہ اهو هوش نہ هو تہ سراج صاحب جون ڪي ڳالهيون نوٽ ڪري ونون ها ۽ پوءِ انٽرويو جوڙي ونون ها. اها ڳالهہ تڏهن سمجهہ ۾ آئي، جڏهن اسان پاڻ يا ائين ڪٽي چوان تہ مون پاڻ اچي صحافت جي زندگيءَ ۾ قدم رکيو آهي. وقت گذري ويو ۽ انٽرويو جمع نہ ڪرائڻ سبب مون بہ پنهنجي ڊگريءَ تان هٿ ڌوئي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ اُهو انٽرويو اصل ۾ منهنجي ايم.اي جي ڊگريءَ واري ٿيسز هئي، جيڪا مون اڄ ڏينهن تائين ان لاءِ ئي جمع نہ ڪرائي هئي تہ مون وٽ سراج صاحب جو ڪيل انٽرويو خراب ٿي چڪو هو ۽ نہ ڄاڻ تہ اهو ڪهڙو احساس هو جنهن سبب سراج جي انٽرويوءَ کان سواءِ ٿيسز جمع ڪرائڻ تي ڪڏهن دل ئي نہ چيو جيڪا اڄ بہ اڌوري آهي.

ڏک ان ڳالهہ جو ناهي تہ مون پنهنجي ٿيسز نہ ڏني، بلڪ ڏک ان ڳالهہ جو آهي تہ مون کان سنڌ جي هڪ عاشق جو انٽرويو خراب ٿي ويو، جيڪو سراسر منهنجي غلطي ڇئجي يا وري ناداني يا اڃا ئي ڪجهہ ٻيو. ان جي خبر مون کي بہ ناهي. پوءِ بہ ان ڳالهہ جو ڏک ضرور آهي تہ اُهو انٽرويو شايع ضرور ڪجي ها.

جيئن تہ ان انٽرويو ۾، منهنجي ٿيسز جي ٽاپڪ 'سراج جا ناول ۽ سنڌي ادب ۾ انهن جي اهميت' تي سوال هئا. يقيناً سندس جواب پڙهندڙ لاءِ ڪافي رهنمائيءَ جو ڪارڻ بڻجن ها.

بهرحال سراج جا 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءُ' ۽ ٽريالاجيءَ تي مشتمل 'پياسي ڌرتي، رمندا بادل' (ٽي ناول) جملي پنج تخليقي ناول آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ انتهائي اهم جاءِ والارين ٿا. سنڌ جي ناولن جو ڪو بہ تذڪرو 'سراج' جي انهن ناولن کان سواءِ اڻ پورو چئبو.

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ سراج جي ناولن جي ڪري ئي ماڻهن کي تاريخ پڙهڻ جو شوق جاڳيو. ڇو تہ سراج جي ناولن ۾ تاريخ کي رومانوي انداز ۾ پيش ڪيو ويو هو. جنهن سان ماڻهن جي دلچسپي تاريخ پڙهڻ ڏانهن وڌي. ان کان سواءِ سراج جي ڪهاڻين جا بہ ڪتاب شايع ٿيا. جن ۾ پهريون مجموعو 'اي درد هلي آءُ' (1961ع) ۽ ٻيو مجموعو 'انون ماڻهو' (1985ع) شامل آهن. جڏهن تہ پاڻ 1953ع ۾ 'ڏکڻ مان ٿو سج ايري' جهڙي ناول جو شاندار ترجمو سنڌي ادب جي دامن ۾ وڌو هئائين ۽ ان کان پوءِ غلام رباني آگري سان گڏ چوندڊ آمريڪي افسانن جو ترجمو بہ ڪيائين، جيڪو 1958ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن تہ 1958ع ۾ ئي هن هڪ ٻيو ڪتاب 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' بہ ترجمو ڪيو هو. سراج نہ صرف ٻوليءَ جو ڄاڻو ۽ ماهر هو پر هُو سنڌي ماڻهن جي نفسيات توڙي سنڌ جي جاگرافي ۽ تاريخ کان واقف هو. سراج صحافت کان پوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت جي پيشي سان بہ وابستہ رهيو. هُن جيتري قدر سنڌ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچيو ۽ جيترو سُنو لکيو، ان لاءِ هو هميشہ ڪيرون لهڻي. سندن سنڌي ادب، صحافت توڙي زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ ڪيل خدمتون هميشہ ياد رکيون وينديون.

# سنڌي ٻوليءَ ادب جو خدمتگار

## وزير فرهاد سولنگي

02 فيبروري 2013ع، ڇنڇر جي رات جو سوا ٽين وڳي اهو اياڳو وقت هو جنهن اسان کان ۽ سنڌ کان هڪ تمام ڏاهو ۽ وڏو ماڻهو کسيو. صبح جو سوير ٽي.وي کولي تازيون خبرون پڙهڻ لاءِ ڳاڙهيءَ پٽيءَ تي نظر ڊوڙايم تہ "سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب سراج الحق ميمڻ 79 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو." مون کي انهيءَ وقت محسوس ٿيو تہ هيءَ ڪهڙي قسم جي ادبي کيپ هئي، جن سڄي سنڌ جي ادب ٻولي سياست، صحافت، تحقيق، شاعري، ثقافت وغيره تي ايترو تہ وڏو ڪم ڪيو. هي هيڏا سارا ماڻهو ڪهڙن استادن تيار ڪيا، جن 1950ع کان هن وقت تائين واندڪائيءَ کان رسي، مسلسل قلم کڻي سنڌي ٻوليءَ لاءِ، سنڌ لاءِ، سنڌي ماڻهن لاءِ لکيو ۽ ايترو لکيو جو پاڻ بہ تاريخ ٿي ويا. منهنجو انهن ماڻهن ڏانهن اشارو آهي، جن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ اياز، رشيد ڀٽي، الهداد ٻوهيو ابراهيم منشي، تنوير عباسي، استاد بخاري، نجم عباسي، تاجل بيوس، شمشيرالحيدري ۽ سراج الحق ميمڻ شامل آهن. هيءَ اها لسٽ آهي. جنهن تي مان سوچيندو آهيان تہ ڇا سنڌ جي مستقبل ۾ اهڙي قسم جا ماڻهو سنڌ کي ملي سگهندا؟ جو تہ مذڪوره ماڻهو 19 ۽ ويهين صديءَ جي نظام جي پيدائش هئا. مذڪوره سنڌ جي گهڻگهرن اديبن، شاعرن ۽ قلم ڌڻين جي ڇڏيل خال کي ڪير پريندو؟ ڇا موجوده حالتن ۾ اهڙا سگهارا نالا ملي سگهن ٿا؟ اهي سوال منهنجي اندر ۾ هلچل مچائي رهيا آهن. سنڌ جي هن ڏاهي سراج جي وڇوڙي تي ڪن پل لاءِ منهنجو ذهن اهو سوچيندو رهيو تہ آچر 3 فيبروريءَ جي اخبارن ۾ سراج بابت ڪافي آرٽيڪل ڇپيا. جن جو

مرڪزي موضوع سراج هو. ها! مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ جڏهن مان پي.ٽي.وي تي نشر ٿيندڙ هفتيوار پارٽن جي پروگرام ’روشن تارا‘ جي پروڊيوسر عبدالحق عظيم سان ڪراچي ٽي وي سينٽر تي ملڻ ويو هوس. ۽ مون ساڻس ڏکي ڪچهري ڪئي هئي ۽ پوءِ ’روشن تارا‘ پروگرام جي تاريخ لکي هڪ هفتيوار مئگزين ۾ ڇپرائي هيم. تہ انهي ڏکيءَ ڪچهريءَ ۾ پهريون دفعو منهنجي ڪنن سراج ميمڻ جو نالو ٻڌو هو. جنهن جو تذڪرو عبدالحق عظيم پاڻ مون سان ڪيو تہ منهنجو وڏو ڀاءُ سراج الحق ميمڻ هلال پاڪستان اخبار جو ايڊيٽر بہ رهي چڪو آهي. ان کان پوءِ محترم سراج الحق ميمڻ جي شخصيت ۽ ادب کي ويجهڙائيءَ کان جهاتي پائڻ جو موقعو مليو تہ خبر پئي تہ هي تمام وڏين ۽ گهڻين خوبين جو مالڪ هو. ادب، تاريخ، تحقيق، ٻولي ۽ صحافت جهڙا شعبا سندس قلم هيٺ آيا. ادب ۾ سندس ناولن ۽ ترجمي وارن ڪتابن کي سڄيءَ سنڌ ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي چڪي هئي. ان کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي تحقيق بابت سندس ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ قابل تعريف آهي، جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي وجود لاءِ مڪمل دليل ڏئي اهو ثابت ڪيو تہ سنڌي ٻولي ڪنهن ٻاهرين يا ڌاري ٻوليءَ جي نہ پر خالص پنهنجي ڌرتيءَ جي پيداوار آهي. تاريخ جي حوالي سان سراج سنڌ تي ڌارين جي چڙهاين، حملن ۽ ڪاهن بابت تفصيلي تاريخ ناولن جي روپ ۾ ڏني جيڪا سندس لکڻين جي انفراديت جو اهڃاڻ آهي. صحافت ۾ سندس خدمتن کي بہ نئو وساري سگهجي. سندس ئي دور ۾ روزاني ’هلال پاڪستان‘ سنڌي ماڻهن جي توجهہ جو مرڪز ٿي. سندس ڪالم، اقتصاديات تي لکيل آرٽيڪل، حالات حاضره ۽ ان وقت جي سنڌ جي سياسي پس منظر ۾ لکيل ڪالم، سنڌي صحافت ۾ پنهنجو منفرد مقام رکن ٿا.

مٿين سڀني خوبين ۽ صلاحيتن سان سرشار ذهن جي تربيت، تعليم ڪنهن ڪئي؟ يقيناً هڪ ڪامل استاد جوئي هٿ ٿي سگهي ٿو. ۽ ها اُهو استاد سندس والد محمد يعقوب ميمڻ ئي هو. جنهن پنهنجن ٻچن جي اهڙي تربيت ڪئي، جو ڪين سڄي سنڌ پيار ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو. استاد محمد

يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ پيدا ٿيندڙ سراج الحق، جيڪو اڳتي هلي انڪم ٽيڪس آفيسر، صحافي، ناول نگار، تاريخدان، ايڊيٽر، محقق ۽ سنڌي ادب جو وڏو خدمتگار ثابت ٿيو. اڄ سندس يادگار ڪتابن ۾ 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'پياسي ڌرتي مندا بادل'، 'علم معاشيات'، 'سنڌي ٻولي'، 'اٺون گهر'، 'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' ۽ 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، 'ڏکڻ مان ٿو سج اڀري'، 'چونڊ آمريڪي افسانا' ۽ 'مرڻ مون سين آءُ' آهن، جيڪي سندس سنڌ، سنڌين ۽ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ناياب سوکڙيون آهن. هو پنهنجون يادگار لکڻيون ڇڏي مٽيءَ ماءُ جي هنج ۾ هميشہ لاءِ آرامي ٿيو ۽ هڪ دفعو ٻيهر سنڌ ۽ سنڌي اُباڻڪائي محسوس ڪرڻ لڳا آهن. شال! اسان جو ايندڙ نسل اڳتي هلي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي طرح خدمت ڪري، جيئن سراج پنهنجي قلمي پورهئي ذريعي ڪري ويو.

# سراج جو وڇوڙو: سوڳوار بڻيل سنڌ

ساجد چانڊيو

سنڌ جو ناميارو اديب، دانشور، ڪهاڻيڪار، ناول نويس ۽ ماهرِ لسانيات سراج الحق ميمڻ دل جي دوري سبب ڪراچيءَ جي هڪ اسپتال ۾ وفات ڪري ويو آهي، سراج جي وفات جي خبر سنڌ جي ادبي ماحول کي سوڳوار ڪري ڇڏيو آهي. سراج ميمڻ جو وڇوڙو سنڌ لاءِ هڪ دور جو وڇوڙو آهي. اهو دور، جنهن ۾ سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول وڏي مهانتا ماڻي آهي. سراج نہ صرف ڪهاڻيڪار ۽ برک ناول نويس هو پر هڪ خوبصورت ماڻهو پڻ هو، جنهن ۾ ماڻهپي جون سموريون خوبيون موجود هيون. سڄي سنڌ سراج جي وڇوڙي تي ڏک ۾ آهي.

سراج جو شمار ويهين صديءَ جي ذهين ترين ليکڪن ۾ ٿئي ٿو هُن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي جيڪا سُونهن ۽ سُندرتا بخشي، اُها سنڌي ادب ۾ هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي. سراج، سنڌي ادب توڙي سنڌ کي نوان خيال، نوان لهجا، نوان لاڙا ۽ نوان فڪري بنياد فراهم ڪيا. سندس لکيل ناول ٻولي، اسلوب، رواني ۽ عڪاسيءَ جي لحاظ کان بيمثال آهن، سندس ناول پڙهندي پڙهندڙ تي عجيب ۽ غريب ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي ۽ پڙهندڙ پنهنجو پاڻ کي پوريءَ طرح ناول جي ڪهاڻي، خيال، ماحول ۽ ڪردارن جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو. سراج جا ناول سنڌ جي پسِ منظر ۾ ٺهيل آهن، جنهن ۾ هُن سنڌ تي ڪاهي ايندڙن کي ننديو آهي، سراج ادب براءِ ادب جو قائل نہ هو. هُن هڪ واضح مقصد تحت ئي لکيو، اهو مقصد سنڌ ئي هو سنڌ جا مارو ماڻهو ئي هُئا. هُن سنڌ جي ڏکن جي تصوير پنهنجي ناولن ۾

ڇٽيءَ طرح عڪس بندي ڪئي آهي. هُن پنهنجي لکڻين ۾ سنڌ جي مسئلن، نفسياتي پهلوئن کي زيربحث آندو هُو سنڌ سان ٿيندڙ هر زيادتيءَ تي لُڇي پوندو هو ۽ سندس قلم جُنبش ۾ اچي ويندو هو هُن هر زيادتي ڪندڙ کي پنهنجي تحريرن ۾ ننديو آهي. پوءِ اُهي ڌاريا حڪمران هُجن يا پنهنجا وڏيرا. سراج سنڌي مُجاهدن جي قربانيءَ جا داستان، پنهنجي ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" ۾ نهايت پُراثر انداز سان بيان ڪيا آهن. سندس هي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ شاهڪار حيثيت رکي ٿو جنهن ۾ تُرخانن جي زماني جي تاريخ کي پس منظر ۾ رکي، سنڌي جوڌن جي بهادريءَ جا ڪارناما نهايت فخر سان بيان ڪيا اٿس ۽ هن تُرخان حڪمرانن جي پَتِ وائکي ڪندي سندن مٿي پليد ڪئي آهي.

سراج لسانيات جو بہ هڪ وڏو ڄاڻو ۽ عالم هو هُن 60 واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ٻولي جي حوالي سان هڪ نظريو پيش ڪيو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت تان هرگز ورتل ناهي، البت سنڌي ٻولي ڪيترين ئي ٻولين جي ماءُ آهي سندس اهو نظريو اڄ سچ ثابت ٿي چُڪو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان سندس هڪ ڪتاب "سنڌي ٻولي" تاريخي حيثيت رکي ٿو جنهن ۾ هُن سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ اهو بہ نظريو پيش ڪيو تہ سنڌي آريائي ۽ ويدن جي دور کان اڳ جي زبان آهي. جيتوڻيڪ لسانيات سندس شعبو ڪونہ هو پر هُن دنيا کي سنڌي ٻوليءَ جي اصلي ميڄتا کان آگاھ ڪرڻ واري ذميواري بخوبي نباهي.ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ هُن جا ڪيترائي جامع مضمون، مقالا ۽ ڪالم سنڌ توڙي هند جي مختلف رسالن، مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا، جن کي هڪ ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي اشد ضرورت آهي.

ٺٽي جي ڀر ۾ هڪ استاد محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سراج الحق ميمڻ "سراج" جي نالي سان ادبي دنيا ۾ پير پاتو هُن سنڌي ادبي بورڊ کان پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. ڪميشن پاس ڪرڻ کان پوءِ انڪم ٽيڪس آفيسر

ٿيو. سراج ڪيترو وقت روزاني هلال پاڪستان جو ايڊيٽر بہ رهيو جنهن دوران هُن صحافت کي نوان موڙ ڏنا.

سراج سنڌ جو اُهو گهڻگهرو ليکڪ هو جنهن سنڌ جي مفادن خاطر نوڪرين جي پرواهہ نہ ڪئي، پر سنڌ جي حقن لاءِ هميشہ پاڻ پتوڙيو.

هُن سنڌي ادب جي جهول ۾ ڪيترائي ڪتاب ارپڻ ڪيا، جن جو وڏو مقام آهي. سراج جو وڇوڙو يقيناً سنڌي ادب لاءِ هڪ نہ پُرجندڙ وڏو خال آهي، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو سراج کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. سنڌي ادب جي صحن ۾ سندس وڇوڙي تي تڏو وڇايل آهي.

# سراج: هڪ سونهري تاريخي باب جي پڄاڻي ۽ شروعات

## هوش سولنگي

سنڌي ٻوليءَ جو سچو عاشق، سنڌ جو ڏاهو دانشور، ناول نگار، ڪهاڻيڪار، ماهر لسانيات سراج الحق ميمڻ عرف سراج، ادبي ۽ علمي دنيا ۾ منفرد ۽ اعليٰ حيثيت رکندڙ شخص جو وڇوڙو سچ پچ ته سنڌ لاءِ هڪ وڏي کوٽ ۽ نه پرجندڙ خال ثابت ٿيندو. سراج، جنهن جو وڏو ڪارنامو سندس سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق هئي، سراج پنهنجي تحقيق جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي الڳ ۽ ممتاز مقام ڏيڻ جو نظريو ڏنو. جنهن نظريي سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب جو مان مٿانهون ڪيو ۽ اُن تي تحقيق جا نوان دڳ کوليا. سنڌي ٻولي لاءِ سدائين ٻين ٻولين جي خاندانن مان نڪرڻ جا نظريا ڏيڻ جون دعوائون پيئي ڪيون ويون، سراج انهن کي مڪمل رد ڪري سنڌ، سنڌيءَ ٻولي جي جدا ۽ اوچي سڃاڻپ ڪرائي. سراج جي سمورين تخليقن جو بنياد سنڌ ۽ قومپرستي هو. سنڌي ادبي دنيا ۾ سراج جي شخصيت، انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن اديبن مان هئي' آهي، جيڪي آدرشي ۽ سنڌ تي ايمان رکن ٿا ۽ سنڌ ن قبلو سنڌ ئي آهي. سراج جي سڀني تخليقن ۽ تحريرن ۾ سنڌ سان ٿيل ارهه زورايون نمايان ڪري پيش ڪيل آهن. پوءِ اها تاريخ هجي، تحقيق هجي، صحافت هجي يا وري افسانوي ادب هجي. سراج افسانوي ادب ۾ سنڌ جي تاريخ کي لکي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. سراج جا ناول جيڪڏهن انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪجن ته نوبل انعام طور نامزد ٿي سگهن ٿا. انهن ناولن ۾ ماضيءَ ۾ سنڌ سان ٿيل ويڌن جو جيڪو عڪس آهي، اهو ته هر ڪنهن پسيو آهي. سراج هر شعبي ۾ جنهن طرح پاڻ موکيو اهو لاجواب ۽ ممتاز آهي. سراج سنڌ ۾ جديد صحافت جو بنياد وڌو. اهو هڪ وڏو ڪم هو. هلال پاڪستان جي اداري ۾ ڪم ڪرڻ دوران سراج جديد لاڙا، رجحان ۽ سلسلا ڏني، صحافت کي اوج تي رسايو. سراج جي جذباتي ۽ جنوني حد تائين سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان

محبت هئي، جيڪا ان کي ڪڏهن بہ ڪم ڪرڻ کان روڪي نہ سگهي. سراج، جنهن کي جبري طرح رٽائر ڪيو ويو هو ۽ پوءِ ڪيس ڪيترين ئي آچون ٽيون، پر هن انهن سڀني کي نڪرائي ڇڏيو. پوءِ هو وڪالت جي پيشي سان لاڳاپيل رهيو. سندس شخصيت ۾ خودداري ۽ ارڏائپ هئي، جيڪا آخر تائين موجود رهي. سراج، شاهہ عبداللطيف جي رسالي جي لغت بہ تيار ڪئي هئي، جنهن ۾ عام رواجي انداز ۾ لفظن جي معنيٰ ڏيڻ بدران هر هڪ لفظ جي هند- آريائي، سامي ۽ دراوڙي ٻولين جي ساڳين ملندڙ جلندڙ لفظن ۽ نحوي صورتن سان ڀيٽ ڪري، هن سنڌي لفظن جي اصليت، تاريخي اوسر ۽ مٽي ماڻيءَ بابت هڪ اڀياس ڏنو هو. ان پٺيان سندس مقصد شاهہ تي لغت تيار ڪرڻ کان سواءِ، ان جي Etymological چاڻ ڏئي، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي' ۾ پيش ڪيل نظريي کي ثابت ڪرڻو هو، جنهن جي باري ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين سراج جي سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپايل 'سنڌي ٻولي' ڪتاب جي پبلشر نوٽ ۾ ذڪر ڪيو آهي. اهو سراج جو هيڏو وڏو ڪم، ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي شاهہ لطيف چيئر جي ڊائريڪٽريءَ واري دور ۾ صرف ان ڪري نہ ڇپايو، ڇو تہ ڪنهن ماٺهوءَ طعنو ڏنو هو تہ پنهنجا پيا نوازيا وڃن. اسان جي سماج جو اهو الميو آهي تہ ٻاڻ ڪم ڪندا نہ آهيون، پر جيڪڏهن ڪو ڪم ڪندو آهي تہ ساڙ ۽ حسد سبب ڪنهن کي سهندا ئي نہ آهيون. سراج سنڌ جو تمام وڏو ۽ چيڙهو عالم دانشور هو جنهن جو رهيل ڪم جلد کان جلد ڇپجڻ گهرجي. سراج جي ان عظيم ڪم ۽ سندس ناولن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري آندو وڃي ۽ سندس آتوبايوگرافي ۽ ٻيا ڪم ثقافت کاتي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ کي شايع ڪري سنڌي ماڻهن کي ان کان مستفيد ڪرڻ گهرجي. سراج حقيقي انداز ۾ پنهنجو ڪم ڪري ويو آهي ۽ اُن سونهري باب جي پڄاڻي تہ ٿي وئي، پر سراج جي ڪم کي اسان کي اتان کان کڻڻو آهي جتان هن، ان کي ڇڏيو آهي. شروعات ڪرڻي آهي، هڪ نئين سنڌ جي، جنهن جي سراج کي آس هئي. سراج جو ڪيل ڪم سنڌ لاءِ انمول آهي، سنڌ کيس هميشہ قومي هيري طور ياد ڪندي رهندي

# جي هاڻ نہ هارين ڪوهيارل!

انيس ميمڻ

اسٽيج تي وينل ماڻ وارا پاٿرو ۽ پيٽرو!
تنوير عباسيءَ جون سٽون آهن تہ:

ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
ڪا ڪا دل هيرن جي کاڻ...

هڪ انسان سنڌيءَ طور ادا سراج، اهڙو موتيءَ داڻو هو، جنهن پنهنجي وجود جي جوت سان، پنهنجي ذهن جي روشنيءَ سان سنڌي سماج کي روشن ڪرڻ لاءِ ۽ سنڌي ماڻهوءَ جي ذهن کي ماڻهپي سان منور ڪرڻ لاءِ هر پل، هر گهڙيءَ سوچيو ۽ شعوري ڪوشش سان سنڌ جي ماڻهن جي روايتي سُستي، ابوجهائپ ۽ منجهن بڏيءَ جي اٿهوند سبب، وطن جي ڏارين وٽ غلاميءَ جي سببن تي لکيو ۽ منجهن بڏي ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ لاءِ ارغونن ۽ ترخانن خلاف وڙهندڙ سنڌين کي Idealize ڪري، زندگيءَ کان، حقيقت کان وڏا ڪردار تخليق ڪري کين سڌ ڏنو جنهن نہ صرف پنهنجي تاريخ کان روشناس ڪرايو پر انهيءَ دور واري ساڳي اهڙي ئي ساڄهہ ڏارڻ جو سبق ڏنو. ادا سراج جي ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۽ ٻين ناولن کي جيڪڏهن ڪي نقاد مبالغي واري ايڪشن فلم سان ڀيٽين تہ بلڪل صحيح ٿا ڪن، جو ادا شعوري طور ڄاڻي واڻي ائين لکيو هو ڇو تہ هن سنڌي ماڻهوءَ کي سجاڳ ڪرڻ ٿي چاهيو. ان لاءِ انهن کي اُتساهہ ڏيارڻ لاءِ اهو ضروري هو ۽ ادبي دنيا ۾ ائين اڪثر ڪيو ويو آهي ۽ ماڻهن جو توجهہ ڇڪايو ويو آهي.

تنوير جي نظم جي ٻيءَ سٽ جو اطلاق آءٌ پنهنجي ذاتي حوالي سان ڪنديس. ادا جي دل واقعي چڻ تہ ڪا هيرن جي کاڻ هئي، جنهن ۾ پيار، پاٻوهہ، ممتا ۽ موهہ جا هزارين هيرا موجود هئا، جن کي هن اسان سيني ۾ ورهايو هو هر هڪ رشتي ۾ perfect هو.

مڪمل هو. گهر جو هر ڀاتي سمجهندو هو تہ هو مون کي سيني کان وڌيڪ ڀائيندو هو. سندس پٽ، هن جي اکين جا تارا هئا ۽ پوٽا ۽ پوٽيون جگر جا ٽڪرا. پر اسين ڀائر ۽ ڀينر، ڪڏهن بہ سندس محبت جي دائري مان نہ نڪتاسين. سندس سڪ جي سڳي ۾ پوتل رهياسين. اسان ڀينرن لاءِ تہ هو تمام وڏي ۽ وسيع بڙ جي ڇانوَ مثل هو جنهن ۾ اسين پاڻ کي محفوظ ۽ مطمئن سمجهنديون هيونسين. ڪيس ڏيءَ جو اولاد ڪونہ هو. ان ڪري هن اسان کي پنهنجي ڌيئڻ وانگر پاليو ۽ هر هڪ ڀيڻ کي سندس صلاحيتن موجب ساراهيندو هو. فهميده سان ادبي حوالي سبب خاص رغبت هئس، تہ مون کي منهنجي صلاحيتن جي ڪري ساراهيندو هو. آءٌ ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ جي زماني کان ڊبيٽ ۾، ادبي سماجي توڙي سياسي تنظيمن ۾ ڀرپور حصو وٺندي هئس ۽ وڏا وڏا فنڪشن Organize ڪندي هئس ۽ خاندان جي هر تقريب جو بہ انتظام منهنجي حوالي هوندو هو ان ڪري نندي هجڻ جي باوجود بہ هر ڪم منهنجي حوالي ڪري ڇڏيندو هو ۽ بي فڪر ٿي ويندو هو تہ 'مدار المهام' پاڻهي ڪري ڇڏيندي اختر بلوچ جي ڪتاب 'قيدياڻيءَ جي ڊائري' جي مهاڳ ۾ منهنجي لاءِ لکيائين تہ "اختر منهنجي انهيءَ نندي ڀيڻ جي ساهيڙي آهي، جنهن لاءِ آءٌ چئي سگهان ٿو تہ ڏهہ ڀائر ڏئي اهڙي ڀيڻ وٺجي." اها منهنجي تعريف گهٽ، پر اسان جي مرداڻي سماج ۾ اسان کي مٿيرو مقام ڏيارڻ جي لاءِ سندس هڪ شعوري ڪوشش هئي.

ادا سراج عشق بہ ڪيو. سندس اها حسين محبوبہ ۽ دل گُهري سهڻي بلڪ سُونهن جو پيڪر، سندس وجود جو سبب ۽ سندس هر خوشيءَ ۽ ڏک جو ڪارڻ، اُها هئي سنڌ. جنهن جي حالت تي هو آخري ڏينهن ۾ لُڙڪ لاڙي ويهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان کي بہ گڏ روئاڙي ڇڏيندو هو اهڙو هو ادا سراج، جيڪو اسان جو ڀرجهلو ڀاءُ هو ۽ جنهن ويندي ويندي پنهنجي سموري خاندان کي اهو پيغام ڏنو تہ مايوس نہ ٿجو دل نہ لاهجو. جيئڻ سکيا ڏينهن سدائين نہ رهندا آهن، ڏکيا ڏينهن بہ سدائين نہ رهندا. سنڌ ضرور روشن صبح جو چهرو پسندي، سنڌي ماڻهو ضرور اُهو مانُ ماڻيندو جن جو خواب اسان ڏٺو آهي. اياز جي لفظن ۾ جڻ چوندو هجي:

جي هانُ نہ هارين ڪوهيارل! هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين،
ڇو پير پساري ويٺو آن، اُٿ ڏونگر بہ ڏاري ويندا سين.

# سراج الحق ميمڻ: هڪ مهان ماڻهو

نامعلوم

مون کي سمجهه ۾ نہ ٿو اچي تہ سراج الحق ميمڻ جهڙي عظيم شخصيت جي ڪهڙي رخ کان بہ اکر لکڻ جي شروعات ڪريان. هن جي ادبي شخصيت تي لکجي يا صحافتي خدمتن تي. يا هن جو تعارف هڪ قانوندان جي حيثيت سان ڪجي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سراج الحق ميمڻ گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو. پروقار شخصيت جو مالڪ ۽ هر لفظ سوچي سمجهي ڳالهائيندڙ ماڻهو ڪميٽيڊ ۽ بہ چاپلوسيءَ کان نفرت ڪندڙ هو. سراج الحق ميمڻ توڙي جو انهن ماڻهن ۾ شامل هو جيڪي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي توڙي بينظير ڀٽو جي ويجهو رهيا. پر ان هوندي بہ هن ڪڏهن بہ ذاتي فائدا ماڻڻ لاءِ ذاتي لاڳاپن کي استعمال نہ ڪيو. هو ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ ٻن سنڌي اخبارن جي باني مان هو. صحافت جي هڪ وڏي نالي فقير محمد لاشاريءَ جڏهن ڪراچيءَ مان اخبار ڪڍڻ جو ارادو ڪيو تہ هن ڪجهه صحافي دوستن سان رابطا ڪيا. جن ۾ سراج الحق ميمڻ بہ شامل هو ۽ پوءِ ڪجهه يارن گڏجي هڪ اهڙي اداري جو بنياد رکيو. جنهن مختصر عرصي ۾ سنڌ جي صحافتي دنيا ۾ اهم جڳهہ ناهي ورتي. مون کي ياد آهي تہ فقير محمد لاشاريءَ جي وڇوڙي کان پوءِ تعزيتي ريفرنس جي موقعي تي سراج انتهائي رنجيده حالت ۾ چيو هو تہ هاڻي شايد هيءُ ادارو نہ هلي سگهي، ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو. جيڪڏهن سراج الحق ميمڻ جي لکڻين کي ڏسون تہ انهن ۾ جيڪا پختگي آهي، اها ورلي ئي ڪنهن لکاريءَ جي لکڻين ۾ ملي ٿي. سراج پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ادارو هو. هن وٽ اصلاح جو ڏانءُ هو. هو پاڻ کي سنڌي ٻوليءَ جو چوڪيدار سڏرائيندي فخر محسوس ڪندو هو. هو ٻوليءَ جي معاملي ۾ انتهائي جذباتي هو. سراج جو چوڻ هو تہ سمجهوتا ٻولين ۾ بگاڙ پيدا ڪندا آهن. تنهن ڪري ٻوليءَ جي معاملي ۾ نو ڪمپرومائيز. سراج ميمڻ سنڌي ٻوليءَ سان سچو عشق ڪندڙ ڏاهو دانشور، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. انهيءَ سان گڏوگڏ هن جي علمي دنيا ۾ هڪ ممتاز

حيثيت هئي. هن جي سنڌي ٻوليءَ تي لکيل ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ جي هنڌين ماڳين هاڪ رهي. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ تي هن ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم به لکيا. ائين ڪٿي چئجي ته هو هڪ مهان ماڻهو ته هو، پر هن سنڌي ٻوليءَ کي جيئدان ڏنو ته اهو غلط نه هوندو.

سراج الحق نهايت سنجيده ۽ باوقار شخصيت جو مالڪ هو. اعليٰ انساني قدرن ۽ قوم پرست آدرشن تي پختو ويساهه رکندڙ هن مهان ماڻهوءَ پنهنجي لکڻين ذريعي سنڌي ادب ۾ نهايت اوچو پد ماڻيو. جڏهن ۽ جتي به سراج ميمڻ جي لکڻين جي ڳالهه ٿيندي ته ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ ۽ ناول ’مرڻ مون سين آءِ‘ جو ذڪر ضرور ٿيندو. سراج ميمڻ جي هن ناول عوام ۾ وڏي مقبولي ماڻي، جيڪو بعد ۾ سندس سڃاڻپ بڻيو.

سراج الحق ميمڻ جو ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ 1964ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ اڳ قائم ڪيل مفروضن ۽ دليلن کي رد ڏنو ويو ۽ ان ڪتاب ۾ نئون نظريو پيش ڪيو ويو. انهيءَ ڪتاب ۾ سراج الحق ميمڻ پنهنجي نظريي جو بنياد سنڌي تمدن ۽ موهن جي دڙي جي سنڌي ٻوليءَ کي بڻايو آهي. باب ٻئي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مقام کي متعين ڪرڻ لاءِ ٻاهرين ۽ اندرين شاهدين تي انحصار ڪيو اٿائين. ٻاهرين شاهديءَ مان مراد خود سنڌيءَ جي پنهنجي اندروني نحوي بناوت، ان کي ڪهڙي ٻوليءَ سان ملائي ٿي. ڪتاب جي ٻن آخري بابن ۾ موهن جي دڙي مان مليل مهرن تي اڪريل انڊس اسڪرپٽ کي به پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. انڊس اسڪرپٽ ۾ لکيل ٻوليءَ کي پروٽو سنڌي قرار ڏنو ويو آهي. هن نشانين کي نه صرف صوتي قدر ڏنا آهن، پر ڪجهه مهرن جون پڙهڻيون به ڏنيون اٿائين. انڊس اسڪرپٽ کي حل ڪرڻ لاءِ گڏريل ٻن ڏهاڪن ۾ ڪافي پيش رفت ٿي آهي، تڏهن به سراج الحق جي نظريي کي ايم .ايچ پنهور پنهنجي هڪ مضمون ۾ هڪ گول دائري واري شڪل ڪڍي سمجهايو آهي. دائري جي وچ ۾ سنڌي ماتريءَ جي تهذيب واري ٻولي لکيل آهي ۽ ٽن طرفن کان اُن جي پيش قدمي ۽ ڦهلاءُ ڏيکاريو ويو آهي.

سراج الحق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌي ۽ سنسڪرت جي حوالي سان پنهنجي نئين نظريي ۾ اهو واضح ڪيو آهي ته سنسڪرت ۽ ان سان لاڳاپيل

تمدن، سنڌ ۽ سنڌ کي ٻوليءَ مان اسريا آهن. ڪتاب ۾ ان شيءِ کي واضح ڪيو ويو آهي ته سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو ماٽيٽو لاڳاپو ته آهي پر ائين ناهي جيئن اسان وٽ زبان زدعام آهي. دراصل ڳالهه ته مرڳوئي ابتي آهي. سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي ته سنسڪرت تي ته سنڌيءَ جو اُن کان به وڌو قرض آهي. سنسڪرت هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي. سڌيءَ طرح نه سهي، پر اڻ سڌي طرح ضرور. اُن کان علاوه پنهنجي مشهور ناول 'مرڻ مون سين آءُ'، جيڪو سراج الحق ميمڻ سنڌ جي ورہامن کي ارپيو هو اُن ۾ پڻ سنڌ ۽ سنڌين جي ڳالهه ڪئي اٿئين. جڏهن ته سندس ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ته سنڌ جي ماڻهن جي ترجماني ڪندڙ آهي، جنهن ۾ پڻ ڪيترائي واقعا بيان ڪيا ويا آهن. اهو ناول جڏهن سراج الحق ميمڻ لکيو هو ته اُن وقت اُهو رسول بخش پليجي جي نظرن مان پڻ گذريو هو جيڪو هن کي ڏاڍو پسند آيو هو. اهو ناول پڙهڻ کان پوءِ رسول بخش پليجي جا لفظ هئا ته جيڪڏهن سراج الحق ميمڻ 'پڙاڏو سوئي سڏ' نه لکي ها ته ڪيس اسين رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيون ها. مطلب ته رسول بخش پليجي جي انهن جملن ثابت ڪيو ته سراج الحق ميمڻ هڪ بهترين افسانه نگار آهي. جڏهن ته سراج الحق ميمڻ جي ڪهاڻين ۾ پڻ سنڌ ۽ سنڌين سان محبت جو وڏو عنصر شامل آهي. پنهنجي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هن ڪيترائي ناٽڪ پڻ لکيا. اُهي سڀيئي ڪاوشون ڏسڻ کان پوءِ اهو ثابت ٿئي ٿو ته ڪهڙيءَ نه ريت سراج الحق ميمڻ پنهنجي هٿن ۾ قلم کڻي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو دفاع ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو اڄ به هن کي سنڌي ٻوليءَ جي سپهه سالار طور تصور ڪيو وڃي ٿو. توڙي جو اڄ هو جسماني طور تي اسان جي وچ ۾ ناهي، پر هن جي رهنمائي ۽ سندس لکڻيون ايندڙ نسلن جي راهن ۾ ڏيئن وانگر روشن رهنديون. ڪالهه تائين هو پاڻ چوندو هو ته ٻوليءَ جي معاملي ۾ نو ڪمپرومائيز ۽ اڄ سندس فلسفو سندس لکڻيون ۽ سندس ڪتاب واضح درس ڏيندا رهندا ته سنڌي ٻوليءَ جي معاملي ۾ نو ڪمپرومائيز. تنهن ڪري، سندس ڪيل ادبي ڪم کي نظر ۾ رکندي، هن کي هميشه سونهري لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو. هيءَ اها شخصيت آهي، جيڪا سنڌي ۽ سنڌين جي دلين ۾ صدين تائين قائم ۽ دائم رهندي

6

# ويو وٹجارو اوهري

(تاثرات)

سيئي جوڀن ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
رُئان رهن نہ سُپرين، آيل! ڪريان ڪيئن؟
مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري!

# سراج يارن جو يار

سراج الحق ميمڻ منهنجو جگري دوست هو. هن صحافتي دنيا توڙي ادب جي دائري ۾ علمي ميدان ۾ هڪ ئي وقت ڪم ڪيو آهي. سراج الحق ميمڻ نمائي قسم جو انسان پڻ هو سراج جو مون سان پيائرن وارو ناتو هوندو هو سراج الحق ميمڻ علم ۽ ادب جي ميدان ۾ اينترو ته جاڻو انسان هو جو جيڪڏهن ادب ۽ علم جي ميدان ۾ سائنس ڪا ڳالهه ڪبي هئي ته سندس ردعمل دل پسند ۽ علمي لحاظ کان لاجواب هوندو هو. سراج الحق ميمڻ ۽ مون سڄي زندگي گڏجي گذاريو ۽ علم ۽ ادب جي خدمت ڪئي. توڙي جو سراج الحق مون کان عمر ۾ ننڍو هو پر ڪيس وڏي ڄاڻ هوندي هئي. تنهن ڪري ڪنهن وقت هو منهنجو استاد به بڻجي ويندو هو. افسوس ته آءُ وڏي عمر وارو زنده رهجي ويس ۽ هو ننڍيءَ عمر وارو اسان کان الڳ ٿي ويو. سندس وڇوڙي تي تمام گهڻو صدمو پهتو آهي. هو وڏي همت ۽ حوصلي وارو انسان هو. هن ادب ۽ علم جي دائري ۾ وڏي قابليت. همت ۽ حوصلي سان ڪم ڪيو جنهن وقت آءُ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هيس. تنهن وقت سراج ميمڻ پهرين اسسٽنٽ طور مون سان گڏجي ڪم ڪيو ۽ ان دور ۾ بورڊ اندر جيترو ڪم ٿيو اُن ڪم ۾ سراج ميمڻ جو ڀرپور ڪردار هو. سراج ميمڻ صحافتي دنيا ۾ اچي وڏي مقبوليت ماڻي ۽ صحافت ۾ نوان لاڙا پيدا ڪيا ۽ پنهنجي دور ۾ صحافتي دنيا ۾ اُپار آندو. سراج الحق ٻن دلين وارو انسان هو ۽ يارن جو يار هو.

**ـ محمد ابراهيم جويو**

# جديد ادب جو وڏو ماڻهو

سراج الحق ميمڻ هڪ ماڊرن ماڻهو هو. هو هڪ انسان، انقلابي، اديب ۽ دانشور هو. هو جديد ادب ۽ علم ۾ وڏو ماڻهو هو. هو وزن دار شخصيت جو مالڪ هو. سراج الحق ميمڻ ڪمزور ڳالهيون نہ ڪندو هو. هو سوچيندو هو تہ سنڌي قوم ۾ تبديلي ڪيئن آڻجي ۽ انقلابي لاڙا ڪيئن آڻجن. سراج ڪڏهن بہ پنهنجي لياقتن جو فائدو وٺي پاڻ وڏائڻ وارو ڪو بہ ڏنڌو نہ ڪيو. هو ان خيال جو ماڻهو هو تہ سنڌي ماڻهو سجاڳ ٿين پنهنجي وطن جا مالڪ بڻجي تعليم حاصل ڪن. هو پاڪستان جو حامي ضرور هو تہ سنڌ پاڪستان ۾ هجي، پر غلام نہ هجي، نہ مرڪز، نہ وڏيرن جي غلاميءَ ۾ هجي. هو هوائي ڳالهيون ڪندڙن مان بيزار هوندو هو. هن جي وڃڻ سان جيڪو نقصان ٿيو آهي، اُن نقصان جو پورائو ٿي نٿو سگهي. اهڙا ماڻهو گهٽ هوندا آهن. جيڪي توڙ نباهين ٿا. جيڪي پلٽا نٿا هڻن. وڏيرن جا چمچا نہ ٿيندا آهن. سراج انهن ماڻهن مان هڪ شخصيت هو. سراج جهڙا ماڻهو روز روز پيدا نہ ٿيندا آهن.

- رسول بخش پليجو

# سنڌ جو محافظ

چاچا سراج ميمڻ جي گهر ۾ هن نوٽ بوڪ تي تعزيتي جملا لکندي به اجا يقين نٿو اچي ته چاچا سراج ميمڻ هاڻ اسان ۾ ناهي رهيو ۽ اجا به 'مرحوم' لفظ سندس نالي سان گڏ لکي نه ٿي سگهان. اهو پوري يقين ۽ عزم سان چئي سگهجي ٿو ته جديدسنڌ کي ادبي، سماجي ۽ ذاهپ جي ٻين حوالي سان جديد مزاج متعارف ڪرائڻ. نيون شيون نئين رخ ۽ زاويي سان ڏيکارڻ وارن ۾ سراج الحق ميمڻ جهڙن ماڻهن جو شاندار ۽ بيباڪ ڪردار رهيو آهي. امان اختر بلوچ جي ڪتاب 'قيدياڻيءَ جي ڊائري' ۾ لکيل اُن برجستي، پر سادي مهاڳ کي ڪيئن ٿي وساري سگهان. اسڪول جي آخري سالن ۾ جيجي زرينه جي ڏنل ڪتاب 'پڙاڏو سوئي سڏ' جي مزاحمتي ڪردارن جي بهادر سوچ ۽ سندن آزاديءَ واري ويڙهه جي هر اکر ۾ 'سراج' جي خود پنهنجي دل جو عزم محسوس ٿيو ته "مرسون مرسون، سنڌ نه ڏيسون". ۽ پوءِ ٻيا ناول. جن جي ڪن ڪردارن پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ يلغار ڪندڙن تي آگ ۽ باهه پئي وسائي ته ڪي ڪردار انتهائي اميراڻي ناٽ باٺ سان وڏن شهرن جي بال رومز ۾ حسينائن جي چيلهه ۾ هٿ وجهي، عظيم موسيقارن جي ڌنن تي رقص ڪري رهيا هئا. پر هڪڙي شيءِ، جيڪا هر ڪردار منجهان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان عيان هئي ته ناول جو بنيادي خيال، پنهنجي ڌرتيءَ جي بقا لاءِ، ان جي دفاع لاءِ سڀ ڪجهه ڪري گذرڻ واري ڳالهه هئي، جيڪا چاچا سراج جي پنهنجي سوچ هئي، خيال هو، خواب هو ۽ جنهن جي تعبير لاءِ هڪ روشن ۽ لبرل سنڌ لاءِ، اها ڳالهه هن سنڌ واسين کان وٺي گهروارن ۾ به منتقل ڪئي.

_ سسئي پليجو

# هڪ مهان شخص جي موڪلاڻي

سنڌ جي دانش، علم ادب، تحقيق ۽ تخليق ۾ مان اج ايڏي مهان شخصيت نٿو ڏسان. اسان کان وڇڙي ازل جي دائمي سفر ۾ محل ڏانهن ورانو ٿيو. سراج جي جدائي ايڏو وڏو خال ڇڏي وئي آهي، جيڪو ڪيترين صدين تائين آسانيءَ سان پُر نہ ٿيندو. منهنجي رفاقت ساڻس تمام گهڻي رهي. هڪ تہ هيءَ منهنجو سول سروس (انڪم ٽيڪس سروس جي حوالي سان) جو ساٿي رهيو. اسان جي بئچ تمام ذهين، آفيسرن جي بئچ هئي. جنهن جي پهرين ٽن آفيسرن مان هو ۽ پنهنجي پيشي ۾ بهرين نمبر تي هوشيار آفيسر هو. ٻئي طرف اسان جي سروس ۾ هن ڪو ثاني نہ هو. هو علم، ادب، تخليق، تحقيق ۽ دانش جي ميدان ۾ سنڌ ۾ نہ فقط پهريون اديب هو پر سنڌي زبان تي سندس وڏو احسان آهي، جيڪو ڪيتري عرصي تائين ڪو وساري نہ سگهندو. هو علم ۽ تحقيق جو patron هو ۽ وڏا وڏا قدم کڻي خدا وٽ سرخرو ٿي روانو ٿيو. منهنجي لاءِ سندس وڇوڙو ڪي سال منهنجي ساهہ سان لڳل رهندو.

- مظهرالحق صديقي

# سراج، بااصول ۽ وطن پرست

سراج الحق جهڙا مضبوط ارادي وارا سنڌ سان اٿاهہ محبت ڪندڙ سنڌي تمام ورلي پيدا ٿيا آهن. اسان لاءِ هي وڏو الميو آهي. هر ڪنهن کي هلڻو آهي، پر هيتري پربور، با اُصول ۽ وطن دوستيءَ جي زندگي، ڪنهن کي نصيب ٿئي ٿي!

- روچي رام

# سراج، تاريخ جو روشن سِج

اڄ تاريخ جو روشن سج، پنهنجون سڀ تابناڪيون سهيڙڻ زمين جي هنج ۾ سمهي پيو. اڄ سنڌ جي تاريخ جو هڪ روشن باب پورو ٿيو. سنڌ جو عاشق، صحافي، محقق ۽ اديب. سنڌ ۽ سنڌي ادب کي گهڻو ڪجهه ڏئي، سنڌ ۽ سنڌ واسين تي هڪ وڏو قرض چاڙهي ويو آهي. هو پنهنجي خواهش مطابق ڪم کي تڪميل تي پڄائي ويو. ناولن ڪيس شهرت گهڻي ڏني، البت سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل سنڌس ڪم کي بہ اوتري ئي پذيرائي ملي. هڪ دلير، سهڻو، باوقار، بردبار ۽ سنڌ جو سپوت سراج الحق ميمڻ بہ اڄ رب جي راهہ ورني، ابدي زندگيءَ جو راهي ٿيو. مان پاڻ کي خوشقسمت ٿي سمجهان تہ مون کيس ڏٺو پڙهيو ٻڌو ۽ ساڻس شناسائي حاصل ڪيم. الله هن جي مغفرت فرمائي..!

ــ مهتاب اڪبر راشدي

# سندس نالو سدائين زنده رهندو

سنڌ چند هستين جي سهاري تي ڪنڌ کنيو بيٺي آهي. ادا سراج انهن منجهان هڪ هو. سراج صاحب جو ڪم نہ تہ لڪل آهي ۽ نہ ئي تعريف جو محتاج. اصل معاملو سنڌ جي محروميءَ جو آهي. سراج صاحب جهڙا سنڌي، جيڪا جاءِ خالي ڇڏيندا وڃن، اُن کي پرڻ وارا هاڻي اسان وٽ ڪونہ رهيا آهن. اهو يقين ضرور آهي تہ سنڌ وٽ ۽ سنڌين وٽ اهو نالو سدائين زنده رهندو ۽ اُنهن کي اهو فخر ڏياريندو رهندو. جيڪو ڪنهن بہ ڌرتيءَ ۽ قوم کي زنده رکڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

سراج صاحب جو ڪم سنڌ ۾ زنده رهندو. سنڌي وڏي فخر سان سندس نالو کڻندا. سنڌي وڏي فخر سان سندس ڪم کي دنيا آڏو پيش ڪندا.

ــ نورالهدي شاهہ

# ماٺيو سڀ نہ سهڻا

سراج، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ٻرڪ ليکڪ، ناول نگار، ڪهاڻيڪار، محقق ۽ مترجم هو جنهن اسان کي 'ٻڙاڏو سوئي سڏ' ۽ 'مرڻ مون سين آءُ'،
'اي درد هلي آءُ' ۽ 'انون ماٺيو' جي عنوان سان ڪهاڻين جا مجموعا ڏنا. 'سنڌي ٻولي' جهڙي اهم تصنيف ڏني، اهو سمورو ڪم نہ رڳو سراج کي بلڪ سنڌي ٻوليءَ کي پڻ زنده رکندو.

سراج مون کان سينئر هو پر منهنجو دوست هو. ڇاڪاڻ تہ اسان جو سبنڌ، سنڌ جي نئين ادب سان آهي. اسان جو تعلق گهرو تعلق هو. سراج جا ڊاڪٽر فهميده، عبدالحق عظيم سان ذاتي واسطا رهيا آهن. بلڪ مون سندن پيءُ سائين محمد يعقوب سان گڏجي لغت آفيس ۾ پڻ ڪم ڪيو. سراج اڄ اسان وٽ نہ آهي، پر هن جي پيرن جا نشان اسان لاءِ واٽ جي لاٽ آهن.

ماٺيو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنجهہ،
ڪنهن ڪنهن ماٺيوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي!

— امداد حسيني

# شال سدائين سندس پاڇو سنڌ تي رهي!

ادا سراج وڇوڙو ڏئي ويو. هي وڇوڙو، هي ڏک، نہ صرف اُن جي خاندان جو آهي، پر اسان جو ۽ سڄي سنڌ جو آهي. هي ڏکئي وقت ۾ اسان جو رهبر رهيو. هاڻ هڪ هڪ ڪري وڃي رهيا آهن. سنڌ خالي ٿيئي ٿئي، شل! هي ماٺيو جت بہ وڃن، سنڌ ۽ سنڌ واسين جا دعاگو رهن. اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ اهڙا زندگيون وقف ڪرڻ وارا گهٽ آهن. شل! الله پاڪ ادا سراج جو پاڇو سنڌ واسين تي سندس وڃڻ کان پوءِ بہ رکي. شل! اڳتي ويندڙن کي اسان نہ وساريون، اُنهن جي جوت جلندي رهي.

— سلطانہ وقاصي

# سراج سنڌ جو املھ ماڻڪ ھو

محترم سراج الحق ميمڻ سنڌ جو ھڪ انتھائي شاندار انسان ۽ روشن ستارو ھو. سندس لاڏاڻي سان سنڌ ۾ ھڪ تمام وڏو خال پيدا ٿي پيو آھي، جو پرجڻ تمام مشڪل آھي. منھنجي نظر ۾ سراج صاحب سنڌ جو ھڪ املھ ماڻڪ ھو ۽ ٻوليءَ ۽ ادب جي حوالي سان سندس نالو ھميشہ ياد رھندو. ھو ھڪ اديب، عالم، ليکڪ، مفڪر، ڪھاڻيڪار، ناول نگار ۽ صحافي ھو. ساڳئي وقت ھو سنڌ جو ھڪ مڃيل وڪيل پڻ ھو. سندس سنڌ جي قومي حوالي سان ڪافي خدمتون ھيون. پاڻ سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن ۽ ھن وقت سوسائٽيءَ جو صدر ھو. پاڻ حيدرآباد ۾ سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ قائم ڪري، سنڌ جي تعليمي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتائين. مجموعي طور تي سراج صاحب سنڌ جو ھڪ عظيم انسان ھو. سندس خدمتون ڪڏھن بہ وساري نہ ٿيون سگھجن. سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس تحقيق ھڪ مثالي تحقيق آھي.

ـ پروفيسر اعجاز قريشي

# سنڌ سراج جي ڪمي محسوس ڪندي

سراج الحق جي تعريف ڪرڻ منھنجي وس جي ڳالھہ ناھي. منھنجي سائينءَ سان اھا قربت ھئي، جو ھو جڏھن ھلال پاڪستان جو ايڊيٽر ھو تڏھن مان ھلال پاڪستان ۾ قطعا لکندو ھوس. سنڌ سراج جي ڪمي محسوس ڪندي، سنڌ ٻُسي ٿي پئي آھي.

ـ ھدايت بلوچ

# سنڌ جو سڄڻ، سراج صاحب

سنڌ جو سڄڻ سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جو برک اديب، ناول نگار، محقق، ٻوليءَ جو ماهر ۽ مفڪر هو. سندس ناولن سنڌ ۾ تاريخي شعور پيدا ڪيو ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي نسلن جي تربيت ڪئي آهي ۽ اڃا به ڪيترائي نسل سندس لکتن مان اتساهه حاصل ڪندا رهندا. ٻوليءَ لاءِ ڪيل سندس خدمتون به سنڌ جا ماڻهو سدائين ياد رکندا. هن سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت يا ٻئي ڪنهن ٻوليءَ مان نڪتل ٻدران اصل حقيقت ٻڌائي ته سنڌي ٻولي سنڌ جي ٻولي آهي، جيڪا هتان ئي جائي ۽ هتي ئي نپني آهي. سراج صاحب کي سنڌ صدين تائين ساريندي رهندي، بلڪ جيستائين هي جڳ آهي، هو اسان وٽ زنده رهندو.

- ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

# سراج سدا حيات آهي

سراج الحق ميمڻ جسماني طور اسان کان جدا ضرور ٿيو آهي، پر پنهنجي ڪم جي حوالي سان زنده رهندو. سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل ڪم، جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ مان نڪتل ٻولي قرار نه ڏنو، پر اُن تي ڳوڙهي تحقيق ڪئي ته سنڌي ٻولي پنهنجي اصل نسل مان جاول آهي. سراج الحق نه رڳو ٻوليءَ تي ڪم ڪيو پر سندس ناول، ڪهاڻيون، مقالا، نئين زندگي ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل آهن. ان حوالي سان سراج الحق سدا حيات آهي ۽ رهندو.

- اياز عالم ابڙو

# رهجي ويا ڳڻ مارن جا مليرِ!

سراج، سنڌ جي ساڃاهه وند ٿهيءَ جو اُهو ڪردار هو جنهن کي ديومالائي ڪردار چئبو ته واڌارو نه ٿيندو. دنيا ۾ جيڪي ماڻهو وقت جي ڌارا سان هلڻ کان انڪار ڪن ۽ پنهنجو رستو ۽ رند جوڙڻ جي ڪوشش ڪن ته انهن کي تاريخ جي ورقن ۾ دائمي ۽ لازوال درجو حاصل ٿيندو.

سراج پنهنجي لکڻين ۽ وابستگيءَ سان سنڌ جي ٽن پيڙهين تي اثرانداز ٿيو. هن ادب کي محض ادب سمجهڻ کان نابري واريندي، ادب کي قومن جي تقدير بدلائڻ ۾ اهم ڪارج طور ڪتب آندو، جنهن ڪري سندس لکڻين کي مهانتا حاصل ٿي.

– امان الله شيخ

# اسان جدوجهد جي وات سراج کان سکي

سراج الحق ميمڻ هڪ فرد نه، پر پنهنجي دور جي تاريخ آهي. اسان جي نسل اڄ سماج ۾ جيتري به ميڄتا حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻي آهي، اُن جي ذهني اوسر ۽ تربيت ۾ سندن ڦهليل روشن خيالي آهي.

اسان ادب سان ڪمٽمينٽ توهان کان سکي سگهيا آهيون. ادب ذريعي سماج ۾ جدوجهد ڪرڻ جي وات توهان ئي ڏيکاري آهي. روشن خياليءَ جو ٻج، جيڪو توهان ڇٽي ويا آهيو اهو هاڻي هميشه ڦهلجندو رهندو. توهان کي ايندڙ نسل به سدائين سلام ڪندو.

– عطيه دائود

# سنڌي افسانيءَ کي نئون روپ ڏيندڙ

سنڌ جڏهن ادبي کيتر ۾ ابتدائي وکون پئي کنيون، تڏهن نثري ادب کي سگهه ڏيڻ لاءِ جن ادبي شخصيتن پنهنجو ڪردار نڀايو انهن ۾ سراج الحق ميمڻ جون ڪوششون ڪڏهن به نٿيون وساري سگهجن. سنڌي افسانيءَ کي نئون رنگ ۽ روپ ڏيڻ ۾ ” اي درد هلي آءُ“ اهم ڪوشش آهي. ان ڪانسواءِ سراج جا ناول نرالي وک هئا. ’ پڙاڏو سوئي سڏ‘ سنڌ تي ترخان حڪمرانن 1555ع کان جيڪي ويل وهايا، انهن کي تاريخي پسمنظر ۾ بيان ڪرڻ ادب ۾ هڪ چرڪائيندڙ واڌارو رهندو. ان ڪانسواءِ ’مرڻ مون سين آءُ‘ به سندس سهڻي ڪاوش آهي. ساڳيءَ طرح ’پياسي ڌرتي رمندا بادل‘ جي سري سان لڳاتار هر سال ٽي ناول 1988ع،1989ع ۽ 1990 تائين ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘، ’پنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ ۽ ’منهنجي دنيا مرگهه ترشنا‘، لکيائين. هن پهريون ڀيرو سجاڳ سنڌي افسانوي ادب ۾ متعارف ڪرائي.

سراج جا سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان وڏا وڙ آهن. هن ’سنڌي ٻولي‘، ڪتاب اپريل 1964 ۾ آڻي، سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت منجهيل روايتن ۽ مفروضن کي ريتي چڏيو. ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي آڳاٽي زندگيءَ سان سلهاڙي ڪجهه نين حقيقتن کي نروار ڪيو. ابراهيم جويو غلام رباني آگرو تنوير عباسي، غلام محمد گرامي، شمشيرالحيدري جي حوصلي افزائيءَ تي هن ٻوليءَ جي اڳوڻن نظرين سان اختلاف راءِ رکندي، نئون نظريو ڏنو ته سنڌين کي هڪ اصلوڪي ٻولي آهي. نه ڪي سامي صفت يا سنسڪرت جي جائي، هن تحقيق ذريعي ثابت ڪيو آهي ته سنڌي اڻ سڌي طرح سنسڪرت تي اثر انداز ٿي، بهرحال سنڌ پنهنجي هڪ محسن/ سجڻ کان محروم ٿي وئي.

- مختيار ملڪ

# سراج جهڙو شخص سنڌ جي هر گهر ۾ پيدا ٿئي

مان هڪ ماڪ ڦُڙي جيتري، ايڏي جرئت ڪٿان آڻيان، جو اٿاهه سمونڊ جي لاءِ ڪجهه چئي سگهان. ايڏي وڏي شخصيت لاءِ ايڏا اعليٰ ۽ مضبوط لفظ ڪٿان آڻيان؟ وڏي همت سان ڪجهه اکر لکان پئي. ادا سراج جهڙو ياءُ. ادا سراج جهڙو گهر وارو شل، سنڌ جي هر گهر ۾ پيدا ٿئي ۽ ادا سراج جهڙو سچو ۽ پنهنجي وت وس آهر پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ جو حق ادا ڪرڻ وارو شل ور ور پيدا ٿئي، ور ور پيدا ٿئي..!

– شبنم موتي

# ادا سراج سيني جو دوست هو

فهميده ۽ انيس جن جو ياءُ ادا سراج، نه صرف اسان سيني جو ياءُ هو بلڪ اسان هن کي پنهنجو دوست به سمجهندا هئاسين. ته وڏو ياءُ به، جيڪو اسان کان اڄ جدا ٿي ويو. ان جو ڏک نه فقط گهر وارن کي آهي، پر سيني سنڌين کي وڏو غم پهتو آهي. علم ادب ۾ به وڏو خال اچي ويو آهي. جنهن کي پرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. ادا پاڻ هليو ويو پر سندس نالو سندس ڪاوشون، هميشه زنده رهنديون. الله تعاليٰ کين اعليٰ مقام عطا ڪري (آمين)

– انيس گهانگهرو

# سراج، سنڌ جي حفاظت ڪندڙ ليکڪ

محترم سراج ميمڻ سان منهنجو ذاتي تعلق سندس ڪتابن ۾ لکڻين جي ڪري ٿيو. مون پهرين قمبر ۾ ’جشن لطيف‘ ۾ ڪين ڏٺو هو. 1980ع کان پوءِ مسلسل هن سان ملاقاتون رهيون پوليٖ، ادب، ڪهاڻي، صحافت، ناول، سنڌين جون Fields هيون. سنڌ جو مرڪز هو. هو آخري پيرو شمشيرالحيدريءَ جي اسٽيج تي آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ آيو. ادي ڊاڪٽر فهميده، ڊاڪٽر امجد سراج پڻ موجود هئا. سراج صاحب آخري تقرير ڪئي، اوچتو مون کي گهرائي چيائون، ’مان ڳالهائيندي روئي پوندس.‘ ان کان پوءِ سراج سان آخري ملاقات سندس گهر ۾ ٿي، جتي هُن مون کي ڪرشن چندر جو ترجمو ڪيل ناول ’ڏکڻ مان ٿو سج اڀري‘ ڏئي چيو تہ ان کي ڇپائي شايع ڪرايو اهو ڪتاب هندستان جي ڳوٺن، عورتن، ادب، روشن خيال ادب، پارٽي سرڪار ۾ هارين تي ظلم جي ڪهاڻيءَ بابت آهي.

سنڌ هڪ روشن خيال ۾ عالمي توڙي سنڌ جي حالتن کي گڏ ڪٽي ڪم ڪندڙ سورمي کان محروم ٿي وئي آهي. هڪ نسل اهڙو بہ هجڻ گهرجي، جيڪو گهڻ رخو ڪم ڪري، گهٽ ڳالهائي ۽ سنڌ توڙي ملڪ جي حفاظت لاءِ ائين ڪم ڪري، جيئن سراج صاحب ڪيو!

- ڊاڪٽر ايوب شيخ

# سنڌ ۾ قومي جاڳرتا پيدا ڪندڙ ڪردار

1970ع واري ڏهاڪي دوران سنڌ جي قومي جاڳرتا جو جيڪو دور هو ان ۾ سائين جي.ايم.سيد ڪانپوءِ جن چند مکيہ ماڻهن جو ڪردار آهي، انهن ۾ سراج الحق ميمڻ صاحب جو نالو نمايان آهي. اسان جڏهن ڪاليج مان نڪري يونيورسٽيءَ ۾ حيدرآباد آياسين تہ جن ڪتابن سڀ کان پهرين اسان جو آدرياءُ ڪيو انهن ۾"ڀڙاڏو سوئي سڏ" بہ هو. سنڌ جي تاريخ ڪي هلندڙ وقت جي قومي جدوجهد سان ڳنڍيڻ جو اهو اعليٰ نمونو هو جنهن نوجوان قومي ڪارڪنن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي کي نئون ۽ سائنسي رخ ڏيڻ ۾ پڻ سراج الحق صاحب جي جاکوڙ بي مثال آهي. ان کانپوءِ اخبارن ۾ لکيل نمونن ذريعي بہ محترم سراج سنڌ جي قومي شعور کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو. نوڪري ڇڏڻ کانپوءِ جڏهن مون وڪالت شروع ڪئي تہ سراج صاحب سان نياز منديءَ جو نئون سلسلو شروع ٿيو. ملاقات گهٽ ٿيندي هئي، پر جڏهن بہ ٿيندي هئي تہ مون کان سنڌ جي قومي جدوجهد بابت پڇندو هو ۽ پنهنجي طرفان ڪجهہ ٻڌائيندو هو ۽ سنڌ ۾ تمام ڏکين حالتن جي باوجود هو پراميد هو. اها منهنجي خوشقسمتي ٿي تہ منهنجي ويجهڙائيءَ ۾ ڇپيل ڪتاب 'سنڌ جي سياسي جدوجهد' جو مهاڳ سراج ميمڻ صاحب لکيو.

- خالق جوڻيجو

# سنڌي ادب ۽ ڏاهپ يتيم ٿي وئي

جوڳيءَ تي جڙاءَ، نسوروئي نينهَن جو،
پتنگَ جيئن پيدا ٿيو، سامي سڄَ وَڙاءَ،
آيو ڪاڪِ تراءَ، ڪنواربن ڳڪوريو!
(شاهہ)

اج سنڌي ادب ۽ سنڌي ڏاهپ يتيم ٿي وئي!

سنڌ جو سچو عاشق، سنڌي ٻولي ۽ ادب جو بي لوث خدمتگار، جديد سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي ۽ ناول جي صنفن جو ٽرينڊ سيٽر، صحافت جي دنيا ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائيندڙ سنڌ جي تاريخ جو ڄاڻو لطيف شناس، اسان سڀني جي اُتساهہ ۽ وسهاهَ جو وسيلو سائين سراج، اسان سڀني کان وڇڙي ويو. اسان سڀني کي، سڄيءَ سنڌ کي يتيم ڪري ويو. سائين محمد ابراهيم جويو اياز ۽ سراج جديد سنڌي ادب جي پيڙهہ جا پٿر رکندڙ رهيا آهن. اياز ۽ سراج اسان جي وچ ۾ نہ آهن، پر سندن دوست، ساٿي، رفيق ۽ رهبر جويو صاحب، اجا جيئي پيو. زخم زخم ڇاتيءَ سان رڙهي پيو. نبل سريرَ ۽ ٿمندڙ نيڻن سان وڇڙي ويل ساٿين کي ياد ڪري پيو ۽ چوي پيو 'ڏور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا!'

سراج سنڌ ۾ قومي فڪر واري ادب جي سرجڻهارن ۾ وڏو معتبر ۽ قداور شخص هو. هن جي راءِ فتوا پٿر تي ليڪ هئي. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ 'سنڌي ٻولي' ڪتاب لکي، (جيڪو 1964ع ۾ ڇپيو)، سنڌي ٻوليءَ وارن اُنهن سڀني مفروضن/ نظرين کي رد ڏنائين ۽ لکيائين تہ سنڌي نہ سنسڪرت مان نڪتل زبان آهي، نہ اُن جي همعصر پيٽ آهي، نہ دراوڙي زبانن مان نڪتي آهي ۽ نہ ئي 'سامي صفت ٻولين جي سٽَ' مان آهي. گنگارام سمرات ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سندس راءِ جي مخالفت ڪئي، پر سراج اُن راءِ تي اٽل رهيو تہ: 'سنڌي، دراوڙي ٻولين کان آڳاٽي، سرزمين سنڌ

جي آڳاٽي ۽ اصلي ٻولي آهي‘ ـ ۽ هُن ’موهن جي دڙي جي لپي‘ کي پنهنجي دانش ۽ سائنسي نقطء نظر سان پڙهڻ جي ابتدا ڪئي، ۽ دُنيا ڏٺو ’اڄ اڪثر مستشرق ۽ سنڌي ٻوليءَ جا محقق، سراج جي راءِ سان اتفاق ڪن ٿا‘ ـ خود ڊاڪٽر بلوچ، سراج جي ’سنڌي ٻوليءَ جي قدامت‘ ۽ ’هن سرزمين جي آدي جڳادي زبان‘ واري راءِ کي قبولي ورتو. سراج جو زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ لکيل ڪتاب ‘History of Sindhi Language’ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت اَوس سَند ثابت ٿيندو.

سراج، فِڪشن، صحافت، ڊراما جي ميدان ۾ جيڪا روايت وڌي، اُها اڄ بہ اديبن ۽ صحافين جي رهنمائي ڪري ٿي. هي ارڏو انسان، سنڌي تهذيب ۽ روايتن جو امين اسان جي وچ ۾ نہ آهي، پر سندس تخليقون، سندس لائق اولاد ۽ سندس پيڙهه فهميده حسين، سراج جي ٻوليءَ واري جهنڊي کي ڪڏهن بہ هيٺ جهڪڻ نہ ڏيندا. مون کي پڪتو ويساهہ آهي!

ـ **تاج جويو**
02 فيبروري 2013ع

# سنڌ جو عظيم ماڻهو

نهايت ڏک ۽ افسوس جهڙي ڳالهه آهي، جو سنڌ جو بيباڪ اديب، دانشور جناب سراج الحق ميمڻ اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. سائين سراج ميمڻ صاحب جهڙا عظيم ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڪن خوش نصيب قومن ۾ پيدا ٿيندا آهن. افسوس جو هو جسماني طور اسان کان ڌار ٿي ويو پر سندن عمل، ڪردار ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي لاءِ خدمتون، تاريخ جي اهم باب طور ياد رهنديون ۽ سنڌي قوم جي رهبري ڪنديون رهنديون.

اڄ سراج صاحب جي وڇوڙي تي پوري سنڌ غم ۽ ڏک ۾ سندن پونئرن سان گڏ آهي، دعاگو آهيان تہ رب تعاليٰ سائينءَ کي جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏئي ۽ پونئرن کي سندن نقشِ قدم تي هلندي، سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي قوم جي خدمت ڪرڻ جي توفيق ڏئي. آمين!

اهڙا مانجهي مرڻا ناهن ـ ويس مٽائي ورڻا آهن

**ـ گل محمد جکراڻي**

# جديد ادبي پيڙهہ جو پٿر

سراج الحق، سنڌ ۾ جديد ادبي پيڙهہ جو بنياد رکندڙ هو. هي اهو اديب هو، جنهن هڪ جديد قوم جو خيال سنڌين کي ڏنو جنهن جو سچو بنياد مزاحمت تي رکيل هو. هن سنڌين کي باعزت طور تي جيئڻ جا ڪيئي گس ڏنا. هي سنڌي ٻوليءَ جو عالم، اديب، ناول نويس ۽ محقق هو. ان پنهنجي ذاتي ۽ قومي ذميوارين کي احسن طريقي سان سرانجام ڏنو. هن پنهنجي مادر وطن سنڌ جون اڻتريون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، جو هي سنڌ ۾ صدين تائين ساريو ويندو. اسان جي دعا آهي تہ سندس پونئيرن کي بہ هن جي ڇڏيل راهہ تي رب سائين هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

**ـ يونس مهر**

# قومي هيري جو موت

سراج الحق ميمڻ گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. بهترين ڊرامہ نگار، بهترين صحافي، معتبر مترجم، مثالي ايڊيٽر، سٺو رهبر، سٺو دوست، سٺو پيءُ ۽ پاءُ وغيره. پر منهنجو ساڻس تعلق سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات جي حوالي سان جڙيو. ساڻس پهرين ملاقات 'هلال پاڪستان' جي آفيس ۾ ٿي، جتي مون کي Dictionary ۽ Lexicography ۾ فرق سمجهايائين. اهڙيءَ ريت مان وٽس ويندو رهيس ۽ سائين پنهنجائپ سان سبق ڏيندو رهندو هو. پوءِ ساڻس ملاقاتون ميڪلو روڊ ۽ ميٽروپول هوٽل وارين آفيسن ۾ ٿينديون هيون. ارشد سان بہ سٺيون ڪچهريون ٿينديون هيون.

سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻڻ بنياد بابت هڪ لاثاني ڪتاب 'سنڌي ٻولي' لکيو جيڪو 1964ع ۾ شايع ٿيو. اُن ڪتاب جي اشاعت ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت روايتي نظريا رد ٿي ويا. مون پنهنجي Ph.D واري ٿيسز ۾ سراج صاحب جي نظريي کي آڌار بنايو آهي. مون اهو بہ لکيو آهي تہ 1970ع ڌاري جيڪڏهن اهو ڪتاب انگريزيءَ ۾ شايع ٿئي ها، تہ هوند سنڌو لکت (Indus Script) لاءِ ٻاهرين دنيا ۾ ڪم ڪندڙ ماهرن لاءِ سوچن جا نوان دڳ کلي وڃن ها.

سراج کي سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ سماج تي پورو پورو ويساهہ هو. هو اُن حوالي سان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو. سنڌس لکڻين ۾ اميد، نوان جذبا ۽ نوان نُڪتا نظر ايندا.

سراج صاحب ايترو تہ باصلاحيت هو جو ڪيس ڪنهن بہ وڏي اداري يا ڪارپوريشن جو سربراهہ مقرر ڪجي ها تہ هو ان کي جديد دور جي گهرجن مطابق هلائي ڏيکاري ها. ڪو زمانو هو جو سندس والد صاحب محمد يعقوب ميمڻ، جيڪو پڻ ٻولي، لغت ۽ گرامر جو ماهر هو، گذاري ويو تہ سراج صاحب سان عذرخواهي ڪرڻ لاءِ هن بنگلي ۾ آيو هوس.

ـ آفتاب ابڙو

# ماکيءَ کان مٺو انسان

سائين (محمد ابراهيم) جويي صاحب سان ڳالهائيندي، جڏهن به چند شخصيتن جو ذڪر نڪرندو آهي، خاص طرح سراج صاحب بابت، جويي صاحب جا تاثرات (Body Language) ئي بدلجي ويندا آهن. پوءِ پلي گهڙي به موڊ ۾ هجن، سندن چهري تي هڪ رونق اچي ويندي ۽ يڪدم چوندا آهن، 'سراج ماکيءَ مان مٺو منهنجو دوست'. پوءِ وڌيڪ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندا. سراج صاحب واقعي سنڌ جي انهن عظيم شخصيتن مان هڪ شخصيت هو جن سنڌ لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ ڪم ڪيو. بجاءِ جو مقدار جي بحث ۾ پئجي، پر سندن ڪيل ڪم خالص طور تي معياري ۽ سنڌي سماج لاءِ تبديليءَ جو سبب بڻيو. سائين جي.ايم.سيد ۽ جويي صاحب جي سنڌ ۽ سنڌي ادبي بورڊ لاءِ سراج صاحب جي چونڊ، سنڌ جي ادب، تحقيق ۽ صحافت لاءِ سڀاڳ ثابت ٿي. آءٌ سدائين تعجب ۾ رهندو آهيان ته جتي ماڻهو پنهنجو جياپو سٽين. عهدن تي رهڻ سمجهن، اتي سراج صاحب هر دؤر ۾ سرڪاري مراعتون ۽ عهدا قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. سراج صاحب جويي صاحب جي ٿهيءَ کان پوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو انسان آهي. اها ڳالهه آءٌ دعويٰ سان ڪريان ٿو. سراج صاحب تي لکندي منهنجا هٿ ڏکي رهيا آهن، ته ڇا ڇا لکان؟ سندن ادبي، تحقيقي، صحافتي ۽ قومي تحريڪن ۾ جيڪو ڪردار رهيو آهي، اهو ڪنهن کان لڪل ناهي. پاڻ سدائين پاڻ وٽائڻ، پڌائڻ ۽ وڌائڻ کان پاسيرو رهيا. سراج صاحب سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو محسن آهي.

— محسن علي جويو

# سنڌ جو ايماندار خدمتگار

جناب سراج الحق اسان کان جدا ٿي ويو آهي، پر سندن سياءَ ۾ ڪيل پورهئي جي سڳنڌ سنڌ جي گهٽين گامن، واهڻن ۽ شهرن ڪي واسيندي رهندي. هن جيڪي بہ لکيو اهو سنڌي ادب جي شاهڪارن ۾ شمار ٿيندو. هلال پاڪستان کي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نامور اخبار بنائڻ ۾ سراج صاحب جو ڪردار لافاني رهيو. سندن انگريزي ڪالمن ۽ ايڊيٽوريلن سنڌي ماڻهن جي نحيف آواز کي عالمي حيثيت بخشي. نوي جي ڏهاڪي واري اونده ۾ 'جاڳو' هڪ نئين مشعل بنجي چمڪي، ان جي بورڊ جو چيئرمئن ۽ ذهني اڳواڻ پڻ جناب سراج الحق هو.

'سرونٽس آف سنڌ سوسائٽيءَ' جي بنياد وجهندڙن ۾ سائين سرگرم هو. هن اداري جا ٺهراءَ شهرء آفاق بنيا. انهن جا متن سراج صاحب جي قلم جو ڪمال هئا.

هر قانوني ويڙهہ ۾ جنهن ۾ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ هجي، سراج صاحب هميشہ رهنمائي ڪندو رهيو.

حقيقت ۾ سنڌ نہ صرف هڪ نامور اديب، ناول نگار، تحقيق ڪندڙ اديب کان محروم ٿي وئي آهي، پر هڪ بيحد پُرخلوص، ايماندار ۽ جاندار قانوني صلاحڪار ۽ قومي خدمتگار کان بہ محروم ٿي وئي آهي

دعا آهي تہ رب سائين کين جنت الفردوس ۾ جائگير ڪري! (آمين).

**- ڊاڪٽر سليمان شيخ**

**- ولي محمد روشن**

# ماٺ هو سڀ مڻا وچن، تون نہ مئين موت!

سنڌ ڌرتيءَ جا سچا ۽ سپوت ڀاڳن سان ٿا ڄمن. اهڙن سڀاڳن پٽن ۾ سراج الحق بہ هڪ هو. سچن آدرشي ۽ هڏ ڏوکي. پٽن لاءِ لطيف فرمايو آهي:

سنڌي جوڳيان ذات، ٻٽي پيري ڀاڳ مڙي،
بهرحال هن پنهنجو وارو نڀايو. اڳتي ڪٽن ڀاڳ!

دعا آهي تہ مرحوم کي ڏٽي نوازي ۽ پونئرن کي سندس ڇڏيل لاٽ کي روشن رکڻ جي سگهہ ڏئي.

— سيد شير شاهہ

⊙

سراج جي سڃاڻپ ڪنهن وزير مُشير يا ڪنهن ڪاموري جي مٽ مائٽ طور نہ هئي ۽ نہ ئي ڪيس قوم ڪنهن ڪتر وڪيل طور پنهنجو ڪيو هو. سندس هڪ ئي سڃاڻپ هئي، عشق. هُن عشق پنهنجي ٻولي ۽ ادب سان ڪيو جيڪا ئي سندس تاريخ ساز شخصيتن بنجڻ جو بنياد بڻي. ٻولي سان عشق ڪندي هن بہ بهترين ڪهاڻين ۽ 5 بهترين ناولن سميت ترجمن وارا ڪتاب لکيا. پڙاڏو سوئي سڏ، مرڻ مون سين آءُ، تنهجي دنيا سڀ رنگ سانول، انون ماٺهو جهڙا شاهڪار ڪتاب ڏيئي هُن لکين مون جهڙن پڙهندڙن کي اتساهہ ڏنو. سنڌي ٻولي سنسڪرت مان جنم ناهي ورتو. اها ڳالهہ بہ چوڻ وارو سراج پهريون انسان هو جنهن مُهين جي دڙي جي ٻولي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. سراج جو وڇوڙو يقيناً سنڌي ٻولي ۽ ابد لاءِ تمام وڏو نقصان آهي، پر سراج جو ڪم صدين تائين ياد رهندو. نئين نسل کي سراج جي لکيل ڪتابن کي ضرور پڙهڻ گهرجي.

— سليم جروار

# منهنجي والد جو دوست

سراج الحق ميمڻ صاحب منهنجي والد شيخ اياز جا پراڻا دوست ۽ سنڌ سان محبت جي ڪارزار جي اوائلي ۽ شروعاتي دور جي مهندارن مان هڪ هئا ۽ سندس لاڏاڻي کان پوءِ ان مرادوند هستيءَ جي پڄاڻي ٿي وئي آهي، پر سندن پيغام روان دوان آهي ۽ پنهنجي منطقي انجام تي پورو ٿيندو. خدا کين پنهنجي جوار رحمت ۾ رکي.

**- شيخ مونس اياز**
ڪراچي
04.02.2013

# منهنجو پسنديده ليکڪ

پنهنجي سانپر واري عُمر ۾ جڏهن سنڌ جي تاريخ جي پسمنظر ۾ لکيل ناول 'مرڻ مون سين آءُ' ۽ 'پڙاڏو سوئي سڏ' پڙهيم ته هو عقيدت جي حد تائين منهنجو پسنديده ليکڪ بڻجي پيو ۽ دل ۾ آيم ته جڏهن به سراج صاحب سان ملاقات ٿيندي ته هڪ چُمي انهن هٿن کي ڏيندس، جن جي نرم نازڪ آڱرين مان اهڙن عظيم ناولن جي تخليق ٿي..!

پر گذريل سال جڏهن سراج صاحب سان ريجنٽ پلازه هوٽل ۾ زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري پيرو ملاقات ٿي ته سرڪاري پروٽوڪول جي نظر ٿي وياسين ۽ اهڙي ريت هُن منهنجي چُمي هميشه لاءِ اڌوري ئي رهجي وئي..!

افسوس جو اڄ سندس تيجهي ۾ سندس ڪراچيءَ واري گهر پهتا آهيون. زندگيءَ سان شڪايت ڪهڙي ڪري ڪهڙي ڪجي!

**- خان محمد جروار**

# سنڌ جو ليجنڊ ليکڪ

سنڌي ماڻهن کي سنڌ ٻوليءَ، ڪلچر، سنڌي نالن جي سڃاڻپ سراج صاحب ڏني. آءٌ سمجهان ٿو سراج صاحب جي ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' پڙهڻ کان پوءِ سنڌي ماڻهوءَ کي پاڻ کي سنڌي سڏائڻ تي فخر ٿيو. سنڌ جو ليجنڊ ليکڪ ۽ سنڌي ٻولي جو خدمتگار تاريخ ۾ هميشہ امر رهندو.

سراج صاحب اهو پڙهيل لکيل ۽ ترقي پسند ليکڪ هو جنهن جي جاءِ ڪو ٻيو نہ ٿو سگهي.

– ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# قوم دوست انسان

محترم سراج الحق ميمڻ ٻوليءَ جو ماهر اديب، ناول نگار، قوم دوست انسان هو. سراج صاحب جي لکڻين خاص طور 'پڙاڏو سوئي سڏ' جهڙي ناول سنڌ جي نوجوانن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. انهن متاثرن ۾ آءٌ پاڻ بہ هڪ آهيان. سندس ڪتابن سنڌ جي نوجوانن کي جذبا بخشيا، جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان قومي تحريڪ ۾ شامل ٿيا. اهو ئي سبب هو جو جيئي سنڌ محاذ جي اسٽڊي سرڪل لاءِ جيڪا ڪتابن جي لسٽ جوڙي وئي هئي، ان ۾ سراج جا ناول ۽ ٻوليءَ متعلق ڪتاب شامل ڪيا ويا هئا، جيڪي اڄ بہ جيئي سنڌ محاذ جي ڪورسز ۾ شامل آهن. سراج جو وڇوڙو سنڌ جي علم، ادب ۽ قومي سوچ جو وڏو نقصان آهي، جنهن جي تلافيءَ لاءِ اسان کي ادارن جي ضرورت پوندي. سنڌ کيس هميشہ سندس علمي صلاحيت جي ڪري ياد رکندي.

– هاشم کوسو
جنرل سيڪريٽري
جيئي سنڌ محاذ

# هاڪاري سوچ رکندڙ سراج

تاثرات لکڻ لاءِ گهڻ رخو اڀياس ڪجي تہ بهتر تاثر جا لفظ پيش ڪري سگهجن ٿا.

هينئر سنڌ جي اهڙي شخصيت تي ڪجهہ راءِ ظاهر ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪو سنڌ جي اديبن، ليکڪن ۽ دانشورن ۾ اهم جڳهہ رکندڙن مان آهي، چاڪاڻ تہ اديب جسماني موت مرڻ کان پوءِ بہ پنهنجن لکڻين ۽ اظهار خيال رستي هميشہ دنيا ۾ دائم رهن ٿا.

سراج الحق ميمڻ صاحب مختصر علالت بعد اڄ هن دنيا مان انتقال ڪري ويو آهي. اسان کي پنهنجي خيالن ۽ ليکن رستي ياد رهندو. هن پنهنجو نالو صرف هڪ سٺي قانون دان، پر ذهني طرح نهايت سرگرم ۽ تخليقي طور هاڪاري سوچ رکندڙ انسان هو.

مان سندس فرزندن ۽ ٻين عزيزن سان هن غم ۾ شريڪ ٿيڻ ۾ سڪون محسوس ڪريان ٿو.

خدا تعاليٰ پنهنجي ڪرم سان سراج الحق ميمڻ مرحوم کي پنهنجي رحمت سان نوازي ۽ کيس مغفرت فرمائي. (آمين)

**- ظفر علي شاهہ**

◉

سراج ميمڻ عظيم شخصيت هئي. سنڌ اڄ هڪ عظيم شخصيت کان ۽ عظيم انسان کان محروم ٿي وئي.

**- ڊاڪٽر عبدالستار راڄپر**

ايم.پي.اي

# سراج جي تحقيق مستند هئي

چاچا سائين سراج الحق ميمڻ صاحب جو وڇوڙو نه صرف پنهنجي خاندان، پر سڄي سنڌي قوم ڪي رڻائڙي ويو. سراج صاحب سنڌ ڌرتيءَ جو تمام وڏو اديب، محقق، دانشور ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پارکو هو. هن صاحب سنڌي ٻوليءَ تي ان وقت تحقيق شروع ڪئي، جڏهن سنڌ جي ناليوارن اديبن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي پنهنجا رايا ڏنا ته سنڌي ٻولي ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان نڪتل آهي. سراج صاحب اهڙن مفروضن کي رد ڪندي، اهو واضح ۽ چٽو فيصلو ڏنو ته سنڌي ٻولي دنيا جي قومي ٻولين مان هڪ آهي. دنيا ۾ ٻولين جا پارکو، سراج صاحب جي تحقيق کي Authentic سمجهن ٿا. سراج صاحب جو اهو ٿورو ۽ پورهيو سنڌ واسي ڪڏهن به لاهي نٿا سگهن. ڌڻي در دعاڳو آهيان ته سراج صاحب کي مالڪ، جنت عطا فرمائي!

پونئيرن کي ڌڻي سگهه ۽ طاقت ڏي ته سراج صاحب جو رهيل ڪم خوش اسلوبي سان پورو ڪن.

**۔ ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ**

⊙

سنڌ مان هڪ ٻيو سٺو ماڻهو موڪلائي ويو.

**۔ قلندر لڪياري**

⊙

سائين سراج الحق جديد سنڌي ناول، لسانيات ۽ صحافت جو باني هو. سندس وڇوڙو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ وڏو نقصان آهي، جيڪو پورو ٿي نه سگهندو.

**۔ محمد عثمان ميمڻ**

# سنڌيءَ جو قداور اديب

سراج الحق ميمڻ سنڌيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ قداور اديب هو. بنيادي طور هو هڪ تخليقڪار هو. پر هُن جي تحقيق پڻ عالم آشڪار آهي. سراج جنهن ڪڏهن ڪنهن زماني ۾ شاعري به ڪئي هئي، سو سنڌيءَ جو هڪ خوبصورت ڪهاڻيڪار به هو ته نامور ناول نگار به. ادا سراج 'سنڌي ٻولي' ڪتاب لکي، سنڌي ٻوليءَ بابت اڳوڻن سمورن نظرين کي رد ڪيو هو. ائين وقت گذرڻ سان ٻوليءَ بابت سراج الحق ميمڻ جو نظريو سچ ثابت ٿيو. هن وبجهڙائيءَ ۾ سنڌي ادب جي تاريخ بابت انگلش ۾ لکيل پنهنجو ڪتاب مڪمل ڪيو هو. پر جنهن کي پنهنجي حياتيءَ ۾ هو ڇپجندي نه ڏسي سگهيو. جيڪو ڪتاب يقيناً جلد ئي اسان جي هٿن ۾ هوندو- ۽ هو اسان ۾ نه هوندي به اسان ۾ هوندو. ادا سراج جهڙن اديبن جو جسماني وڇوڙو يقيناً اسان سڀني جو وڏو نقصان آهي. پر اديب پنهنجي املهه تحريرن ۾ سدا زنده رهندو آهي. هو اسان ۾ ناهي. پر اسان سان آهي: 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءُ'، 'انون ماڻهو'، 'اي درد هلي آءُ'، 'سنڌي ٻولي' ۽ ٻين انيڪ املهه ڪتابن جي روپ ۾. لطيف سائين اهڙن ئي املهه ماڻڪن لاءِ چيو آهي:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا!

- ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

# سنڌي ادب جو روشن چنڊ ستارو

سراج الحق ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جو چمڪندڙ ستارو هو. هن سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ کان پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. سنڌي ٻوليءَ تي ابتدائي دور ۾ هڪ انتهائي تحقيقي ڪتاب لکي، ثابت ڪيائين تہ سنڌي ٻولي، ننڍي کنڊ جي تمام پراڻي ٻولي آهي. سندس لکيل ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ون يونٽ واري دور ۾ سنڌي نوجوانن جو دلپسند ڪتاب هوندو هو. سندس افسانا پڻ اڻ وسرندڙ آهن. پاڻ سنڌيت جي رنگ ۾ رڱيل هوندو هو. روزاني 'هلال پاڪستان' کي هڪ جديد سنڌي اخبار بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. سنڌ ۽ سنڌين جي مستقبل لاءِ ڪيس سدائين اونو هوندو هو. سندس گهر جو ماحول بہ سنڌيت ۾ رڱيل هو. اڄ سنڌي ادب جو هڪ جرئتمند ستارو اسان ۾ موجود ڪونهي، پر سندس ڪيل شاندار ادبي خدمتون، کيس سنڌ جي آسمان تي سدائين هڪ روشن چنڊ وانگر اسان جي ۽ سنڌ جي نئين نسل جي رهنمائي ڪندو رهندو.

**- مدد علي سنڌي**

# سراج صاحب سنڌ هو

مون کي اڄ ارشد سراج جو حڪم ٿيو تہ پنهنجا تاثر لکان. آءٌ اُها ئي وائي ورجائيندس تہ سراج صاحب سنڌ هو آهي، ۽ رهندو. سندس بين الاقواميت ۽ ڄاڻ اُنهيءَ چنڊ نہ پر سج مثل هئي، جنهن جا ڪرڻا تاريڪ ڪنڊن ڪڙڇن ۾ پهچندا هجن. مون کي اُهو فخر حاصل آهي تہ سپريم ڪورٽ ۾ زندگيءَ جي پهرين تاريخي پٽيشن ۾ سراج صاحب، عبدالحفيظ لاکي صاحب ۽ عبدالرشيد آخوند صاحب سان گڏ نہ رڳو پيش ٿيڻ، پر سکڻ جو بہ موقعو مليو ڇا لکي ڇا لکان! سندس شخصيت علم جو پندار هئي. وٽس سنجيدگي ۽ مذاح جو بہ هڪ مخصوص انداز هو. آءٌ دعاگو آهيان تہ ڏڻي پاڪ سندس پوين ۾ برڪت وجهي ۽ شال اُهي والد جون سِڪون لاهين. پلوڙ اولاد آهي. سنڌ ۾ چوڻي آهي تہ 'ڀاڳين جا وٿاڻ وسندا رهندا آهن.' ڏڻيءَ در دعا آهي تہ هي وٿاڻ سدائين سائو ستابو ۽ آباد رهي. وري بہ ورجائيندس تہ سراج سنڌ هو ۽ سنڌ سراج آهي ۽ رهندو.

سراج صاحب جي شخصيت تي لکڻ سج کي ڏيئو ڏيکارڻ جي برابر آهي. هزار صفحا بہ ٿورا آهن سراج صاحب تي لکڻ لاءِ.

اکين ۾ پاڻي ٿو اچي، جڏهن سندس تصور ۾ پرتو ٿو پسان. انشاءَالله جنت جي حورن جي هنج ۾ هوندو. منهنجو ويساهہ آهي تہ اُن دنيا ۾ بہ هو سنڌ کي نہ وساريندو. سوچيان ٿو تہ هيڏي وڏي شخصيت تي وڏيڪ ڇا لکان. جذبات ۾ خبر ناهي ڇا لکي ويو آهيان. ڀل چُڪ تي هجي تہ معافي. سراج صاحب مٿانهون هو ۽ مٿانهون رهندو. جنت جي حقدارن ۾ هوندو..!

ـــ محمد روشن عيساڻي

# مري ٿيا نہ مات

سراج صاحب هڪ گهڻ رخي شخصيت رکندڙ انسان هو. منهنجي زندگيءَ جا بهترين ڏينهن سراج صاحب جي چيمبر ۾ ايسوسيئيٽ جي حيثيت ۾ گذريا. ڪيس انتهائي شفيق پيءُ ۽ استاد جي حيثيت ۾ پاتم. سنڌ سان Conviction Self جي حد تائين رشتو سندن شخصيت جو نمايان رخ هو.

سراج صاحب هڪ صحافي، اديب، دانشور، ٻوليءَ جي ماهر هئڻ سان گڏوگڏ پروفيشنل وڪيل جي حيثيت ۾ پاڻ موڪيو ۽ هر ڪردار ۾ سندن رول انتهائي جاندار رهيو سندن هڪڙو ئي سلوگن/ مشن هو تہ پڙهو ۽ سنڌ جي خدمت ڪريو سماجي ۽ مذهبي مت ڀيد کان ڌرتيءَ جي عام لوڪ کي آجو ڪريو.

سراج صاحب جهڙيون شخصيتون مرنديون ناهن. لطيف سائينءَ چواڻي: 'مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات'.

سراج صاحب جون سنڌ بابت سوچون ۽ ويچار جيڪي هن پنهنجي لکڻين ۾ عام لوڪ سان ونڊيا، سي هميشہ پڌبا رهبا. موهن جي دڙي جي پريست، جيان ڳاٽ اوچو ڪري گهمدڙ سراج جي صورت هميشہ اسان جي سامهون رهندي، سراج صاحب پاڻ کي هميشہ سنڌ جو خادم سمجهيو. انهيءَ جو ثبوت سندس جوڙيل 'Servants of sindh' سوسائٽيءَ جو بنياد ۽ پاڻ کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ اربڻ سندس هڪ وڏو ڪارنامو هو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي نج هن ڌرتيءَ مان جنم وٺندڙ ٻوليءَ جو پرچارڪ رهيو نہ صرف پرچارڪ رهيو بلڪ پاڻ انهيءَ کي ثابت بہ ڪري ڏيکاريائين.

'رَتي جي رهاڻ' کان وٺي، قانون جي سخت زبان تائين سراج صاحب جهڪڻ نہ سکيو نہ ئي وري مون جهڙن شاگردن کي جهڪڻ ڏنائين.

- قاضي علي اطهر

7

# ليجنڊ سراج کي سرخ سلام

(رسالن ۽ اخبارن جا ايڊيٽوريل)

اڄ پڻ چڪيم چاڪَ، وَنهين ويڙهيچن جا،
سُورن اچي سومرا، اندر ڪِي اوطاقَ،
ماروءَ جي فراقَ، هڏَ مُنهنجا ڳِپيا!
(شاهہ)

# سراج کي سنڌ جو سرخ سلام!

02 فيبروري 2013ع جي صبح صادق مهل باک جهڙو اجرو، سچ جهڙو روشن، ٻار وانگر حساس، رڇي ريٽي ٽيل عاشق وانگر باوقار، ترقي پسند ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ايڊيٽر، لسانيات، لطيفي فڪر ۽ لغات جو عالم، سراج (سراج الحق ميمڻ) طبعي زندگيءَ جا اوڻاسي سال گذاري، سنڌ جي سورج مکي شهر ڪراچيءَ جي هنج ۾ ابد تائين آرامي ٿيو.

سراج جي گهڻ رخي ۽ هڪ لحاظ کان مڪمل شخصيت بابت ٿورن لفظن ۾ اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته هو پنهنجي وجود ۾ قومي ساڃاهه جو ادارو (National Institute of Intellectualism) هو جنهن جو بنيادي آدرش وطن جو آجپو هو. اُن مقصد لاءِ زندگيءَ ۾ هُن جيڪي به اظهار جا رستا اختيار ڪيا، جيڪو به لکيو، سوچيو، ڳالهايو ۽ عمل ڪيو ان جي پس منظر ۽ پيش منظر ۾ سنڌ هميشه موجود رهي. اڄ جي ننڍاکن ناڪئن کي چتاءُ هجي ته سراج جو هڪ پل به سنڌ جي غفلت واري ڪفر ۾ نه گذريو تنهن ڪري هن جي فڪر ۽ شعور جي ٻيڙي، سدا ترندي رهي. هو ڪڏهن به مايوس نه ٿيو ۽ نه ڪڏهن هڪ قدم به پٺتي هٽيو. ممتاز مرزا اسٽوڊيو ۾ جلاوطن سنڌي اديبن جي آجياڻي واري ميڙاڪي ۾ مون سنڌ جي هن بهادر انسان جي اکين ۾ لڙڪ ڏٺا هئا. تقريب ۾ سراج صاحب تمام ٿورو ڳالهايو. آخر ۾ هٿ ٻڌي، ائين چئي موڪلايو هئائين: ”نوجوانو سنڌ جي پارت اٿوَ..!!“

سراج، جنهن جي ڇهري تي مرڪ به اجازت کان سواءِ نه ايندي هئي. هُن جي اکين ۾ بي اختيار لڙڪ هئا ۽ فقط اُن لاءِ هئا ته ڪيس سنڌ وطن جو بيحد اونو هو. پر سنڌس سامهون ڏکهي اونداهي رات هئي، بي معنيٰ تبديلين ۽ اقتداري هوس جا تماشا هئا ۽ ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهائجندڙ سنڌ جو عوام

پتڪي رهيو هو. پوءِ بہ هو نااُميد نہ هو. هن کي پنهنجي سڌ جي پڙاڏي ۾ بيحد يقين هو.

دنيا جهان ڏٺو تہ سراج جو منهن مهانڊو زندگيءَ جي آخري پل تائين، ڪنهن بہ تبديليءَ کان سوا ٻهڪندو رهيو ۽ سندس هٿ ۾ قلم کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ ڏٺي وئي، جنهن جو هو ورد ڪندو هجي. شعور جي اهڙي سوڀ ماڻڻ اجوڪي 'مولوي سنڌ' ۾ ڪيڏو جوکم جو ڪم آهي. اهو ڪامريڊ جام ساقي ٻڌائي سگهي ٿو يا سنڌ جو قومي راڳي بيدل مسرور يا وري نئين ٽهيءَ جو شاعر جمن سوهو!

سراج جون تخليقي، تحقيقي، صحافتي ۽ سماجي خدمتون لڳ ڀڳ 60 سالن تي محيط آهن. سراج هر شعبي ۾ پنهنجي تخليقي ذهن جا اينترا تہ نشانبر اهڃاڻ ڇڏيا آهن. جو انهن مان هر هڪ تي ڊاڪٽريٽ جي مقالي لکڻ جي گنجائش موجود آهي. خاص ڪري سراج جي ڪهاڻين ۽ ناولن جي فن، فڪر، جماليات، مزاحمت ۽ تاريخي پسمنظر ۽ سنسڪرت، سامي صفت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي دراوڙي نظريي جي تقابلي اڀياس بابت ڪانفرنسن ۽ تحقيقي سيمينارن جي اشد ضرورت آهي.

تخليق ۽ تحقيق جي عالمي فضا ۾ سنڌيءَ جي جينئيس اديب سراج جي خوشبوءِ جي ڦهلاءَ جي معنيٰ سنڌ جي حسن جو ڦهلاءُ آهي. سنڌ جي يونيورسٽين، سنڌ جي ثقافت کاتي ۽ ٻين علمي ادبي ادارن جي منتظمين کي پنهنجن انتظامي جهنجهٽن ۽ فقط ڪتابن ڇپائڻ واري مصروفيت مان ڪجهہ وقت ڪڍي هن اهم ڪم طرف ڌيان ضرور ڏيڻ گهرجي. اُهو ڪم جتي ادارن جي علمي ساک کي هٿي ڏيندو اتي سنڌ جي تاريخي وجود جي جوهر کي بہ سامهون آڻيندو. سنڌ جي تاريخي وجود کي دنيا جهان آڏو آڻڻ ۽ مڃائڻ اجوڪي وقت جي اهم تقاضا آهي. اجوڪي وحشي دور جا ڏند اچا ٿورو ڍڪيل آهن، پر نہ وسارڻ گهرجي تہ اهي ڏند ڪنهن احسان فراموش مرونءَ جا ئي آهن.

جيتوڻيڪ سراج جي ادبي سفر جي شروعات ڪهاڻيءَ سان ٿي هئي، پر سندس من ۾ متل قومي احساس ناول جي روپ ۾ ظاهر ٿيو ۽ ان جي

ابتدا ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جهڙي جرئتمند ناول سان ٿي. هن ناول جو پهريو ڇاپو بربريت واري سال 1970ع ۾ شايع ٿيو جڏهن ملڪ جون نابين فوجون سنڌ جي مقدس ۽ باوفا سرزمين جي ساجاهه وند ۽ پرامن ماڻهن کي لانگ بوٽن، ڪنداقن ۽ رائفلن جي زور تي چٿي رهيون هيون. سنڌين کي ڳاٽ ڪٽي هلڻ ۽ ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ جي سزا ۾ تيل ڪڙهائين ۾ ڪاڙهي ڇڏيندا هئا. ضياء وارا ڪارا يارنهن سال سنڌ تي ارغونن جي بربريت جي تسلسل جا ئي سال هئا. سراج پنهنجي پهرين ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ ۾ ارغونن جي بربريت کي تمثيلي نوعيت ۾ اظهاري ضيا جي آمريت کي للڪاريو. ناول ۾ سمايل جدوجهد ۽ اتحاد جي پيغام سنڌ جي نوجوان نسل کي لازوال حوصلو ۽ اتساهه عطا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ گهر گهر ۾ مخدوم بلاول جو جنم ٿيو جنهن جو مقصد آزاديءَ ۽ قومي غيرت سان جيئڻ هو جنهن لاءِ هو غلامي قبولڻ جي بدران گهاٽي ۾ پيڙجڻ لاءِ بيقرار هو.

سراج جي طبعي وڇوڙي تائين سندس حياتي اسان جي ڪل سپنن جو جوهر آهي. ان کي هڪ سوال بڻائي اسان مان هر فرد کي پنهنجو جواب ڏيڻو آهي، ته هو جيڪڏهن اديب آهي ته هو سنڌ کي ڇا ڏيڻ چاهي ٿو ۽ اديب جي حيثيت ۾ هن جي پيرن جو سفر سرڪار جي غلاميءَ طرف آهي يا سنڌ جي صدين کان بيقرار سنڌين جي ان تاريخي حق طرف آهي، جنهن کي آزادي چيو وڃي ٿو. جيڪڏهن هو وطن جي آزاديءَ طرف آهي ته اجوڪي ذهني خباثت واري دور ۾ اها سراج لاءِ وڏي پيٽا آهي.

(اياز جاني: ايڊيٽر ’همرچو‘)

# سوچ ويچار

سنڌي ٻوليءَ جو عالم، اديب، لسانيات جو ماهر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس سراج الحق ميمڻ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس عمر 79 سال هئي. سراج صاحب واري ٽهي هڪ هڪ ٿي اوڏانهن وڃي رهي آهي، جتان ڪنهن به انسان کي واپس نه ورڻو آهي. اسان ڳوڙهن جي پيٽا ڏيندي پنهنجي بزرگن کي هميشه لاءِ الوداع ڪريون ٿا. ائين جڻ پنهنجو پاڻ کي الوداع ڪرڻ جي ويجهو پهچون ٿا. جو به انسان هن فاني دنيا ۾ آيو آهي، کيس هڪ ڏينهن واپس وڃڻو آهي، ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته هڪ عالم ۽ ڏاهي جو موت پنهنجي پوري ٽهيءَ تي اثر ڇڏي ٿو. ائين اسان شيخ اياز، نياز همايوني، تاجل بيوس، شمشيرالحيدري ۽ ٻين انيڪ دوستن ۽ عالمن کي پنهنجي هٿن سان لحد ۾ لاٿو ۽ سندن ڪلنڊڙ چهرا اسان جي آڏو آهن. ائين هڪ ڏينهن اسان کي به مٽيءَ ۾ وڃڻو آهي. سندن يادون اسان جو وڏو سرمايو آهن، جن کي اسان هميشه پنهنجي دل ۽ اکين ۾ سانيڍي رکون ٿا. اهو سنڌي ٻوليءَ جو ڪمال آهي، جو هن ننڍڙي خطي وڏا ماڻهو پيدا ڪيا، جنهن ۾ سائين جي.ايم.سيد، شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، پير حسام الدين راشدي، پير علي محمد راشدي ۽ ٻيا. پر بدقسمتي اها آهي، جو ملڪ جي نهڙ سان سنڌ جي ماڻهن سان پاڪستان ۽ ان جي

مالڪيءَ جي دعويٰ ڪندڙن هميشه هن قوم جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ سان گڏ هتان جي ماڻهن کي به عتاب هيٺ رکيو آهي.

سراج صاحب هميشه پنهنجي ادب ۾ ٻوليءَ سان پيار ڪيو. سندس پيار جو دائرو تمام گهڻو وسيع هو. جڏهن به ٻولي توڙي هن ديس تي ڏکيا ڏينهن آيا ته هن پنهنجي قلم سان ان ويڙهه کي جاري رکيو. جڏهن ڪهاڻي/ افساني جي ضرورت هئي، تڏهن هن پنهنجي قلم مان شاهڪار افسانا ۽ ڪهاڻيون لکيون ۽ جڏهن ناولن جي کوٽ محسوس ڪئي، تڏهن هُن ان صنف کي پنهنجي قلم سان مالامال ڪيو. ائين سراج صاحب جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1961ع ۾ 'اي درد هلي آءُ' جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٻيو مجموعو 'اڻون ماڻهو 1985ع ۾ شايع ٿيو ۽ پڙهندڙن وٽان ڪافي ناماچاري ماڻي. ان کان پوءِ ناولن ۾ سندن ترياڇي ۾ مشهور ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' 1970ع ۾ ڇپيو. هي ناول سنڌ تي ارغونن ۽ ترخانن جي ٿهري دور جي تاريخ کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪيو. سندس ٻيو ناول 'مرڻ مون سين آءُ' 1988ع ۾ ڇپيو. ان کان سواءِ 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، 'منهنجي دنيا ۾ هيڪل وياڪل'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول' سندس اهم ناول آهن. ائين سراج صاحب هڪ مترجم جي حيثيت سان 'چين جي هارين کي زمين ڪيئن ملي'، 'چونڊ امريڪي افسانا'، 'ذڪر مان ٿو سچ ايري'، 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ' پڻ ترجمو ڪيا. ان کان سواءِ سراج صاحب صحافت جي مورچي ۾ روزاني هلال پاڪستان جو ايڊيٽر رهڻ دوران اهم مسئلن تي ايڊيٽوريل لکڻ کان سواءِ 'رتيءَ جي رهاڻ' ۽ 'ملان جي ٻوڙ' ۽ جاڳو اخبار ۾ 'سياسي منظرنامو' جي سري سان سوين مضمون ۽ ڪالم لکيا. سراج صاحب شاعري به ڪئي ۽ ڪراچيءَ جي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق حوالي ڪرڻ جي موقعي تي 'ڪراچي' نالي سان تاريخي ۽ اهم نظم لکيو.

لسانيات جو شعبو هڪ گوناگون شعبو آهي، جنهن ۾ سندن ڪتاب 'سنڌي ٻولي' 1964ع ۾ ڇپيو جنهن سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جي ارتقا جي حوالي سان نوان بحث ڇيڙيا. هن زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ انگريزيءَ ۾ ٻه ڪتاب: History of Sindhi Language ۽ ٻيو پنهنجي آتم ڪهاڻي Biography of an Unknown Sindhi لکي مڪمل ڪيا. سندن زندگي هڪ مورچي ۾ بيٺل سپاهيءَ وانگر گذري. هن سنڌي ادب کي عالمي معيارن مطابق لکڻ واري ترغيب ڏني. ادب ۽ فن سندن زندگيءَ جو مقصد رهيا. توڙي جو هو عام ماڻهوءَ سان ميل جول ۾ نه رهيو پر هن پنهنجي زندگيءَ جو پل پل سجايو ڪيو. هوندڻ به جي ماڻهو وتي ڪچهريون ڪندو ته ڪم ڪٿان ڪري سگهندو. سراج صاحب به اياز جيان ماڻهن کان هڪ پاسي ٻيهي پنهنجي ڪم تي ڌيان ڏنو. اهڙا انسان جي پنهنجي حياتيءَ کي سجايو ڪرڻ لاءِ هميشه پنهنجي ذات جا ذميوار هجن ٿا ۽ ائين هن صاحب به ڪيو. پاڻ گهڻو وقت اڳ هندستان جي معروف اديب نراد سي چوڌريءَ جي ڪتاب The Autobiography of an Unknown Indian جو ذڪر ڪندا رهيا ۽ ان حوالي سان پاڻ The Autobiography of an Unknown Sindhi لکيائون. ان ڏس ۾ منهنجي سنڌي ادارن جي سربراهن کي گذارش آهي ته سندن باقي رهيل ڪم کي شايع ڪرائين ته جيئن عام سنڌي پڙهندڙ اُن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. ان کان سواءِ سندن رهيل ڪم کي به شايع ڪرايو وڃي. سراج صاحب پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارو هو جنهن هر فيلڊ ۾ محنت ڪئي ۽ ڪمٽمينٽ سان محنت ڪري پنهنجي ديس جو نالو روشن ڪيو.

جڏهن هلال پاڪستان حيدرآباد کان ڪراچيءَ ۾ منتقل ٿي، تڏهن پاڻ ان جا ايڊيٽر بڻيا. ايڊيٽريءَ جو منصب ماڻڻ ايترو اهم ناهي، پر سراج صاحب هن فيلڊ ۾ به اهم تبديليون آنديون. جڏهن پاڻ اخبار جا ايڊيٽر

ٻڌيا. تڏهن ڪيترن ئي نون ليکڪن کي متعارف ڪرايائون. جنهن ۾ امر جليل جهڙو ارڏو ليکڪ به اچي وڃي ٿو. جڏهن ته سيني کي خبر آهي ته 'هلال پاڪستان' پيپلز پارٽيءَ جي اخبار هئي، پر ان جي سڃاڻ مان لڳندو ئي ڪونه هو ته ڪا هيءَ اخبار پيپلز پارٽيءَ جي اخبار آهي. يعني هن مرد مجاهد جي ذات جو ڪرشمو هو جو هر ڪم ۾ 'ڊسيپلين ۽ مهارت' سندن ذات جي اهم ترجيح هئي. ائين پاڻ ناولن ۾ به سنڌ جي سچي تاريخ کي فڪشن ۾ ڪتب آڻي سنڌي ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ اهم متيريل ميسر ڪري ڏنو خاص طور ارغونن ۽ ترخانن جي ڦهري ڪلورن کي هن پنهنجي ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۾ ته ائين پيش ڪيو آهي، جو ان مان لڳي ٿو ته اهي سڀ واقعا ۽ حادثا اسان جي سامهون ٿيندا هجن. اهو ناول هر سياسي پارٽيءَ جو گائيڊ بوڪ طور مشهور هو. سراج سان اختلاف ٿي ٿا سگهن ۽ اختلاف رکڻ جو سيني کي حق به هئڻ گهرجي، پر سراج جو ڪم تمام گهڻو عاليشان آهي. اهو هاڻ اسان واري ٽهيءَ جي مٿان آهي ته هو پنهنجي اڳين پيڙهيءَ جي ڪم ڪان ڪيترو ٿا اڳتي نڪرن. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ائين عملي طور ٿيو ناهي. ان جا ڪيترائي سبب ٿي ٿا سگهن. اسان واري ٽهي انڪري به خوش نصيب آهي، جو ڪين اڳين پيڙهيءَ کان گهڻو ڪجهه مليو خاص طور شاعري ۽ ڪهاڻيءَ ۾. ان جي برعڪس افسانو ناول توڙي شاعر. جنهن نموني تخليق ٿيڻ گهرجي ها، اها ان انداز سان تخليق نه ٿي سگهي آهي. يعني اسان واري پيڙهيءَ کي به وڪون اڳتي وڌڻ گهرجي ها. پر اها ڏهه وڪون پوئتي آهي. سو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان واري پيڙهيءَ کي ادب ۽ فن سان سلهاڙجڻ سان گڏوگڏ ان جي معيار کي به سامهون رکڻو پوندو. اسان جي مٿان اها به ذميواري آهي ته اسان جي بزرگن ۽ عالمن جيڪي معيار سنڌي ادب لاءِ ناهيا آهن، انهن جي پيروي ڪرڻ اسان جو فرض هئڻ گهرجي. اسان جي

محنت ئي سراج صاحب سان انصاف ڪري سگهندي. ائين 24 آڪٽوبر 1933ع تي ٿنڊي چام ۾ جنم وٺندڙ ۽ 02 فيبروري 2013ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات پائيندڙ هي يگانو عالم، اديب ۽ ٻوليءَ جو ماهر هميشہ لاءِ اسان ڪان جدا ٿي ويو پر سنڌن علمي پورهيو اسان جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندو رهندو.

(ايڊيٽوريل: ماهوار پرک جنوري - فيبروري 2013ع)

# سراج، تاريخ ساز شخصيت جي الوداعي

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي بقا يا زنده/ جاويد رهڻ جو هڪ سبب ان جا ڏاها، شاعر، عالم ۽ اديب بہ هوندا آهن. جيڪڏهن ان ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ وڏا عالم، شاعر ۽ اديب پيدا ٿيندا رهن تہ اها ٻولي مضبوط ٿيندي ۽ پنهنجو مقام طئي ڪندي آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي محبت ۾ محو سنڌ جي دانشور، نقاد، شاعر سنڌي افسانوي ادب جي لکاري، سنڌي ثقافت کي اجاڳر ڪندڙ لسانيات جي عالم ۽ وڪيل سراج الحق ميمڻ جي موڪلاڻي بہ سنڌ جي لاءِ هڪ وڏو ڌچڪو آهي، ڇو تہ سراج جهڙا ڪميٽيڊ انسان تمام گهٽ ۽ گهٽي وقت کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. سراج حال حيات پنهنجي تحريرن جي ذريعي جيڪو قومپرستيءَ جو شعور ڏنو اهڙو بنهہ گهٽ لکارين جي لکڻين ۾ اظهاريل آهي. سراج ٻوليءَ، ثقافت، ادب ۽ پنهنجي پيشي وڪالت جي ذريعي سنڌي ماڻهن جي جيڪا خدمت ڪئي، اها نہ وسرندڙ ۽ بنا ڪنهن لالچ جي هئي. سراج جهڙي ذات ۽ ڏانءَ شل سنڌ کي نصيب ٿئي. اسان وٽ هميشہ ائين ٿيندو آهي تہ جڏهن ڪو عظيم انسان اسان کان دور ٿيندو آهي تہ پوءِ ئي ان کي پڙهڻ/ ڏيان ڏيڻ شروع ڪندا آهيون. هاڻي تہ سراج اسان وٽ نہ رهيو آهي تہ ان جي قومپرستي ۽ قوميت واري سمجهي، سهي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. سڀني سنڌين کي سراج وانگر ديوانگيءَ سان پنهنجي ماءُ جو فرض نڀائڻ گهرجي، سراج سنڌ جو املهہ قومي هيرو آهي ۽ سنڌ سندس ڪيل عالمانہ خدمتن تي کيس هميشہ ياد رکندي.

(ايڊيٽوريل: ماهوار 'سُڦلتا' حيدرآباد، فيبروري 2013ع)

# سراج الحق ميمڻ جو لاڏاڻو

سنڌ جوگهڻ رخو ذات ڌڻي سراج ميمڻ اج اسان ۾ ناهي رهيو جنهن جي وڇوڙي تي سڄي سنڌ سڏڪي رهي آهي، ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ اتساهه جو ذريعو بڻيل سراج ميمڻ، ناچاڪيءَ سبب ڪجهه ڏينهن کان اسپتال ۾ علاج هيٺ هو جتي هن ڪالهه وڏي اسر ڌاري دم ڌڻي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ ريت چڻ تہ صحافت، ٻولي ۽ مزاحمت جو هڪ باب بند ٿي ويو.

سراج ميمڻ جي شخصيت جا ڪيترائي پاسا اهڙا آهن، جن تي جيترو لکجي ايترو گهٽ هوندو. ”ڪي ماڻهو شخصيت ۾ هڪ ادارو هوندا آهن“ وارو ٻهاڪو صرف سراج ميمڻ جهڙن گهڻ پاسائين شخصيت رکندڙ ماڻهن لاءِ ئي ’رزرو‘ ٿيل آهي، هن هڪ ئي وقت ناليوارو ليکڪ، اديب، ٻوليءَ جو ماهر، ناول نويس، ڪالم نويس، افسانہ نويس، ڪهاڻيڪار قانوندان صحافي ۽ دانشور طور جاٽاپل سڀني ميدانن ۾ پاڻ ملهايو ۽ پاڻ مڃرايو.

سراج املهه خوبين توڙي انيڪ صلاحيت جو مالڪ پنهنجي دور جو هڪ اهڙو جرڪندڙ آئينو ليکيو ويندو هو، جنهن ۾ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي اندر جو عڪس نظر آيو جيڪڏهن هيئن چئجي تہ سراج ميمڻ جي لکڻين سنڌ شعور کي جاڳائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.

سيئي جاڻن ٿا تہ سراج جي لکڻيءَ ۾ افسانوي فڪشن هجڻ جي ڪري مشڪل ۽ مبهم مضمون بہ سولا ۽ سهنجا ٿي پوندا هئا، جن کي ننڍي سطح وارو پڙهندڙ بہ دلچسپيءَ سان پڙهندو هو، سندس هر لکڻي عام بہ ان

ڪري ئي ٿي ته خاص مقام به ان ڪري ئي حاصل ڪيائين 1983ع واري آمريتي دور ۾ شروع ڪيل مووميننٽ فار ريسٽوريشن آف ڊيموڪريسي (ايم آر ڊي) ۾ به سراج جي ناولن جي ڪردارن جي جهلڪ ملندي هئي.

ضياءُ الحق جي آمريتي دور ۾ ڪوٺايل هر اهل قلم ڪانفرنس ۾ سنڌ جي سمورن اديبن ليکڪن ۽ دانشورن کي شرڪت ڪرڻ جي ڪوٺ ڏني ويندي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي گهڻگهرو سڏائيندڙ ڪيترين ئي چوٽيءَ وارين شخصيتن شرڪت جي هامي ڀري هئي، پر تڏهوڪي ڪڙي امتحان واري وقت ۾ اهڙي هٺ نوڪي ڪانفرنس جي شرمناڪ ڪوٺ کي للڪاريندي، جن ماڻهن کليو کلايو انڪار ڪيو، تن ۾ سراج نه رڳو شامل هو بلڪ هن انهي سموري سٽ جي سرواڻي ڪئي.

سراج ميمڻ ڪهاڻيون ته ڪٺي ڪافي وقت ڪانپوءِ لکڻ شروع ڪيون، پر ان کان اڳ هن پنهنجي اوائلي دور يعني 1953ع ۽ 1958ع ڌاري ڪجهه ڪتابن جا ترجما ڪيا، مثال طور ”ذڪڻ مان ٿو سج اڀري“، ”چوند آمريڪي افسانا“ ۽ ”علم معاشيات“ انهن کي پڙهڻ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس شروعات ئي ڪيڏي نه جاندار ۽ وزندار هئي اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته تنهن دور ۾ جن ”سينئرن“ سراج کي پڙهيو هوندو، تن ضرور هيءَ ڳالهه لکي هوندي ته ”هي ڇوڪرو لڳي ٿو اڳتي هلي گهڻن کان اڳتي نڪري ويندو“ ۽ ٿيو به ائين ئي، هن کان اڳ ۾ صرف محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي سگهارن ليکڪن طور ليکيا ويندا هئا، پر ”پڙاڏو سوئي سڏ“ ڪتاب اچڻ کانپوءِ سراج انهن کان به اڳتي نڪري ويو اها ٻي ڳالهه آهي ته محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تخليقي پورهئي جي مهتا کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي.

سراج ميمڻ جي ٻولي، ادب ۽ صحافت ۾ ڏاهپ ڀريئي نقطه نظر هڪ اهڙي جدت آندي، جهڙي هڪ بيٺل تلاءَ ۾ پٿر اڇلائي هلچل پيدا ٿيندي

آهي. هو نهايت، بيباڪ، خوددار ۽ ايماندار ماڻهو هو. جنهن هر شعبي ۾ ڪمٽمينٽ (وجود جي سچائيءَ) سان ڪم ڪيو. شايد اهو ئي سبب هو جو هو سرڪاري ادارن جي لاءِ ناقابل برداشت رهيو. سنڌي ٻوليءَ تي لکيل سندس تحقيقي ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ ۽ 1988ع ۾ لکيل ڪهاڻين جو ڳٽڪو ٻـ اهڙي ئي بيٺل تلاءَ ۾ اڇلايل پٿر ثابت ٿيا. جن کي تاريخي حيثيت ملي چڪي آهي، انهن ڪتابن کان پوءِ ڇڙيل بحث ۾ سراج ڪيترائي مضمون ٻـ لکيا. جيڪي اڄ ٻـ تذهوڪن ”مهراڻ ۽ ”نئين زندگي“ رسالن جو حصو ٻڻيل آهن. جن ذريعي سراج هي ثابت ڪري ڏيکاريو تـ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان پيدا نـ ٿي آهي، بلڪ اها پاڻ ان جي ماءُ آهي ساڳئي وقت هن هي ٻـ چيو تـ سنڌي ٻولي موهن جي دڙي واري دور جي ٻولي آهي، جنهن ٻـ ماڻهو يا اداري کي سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت پوندي، اسان سمجهون ٿا تـ سراج جو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ کانسواءِ اها تحقيق اڻپوري ليکي ويندي.

سراج ميمڻ صحافت ۾ ٻـ ادب سميت ٻين شعبن وانگر نمايان نظر آيو روزاني هلال پاڪستان جي ايڊيٽر ٿيڻ کانپوءِ هن صحافت ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا. جيڪي اڄ ٻـ اختيار ڪيا وڃن پيا. اهو دور سنڌي صحافت جو سونهري دور ليکيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تـ سراج جي ئي اثر ۽ صحبت هيٺ رهي صحافين جي جيڪا کيپ پيدا ٿي، اهي اڄ ٻـ صحافت ۾ هڪ الڳ ٿلڳ حيثيت رکن ٿا. سراج سنڌي صحافت جي ذريعي هڪ اهڙو مورچو ٻڌايو جنهن جي آڌار سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو ڪيس وڙهڻ واري روايت قائم ٿي ۽ ان سان گڏ صحافت جو سنڌي ماڻهن سان ڪمٽمينٽ جو ماحول پيدا ڪيو.

هن صحافت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ جدت آندي. جنهن کان پوءِ صحافت ۾ ادب وارو عنصر نظر اچڻ لڳو. سراج ڏارين ٻولين جا ڪيترائي اهڙا لفظ

صحافت مان خارج ڪري ڇڏيا. جيڪي اڳ ۾ مروج هئا. سراج ئي صحافت ۾ "پرو پيپل" وارو لاڙو آندو جنهن ڪانپوءِ صحافتي ٻولي وڏيڪ پختي مضبوط ۽ معياري بڻجي وئي، هيئن ڪٿي چئون ته سراج ئي صحافت ۽ ادب ۾ پل ٻڌيو جڏهن ته مزاحمتي ادب ۽ صحافت ۾ نون لاڙن جو ذڪر نڪرندو ته سراج ميمڻ جو نالو نمايان نظر ايندو.

[1] روزاني عوامي آواز 03 فيبروري 2013ع

# سراج: سيبتو سرجڻهار

موت جي بيرحم عقاب وري جهڙپ ڏئي سنڌ مان سيبتي سرجڻهار 'سراج' جي ساهه جو پاريهر جهٽي ورتو آهي. سراج جو وڇوڙو سنڌي ادب، صحافت، لسانيات لاءِ وڏو نقصان آهي. 'پڙاڏو سوئي سڏ' ناول جو خالق سراج، ڪالهه ورنائڻ لاءِ ڪيئي سڏ ڇڏي پاڻ پڙاڏو بڻجي ويو، جيڪو ابد تائين تاريخ جي گنبذن ۾ گونجندو رهندو.

سنڌي ادب ۾ عمر ۽ تخليقي معيار جي حوالي سان جيڪي سينيئر اديب وجي بچيا آهن، انهن مان سراج پڻ هڪ هو. هو ڪراڙ جي ڪوئي جي سنڌ جي ورد ورود جي تسبيح جي اهڙي املهه مڻيي مثال هو، جيڪو سري وچڻ ڪان پوءِ وري وري انهن سنڌ خلاف سرچاءَ ڪان انڪار لاءِ اُپي ٿيل آڱرين جي لمس جو سرور ونڻ لاءِ موٽي ايندو آهي. ائين سراج به سنڌ جي خدمتن لاءِ وري وري ٿي موٽيو. ڪڏهن ادبي بورڊ جي حوالي پنهنجو خدمتون ٿي ڪيائين ته جيئن سنڌي ادب جي اشاعت ۽ ترقي ٿئي ته ڪڏهن سنڌي صحافت جي ساٿي وجود ۾ پنهنجا ساهه ٿي ڦوڪيائين. هن سنڌي صحافت ۾ جديد لاڙا متعارف ڪرايا. سنڌي صحافت جي ان حسنين هيڪل، پنهنجي قلم جي نوڪ سان ديو هيڪل بت ڊانا. هن وقت جي جديد صحافت ۾ سراج جي پيار واري پورهئي جو پرتوو نظر اچي ٿو. هن مُهين جي دڙي واري بوليءَ صورتخطيءَ کي پڙهيو هو ۽ ان تي زبردست

۾ ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1957ع ۾ انڪم ٽيڪس کاتي ۾ آفيسر ٿيو ۽ گھڻي وقت کان پوءِ هلال پاڪستان جو ايڊيٽر بڻيو.

شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو پنهنجي حڪومت دوران جڏهن به ٻاهرين ملڪن لاءِ اُسهندو هو ته سراج کي ايڊيٽر طور پنهنجي وفد ۾ نه رڳو ساڻ کڻندو هو پر جهاز ۾ هميشه کيس پنهنجي ڀر ۾ ويهاريندو هو. سراج سموري زندگي علمي پورهيو ڪندي گذاري، هُن ڪيترين ئي ڪهاڻيون، ناول ۽ ناٽڪ لکيا. سندس تصنيفن ۾ 'ڏکڻ مان ٿو سج اُڀري'،

'اي درد هلي آءُ'، 'ٻڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءُ'، 'انون ماٺهو'،

'منهنجي دنيا هيڪل وياڪل'، 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول'،

'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا' کان علاوه ترجما ۽ دنيا جا چونڊ افسانا سنڌي پڙهندڙن کي سهيڙي ڏنا.

سراج پنهنجي اکين ۾ سدائين سنڌ جي خوشحالي ۽ خودمختياريءَ جا خواب سجائي رکيا. هو آمريتن آڏو آڻ نه مڃڻ وارو بهادر ايڊيٽر هو. هُن صحافت جي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو، جنهن جو ثبوت سندس اهو مقبول 'سياسي منظرنامو' جي عنوان سان ڪالمي سلسلو هو جنهن ۾ هو حالتن جي بيرحميءَ کي وڏي جرئتمنداڻي انداز ۾ بيان ڪندو هو. سندس وڇوڙي تي پوري سنڌ سوڳوار آهي، توڙي جو آخري ڏهاڪن ۾ هُن گوشه نشيني اختيار ڪري رکي هئي ۽ هو ادبي محفلن کان پاسيرو ٿي ويٺل هو پر سنڌ ۽ سنڌي ادب کيس هميشه ياد رکيو ۽ ايندڙ ڪيترين صدين تائين کيس ياد رکيو ويندو. اسين سندس وڇوڙي تي پوريءَ سنڌ سميت سندس ڪٽنب جي سوڳ ۾ پاڻ کي شريڪ سمجهون ٿا ۽ ڏٽيءَ در دعاگو آهيون ته خدا کيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جڳهه عطا فرمائي.

(روزاني عبرت، 03 فيبروري 2013ع)

# سراج: سيبتو سرجڻهار

موت جي بيرحم عقاب وري جهڙپ ڏئي سنڌ مان سيبتي سرجڻهار 'سراج' جي ساهہ جو پاريهر جهٽي ورتو آهي. سراج جو وڇوڙو سنڌي ادب، صحافت، لسانيات لاءِ وڏو نقصان آهي. 'پڙاڏو سوئي سڏ' ناول جو خالق سراج، ڪالهہ ورنائڻ لاءِ ڪيئي سڏ ڇڏي پاڻ پڙاڏو بڻجي ويو جيڪو ابد تائين تاريخ جي گنبذن ۾ گونجندو رهندو.

سنڌي ادب ۾ عمر ۽ تخليقي معيار جي حوالي سان جيڪي سينيئر اديب وڃي بچيا آهن، انهن مان سراج پڻ هڪ هو. هو ڪراڙجي ڪويءَ جي سنڌ جي ورد ورود جي تسبيح جي اهڙي املهہ مڻيي مثل هو جيڪو سِري وڃڻ ڪان پوءِ وري وري انهن سنڌ خلاف سرچاءَ ڪان انڪار لاءِ اُپِي ٽيل آڱرين جي لمس جو سرور ونڻ لاءِ موتي ايندو آهي. ائين سراج بہ سنڌ جي خدمتن لاءِ وري ٽي موٽيو. ڪڏهن ادبي بورڊ جي حوالي پنهنجو خدمتون ٽي ڪيائين تہ جيئن سنڌي ادب جي اشاعت ۽ ترقي ٿئي تہ ڪڏهن سنڌي صحافت جي ساٽي وجود ۾ پنهنجا ساهہ ٽي ڦوڪيائين. هن سنڌي صحافت ۾ جديد لاڙا متعارف ڪرايا. سنڌي صحافت جي ان حسنين هيڪل، پنهنجي قلم جي نوڪ سان ديو هيڪل بت ڊانا. هن وقت جي جديد صحافت ۾ سراج جي پيار واري پورهئي جو پرتوو نظر اچي ٿو. هن مُهين جي دڙي واري ٻوليءَ/ صورتخطيءَ کي پڙهيو هو ۽ ان تي زبردست

تحقيق پڙ ڪئي هئي. هن سنڌو ماٿر جي قديم ٻوليءَ ۽ موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾ تعلق جي ڳنڍ ڳولي لڌي هئي.

سراج جي وڇوڙي تي سنڌ اداس آهي. هر دل ۾ سراج جي سوڳ جو تنڌو وڇايل آهي. سو اسان ڪنهن سان تعزيت ڪريون! بهار جي اُيار کان اڳ ئي وڇڙيل سراج جي وڇوڙي تي اسان سنڌ سان تعزيت ٿا ڪريون. جو سنڌ سوڳوار آهي.

(ايڊيٽوريل. روزانه ڪاوش. 03 فيبروري 2013ع)

# سراج! صدين تائين گونجندڙ آواز

ڪالهه اسان جي سنڌ جو اهو برک اديب، صحافي ۽ ناول نگار گذاري ويو آهي، جنهن کي اسين سراج جي نالي سان سڃاڻون ٿا. اهو سراج ميمڻ، جنهن پنهنجي لکڻين وسيلي سنڌي ماڻهن جو آواز دنيا تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي سنڌ جي درد جي نه فقط پروڙ هئي، پر هو هر وقت انهيءَ جو درمان ڪرڻ لاءِ به جاکوڙيندو رهيو. سراج جي ڪردار ۽ سندس عمل کان شايد ئي سنڌ جو ڪو اهڙو ماڻهو هجي، جيڪو بي خبر هجي. اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن، جيڪي پنهنجي ڌرتي واسين جي ڏکن کي محسوس ڪندي ڪم سان لڳا پيا هوندا آهن.

هن نه فقط پنهنجو پاڻ کي بحيثيت صحافيءَ جي هڪ بهترين ۽ سنڌ دوست صحافي ثابت ڪيو بلڪ هڪ بهترين وڪيل ۽ انهي کان به وڌيڪ هڪ بهترين ناول نگار هو. سندس ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ ۽ ’تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ اسان جون ئي ڪٿائون آهن، جن کي هن پنهنجي اندر مان اوتيو آهي، جيڪي سنڌ جي ذهن تي اڄ به چٽيل آهن. سراج هڪ اهڙو ذهن هو جنهن وٽ سنڌ کي خوشحال ڏسڻ جا خواب هئا. هو هر وقت انهيءَ جستجوءَ ۾ رهيو ته سنڌ کي اهڙو دڳ ڏجي، جتان اها دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي سگهي ۽ پاڻ کي دنيا جي آڏو ائين پيش ڪري سگهي، جو انهيءَ تي اسان جا ايندڙ نسل فخر محسوس ڪري سگهن. پنهنجي صحافتي ڪيريئر ۾ هن پنهنجي قلم کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. اهو ئي سبب هو، جو اڄ به سندس لکڻين کي ماڻهو وڏو مان ڏين ٿا. هو سنڌ جو اهڙو اديب هو، جيڪو نه ڪنهن تڪرار ۾ پيو ۽ نه ئي ڪو سندس ڪردار تي آڱر کڻڻ جي همت ڪري ٿو. هن جنهن ڏکئي دور ۾

ضيائي آمريت خلاف آواز اٿاريو اهو به اسين وساري نه ٿا سگهون. سراج جا اسان جي سنڌ تي ايترا ته ٿورا آهن، جو انهن کي ڪنهن به ريت وساري نه ٿو سگهجي. پنهنجي سيني ۾ سنڌ جو سور سانديندڙ سراج اسان جي سنڌ جو اهو روشن خيال ڪردار آهي، جنهن وٽ خيالن جا اهڙا ته املهه ماڻڪ هئا، جيڪي هن سموريءَ سنڌ کي آڇيا هئا. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪو ڪردار نڀايو اهو تمام شاندار آهي: ڪٿي جو هاڻ هو هن دنيا ۾ نه رهيو آهي، پر هو هڪ اهڙو سگهارو آواز هو جيڪو صدين تائين سنڌ ۾ گونجندو رهيو.

(روزاني سنڌ ايڪسپريس، 03 فيبروري 2013ع)

# ليجنڊ سراج الحق ميمڻ کي سرخ سلام

زندگي تہ هر ماڻهوءَ کي ملي ٿي، پر زندگيءَ کي ملهائي ڏيکاريندڙ ڪنهن ڪنهن جي ئي وس جي ڳالهہ هوندي آهي.

سراج ميمڻ بہ انهن شخصيتن مان هڪ آهي، جن پنهنجي زندگيءَ کي ملهائي ڏيکاريو ۽ سنڌي ادب، لسانيات ۽ صحافت جي تاريخ جو هڪ روشن باب بڻجي ويو آهي.

مٿي ڄاڻايل انهن شعبن جهڙوڪ، ادب، صحافت ۽ تحقيق ۾ هن جيڪا جُدت آندي ۽ جيڪي 'بريڪ ٿرو' ڏنا، تن سراج کي شخصيت جي قالب مان ڪڍي، هڪ تمام وڏو انسٽيٽيوٽ بڻائي ڇڏيو.

سراج جي تمام وڏن ۽ يادگار ڪارنامن ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق آهي، جنهن ۾ هن ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي ٻولي ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان پيدا ناهي ٿي، پر اُها پنهنجي جوهر ۾ نج ٻولي رهي آهي، جنهن جون پاڙون مهين جي دڙي جي ٻوليءَ ۾ کُتل ملن ٿيون.

ناول لکيائين تہ ان صنف ۾ تاريخي، سياسي ۽ مزاحمتي رنگ اوتي ڇڏيائين ۽ ائين سنڌي ناول کي هڪ نئون لهجو ڏنائين.

'هلال پاڪستان اخبار' ۾ ايڊيٽر بڻيو تہ سنڌي صحافت کي اوج تي رسائي ڏيکاريائين. سندس ان صحافتي دور کي جديد سنڌي صحافت جي بانيڪاريءَ وارو ۽ 'سنهري دور' سمجهيو ۽ ڄاتو ويندو آهي.

جديد سنڌي صحافت، اڄ جن نت نون لاڙن وارن ٿنڀن تي بيٺل نظر اچي ٿي، سي سڀ جا سڀ ٿنڀ سراج جا ئي کوڙيل هئا.

ڌرتيءَ ۽ ماڻهن سان ڪميٽڊ، درست ۽ ٺيٺ سنڌي ٻولي ڏيڻ، اشوز جي صحافت، تحقيقي رپورٽنگ ۽ ايڊيٽوريل جهڙي مردار صنف ۾ جان

وجهڻ ۽ اُن ڏانچي مان حڪمرانن جي ثنا خوانيءَ کي ڪڍي سنڌن اکين ۾ اکيون وجهي ايڊيٽوريل لکڻ. سراج ميمڻ جو ئي صحافتي اسڪول آف ٿاٽ' آهي.

سراج پنهنجي ايڊيٽر شپ واري دور ۾ سنڌي صحافت کي جي. اين. مغل، انور پيرزادي، دستگير ڀٽي، اسلم آزاد، فقير محمد لاشاري، راز ناٿن شاهي، نصير اعجاز محمود يوسفاڻي، عبدالرحمان نقاش ۽ هدايت منگيءَ وغيره جهڙا صحافي دريافت ڪري ڏنا.

- ۽ ائين سراج ان دور ۾ پنهنجي اخبار ۾ چوٽيءَ جي اديبن جهڙوڪ امر جليل، علي بابا ۽ قمر شهباز وغيره کان ڪالم لکائي، صحافت ۽ ادب وچ ۾ "پُل" بڻيو.

پيشيوراڻي ڪرت جيڪڏهن وڪالت هيس تہ انڪم ٽيڪس جو هيءُ مُلڪي سطح جو تمام وڏو وڪيل هو ۽ ان شعبي ۾ بہ هيءُ وڪيلن لاءِ رول ماڊل رهيو.

سراج الحق جي صلاحيتن مان جيتوڻيڪ ذوالفقار علي ڀٽي جهڙي ذهين سياستدان ڪافي فائدو ورتو پر سراج پوءِ بہ ڪڏهن پنهنجي ضمير ۽ اصول تي ڪا سوديبازي نہ ڪئي.

**سو نوٽ ڪرڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ انهيءَ سوديبازيءَ کان بچڻ لاءِ ۽** پاڻ کي سرخرو رکڻ لاءِ ئي هن تمام صلاحيتن هئڻ ۽ موقعن ملڻ باوجود شعوري طور تي ڪا سرڪاري نوڪري نہ ڪئي.

(نوٽ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون. زرار پيرزادو
روزاني عوامي آواز)

# سراج: سنڌي ٻوليءَ ادب جو اهڃاڻ

## عيسيٰ ميمڻ

سراج سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو مختلف پهلوئن تي ڪم ڪيو آهي، اهو ڪڏهن بہ فراموش ڪرڻ جهڙو نہ آهي. سراج جا گهڻا حوالا آهن، جيڪي روشن سج جيان عيان آهن. سراج جو سڀ کان وڏو ڪم 'سنڌي ٻوليءَ' کي جديد ۽ تاريخي دليلن جي روشنيءَ ۾ هڪ نئون بحث کولڻ آهي، جنهن کان پوءِ سنڌ جا اڪثر اڪابر ۽ ڏاها سراج جي ڏنل دليلن کان منهن موڙي ئي نہ سگهيا. ٻيو سندس وڏو ڪم ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءُ' ۽ 'پياسي ڌرتي رمندا بادل' آهن، جيڪي سنڌ جي نوجوانن ۾ قومي سوچ پيدا ڪرڻ لاءِ بنيادي ڪتابن جي حيثيت رکن ٿا. سنڌ ۾ جتي سائين جي.ايم.سيد جو فڪري پورهيو ۽ شيخ اياز جي انقلابي شاعري پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، اتي سراج جا مٿيان ناول پڻ اهم جڳهہ والارين ٿا. ٽيون سراج جو وڏو ۽ اهم ڪم آهي صحافت جي دنيا ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائڻ. هن 1972ع کان 1977ع جي قليل عرصي ۾ 'هلال پاڪستان' اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ جيڪي رنڊا روڙيا آهن، اهي قابلِ فخر، قابل داد ۽ قابل رشڪ آهن. انهن مڙني ڪمن کان وڌيڪ سندس محبت ۽ نفرت جو مرڪز سنڌ وارو نقطو هميشہ ياد رهندو. هن جڏهن آخري خطاب ممتاز مرزا اسٽوڊيو ڪراچيءَ ۾ ڪندي چيو هو تہ: "نوجوانو! سنڌ جي پارت اٿوَ". تڏهن سندس اکين ۾ چلڪندڙ محبت وارو جذبو ڏسي، نوجوانن ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو هو. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سن جي سيد واري چڏيل فڪري ڪم ۽ محبت کي سراج ڪيئن نہ خاموش نموني پايہ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ ڪوشان هو!

(سروستي ساهت گهر، ڏوڪريءَ لاڙڪاڻو. 04
آڪٽوبر 2013ع)

